# شاھ جو رسالو

گهٽي کان گهٽو نج ڪلام
مفصل لفظي معنيٰ سان

مرتب:
ٻانهون خان شيخ

Gul Hayat Institute

شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي

# شاھ جو رسالو

## (جلد پھريون)

گھٽي کان گھٽو نج ڪلام

مفصل لفظي معنيٰ سان

مرتب:

بانھون خان شيخ

Gul Hayat Institute

شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : شاھ جو رسالو (جلد پهريون) |
| مُرتب | : پانھون خان شيخ |
| ڇاپو | : پهريون |
| سال | : مئي ٢٠٠٠ع |
| تعداد | : ١٠٠٠ |
| ڇپائيندڙ | : شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي. |
| ڇپيندڙ | : شعبو تصنيف، تاليف ۽ ترجمو، ڪراچي يونيورسٽي. |
| پروف ريڊنگ | : ڪمال جامڙو |
| ڪمپوزنگ ۽ گرافڪس | : حبيب الله جاڪرو |

مُلھ: =/450

ISBN 969-8447-09-7

Gul Hayat Institute

All the rights are reserved

**"Shah Jo Risalo (Vol. 1)"**

First Edition : May 2000

Published by:

**Shah Abdul Latif Bhitai Chair,**

University of Karachi.

Karachi.

# فهرست


مُهاڳ 5

مقدمو 7

وِچور (مقدمو)

سُر ڪلياڻ 51

سُر جمن 59

سُر ڪنڀات 67

سُر سُر راڳ 73

سُر ساموندي 79

سُر سهڻي 85

سُر سارنگ 99

سُر ڪيڏارو 107

وِچور - شاهه جو رسالو

سُر ڪلياڻ ٣

سُر جمن ٢٧

سُر ڪنڀات ١٠١

سُر سُر راڳ ١٣٣

سُر ساموندي ١٨١

سُر سهڻي ٢١٧

سُر سارنگ ٣٠٩

سُر ڪيڏارو ٣٣٩


Gul Hayat Institute

# انتساب

## شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ

جو هيءُ رسالو سنڌ جي انهن سيني
عالمن ۽ محققن جي نالي ڪجي ٿو جن
شاهه صاحب جي ڪلام ۽ پيغام بابت
علمي تحقيق ڪري ان کي عام پڙهندڙن
تائين پهچائڻ لاءِ وسان ڪونه گهٽايو.

Gul Hayat Institute

# مُهاڳ

شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڀاران شاهه جي رسالي جو هيءُ نسخو ڀٽ شاهه ۾ وينل هڪ بزرگ عالم ڀانهي خان شيخ جي ڪيترن ئي سالن جي محنت جو ثمر آهي، جيڪو هن مهرباني ڪري اسان کي ڇپائڻ لاءِ ڏنو. هن نسخي جي خاص ڳالهه اها آهي ته هن ۾ شاهه صاحب جي پنهنجي تر بلڪ ڳوٺ جا اچار قائم رکندي، لفظن جي پڙهڻي ۽ معنيٰ اها ئي ڏني وئي آهي جيڪا انهي علائقي ۾ مروج آهي. انهن اچارن يا معنائن سان اتفاق يا اختلاف ڪرڻ جو هر ڪنهن کي حق آهي ۽ اهڙي قسم جي تنقيد سان شاهه جي ٻوليءَ تي تحقيق جا رستا کلندا ۽ ان موضوع جي حوالي سان سنڌي ٻوليءَ جي ڪيترن ئي اهڙن پهلوئن تي روشني پوندي جيڪي هن وقت تائين ظاهر نه ٿي سگهيا آهن.

هن کان اڳ ۾ ڇپيل اڪثر رسالن ۾ صرف چوند لفظن جي معنيٰ ڏنل آهي جڏهن ته هن رسالي ۾ نه صرف ڏکين لفظن جي معنيٰ ڏنل آهي پر ڪيترن عام فهم ۽ سولن لفظن جي معنيٰ پڻ ڏني وئي آهي جيڪا ڳالهه ممڪن آهي پڙهندڙن کي پهرين نظر ۾ عجيب لڳي، پر غور ڪرڻ سان هو ڏسي سگهندا ته انهن لفظن جي معنيٰ اهڙي نموني ڏنل آهي جنهن سان بيتن ۾ موقعي محل جي مناسبت سان انهن جي صورت ۽ حالت ظاهر ٿئي ٿي، يعني ڪو لفظ فاعلي/ مفعولي/جري حالت ۾ هئڻ ڪري مختلف اچار رکي ٿو ان ڪري ان جي معنيٰ به مختلف ٿي سگهي ٿي. ڪٿي لڪل حرف جر آهي ته اهو ٻڌايو ويو آهي، مثلاً "سيد چئي سين آهي تنهنجو آسرو" ۾ "سينِ" لفظ ڪانپوءِ بظاهر ڪوبه حرف جر موجود ڪونهي پر لفظ جي حالت جري آهي، ان ڪري ان جي معنيٰ ٿيندي "سيني کي"! عام پڙهندڙ خصوصاً اهڙا ماڻهو جيڪي شاهه لطيف جي ٻوليءَ کي ڏکي ٻولي ٿا سمجهن، انهن لاءِ سهولت پيدا ڪئي وئي آهي. نوجوان نسل جا اهي افراد جيڪي ڏينهون ڏينهن سنڌي ٻوليءَ کان پري ٿيندا وڃن ۽ لڳي ٿو ته ڪجهه ڏهاڪن ڪانپوءِ عام ۽ سولا سنڌي لفظ به انهن لاءِ ڏکيا ٿي پوندا، انهن لاءِ اهي معنائون ڏيڻ ضروري هو. هڪ تجويز هئي ته اهي معنائون ساڳئي صفحي تي ڏيڻ بدران هر سر جي يا رسالي جي آخر ۾ ڏجن ۽ ٻي تجويز اها هئي ته انهن لفظن کي الف ب وار ترتيب ڏئي آخر ۾ هڪ لغت ڏئي ڇڏجي.

اهي ٻئي تجويزون مناسب هئڻ جي باوجود ان ڪري عمل ۾ ڪونه آنديون ويون جو ڏٺو اهو ويو آهي ته عام پڙهندڙن، خصوصاً شاگردن کان پنو ورائي ڏسڻ جي زحمت ڪانه پڄندي آهي، ان ڪري ساڳئي صفحي تي معنائون ڏيڻ ضروري سمجهيو ويو ته جيئن بيت پڙهندي ئي اتي جو اتي ان جي معنيٰ سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي. اها حقيقت آهي ته وڌيڪ سنجيده پڙهندڙن لاءِ شاهه

Gul Hayat Institute

جي هڪ جامع ۽ مڪمل لغت هئڻ پڻ ضروري آهي. انهيءَ پهلوءَ کي نظر ۾ رکندي شاهہ لطيف چيئر پاران اهڙين ٻن رٿائن تي ڪم هلندڙ آهي جن مان هڪ ڏار شاهہ جي لغت بابت آهي ۽ ٻي سنڌي ٻوليءَ جي ڪلاسيڪي شاعرن جي هڪ گڏيل لغت بابت آهي، جن جي سال ٢٠٠٠ع جي پڇاڙيءَ تائين مڪمل ٿيڻ جي اميد آهي.

هن رسالي کي ٻن جلدن ۾ ورهايو اٿئون. پهرئين جلد ۾ ڪلياڻ کان ڪيڏاري تائين سُرن کي شامل ڪيو ويو آهي، باقي رهيل سُرن کي ٻئي جلد ۾ شايع ڪيو ويندو، جيڪو پڻ تمام جلد پڌرو ڪيو ويندو.

اسان کي اميد آهي تہ شاهہ سائينءَ سان محبت ڪرڻ وارن کي اسان جي هيءَ ڪوشش پسند ايندي.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**
ڊائريڪٽر
شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر،
ڪراچي يونيورسٽي
٢ مئي، ٢٠٠٠ع

Gul Hayat Institute

# مقدمو

بسمِ اللہِ الرّحمٰن الرّحِیمِ

اَلحمدُللهِ رَبِ العَالَمينَ وَالصّلٰوة وَالسّلَامُ عَليٰ سَيدِ الاَنبياءِ وَالمُرسَلِينَ مُحمّد وَ عَليٰ آلِهِ الطّاهِرِينَ.

لکين احسان ۽ ٿورا ان مالڪ مهربان ۽ جهان جي پالڻهار جا، جنهن منهنجي دل ۾ سالن کان سانديل آس کي عملي جامون پهرايو آهي جنهن جي نتيجي ۾ اڄ آئون پنهنجي ايريءَ سيريءَ محنت سان مرتب ڪيل تحفو بعنوان ”شاهه جو رسالو“ گهٽي کان گهٽي نج ڪلام ۽ مفصل لفظي معنيٰ سان سينگاري پڙهندڙ پائرن جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ جو شرف حاصل ڪري رهيو آهيان.

آئون نہ ڪو عالم آهيان ۽ نہ ڪو اديب. مونکي صرف هڪ اهڙو امتياز حاصل آهي جيڪو هيستائين ڪنهن بہ عالم يا اديب کي نصيب نہ ٿيو آهي. امتياز اِهو آهي تہ آئون ابن ڏاڏن کان پيدائشي طور لطيفؒ سائينءَ جي نگريءَ ڀٽ شاهه جو رهواسي آهيان ۽ منهنجي حياتيءَ جو گهڻو حصو ان ماحول ۾ گذريو آهي جنهن ۾ رات ڏينهن سهڻي لطيفؒ جي ڪلام جي پچار هوندي هئي.

لطيف سرڪار جي ڪلام جي سلسلي ۾ ڀٽ شاهه شهر کي مرڪزي حيثيت حاصل آهي جتي چوٽيءَ جا برک راڳائي فقير ۽ لطيفؒ جي ڪلام جا مها ڄاڻو رياضتون ڪري ۽ جهد ڪاٽي پنهنجون حياتيون پوريون ڪري ويا. لطيفؒ سائينءَ جي ڪلام ۽ راڳ جو ڦهلاءُ سنڌ ۽ هند جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ انهن بزرگن جي طفيل ٿيو ۽ جيڪڏهن انهن علائقن ۾ لطيفؒ جي ڪلام جا ڪي ڄاڻو يا راڳائي هئا يا آهن تہ اهو ڀٽ شاهه ۾ لطيفؒ جي درگاهه تي حاضري ڏيندڙ راڳائي فقيرن جي مرهون منت آهي. مون کي پڻ اهڙن راڳائي فقيرن جي صحبت حاصل ٿيل آهي جن ۾ فقير محمد ابراهيم خاصخيليءَ جو نالو سرفهرست آهي.

فقير محمد ابراهيم خاصخيلي مرحوم پنهنجي وقت جو هڪ جراح راڳائي هو ۽ لطيفؒ جي ڪلام جو ايترو ڄاڻو ۽ حافظ هو جو ڪيس جيڪڏهن شاهہؒ سائينءَ جي ڪلام جو زنده رسالو چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. هن فقير سال ١٣٣٨ھ تائين فقير ڪيهر لنجواڻيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ ۽ اُن

Gul Hayat Institute

فقير جي وفات کانپوءِ سنہ ۱۳۳۸ھہ کان وٺي سنہ ۱۳۴۸ھہ تائين تمر فقيرؒ جي گادي نشين خليفي لائق ڏني جي اڳواڻيءَ ۾ راڳ ڳايو. سنہ ۱۳۴۸ھہ کان وٺي سنہ ۱۳۷۸ھہ تائين پاڻ خود شاهہ سائينءَ جي درگاهہ تي جمعي جي رات شاهہ سائينءَ جي راڳ جو اڳواڻ ٿي رهيو ۽ بعد ۾ راڳ جي اڳواڻي پنهنجي لائق شاگرد سيد غلام شاهہ ڀٽائيءَ جي حوالي ڪري زندگيءَ جو باقي حصو گوشي نشينيءَ ۾ گذاري سنہ ۱۳۸۱ھہ ۾ ۷۵ سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويو.

مون ويهہ سال راتين جا اوجاڳا ڪري فقير محمد ابراهيم جو راڳ ٻڌو ۽ ان جي ياداشت وارو سارو ڪلام قلم بند ڪرڻ بعد تمرؒ فقير جي اوطاق ۾ رکيل شاهہ جي رسالي گنج شريف (جيڪو ۱۲۰۷ھہ جو لکيل آهي)، شاهہ صاحب جي استاد گهراڻي جي فقير مبين احمد ڀٽائيءَ جي هٿ سان سنہ ۱۳۰۴ھہ ۾ لکيل رسالي، مبين محمد ۽ مبين حسين (جيڪي پاڻ ۾ ڀائر هئا ۽ مبين احمد ڀٽائيءَ جا ڀاٽيجا هئا) جي هٿن سان سنہ ۱۳۰۰ھہ ۾ لکيل رسالي، مرحوم ماستر محمد سارنگ لنجواڻيءَ وينل ڳوٺ کيهر لنجواڻي لڳ ڀٽ شاهہ جي لکيل رسالي (جيڪو هن لطيفؒ سائين جي ذاڪري فقير لال محمد لاڙڪ جي سال ۱۳۲۹ھہ ۾ لکايل رسالي تان نقل ڪيو هو) ۽ وقت جي موجود سيني ڇاپي رسالن سان ڀيٽي، سال ۱۹۶۰ع ۾ هڪ مُسودو ان ارادي سان تيار ڪيو تہ موزون وقت تي سموري ڪلام جي ڇنڊڇاڻ ڪري ڌاريون ڪلام ڪڍي باقي نج ڪلام جو متن لفظي معنيٰ سان ترتيب ڏبندس. مون واري مسودي تان درگاهہ لطيفؒ جي ڪنجي بردار فقير پنهل جوڻي، هڪ نقل محترم ماستر عبدالله ٿهيم کان لکائي فقير ابراهيم کي ڏيکاري پسند ڪرايو.

منهنجي مسودي جي خبر جڏهين معلي القاب سائين سيد قمرالزمان شاهہ صاحب ٽکڙائيءَ ۽ سائين سيد غلام مصطفيٰ شاهہ صاحب اڳوڻي وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽيءَ کي پئي، تڏهين ٻنهي حضرات مون کي ان جي ڇپائڻ جي صلاح ڏني ۽ گڏوگڏ مالي امداد جي پڻ آڇ ڪئي پر جيئن تہ ان وقت مسودي مان ڌاريون ڪلام خارج ڪيل نہ هو ۽ نہ ڪي لفظي معنيٰ لکيل هئي، سندن ارشاد جي تعميل نہ ڪري سگهيس.

Gul Hayat Institute

انهيءَ وچ ۾ مونکي شاهہ جي ڪلام جا بہ پراڻا قلمي نسخا، هڪ حيدرآباد جي ٽنڊي مير محمود جي مير صاحبن جي ڪتبخاني مان ۽ ٻيو سيد مسڪين شاهہ وينل ڳوٺ خانوٽ تعلقي هالا واري جي ڪتبخاني مان، مليا ويا ۽ پڻ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن جا ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز طرفان ترتيبوار سال ۱۹۶۹ع ۾، سال ۱۹۷۴ع ۾ ۽ سال ۱۹۷۷ع ۾ ڇپايل ٽي رسالا هٿ اچي ويا. مذڪور پنجن ئي رسالن ۾ جيڪي بيت ۽ وايون اضافي نظر آيون اهي مون پنهنجي مسودي ۾ شامل ڪيون. ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز جي طرفان شايع ٿيل سال ۱۹۶۹ع واري ڇاپي ۾ برطانوي متحف (برٽش ميزيم لنڊن)جي ڪتب خاني ۾ محفوظ ٿيل هڪ قديم قلمي

نسخي جو متن، سال ۱۹۷۴ع واري ڇاپي ۾ سُر ڪلياڻ سان شروع ٿيندڙ سال ٦٩-۱۲۷۰هہ دوران لکيل ٽن آڳاٽن قلمي نسخن (جهڙوڪ سال ۱۲٦٩هہ ۾ نصرپور ۾ آخوند فضل عليءَ جو لکيل رسالو، سال ۱۲۷۰هہ ۾ حاجي هدايت الله هالائيءَ کان ديوان ٺاري مل نصرپوريءَ جو لکايل رسالو ۽ ساڳئي سال ۾ محمد حافظ کان مير امام بخش خان ٽالپر وينل لٽيون ٺوڙها تعلقي هالا جو لکايل رسالو) جو متن ۽ سال ۱۹۷۷ع واري ڇاپي ۾ سر سسئيءَ سان شروع ٿيندڙ سنہ ۱۱٦۵هہ ۽ ۱۲۰۷هہ جي وچ واري عرصي ۾ لکيل ڏهن قلمي نسخن جو متن، شامل آهي.

ٽنڊي مير محمود جي مير صاحبن جي ڪتبخاني مان هٿ آيل قلمي رسالي جي پڇاڙيءَ ۾ خاتمي بابت فارسيءَ ۾ هيءَ عبارت لکيل آهي "تمت تمام شد - کار مَن نظام شد - روءِ شيطان سياهہ شد - اين رسالہ ڪلام شاهہ صاحب تمام شد - وقت ظهر ۱۲" باقي نہ ڪاتب جو نالو لکيل آهي ۽ نکي ڪتابت جي خاتمي جي ڪا تاريخ يا سال لکيل آهي. نسخي جي شروعات سُر ڪوهياريءَ (سسئيءَ) جي بيت "پرتوو پنهونءَ جو جهڙ جيئن جهالا ڏي....." سان ڪيل آهي. هيءُ نسخو پراڻيءَ صورتخطيءَ ۾ ان ساڳئي ڪاتب جو لکيل آهي جنهن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جي ڪتاب "شاهہ جي رسالي جا سرچشما" ۾ ذڪر ڪيل درسگاهہ منصوره وارو قديم رسالو لکيو هو. ملاحظي لاءِ هن نسخي مان سُر ڪيڏاري جي هڪ صفحي جو عڪس ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي مٿي ڄاڻايل ڪتاب ۾ درسگاهہ منصوره واري قلمي نسخي جي آخري صفحي جي لڳل عڪس جو اتارو شامل عرض رکجن ٿا. هيءَ نسخو درسگاهہ منصوره جي قلمي رسالي وانگر سُرن کي داستانن ۾ ورڇڻ کان سواءِ لکيل آهي ۽ منجهس سُرن جي عدد شماري ۽ ترتيب پڻ ساڳي درسگاهہ منصوره واري قلمي رسالي واري آهي. فرق صرف ايترو آهي جو درسگاهہ منصوره واري رسالي ۾ سُر رامڪلي ۽ پوربي ۽ سُر ڪلياڻ ۽ جمن، گڏي يڪن سُرن (رامڪلي ۽ پوربي هڪڙو يڪو سُر ۽ ڪلياڻ ۽ جمن ٻيو يڪو سُر) هيٺ لکيل آهن، پر مير صاحبن واري نسخي ۾ چارئي سُر الڳ الڳ لکيل آهن. هن نسخي ۾ سسئيءَ، بروو سنڌيءَ، سهڻيءَ، ڪاموڏ، ڪارايل، ڪنيات (نسخي ۾ ڪنياتڙي لکيل آهي)، سراڳ، گهاتوءَ، سورٺ، ڪاهوڙيءَ، ليلان، بلاول ، راڻي، ڪاپائتيءَ، رپ، پرڀاتيءَ، مارئيءَ، ڏناسريءَ، ڪيڏاري، سارنگ، شينهن ڪيڏاري ۽ بسنت بهار جي سُرن جي شروعات انهن بيتن سان ڪئي وئي آهي، جن بيتن سان ساڳين سُرن جي شروعات برطانوي متحف واري رسالي ۾ ڪئي وئي آهي. هن نسخي ۾ ڪل ۱۷۳۵ بيت ۽ ۹۷ وايون آهن جڏهين تہ برطانوي متحف واري رسالي ۾ سُرن بيراڳ هنديءَ ۽ ڏول مارئيءَ جي نہ هجڻ جي باوجود ۱۸۲۲ بيت ۽ ۸٦ وايون آهن.

سيد مسڪين شاهہ جي ڪتبخاني مان هٿ آيل نسخي جي صورتخطي بہ پراڻي آهي. هيءُ نسخو سُر ڪلياڻ سان شروع ٿئي ٿو ۽ سُر پوربي تي ختم ٿئي ٿو، پر بعد ۾ پٺ شاهہ ۾ تمڙ

Gul Hayat Institute

فقير جي اوطاق ۾ رکيل گنج شريف جا آهي بيت ۽ وايون جيڪي هن نسخي ۾ نہ هئا، تن جو ساڳئي ڪاتب جي هٿ اکرن سان اضافو ڪيل آهي. هن نسخي ۾ سُر بسنت بهار لکيل ڪونهي باقي سُرن جو تعداد ٣٥ آهي جن مان ٢٥ سُرن جي عدد شماري ۽ ترتيب سال ١٢٦٩ھ ۾ نصرپور ۾ آخوند فضل عليءَ جي لکيل رسالي واري ساڳي آهي ۽ رهيل ١٠ سُرن جو عدد شمار ٻنهي نسخن ۾ هيٺ ڏيکاريل فرق موجب آهي:-

| نالو سُر جو | آخوند فضل عليءَ جي لکيل رسالي جو عدد شمار | سيد مسڪين شاهہ واري رسالي جو عدد شمار |
|---|---|---|
| مارئي | ٢٦ | ٢٧ |
| ڌناسري | ٢٧ | ٢٨ |
| ڪاموڏ | ٢٨ | ٣٢ |
| ڪارايل | ٢٩ | ٣٣ |
| پرڀاتي | ٣٠ | ٢٩ |
| گهاتو | ٣١ | ٣٠ |
| شينهن ڪيڏارو | ٣٢ | ٣١ |
| هير رانجهو | ٣٣ | ٣٤ |
| پورب | ٣٤ | ٣٥ |
| ڏول مارئي | ٣٥ | ٢٦ |

سيد مسڪين شاهہ واري نسخي ۾، آخوند فضل عليءَ جي لکيل رسالي جي ڀيٽ ۾ درج ٿيل سُر سسئيءَ واري ٿيهہ اکري ڪانهي باقي ٻنهي رسالن ۾ داستانن، بيتن ۽ واين جي ترتيب ۽ سٽا سواءِ ٿوري فرق جي لڳ ڀڳ ساڳي آهي.هن نسخي ۾ ڪاتب جو نالو لکيل ڪونهي ۽ نڪو لکيت جو سال ۽ تاريخ ڄاڻايل آهي. منجهس استعمال ٿيل ڪاغذ سائي رنگ جي ڪرائون پيپر (Crown Paper) وارو آهي، جنهن جي سيني ورقن جي اندر وچ ۾ ڪارخاني طرفان هيٺ ڏيکاريل ڇاپو لڳل آهي:-

Gul Hayat Institute

جــتــي ڏيــنــگ ڏريــا، تــتــي تــاري تــنــهــنــجــي.

سنڌيءَ ٻوليءَ ۽ ثقافت جي ٻيڙيءَ کي فرنگي ڦورن ۽ چورن جي حملي کان بچائڻ لاءِ رب تعاليٰ جي تاريءَ سان گڏوگڏ اسان کي بہ پنهنجو حيلو ڪرڻ ضروري آهي، همت بنده مدد خدا.

سنڌي زبان ۽ ثقافت جو گهڻي کان گهڻو دفينو ۽ ذخيرو سرڪار لطيفؒ سائينءَ جي ڪلام ۾ سمايل آهي جنهن جي بقا لاءِ شاهہ سائينءَ جي ڪلام جي حفاظت ڪرڻ اسان جو مقدس فرض آهي ۽ اها حفاظت جوڳي نموني ۾ تڏهين ٿيندي جڏهين ان ڪلام کي سُوڌي سنواري لفظن جي صحيح تلفظ، پڙهڻين ۽ لفظي معنيٰ سان نج ڪلام جو هڪ جامع نسخو تيار ڪبو جو تہ شاهہ سائينءَ جي ڪلام ۾ استعمال ٿيل ٻوليءَ جو گهڻو حصو اڍائي سَوَ سال پراڻو آهي ان ڪري هن وقت اڻ پڙهيل ماڻهو تہ ڇڏيو پر ڪيترا پڙهيل ماڻهو بہ ڪلام جي صحيح پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪن ٿا. ٻيو تہ هاڻوڪي دَور جي ٿهيءَ ۾ سنڌيءَ ٻوليءَ جي تعليمي توڙي استعمال وارو معيار ٻين ٻولين جي ملاوت ڪري روز بروز گهٽبو وڃي جنهن ڪري اڳتي هلي اسان جو آئيندو پوچ ڪلام ۾ ڪم آيل ٻوليءَ ۽ ان ۾ سمايل ثقافت جا اهڃاڻ بلڪل ڪونہ سمجهندو جيڪو اسان جي قومي سڃاڻپ ۽ شناخت لاءِ سخت هاڃيڪار ثابت ٿيندو. لطيفؒ سائينءَ جي ڪلام جي حفاظت ڪرڻ اسان لاءِ ان ڪري بہ ضروري آهي جو ان ۾ سنڌ جي ماڻهن لاءِ خاص طرح اڻ پڙهيلن يا جن کي قرآن پاڪ ۽ حديث شريف جي ڄاڻ ڪانهي يابلڪل ٿوري ڄاڻ آهي، هڪ بي بها مذهبي سرمايو آهي ۽ ازانسواءِ منجهس علم ادب کان علاوه روحانيت، اخلاق، سماج ۽ ثقافت جا گوناگون نڪتا سمايل آهن.

مٿي ذڪر ڪيل ڳالهين کي ذهن ۾ رکندي، ڪافي وقت کان سنڌ جي ڪن عالمن ۽ دانشورن شاهہ سائينءَ جي ڪلام کي سُوڌڻ ۽ سنوارڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي جنهن جي باقاعدي شروعات سال ١٩٢٣ع ۾ آنجهاني ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي صاحب ڪئي. هن صاحب سال ١٩٢٣ع کان اڳ شايع ٿيل شاهہ جي ڪلام جي قلمي توڙي ڇاپي رسالن ۾ درج ٿيل پنج سُر جهڙوڪ سُر بيراڳ هندي سُر هير رانجهو، سُر ڍول مارئي، سُر ڌناسري ۽ سُر بسنت بهار جيڪي ڏسڻ سان ئي ڌاريون ڪلام ٿا معلوم ٿين ۽ جن لاءِ اهڙي نشاندهي مرحوم مرزا قليچ بيگ صاحب جي سال ١٨٨٧ع ۾ لکيل ڪتاب "احوال شاهہ عبداللطيفؒ ڀٽائيءَ جو" جي باب ڏهين ۾ ۽ آنجهاني مسٽر ليلا رام وطن مل لالوائيءَ پاران سال ١٨٨٩ع ۾ ڇپايل انگريزي ڪتاب "شاهہ لطيفؒ جي حياتي، مذهب ۽ شاعري" جي پهرئين جلد جي ٽئين ڀاڱي جي پهرئين باب ۾ ٻڌ ڪئي وئي هئي، ترڪ ڪري رهيل ٣١ سُرن مان ١٨ سُر، جن ۾ سندس تحقيق موجب جيڪو ڌاريون ڪلام هو سو خارج ڪري، ٽن جلدن جي صورت ۾ مختصر شرح ۽ ڏکين اکرن جي معنيٰ سان شايع ڪيا، باقي ١٣ سُرن جي ڇنڊڇاڻ جو ڪم سندس وفات سبب رهجي ويو.

Gul Hayat Institute

گربخشاڻي صاحب پنهنجي تحقيق لاءِ جن قلمي ۽ ڇاپي رسالن جو مطالعو ڪيو هو سي هئا. ١. بلڙيءَ وارو قلمي نسخو. ٢. ڀٽ وارو قلمي نسخو (مگر تمرؒ فقير جي اوطاق ۾ رکيل گنج شريف نہ) ٣. مير عبدالحسين سانگيءَ وارو قلمي نسخو. ۴. برٽش ميوزم وارو قلمي نسخو. ۵. سال ١٨٦٦ع ۾ شايع ٿيل هڪ جرمن محقق مسٽر ارنسٽ ٽرمپ صاحب وارو ڇاپي نسخو. ٦. سال ١٨٦٧ع/ ١٢٨٣هہ ۾ شايع ٿيل بمبئي ڇاپي وارو نسخو ٧. سال ١٩٠٠ع ۾ شايع ٿيل سرڪاري ڇاپي وارو نسخو ۽ ٨ سال ١٩١٣ ۾ شايع ٿيل مرزا قليچ بيگ صاحب وارو ڇاپي رسالو.

مٿئين ڪم ۾ گربخشاڻي صاحب سان سندس شاگرد رشيد مرحوم ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو بہ ڀيڙو هو جنهن بعد ۾ رسالي جي ٽئين جلد جي تيار ڪرڻ وقت گربخشاڻي صاحب سان اختلاف ڪندي چيو تہ سُر ڪيڏارو شاهہ صاحب جو چيل نہ آهي ۽ ان اختلاف جي بنياد تي ڊاڪٽر دائودپوٽو گربخشاڻي صاحب کان علحدو ٿي ويو.

گربخشاڻي صاحب جي راءِ هئي (جنهن سان ڊاڪٽر دائود پوٽي بہ ضرور اتفاق ڪيو هوندو) تہ بمبئي ڇاپي جهڙو ردي نسخوڪڏهين هٿ نہ ايندو جو تہ سندس چوڻ هو تہ سنڌ ۾ جيڪو ڪن ڪِچري جهڙو ڪلام شاهہ صاحب جي نالي ۾ ڳايو ويندو هو يا جيڪي بيت ۽ وايون مسخرا مجلسن ۾ مجرو ڪندي چوندا هئا وغيره وغيره سي سڀ سواءِ ڪنهن تميز جي منجهس وڌا ويا آهن. سرڪاري ڇاپي واري رسالي توڙي مرحوم مرزا قليچ بيگ صاحب جي رسالي متعلق بہ گربخشاڻي صاحب ڪا سٺي راءِ قائم نہ ڪئي. هن جي تحقيق جو سڄو دارومدار سندس مطالعي هيٺ آيل قلمي نسخن ۽ ٽرمپ صاحب واري ڇاپي رسالي تي هو جن ۾ درج ٿيل ڪلام ۾ جيڪي ٻين شاعرن جي نالي وارا بيت ۽ وايون. شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام جيڪو آنَ اولياءَ صاحب جي حياتيءَ بابت لکيل ڪتاب "بيان العارفين" ۾ موجود هو. قاضي قادن جا ڪي پنج ست بيت ۽ جيڪي بيت ۽ وايون سرڪاري ڇاپي واري رسالي ۾ هئا پر ٽرمپ صاحب واري ڇاپي رسالي يا سندس مطالعي وارن قلمي رسالن ۾ نہ هئا انهن سڀني کي ڏاريون ڪلام سمجهي پنهنجي طرفان مرتب ڪيل ٽنهي جلدن مان خارج ڪري ڇڏيائين. ازانسواءِ سُر مارئيءَ جي "زمر زخرف" واري داستان جا اُهي بيت جن مان هر هڪ جي ڪنهن نہ ڪنهن سٽ ۾ قرآن شريف جي ڪا آيت آيل آهي يا ڪنهن سُورت جو نالو لکيل آهي ۽ سُر ديسيءَ جا بلوچڪي زبان وارا بيت بہ رد ڪري ڇڏيائين. جيتوڻيڪ ٻنهي سُرن جا اُهي بيت سندس مطالعي هيٺ آيل قلمي نسخن ۾ موجود هئا. سُر مارئيءَ جي بيتن لاءِ اهو سبب ڄاڻايائين، تہ اهي هارون شاهہ هنگوري جا چيل آهن. (اهڙي قسم جو ذڪر اڳيئي مسٽر ليلارام وطنمل لالواڻيءَ پنهنجي انگريزي ڪتاب "شاهہ لطيفؒ جي سوانح، مذهب ۽ شاعري" جي جلد پهرئين جي صفحي ٦٨ تي ڪيو جنهن ۾ چيائين تہ اهڙي حقيقت ڪيس ميين احمد ڀٽائيءَ ٻڌائي هئي). جيتوڻيڪ معتبر روايتن مان معلوم ٿو ٿئي تہ اهڙي

Gul Hayat Institute

قسم جا بيت شاهہ صاحب گهوٽڪيءَ (لوءِ مبارڪ) واري بزرگ پير موسن شاهہ جيلانيءَ سان هڪ ملاقات جي وقت چيا هئا. خود ميين احمد ڀٽائيءَ اهڙا ڏهاڪو کن بيت سنڌس سن ١٣٠۴ھ ۾ لکيل شاهہ جي رسالي ۾ درج ڪيا آهن. سُر ديسيءَ جي بلوچڪي ٻوليءَ وارن بيتن لاءِ گربخشاڻي صاحب سنڌس طرفان سال ١٩٢۴ع ۾ شايع ٿيل شاهہ جي رسالي جي جلد ٢ جي ”معنيٰ ۽ شرح“ واري ڀاڱي ۾ سر ديسيءَ جي شرح ۽ لفظي معنيٰ واري مهاڳ ۾ ڄاڻايو آهي تہ مرحوم مير عبدالحسين سانگيءَ واري قلمي نسخي جي حاشيي تي انهن بيتن جي سامهون مرحوم مير صاحب فارسي زبان ۾ هڪ نوٽ هنيو آهي جنهن ۾ مير صاحب لکيو آهي تہ سالڪن جو رهنما حاجي ميون احمد ڀٽائي، (جنهن کي مير صاحب تصوف جي سلسلي ۾ پنهنجو استاد ڪري مڃيندو هو) چوندو هو تہ ”هي بيت پنهنجي ڀاڻيجي ڪان سواءِ ٻي ڪنهن ڪان بہ سماع ۾ نہ ٻڌا اٿم ۽ نڪي ڪي انهن بيتن بابت مون وٽ ڪا سند آهي ۽ درگاهہ جي ٻين پاڪ معتبرن کان معلوم ڪئو اٿم تہ هي بلوچي بيت شاهہ صاحب جا چيل نہ آهن پر اتفاق سان ٻوين فقيرن کان ٻڌي رسالن ۾ درج ڪئا ويا آهن.“ مزي جي ڳالهہ اها آهي تہ اهڙو ذڪر ميين احمد. لالواڻي صاحب سان نہ ڪيو جنهن سان اڪثر ميون احمد ڪچهريون ڪندو هو. لالواڻي صاحب تہ پاڻ سنڌس مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب ۾ انهن بيتن ۾ ڪم آيل بلوچي لفظن جي معنيٰ لکي آهي. بلوچي زبان جا ١۴ بيت گنج شريف ۾ لکيل آهن جيڪو سن ١٢٠٧ھ ۾ لکجي پورو ٿيو هو ۽ هڪ بيت ”بروبگيرد بي ٿا ڏين پارسيون پاڻ ۾....“ برٽش ميزم واري بياض ۾ آندو ويو آهي جڏهين تہ ان وقت ميون احمد ۽ سنڌس ڀاڻيجو شايد اڃا ڄاول بہ نہ هجن. ميين احمد خود سنڌس سن ١٣٠۴ھ ۾ لکيل رسالي ۾ سر ديسيءَ ۾ فصل ستين ۾ بلوچي زبان جا پنج بيت شامل ڪيا آهن. هن سلسلي ۾ ميين احمد جي مذڪوره رسالي جي انهن ورقن جو عڪس شامل ڪجي ٿو جن ۾ سر مارئيءَ ۽ سر ديسيءَ جا مٿي ڄاڻايل بيت لکيل آهن.

گربخشاڻي صاحب سنڌس مطالعي هيٺ آيل قلمي نسخن ۾ موجود ڪي وايون جن ۾ ڪي لفظ يا سٽون سرائڪي زبان جون آهن ۽ جن ۾ ڪنهن شاعر جو نالو بہ ڄاڻايل نہ هو، اهي بہ ڏاريون ڪلام سمجهي رد ڪري ڇڏيون حالانڪ اهڙي قسم جون هيٺ ڏيکاريل ڪي وايون ۽ بيت جن ۾ ڪجهہ سرائڪي لفظ آهن شاهہ صاحب جو ڪلام سمجهي پنهنجي مرتب ڪيل رسالي ۾ درج ڪيون اٿس:-

(الف) وايون:

١. سُر جمن جون بہ وايون، هڪڙي ”عشق تمام برهہ تمام مين لوئي يار لوڪو...“ ۽ ٻي ”اڇي سار لهيج ساڄن سور تماري آئون ماري.“

٢. سُر ڪلياڻ جي هڪ وائي ”سيڪا پريان ڪون پوڇي....“

Gul Hayat Institute

(ب) بيت:

١. سُر ڪلياڻ جا ٻہ بيت، هڪ "ايڪ قصر در لک..." ۽ ٻئو "سڪين ڪوهہ سلام ڪي ڪريين ڪوهہ نہ سلام. ٻئا در تن حرام هيءُ در جني ديکئو".

٢. سُر جمن جو بيت "جي ڀانئين پرينءَ مڙان تہ سک چوران ڪي ذات".

٣. سُر سورٺ جو بيت "تند تماريءَ تان کهيو سو قبول پئو. سُر تہ آهي سٺ ۾ ٻئو ڪي مگّج دان، خاڪ متي ڪا مان ڪاٺئا پوءِ ڪجهہ نهين."

گربخشاڻي صاحب کان پوءِ سال ١٩٥٠ع ۾ مرحوم غلام محمد شهواڻيءَ، گربخشاڻي صاحب جي ڇپايل ١٨ سُرن ۾ بمبئي ڇاپي واري شاهہ جي رسالي جي ڪن بيتن (جن لاءِ صاحب موصوف ڇاٽايو آهي تہ اهي بيت گهڻي غور ۽ فڪر ڪرڻ سان شاهہ صاحب جا معلوم ٿين ٿا) جو اضافو ڪري ۽ گربخشاڻيءَ صاحب کان رهجي ويل ١٣ سُرن مان سُر شينهن ڪيڏارو بنان ڪنهن سبب ڇاٽائڻ جي خارج ڪرڻ بعد باقي ١٢ سُرن جي چنڊڇاڻ ڪري، ڪل ٣٠ سرن تي مشتمل رسالو ڇپايو جنهن ۾ شرح ڪان پاسو ڪري صرف لفظي معنيٰ هر هڪ صفحي تي هيٺ تري ۾ ڏني اٿس پر اڃا ڪيترا ڏکئا لفظ معنيٰ ڪرڻ ڪان رهائي ڇڏيا اٿس ۽ پڻ گهڻن لفظن جي معنيٰ صحيح نہ لکي اٿس. مرحوم علامہ ڊاڪٽر دائود پوٽي پنهنجي مضمون "رسالي جا قديم نسخا" ۾ جيڪو رسالي نئين زندگيءَ جي ماهہ نومبر ١٩٥٣ع واري شماري ۾ ڇپيو، چيو آهي تہ شهواڻي صاحب وارو رسالو صوري ۽ معنوي لحاظ ڪان بلڪل معيوب ۽ نا درست آهي.

سال ١٩٥١ع ۾ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جن سُر شينهن ڪيڏاري ڪي نظرانداز ڪري باقي ٣٥ سُرن تي مشتمل رسالو ڇپايو جنهن ۾ ڪلام جو ذخيرو ۽ سرن جي سٽا ۽ ترتيب هوبهو ساڳي سال ١٩٠٠ع ۾ سنڌ سرڪار جي طرفان ڇپايل رسالي واري قائم رکي وئي آهي. سُر شينهن ڪيڏاري ڪي خارج ڪرڻ لاءِ ڪوبہ سبب ڪونہ ڇاٽايو ويو آهي. ان رسالي جي حاشيءَ ۾ ڪجهہ ٿورن لفظن ۽ اصطلاحن جي معنيٰ ڏني وئي آهي. سُر بيراڳ هنديءَ، سُر هير رانجهي، سُر ڏول مارئيءَ، سُر ڏناسريءَ ۽ سُر بسنت بهار جي سڄن سُرن لاءِ ۽ انهن کان علاوه ڪن ايڪڙ ٻيڪڙ بيتن ۽ واين لاءِ حاشيي ۾ نوٽ لکيو ويو آهي تہ اهو ڪلام اولياءَ صاحب جو ناهي پر ڏاريون ڪلام آهي. سر ڪلياڻ جي پهرئين داستان جي پهرئين بيت "اول الله عليم.... ڪانپوءِ ٻہ بيت "جوڙي جوڙ جهان جي جڏهين جوڙيائين...." جيڪي سرڪاري ڇاپي واري رسالي ۾ ڪونہ آهن مگر بمبئي ڇاپي ۽ شهواڻي صاحب واري رسالي ۾ آهن، اضافو ڪيا ويا آهن. سر ڪيڏاري جي منڍ ۾ مولانا صاحب نوٽ لکيو آهي تہ هن سر ۾ گهڻا بيت احسان فقير جا آهن.

سال ١٩٥٨ع ۾ هندستان مان پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ هڪ رسالو شاهہ صاحب جي

ڪلام جو ڇپايو جنھن جو سمورو مواد، متن ۽ ان جي ھيٺان صفحن جي تري ۾ ڏنل لفظي معنيٰ ٿوريءَ گھاٽا واڌيءَ کان سواءِ، مسٽر شھواڻيءَ واري رسالي جو عين بين نقل آھي.

سال ١٩٥٩ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي استدعا تي علامہ امداد علي امام علي قاضيءَ جو مرتب ڪيل شاھہ جو رسالو، سنڌ ادبي بورڊ جي طرفان سال ١٩٦١ع ۾ ڇپايو ويو، جنھن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ علامہ صاحب مٿي ذڪر ڪيل عالمن جي مرتب ڪيل رسالن تان استفادو ڪيو آھي ۽ بمبئي ڇاپي وارا ڪي بيت جيڪي انھن محققن ڌاريون ڪلام سمجھي رد ڪئا ھئا انھن کي علامہ صاحب شاھہ صاحب جو ڪلام قرار ڏيئي پنھنجي طرفان تيار ڪيل رسالي ۾ شامل ڪيو آھي، وري سُر ڪيڏارو جيڪو انھن عالمن پنھنجي رسالن ۾ شاھہ جو ڪلام سمجھي داخل ڪيو اھو علامہ صاحب خارج ڪري ڇڏيو آھي. ھن رسالي جي آخر ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ جي اڻ پوري پٽي پڻ ڏنل آھي.

انھيءَ ۾ ڪو شڪ ناھي تہ مٿي ذڪر ڪيل رسالن جي مرتب ڪندڙن جي ڪوشش پنھنجي پر ۾ قابل ستائش آھي پر جيئن تہ انھن جي طرفان مرتب ڪيل رسالن جو بنياد صرف چئن پنجن قلمي نسخن، جيڪي ايترا قديم ۽ پراڻا نہ ھئا ۽ ٻن ٽن ڇاپي نسخن تي رکيل آھي تنھن ڪري انھن جي وجود ۾ اچڻ سان ڪو خاطر خواھہ ۽ گھربل نتيجو ڪونہ نڪتو آھي. اڄا شاھہ سائين جو ڪافي ڪلام جيڪو لطيفؒ سائين جي درگاھہ تي رکيل گنج شريف ۽ ٻين اٽڪل ١٠ کان ١٥ قديم قلمي نسخن ۾ موجود آھي اھو منظرِعام تي اچڻ کان رھجي ويو آھي. ٻي ڳالھہ تہ جيڪو ٿورو گھڻو ڪلام ھيستائين عوام آڏو پيش ڪيو ويو آھي ان جي لفظي معنيٰ مختصر طور ڏنل آھي ۽ پڻ اسمن، ضميرن ۽ فعلن ۾ مدغم ۽ لڪل حرف اضافت، حرف جر، ظرفن ۽ ٻين نحوي بناوتن تي، لفظي معنيٰ لکڻ وقت ڪو ڌيان ڪونہ ڏنو ويو آھي. ان کان سواءِ شاھہ سائين جي ڪلام ۾ استعمال ٿيل ٻولي پراڻي ۽ ٻھراڙيءَ جي علائقن سان واسطو رکندڙ آھي جڏھين تہ مٿيان عالم سڀيئي شھرن جا رھاڪو ھئا يا آھن تنھن ڪري انھن کان تمام گھڻن اکرن ۽ اصطلاحن جي معنيٰ ۽ سمجھاڻيءَ جو حق ڪماحقہ ادا ٿي نہ سگھيو آھي. پڙھندڙن جي ڄاڻ لاءِ ڪجھہ مثال ھيٺ ڏجن ٿا:-

(١) سُر سھڻيءَ جي بيت "ليا ڏنم لار، سانياران ساھڙ جا..." ۾ لفظ "ليا" جيڪو لَيَڻَ مصدر مان نڪتل آھي، جي معنيٰ آھي "بدل" ۽ لفظ "لار" جي معنيٰ آھي "چوپائي حلال مال جا ڪير ڏائيندڙ ننڍا ڦر". پر گربخشاڻي صاحب، شھواڻي صاحب، مولانا قاسمي صاحب ۽ آڏواڻي صاحب انھن ٻنھي لفظن جي معنيٰ ترتيبوار "لئي جا وڻ" ۽ "ليار جا وڻ" لکي آھي.

(٢) سُر سارنگ جي وائيءَ "آئي مند ملار آئون ڪنھنبا ڪنديس ڪپڙا...." جي مصرع" لار لئيندي ويڙا، پنس پنيا وار" ۾ لفظ "لار" جي معنيٰ ساڳي (١) واري آھي پر آڏواڻي صاحب ان

Gul Hayat Institute

جي معنيٰ "گهند" لکي آهي جڏهين تہ مولانا قاسميءَ ۽ شهواڻي صاحب" چڙي جي اندران پڏڻ واري هڏي" لکي آهي ۽ لفظ "پنيا" جي معنيٰ آهي "ڪارا، گهاٽا ۽ گهنڊيدار" پر هنن ٻنهي صاحبن "پِنُل" لکِي آهي.

(۳) سُر ديسيءَ جي بيت "مون پانيو مون وٽ هميشہ هوندا پرين. ويڙهو ڏيئي ويکرو پهري وئا پت...." ۾ لفظ "ويڙهو" جي معنيٰ آهي "گهر" ۽ لفظ "ويکرو" جي معنيٰ آهي خلاصو يا نويڪلو" ۽ سڄي اصطلاح" ويڙهو ڏيئي ويکرو" جي معنيٰ آهي "سڄو گهر خالي ڪري" پر گربخشاڻي صاحب، شهواڻي صاحب ۽ آڏواڻي صاحب ان اصطلاح جي معنيٰ لکي آهي "وڏو چڪر ڏيئي". جڏهين تہ مولانا قاسمي صاحب ڪابہ معنيٰ ڪانہ لکي آهي.

(۴) سُر ديسيءَ جي بيت "ڏاگها ڪيم ڏرو اجا آريائي اڳي ٿئو. موڙي مجر ٿاريون چانگا ٿا چرو..." ۾ لفظ "مجر" جي معنيٰ آهي "وٽن ۾ بهار يا ٻيءَ ڦوٽاڙي واريءَ مند ۾ پيدا ٿيل نوان ڪچڙا پن يا ٻور"، مگر گربخشاڻي صاحب، شهواڻي صاحب ۽ آڏواڻي صاحب ان لفظ جي معنيٰ "ڪنديءَ جو وڻ جيڪو سڱريون ڏيندو آهي" لکي آهي ۽ قاسمي صاحب "ڪنديءَ جون سڱريون" لکي آهي. علامہ آءِ آءِ قاضيءَ رسالي جي آخر ۾ معنيٰ واريءَ پٽيءَ ۾ "مجر" جي معنيٰ "ساوا ڪچا سڪر، ڪنديءَ جو ٻور" لکي آهي.

۵. سُر مارئيءَ جي بيت "نڪو اير نہ پير نڪو اوني آيو..." ۾ لفظ "اير" جي معنيٰ آهي "اچڻ جو عمل" ۽ لفظ "پير" جي معنيٰ آهي "وڃڻ جو عمل" ۽ ٻنهي لفظن "اير پير" جي معنيٰ آهي. "اچڻ وڃڻ" مگر گربخشاڻي صاحب، شهواڻي صاحب ۽ آڏواڻي صاحب "اير" جي معنيٰ لکي آهي. "چاري يا خبر آڻيندڙ" ۽ لفظ "پير" جي معنيٰ لکي آهي. "واٽهڙو - مسافر". مولانا قاسميءَ "اير" جي معنيٰ "چاري" ۽ "پير" جي معنيٰ "مسافر" لکي آهي.

٦. سُر مارئيءَ جي بيت "عمر ٿيم اپار ورهہ ونديان ڪن سين" ۾ لفظ "اپار" اصل ۾ "اپهر" آهي جنهن جي معنيٰ آهي (ا = نہ + پهر = ماڻهو، ساٿي) "اڪيلي" جو تہ مارئي عمرڪوٽ ۾ اڪيلي قيد هئي ۽ ساڻس ڳالهائڻ ٻولهائڻ لاءِ ڪو ماڻهو وغيره ڪونہ هو پر گربخشاڻيءَ صاحب، شهواڻي صاحب، آڏواڻي صاحب ۽ قاسمي صاحب "اپار" جي معنيٰ "مشغولي" لکي آهي جيڪا سراسر غلط آهي.

(۷) سُر مارئيءَ جي بيت "وطن مون ملير قضا آنديس ڪوٽ ۾ - چانگ پيئنديس پرينءَ سين پائر جو پنير..." ۾ استعمال ٿيل لفظ "پنير" جي معنيٰ آهي "سُڪايل يا خشڪ ٿيل ڏڌ يا لسي جنهن کي ٻي دفعي ڪم آڻڻ لاءِ پاڻي ملائي باهہ تي ڪاڙهڻ ڪانپوءِ استعمال ڪبو آهي" پر گربخشاڻي صاحب، شهواڻي صاحب ۽ آڏواڻي صاحب ان جي معنيٰ "پاڻي" لکي آهي جڏهين تہ

Gul Hayat Institute

قاسمي صاحب ۽ علامہ آءِ آءِ قاضي ڪابہ معنيٰ ڪانہ لکي آھي.

(٨) سُر مارئيءَ جي بيت "پنوھارن پاٻوھيو ورئا واھوندا - ساريم سيڻ سيد چئي گاڏيليون ۽ گوندا..." ۾لفظ "گاڏيليون" جي معنيٰ آھي. "ٿر جي ٻيرين جي وڻ جو ھڪ قسم" پر گربخشاڻي صاحب، شھواڻي صاحب ۽ آڏواڻي صاحب ان جي معنيٰ لکي آھي "چوپائي مال جي اچ وڃ جا رستا" ۽ قاسمي صاحب "گوڏيون" لکي آھي ۽ قاضي صاحب "سھٽيون زالون" لکي آھي.

(٩) سُر مارئيءَ جي بيت "پنوھارن پاٻوھيو ٿي وس واھوندن. لٿو سيءُ سيد چئي ٻڌو ڦن ڦرن..." ۾ اصطلاح "ٻڌو ڦن ڦرن" جي معنيٰ آھي. "ڦر (مال جا ٻچا) ٿلھا متارا ٿئا"، مگر گربخشاڻي صاحب، شھواڻي صاحب، آڏواڻي صاحب ۽ مولانا قاسمي صاحب ان اصطلاح جي معنيٰ لکي آھي "ڦرن جا پير پڪا ٿئا".

(١٠) سُر ڏھر جي بيت "سڪي ڍور ڍيون ٿئو ڪنڌيءَ ڏنو ڪائو..." ۾ لفظ "ڪائو" جي معنيٰ آھي "پاڻيءَ جي لاٽ يا گھٽتائي" پر شھواڻي صاحب ۽ آڏواڻي صاحب "ڪکن جا ٻوڙا" معنيٰ لکي آھي.

(١١) سُر ڏھر جي ڪونجن واري داستان جي بيتن "وڳر اَڪيري سَر سارئو سور چري..." ۽ "وڳر وئا وھي، ڪالھہ تنھنجا ڪونجڙي - ڪنديڻءَ ڪوھہ رھي سَر ۾ سپرين ري" ۾ لفظ "سَر" جي معنيٰ آھي "ڪانگڙ يعني اَن پوک جي فصل لٽڻ ڪان ٻوءِ سرزمين تي سلن جون رھيل ڪتيون ۽ ٻاڙون ۽ پٽ تي ڪريل ان جي سنگن جا ٽڪر" پر شھواڻي صاحب، آڏواڻي صاحب ۽ مولانا قاسمي صاحب ان لفظ جي معنيٰ "ڍورو" لکي آھي.

(١٢) سُر ڏھر جي بيت "لاکو چڙھيو لکيءَ تي لکي لاکي ھيٺ - سونَھاريون سر ڪريو ٻيڙيو ٻڌي بيٺ..." ۾ لفظ "سونَھاريون" جي معنيٰ آھي "سوني ڳن يا مٿبي واريون تلوارون" پر شھواڻي صاحب ان جي معنيٰ لکي آھي "سونھن واريون - حسين زالون"، آڏواڻيءَ صاحب ان جي معنيٰ لکي آھي "سُندريون" ۽ مولانا قاسمي صاحب معنيٰ لکي آھي "سونھن واريون".

Gul Hayat Institute

(١٣) سُر ڏھر جي بيت "مديني جا ڏٿي سڻ منھنجا سڏڙا - تنھنجي آھہ ٿٽي ٻي ڪنڌي ساريان ڪانہ ڪا..." ۾ لفظ "ٿٽي" جي معنيٰ آھي "ڏڌَ - آسرو" پر شھواڻي صاحب ۽ مولانا قاسمي صاحب ان جي معنيٰ "پلؤ - سينو" لکي آھي.

(١٤) سُر پورب جي "ڪري ڪانگ ڪرنشون...." سان شروع ٿيندڙ داستان جي ھڪڙن ٽن بيتن ۾ استعمال ٿيل لفظ "ڏائو" جي معنيٰ آھي "ڪانءُ - ڪانگ" مگر شھواڻي صاحب ۽ آڏواڻي صاحب ان جي معنيٰ "ڪاٻو" لکي آھي.

(١٥) سُر ڪارايل جي بيت "پکي پيھي نڱئا منجھان لتڙن لک..." ۾ لفظ لتڙن جي معنيٰ

آهي ”گپ – چِڪ – راڦو“ پر شهواڻي صاحب ۽ آڏواڻي صاحب ان لفظ جي معنيٰ ”ٻيڙيءَ جي ۽ درياهہ وغيره جي ڪپ جي وچ ۾ رکيل تختو جنهن جي وسيلي ماڻهو ٻيڙيءَ مان لهن ۽ چڙهن“ لکي آهي. قاسمي صاحب ۽ قاضي صاحب ڪا معنيٰ ڪانہ لکي آهي.

(١٦) سُر بلاول جي بيت ”وڳند وري آيو ڪوٽڙيان ڪلاٽَ – سندو ڪرڙ ڪاٽ هڻ نرڳيءَ ڪي نڪٽي ۾“ لفظ ”نڪٽي“ جي معنيٰ آهي ”بلڪل ضرور“ پر مولانا قاسمي صاحب ان جي معنيٰ ”نڪ ۾“ لکي آهي ۽ شهواڻي صاحب ”نڪ ۾ – اصل – بنهہ“ لکي آهي.

(١٧) سُر بلاول جي بيت ”سومرين سام ڪنئي ابڙي ڪئو اَٺ پير...“ ۾ اصطلاح ”ڪئو اٺ پير“ جي معنيٰ آهي ”انڪار ڪئو“ پر شهواڻي صاحب ان جي معنيٰ لکي آهي ”قاصد موڪلئو“، آڏواڻي صاحب ”اٺ تي سوار ڪئو“ لکي آهي ۽ مولانا قاسمي صاحب ”قاصد – تکو پانڌي“ لکي آهي.

(١٨) ساڳئي سُر بلاول جي بيت ”ٻئَن مڙني ڏنيون ڏي نہ ڏونگر راءُ...“ ۾ لفظ ”ڏونگر“ ابڙي سمي جي پُٽ جو نالو آهي جنهن ابڙي سمي جي علاؤالدين سان جنگ ڪندي مارجي وڃڻ ڪانپوءِ پنهنجون سومريون عورتون علاؤالدين جي حوالي نہ ڪيون پر شهواڻي صاحب ”ڏونگر راءِ“ جي معنيٰ ”ڏونگر ڏٺي“ لکي آهي، آڏواڻي صاحب ”ڏونگر جو مالڪ“ ۽ قاسمي صاحب ”جبل جو مالڪ“ لکي آهي.

مٿي ذڪر ڪيل اوڻاين کي سنوارڻ ۽ درست ڪرڻ لاءِ هاڻي سنڌ جي سچاڻ سپوت ۽ جڳ مشهور عالم محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب همت جو سندرو ٻڌي شاهہ سائين جي ڪلام جي مختلف رسالن جي بيت ڪرڻ ڪانپوءِ ڪلام جي صحيح پڙهڻين جي تعين ڪرڻ سان هڪ جامع، مستند ۽ معياري متن مرتب ڪرڻ سان گڏوگڏ ضروري شرح ۽ لفظي معنيٰ جو ڪم شروع ڪري ڏنو آهي. ڊاڪٽر صاحب شاهہ سائينءَ جي رسالي جي اٽڪل ٥٠ کن قلمي نسخن ۽ ١٦– ١٧ ڇاپي نسخن جي تقابلي مطالعي ڪرڻ بعد شاهہ جي رسالن ۾ موجود سموري ڪلام کي ڏهن جلدن ۾ شايع ڪرڻ جي رٿا جوڙي آهي جنهن موجب جيڪو ڪلام ڊاڪٽر صاحب جي راءِ ۾ شاهہ صاحب جو پنهنجو نج ۽ معياري ڪلام آهي اهو نون (٩) جلدن ۾ ۽ باقي جيڪو غيرمعياري ۽ ڌاريون ڪلام آهي اهو ڏهين جلد ۾ ”شاهہ جو رسالو – رسالي جو ڪلام“ جي عنوان هيٺ شايع ڪيو ويندو. هيستائين معياري ڪلام جا ست جلد شايع ٿي چڪا آهن ۽ پڻ غير معياري ۽ ڌارئين ڪلام جو هڪ جلد (جلد ڏهون) ”شاهہ جو رسالو – رسالي جو ڪلام“ جي عنوان سان ڇپجي ويو آهي، جنهن ۾ سر ڪيڏارو ۽ سر شينهن ڪيڏارو شامل ڪيا ويا آهن.

ڊاڪٽر صاحب جي علمي بساط ڪان سنڌ جو هر هڪ ننڍو توڙي وڏو چڱي طرح واقف

آهي. صاحب موصوف سنڌيءَ ٻوليءَ سان گڏ سرائڪي، عربي، فارسي، اردو ۽ انگريزي ٻولين جو ماهر اهي ۽ لطيفيات جو ٻڻ وڏو ڄاڻو آهي. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي تحقيق جي دائري کي تمام وسيع بنياد تي اپاريو آهي جنهن ۾ لازمي ۽ قدرتي طرح کي سقم ۽ سهوون سرزد ٿيون آهن جن جي نشاندهي ڪرڻ تي ڊاڪٽر صاحب راقم الحروف ڏانهن لکيل هڪ خط ۾ اهڙي قسم جي اوڻاين جي اصلاح جو عنديو ڏنو آهي. بهرحال ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو ڪارنامون يقيناً هڪ عظيم شاهڪار آهي جنهن جي هوندي جهڙي تهڙي نسخي جو ميدان ۾ اچڻ سج جي آڏو ڏيئي جي برابر آهي پر اخلاص ۽ محبت جي حالت ۾ ڪجهه آجائي ۽ رعايت مليل آهي جيئن ته لطيفؒ سائينءَ ڀاڻ فرمايو آهي:

"جي سنهو نه سڪي ته مر رنڍائي روڙي،
سَٽ انهيءَ جو سيد چئي ويندا ترازيءَ توري،
ٿلهي ۽ توري ويچاريءَ سين وڙ ٿئو."

تنهن ڪري ان آجائيءَ جي آڌار تي آئون به پاڻ کي يوسف جي خريدارن ۾ نالي ڳڻائڻ جي تمنا سان پنهنجي طرفان سالن جي ڪوشش ۽ عرق ريزيءَ سان مرتب ڪيل شاهه سائينءَ جي نج ڪلام جو مجموعو لطيفؒ سائين جي پرستارن جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ جي جرئت ڪري رهيو آهيان. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو شاهڪار جيئن ته مٿي ذڪر ڪيل خط ۾ ڄاڻايل عنديي مان معلوم ٿئي ٿو ته صرف محققن لاءِ آهي پر عام پڙهندڙن لاءِ ناهي جڏهين ته راقم الحروف جي مرتب ڪيل مجموعي مان انشاءَ الله اميد آهي ته هر خاص ۽ عام پڙهندڙ لاڀ حاصل ڪري سگهندو. شاهه سائينءَ جي نج ڪلام جي اوڪڻ لاءِ مون جيڪو معيار يا ڪسوٽي تجويز ڪئي آهي ان جي ٿوري اپٽار هيٺين فقري ۾ ڏجي ٿي:

شاهه سائينءَ جي رسالن جي قديم نسخن ۾ درج ٿيل سُر بيراڳ هندي، سُر هير رانجهو، سُر ڍول مارئي، سُر ڏناسري ۽ سُر بسنت بهار کان سواءِ جن بيتن ۽ واين ۾ ڪن ٻين شاعرن جا نالا آهن يا جيڪي بيت ۽ وايون شاعرن جي نالن بنان، انهن قديم نسخن کان اڳ لکيل ڪن ٻين شاعرن جي ڪتابن ۽ بياضن ۾ درج آهن ته اهڙا بيت ۽ وايون بي دڙڪ ڌاريون ڪلام شمار ٿيندا. باقي بنان ڪنهن سند جي رڳو ائين چوڻ ته گهڻي غور، تفحص ۽ تحقيق جي بعد معلوم ٿيو آهي ته فلاڻو بيت يا وائي شاهه صاحب جو ڪلام آهي يا ناهي، مناسب نه ٿيندو يا اها راءِ قائم ڪرڻ به بي واجبي آهي ته ڇاڪاڻ ته فلاڻو بيت يا وائي سرائڪيءَ يا بلوچڪيءَ ٻوليءَ ۾ چيل آهي تنهن ڪري اهو بيت يا وائي شاهه صاحب جو ڪلام ناهي حالانڪ شاهه صاحب، جيڪو سنڌ جي جابلو ۽ ريگستاني علائقن جي رهاڪن سان رهاڻيون ڪندڙ هو يا جيڪو سنڌ جي عالمن ۽ بزرگن

Gul Hayat Institute

سان فارسي زبان ۾ خط و ڪتابت ڪندو رهندو هو. جيئن تہ سنڌس مخدوم معين الدين ٺٽي واري ڏانهن اويسي طريقي جي مسئلن بابت فارسيءَ ۾ لکيل خطن مان معلوم ٿو ٿئي. ان لاءِ سرائڪيءَ يا بلوچي زبان ۾ شعر چوڻ مشڪل ڪونہ هو. ان ڪان سواءِ اهو فيصلو بہ صحيح ناهي تہ جيئن تہ فلاڻو بيت يا وائي شاهہ صاحب جي اعليٰ شاعريءَ يا اعليٰ فڪر ۽ فهم جو آئيني دار ناهي تنهن ڪري ان کي ڏاريون ڪلام تصور ڪيو وڃي. انهيءَ نموني دائمي اختلاف جا دروازا کلي ويندا ۽ هر هڪ محقق پنهنجي ذاتي راءِ موجب شاهہ جي فڪر جو اندازو لڳائي فيصلو ڪندو رهندو جيئن تہ هيٺ ڏنل چند مثالن مان روشن ٿيندو:-

١. سُر ڪلياڻ جي ٻهرئين داستان جي پهرئين بيت ”اول الله عليم....“ بابت علامہ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي پنهنجي مضمون ”رسالي جا قديم قلمي نسخا“ جيڪو ماهنامي نئين زندگيءَ جي نومبر ١٩٥٣ع واري شماري ۾ ڇپيو ان ۾ لکيو آهي تہ ”منهنجي نظر ۾ تہ اهو بيت شاهہ صاحب جو چيل ئي ناهي“. جنهن لاءِ پنهنجي هڪ ٻي مضمون ”شاعر ۽ سگهڙ“ ۾ اهو سبب ڄاڻايو اٿس تہ ان بيت ۾ لفظي ورجاءَ ۽ تڪرار کان سواءِ ڪابہ خوبي ناهي جڏهن تہ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب پنهنجي طرفان ڇپايل ”شاهہ جو رسالو - شاهہ جو ڪلام“ جي پهرئين جلد جي صفحي ١٧٠ تي لکي ٿو تہ اهو بيت شاهہ صاحب جي اعليٰ شاعريءَ جو ثبوت آهي ڇاڪاڻ جو ان ۾ هم آواز سر - حرفي صنعت (Alliteration) ڪم آندل آهي. ٻين عالمن بہ ان بيت کي شاهہ صاحب جو ڪلام تصور ڪيو آهي.

٢. سُر ڪلياڻ ۾ يمن جون سرائڪي وايون ”عشق رانجهن دا لڳا مينون ماهي...“ ۽ ”دل ماهي دي نال لوڪو...“ جهونن قلمي رسالن ۾ درج هجڻ جي باوجود بہ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ سرائڪي زبان ۾ هجڻ جي سبب تي خارج ڪري ڇڏيون ۽ بعد ۾ مسٽر شهواڻيءَ، مسٽر آڏواڻيءَ ۽ علامہ آءِ آءِ قاضيءَ سنڌن مرتب ڪيل رسالن ۾ درج نہ ڪيون مگر ڊاڪٽر بلوچ صاحب سنڌس طرفان شايع ٿيل ”شاهہ جو رسالو - شاهہ جو ڪلام“ جي پهرئين جلد ۾ لکيون آهن.

٣. سُر يمن جو بيت ”عاشق عزازيل...“ جيڪو اعراقي شطيحيات جي قسم جو آهي، اهو ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ (بشمول ڊاڪٽر دائود پوٽي)، مسٽر شهواڻيءَ، مسٽر آڏواڻيءَ، علامہ آءِ آءِ قاضيءَ ويندي ديني عالم مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ پنهنجن مرتب ڪيل رسالن ۾ لکيو آهي پر ڊاڪٽر بلوچ صاحب اهو بيت سنڌس پاران شايع ٿيل جلد ڏهين ”شاهہ جو رسالو - رسالي جو ڪلام“ جي صفحن ٢٧٣ ۽ ٢٧٤ ۾ ڄاڻايل سببن ڪري، شاهہ جو ڪلام تسليم نٿو ڪري.

٤. وري ساڳئي متئين قسم جا سُر آسا جا بہ بيت: ”ڪافر ٿيءُ تہ ابهين باب شرع جا ڇڏ...“ ۽ ”احد احمد پاڻ ۾ وچان ميم فرق...“ ڊاڪٽر بلوچ صاحب سنڌس طرفان شايع ٿيل ”شاهہ جو رسالو - رسالي جو ڪلام“ جي پهرئين جلد ۾ درج ڪيل سُر ڪلياڻ ۾ لکيا آهن مگر

Gul Hayat Institute

قاسمي صاحب علامہ آءِ آءِ قاضي، شھواڻي صاحب ۽ آڏواڻي صاحب اھي بيت پنھنجن رسالن ۾ ڪونہ لکيا آھن.

٥. سُر پورب جي وائي ”ڪوا ڪان ڪان ڪندا وھاڻيءَ وٽن ۾...“ ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنھنجي رسالي ”شاھہ جو رسالو - رسالي جو ڪلام“ جي ٻي جلد ۾ لکيل سُر برووي ۾ درج ڪئي آھي، جڏھين تہ مسٽر شھواڻيءَ ان وائيءَ کي اڪر ”واھيات“ لکي رد ڪري ڇڏيو آھي. مسٽر آڏواڻيءَ ۽ علامہ آءِ آءِ قاضيءَ پڻ اھا وائي نظرانداز ڪري ڇڏي آھي.

٦. سُر ڪنيات جو بيت ”چنڊ تنھنجي ذات سڀ مڙاھيان سون ۾...“ پھرين صرف بمبئي ڇاپي وارن رسالن جي ذريعي عوام آڏو آيو ۽ ان کان اڳ جي ڪنھن بہ نسخي ۾ ڪونھي ان ڪري ئي مسٽر گربخشاڻيءَ، مسٽر شھواڻيءَ، مسٽر آڏواڻيءَ ۽ علامہ آءِ آءِ قاضيءَ ان بيت کي پنھنجي رسالن ۾ نہ لکيو پر ڊاڪٽر بلوچ صاحب اھو بيت شاھہ صاحب جو قرار ڏيئي پنھنجي طرفان شايع ٿيل ”شاھہ جو رسالو - رسالي جو ڪلام“ جي ٻي جلد ۾ سُر ڪنيات ۾ لکيو آھي.

٧. ڊاڪٽر بلوچ صاحب سال ١٩٧٢ع ۾ پنھنجي ڇپايل ڪتاب ”سُر ڪنيات جو مطالعو“ ۾ ڪجھہ بيتن کي غير فصيح ڪلام قرار ڏنو پر انھن مان چئن بيتن ”١. قمر ڪارو نانگ.... ٢. اٿ نہ وڃي وڳ سين ٻڏو چري نہ ٻور..... ٣. جي پياري پاڻ..... ۽ ٤. ميي ماڪائي وڏو وات ولين کي.....“ کي وري سندس ڇپايل ”شاھہ جو رسالو - رسالي جو ڪلام“ جلد ٻي ۾ سُر ڪنيات ۾ شاھہ جو ڪلام ڄاڻائي درج ڪيو آھي ۽ ڪجھہ بيت جن کي ”سُر ڪنيات جو مطالعو“ ۾ شاھہ صاحب جو ڪلام ڄاڻي لکيو ھئائين انھن کي ”شاھہ جو رسالو - رسالي جو ڪلام“ مان خارج ڪري ڇڏيو اٿس.

٨. ڊاڪٽر بلوچ صاحب، سُر بلاول جي چوٿين داستان وارا وروءَ عرف وڳند فقير متعلق ڇيل بيت، تہ اُھي ان حقيقت جي مڃڻ جي باوجود تہ اھي بيت شاھہ صاحب جي سوانح سان ڪنھن حد تائين تعلق رکن ٿا جو اھي ھڪ روايت موجب سندس حاضريءَ جي فقير بابت آھن، سندس طرفان شايع ٿيل ”شاھہ جو رسالو - رسالي جو ڪلام“ جي ٽئين جلد ۾ درج ٿيل سُر بلاول مان خارج ڪري ڇڏيا آھن جنھن جو سبب اھو ڄاڻايو ويو آھي تہ انھن بيتن جو شاھہ صاحب جي فڪر ۽ فھم سان ڪو واسطو ناھي جڏھين تہ ٻين عالمن جھڙوڪ علامہ آءِ آءِ قاضي، مولانا قاسمي صاحب، شھواڻي صاحب ۽ آڏواڻي صاحب اھي بيت پنھنجي رسالن ۾ درج ڪئا آھن.

انھن ٿورن مثالن مان ئي پڙھندڙن کي چڱيءَ پر معلوم ٿيندو تہ رسالن ۾ درج ٿيل ڪلام کي شاھہ صاحب جي اعليٰ شاعريءَ يا اعليٰ فڪر ۽ فھم جي پيماني جي نسبت سان پرکڻ ھڪ گورک ۽ سخت مونجھاري وارو معاملو آھي، ان ڪري مناسب طريقو اھو آھي تہ رسالن ۾

Gul Hayat Institute

درج ٿيل ڪلام کي صرف قدامت جي معيار تي پرکئو وڃي. جيڪو ڪلام قديم قلمي نسخن ۾ موجود آهي ان مان اهي بيت ۽ وايون جن ۾ ڪنهن شاعر جو نالو آهي يا جيڪي انهن قديم نسخن کان اڳ لکيل ٻي ڪنهن شاعر جي رسالي ۾ درج ٿيل آهن تہ انهن کي ڌاريون ڪلام شمار ڪيو وڃي. انهيءَ ئي نهج جي بنياد تي مون سال ١٩٦٠ع ۾ لکيل پنهنجي مسودي جي هيٺ ڏيکاريل قديم نسخن جي مدد سان ڇنڊڇاڻ ڪرڻ بعد نج ڪلام جو مجموعو تيار ڪيو آهي:-

١. لطيف سائينءَ جي درگاهہ تي تمر رح فقير جي اوطاق ۾ رکيل گنج.

٢. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جو سُر سسئيءَ سان شروع ٿيندڙ اوائلي دور (١١٦٥-١٢٠٧هہ) جي ڏهن قلمي نسخن جو سال ١٩٧٧ع ۾ ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز طرفان ڇپايل متن.

٣. حيدرآباد جي ٽنڊي مير محمود جي مير صاحبن جي ڪتبخاني مان هٿ آيل سُر سسئيءَ سان شروع ٿيندڙ قديمي قلمي نسخو جنهن بابت تفصيلي بحث مٿي هڪ فقري ۾ ڪيو ويو آهي.

٤. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جو سُر ڪلياڻ سان شروع ٿيندڙ سنہ ٦٩-١٢٧٠هہ دوران لکيل ٽن قديم قلمي نسخن جو ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز طرفان سال ١٩٧٤ع ۾ ڇپايل متن.

٥. سيد مسڪين شاهہ خانوٽ واري جي ڪتبخاني مان هٿ آيل سُر ڪلياڻ سان شروع ٿيندڙ سال ١٨٦٤ع ڌاري يا ان کانپوءِ اٽڪل ٻن ٽن سالن اندر لکيل آڳاٽو قلمي نسخو.

٦. ڀٽائي فقيرن ميين محمد ۽ ان جي ڀاءُ ميين حسين جو مشترڪ طور تي سنہ ١٣٠٠هہ ۾ لکيل رسالو ۽ انهن ٻنهي فقيرن جي مامي ميين احمد ڀٽائيءَ جو ١٣٠٤هہ ۾ لکيل رسالو. هي ٻئي رسالا جيتوڻيڪ ايترا آڳاٽا ناهن پر جيئن تہ انهن جي لکندڙن مان ميون حسين پاڻ هڪ وڏو راڳائي ۽ شاهہ سائينءَ جي ڪلام جو ڄاڻو هو ۽ ميون احمد ڀٽائي (جنهن شاهہ جي ڪلام جا اڳي بہ ٻيا ڪجھ رسالا لکيا هئا ۽ جنهن سان مير عبدالحسين خان سانگيءَ ۽ شاهہ سائينءَ جي سوانح، مذهب ۽ شاعريءَ تي انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب جي مصنف آنجهانيءَ مسٽر لالواڻيءَ رهاڻيون ڪيون هيون) هڪ وڏو اهل الله هو. تنهن ڪري انهن جي لکيل رسالن کي وڏي اهميت آهي.

٧. متنين تحريري مواد کان سواءِ، ڀٽائي صاحب جي راڳ جي مها ڄاڻوءَ ۽ ڪلام جي حافظ مرحوم فقير محمد ابراهيم خاصخيليءَ جي ياداشت مان پڻ استفادو ڪيل آهي.

ذڪر ڪيل ماخذن ۾ گنج شريف هڪ اهم ۽ معتبر نسخو آهي جيڪو سنہ ١٢٠٧هہ ۾

Gul Hayat Institute

شاھہ سائينءَ جي وفات کان ۴۲ سال پوءِ تمرُ فقير جي ھڪ برگزيدي خليفي ميان اسماعيل، جنھن سچا سارا سؤَ سال تمرُ فقير جي مسند نشيني ماڻي سموري حياتي تجرد ۾ گذاري سنہ ۱۲۸۲ھ ۾ ھن دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. جي ارشاد موجب فقير عبدالعظيم عرف وڏل شاھہ ابن سيد ميان ڪلان (وينل اڏيرو لعل تعلقو ھالا ھاڻي تعلقو مٽياري) لکي پورو ڪيو ھو. عام روايت آھي تہ شاھہ صاحب جي ڪلام جو اصلوڪو نسخو تمرُ فقير جي حفاظت ۾ ھوندو ھو جيڪو فقير صاحب لطيف سائينءَ جي پھرئين گادي نشين سيد جمال شاھہ جي رنجش سبب ڀٽ شاھہ کان ڪڍ ڏانھن ويندي اڏيري لعل ۾ دائري وارن سيد وٽ امانت طور رکيو ھو ۽ سندس وفات کانپوءِ بہ انھن سيد وٽ رھيو. انومان آھي تہ موجوده گنج شريف ان اصل نسخي تان سيد عبدالعظيم شاھہ اتاريو آھي ۽ ان ڪري ئي منجھس لکيل ڪلام زيادھہ قديم ۽ معتبر لکيو وڃي ٿو. گنج شريف جي قديم ۽ معتبر ھجڻ جي تائيد مرحوم علامہ ڊاڪٽر دائود پوٽي ماھنامي نئين زندگيءَ جي نومبر ۱۹۵۲ع ۽ نومبر ۱۹۵۳ع جي شمارن ۾ ترتيبوار ڇپيل مضمونن "ڀٽ تي ڀيرو" ۽ "رسالي جا قديم قلمي نسخا" ۾ ھن نموني ڪئي آھي "ھن وقت دنيا ۾ گنج کان سواءِ ٻيو ڪو نسخو وڌيڪ آڳاٽو ۽ معتبرڪونھيءَ ۽ "اصلوڪي گنج جي غير موجودگيءَ ۾ ائين چئبو تہ ڀٽ شريف تي جيڪو گنج رکيل آھي سو ئي موجوده قلمي نسخن ۾ وڌيڪ قديم ۽ معتبر آھي ۽ ان ۾ شاھہ صاحب جو سارو ڪلام سمايل آھي". مرحوم دائود پوٽي برٽش ميوزيم واري قلمي بياض جو بہ مطالعو گربخشاڻي صاحب سان گڏ ڪم ڪندي ڪيو ھو پر ان کي گنج جيتري اھميت نہ ڏني اٿس.

گنج شريف ۾ ڪل ۴۰۴۱ بيت ۽ ۲۸۷ وايون لکيل آھن ۽ بلڪل آخر ۾ ۳۵ بيت ميين شاھہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جا لکيل آھن جنھن کان سواءِ ڪجھہ ٻيا بيت شاھہ ڪريم جا، ڪجھہ بيت شاھہ عنايت جا ۽ ايڪڙ ٻيڪڙ بيت ڪن ٻين شاعرن جا اندر متن ۾ موجود آھن. انھن سمورن ڏارين بيتن ۽ سر ٻيراڳ ھنديءَ، سر ھير رانجھي، سر ڍول مارئيءَ ۽ سر ڏناسريءَ ۾ شامل ڪلام کي خارج ڪرڻ کانپوءِ بہ گنج شريف جيترو ڪلام ڪنھن ٻي قديم رسالي ۾ ڪونھي. سر بسنت بھار گنج ۾ لکيل ڪونھي.

ھتي گنج متعلق ھڪ ڳالھہ جنھن جي مونکي ذاتي خبر آھي، ان جي وضاحت ڪرڻ ضروري آھي. مرحوم علامہ ڊاڪٽر دائود پوٽي گنج شريف جو مطالعو، جيئن سندس مضمون "ڀٽ تي ڀيرو" مان ڏسجي ٿو، فبروري ۱۹۵۲ع ۾ ڪيو جنھن کانپوءِ اھو گنج بدين طرف جا ڪي ماڻھو تمرُ فقير جي اوطاق جي ساعيدار ياندريءَ نواز فقير کان ڪنھن نموني ٺڳائي ڪٺي ويا جيڪو ڪجھہ عرصي کانپوءِ مرحوم سيد غلام شاھہ ڀٽائيءَ جي ڪوشش سان واپس آندو ويو. ان عرصي ۾ ڪنھن ماڻھوءَ گنج جي ڇپاڙيءَ ۾ سيد عبدالعظيم شاھہ جي پنھنجي ھٿن سان

Gul Hayat Institute

گنج جي خاتمي بابت لکيل تحرير جي هيٺان ”بقلم فقير عبدالعظيم رمضان جت ساڪن بدين“ اکر لکي ڇڏيا جنهن جي بناء تي هاڻي ايئن سمجهيو پيو وڃي تہ عبدالعظيم شاهہ ڳوٺ رمضان جت ضلعي بدين جو ويٺل هو ۽ گنج شريف بہ ان ڳوٺ ۾ لکيو هئائين. گنج شريف جي سموري ڪتاب ۽ ان جي آخر ۾ سيد عبدالعظيم شاهہ جي لکيل تحرير کي جيڪڏهين غور سان ڏسبو تہ معلوم ٿيندو تہ ”بقلم فقير عبدالعظيم رمضان جت ساڪن بدين“ اکر جعلي آهن جيڪي مرحوم علامہ دائود پوٽي جي مطالعي وقت موجود ڪونہ هئا. مرحوم علامہ پنهنجي مضمون ”شاهہ جي رسالي جا ٽي آڳاٽا نسخا“ جيڪو ماهنامي نئين زندگيء سپٽمبر ١٩٥٧ع ۾ ڇپيو ان ۾ ڄاڻايو آهي تہ عبدالعظيم شاهہ اڏيري لعل جو ويٺل هو.

منهنجي طرفان مرتب ڪيل هن رسالي جو مکيہ بيخ بنياد گنج شريف آهي ۽ منجهس درج ڪلام جون پڙهٽيون سواء ڪن قليل جاين جي عموماً گنج شريف واريون اختيار ڪيون ويون آهن ڇاڪاڻ تہ گنج جون اڪثر پڙهٽيون ٻين قلمي توڙي ڇاپي رسالن کان زياده صحيح آهن. اها رڳي منهنجي راء ناهي پر اهڙي قسم جو وستار مرحوم علامہ ڊاڪٽر دائودپوٽي پڻ پنهنجي مضمون ”پٽ تي پيرو“ ۾ ڪيو آهي تہ گنج جون پڙهٽيون وڌيڪ موزون آهن ۽ متن قدامت جو رنگ آهي. محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب بہ ڪٿي ڪٿي پنهنجي مضمونن ۽ مقالن ۾ اظهار ڪيو آهي تہ گنج جي روايت مستقل ۽ معتبر آهي. گنج شريف جون جيڪڏهين ڪي پڙهٽيون ناموزون ڏٺيون ويون آهن جيڪي تمام ٿوريون آهن تہ انهن جي بجاء ٻين پراڻن رسالن جون پڙهٽيون اختيار ڪيون ويون آهن. گنج کان علاوه ڪي ٿورا بيت ۽ وايون مٿي ذڪر ڪيل قلمي رسالن ۽ فقير محمد ابراهيم خاصخيليء جي ياداشت مان ورتل آهن جن جي شناخت لاء انهن جو عدد شمار گول دائري ○ ۾ ڏنو ويو آهي.

ميين محمد ۽ ان جي پاءُ ميين حسين جي لکيل رسالي وارن انهن بيتن ۽ واين جي جيڪي گنج يا ٻين قديم رسالن ۾ ڪونہ آهن تن جي شناخت واسطي ڏنل گول دائري جي مٿان √ نشاني ڏني وئي آهي.

Gul Hayat Institute

هتي وچ ۾ هڪ اهم نڪتي جي وضاحت ڪرڻ بہ ضروري آهي. ڪن دانشورن جو خيال آهي تہ سُر ڪيڏارو شاهہ سائينء جو چيل ڪونهي پر هالن پراڻن واري احسان فقير ذات لانگاهہ جو چيل آهي جيڪو شاهہ صاحب جو هم عصر چيو وڃي ٿو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي هڪ تقرير ۾ جنهنجو خلاصو تاريخ ١٢-اپريل ١٩٩٥ع واريء/ عبرت اخبار ۾ شايع ٿيو هو، اظهار ڪيو هو تہ شاهہ صاحب جي رسالن ۾ درج ٿيل سُر ڪيڏارو هالن پراڻن جي هڪ سيد عبداللطيف حسنيء جو چيل آهي جيڪو شاهہ صاحب کان آڳاٽي دور جو شاعر هو ۽ سُر ڪيڏارو اجا تائين ان سيد جي درگاهہ تي ڳايو ويندو آهي (جڏهن تہ مرحوم محمد صالح پٽيء هالن پراڻن

واري جو چونڊ هو تہ احسان فقير جي پڙ تي ڳايو ويندو هو) پر سنہ ١٤١٧هہ /١٩٩٦ع ۾ ڊاڪٽر صاحب جي ڇپايل ڪتاب "شاهہ جو رسالو - رسالي جي ڪلام" جي صفحي ٨١١ تي ڄاڻايو ويو آهي تہ رسالي ۾ شامل ڪيڏاري جا گهڻا بيت قادري طريقي جي شيخ ۽ مُرشد سيد عبداللطيف (پراڻا هالا) جي فقيرن ڇيا ۽ گهڻي ڀاڱي اهي احسان فقير لانگاهہ ڇيا. مسٽر ايس - تبسم لطيفؒسائينءَ جي ٢٣٨ ورسيءَ جي موقعي تي رسالي "نذرلطيف" ۾ شايع ٿيل پنهنجي مقالي ۾ چيو تہ شاهہ جي رسالي ۾ درج ٿيل سُر ڪيڏاري ۾ ڪل ٧٣ بيت آهن جن مان ٤٣ بيتن جي لاءِ خود شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ صاحب جي راءِ هئي تہ شاهہ صاحب جا ڇيل ناهن باقي ٣٠ بيتن مان ١٢ بيت شاهہ صاحب جي هم عصر ٿرپارڪر جي مشهور شاعر صوفي فقيرن جي جدامجد صادق فقير جي رسالي ۾ موجود آهن ۽ رهيل ١٨ بيتن ڪي جي تحقيق جي ڪسوٽيءَ تي پرکبو تہ اورئي نظارو پسبو. هن وڌيڪ چيو آهي تہ شاهہ جي رسالي ۾ هر سُر ۽ هر سُر جي هر داستان ۾ شاهہ صاحب جو نالو يا تخلص موجود آهي مگر سُر ڪيڏاري جي ڪنهن بہ هڪڙي بيت ۾ شاهہ صاحب جو نہ نالو آهي ۽ نہ تخلص. مرحوم هز هائينس مير عبدالحسين سانگيءَ پنهنجي فارسي ڪتاب "لطائف لطيفي" جي ارڙهينءَ حڪايت ۾ لکيو تہ سُر ڪيڏارو لطيفؒسائينءَ جي تصنيف آهي مگر آخري داستان وارا بيت جن جي شروعات "ڪونئرڪلي جا ڪوڏيا جا نڪيتائين جيءُ..." بيت سان ٿئي ٿي اُهي بيت فتح فقير جا ڇيل آهن ۽ ان فقير جي التجا تي ڀٽائيءَ جي فقيرن ياد ڪيا ۽ آخر سنہ ١٢٥٠هہ ۾ رسالي ۾ داخل ڪيا.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب پنهنجي ڪتاب "فقير صاحب صوفي محمد صديق جو راڳنامون "جيڪو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ثقافتي مرڪز طرفان ١٤٠١هہ/ ١٩٨١ع ۾ ڇپايو ويو. جي مقدمي ۾ ڄاڻايو آهي تہ فقير صاحب ١١٧٠هہ (١٧٥٦ع) ۾ ڀٽائي صاحب جي وفات کان پنج سال پوءِ ڄائو هو ۽ جوانيءَ واري عرصي ۾ ڏاڍا هنيائين ۽ ڏاڍ مڙسيءَ ۾ نالو ڪڍيائين ۽ غالباً چاليهن ورهين ڪانپوءِ جوانيءَ جي موٽ بعد سندس طبيعت فقيريءَ ڏي مائل ٿي. هن حساب سان فقير صاحب ڪو ڪلام چيو هوندو تہ اهو سنہ ١٢١٠هہ (١١٧٠+٤٠=١٢١٠) کان پوءِ چيو هوندو. جڏهين تہ سُر ڪيڏارو سنہ ١٢١٠هہ تائين شاهہ صاحب جي رسالن جي پراڻن نسخن ۾ درج ٿي چڪو هو. لطيفؒسائين جي درگاهہ تي رکيل گنج شريف ۾ جيڪو سنہ ١٢٠٧هہ جي شروعات ۾ لکجي چڪو هو سُر ڪيڏاري جا ٧٦ بيت. برطانوي متحف (برٽش ميوزم لنڊن) جي ڪتب خاني ۾ محفوظ رسالي ۾ ٣٣ بيت ۽ حيدرآباد جي ٽنڊي مير محمود جي مير صاحبن جي ڪتب خاني مان هٿ آيل نسخي ۾ ٢٧ بيت لکيل آهن. صوفي صاحب جي رسالي ۾ ايس تبسم صاحب جا ڄاڻايل ١٢ بيت بہ انهن پراڻن رسالن ۾ اڳيئي درج ٿي چڪا هئا. وري جيتريقدر سُر ڪيڏاري ۾ ڪنهن بہ بيت يا وائيءَ ۾ شاهہ صاحب جي نالي يا تخلص نہ هجڻ جو تعلق آهي ان جو اهو جواب ڪافي ٿيندو تہ شاهہ صاحب جي مختلف رسالن ۾ هزارين بيت آهن جن مان صرف

Gul Hayat Institute

ڪن سَوَن بيتن ۾ شاهہ صاحب جو نالو يا تخلص آهي پر سُر ڪاموڏيءَ جي سڄي سُر جي ڪنهن بيت يا وائيءَ ۾ شاهہ صاحب جو نالو يا تخلص ڪونهي، اهڙيءَ طرح سُر رپ جي ڪنهن بہ بيت ۾ نالو يا تخلص ڪونهي. وري ايئن چوڻ تہ شاهہ صاحب جي رسالن ۾ درج ٿيل سُر ڪيڏارو احسان فقير لانگاهہ جي پڙ تي يا سيد عبداللطيف حسني/قادريءَ جي درگاهہ تي ڳايو ويندو آهي، تنهن ڪري انهن بزرگن سان نسبت رکي ٿو، ناڪافي ۽ نامناسب آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب ”صوفي فقير محمد صديق جي راڳنامي جي صفحي ١١ تي لکيو آهي تہ صوفي صاحب شاهہ جي رسالي مان گهڻو ڪلام پنهنجي مرشد جي درگاهہ جهوڪ شريف تي ڳارايو جنهن جو اهو مطلب نہ ٿيندو تہ اهو ڪلام صوفي صاحب يا ان جي مرشدن ڏانهن منسوب ڪجي.

احسان فقير جي رسالي ۾ جيڪو محمد صالح پنيءَ هالن پراڻن واري (جيڪو پهريون ماڻهو هو جنهن سال ١٩١٨ع ۾ انڪشاف ڪيو تہ شاهہ جي رسالن ۾ درج سُر ڪيڏارو احسان فقير جو چيل آهي ۽ اهو فقير جي پڙ تي ڳايو وڃي پيو) جي پٽن مسٽر محمد امين پروفيسر ائگريڪلچر ڪاليج ٽنڊو ڄام ۽ مسٽر محمد اشرف پنهنجي والد جي وفات (١٣٧٣هہ/ ١٩٥٣ع) ڪان پوءِ ڇپايو، ڪل ٩۴ بيت ۽ بيتن جي آخر ۾ ڪجهہ زاريون (وايون يا صدائون) آهن ۽ شاهہ صاحب جي مختلف قديم رسالن ۾ ٨٨ بيت ۽ ٦ وايون آهن، جن مان ٥٠ بيت (۴٥ بيت گنج شريف ۾ لکيل آهن) اهڙا آهن جيڪي (ڪن ڳچ بيتن ۾ ڪجهہ لفظي ڦيرڦار ۽ ڪجهہ مصراعن جي اضافي سان) احسان فقير واري رسالي ۾ لکيل آهن. انهن ٥٠ بيتن جو باهمي مقابلو ضميمي ”الف“ ۾ ڏنو ويو آهي ۽ باقي شاهہ صاحب جي رسالن وارا رهيل ٣٨ بيت ضميمي ”ب“ ۽ احسان فقير جي رسالي مان سُر ڪيڏاري جا رهيل ۴۴ بيت ۽ احسان فقير جي مذڪوره رسالي جي صفحن ٥١ کان ٦٦ تي لکيل سر ڏناسريءَ، سر سارنگ، سر يمن ڪلياڻ، سر بلاول، سر آبڙيءَ، سر معذوري، سر مارئيءَ، سر سهڻيءَ، ۽ سر يمن ۾ احسان فقير جا چيل جملي ٣٣ بيت، ضميمي ”ج“ ۾ ڏنا ويا آهن. انهن ٽنهي ضميمن جي مطالعي مان هڪ تہ اهو بخوبيءَ معلوم ٿيندو تہ شاهہ جي رسالن ۾ لکيل ڪيڏارو شاهہ صاحب جو ڪلام آهي جنهن مان ڪي بيت ڪجهہ لفظي ڦيرڦار ۽ ڪي بيت ڪن مصراعن جي اضافي سان، صوفي فقير محمد صديق جي راڳنامي وانگر، احسان فقير جي چيل ڪيڏاري ۾ شامل ڪيا ويا آهن ۽ ٻيو ڏسڻ ۾ ايندو تہ ضميمي ”الف“ ۾ اهڙي قسم جي اضافي مواد ۽ ضميمي ”ج“ ۾ لکيل احسان فقير جي سُر ڪيڏاري جي ۴۴ بيتن ۽ ٻين سُرن جي ٣٣ بيتن ۾ اها پختگي ۽ رعنائي ڪانهي جيڪا ضميمي ”الف“ ۾ شاهہ صاحب جي ٻلي ڏيکاريل بيتن ۽ ضميمي ”ب“ ۾ درج ڪيل شاهہ جي ٣٨ نج بيتن ۾ آهي. مرحوم مير عبدالحسين سانگيءَ جي روايت تہ سنہ ١٢٥٠هہ يا ان کانپوءِ شايع ٿيل شاهہ جي رسالن جي آخري داستان وارا بيت (جن جو عدد ١٩ آهي) فتح فقير جا چيل آهن، پڻ بي بنياد آهي ڇاڪاڻ تہ اهي سڀيئي بيت سنہ ١٢٠٧هہ ۾ لکيل گنج شريف ۾ موجود آهن. وڌي ٽيرس جي ڳالهہ اها ٿيندي تہ

شاهہ صاحب سُر رامڪليءَ ۾ هندو جوڳي فقيرن، سُر ڏهر ۾ ڪچ جي لوڙائو ۽ ڏاڙيل لاکي ڦلاڻيءَ ۽ سُر گهاتوءَ ۾ مورڙي مهاڻي ۽ ان جي ڀائرن جي ڪن خوبين کي ساراهي پر حضرت امام حسين ۽ انجي خاندان جن دين اسلام کي زنده رکڻ لاءِهيڏي قرباني ڏني، ان لاءِ ڪجهہ بہ نہ چوي. هن ساري بحث مان عيان آهي تہ شاهہ صاحب جي رسالن ۾ موجود سُر ڪيڏارو سندس چيل آهي ۽ ڪن ٻن ٽن بيتن ۾ لفظن "احسان سين" جي موجودگي ان حقيقت جي نفي نٿي ڪري سگهي. انهيءَ ڀاونجري جي روشنيءَ ۾ مون سُر ڪيڏارو شاهہ صاحب جو ڪلام سمجهي پنهنجي طرفان مرتب ڪيل رسالي ۾ داخل ڪيو آهي.

هيءُ رسالو ڪل ٣١ سُرن تي مشتمل آهي. منجهس جملي ٤٤٦٩ بيت ۽ ٣٠٠ وايون آهن، جن جي مفصل لفظي معنيٰ ۽ اصطلاحي معنيٰ متن جي هيٺان صفحن جي تري ۾ ڏني وئي آهي. جيڪڏهن ڪو لفظ يا اصطلاح هڪ کان وڌيڪ صفحن تي لکيل آهي تہ ان جي معنيٰ الڳ الڳ واسطيدار صفحن تي ڏني وئي آهي تان جو ڪيترن عام فهم لفظن جي بہ معنيٰ لکي وئي آهي جنهن کي يقيناً عام طرح غير ضروري تصور ڪيو ويندو پر حقيقت هيءَ آهي تہ جن لفظن کي اڄ اسين رواجي ۽ عام فهم سمجهون ٿا، ڪجهہ عرصي گذرڻ بعد اهي لفظ اسان جي شهري تہ ٺهيو پر ٻهراڙيءَ جي ٻوئين ٻوچ لاءِ، جيڪو انگريزي ۽ اردو ٻولين جو دلدادو ٿيندو وڃي، سمجهڻ مشڪل ٿي پوندا. هت هن باري ۾ هڪ دلچسپ قصو پڙهندڙ حضرات جي سڌ لاءِ لکجي ٿو. محترم ڊاڪٽر محمد اسماعيل شيخ جيڪو مرحوم ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل جو خلف رشيد آهي ٻڌايو تہ وٽس ٻهراڙيءَ جو رهاڪو هڪ مريض علاج لاءِ آيو جنهن کي ڊاڪٽر صاحب "جِڀ" ڏيکارڻ لاءِ چيو، مريض ويچارو جيئن تہ لفظ "جِڀ" کان ناآشنا هو وائڙو ٿي بيهي رهيو. ڊاڪٽر سندس مجبوري سمجهي ويو ان ڪري ورِي چيائينس تہ بابا "زبان" ڏيکار، جنهن تي هن هڪدم وات پٽي زبان ٻاهر ڪڍي. اها حالت تہ اڄ ڪالهہ جي آهي. خدا ڄاڻي اڳتي هلي ڇا ٿيندو! وڌيڪ متن کي آسانيءَ سان سمجهڻ لاءِ لفظن تي ضروري اعرابون ڏنيون ويون آهن ۽ اسمن، ضميرن ۽ فعلن ۾ مدغم ۽ لڪل نحوي علامتن کي جهڙوڪ حرف اضافت، حرف جر ۽ ظرف، لفظ جي معنيٰ سان گڏ ڄاڻو ڪيو ويو آهي.

رسالي کي قابل قبول بنائڻ لاءِ هر ممڪن جتن ڪيو ويو آهي پر جيئن تہ انسان خطائن جو پتلو آهي تنهن ڪري لازمي ڪيتريون غلطيون ادبي توڙي علمي پڙهندڙ حضرات جي ڏيان تي اينديون تن کي منهنجي ناتجربيڪاريءَ ۽ ناآموزيءَ کي نظر ۾ رکي درگذر ڪيو ويندو تہ احسان.

جيڪو ڪلام اڳين فقرن ۾ تجويز ڪيل معيار ۽ ڪسوٽيءَ جي آڌار تي ڌاريون ۽ اوپرو سمجهيو ويو آهي اهو جدا هڪ ضميمي ۾ ڏنو ويو آهي.

**ڀالهون خان شيخ،**

**ڀٽ شاهہ**

Gul Hayat Institute

# ضميمون – الف

## شاههِ صاحب جي رسالن ۾ درج ڪلام

۱

ڏنو محرم ماهه، ٿئو سَنڪو شهزادن ۾،
چاٿي هيڪ الله، پاڻ وٹنديون جو ڪري.

۲

ڏنو محرم ماهه، سنڪو شهزادن ٿئو،
مکي مديني ماٿهين، رنو متي راههَ،
تنهن واحد ڪي واهه، جو حُڪمَ ههڙائي ڪري.

۳

آيو محرم ماهه، عزت ٿي امير ڪي،
توشوڪئائون توڻ جو، ڪاٿيون پاٿي گاهه،
چاٿي هيڪ الله، مجيائون رضا رب جي.

۴

محرم موٽي آيو، آيا تان نہ امام،
مديني جا چام، مولا مونکي ميڙيين.

۵

محرم موٽي آيو، موٽئا تان نہ امير،
مديني جا مير، ڏاتر مون ڏيکارين.

## احسان فقير جي رسالن ۾ درج ڪلام

۱

ڏنو محرم ماهه، سونچو شهزادن ٿئو،
چاٿي هيڪ الله، پاڻ وٹنديون جو ڪري.

۲

مير محرم ماهه، پرينءَ پاڻ پيدا ڪئو،
مکي مديني ماٿهين، رنو متي راههَ،
تنهن واحد ڪي واهه، حڪَم جو ههڙا ڪري.

۳

آيو محرم ماهه، عزت ڪي امير جي،
توشو ڪئائون توڻ جو، ڪاٿي پاٿي گاهه،
چاٿي هيڪ الله، رضا مجيائون رب جي.

۴

محرم موٽي آيو، آيا تان نہ امامَ،
ورنهہ وري نہ ورئا، سندا عالَمَ چامَ،
عَلي آلِ محمدَ، اَلصلوٰة وَالسلامَ،
سند احق امام، ڏاتر مون ڏيکاريين.

۵

محرم موٽي آيو، آيا تان نہ اميرَ،
ورنهہ وري نہ ورئا، شبروشبيرَ،
آئون تن امان ڪي، سڪان منجهہ سريرَ،
اندر ۾ احسان چئي، اٿم نت اڪيرَ،
مديني جا مير، ڏاتر مون ڏيکارين.

Gul Hayat Institute

هٿن هاٿڪن ڪي، پانو پري پير،
ماري مصرين سِين، ڏونڊ ڪٽائون ڏير،
دهلئا ات دلير، پسي حملو مير حسين جو.

٣٢

ڪامل ڪربلا ۾، مرڪي ايا مير،
وڙهي ويرين سامهان، تڪا هينائون تير،
هئي ايءَ تقدير، اصل امامن سين.

٣٣

ڪربلا جي پڙ ۾، آيا پاڻ پيهي،
پهه ڪيائون پاڻ ۾، مقابل ويهي،
قضاهيءَ ڪيهي، هي هَي تي حسين سين.

٣٤

ڪربلا جي پڙ ۾، خيما ڪوڙيائون،
جهيڙو يزيد سامهون، جنبي جوڙيائون،
منهن نه موڙيائون، پسي تاءُ ترار جو.

٣٥

جنت سندين جوءِ، فائق هلئا فردوس ڏي،
فاني تئا في الله ۾، هوءِ ۾ پئاهوءِ،
يا ربّ ڏيکاريين روءِ، انهي جي احسان سين.

٣٦

هٿڻ هڪلڻ ٻيلي سارڻ، مانجيهان ايءَ مرڪَ،
وجهن تان نه فرق، رڪ وهنديءَ راند ۾.

٣٧

مر مرين آئون رَوئين، موتي آءُ مرَ ڪاند،
ڪچن وڏا پاند، جيئڻ تورا ڏينهڙا.

ڪهي تن ڪوڙن جا ڏونڊ ڪٽائون ڏير،
آرڻ ۾ احسان جئي، اچئو ڪن الير،
دهلئا سڀ دلير، پسي حملا مير حسين جا.

٣٢

ڪامل ڪربلا ۾، مرڪي آيا مير،
وڙهي ويرين سامهان، تڪا هنيائون تير،
هئي ايئن تقدير، اصل امامن تي.

٣٣

ڪربلا جي پڙ ۾، آيا پاڻ پيهي،
پهه ڪيائون پاڻ ۾، مقابل ويهي،
قضا اي ڪيهي، جا آئي اِمامن تي،

٣٤

ڪربلا جي پڙ ۾، خيما ڪوڙيائون،
جهيڙو يزيد سين، جنبي جوڙيائون،
منهن نه موڙيائون، پسي تاءُ ترار جو.

٣٥

جنت سندين جوءِ فائق هلئا فردوس ڏي،
فنا تئا في الله ۾، هوءِ سين تئا هوءِ،
كُلّ شَيءٌ يَرجِعُ اِلَي اصله، سابق متيائون سوءِ،
رب ڏيکارئين روءِ، انهن جي احسان جئي.

٣٦

هٿڻ هڪلڻ ٻيلي سارڻ، مانجهين ايءَ مرڪ،
وجهن تان نه فرق، رڪ وهنديءَ راند ۾.

٣٧

مر مرين آئون روئين، موتي آءُ مرَ ڪاند،
ڪچن وڏائي پاند، جيئڻ ٻَاتي ڏينهڙا.

Gul Hayat Institute

٣٨

مر مرين آئون روئين، موتي ڪانڌ مَ آءُ،
مچڻ تو پئان، ڪچو چونم جيڏيون.

٣٩

پچي آئين پچٽا، تو لڄايا يار،
وينيون ڪن ڪوار، منهن متاهان جن جا.

٤٠

منهن متاهان جن جا، سي پٽيو ڪين پار،
جيڏيون هن جهونجهار، اجاري اجا ڪئا.

٤١

ڏاڙهي رت رتياس، ڏند تہ موتين ڳتيا،
چوڏهينءَ ماهہ چند جيئن، پڙ ۾ پيشانياس،
سِيمَا هُم في وُجُوهِهِم، مُنهن ۾ مڻ ڳتياس،
اَللهُ نُورُالسمواتِ وَلاَرض جلوو زمِيناس،
ڪڪرا ڪربلا جا، مادر تي ميڙياس،
ڦتن تان رت ڦڙا، عليءَ تي اگهياس،
امت تي احسان سين، ٽيندي شفاعت سندياس،
مڙئي معاف ڪياس، خالق بدلي خون جي.

٤٢

ڏاڙهي رت رتياس، ڏند تہ ڏاڙهونءَ گل جيئن،
چوڏهينءَ ماهہ چند جيئن، پڙ ۾ پاڳڙياس،
ميڙي ۾ مهنديين، مر مرڪي ماس،
تنهن سورهہ کي شاباس، جو متي پڙ پرزا ٿئي.

٤٣

سورهہ مرين سوپ کي، دل جا وهم وسار،
هڻ پالا پَوُ پاڪرين، آڏي ڍال مَ ڍار،
متي ٽيڪ ترار، مار تہ متارو ٿئين.

٣٨

مر مرين آئون روئين موتي ڪانڌ مَ آءُ،
مچڻ تو پئان، ڪچا ڪنم جيڏيون.

٣٩

پچي آئين پچٽا، لڄائيي پئي پار،
وينيون ڪن ڪوار، منهن متاهان جن جا.

٤٠

منهن متاهان جن جا، سي پٽيوڪين پار،
جيڏيون هن جهونجهار، سي اجاري اجا ڪئا.

٤١

اعضاءَ رت رتياس، ڏند تہ ڏاڙهونءَ گل جيئن،
چمڪي چوڏهينءَ چند جيئن، پڙ ۾ پاڳڙياس،
سيماهم في وجوههم من آثرالسجود منهن ۾ مڻ ڳتياس،
الله نورالسموات ولارض، جلوو جبيناس،
ڦڙا رت ڦتن تان، عليءَ تي اگهياس،
ڪڪرا ڪربلا جا، مادر تي ميڙياس،
متان لڳن پرينءَ کي، اهڪن انگڙاس،
امت تي احسان چئي، ٽيندي شفاعت سندياس،
مڙئي معاف ڪياس، خالق بدلي خون جي.

٤٢

ڏند تہ ڏاڙهونءَ ڪِڙ جيئن، ڏاڙهي رت رتياس،
مولهيو مير حسين جو، پڙ ۾ پاڳڙياس،
تنهن سورهہ کي شاباس، جو متي پڙ پرزا ٿئي.

٤٣

سورهہ مرين سوپ کي، دل جا وهم وسار،
هڻ پالا پَوُ پاڪرين، ترس مَ پسي تار،
متي ٽيڪ ترار، مار تہ متارو ٿئين.

Gul Hayat Institute

۴۴

چار ترارين چيلھہ تي، ٻڌي ٻہ پاڳون،
اڳين جون آڳون، ڪَؤنرَ ڪلي ۾ موڪيون.

۴۵

آيا اجارين، تنگ ترارئين تئرا،
ساٽڪيون سائن هٿ ۾، ڪلهنئون نہ لاهين،
ايائي آهين، مهائي مرڻ تي.

۴۶

ڪربلا ۾ ڪوڪ، ساجهر شهزادن جي،
عالم جا ملوڪ، رڪ روهي جهليا.

۴۷

ڪربلا ڪڪوري، دلدل رتا پير،
ستون ڏيندي شير، متان سچ مُرڪئو.

۴۸

پاڪ جني جا پير، ڪتان هيٺ نہ هيرئان،
تنج ترارين تيجئا، چٽيو پون چڳير،
ڏڙ تني جا ڏير، ڳجهڙين ڳرلايا.

۴۹

ڪئونر ڪلي جا ڪوڏيا، جانڪي تان تو جيءُ
متي اڙن اُسري، رڪ پيالو پيءُ،
ڳاھہ ڳجهن جو تيءُ، ويني جن ورهہ تئا.

۵۰

ٺڪ ڪَسَنئي ڳجهڙي، لڳين پوئي واءُ،
اميرن متان، تو قلين چائون نہ ڪيون.

۴۴

چار ترارين چيلھہ سين، ٻڌي ٻہ پاڳون،
اڳين جون آڳون، ڪؤنر ڪلي ۾ واريون.

۴۵

آيا اجارين، تنگ تراريون تيوڙا،
سانگيون سائن هٿ ۾، ڪلهَنئان نہ لاهيو،
سنيوڙا آهين، مهائي مرڻ تي.

۴۶

ڪربلا ۾ ڪوڪ، ساجهر شهزادن جي،
حسن مير حسين جي، هَي هَي وَهي هوڪ،
عالم جا ملوڪ، سچ ڪِ سورج جهلئا.

۴۷

ڪربلا ڪڪوري، دلدل رتا پير،
ستون ڏيندي شير متان سچ مُرڪٺو.

۴۸

پاڪ جني جا پير، ڪتان اَو نَہ هيرئان،
تنگ ترارين تيجئا، چٽيو پون چڳير،
اڄي واهر وير، شير شهادت رسئا.

۴۹

ڪؤنر ڪلي جا ڪوڏيا، جانڪي تان جي،
متان اڙن اسري، رڪ پيالو پي،
جنت جاءِ تي، سڪندي جنهن سال تئا.

۵۰

ڪنب ڪسنئي ڳجهڙي، لڳين پَوَئي واءُ
تو امامن متان، قلين چائون نہ ڪيون.

Gul Hayat Institute

## ضميمون – ب

### (صرف شاهہ صاحب جا نج بيت)

١

ميـر مـديـنـئـان نـكـري، ديرا ڏنائون،
ڪاتيءَ پاٽيءَ گاهہ ڪي، ماٿهو مڪائون،
چڙهندي چيائون،، تيندي ويڙهہ وڏاندري.

٢

ميـر مدينئـان نـكـري، رڙهـئا متي رند،
گـهوڙا تـن گـهوتـن جـا، پريا متي پند،
جت رهـنـدا راتـڙي، سي سونـهـارا هـنـد،
ڪلها ڪرنگهر ڪنڌ، جهرن جهونجهارن جا.

٣

سـخـتـي سـيـادت ڪي، نـسـورو ئـي ناز،
ڪي رند پروڙين راز، قـضيـو ڪربلا جـو.

٤

قـضيـو ڪـربـلا جـو، مـڙوئي مـلار،
ڳالهہ سچيائي ڳجهہ جي، اِلاهي اسرار،
مولو ٿئو مختيار، پنهنجن جون پرکون لهي.

٥

جني جهيڙئو ڪالهہ، عليءَ جي اولاد سين،
هاءِ تني جي حال، جي جماعتي يزيد جا.

٦

جني جهيڙئو اج، عليءَ جي اولاد سين،
ياءِ تني ڪان يج، جي جماعتي يزيد جا.

٧

جني جهيڙئو هاڻ، عليءَ جي اولاد سين،
مهندان پوندين ڪاڻ، ٿئا جماعتي يزيد جا.

٨

ڪلي وير ڪٽڪ ۾، هَي جي حسن هو،
پهرئين، پيري پاءَ تي، پتنگ جيئن پئو،
آهي ڪير پئو جو هلان ڪري حسين تي.

٩

حسن مير حسين جو، جن نہ هينئڙي جار،
خالق رب جبار، ڪين مرهيندو تن کي.

١٠

ڪوفين قهر ڪئو، ٿئا جماعتي يزيد جا،
پَرِ ۾ پليتن ڪي، ورنهن وَرِ پئو،
سذر هون سهو، شير شهادت رسيو.

١١

ڪوفين خط لکئو، وچ وجهي الله،
اسين تائب تنهنجا، تون اسان جو شاهہ،
هيڪر هيڏي آءُ، تہ تخت تابيني تنهنجي.

١٢

ڪا جا ڍري ڊونگري، ڪو جو ورئو واءُ،
آين ۾ اوس پئو، چپر چڙهيو شاهہ،
عليءَ شير وياءَ، رڻ ۾ پيين راتڙي.

Gul Hayat Institute

١٣

گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ تورا ڏينهڙا،
ڪڏهين منجهہ ڪوٽن، ڪڏهين واهي رڻ جا.

١۴

ڪانڌ ڪلاڙين ڪپڙين، ور ونايو آءُ،
جت سانگن جي سٽ وهي، وڪ وڌندي پاءِ
جان جان نونڌين نہ چڙهين، تان تان پوءِ مَ لاهہ،
مچڻ تو پئان، ڪچو ڪنم جيڏيون.

١۵

سلطاني سلطان، ڪلنگيون جن ڪپار ۾،
ڪيڏو شرف قرآن ۾، شاهہ تنهنجو شان،
ڪوني ڪربلا ۾، مارياءُون مزمانَ،
منهن ڪاري مروان، لعنت لڪي لعين کي.

١٦

آيو علي شير، مرڪٽو مديني ڏٽي،
سونهاري سيد ري، ڪوت پچندو ڪير،
شير ونتو وير، پڙ ۾ پوارا ڪري.

١٧

ڪامل ڪربلا ۾، سورهہ ساماٽا،
ڪندا راماٽا، ڪؤنر ڪلي جا ڪوڏيا.

١٨

ڍال ڍڙڪو ڀاڳ ڦڙڪو ڪند ڪڙڪو مانجهيان
ايءُ مرڪ،
وجهن تان نہ فرق، رڪ وهنديءَ راند ۾.

١٩

ڍال ڍڙڪو ڀاڳ ڦڙڪو ڪند ڪڙڪو مانجهي جت مرن،
مصرين منهن ڪيئا، هڏ ڪَرڪِرا ڪن،
الله شهزادن، سوپون ڏيين سچا ڏٽي.

٢٠

جهمنديون اچن، جهوليون جهونجهارن جون،
پايو پڪ پهار جا، تن وهون واڪا ڪن،
پتين پار ڪٽن، رڻ گجئو راڙو ٿئو.

٢١

پڳو آئون نہ چوان، مارئو تہ وسهان،
ڪانڌ منهن ۾ ڌڪڙا، سيڪيندي سونهان،
تہ مَرَلج مَران، جي هونس پٽ ۾.

٢٢

پچي آئين پچٽا، لڃايئي مون سيڻ،
وينيون وجهن وينڻ، منهن متاهان جن جا.

٢٣

سورهہ مرين سوپ کي تہ جَنگ جامي سين جوڙ،
آرڻ تيغ عشق جي، تنهن ڪان منهن م موڙ،
وهم حيلا پانهنجا، منجهان من واڍوڙ،
ناجي نفسَ نهوڙ، تہ راز پسين ان رڻ جو.

٢۴

ڪربلا ۾ ڪوڪ، آهي شهزادن جي،
ماري مير ملوڪ، جهلي رڪ رهايا.

٢۵

پرهہ پڪي آيو، ڪربلان ڪهي،
روضي پاس رسول ﷺ جي، تنهن هلي هاڪَ هنئي،
ڏنيم رڪ رئي، چڙهہ مير محمد ﷺ عربي.

Gul Hayat Institute

٢٦

پرهہ پکي آيو، صبح سوارو،
روضي پاس رسول ﷺ جي، جنهن هنيو هاڪارو،
مانجهن ڪئو مارو، چڙهہ مير محمد ﷺ عربي.

٢٧

پرهہ پکي آيو، لچئو ليلائي،
ڪربلا جي پڙ ۾، آرازو آهي،
اڇي رس ڪاهي، چڙهہ مير محمد ﷺ عربي.

٢٨

پرهہ پکي آيو، ڪربلا مان ڪالهہ،
آيو آلودو رت ۾، هَي هَي مَنجهَان حال،
گهوٽ وٽايا ڪالهہ، بيلي مير حسين جا.

٢٩

ڳجهن ويني ڳرهيا، ڏنجها ڏک گهٽا،
تنگي لٿين توڻ جي، سورهہ ساماٽا،
ڪندا راماٽا، ڪؤنر ڪلي جا ڪوڏئا.

٣٠

ڳجهون ڳاڙهي وات، اڄ اڏامي آيون،
پڇن تيون پريات، ڪٿي راول رانئيا.

٣١

ڇپر جيئن پهون، تيئن رڻ ڳجهن ڇانيو،
وڪا وڪن ڳڏئا، ڊوڙئو ڏين ڊهون،
مهاين وهون، نير مهانگو ڪنديون.

٣٢

ڳجهون ڳوٺ نہ هون، وتن ڪلي ڪوڏيون،
حسن مير حسين ڪي، لمئو لائون ڏين،
ڳتا آڪولين، چوتا چوزيرن جا.

٣٣

ڳجهڙين ڳارو، راتو ڏينهان رڻ ۾،
پٽئو پڇن پاڻ ۾، ڪنهن منهن ڪيڏارو،
ڪين ڪڳ مارو، ڪانئر پيو ڪنو ٿئي.

٣٤

ڳائو ڳجهہ نہ ڪاءِ، ميهي ماسَ نہ هيرئين،
ويني تن واجهاءِ، ڪلنگيون جن ڪپار ۾.

٣٥

اڪيون ڪڍ مَ ڳجهڙي، تارا تاڻ مَ ڪاءِ،
پئو نہ ڏسين پٽ ۾، ريڳڙيارو راءِ،
جيري تنهن جوان جي، لڳا نوسؤ نوَ گهاءَ،
رات تنهنجي ماءِ، روئي پرنئو رب کي.

٣٦

چنڊ وهاٽيءَ چڙهئا، مل مدينئان مير،
تن سين طلب باز تبرون، ڪند ڪتارا ڪير،
عليءَ پٽ امير، ڪندا راڙو رڪ جو.

٣٧

چنڊ وهاٽيءَ چڙهئا، مل مدينئان گهوٽ،
ان سين طلب بار تبرون، ڪند ڪتارا ڪوٽ،
عليءَ پٽ اموٽ، ڪندا راڙو رڪ سين.

٣٨

چنڊ وهاٽيءَ چڙهئا، مل مدينئان چام،
ان سين طلب باز تبرون، نيزا ۽ نيشان،
عليءَ پٽ امام، ڪندا راڙو رڪ سين.

Gul Hayat Institute

## ضميمون - ج
## (صرف احسان فقير وارا نج بيت)
## سُر ڪيڏارو

١

محرم آيو موٽي، عاشوري ايام،
ورنهه وري نه ورئا، عالمَ جا امام،
الفراق بيني بينهما، جان سين ٿئي قيام،
صحيح شفاعت ان جي، امت متي عام،
عالمَ ٿئو انعام، انهن کي احسان چئي.

٢

محرم موٽي آيو، آيا تان نه امام،
عاشق معشوق وچ ۾، ڪا مخفي هئي مام،
سوڌي سڌ نه ڪنهنکي، ري عالمَ جي علامَ،
شب و روز سلامَ، احسن امامن تي.

٣

محرم موٽي آيو، مانجهي موٽئا ڪين،
جايون ان لَئي جڙيون، منجهه اعليٰ عليين،
سيّدي شباب اهل الجنّة، صفت سندين،
اهڙائي احسان چئي، منهنجا مير مدين،
توڙائين تسڪين، آهين عاصيڙن جا.

۴

مندون موٽي آيون، آيا تان نه امير،
موٽئا نه مديني ڏٽي، شهزادا شبير،
رڻ ۾ رڪ رائيا، ڪوپا ڪوڏ ڪبير،
توڙئون ايءَ تقدير، لکي هَيَنِ لوح ۾.

۵

لقب لطيف ان جا، اطهر اسم سندان،
اَبو محمدٍ الحسين اَبو عبدالله الحسين ڪُنيت ڪريمان،
اَهلَ البيَتِ يُطَهِّرکُم تطهيراً، اهو نص قران،
ادب ڪر احسان، وٽ مَ نانءُ وضوءَ ري.

٦

ساراهه ساداتن جي، آهي هر آدم تي حق،
آيت اِنمـاَ يُرِيدَ اللهُ جو، واري ڏس ورق،
فرمودو فرقان جو، تنهن ۾ شرڪ نه آهي شڪ،
احسن انهيءَ ڳالهه جو، محبن آهي مرڪ،
مون ڪي سائينءَ ڏنو سبق، توڙائين تعريف جو.

٧

ڪاملَ ڪربلا ۾، آيو ابن علي،
سو شمسين قمرين، هو ولي عهد ولي،
قربئون ڪوڏ نپايا، بِيبيءَ سي پلي،
سي ساهه برابر سانديا، سيّده او صبي،
هاڻ ان جي احسان چئي، حال حقيقت هي،
نورالعين نبي، رڻ ۾ پيين راتڙي.

٨

دل ۾ دور داوري، يد ۾ ذوالفقار،
مير آيا ميدان ۾، سائو ۽ سردار،
عالمَ عَلَوي سُفليءَ ۾، ڏنڊ پيو دهڪار،
پڙ تي پيرن ڪان ڪسئو، ڏرتي ٿئي ڏار،

Gul Hayat Institute

اصغر جي افسوس جي، هڏهين حد نہ ڪا،
ڪنهن کي سورَ سٽايان، اڇن جي اندران،
دل دانهن ري نہ رهي، پر مون مات جڳاءِ،
عبرت وٺ احسان چئي، ات انديشو آهہ،
صاحب جا سُهاءِ، مڙئي موچاري چُئان.

٣٠

هيري ۽ موتين جو، هٽڙس هول ڪنگول،
مولهيو مير حسين جو، رتو منجهہ رتول،
هٽي هزارين هول، پانپ ايو پڙ ۾.

٣١

نرمل راوت راءُ، حسن مير حسين هو،
سو سگهارو سيني پرئين، ڪامل ڪيهر ڪان،
سو افضل اڪمل اطهر هو، ابن اسد الله،
اڳي اٿي اسري، هوند ڪرهہ ڪن ڪهڙا،
پر ايئن ٿي احسان چئي، سندي رب رضا،
آڳي ڪيو اڪمل ڪي، سيّد الشهداءِ،
عِلم جِي الله جي، ڪنهن کي ناهہ ڪرا،
صفت ۽ ثنا، جڳائي جبار کي.

٣٢

اول ڪي ان جي، ساراهہ سبحانا،
آئون ڇا ڪندس اِمام جي، وَجَهہ جي وصفا،
سج چنڊان ئي سهڻو، احمر اطهرا،
اسودعين امير جا، جيئن تارن ۾ تارا،
جوڙ نہ ٿئي جن سين، سبع سيارا،
پنبڻ پاڪيزا پرين جا، سونهن سونهارا،
جاڙا ڀرون جبهت ۾، مانند ڪمانا،
ڏند سونهن دهان ۾، ڪر لولؤ ابيضا،
لِحيتَ شريف شاهہ جي، ڪر قمر جو قرصا،
احسن ڳچي امام جي، طرحين تعريفا،
محبن مدح ثنا، وڏيائي ورونهن ٿي.

٣٣

اِنهي اونهي سر جي، ڪل نہ پوي ڪا،
ذرو ڪو ظاهر ٿئو، منجهہ روضة الشهداءِ،
حسن مير حسين تولد ٿئو، موچارو مقبولا،
سيت سرهايون ٿيون، وهسڻ وڻ لڳا،
رسول ﷺ ڪريم سڪر ڏني، سونهاري سهجا،
تان آيئنئا الهي آيو، ملڪ جبرئيلا،
سلام چيائين مبارڪ ڏنائين، ڪيائين ترتيب تفريقا،
رشڪ وئو رب کي، اپر ان پيرا،
تہ تون محبوب منهنجو، ڪي ڪارڻ ٻئنئا،
تڏهين هل هنگامون ٿئو، روئڻ رنجائٽا،
ان پر احسان چئي، حقيقت حالا،
مِني مات جڳاءِ، ڪجڻ آهي ڪينڪي.

٣۴

اچي بينا حضور ۾، ٻئي شهزادا،
گهوتن گهرئا ڪپڙا، ناني نبيءَ ڪان،
مير مبارڪ مرڪي چيو، مرسل پاڻ منهان،
تہ ڪجهہ آهي ڪينڪي، ڪپڙا ٿين ڪها،
خاص ات خوض ٿئو، چي جهان هون تها،
تڏهين وچي وني آيو، پيرهن پاڪيزا،
رنگ تن رختن جو، هو سبز ۽ سرخا،
سبز صورت زهر جي، سرخ شمشيرا،
تڏهين پاڻ پروجهي ڳالهڙي، ڪچيائون ڪِن مُهان،
شڪر ڪري صاحب جو، وصف ۾ وينا،

Gul Hayat Institute

ايڏو علم اعليٰ، هو اطهرن احسان چئي.

٣٥

صادق صابر عابد عارف، سالڪ صاحب سلوڪ،
راسخ راحم صائم دائم، منهنجو مير ملوڪ،
مهدي مهتدي شافع رافع، موچارو مخلوق،
موليٰ جو معشوق، عاشق او احسان چئي.

٣٦

حورون مير حسين لاءِ، پر پر پاڪارين،
هلئو حضرت بيبيءَ وٽ، اچئو اوسارين،
ڪوفي ڪربلا ۾، پاڻي نہ پيارين،
مرد مِنا مارين، عَدُوَ آلِ رسول جا.

٣٧

حورون سينگارين، پٽ عليءَ شير جا،
ڪربلا جي پڙ ۾، سهرا سنوارين،
نڪرئو نهارين، حسن مير حسين کي.

٣٨

حسن مير حسين لاءِ، پٿر پٽون پون،
ماتم محبوبن کي، مرهيندڙ مانکي هون،
رتَ ورنو رون، مرڪڻَ مانجهيءَ مير کي.

٣٩

گهوريو گهوريان پاڻ، ساهہ مٿان تن صدقو،
آئون جي ان زمين ۾، هئڙس شاهن ساڻ،
تہ وڙهي تن ويرين سين، ٿيس سچو رت ڇاڻ،
احسان نهيءَ ارض تي، هوند هئس ميرن سان مهمان،
جيئن ڪُتو قبولئو ڪَهن جو، انهيءَ ئي اهڃاڻ.
ويجهو ٿيم وٿاڻ، هوند ڪربلا جي قريئي.

٤٠

ادل منهنجون اکيون، راتو ڏينهن رون،
دل ۾ دردگداز جا، پور اچئو پون،
ريگاڙيون روئڻ جون، مرتان منهن تي هون،
اگهان ڪين احسان چئي، مر چريو چون،
ڏٺيم اچي ڏون، ڳوڙها هن ڳلن تان.

٤١

راحت آهي روئڻ ۾، ڪارڻ امامن،
ان ۾ احسان چئي، مطلب مومن،
پاٽيٿ سان نہ پاڙيان، ڳوڙها سر ڳلن،
ماٺڪ مير محمّدﷺ کي، اهي آوڙن،
موتي مَٽ نہ ڪجن، حالت جي هَنجن سين.

٤٢

پهرين پليتن تي، ڪئو حملو حر،
مرتد گهٽا مارئا، غلبو ڪري گر،
آرڻ ۾ احسان چئي ڪي پيارن پر،
پئي دانهہ در، آيا ڪم امام جي.

٤٣

سورهہ سياڻو، ڪونہ ڏٺوسون ڪٿهين،
ڏي گهورون گهٽن ۾، گهمي جيئن گهاٽو،
ائين ٿا چاٽون، تہ سوڀ صرفي نہ ٿئي.

٤٤

برڪت شهادت اوهانجي، حسن مير حسين،
پنان ٿو پرور کان، دعا هيءَ دن رين،
هڪ سوڪائي سڪرات جي، ٻي قبر روشن زين،
آسودگي اولاد جي، ٽئا اُجرا هئنم عين،
سيّد منهنجي سين، اگهايو احسان چئي.

Gul Hayat Institute

## سُر ڏناسري

١

نبوت نبيءَ کي، ولايت علي،
شهادت سبطين کي، قدرت قادري،
ڏاتر ڏني ڏات مان، ايڏي سگهہ سميع،
واهر ٿي وسيع، اسان تي احسان چئي.

٢

قادر پير قدرت ڏي، جيسين جيان منجهہ جهان،
تيسين طالب حق جو، ڪرين تون سلطان،
اڳوندرو احسان سين، ڪرين دشمن لاءِ گهمسان،
متان مون مهربان، هادي لاهہ ۾ هتڙا.

٣

قادر پير قوت، توکي سائينءَ ڏني سيڪا،
حمد محض شاهہ سين، حيدر جي همت،
عاجز جن احسان تان، تون هادي لاهہ ۾ هٽ،
ميران شاهہ منت، سَٽج سواليءَ جي.

۴

قوت قادر پير، توکي سائينءَ ڏني سيڪا،
عاجز هجن احسان تي، تون مدد ڪرين مير،
فڪر لاهہ فقير، تون برين بحرين بادشاهہ.

۵

سڌر پير سندوم، هادي همت اڳرو
ميران محشر ماڳ ۾، وڏو وسيلوم،
عاجز هن احسان کي، چن نہ ڇڏيندوم،
مرشد مهر ڪندوم، سختيءَ ۾ سڪرات جي.

٦

دامن لڳو آهيان، سرڻ تنهنجي سام،
مولا مسڪين جي، واهر ٿي وريام،
عليءَ جي احسان چئي، لڙهہ لڳو آهيان لام،
عالم جا امام، مدد ڪر مولا علي.

٧

ميان صاحب دلدل ڏٺي، دولهہ مون سردار،
ڀڳئي ڪوٽ ڪفار جا، نعرو هٽي نروار،
ايڏي اسد الله کي، ڏني سگهہ ڏاتار،
الله لڳ احسان چئي، مدد ڪر مون وار،
اي ڪامل ڪرار، مددڪر مولا علي.

٩

صبوح سوال سٽج، سائين سندام سڏڙا،
مولي علي مرتضي، وهلو واهہ وريج،
عاصين تي احسان چئي، هادي هٿ ڏريج،
ڪامل ڪرم ڪريج، مدد ڪر مولا علي.

١٠

ميران مريدن جو، آهي حامي حضرت پير،
داور دلگيرن جو، آهي داتا دستگير،
امر سان اجراء ڪري، فلڪ اڳئونس فقير،
جن پينارن پير، تن لٿو غرض لنگاهہ چئي.

١١

قلزم قادر پير، پئا سڀ نديون نيڙ ٿئا،
جيئن اڳرو انبيائن ۾، محمدﷺ مير منير،
تيئن تون ڪل بادشاهن بادشاهہ. ڪل پيرن جو پير،
تنهنجو سوالي گدا علي، لنگهولي فقير،
تون دلگيرن دلڏير، آئون اوهانجي آسري.

Gul Hayat Institute

## سُر معذوري

١

پرين پارس جهڙا، سون ورني سونهن،
قمر ڪوڪب پريون، وينيون ڪن ورونهن،
لڳو ليس لطيف جي، ٿئا داغ ڏروٽين ڏونهن،
آڳا اڄ سونهن، لطف ڪر لانگاهہ چئي.

٢

پرين پارس جهڙا، وڃن جيئن ورن،
قمر ڪوڪب ڪيترا، اپا ڪرنش ڪن،
سهائي شرمايا، آهو ۾ عين،
سيئي محب ملن، الاهي احسان چئي.

٣

هر هر هنيون هوتن لاءِ، ايو اڪلسي،
ڪوءِ ڳڌا ڏينهڙا، پرين ئون پاسي،
منهنجو ساهہ سلوڪ سين، نيو دوستن داسي،
لالن لباسي، احسن چئي ارواح ڪي.

٤

پهس وجي تو پرينءَ لاءِ، مرتيون منهنجو ساهہ،
حب جنهين هوت ڏي، ميڙيندم الله،
وريو وصالي واءُ، احسن چئي آيا پرين.

٥

محفل محبوبن جي، ميسر ٿئي مانَ،
شمع سهائي سپرين، مشفق مهربان،
وڃڻ وس نہ منهنجو ٿئي، پروانو پهچاڻ،
احسن اڳيان ان جي، ڪريان زاري ساڻ زبان،
محب نهارين مان، پازيءَ ڏي پاڻَ ڪٽي.

٦

جانب تنهنجي جلوي، سج ڪي شرمايو،
قمر وڏي قرب سين، امر ۾ آيو،
معجزو محمدﷺ جو، پرور پچايو،
سير سيئي سپرين، توکي داور ڏکايو،
فضلئون فرمايو، عين ڪٽي احسان چئي.

## سُر مارئي

ڪري راج رهيا هئا، پاسي ۾ پرياڻ،
سي لاڪيٽا لڏي وئا، هتان ڪٽي هاڻ،
احسن چئي ان جي، ڪيهي راحت پري رهاڻ،
آئون انهين ڪاڻ، منهن ماندي آهيان.

## سُر سهڻي

١

منڊ مئي ٿيو چوٽڪو، پيئي ۾ پاتار،
انت نہ پييس آب جو، هن ڪن ناهہ ڪنار،
وحدہٗ لاشريڪ لہٗ، لهرين چاڙهہ اتار،
اچي نہ آواز ڪو، ريءَ حيدري تنوار،
احسن ڏس انوار، سيئي سڪوت ۾.

٢

منڊ موڳي ٿي مورهين، عقل عشق نيوس،
ميهار سندو من ۾، اچي پهہ پئوس،
پنجي لڱيس پريت جي، جنهن نهوڙي نيوس،
انهي پر احسان چئي، غريب غير ڪيوس
ثابت سو ٿيوس، آهي جو اثبات ۾.

Gul Hayat Institute

٣

عيان هئي عشق جي، سهڻيءَ تي صورت
جڙجي رهيس روح ۾، ميهر جي مورت،
اچي ويجي ان پار ڏي، لهرين ڏيو لت،
لڳيس لنءُ لانگاهہ چئي، رساڻي راحت،
ساهڙ کي سنت، سر ڏنائين سِر تي.

## سُر ليلان

١

درد منهنجي دل کي، داغ ڏنئي دلبر،
کهي وڏئي کات سين، ڪِيئي کانہ خبر،
اسان ڏونهن احسان چئي، ڏاڍو تون ڏونگر،
تکبر جي تبر، حرصئون ڪنيئي هت ۾.

٢

درد منهنجي دل کي، دلبر داغ ڏنوءِ،
آسانبو انصاف جو، چني سڀ چڏيوءِ،
اسان ڏانهن احسان چئي کهو قاصد ڪيوءِ،
سالڪ نام سندوءِ، اصل کان الغرض تون.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

# سُر ڪلياڻ

## داستان پهريون

### ١

اَولُ[١] اَللهُ عَليمُ[٢]، اَعلي[٣] عالَمَ[٤] جو ڏَڻي[٥]،
قادِرُ[٦] پَنهِجيءَ قُدرَتَ سين، قائمُ[٧] آهِ قَديمُ[٨]،
وَالِي[٩] واحِدُ[١٠] وَحدَهٗ[١١]، رازِقُ رَبُ رَحيمُ،
سو ساراهِ سَچو ڏَڻي، چَئِي حَمدُ[١٢] حَڪيمَ[١٣]،
ڪَري پاڻَ ڪَرِيمُ[١٤]، جوڙُون[١٥] جوڙَ[١٦] جِهانَ جُون.

### ٢

وَحدَهٗ لاَ[١٧] شَرِيلڪَ[١٨] لَهٗ[١٩]، جَان تو چَئِين اِئَن،
تَان مَڃ مُحَمَّدُ ڪارَڻي[٢٠]، نِرتُو[٢١] مَنجهان نِينهَن[٢٢]،
تَان تُون وَڃئو ڪِيئَن، نائِيين سِرُ بِئِنِ ڪي.*

---

1 ١. هر شيءِ کان اڳ موجود (هو ۽ آهي). ٢. سڀني کان وڌيڪ ڄاڻ يا علم وارو ٣. سڀني کان مٿانهون – اتم – اوچو – بلند ۴. ساري ڪائنات يا جهان (زمين، آسمان، دنيا ۽ آخرت)، سُر شئيءِ. ۵. مالڪ ٦. قدرت وارو، طاقت وارو، سگهه وارو، شڪتيءِ وارو ٧. بيٺل، هميشه کان محڪم رهندڙ. ٨. آڳاٽو، ازل کان اڳ، ڪائنات کان اڳ ٩. حاڪم، مالڪ ١٠. هڪ، اڪيلو ١١. هو هڪ آهي ١٢. ساراهه، تعريف، واکاڻ ١٣. حڪيم جو، حڪمت واري جو، دانا جو. ١۴. ڪرم ڪندڙ، احسان ڪندڙ، سگهورو ١۵. اميدون، آسون ١٦. جوڙ" اکر جو واسطو يا تعلق مصرع جي منڍ واري لفظ " ڪري" سان آهي (جوڙ ڪري= جوڙي، ٺاهي يا پڇائي يا راس ڪري) ١٧. نہ (آهي) ١٨. مٿ، برابر، ثاني ١٩. هن (خدا) جو، هن کي، ٢٠. وسيلو، شفاعت ڪندڙ، جهان جي پيدائش جو ڪارڻ ٢١. نرت سان، ڌيان سان، چڱيءَ طرح ٢٢. محبت، پيار * ٻين جي بندگي يا پرستش ڪرين.

Gul Hayat Institute

(۳)

وَحدَهٗ لاَ شَرِيڪَ لَهٗ، جَڏهِين چَيو جَنِ،
تَنِ مَڃِئو[1] مُحَمَّدُ ڪَارَڻِي[2]، هيڄَا[3] سَاڻُ هِنيَنِ[4]،
تَڏهِين مَنجَهانُ تَنِ، اَوَتَڙِ[5] ڪونہ اولِئو[6].

(۴)

وَحدَهٗ لاَ شَرِيڪَ لَهٗ، جَنِ اُتو[7] سِين ايمَانَ[8]،
تَنِ مَڃِئو مُحَمَّدُ ڪَارَڻِي، قَلبَ سَاڻُ لِسَانَ[9]،
اُوءِ فَائِقَ[10] ۾ فَرمَانَ[11]، اَوَتَڙِ ڪَنهِن نہ اولِئَا.

(۵)

اَوَتَڙ ڪَنهِن نہ اولِئَا، سُتَڙ[12] وِتَا سَالِمَ[13]،
هيڪَائِي[14] هيڪُ[15] تِئَا، اَحَدَ[16] سَان عَالِمَ[17]،
بِي[18] بَها بِعِلمَ[19]، آڳي ڪِئَا[20] اڳِهِين[21].

(٦)

آڳي ڪِئَا اڳِهِين، نِسوروئي[22] نُورُ[23]،
لاَ خَوفٌ عَلَيهِمِ وَلاَهُم يَحزَنُونَ،* سَچَن ڪونهي سُورُ،

Gul Hayat Institute

---

١. قبول ڪئو، ويساهہ يا اعتقاد ۾ آندو ٢. وسيلو، شفاعت ڪندڙ، ڪائنات جي پيدائش جو ڪارڻ ٣. هيج مان، قرب مان، شوق مان، محبت مان ۴. دلين، قلبن ۵. اوتڙ ڏانهن، ڏڪڻي يا اوکي يا آڙانگي تڙ ڏانهن (تڙ= درياهہ وغيرهہ جي ڪپ يا ڪناري تي اهو هنڌ يا جاءِ جتان پاڻيءَ ۾ گهڙي يا ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ٻي ڪناري يا ڪپ ڏانهن وڃبو آهي، گهيڙ، گهاٽ) ٦. (اولي يعني ٻيڙيءَ جي ڳن يا ونجهہ سان) ڏڪجي وئو. ٧. چيو ٨. ويساهہ، يقين اعتقاد، ٩. زبان، چپ، ١٠. اوچا، مٿاهان، (خدا جي حڪم مڃڻ ۾)، اڳرائي ڪندڙ، فوقيت وار ١١. (خدا جي) حڪم يا فرمودي (مڃڻ ۾)، ١٢. سٽڙ ڏانهن، سٺائي يا سولي تڙ ڏانهن ١٣. صحيح سلامت، بنان ڪنهن نقصان جي ١۴. هيڪائي يعني خدا جي هيڪڙائي يا وحدانيت ۾ ١۵. هيڪ ٿئا = محو ٿئا، ملي ويا ١٦. هڪڙي يعني خدا ١٧. (سچي) علم وارا، گيان وارا ١٨. املهہ (جنهن جو ملهہ نہ ڪٿي سگهجي)، لاثاني ١٩. بالمہ، بي پرواهہ (عاشق) ٢٠. خدا ٢١. ازل کان، آد کان، شروع کان ٢٢. خالص، نج، بنان کوٽ، ٢٣. روشني، سوجهرو، * قرآن شريف جي آيت آهي جنهن جي معنيٰ آهي تہ انهن کي نڪو ڊپ نڪو رنج آهي.

مَولٰي[1] ڪِئو مَعمُور[2]، اَنڱُ[3] اَزَلَ[4] ۾ اُنِ جو.

### ٧

وَحدَهٗ[5] جي وَڍِئَا[6]، اِلاالله[7] ڪِئا اَڌَ[8]،
سي ڏَڙَ[9] پَسي سَنڌَ[10]، ڪِنهن اَياڳِيءَ[11] نَہ تِئي.

### ٨

وَحدَهٗ جي وَڍِئَا، اِلاالله اَڌَ ڪِئَا،
مُحَمّدُ رَسُولُ چَئي، مُسلمَانَ تِئَا،
عَاشِقَ عَبدُاللطِيف رح چَئي، اِنهِين پَهِہ[12] پِئَا،
جِيلاَهَہ[13] ڏَٺِيءَ ڏِٺَا[14]، تَنِي وِئَا[15] وَحدَتَ[16] گَڏِجي.

### ٩

وَحدَهٗ جي وَڍِئَا، اِلاالله سِين اوريِن[17]،
هِنيُون[18] حَقِيقَتَ[19] گَڏِئو، طَرِيقَتَ[20] تُورِيِن[21]،
مَعرِفَتَ[22] جِيءَ مَان[23] سِين، ڏِيسَاندَرَ[24] ڏورِيِن[25]،
سُکَ[26] نَہ سُتَا ڪَڏهِين، وِيهِي[27] نَہ وِرِيِن[28]،
ڪُلهَنئُون[29] ڪورِيِنِ[30]، عَاشِقَ عَبدُاللطِيف رح چَئي.

---

١. مولا، مالڪ، خدا ٢. جوڙي راس ڪيل، اڏيل، آباد ٣. قسمت، ڀاڳ، تقدير ۴. اصل (جنهن کي آد يا شروعات نہ هجي)، دنيا پيدا ٿيڻ کان اڳ ۵. هو (الله) هڪ آهي (خدا جي هيڪڙائيءَ يعني وحدانيت) ٦. ڪُٺا، قتل ڪئا ٧. "اِلا الله" يعني سواءِ الله جي، ڪلمي "لا اِلٰـہَ اِلا اللهُ مُحمدٌ رَسُولُ الله" (ڪوبہ اِلٰـہ يعني معبود يا عبادت جي لائق ڪونهي سواءِ الله جي ۽ محمد صلعم جن الله جو رسول آهي) جو اثباتي ڀاڱو آهي ۽ پهريون ڀاڱو "لا اِلٰہ" خدا کان سواءِ ٻين هستين جي نفي ڪري ٿو ٨. ڀڳا، ٻہ ٽڪر يا ڀاڱا (ڪئا اڌ = الله جي اثبات فنا ڪئا) ٩. ڳچين کان جدا ٿيل (ڪپيل) بدن جا حصا، لاش ١٠. تمنا، خواهش ١١. اڀاڳيءَ کي، نياڳيءَ يا بدنصيب کي. ١٢. پَهہ ۾، خيال ۾، رمز ۾، رستي ۾ ١٣. جنهن صورت ۾ ١۴. پسند ڪئا، منتخب ڪئا، چونڊئا، برگزيدہ ڪئا ١۵. تنهن صورت ۾، تنهنڪري ١٦. وحدت ۾، خدا جي هيڪڙائيءَ ۾ ١٧. ورد ڪن، ذڪر ڪن، رهاڻ ڪن ١٨. دل، قلب ١٩. حقيقت يا حق يعني خدا سان (حقيقت صوفي طريقي جي ٽي منزل يا درجو آهي) ٢٠. (فقيريءَ جي) رستي يا پنڌ کي جيڪا صوفي طريقي جي ٻي منزل آهي) ٢١. سوچ يا ويچار ۾ آڻين ڪن ٢٢. ڄاڻ، پروڙ، گيان (معرفت صوفي طريقي جي چوٿين يعني آخري منزل آهي) ٢٢. حيرانيءَ، حيرت، تپرس ٢۴. پرڏيهہ، ڏوراهان ملڪ، پر ڪنڌ ٢۵. ڳولين، تلاش ڪن، نهارين ٢٦. سک سان، آرام يا بي فڪريءَ سان ٢٧. آرام سان يا سک سان ويهي ٢٨. وقت گذارين ٢٩. ڪلهن تان ٣٠. (مٿو يا سر) ڪپين، وڍين

۱۴

وَحدَتَان[1] ڪَثرَتَ[2] ٿِي، ڪَثرَتَ وَحدَتَ ڪُلُ[3]،
حَقُ[4] حَقِيقِي[5] هيڪِڙو، ٻولِيءَ[6] ٻِيءَ[7] مَ پُلُ[8]،
هِيءُ هُلاَچو[9] هُلُ، سَيو[10] سَندو[11] سَجَڻين[12].

۱۵

تُون ڄَؤُ اَللهُ هيڪِڙو، وَائِي ٻِي وِسَارِ،
تَن[13] ۾ تَندُ[14] تَنوَارِ[15]، سَدَا سُپِرِيَن جِي.

۱٦

تُون ڄَؤُ اللهُ هيڪِڙو، ٻِي وَائِي وِسَاري ڇَڏِ،
تَان تُون هِنيين[16] سين گَڏِ، سَجَڻُ سَاهَ[17] پَسَاهَ ۾.

۱۷

تُون ڄَؤُ اَللهُ هيڪِڙو، ٻِي وَارِجِ[18] مَ وَائِي،
سِڪِجِ[19] تُون سَائِي[20]، جيڪا مُڪِّي[21] سَجَڻين.

۱۸

پَاڻِهين[22] جَل[23] جَلاَلُهُ[24]، پَاڻِهين جَانِ جَمَالُ[25]،

Gul Hayat Institute

---

۱. وحدت مان، خدا جي هڪ هجڻ واريءَ حالت مان ۲. گهڻائي (سڄي ڪائنات) ۳. جملي هڪ، واحد مطلق ۴. خدا ۵. حقيقت ۾، سچ پچ، صحيح ڳالهہ ٦. وائيءَ ڳالهہ يا معاملي ۷. ٻيءَ ۾ ۸. اڙجهہ، ڦاسي پؤ، منجهہ، گمراهہ ٿيءُ ۹. هَل، هنگامون، گوڙ شور ۱۰. سمورو ۱۱. جو ۱۲. سڄڻن، سپرين (خدا) ۱۳. دل، من ۱۴. تارَ ۱۵. وڄاءِ (تند تنوار = ذڪر ڪر، ورد ڪر) ۱٦. دل ۱۷. پساهہ، دم ۱۸. ڪج ۱۹. پرائج، حاصل ڪج ۲۰. اها ساڳي (وائي) ۲۱. موڪلي ۲۲. خودبخود ۲۳. وڏو يا اعليٰ ٿئو ۲۴. هن (خدا) جو جلال يعني شان يا مرتبو ۲۵. جان جمال = جمال يعني حسن يا سونهن جي جان يعني ڪل جو ڪل سهڻو، مڪمل حَسِين

پاڻهين[1] صُورت[2] پرين[3] جي، پاڻهين حُسنُ[4] ڪمالُ[5]،
پاڻهين پير[6] مُريدُ[7] ٿئي، پاڻهين پاڻ[8] خيالُ[9]،
سڀ سيوئي[10] حالُ[11]، منجهانئي[12] معلومُ[13] ٿئو.

١٩

پاڻهين پسي[14] پاڻ کي، پاڻهين ايءُ محبُوبُ،
پاڻهين خلقي خُوبُ[15]، پاڻهين طالبُ[16] تن جو.

٢٠

سو هي[17] سو هُو[18]، سو اجلُ[19] سو اللهُ،
سو پرين سو پساهه[20]، سو ويري[21] سو واهرو[22].

٢١

عاشقُ چئُو م اُن کي، م ڪي چئُو معشوقُ،
خالقُ چئُو م خام[23] تون، م ڪي چئُو مخلوقُ،
سلج[24] تنهن[25] سلوڪُ[26]، جو ناقصا[27] نه گئو[28].

٢٢

پڙاڏو[29] سو سڏُ، ور[30] وائيءَ[31] جو جي[32] لهين[33]،

١. خود، پاڻ ٢. مورت، مهاندو ٣. محبوب، دوست ۴. سونهن، جمال ۵. ڪامل، مڪمل، پورن، بي عيب ٦. مرشد، رهبر، راهه ڏيکاريندڙ ٧. پوئلڳ، تابع، ارشاد وٺندڙ ٨. حقيقي يعني سچي هستي يا وجود ٩. وهمي صورت، عڪس پاڇو ١٠. سمورو ١١. معاملو، واقعو، واردات، حالت ١٢. اندر مان، پنهنجي پاڻ مان ١٣. حاصل ٿئو، سمجهه ۾ آيو ١۴. ڏسي (پسي پاڻ کي = خود پاڻ تي عاشق آهي) ١۵. سهڻو ١٦. چاهيندڙ، عاشق ١٧. يعني نزديڪ يا ويجهو ١٨. يعني پري يا ڏور ١٩. موت ٢٠. دم، ساهه، حياتي، جيون، آتما ٢١. دشمن ٢٢. مددگار ٢٣. اي خام (انسان)، اي اڻ آزمودگار يا ناتجربيڪار ٢۴. ٻڌائج ٢۵. تنهن کي ٢٦. (فقيريءَ جي) رمز، طريقو، واٽ ٢٧. ناقصائيءَ کان، نقص کان، عيب کان ٢٨. نڪتو، آجو ٿئو، پاڪ صاف ٿئو. ٢٩. سڏ يعني آواز جي موٽ، پڙلاءُ ٣٠. پيچ، وڪڙ، رمز ٣١. ڳالهه ٣٢. جيڪڏهين ٣٣. معلوم ڪرين، سمجهين، پروڙين.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر جمن

## داستان پهريون

۱

حَبِيبُ تُون طَبِيبُ، تُون دَرد[1] جِي دَوا[2]،
جَانِبَ[3] مُنهِنجي جِيءَ[4] ۾، آزَر جَا اَنواعَ[5]،
صَاحِبَ[6] ڏِيِين[7] شَفَا[8]، مِيَان[9] مَرِيضَن کي.

۲

تُون حَبِيبُ تُون طَبِيبُ، تُون دَرد جو دَارُون،
دَوَا آهِين دِل کي، تُنهِنجُون تَنوَارُونُ[10]،
کَرِيَان تِئي[11] کَارُون[12]، ٻُکِي ٻِئَنِئَان[13] نَہ ٿِئي.

۳

تُون حَبِيبُ تُون طَبِيبُ، تُون دَارُون کي دَردَن،
تُون ڏِيِين تُون لاهِيِين، ڏَاتَر[14] کي ڏُکَندَن[15]،
تَنهِين ڦِکِيون فَرَقُ[16] کَنِ، جَنهِين اَمرُ[17] کَرِئو اُنِ[18] کي.

Gul Hayat Institute

---

۱. سور، آزر، آزار، مرض، بيماريءَ، اگهائيءَ، ڏکندي ۲. سَتي، ڦَکي، ٻَکي، دارون، علاج، ڍَب ۳. اي جانبَ، اي جاني، اي محبوب ۴. جان، جسم، دل، من ۵. نوعَ، نمونا، قِسمَ ۶. اي صاحب، اي مالک، اي خدا ۷. تون ڏين ٿو ۸. تندرستي، صحت يابي، چڱيلائي ۹. اي ميان، اي خدا ۱۰. ڳالهيون، ذکر، سخنَ، گفتا ۱۱. تنهن صورت ۾، تنهن کري ۱۲. رڙيون، دانهون، منٿون، آزيون ۱۳. (تو کان سواءِ) ٻين کان يا غيرن کان ۱۴. اي ڏاتر، اي ڏاتار، اي ڏيندڙ، اي خدا ۱۵. بيمارين، اگهاين ۱۶. تفاوت، ڦير، فائدو ۱۷. حکم ۱۸. يعني ڦکين يا دارن يا دوائن.

۴

حَبِيبُ تُون طَبِيبُ تُون، تُونهِين[1] دَنِّن[2] دَبُ[3]،
تُون ڏِيِين تُون لاَهِيِين*، تُونَهِين هَادِي رَبُ،
آهِمِ[4] اِيءُ عَجَبُ، جِيئَن وَارِئُو[5] وِبَجَ[6] وِهَارِين[7].

۵

جَان[8] كي كَري طَبِيبُ، دَارُون[9] هِن دَرْدَ[10] جَا،
هَٿِئُو[11] سي حَبِيبُ، اُكُوڙِئُو[12] اَڌَ[13] كَري.

٦

هَڻُ[14] حَبِيبَ[15] هَٿُ[16] كَٿِي، ٿِيكَ[17] مَ، ٿورو[18] لاءِ،
پِرِيَمِ[19] تُنهِنجي گَنهَاءِ[20]، مَران تَہ مَانُ لَهَان.

۷

هَڻَ حَبِيبَ هَٿَ كَٿِي، دِل ۾ تِيرِي[21] دَانهَن[22]،
كَهَان[23] نَہ كُوكَ[24] تِئي، صَبُرُ[25] آئُون نَہ سَهَان[26]،
كَنهِن كي اِيئَن چَوَان، تَہ مُونكي مَارِئُو سَجَڻِين.

Gul Hayat Institute

---

١. صرف تون، فقط تون ٢. ڏِنّن جو، بيمارن جو ٣. علاج، دوا، دارون* تون بيماري ڏين بہ ٿو ۽ لاهين بہ يعني ختم كرين ٿو ۴. مون كي آهي ۵. ورايو، ڦيرايو، اٿلندو ٦. حكيم، طبيب ٧. (علاج لاءِ) مقرر كرين ٿو ٨. جيكڏهِن كي ٩. ملم پٽيون ١٠. سور (عشق جي) ١١. ٺوكر يا ڌڪو هڻئو ١٢. پٽيو، كوليو ١٣. ٿكر، ذرا (اڌ كري=بي اثر بنائي) ١۴. ٻاڻ يا كانَ هَڻ. ١۵. اي حبيب، اي محبوب ١٦. مٿي كري (هٿ مٿي كرڻ سبب تير يا تلوار جو ڌڪ زورائتو لڳندو آهي) ١٧. هَٿاءِ (كان يا ٻاڻ) ١٨. ٿورو لاءِ=احسان يا مهرباني كر ١٩. اي منهنجا پرين ٢٠. گهاءَ سان، ڌڪَ سان. ٢١. تنهنجي ٢٢. غم، ڏک، درد ٢٣. كڇان، ٻڌايان، ظاهر كيان ٢۴. هل هنگامون، شور غوغا ٢۵. ماٺ كرڻ يا خاموش رهڻ ٢٦. برداشت كريان (صبر آئون نہ سهان=مون كان صبر نٿو ٿئي) .

مَحَبَتَ جي مَيدَانَ ۾، پِئَا لاَلَ[1] لُڇَنِ[2]،
پَاٽِهِين[3] بَدَنِ پَتيُون[4]، پَاٽِهِين چِڪَئَا[5] ڪَنِ،
وَتَانَ وَاڍوڙِيَنِ[6]، رَهِي[7] اَچِجي رَاتَڙِي[8].

## ١٣

رَهِي اَچِجي رَاتَڙِي، تَنِ وَاڍوڙِيَنِ وَتَانِ،
جَنِ کي سُورُ سَرِيرَ[9] ۾، گَهڻَ[10] مَنجهَانَ[11] رَا گَهَاءَ[12]،
لِڪَائِي[13] لُوڪَان[14]، پَاٽِهِين بَدَنِ پَتِيُون.

## ١٤

پَاٽِهِين بَدَنِ پَتِيُون، پَاٽِهِين ڏَڪَ[15] ڏُئَنِ[16]،
وِيڄَنِ[17] وِرچِي[18] ڇَڏِئَا، اَڄ ڪِي[19] ڪَالَهَ[20] مَرنِ،
ڪَنهِن کي ڪِينَ چَوَنِ، تَہ دَردُ اَسَان جي دِلِ ۾.

## ١٥

وَاڍوڙَڪِيءَ[21] مَنَهِينءَ[22]، اَڄ پَڻ ڪَنجهَو[23] ڪَنجهَہ،
جي پَڻ[24] پِيَنِ[25] سَنجهَہ[26]، تَہ هُو پِنِيُون[27] هُو پَتِيُون.

Gul Hayat Institute

---

١. ڳاڙها، عشق ۾ رتل، عاشق، سهڻا جوان ٢. ڦتڪن، تڙپن ٣. پنهنجي سر، خود ۴. ڪپڙي جا تڪر يا ڪورون جيڪي ڦٽن يا زخمن تي مرهم يا دوا لڳائڻ کان پوءِ ٻڌبا آهن ۵. دوا درمل، علاج ٦. ڦٽيلن، (ڪانن يا تيرن لڳڻ ڪري) زخمي ٿيلن ٧. ٽڪي، ترسي (مزاج پرسيءَ واسطي) ٨. رات (هڪڙي)، ٩. بدن ١٠. اندر، دل، هر دي ١١. منجهان را=منجهہ، ۾ ١٢. زخم، ڦٽ ١٣. مخفي راح، لڪ ڇپ ۾، ڳجهہ ڳوهہ ۾ ١۴. لوڪ کان، ماڻهن کان ١۵. زخم، ڦٽ ١٦. صاف ڪن، ڇيئين ١٧. حڪيمن، طبيبن ١٨. ڪڪ يا بيزار ٿي ١٩. يا ٢٠. سڀاڻي، ٢١. واڍوڙين جي، وڍيلن جي، ڪانن سان زخمي ٿيلن جي ٢٢. مَنَهِينءَ ۾، جهوپڙيءَ ۾، گهر ۾ ٢٣. ڪنجهہ مٿي ڪنجهہ، رڙ مٿي رڙ، دانهن مٿي دانهن ٢۴. جيتوڻيڪ ٢۵. ٿين ٢٦. سانجهي، سج لهڻ جو وقت، رات، ٢٧. واحد پني جنهن جي معنيٰ آهي لپري، (دوا جو) ليپ.

## ٢٠

سَگهَنِ[1] سُڌِ[2] نَہ سُورَ جِي، تا رُڪَنِ[3] رَنجُورِي[4]،
پئا آهِين پَٽَ[5] ۾، مَتَنِ مَامُورِي[6]،
لَڳيَنِ لَنءُ[7] لطيف چئي، سَدا جِيءَ[8] سُورِي[9]،
پِرتِ[10] جَنِ پُورِي[11]، تَنِ روبُو[12] وِهَامِي راتَڙِي[13].

## ٢١

رَنجُورِيَنِ رُڪَ، سَدَا آهِي سُورَ جِي،
ڪِنهَنِ[14] جِنهَنِ ڏُکَ[15] ڏَسَائِيَا[16]، لَتِيَنِ[17] ڪِينَ جُهَڙَکَ[18]،
اِنَ پِلارِيءَ[19] پُٽِڪَ[20]، نيئِي هيڪَرَ حُضورِي[21] ڪِئا.

## ٢٢

آيَلِ[22] اُنِ نَہ وِسَهَان[23]، هَنجُون جِي هَارِينِ،
آئِٽو آبُ اکِيُنِ مَان، ڏِيهَ[24] ڪِي ڏِيکَارِينِ،
سَجُڻُ جِي سَارِينِ، سِي نَہ رُونَ نَہ چُونَ ڪِي.

Gul Hayat Institute

## ٢٣

جي پَانِيبِين[25] پِرينءَ مِڙَان، سِڪُ[26] چُورَان[27] ڪِي ذَاتَ[28]،

١. سگهن کي، چگن ڀلن کي، صحتمندن کي، ٣. ڪرڪن، ڪنجهن، روئن، ۴. رنج ۾ گرفتار ٿيل، بيمار، ۵. پٽ ۾ = ڌرتيءَ يا زمين تي، فرش تي، بيماريءَ جي بستري تي، ٦. خدا جي طرفان امر ٿيل يعني موڪليل (بيماري، بي هوشي، غشي، ٧. محبت، پريت، ٨. جيءَ ۾، جان ۾، جسم ۾، ٩. هڪ قسم جي بيماري، ١٠. محبت، پريت، پيار، ١١. مڪمل، ١٢. روئندي، ١٣. گذري، ختم ٿئي، ١۴. ڪنهن جنهن = خبر ناهي تہ ڪهڙي، ١۵. درد، بيماريءَ، ١٦. ڏنگيا، تڪليف ۾ وڌا، ١٧. هن تان لٿي يا ختم ٿي، ١٨. انتظار، اوسيڙو، ١٩. سڳوري، موچاريءَ، ٢٠. ڳالهہ، ڀٽڪي، ٢١. (محبوب جي) حضور ۾ يعني درٻار ۾ پهتل، (محبوب جو)، حضور يعني ديدار يا وصال ماڻيندڙ، ٢٢. اي آيل، اي امڙ، اي جيجل، ٢٣. ويساهہ ڪريان، اعتبار ڪريان، يقين ڪريان، ٢۴. ملڪ، دنيا جهان، (جي ماڻهن)، ٢۵. چاهين ٿو، خواهش يا سڌ اٿئي، ٢٦. ڀراءِ، حاصل ڪر، ٢٧. چورن جون، چورن واري، ٢٨. عادت، هلت، گت، روش.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر ڪنڀات

## داستان پهريون

### ١

ڪَٽِي[١] نيڻَ[٢] خُمار[٣] مان، جَڏهِين ناز[۴] ڪَئائُون نَظَرُ،[۵]
سُورِجَ[٦] شاخُون[٧] جَهڪِيُون،[٨] ڪُومائُو[٩] قَمَرُ،[١٠]
تارا[١١] ڪَتِيُون[١٢] تائِبَ[١٣] ٿِيا، ڏيکِيندي[١۴] دِلبَرُ،[١۵]
جَهڪو ٿِئو جَوهَرُ،[١٦] جانِيءَ[١٧] جي جَمال[١٨] سين.

### ٢

تارا[١٩] تَرارِيُون، نيزا[٢٠] نيڻَ پِرِينِ جا،
هَٽَنِ مُنهَن پارِيُون،[٢١] سانگو[٢٢] ڪَنِ نَہ ساهَ[٢٣] جو.

### ٣

تارا تَرُ[٢۴] تروڪَڙِيُون، مَٿَنِ قُلَڙِيُون،[٢۵]
ڪُوءِ[٢٦] سي راتَڙِيُون، جي مان[٢٧] پيِيُون پِرِينءَ ري.

---

١. مٿي ڪري، ٢. اکيون، ٣. ناز، ڳهر، ننڊ جي غلبي جهڙي حالت، ۴. ناز سان، لاڏ سان، ماٺي سان، ۵. نگاهہ ، ديد، ٦. سورج جون، سج جون، ٧. ڪرڻا، لاٽون، شعاع، ٨. (روشنيءَ ۾) گهٽجي ويون، ٩. اداس ٿئو، حيرت ۾ پئجي وئو، (روشنيءَ ۾) جهڪو يعني گهٽ ٿئو، ١٠. چنڊ ١١. (چنڊ کان سواءِ) چمڪندڙ آسماني جسم جي عموماً آسمان ۾ رات جي وقت ڏسڻ ۾ ايندا آهن. ستارا، نکٽ، ١٢. ڇهن ستن تارن جو ميڙ (جنهن کي فارسيءَ ۾ پروين ۽ عربيءَ ۾ ثرفيا چئبو آهي)، ١٣. پڇتاءَ ڪندڙ يا پشيمان (پنهنجيءَ روشنيءَ گهٽجڻ سبب)، ١۴. ڏسندي، ١۵. محبوب، ١٦. (سج، چنڊ ۽ تارن جي) روشني، جلوو، ١٧. جانب، محبوب، ١٨. حسن، سونهن، ١٩. اکين جي وچ وارا مائيدار گولا، اکيون، ٢٠. ڀالا، گرز، ٢١. منهن پاريون = مُنهن ۾ يا سرَ ۾، منهن يعني مٿي ۾ سڌيون، ٢٢. صرفو، پرواهہ، بچاءُ، ٢٣. (عاشق جي) جان، پساهہ، آتما، دم، پران، ٢۴. انسان جي بدن تي ڪِن ڪِن جاين تي قدرتي طرح لڳل يا پيدا ٿيل ننڍڙا ڪارا ٽڪا، خال، تروڪڙيون يا تلوڪڙيون يعني چٽ جيڪي بدن ۾ سُئيءَ هٽڻ سان ڪيل زخمن ۾ مس وجهڻ سان ٺاهيا آهن، ٢۵. ننڍڙا ڦل، ٢٦. ڀن، ڪوهہ يا ڪڏ ۾ پون، نہ گهرجن، ٢٧. مون ڪي.

## ۴

تَارا[1] تَہ تَارا[2]، ٻِيُون مِڙيئي ڪَتِيُون،
سَڄَڻ[3] سُوڀَارا، پِڇيج[4] پِنِئي[5] گهَرِ آيا.

## ۵

تَارا[6] تيلاَهِين[7]، توڏي گهَٽُو نِهَارِيَان،
سَڄَڻُ جيلاهِين[8]، تُون تيلاهِين[9] اُڀرين.

## ٦

تَارا تيلِيءَ[10] رُوءِ[11]، آئُون تو ڏُونهَنُ[12] گهَٽُو نِهَارِيَان،
سَڄَڻُ جَنهِين جُوءِ[13]، تُون تيڏاهِين اُڀرين.

## ٧

تَارا تيلِيءَ رُوءِ، لُڏَا[14] لاَلَڻَ[15] اُڀرين،
جِهَڙو تُون صُبُوحِ، تِهَڙِي صافِي[16] سَڄَڻين.

## ٨

هُن تَاري هُن هيٺِ، هُت مُنهنجا سُپرين،
سَڄَڻَ مَاڪِيءَ مِيٺِ[17]، ڪَوڙا[18] تين نَہ ڪَڏهين.

---

١. اکين جي وچ وارا مائيدار گولا، اکيون. ٢. (چنڊ کان سواءِ) چمڪندڙ آسماني جسم، جي عموماً آسمان ۾ رات جي وقت ڏسڻ ۾ ايندا آهن. ستارا. ٣. سوڀ وارا، فتح مند، ڪامياب، سهڻا، سوڀيان وان. ۴. رات جي پوئين حصي يعني اڌ رات کان بعد واري حصي (جنهن ۾ ماڪ وغيره سبب پوسل يا ٿڌڪار ٿيندي آهي) ۵. ٿريل، ٿڌي (پڇج پنيءَ = پڇج پنيءَ جي مهل، اسرَ يا پرهہ ڦٽيءَ جي مهل). ٦. اي (آسماني) تارا. ٧. ان ڪري، تنهن ڪري. ٨. جنهن لاهہ ڏانهن، جيڏانهن، جنهن طرف ڏانهن. ٩. تنهن طرف ڏانهن، تيڏانهين. ١٠. ڳاڙهاڻ ۽ نيراڻ ڏي مائل. ١١. روءِ وارا، رنگ وارا. ١٢. ڏي، ڏانهن. ١٣. جوءِ ڏي، طرف ڏي. ١۴. ڏسِ، طرفِ. ١۵. لالڻ جي، محبوب جي ١٦. (دائمي – هميشہ لاءِ) روشني، چمڪ، چٽائي. ١٧. ميٺ جهڙا، ميٺاج جهڙا، شيرينيءَ جهڙا. ١٨. ڪڙا، اُگرا، اڻ وڻندڙ.

Gul Hayat Institute

مَان نہ ڏِينِهُون[1] ڪَا، سُوَاڏَائِي[2] سَڄَڻِين[3].

### ١۴

تِرَ[4] تَارَا[5] وَڻَ وَارَ، مِينهَن[6] ڦُڙَا وَارِيءَ ڪَڻَا،
تِهَائِين اَڳِرَا[7]، مُون مِ عَيبَ[8] اَپَارَ[9]،
پَائِي آيَس پَاندَ[10] مِ، بَديُون بي شُمَارَ،
بَخشِين[11] بَخشَنهَارَ[12]، لُطفَ[13] سَاڻُ لَطِيفُ چَئِي.

### وائي-١

هِي بہ ڳَالهَڙِيُون، اَئُون اوربَندِي[14] پِرِينءَ سين،
گُوشِي[15] پِرِين نہ گَڏِئَا، ڪُرَ[16] سين مُون نہ ڪِيُون،
ڳَالهِيُون پِرِيَمِ تُنهِنجُون، وَڏي وَڻَ[17] تِيُون.

### وائي-٢

وَهِلي[18] وَانءُ[19] مَ وِهَامِي، رَهُ[20] رَاتِ[21] رَائِينديس[22] سِپِرِين[23]،
شَمعَ ٻِيندِيس شَبَ مِ، اِنَ خُوشِيءَ ڪَان ڪَامِي[24]،
بَابُوئَن[25] سَنڌيءَ بَاهہ جِيئَن، بِرَانَ[26] شَالَ اُجَهَامِي[27]،
پِرِتِ[28] جَا پِيتَمِ[29] جِي، ڪِين پَروُڙِي[30] عَامِي[31]،

١. ڏينهم، مونکي ڏين، ٢. خوشخبري، سٺي خبر. ٣. سڄڻ جي يا پرين جي (اچڻ جي). ۴. هڪ مشهور قسم جي تيلي ٻج جا داڻا، جيڪي ايترا تہ سنهڙا ۽ ننڍڙا آهن جو ڪنهن بہ ننڍي ڍڳ ۾ انهن جو شمار يا ڳڻپ ڪرڻ مشڪل آهي. ٥. (چنڊ ڪان سواءِ) چمڪندڙ آسماني جسم جيڪي عموماً آسمان ۾ رات جي وقت ڏسڻ ٦. اينڊا آهن ۽ وڻ وار = وڻ جي ٽڙ، ڏارن، ٽارين ۽ پنن ۾ سنهيون سنهيون رڳون (جن جي وسيلي وڻ زمين ۽ هو امان ڪاڏو حاصل ڪندو آهي). ٧. وڌيڪ، زياده. ٨. اوڻايون، برايون، گناهہ، بديون. ٩. بي حد، بي شمار، جن جو شمار يا ڳڻپ نہ ڪري سگهجي. ١٠. پلاند ۾، پلئہ ۾، جهوليءَ ۾. ١١. معاف ڪرين. ١٢. اي بخشنهار، اي بخش يا معاف ڪندڙ، اي خسا. ١٣. ڪرم، ٻاجهہ، مهربانيءَ. ١۴. بيان ڪندي، اظهار ڪندي. ١٥. گوشي ۾، اڪيلائيءَ ۾. ١٦. دشمن، نامحرم، رقيب. ١٧. وڏا درخت (وڏي وڻ ٿيون= زور وٺي ويون، تڪليف ڏيڻ لڳيون). ١٨. تڪڙي، جلد. ١٩. وڃ. ٢٠. گذري، پوري ٿي. ٢١. ترس، جتاءِ ڪر. ٢٢. اي رات. ٢٣. ريجهائيندس، پرچائيندس، راضي ڪنديس. ٢۴. پري، جلي، سڙي. ٢٥. ڪهمندڙ ڦرندڙ سيلاني فقيرن يا جوڳين (جيڪي پنهنجي آستان تي دونهيون دکائي ويٺا هوندا آهن). ٢٦. (وري) ڏکان، ٻڙڪان. ٢٧. وسامي، گل ٿي (وسامندي ۽ ٻرندي رهان). ٢٨. پريت، محبت. ٢٩. پرين، محبوب. ٣٠. سمجهي، ڄاڻي. ٣١. عام يا رواجي ماڻهو.

Gul Hayat Institute

مُون ڪي مُون[1] پِريَنِ جو، دَردُ آھِ دَوامِي[2]،
ھيڪاندي[3] ٿِينديَسِ ھوت[4] سين، آڏيءَ رَاتِ اُڏامِي،
آھِيَان يَارُ سَيّدَ[5] جو، ڪَانَ رَھِي[6] ڪَا خَامِي[7]،
ھُو جو لَنءُ[8] لطيف[9] جو، مُون ڪي آھِ مُدامِي،
روشَن[10] ٿِئَا رُجَنِ[11] ۾، جي ھُئَا ھِنَ لَيِ[12] جي لاَمِي[13]،
ڪَارِي[14] سَا قِيَامَ[15] سِيئَنِ[16]، ھوتُ جَنھِين جو حَامِي[17]،
آيَمِ[18] تَنھِن لوڪَ[19] سين، جي سِيمَا[20] چَونِ سَاھِمِي[21].

Gul Hayat Institute

---

۱. منھنجي، ۲. دائمي، مدامي، سدائين، ۳. گڏ، واصل، ۴. محبتي، محبت يا پيار ڪندڙ، ۵. سردار، حضرت محمد مصطفيٰ صلعم، ٦. بچي، باقي ٿي، ۷. گھٽتائي، اوڻائي، نقص، عيب، ۸. محبت، پيار، عشق، ۹. محبوب، دوست، سڄڻ، ۱۰. پڌرَ، ظاهر، آشڪار، مشهور، ۱۱. برپٽن، بيابانن، رڻن، ۱۲. مزي، لذت، لطف، رس، ۱۳. ويجها، واسطو رکندڙ، ۱۴. سخت، مضبوط، طاقتور، زور پري، ۱۵. قيامت، روز محشر، حساب ڪتاب جي ڏينهن، ۱٦. تائين، ۱۷. مددگار، حمايت ڪندڙ، ۱۸. مونکي آيو (گهارڻ)، منهنجو واسطو ٿيو، منهنجو پلوَ اڙيو يا پالو پيو، ۱۹. عام ماڻهن، خلق، ۲۰. سيما کي، پيشانيءَ کي، ۲۱. تارازي، تراڙو.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

# سُر سُراڳ

## داستان پهريون

۱

مَان[1] نَہ پُڇَنَئِي[2] سُپِرِين[3]، چِتَان[4] لاهہ[5] مَ چُرَ[6]،
اُنِهين[7] جَا اَمُرَ[8]، ڪَنُ[9] تَہ خَالِي[10] نَہ ٿِيين.

۲

مَان نَہ پُڇَنَئِي سُپِرِين، چِتَان چُرَ مَ لاهہ،
پِرِين[11] اَڳِيَان[12] پَاءِ[13]، پَلئہ[14] مَڱڻهَارَ[15] جِيئَن.

۳

مَان نَہ پُڇَنَئِي سُپِرِين، چِتَان لاهِج[16] چُورُ[17]،
قَلبَ مَان ڪَڍُ تُون، مَارِي[18] ڪُوڙو[19] ڪُورُ[20]،
هُن پَرِ[21] سَندو هُورُ[22]، مَتَان تو مَعَافُ ٿئي.

۴

مَان نَہ پُڇَنَئِي سُپِرِين، چِتَ مِ ڪَرِيجِ چِيتُ[23]،

---

۱. مان نہ = مَن، شال، خدا ايئن ڪري، ۲. توکي پڇن، تنهنجي سار سنڀال لهن، تنهنجو حال معلوم ڪن، ۳. پرين، محبوب، دوست، ۴. چِت مان، دل مان، قلب مان، ۵. وسار، ٦. هر ڪر، اڻ تڻ، يادگيري، ۷. انهن يعني سپرين، ۸. حڪم، فرمان، ۹. مڃ، ۱۰. ناڪام، نراس، نااميد (خيرات نہ ملڻ ڪري)، ۱۱. پرين جي، ۱۲. سامهون، روبرو، ۱۳. وجهہ، پکيڙ، جَهل، ۱۴. جهولي، دامن، پلاند (گنديءَ يا چادر جو)، ۱۵. پينو فقير، منگتي (مڱڻهار جيئن پلؤ پاءِ = پينو فقير وانگر مسلسل يعني بنان ناغي سوال ڪندو رهہ)، ۱٦. ڪيج، ۱۷. لڪ ڇپ ۾ برائي شيءِ ڪٺندڙ، شيطان، ۱۸. ڪٺي، سَٽي، ڏَڪ هڻي، ۱۹. ڪوڙو، ڪسو، ۲۰. فريب، دغا، ٻيائي، بُرا خيال، ۲۱. ڪنڌيءَ يعني ڪناري (هن پر = آئيندي جهان يعني آخرت)، ۲۲. خوف، خطرو، غم، ڳڻتي، اڏڪو، فڪر، ۲۳. ڌيان، خيال، هوش.

Gul Hayat Institute

سِڙهَہ[1] ڏُٺاري[2] صَافُ ڪَري، صَابُڻَ سَاڻُ سُفيٽُ[3]،
سَامُونڊِيَ[4] سُچيٽُ[5]، تِيءُ تَہ پَهچين پَارَ[6] ڪي.

۵

مَان نَہ پُڃَنئِي سُپرِين، چيتَاريجِ[7] چِتُ[8]،
تَہ دَائِمَ[9] دُوربِيءِ[10] ۾، پَسين ولاتُنِ[11] وِتُ[12]،
نِيَهُہ[13] نِڪَاري[14] نِتُ[15]، مَلاحَ گَڏِ مُعلِمَ[16] سين.

٦

مَان نَہ پُڃَنئِي سُپرِين، چِتَ ۾ چيتَاريجِ،
ڇَڏِجِ ڪَانئِي[17] ڪَچَ ڪَي، ڪُوڙُ ۾ ڪَمَائيجِ ●،
وکَرُ[18] وِهَائيجِ[19]، سَپِ سَودَاگَرُ[20] سَچَ[21] جو.

٧

ڪَچُ ڪَمَايُمِ ڪُوڙُ، پَڳُمِ[22] عَهدَ[23] اللہ جَا،
پِڃِرُ[24] جو پَاپَنِ[25] جو، چوٽيءَ[26] تَائين چُورُ[27]،
مَعلُومَ[28] اَٿَيئِي[29] مُورُ[30] ڳُوڙها[31] اَنهيءَ ڳَالهہ جو.

Gul Hayat Institute

١. واحد سڙهہ يعني اهو ڪپڙو جيڪو ٻيڙيءَ جي ڪوهي (اپو ڪري ڪوڙيل ڪاٺ جي ڊگهي ٿنڀي يا سيخلي) ۾ ويڙهيل هوندو آهي ۽ ٻيڙيءَ کي هلائڻ وقت کولي ڇڏبو آهي. ٢. اڇا، اُجرا، مٿيءَ مَرُ کان پاڪ. ٣. سفيد، صاف (گنج ۾ "سچيت" لکيل آهي). ۴. اي سامونڊي يعني سمنڊ سان واسطو رکندڙ، اي ناکٺا، اي ملاح، اي ٻيڙي هلائيندڙ. ۵. سٺي چيت يا ڌيان وارو، هوشيار، خبردار. ٦. درياءَ يا سمنڊ جي ٻئي پاسي واري ڪناري، ڪنڌيءَ يا طرف (آخرت). ٧. چڪا سچ، تپاسج، جانچ. ٨. دل، مَنَ. ٩. سدائين، هميشہ. ١٠. (لفظ دوربينيءَ جي بگڙيل صورت)، پري جي يعني ڏورانهين شين جي ڏسڻ جي اوزار. ١١. ولاتن جو، پرانهن يا ڏورانهن ملڪن يا ڏيهن جو. ١٢. خزانو، ڌن، دولت، حڪومت. ١٣. ٻيڙي، ڪشتي. ١۴. ڌوئي صاف ڪري. ١۵. هر هر، هر وقت. ١٦. آزمودگار ملاح، رهبر. ١٧. شيشي، ڪاچ، ڪچَ، مَٺَ، نقلي شيءِ (ڪانئي ڪچ = ڪوڙ، کوٽَ، دولابَ، فريبَ) ● ڪوڙ يا ڪچ جو ڌنڌو يا پيشو نہ ڪج. ١٨. سودو، وٿج، سامان، جنس. ١٩. خريد ڪج. ٢٠. اي سوداگر، اي سودو واپار ڪندڙ. ٢١. سچائيءَ، ڀلائيءَ، نيڪيءَ، نج يا خالص شيءِ، اصل شيءِ. ٢٢. مون ڀڳا، مون ٽوڙيا. ٢٣. واعدا، انجام. ٢۴. بدن جي هڏن جو ڍانچو يا بوتو، جسم، بدن. ٢۵. گناهن، خطائن. ٢٦. سر، مٿي. ٢٧. ڀڏل، ڀريل، ٺمٽار، غرق. ٢٨. علم يا ڄاڻ ۾ آيل. ٢٩. توکي آهي. ٣٠. بنياد، اصل، مطلب. ٣١. اي ڳوڙها يعني لڪل يا ناپيد، اي الک، اي خدا.

## ۱۴

سِـڙَهَـ سَـنـوَان لاَجُـو نَـوان، مَـتِـن مُـهَـاڻـا مَـلَ[1]،
جي اَچَـن آبَ اُچَـلَ[2]، سي بِـيـڙيُـون رکـين[3] بَـاجَـهـ ۾.

## ۱۵

مَ ڪـي هـيـڄِ[4] مَ هُـوڄِ[5]، تَـرس[6] مَ تـاڻ[7] جَـهَـازَ،
چَـؤُ[8] ڪَـلـمُـون[9] مُحـمّـد تـي، تـه اڳـيـان[10] اچـي اوڄَ[11]،
تـه سَـهـڪـيءَ[12] يَـتِ[13] سَـبـوجَـهـه[14]، تُـنـهـنجي مَـڪـي[15] ڏِڪـي[16] مَـڪُـڙي[17].

## وائي -۱

ڪـوڙِيـن يَـالَ[18] ڪَـريـمَ[19] جَـا، ڪَـرِ سَـهـسَـين[20] شُـڪـرَانَـا[21]،
فَـاذڪُـرُونـي اَذڪُـرڪُـم*، ڪَـهـي[22] قُـرآنَـا[23]،
وَاشـڪُـرُو الـي وَلاَ تَـڪـفُـرُون●، ڪَـڍُ تُـون ڪُـفـرَانَـا[24]،
حَـمـدُ[25] چَـؤُ حَـڪِـيـمَ[26] ڪـي، جـورُ[27] هَـٿـي جَـانِـئَـا[28]،
تَـه تُـسَـي[29] تـو سِـين تُـوهُـه[30] ڪَـري، آڳُـو[31] احـسَـانَـا[32]،
جَـفَـا[33] ڏِيـئـي جَـانِ ڪـي، تِـيءَ فِـڪـرِ مَـنـجـهـه فَـنَـا،
تَـه تـو ڏيـڪَـاري تـو ڏِٺـي، بَـاطِـنَ[34] جَـا بَـانَـا[35]،

۱. بهادر، پهلوان، ۲. اچل ۾، ليٽ ۾، وهڪري ۾، ۳. رکين ٻاجهہ ۾ = مهربانيءَ سان سلامت رکين، ۴. هن طرف، هيڏانهن، ۵. هن طرف، هوڏانهن (هيڄ هوڄ = هيڏي هوڏي خيال ڪرڻ، ٻئي پاسي حرص ڪر)، ٦. ويهي رهہ، دير ڪر، انتظار ڪر، ۷. ڇڪ، هلاءِ، ۸. پڙهہ، ۹. لا اِلهٰ اِلاَّ اللهُ محمّدٌ رَسُولُ الله" جو جملو، ۱۰. مهندان، مهند، قيامت ۾، ۱۱. واڌ، ترقي، مدد، ٽيڪ، ۱۲. سوليءَ، آسان، ۱۳. ريت، نموني، ۱۴. اي سهوجهہ، اي چڱيءَ پوجهہ وارا، اي سياڻا، ۱۵. مڪي جي طرف، مڪي ڏانهن (مڪو عربستان جو مشهور شهر آهي جتي پيغمبر اسلام جن ڄاوا هئا ۽ جتي خدا جو گهر ڪعبة الله شريف واقع آهي)، ۱٦. وڃي، ڏڪجي، ۱۷. ٻيڙي، ڪشتي، ۱۸. ڀلايون، مهربانيون، احسان، ۱۹. ڪرم ڪندڙ، خدا، ۲۰. سون جي تعداد ۾، ۲۱. شڪرانا ڪر = احسان يا ٿورا مڃ، *پوءِ توهان، مون (خدا) کي ياد ڪريو تہ آئون اوهان کي ياد ڪريان (قرآن شريف جي سورت بقر جي آيت ۱۵۲)، ۲۲. چوي، ۲۳. قران ● ۽ منهنجو شڪر ڪريو ۽ ناشڪري نہ ڪريو (قران جي سورت بقر جي آيت ۱۵۲)، ۲۴. ڪفر ڪي، ۲۵. تعريف، ساراهہ، ثنا، ۲٦. حڪمت واري، داناءَ، خدا، ۲۷. جور هٿي = آزي نيزاري ڪري، ۲۸. جان سان، دل سان، ۲۹. راضي ٿي، ۳۰. مهرباني، ۳۱. خدا ، ۳۲. احسان، ڀلائي، ۳۳. تڪليف، سختي، ۳۴. ڳجهہ، راز، ۳۵. ڳُڻ، صورتون، نمونا، رنگ.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

# سُرُ سَامُونڊِي

## داستان پهريون

### ١

پَـڳـهَـ[1] پَـاسِـي[2] گـهَـارِ[3]، آيَـلِ[4] سَـامُـونـڊِيَـنِ[5] جـي،
وِجـهـي جِـيْءُ[6] جَـنـجَـارِ[7]، جِـمَ[8] وَجَـنَـئِـي اوهَـرِي[9].

### ٢

پَـڳـهَـ پَـاسـي پَـڄُ[10]، آيَـلِ سَـامُـونـڊِيَـنِ جـي،
مَـنَ[11] ۾ بَـارِي مَـڄُ[12]، جِـمَ وَجَـنَـئِـي اوهَـرِي.

### ٣

پَـڳـهَـ پَـاسـي ويـهُـ، آيَـلِ سَـامُـونـڊِيَـنِ جـي،
تُـون وِيـسَـلِـي[13] وَکَ کَـٽـيِن[14]، پُـورِيَـنـدءِ[15] پَـرڏِيـهُـ[16]،
سَـمُـنـڊُ جَـنِ[17] سَـاٽـيـهُ[18]، کـوهُ[19] نَـه وِيـئِـيَـن تَـنِ سِـيـن.

### ٤

پَـڳـهَـ[20] پَـنـڌَ[21] پَـروڙِ[22]، آيَـلِ سَـامُـونـڊِيَـنِ جَـا،

---

١. پڳهہ جي (ٻيڙيءَ يا جهاز کي سمنڊ يا درياءَ جي ڪناري سان ٻڌڻ لاءِ) رَسي جي يا نوڙيءَ جي. هتي ان رسي يا نوڙيءَ ڏانهن اشارو آهي جنهن سان في الوقت ٻيڙي ٻڌل هجي. ٢. پاسي ۾، پر ۾، پرسان. ٣. ويهي رهہ، گذار. ۴. اي آيل، اي امڙ (هتي وڻجاري جي زال سان خطاب آهي). ۵. سمنڊ تي سفر ڪندڙن، وڻجارن. ٦. دِل، جند، جان. ٧. جنجارَ ۾، جنجال ۾، تڪليف ۾، مصيبت ۾. ٨. متان. ٩. جهاز يا ٻيڙيءَ جو پڳهہ ڇوڙي ٻيڙي ڪاهي هلئا وڃنئي. ١٠. وِيني تڪليف سَهَہ ۽ ڏک برداشت ڪر. ١١. (تنهنجي) دِلِ. ١٢. (جدائيءَ جي) باهہ، آڳ. ١٣. سَستيءَ سان، آهستي. ١۴. وک کٽين = هلين، پنڌ ڪرين (هلڻ وقت ٻن پيرن جي وچ واري مفاصلي کي وک چئبو آهي). ١۵. هلئا ويندءِ. ١٦. پرڏيهہ ڏي، پرديس ڏي. ١٧. جن جو. ١٨. ملڪ، وطن، ڏيهہ. ١٨. ڇو، ڇا لاءِ. ٢٠. پڳهہ ڏي. ٢١. (ويندڙ) رستا، واٽون، پيچرا. ٢٢. سمجهہ، سڃاڻ.

## ٩

سيئي جوين[1] ڏينهن[2]، جڏهين سڄڻ[3] سفر هلئا،
رُئان رهن نہ سُپرين، آيل[4] ڪريان ڪيئن،
مُونکي چاڙهي چيئن[5]، وئو وڻجارو[6] اوهري[7].

## ١٠

نہ سي تڙ[8] خُراڪ[9]، نہ وايُون[10] وڻجارن جُون،
سرتيون ساموندين جا، اڄ پڻ چڪيم[11] چاڪ[12]،
مارينهُون[13] فراق[14]، پاڙيچيُون[15] پرين جا.

## ١١

وئا اُهري اوءِ، مُونکي جڏي ماڳهين[16]،
جُڳن جا جُڳ[17] تئا، تئان[18] نہ موٽئو ڪوءِ[19]،
گونڌرُ[20] ماريندو[21]، ويچاري[22] وئن[23] جو.

## ١٢

جي اُونهي[24] وئا اُهري، الله سي واري[25]،
آئُون اُن آساري[26]، تڙ[27] پُوڄاري[28] آهيان.

Gul Hayat Institute

---

١. جوين جا، جوانيءَ جا. ٢. وقت. ٣. محبوب. ۴. اي آيل، اي امڙ، اي امان. ٥. چِيئن تي، سوريءَ تي، ڦاسيءَ تي (ٻي معنيٰ) ڏاڱهہ تي، چڪيا تي، باهہ جي آڙاھہ تي. ٦. واپاري، سوداگر. ٧. ٻيڙيءَ تي چڙهي يا ٻيڙي ڪاهي هليو ويو. ٨. تَڙَ تي (تڙ = درياءُ يا سمنڊ جي ڪناري تي اهو هنڌ جتي ٻيڙيون يا جهاز ماڻهو يا سامان لاهيندا يا چاڙهيندا آهن). ٩. (واحد خُراڪَ) ننڍو ٻيڙو يا ٻيڙي، هُڙهو، هڙاڪَ. ١٠. (واحد وائي) آوازَ، هَلَ، گوڙ. ١١. اُتلي پيئا. ١٢. ڦٽَ يا زخمَ (ساموندين جي جدائيءَ جا). ١٣. مونکي ماريندا. ١۴. وڇوڙا، جُدايون. ١٥. اي پاڙيچيون اي پاڙي واريون يا پر ۾ رهندڙ، اي سرتيون. ١٦. صفا، بنهہ. ١٧. (واحد جُڳَ) ايامَ، زمانو، تمام گهڻا ڏينهن. ١٨. اُنَ جاءِ تان جيڏانهن محبوب هلئا وئا. ١٩. ڪوبہ. ٢٠. ڏکَ، غمَ. ٢١. توکي ماريندو يعني تڪليف ڏيندو. ٢٢. اي ويچاري يا اي نماڻي (سرَ تي). ٢٣. وِيَلَن، جدا ٿيَلَنِ. ٢۴. اونهي ڏي، گهرَي يا عميق پاڻيءَ ڏانهن يعني سمنڊ ڏانهن. ٢٥. موٽائي، واپس آڻي. ٢٦. آسري تي، سڪ ۾. ٢٧. تَڙَ تي (ويهي). ٢٨. پوڄا ڪندڙ، بندگي ڪندڙ، پرستش ڪندڙ.

## ١٣

اونهي[1] ۾ اوهَري[2]، جَڏهِين جي وِئا،
سانداري[3] سمُنڊَ جي، نهوڙي[4] نئا،
وَجِي تِت پِئا، جِت نهَايَتَ[5] ناهِ ڪا.

## ١٤

اونهي ۾ اوهَري، جَڏهِين وِئا جي،
موتي ماڳِ نه آيا، ماءِ[6] ساموندِي[7] سي،
ڪارو[8] تَني ڪي، جي[9] ڪُس وَهُه[10] وري[11] وِئو.

## ١٥

اوڙاهه[12] وِئا نه وَرِئا[13]، اُئون تنهن ماري وِڻَ[14]،
ڪَري ساموندي سيڻَ[15]، جُسي[16] جارُ[17] پِرائيو[18].

## ١٦

جي اُهرِئم[19] اَجُ، سي ڪَڏهين ايندا مَنان[20] ڳري[21]،
پريان جي هُن پارَ ڏي، وَجِي ڏوُنڪي[22] ڏَجُ[23]،
ساموندِيءَ ڪو[24] ڏنجهه[25]، ماءَ مارِيندم ڪَڏهين.

---

١. کهري يا عميق پاڻيءَ، سمنڊ. ٢. ٻيڙي هاڪاري يا هلائي ٣. لهر، چوليءَ. ۴. نهوري نئا = ختم ڪئا، چٽ ڪئا. ناس ڪئا. ٻوڙيا يا غرق ڪئا. ۵. چيهه، حدَ، انتَ. ٦. اي ماءِ، اي امڙ، اي امان. ٧. سمنڊ تي سفر ڪندڙ، سمنڊ سان واهپو رکندڙ، واپاري. ٨. لوڻائيو. لوڻ جي ذائقي وارو، ٻاڙو (سمنڊ جو پاڻي). ٩. شايد. ١٠. (پاڻيءَ جو) وهڪرو (ڪارو وهُه = سمنڊ جي پاڻيءَ جو وهڪرو). ١١. وري وئو = مٿان چڙهي ويو. ١٢. اوڙاهه ۾ يا اوڙاهه ڏي. (اوڙاهه = اونهو پاڻي، سمنڊ) گنج ۾ "أهرئا" لکيل آهي. ١٣. موٽئا، واپس آيا. ١۴. ڳالهه، خبرَ. ١۵. (واحد سيڻ) دوست. ١٦. (منهنجي) بدن يا جان. ١٧. ساڙو، دردَ، ڏکَ، تڪليف. ١٨. حاصل ڪئو. ١٩. (منهنجا) ٻيڙي هاڪاري هلڻا وڻا. ٢٠. مون. ٢١. وَتِ. ٢٢. ظاهر ٿي، ڏسڻ ۾ آئي، چمڪي، ٽمڪي. ٢٣. (ٻيڙيءَ جي) ٻيرق يا جهنڊي، ٻيرق واري ٻيڙي، ڏجا. ٢۴. جو. ٢۵. ڏکَ، درد، غم، (وڇوڙي جو).

## ١٧

اُهَرِئا[١] جِئائِين[٢]، ڏُکَنِ[٣] تَنِ تَرائِيين[٤]،
سَامُونڊِيَنِ سَائِين، واءُ سَٽائُو[٥] وارِيين[٦].

## ١٨

سَامُونڊِيءَ کُو[٧] سَنگَ[٨]، آهي گُونڊَرَ[٩] گاڏئُون[١٠]،
اَنگهُنِ[١١] چَاڙهي اَنگَ[١٢]، وِئو وَڻجَارو اُهَرِي.

## ١٩

سَامُونڊِي سَارِي[١٣]، مَتَّي[١٤] تَڙَ[١٥] گُذارِيان[١٦]،
مُونکي ٿي مَارِي، تَنِي سَنڌِي ڳالهڙِي.

## ٢٠

سَامُونڊِي سَارِي، مَاءَ مُنهِنجو جِندڙو،
بَندَرِ[١٧] وِچَارِي[١٨]، وَجِي لاَيَا ڏِينهڙا. *

## ٢١

Gul Hayat Institute

سَامُونڊِي سَارِي، مَاءَ مُنهِنجو جِندڙو،
کَارَڻِ[١٩] وَڻجَارِي، گهڻُو اُکَندِي[٢٠] آهِيان.

---

١. اَسَهيا، ٻيڙي هاڪاري هلئا وئا. ٢. جتان، جنهن هنڌ تان يا جاءِ تان. ٣. موٽي پهچن (واپس). ۴. ترائين تي (واحد تَرائي) ترائي = درياهه يا سمنڊ جي ڪناري تي اهو هنڌ جتان ٻيڙي رواني ٿي. ۵. سولو، سهنجو، سوکو. ٦. لڳائيين. ٧. جو. ٨. ناتو، دوستي. ٩. غم، ڏک، سور. ١٠. گڏيل، مليل، ملاوٽ ٿيل. ١١. (واحد انگهه) ڪنهن وڻ يا سڪل ڪاٺ جي ٻاهر نڪتل ڪٽ يا وَريل نوڪ جنهن ۾ ڪُنل يعني ذبح ٿيل جانور کي ٽنگي کل لاهبي آهي ۽ ان جا عضوا ڪپبا آهن. ١٢. بدن، جسم. ١٣. ياد ڪري. ١۴. تي، وٽ. ١۵. دَرياهه يا سمنڊ جي ڪناري تي اهو هنڌ جتي ٻيڙيون ۽ جهاز ماٺهو ۽ سامان کڻن ۽ لاهين. ١٦. ويٺي آهيان. ١٧. بندرَ تي يعني سمنڊ يا درياهه جي ڪناري تي انهيءَ هنڌ تي جتي ٻيڙيون ۽ جهاز بيهندا آهن ۽ ماڻهو ۽ سامان ڪڻندا ۽ لاهيندا آهن. ١٨. لاچار ۽ بي وس (ٿي). * تمام گهڻو وقت رهيو. ١٩. واسطي. ٢٠. سِڪايل.

## وائي ١

پرِيَنِ جي پَنذاَن، مُونکي جي جَهليِنديُون سي نَہ پُجَنديُون[١]،
پَلِـي[٢] کَري آيـو، تَانَ[٣] تارو ذِيِهان[٤]،
پَگِّي[٥] کُٽِن[٦] سَجِيُ[٧] تِئي، لَتي جَاک[٨] گِرا[٩]،
سَرَتيُن[١٠] سُور پِرَايَا، هَاڻي هِن هَنذاَن،
مَتيُون[١١] مُوتَنَ سَنديُون، تُون هَذ آچِ[١٢] مر مَاءُ[١٣]،
تَان[١٤] کي ذُونگرُ[١٥] ذوريَان[١٦]، جَان[١٧] کُرَهُ[١٨] اَندَر سَاهُ[١٩]،
تَان کِي وَاسُ[٢٠] وِهَائِيَان[٢١]، بَاروچي[٢٢] مُلاَ[٢٣].

## وائي ٢

تَڙَ[٢٤] نِهَارِيَان[٢٥] تَي[٢٦] مُنهِنجَا[٢٧] بَندَر وِتَّا جِي[٢٨]،
مَان نَہ سِڙهَہ سُجَاڻَان سَجَڻِين،
گَهُڻو اُکَندِي[٢٩] آهِيَان، پِرِينءَ پَنهِنجي کي،
کَتُوري[٣٠] سَمُندَ کي، اکا[٣١] ذِيَان آٽي*،
اُپِي[٣٢] اوسَهَ[٣٣] پَايَان، کَارڻِ وَڻجَاري،
آسَائِتي[٣٤] آهِيَان، اللهَ کَانذُ[٣٥] اَچي.

١. (مون سان)، مقابلو ڪري سگهنديون، ڪامياب ٿينديون. ٢. جيءُ، سدا (ڪنهن ماڻهوءَ جي اچڻ تي سنڌس آڌر ڀاءَ ۾ استعمال ڪيل لفظ). ٣. ٽامي، پتل ۽ جست جي ڌاتن مان برتن يا ٺانءَ ٺاهيندڙ ڪاريگر يا اهڙي قسم جي ڀڳل برتنن يا ٺانون جي مرمت ڪندڙ (ٺاٺاري وانگر ڀڳل دِل سڃي ڪندڙ)، دلبر. ٤. پرڏيهه ڪان، ڏيساور ڪان، ڏوراهين ملڪ ڪان. ٥. ڀڳل، ذرا ذرا ٿيل. ٦. ٽامي، پتل ۽ جست جي ملاوٽ مان ٺهيل هڪ ڌاتوءَ جو قسم ۽ ان مان ٺهيل برتن ۽ ٺانءَ. ٧. سڄي ٿئي = ڳنڍي جي يا ريهه اچڻ ڪري درست ۽ سالم ٿئي. ٨. جوکو، گهرج، ضرورت. ٩. مون ڪان. ١٠. (واحد سَرَ تي) هڪ جيڏي، ساهيڙي. ١١. (وحدا مت) صلاح، نصيحت. ١٢. ڏي. ١٣. اي ماءُ، اي امڙ. ١٤. تيستائين. ١٥. جبل، پهاڙ. ١٦. ڳوليان، ووڙيان. ١٧. جيستائين. ١٨. بدن. ١٩. دَمُ. ٢٠. سُرهاڻ، خوشبوءِ. ٢١. وڻان، خريد ڪريان، حاصل ڪريان. ٢٢. پنهوءَ (جيڪو ذات جو بروچ هو)، محبوب. ٢٣. ڪان، وٽان. ٢٤. (واحد تڙُ)، سمنڊ يا درياهه جي ڪناري تي اهو هنڌ جتان ٻيڙيون ۽ جهاز اچن وڃن. ٢٥. ڳوليان، تلاش ڪريان. ٢٦. تنهن ڪري. ٢٧. منهنجا محبوبَ. ٢٨. جيئن تہ. ٢٩. سڪايل، اسروندي، واجهائيندڙ. ٣٠. هرڻ جي ڌُن مان نڪتل خوشبودار شيءِ، مشڪ. ٣١. ڇانور يا ان جا داڻا جيڪي هندو زالون درياهه يا ڪوهه ۾ ڀيٽا طور وجهنديون آهن، نذرانو. *ڳنج ۾ "آٽو اکا ڏي" لکيل آهي. ٣٢. بيٺي. ٣٣. فالَ. ٣٤. آسروندي. ٣٥. مڙس، ڀتار.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

# سُر سُهڻي

## داستان پهريون

۱

وَهَـ[1] تِـکَ[2] وَاهُـڙَ[3] تِـکَ، جِـتِ نِـيـنـهُـن تِـکَ نِـرَالِـي[4]،
جَـنـکـي عِـشـقُ عَـمـيـقَ[5] جـو، سي خَـلـوَتَ[6] خـيـالـي[7]،
وَارِبِـين[8] سـي وَالِـي[9]، هِـيـنـئـڙو جَـنـي هَـتِ کِـئـو.

۲

اَنـدِيءَ[10] وَچُـون[11] کَـنـدِيءَ[12] وَچُـون، تَـنـگـئـان[13] لَـهـي[14] نَـه تِـکَ[15]،
صُـورَتَ جَـا سَـاهَـڙَ[16] جِـي، ڏَيـلَ[17] مُـنـهِـنـجـي ڏکَ[18]،
وَاهُـڙُ تَـنِـي وِکَ[19]، جَـنِ سَـانـيـاران[20] سُـپـريـن.

۳

وَاهُـڙَ وَهَـنِ نَـواهَـه[21]، اَجَـا، وَهُـه[22] اَگِـي تَـئـو،
گَـهَـرِ وِيـنـيـون[23] گَـهَـٽَـا کَـرِيـو، سَـرَتـيـون سَـنـگَ[24] سَـنـوَان،*
صُـورَتَ جَـا سَـاهَـڙَ جِـي، سَـا جـي ڏِنـي آن[25]؛

---

۱. وَهَـ ۾، درياهـ جي وهـ يعني وهڪري ۾، درياهـ جي سير يعني وچ واري پاڻيءَ ۾. ۲. تيزي. ۳. واهڙ ۾، درياهـ مان نڪتل ڦاٽَ (درياهـ مان زورَ سان ڦاٽي نڪتل شاخ) جي پاڻيءَ ۾ جو درياهـ ۾ چاڙهـ يعني طغيانيءَ وقت نهايت تکو هلندڙ آهي. درياهـ ۾. ۴. بي نموني جي، عجيب، انوکي. ۵. درياهـ يا سمنڊ جي اونهي پاڻيءَ (هتي معنيٰ ٿيندي وحدت جي درياهـ يا مطلق هستيءَ). ٦. خلوت جا، اڪيلائيءَ جا. ۷. خيال ڪندڙَ، طالبَ، شوقين. ۸. موٽائيين. ۹. اي والي، اي مالڪ، اي ڌڻي. ۱۰. انديءَ تي، ڪنڌيءَ يا ڪناري تي (درياهَ جي)، درياهـ جي (هِي) ڪپ تي. ۱۱. (واحد وچَ)، مينهن جو مادي ڦرَ پر هتي خود مينهيون مراد آهي. ۱۲. ڪنڌيءَ تي، درياهـ جي (اورئين) ڪپَ تي. ۱۳. تنگ مان، گهيڙ مان، درياهـ جي ڪپ تي ان جاءِ مان جتان مانُهن جانورن جو لنگهـ هجي. ۱۴. گهٽ ٿئي، ماٺي ٿئي. ۱۵. پاڻيءَ جو تيز وهڪرو. ۱٦. سهڻيءَ جي محبوب جو نالو (ساهڙ جو ٻيو نالو ميهار يعني مينهون چاريندڙ پڻ هو). ۱۷. ڏيل کي، بدن کي. ۱۸. سونهن، سينگار. ۱۹. قدمَ، پنڌ ۾ ٻن پيرن جي وچ وارو مفاصلو، ٻرانگهہ. ۲۰. سامهون (تصور ۾ ياد). ۲۱. بنان آواز جي، ماٺا، سانتيڪا. ۲۲. تيز وهڪرو. ۲۳. گهر ويٺيون = گهر ۾ ويهي (بنان تڪليف جي). ۲۴. (واحد سنگَ) دوستي، ناتو، ماٽي، عزازت * ڪريو سنگَ سنوان = دوستيءَ جو دَمُ هڻو. ۲۵. اوهان.

هُونددَ[1] نَه پَلِئُو[2] مَان[3]، گِهڙو[4] سَپِ گهَڙا[5] کَٽِي.

۴

جيڏِيُون ڏِنِيَان جي، صُورَتَ سَاهَڙَ جَامَ جِي،
سُکَ[6] تِي سُتِيُون کِينَ کِي، کَانڌَن[7] پَاسِي[8] کِي[9]،
مُونهَان[10] ئِي اگِيِ[11]، گِهڙو سَپِ گهَڙا کَٽِي.

۵

صُورتَ سَاهڙ جِي، اَئِين[12] جي ڏِسو سَپِيئِي،
سُمهو کِينَ سُکَ تِي، وَرَ[13] پَاسو[14] ڏِيئِي[15]،
مُونهَان اگَيئِي[16] گِهڙو سَپِ گهَڙا کِٽِي.

٦

صُورتَ سَاهَڙَ جَامَ جِي، ڏِنِي جَنِ هيکَارَ[17]،
سُتِيُون کِينَ سُکَ تِي، پِرِي[18] سَاڻُ پَتَارَ[19]،
گِهڙِيُون[20] گهَڙَنِئَان[21] ڌَارَ[22]، کَاهِي پِيِيُون کُنَ ۾[23].

۷

Gul Hayat Institute

جيکِي ڏِنو مَان، سوجِي ڏِنو جيڏئِين،

---

١. جيکر، شايد. ٢. ڇڪليو، منع ڪريو. ٣. مونکي. ۴. (درياهه ۾) ٽِپي پئو يا داخل ٿئو. ۵. (واحد گهڙو)، دِلو. ٦. سُک سان، آرام سان. ٧. (واحد ڪانڌ يعني مڙس يا پَتار) مڙسن. ٨. پاسي ۾، پر ۾. ٩. (ضمير "ڪو" جو جمع) ڪجهه ڄڻيون، ٿوريون. ١٠. مونکان. ١١. پهريائين. ١٢. اوهين، اوهان. ١٣. ورَ کي، مڙس کي، پَتار کي. ١۴. پهلو، بدنَ جو ياڱو جنهن ۾ هڪ ٽنگ ۽ ان جي مٿان هڪ ٻانهن شامل آهن. ١۵. لڳائي (پاسو ڏيئي = ويجهو ٿي). ١٦. پهريائين. ١٧. هڪ دفعو، هڪ ڀيري. ١٨. راضي ٿي، خوش ٿي. ١٩. مڙس. ٢٠. ٽپي پيئيون، داخل ٿيون. ٢١. گهڙن کان، دِلن کان. ٢٢. سواءِ. ٢٣. گرداب، هتي معنيٰ ٿيندي درياهه.

لَهرِنِ[1] ۾ لطيف چئي، دَهلِجِ[2] ڪيمَ دلاَ،
مَتان ڪا گِلاَ[3] ساهَڙُ سُمَنَ[4] جي ڪَري.

۱۲

سَنڌا[5] سَنگهارَنِ[6] جي، ڪَنڌي[7] ڪَنَ[8] ڌَنامِ،
آسانگي[9] اَروَاحَ[10] جي، اُپِي[11] تَڙَ[12] تَڪيامِ[13]،
وَڏي[14] وِبر[15] لَڳيامِ، گهَڙان گهورِئو[16] جِندڙو[17].

۱۳

گهِڙي گهَڙو هَٿ ڪَري، ٻَهُون[18] نَهاري[19] ٻَنگُ[20]،
سرُ دَر قَدَمِ يار فدا شُد چہ بجا شُد*، وَصُلَ[21] اهوئي وَنگُ[22]،
رَاتِ[23] جَنِي جو رَنگُ[24]، اللهَ[25] سي اُڪارِئين[26].

۱۴

گهِڙي گهَڙو هَٿ ڪَري، ٻَهُون نَهاري ٻَنگُ،
وَ اَما مَن خافَ مَقامَ رَبه ●، اِيءُ لَنگهيائين لنگهُ[27]،
سڪَنديِن[28] ڪي سَيدُ چئي، ڪِينَ جَهلِيندو[29] جَهنگُ[30]،
رَاتِ جَنِي جو رَنگُ، اللهَ سي اُڪارِئين.

---

۱. چوليَنِ، موجَنِ. ۲. گهبرائج، هراسج. ۳. شڪايت، ڏوراپو. ۴. انجامَ، واعدي. ۵. واسطي، لاءِ، ڪاڻ. ٦. ڌنارن، مالوندن. ۷. ڪنڌيءَ ڌانهن يا طرف. ۸. (واحد ڪَنَ) بدن جو اهو عضوو جنهن سان ٻُڌڻ جو ڪم ڪجي. ڪَنَ ڌنامِ = (چڙن جو آوازُ) ٻُڌڻ جي ڪوشش ڪيم. ۹. واسطي. ۱۰. ارواح رُوحَ جو جمع آهي پر سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ واحد تي ڪم ايندو آهي جنهن جي معنيٰ دل، تمنا، خواهش، ساهَ. ۱۱. بيٺي. ۱۲. (واحد تڙُ) درياهہ وغيره جي ڪناري تي اها جاءِ جتان ماڻهن ۽ جانورن جي اچ وڃ هجي. گهيڙ، گهاٽ. ۱۳. مون ڳوليا، مون جاچيا. ۱۴. گهڻي. ۱۵. دير. ۱٦. صدقو ٿئو، قربان ٿئو. ۱۷. جانِ، بدن، حياتي. ۱۸. گهڻو، تمام چڱيءَ طرح. ۱۹. جاچي، ڳولي. ۲۰. گهيڙ، گهَٽ، وَجَهہ، سِهو * يار جي قدمن ۾ سر فدا ٿيو تہ چا ٿيو. ۲۱. وصلَ جو، ميلاپَ جو. ۲۲. دستور، ڍنگ. ۲۳. اچ رات جو. ۲۴. رهاڻ، تفريح، وندرَ، محفل. ۲۵. اي الله. ۲٦. پار لنگهائيين ● ۽ جيڪو پنهنجي پالڻهار جي (حضور ۾) روبرو، بيهڻ کان ڊنو (قرآن شريف جي سورت نازعات جي آيت ۴۰). ۲۷. ڪڙاهَ، گهٽَ، لنگهڻ جي جاءِ، رستو. ۲۸. عاشقياڻين، سڪايل عورتن. ۲۹. روڪيندو. ۳۰. وڻڪار وارو هنڌ هتي معنيٰ ٿيندي ڪابہ آڏ يا تڪليف.

Gul Hayat Institute

۱۵.

گِهڙي گهَڙو هَٿِ ڪَري، چيلهہ[۱] ٻَڌِي چوٽو[۲]،
مُنهِنجو مَنُ ميهارَ ڪي، پارِ[۳] وَڃي پهتو،
گهوٽي[۴] ۾ گهوٽو[۵]، اَچي ڪو[۶] مَ اَجاڻِ[۷] ڪي.

۱٦

گِهڙي گهَڙو هَٿِ ڪَري، ٻوڙِيائين ٻاهُون،
وِيچارِيءَ وَڏِيُون ڪِيُون، وِچِ دَرِياهہ دانهُون،
موٽُ[۸] مُحِبَ پاهُون[۹]، تاڪُنُ[۱۰] تَڪِي[۱۱] آهِيان.

۱۷

گهِڙي گهَڙو هَٿِ ڪَري، سانگو[۱۲] ڇڏي ساهہ[۱۳]،
وِيچارِيءَ وڏِيُون ڪِيُون، دانهُون مَنجهہ دَرِياهہ،
ٻَرُ[۱۴] ٻانهُنِ ڇَڏِئو، وِيَسِ ڇُڪِي[۱۵] واهہ[۱۶]،
مَدَدَ[۱۷] رءَ[۱۸] ميهارَ جي، غَرَضَ[۱۹] سَڀِ گُناهہ[۲۰]،
نُورِي[۲۱] ڪَرِ نِگاهہ[۲۲]، ساهڙَ[۲۳] لنگهيان سِيرَ[۲۴] ڪي.

۱. چيلهہ سان، ڪمر سان. ۲. لانگوٽو، گوڏ. لاڪَ. ۳. درياهہ جي هُن پَر يا ٻيءَ ڪنڌيءَ. ۴. پاڻيءَ ۾ ٻُڏندڙ ماڻهوءَ جي هيٺ وڃڻ ۽ مٿي اچڻ واري حالت. غوطو. ٽٻي. ۵. وهم. خيالَ. ٦. نہ. ۷. بي عقل. پورڙي. نادان. ۸. واپس ٿيءُ. ۹. پوئتي. پٺيان. ۱۰. شڪاري (جانورن). ۱۱. تاڙي. ۱۲. آسرو. پرواهہ. ۱۳. ساهہ جو. حياتيءَ جو. جان جو. ۱۴. ٻَلُ. طاقت. زورُ. ۱۵. پوري ٿي. ختم ٿي. ۱٦. اَپاءَ. وسيلا. ۱۷. حمايت. واهَرَ. ۱۸. ڪان سواءِ. ۱۹. مقصدُ. مطلبُ. خواهشون. ۲۰. (واحد گناهہ) ڏوهہ. پاپُ. جرمُ. خطا. ۲۱. نوراني. نورَ وارا. پاڪَ. ۲۲. نظر (مهربانيءَ جي). ۲۳. اي ساهڙَ. ساهڙَ = سهڻيءَ جي محبوب ميهار جو ٻيو نالو. ۲۴. درياهہ. (درياهہ جي) وچ واري تيز وهڪري.

Gul Hayat Institute

طَالِبُ المَوليٰ مُذَڪِرُ،* اِيءُ ٻُڌَنِدَنِ ٻُوڙو[1]،
گهورِئو[2] ڏَمُ[3] ڪُوڙو، مُون ميهَارُئِي مَنَ ۾.

## ٢٢

گهَڙو ڀَڳو تہ گهورِئو، مَرُ ٻِيڙَ[4] تِئي ٻَانهِين[5][6]،
طَالِبُ المَوليٰ مُذَڪِرُ، اِيءَ پَرِ[7] اَسَانهِين[8]،
پُئَان[9] مَ[10] پَانهِين[11]، مُون ميهَارُئِي مَنَ ۾.

## ٢٣

گهَڙو ڀَڳو تہ گهورِئو، پَاٽَان[12] هوءِ[13] حِجَابُ[14]،
وَاجَٽُ[15] وَجِي وِجُودَ[16] ۾، رَهِيو رُوحَ[17] رَبَابُ[18]،
سَاهَڙَ رِيءَ ثَوَابُ[19]، آئُون گهٽُو ئِي گهورِيَان[20].

## ٢٤

گهَڙو ڀَڳو تہ گهورِئو، تَان ڪِي تَرُ هِنيَان[21]،
اَدَبُ[22] اَڪَنڙِيُن ڪِي، ڏَهَاڙِي[23] ڏِيَان،
مُونکي ميهَارَ[24] مِيَان[25]، سَنئُون سُونهَايو[26] پيچِرو[27].

Gul Hayat Institute

---

* موليٰ يعني خدا جو طالب يا گهورو نرُ آهي (حديث)، ١. آڌارَ تيڪَ. ٢. ٻَنِ ٻُٺو، ڪڏ ۾ پوي. ٣. سهڻيءَ جي مڙس جو نالو. ۴. ٻلي. ۵. ٻيٽي. ٦. عاج جون ترتيب وار چوڙيون جيڪي زيور طور زالون ٻانهن ۾ پائينديون آهن. ٧. ريت، گت. ٨. اسان جي.٩. پوان. ١٠. نہ. ١١. پوئتي، پٺتي. ١٢. اٽلندو. ١٣. ٿِئي. ١۴. رنڊڪ، پردو، رخنو. ١۵. واڄو، ساز جو هڪ قسم. ساز جو آواز. ١٦. اندر، دل. ١٧. روح ۾، دل ۾. ١٨. طنبوري جهڙو هڪ ساز. ١٩. نيڪيءَ يا چڱائيءَ جو اَجورو. ٢٠. ٻن وِجهان، ڪڏ ۾ هٽان. ٢١. اي هينيان، اي دل. ٢٢. تنبيهہ، فهمائش، مهميز، سيکت. ٢٣. هر روز، روزانو، وري وري. ٢۴. سهڻيءَ جي محبوب (جو نالو). ٢۵. سائين، سردار. ٢٦. ڏيکاريو. ٢٧. گسَ، رستو.

## ٢٥

گھَڙو ڀَڳو تَہ گھورئو، آسَ[1] مَ[2] لاَھيجِ،
لاَ تَقنَطوُا مِن الرَحمَةِ الله*، تُرَهي[3] اِنَ تَريجِ،
حَبِيبَاٽي[4] هيڄِ[5]، پَسِين[6] مُنهُن ميهَارَ جو.

## ٢٦

گھَڙو ڀَڳو تَہ گھورئو، ڀَڃي[7] تَان مَ گھَڙي[8]،
اُونھُون[9] کُن[10] تَارِ[11] وَھي، دَرِيَاهَ پُوءِ[12] مَ دَڙي[13]،
چِکَڻِ[14] مَان چَڙھِيَ[15]، مَلاَن مُحِبَ ميهَارَ کي.

## ٢٧

گھَڙو ڀِڳو تَہ گھورئو، وِينديِس تَان نَہ وَرِي[16]،
پِيءُ[17] پَسَنديَس[18] پَانھنجو، تَانگھو[19] تَارِ[20] تَري،
ميهَارَ[21] مَرِي[22]، پَلَڪ[23] پَاسي نَہ ٿِئَان.

## ٢٨

گھَڙو ڀَڳو تَہ گھورئو، تُرَهي[24] نَاهي تَاتِ[25]،
اَچي پيئي کُن ۾، جِتي ڏِينهُن نَہ راتِ،#

Gul Hayat Institute

---

١. اميد. ٢. نہ * الله جي رحمت کان نااميد نہ ٿيو. (قرآن شريف جي صورت زمر جي آيت نمبر ٥٣)، ٣. ترهي، تي، ڪکن، ڪانن ۽ ڪائين جو نوڙين ۽ رسين سان ٻڌي ٺاهيل منجي تي، ۴. حبيب جي، محبوب جي، ٥. هيڄَ سان، سڪ سان، ٦. پسنديس ، ڏسنديس (گنج ۾ "پسان" لکيل آهي)، ٧. ضايع ٿئي، پوري ٿي وڃي، گذري وڃي، ٨. (ميهار سان ملڻ جي) انجام جو وقت، ڪڙَ، ٩. عميق، گهرو، وڏي، پاڻيءَ وارو، ١٠. درياهہ، ١١. پرپور، ٽمٽار، ڪَنا ڪَن، ١٢. پَوي، ١٣. ڪانجاڻ، اٽڪ، رنڊڪ، ١۴. درياهہ جي پيٽ ۾ زمين جو سخت ۽ ڏاڍو حصو جنهن سان پاڻي ٽڪرائجي آواز ۽ گوڙ ۽ گجگوڙ ڪندو آهي، ١٥. لنگهي، پار اُڪري، ١٦. موٽي، واپس، ١٧. پيارو محبوب، ١٨. ڏسنديس، ١٩. ننڍو پاڻي، ٢٠. وڏو پاڻي، اونهون پاڻي، ٢١. ميهار کان، ٢٢. مرڻ بعد، موت کان پوءِ، ٢٣. ٿورو وقت ٻہ، گهڙي يا ساعت، ٢۴. ترهي جي، ٢٥. پرواهہ، ضرورت # جتي نہ ڏينهن نہ رات = جتي نہ ڏينهن نہ رات آهي يعني جتي اوندهہ لڳي پئي آهي.

عَاشِقَاٹِي[1] ذَاتِ[2]، مُئي مَلهَائي[3] سُوهَٹِي.

### ٢٩

گهَڙو پَڳو مُنڌَ[4] مُئي، وِئا وَسِيلا[5]،
سَارَ[6] ڇَڏِيائين[7] سِيرَ[8] ۾، هَئي[9] وِئا حِيلاَ[10]،
سُهِٹيءَ جا سِيلا[11]، وَحدَتَ[12] سَڀِ وِڃايا.

### ٣٠

گهَڙو پَڳو مُنڌَ مُئي، وَسِيلاَ وِئا،
تِهَان[13] پوءِ سُئا سُهٹيءَ سَڌَ مِيهَارَ جا.

### ٣١

جَڏهين وَسِيلَنِ، لُوڙهي[14] ڇَڏي لُڙَ[15] ۾،
پَارَارَان[16] پِرِيَنِ[17]، تَڏهِين پُڇِي[18] سُوهَٹِي.

### ٣٢

پَاڻُ[19] ۾ کَٹِج پَاڻ سين، رَءِ[20] وَسِيلي وَڏُ[21]،
لاَلَڻُ[22] تَنِي[23] لَڌُ[24]، عِشقُ[25] جَنِي جي اَڳَ[26] ۾.

---

١. عاشقن جي، پيار ڪندڙن جي، ٢. ذات ڪي، فرقي ڪي، ٽولي يا گروهہ ڪي، ٣. سرخرو ڪري، موڪي، ٽالو ڪيرائي، ۴. عورت يا زال يعني سهڻي، ۵. (واحد وسيلو) واهر ڪندڙ يا مدد ڪندڙ ڪا شيءِ يا چيز، ٦. هوش، طاقت، ٧. وڃايائين (ڪنج ۾ "ڇڏيائون" لکيل آهي)، ٨. درياهَہ، درياهہ جي وچ واري تيز وهڪري، ٩. افسوس، ١٠. (واحد حيلو) حڪمتَ، هنرَ، فَنَ، اپاءُ، ڪوشش، ١١. (واحد سِيلو) وَسيلو، آسرو، هار سينگارَ، ١٢. توحيد، هڪڙائيءَ، ١٣. تنهن ڪان، ١۴. ٻوڙي، ١۵. لڙاٽيل يا ميرو پاڻي، درياهہ، ١٦. پارڪان، ٻَريٹن ڪنڌيءَ ڪان، درياهہ جي ٻي ڪناري تان، ١٧. محبوبن يعني ميهارَ، ١٨. سڏِي، ٻَڪاري، ١٩. خودي، آپو، ٢٠. سواءِ، ٢١. هَلَ، وڃَ، ٢٢. محبوبَ، سجڻ، ٢٣. تن ڪي، ٢۴. لڌو، مليو، ٢۵. محبت، پيار، ٢٦. اڳ ۾ = اڳيان هلندڙ، رهبري ڪندڙ.

Gul Hayat Institute

### ٣٣

پَاڻُ مَ ڪَڇِ پَاڻَ سين، رءَ وَسيلي[1] وَانءُ[2]،
مَتان سَائِرَ[3] سُوهَڻِي، پِرتِ[4] وَنجي پَانءُ[5]،
نِيڻهَن[6] ڳِنَهَندي[7] نَانءُ[8]، وَانءُ پِرِيَان جي پَارَ ڏي.

### ٣۴

پَاڻُ مَ ڪَڇِ پَاڻَ سين، رءَ وَسيلي وَڃُ،
پيلو[9] پيري[10] پَڃُ[11]، اُڪَندَ[12] ڪَڻُ عَمِيق[13] ۾.

### ٣٥

پَاڻُ مَ ڪَڇِ پَاڻَ سين، وَسيلا وِڃَاءِ،
عِشقَ سَاڻُ اُنَاءِ[14]، پيرُ پِرِيَان جي پَارَ ڏي.

### ٣٦

پَاڻُ مَ ڪَڇِ پَاڻَ سين، وَسيلا وِسَارِ[15]،
لُڙُ[16] لَنگهَائي سُوهَڻِي، پِرتِ وِڄهندِيئي پَارِ[17]،
تُرتُ[18] لنگهِنديُون تَارِ[19] اُڪَندَ آڳَهُ[20] جَنِ جو.*

Gul Hayat Institute

---

١. مدد يا واهرَ (ڪنڌ شيءِ يا چيز)، ٢. وَڃَ. ٣. درياهَہ. ۴. پرت جو، محبت جو. ٥. رازَ، ڳجهَہ، بير. ٦. نينهن جو، محبت جو، عشق جو. ٧. وٺندي، ياد ڪندي، اوريندي. ٨. نالو. ٩. اڌ ڪچو اڌ پڪو (دلو)، ڪچو (دلو). ١٠. ڦيرائي، گهمائي، زور سان. ١١. پرزا پرزا ڪر. ١٢. محبتَ، پيارَ، سِڪَ. ١٣. اونهي پاڻيءَ يعني درياهَہ. ١۴. ڪَڻَ، وڃاءِ. ١٥. ڀلائي ڇڏ. ١٦. دل تان لاهي ڇڏ. ١٧. درياهَہ. ١٧. پار ڏانهن، درياهہ جي پرئين ڪنڌي ڏانهن. ١٨. هڪدم، جلد. ١٩. اونهون پاڻي يعني درياهہ. ٢٠. آثار، پرجهلو، اڳواڻ * گنج ۾ "سين" لکيل آهي.

## ٣٧

آڳَهَ عِشقَ وَارِيِن، جَڏِهِين کَنيَا جَنِ،
تَڏِهِين رَسِئَا تَنِ، مِيهَڻَا[1] مُحِبَ مِيهَارَ جَا.

## ٣٨

ڪونهي آڳُهُ اهَڙو، جِهَڙي مَحبَتَ مَنِ،
اُپِيُون[2] اورِيِن[3] پَارَ ڏي، ڪوڙِيُون[4] ڪَکَ[5] پُڇَنِ،
نَدِي[6] تَنِ نيٺُرِ[7] ٿِئي، جي رِءَ[8] تُرهَڻي[9] تَرَنِ،
سِک[10] رَسَائي[11] سُوهَڻي، اَصلِ عَاشِقَنِ[12]،
سي جَهلِيُون[13] ڪِينَ ڪُنَنِ[14]، پُڇَنِ[15] جي ميهَار کي.

## ٣٩

پُڇَنِ جي ميهَارَ کي، پُڇي سي ميهَارُ،
فَاذڪُرُونِي اَذڪُرڪُم،# اِي پَرُوڙِجِ[16] پَارُ[17]،
تُرَهو تَنِئي[18] بَارُ[19]، عِشقُ جَنِي کي آڪِرو[20].

Gul Hayat Institute

## ٤٠

عِشقُ جَنِي کي آڪِرو، تُرَهو مَٿي[21] تَنِ،

---

١. طعنا، ڏوراپا ٢. بيٺيون، ٣. ويجهي، هن پاسي واري، ۴. ڪوڙيون، محبت ڪان سواءِ (عورتون)، ۵. ڪک پڇن = ترهي جي تلاش يا ڳولا ڪن (ترهو = ڪکن ۽ ڪانن مان ٺاهيل منجو جو درياهه ۾ ترڻ جي ڪم ايندو آهي)، ٦. درياهه، ٧. ننڍي نهر، ڪسي، آڏ، ٨. سواءِ، ٩. درياهه ۾ ترڻ لاءِ ڪکن ۽ ڪانن مان ٺاهيل منجي، ١٠. محبت، ١١. (منزل مقصود تائين) پهچائي، رسائي، ١٢. عاشقن کي، ١٣. روڪيون، ١۴. (واحد ڪُنُ) درياهه ۾ پاڻيءَ جو اونهون هنڌ جتي پاڻي چڪرُ کائي، گرداب، ڀَنورُ، ١۵. سڏين، پڪارين، ياد ڪن # پوءِ مونکي ياد ڪريو آئون اوهانکي ياد ڪريان (قرآن شريف جي سورت بقر جي ١۵٢ آيت)، ١٦. سڃاڻج، ١٧. طرف، ١٨. تن تي، ١٩. بوجهه، ڳران، وزن، ڳرو، رنڍڪ، ٢٠. گهٽو، وڏيڪ، زور، ٢١. مٿي تي يعني سر تي رکي ڇڏيو ڇاڪاڻ جو ان جي ضرورت نه رهي.

فَنَا[١] وِجَهندءَ فَمَ[٢] ۾، ڪَارڻِ[٣] تَيءُ[٤] ڪَبَابَ[٥]،
ذي طَهُورا[٦] تَنِ ڪي، جي سِڪَنِ لَئي شَرَابَ،
مُنِيءَ[٧] ڪِئَا مَرضَ[٨] ۾، يَاوَهَ[٩] سَبِ جَوَابَ[١٠].

## وائي ٢

سَچا[١٣] سَيدَ[١١] مُون ڪي تُون، وَهِيَان[١٢] وَاهَرَ،
نِيئي نِيئي اولِ پِريَان[١٤] جي پَارَ ذي،
ڪُنَ[١٥] جي ڪَارونِيَارَ[١٦] جَا، سي آئُون[١٧] پَايَان پُون[١٨]،
سَندو[١٩] جِيئَنَ[٢٠] آسَرو[٢١]، مَنَان[٢٢] لاَ تَو مُون[٢٣].

## وائي ٣

دَردَ[٢٤] رَانجهنِ[٢٥] دي[٢٦] هِيءَ دِلِ[٢٧] مَارِي[٢٨] مَولاَ[٢٩]،
اِيڪَ[٣٠] گهڙي[٣١] دي وِيڪَڻَ[٣٢] ڪِيتي[٣٣] گهنِ[٣٤] ڳيَا[٣٥] دل سَارِي،
ڪوئي حبيبُ طَبِيبُ بَتَاوي[٣٦]، جو دَارُون[٣٧] دل دَا[٣٨] قَرَارِي[٣٩].

Gul Hayat Institute

---

١. وِناس، تباهي، بربادي، نيستي، معدومي. ٢. وات، منهن، مُکَ (فنا فم ۾ وجهندءِ = موتَ ڏيندءِ، ماريندءِ). ٣. واسطي. ۴. تيار ٿيءُ. ٥. ڪباب جي، ٿڪرن ۽ ڳڪين جي يعني ڪَسَڻ لاءِ تيار ٿيءُ. ٦. بهشت جو پاڪَ پاڻي. ٧. مصيبت ۾ يا تڪليف ۾ گهيريل، بدبخت، ندوريءَ. ٨. (عشق جي) بيماريءَ. ٩. اجايا، بيهودا، نامناسب. ١٠. گفتا، ڳالهيون. ١١. سردار، (گنج ۾ ساهڙَ لکيل آهي). ١٢. وارث، مالڪَ. ١٣. حامي، مددگار. ١۴. پهچاءِ. ١٥. (واحد ڪَنُ) درياهہ ۾ پاڻيءَ جو اونهون هنڌَ، جتي پاڻي چڪر ڏيندو آهي. گرداب. ١٦. درياهہ. ١٧. سمجهان، ڄاڻان. ١٨. زمين، سُڪو پَٽُ. ١٩. جو. ٢٠. زنده رهڻَ. ٢١. اميد، آس، تمنا. ٢٢. مَنَ تان، دل مان. ٢٣. وساري ڇڏيو. ٢۴. سور، ڏک. ٢٥. محبوب. ٢٦. جي. ٢٧. من، قلب. ٢٨. فنا ڪئي، ناس ڪئي. ٢٩. اي مولا، اي مالڪ، اي الله. ٣٠. هڪڙيءَ. ٣١. ساعت، پل. ٣٢. ڏسڻ. ٣٣. لاءِ، واسطي. ٣۴. وني، ڪئي. ٣٥. ونو. ٣٦. ٻڌائي. ٣٧. دوا، علاج. ٣٨. جو. ٣٩. قرار، آرام، فرحت ڏيندڙ.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرُ سارِنگُ

## داستان پهريون

۱

لَڳَهَه[1] پَسُ[2] لَطِيفُ چَئِي، آڱمِئو[3] آهي،
اُنو مينهُن[4] وَڏَڦُڙو،[5] ڪَڏيو ڏَنَّ[6] ڪاهي،
چِڻَ[7] چَڏي پَٽِ[8] پَئو،[9] سَمَرَ[10] سَنباهي،[11]
وِهو مَرَ لاهي، آسِرو[12] اَللهَ مان.

۲

لَڳَهَه پَسُ لَطِيفُ چَئِي، آڱمَ[13] ڪَئا اَللهَ،
وَڏائي[14] واحِدَ[15] ڪَئا، مَتَئي[16] گَسَنِ گاهَه،
پَلُرَ[17] جي پالوٽَ[18] سين، پَٽَنِ جَهَلِئا پاهَه،[19]
سانگِيَنِ[20] وَرِئا ساهَه،[21] اُنُن آبُ اَڱوندرو.[22]

۳

آڱمَ[23] اِي نَه اَنگَ،[24] جِهَڙو پَسَڻُ پِرِينءَ جو،

Gul Hayat Institute

---

۱. گهاٽا بادل، گهاٽا ڪڪر (واحد لَڳَهَه)، ۲. ڏِسَ، ۳. جَهڙ (ٿيو)، مينهن پوڻ جا آثار يا ماحولَ پيدا ٿيو. ۴. وَسِئو، پيو. ۵. وڏ ڦڙو = وڏن قطرن وارو، زوردار. ٦. (چوپائي مال جا) وَگَرَ. ۷. ميٺاهين زمين، چِنا، جهوپڙا، ڪکن جا ٺهيل گهرَ، پونگا. ۸. پَٽَ تي، ميدان تي. ۹. نڪري اچو، باهر ٿيو. ۱۰. سامانَ يا تيز ٿاڙي (گهرَ جو). ۱۱. سنڀالي، تيار ڪري. ۱۲. اميدَ، آسَ. ۱۳. جُهڙَ (واحد آ گَرُ). ۱۴. گهٽا، جهجها. ۱۵. هڪڙي (خدا). ۱٦. تي. ۱۷. مينهن جي پاڻيءَ. ۱۸. اَٿلَ، مٿان وري وَڃڻ جي حالت، ٻوڏِ، طغياني. ۱۹. (واحد پاهَ) ڪاڏو يا چارو (جانورن جو). گاهَ. ۲۰. هڪ هنڌان لڏي ٻي هنڌ وهندڙ ماڻهن، خانہ بدوش، مالدارَ يا مالوندَ ماڻهن. ۲۱. ساهَه وَرِئا = آٿت يا آسرو ٿيو، خوشي ٿي. ۲۲. گوندر يا غم کان خالي، خوش ڪندڙ. ۲۳. آڱم جا، جُهڙ جا، ڪڪرن جا. ۲۴. نمونا، خاصيتون.

### ٧

اَجُ پَنڊِ اُتَرَ پَارَ ڏي، ڪَڪَرَ ڪِئَائِين،
روضو پَاڪَ رَسُولَ جو، رِجِهِي[1] رَانِيَائِين[2]،
آٽي ڏِنَائِين، عَالَمَ[3] آبُ اگُوندِرو.

### ٨

اَجُ پَنڊِ اُتَرَ پَارَ ڏي، ڪَڪَرَ تو ڪَري،
وَاحِدُ[4] وَاتَرِيُنِ[5] تي، خَالِقُ[6] ڪَندُ[7] پَري[8]،
پيڪَارَئَان[9] پَري، شَالَ مَ وَجَنِ سُپِرِين.

### ٩

اَجُ پَنڊِ اُتَرَ پَارَ ڏي، ڪَڪَرَ تو ڪَري،
وَسِئو سي پَري، جي ڏُڙَهَ[10] ڏِينهَنِ[11] ڪَانِيَا[12].

### ١٠

اَجُ پَنڊِ اُتَرَ پَارَ ڏي، ڪَڪَرَ ڪي چوٽي[13]،
پِرِيَان سَندي پَارَ جي، ڪِوِنَ[14] نَ ڪوٽي[15]،
آءُ لَالَنَ[16] موٽِي، گهوريا[17] رُسَنَ[18] ڏِينهَڙَا.

Gul Hayat Institute

---

١. راضي ٿي، ٢. سينگاريائين، ٣. عالَمَ کي، جَهان کي، دنيا يا ملڪ کي، ۴. هڪڙو (خدا)، ۵. گَسَنِ، رَستن، ٦. پيدا ڪندڙ (خدا)، ٧. ڪڏون يا ڪامان (واحد ڪندُ)، ٨. پَرِ ڪري، تارِ ڪري، ٩. پيڪار ڪان، ديدارڪان، اکين ڪان، ڏسڻ ڪان، ١٠. غيرآباد زمينون (واحد ڏُڙهَ) برپٽ ميدان، ١١. ڏينهن ڪان، گهڻي وقت ڪان، ١٢. خشڪ هٺا، سڙيل ۽ جَلِيلَ (پاڻيءَ جي غير موجودگيءَ ۽ گرميءَ سبب)، ١٣. چوٽي ڪِي = چوٽي ڪَئي يا ڪئي، منهن ڪيو، ڏيکائي ڏني، ١۴. وِجَ، برق، آسماني بجلي، ١۵. ڪوڙي، اَجائي، بي سُود، بيڪار، ١٦. اي لالَنَ، اي محبوب، ١٧. ڪڏ ير پٺا، ہَنِ پٺا، بيڪار يا نڪما، ١٨. رسڻ جا، روسامي جا، رنج يا ڪاوڙ وارا.

## ١١

كَارَا كَكَرَ كيِسَ[1]، اَجُ پَڻِ اُتَرَ پَارَ ڏي،
وِجُون[2] وَسَڻَ[3] آيُون، کَري لاَلَ لِبيِسَ[4]،
پِرِين جي پَرَديِسِ[5]، مُون کي مِينهَن مِيڙئا[6].

## ١٢

کَري هَکَلَ[7] هُوءِ[8]، اُتَرَان[9] ٿِي آيُون،
پَري تَڙَ[10] تَرَايُون[11]، جُوڙي هَليِون[12] جُوءِ[13]،
پَسو جَا پَٽَنِ[14] ۾[15]، کَٿُورِيءَ[16] خُوشبوءِ[17]،
وَجي رُوبَرُوءِ[18]، اُنِيُون[19] روضي تَان رَسولَ جي.

## ١٣

روضي تَان رَسُولَ جي، کِئو وِڄَڙيُن وَارو[20]،
هَادِي[21] پِرِ حُڪُمَ[22] سين، هِيءُ تَڙُ تَاسَارو[23]،
پَريَائين پِيرَ پِئي[24]، نَظَرَ[25] سين نَارو[26]،
نَبِيءَ نِظَارو[27]، پِئي پَسَايو پَانهِنجو[28].

Gul Hayat Institute

---

١. كيسَ جهڙا كارا، وارن جهڙا كارا (كيس = اڇن وارن کي كارو كندڙ رنگ يعني خضاب). ٢. كنوڻيون. ٣. ڳاڙها. ۴. لباس، ويس، وڳا، روپَ، پوشاكون. ٥. پرديس ۾، پَرَڏيهه ۾، ڏوراهين مُلکَ يا شهر ۾. ٦. ملايا، ياد ڏياريا. ٧. آواز، گوڙ. ٨. هَلَ، غوغا، (هڪل هوءِ = گجگوڙَ). ٩. اُتر کان، اتر جي طرف کان. ١٠. تلاءَ، ڪڏون (واحد تڙَ). ١١. واحد ترائي، هيٺاهين زمين جتي سر يا برسات جو پاڻي گڏ ٿئي، ننڍڙو تلاءُ، ڍوري. ١٢. ٺاهي، سنواري يا سڌاري (ريج ڏيئي). ١٣. ديس، ملڪ، ماڳ، زمين، ڌرتي. ١۴. ڏسو. ١٥. ميدانن ۾. ١٦. ڪٿوريءَ جي، ڪستوري جي، مشڪ جي، اها خوشبودار شيءِ جا هرڻ جي ڌنَ يا پيٽ مان نڪرندي آهي. ١٧. سرهاڻ، سڳند. ١٨. آمهون سامهون، آڏو، نزديڪ. ١٩. وسيون، مينهن وسايائون. ٢٠. ڦيرو گهمرو، موٽَ. ٢١. اي، هادي، اي رهبر، اي خدا. ٢٢. امر، اعجاز. ٢٣. تاس وارو، اُجايل، خشڪ، سڪل. ٢۴. پيرَ پئي = راضي ٿي. ٢٥. مهربانيءَ، شفقتَ. ٢٦. نارو واهه يا ناري واهه مان آباد ٿيندڙ علائقو. ٢٧. ديدار، درشن. ٢٨. محبوبَ، دوستَ.

## ۱۴

مَڪي ڪَان ٿِي موتِيُون، اُنِيُون تي عَرَفَاتِ[1]،
روضي پَاسِ[2] رَسُولَ جي، رِيجَهه[3] ڪِيَائُون راتِ،
وِجَهڙِيُون[4] پِرِيَاتِ[5]، موتِي مِصرِ آيُون.

## ۱۵

جَهرَڪِيُون[6] مِ جِيلاَنَ[7]، ڪِيَائُون مِيرَان[8] جو مُجِرو[9]،
جِتي غَوثُ[10] بَهَاؤالدِينَ[11]، اُت مَرَڪِيُون[12] مِ مُلتَانَ،
اَچي اَڄُ اَڪَتِيُون[13]، ڪِيَائُون پُرِ[14] پُرَاڻِ[15]،
وِجَهڙِيُن مُنهَن ڪَاڻ[16] لاَتِي سِنڌُ وَٽِن ڪِي[17].

## ۱۶

اَڄُ پَرِ اُميدُون[18]، آڳَمَ[19] سَنڌيُون[20] اُڀَ[21] مِ،
سَاوڻُ[22] پَسِي سَرتِيُون، سَجَڻُ سَارِيو[23] مُون،
آئُون آسَائتي[24] آهيَان، مَان نَ پِيچائي[25] يُون[26]،
گهرِ[27] تَ گهرِجِين[28] تُون، مُنڊ[29] مَڙيَائي[30] مِينهَن جِي.#

Gul Hayat Institute

---

۱. مڪي شريف کي ويجهو ايرندي طرف هڪ ميدان (جتي حاجي حج جي ڏينهن ڏڏ ٿي اڪيئن ۽ وچين جي نماز گڏ پڙهندا آهن).
۲. وٽ. ۳. رهاڻ، ڪچهري، مجلس، وروڻهن، وندر. ۴. ڪنوٽيون. ۵. اَسُرَ مهل، فجر جي وقت. ٦. چمڪيون. ۷. جيلان جي شهر جتي سيد عبدالقادر پيدا ٿيو هو، جيلان کي گيلان به چوندا آهن. ۸. سيد عبدالقادر جيلانيءَ. ۹. زيارتَ، ديدار، سلامَ. ۱۰. دانهن اونائيندڙ، فرياد ٻڌندڙ، وڏو وَلِي، قطبَ. ۱۱. حضرت زڪريا بهاؤالدين جنهن جو ملتان شهر ۾ مقبرو آهي. ۱۲. لاڏ ۽ فخر سان وارد ٿيون يا چمڪيون. ۱۳. پرگهٽ ٿيون، نڪتيون، ظاهر ٿيون. ۱۴. پرپور، چڪار، ڪپڻ تائين پريل. ۱۵. سنڌو درياهه جو پراڻو پيٽَ. ۱٦. منهن ڪاڻ = ميارَ. ۱۷. جي. ۱۸. آسُون، آسرا. ۱۹. جُهڙَ. ۲۰. جوُن. ۲۱. آسمان. ۲۲. مينهن جي موسم. ۲۳. ياد ڪيو. ۲۴. اميدوار. ۲۵. پَسائي. ۲٦. زمين (پِچائي يُون = مينهن وسائي زمين ۾ ريج ڪري). ۲۷. (منهنجي) گهرَ ۾. ۲۸. تنهنجي ضرورت آهي. ۲۹. موسم. ۳۰. سموري، ساري. # مينهن جي سموري موسم منهنجي گهر ۾ تون گهربيل آهين.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرُ ڪيڏارو[1]

## داستان پهريون

۱

ڏِنو مُحَرَمُ[2] ماهُ، ٿِئو سَنڪو[3] شَهزادَنِ[4] ۾،
جَاڻي[5] هيڪُ[6] اَللهُ، پَاڻَ[7] وَڻنديُون[8] جو ڪَري.

۲

ڏِنو مُحَرَمُ ماهُ، سَنڪو شَهزادَنِ ٿِئو#،
مَڪي[9] مَدِيني[10] ماڻهيُن[11]، رُنو مَٿي[12] راهَ[13]،
تِنهِن واحِدَ کي واهَ[14]، جو حُڪمَ هِهڙائي ڪَري.

۳

آيو مُحَرَمُ ماهُ، عِزَتَ[15] تي اَميرَنِ[16] کي،
توشو[17] ڪَيائُون تَوڻِ[18] جو، ڪانيُون پاڻي گاهُ،
جَاڻي هيڪُ اَللهُ، مَجيائُون رَضا[19] رَبَّ[20] جي.

Gul Hayat Institute

---

۱.جنگ، جنگ جو ميدان، قتلعام، ماتم. ۲. محرم ماهہ= محرم جو مهينو (اسلامي سال جي پهرئين مهيني کي محرم جو مهينو چوندا آهن). ۳. اَڻ ٽُڻ، فڪرَ، اوڏِڪو، انتظار. ۴. شاهہ جي چاون، شاهہ جي اولاد يعني حضرت علي ع شاهہ جي اولاد. ۵. پروڙي يا خَبَر رکي ٿو (ان انتظار جي). ٦. هڪڙو، واحد، ۷. پنهنجي، ۸. پسند واريون (ڳالهيون)، ۹. مڪي جي، ۱۰. مديني جي (مڪو عربستان ۾ هڪ شهر آهي جتي ڪعبت الله آهي ۽ جتي اسلام جو پيغمبر حضرت محمد مصطفيٰ پيدا ٿيو هو ۽ مدينو عربستان جو اهو شهر جتي پيغمبر سائين جن جو روضو مبارڪ آهي). ۱۱. ماڻهن، ۱۲. تي، ۱۳. گس، رستي، ۱۴. تعريف، ساراهہ، واکاڻ. ۱۵. وقارَ، رتبو (عزت تي = رتبو بلند ٿيو يعني ذڪر شروع ٿئو)، ۱٦. سردارن يعني عليءَ جي اولادَ، ۱۷. سامانَ، اسبابَ، ۱۸. ڪاڏي پيتي، گذرانَ، ۱۹. مرضي، حڪم، ۲۰. پالڻهار، خدا، # گنج ۾ "پهرين محرمَ مَاهَ مير مدينان نڳا" لکيل آهي، حقيقت ۾ امام حسين ع مديني مان رجب جي مهيني ۾ نڪتو هو.

## ٨

مِير مَدِينِئان نڪري، آيا نہ موٽِي،
ڪَارا رگَجِ ڪَپِڙا، اَدا[1] نيروٽِي[2]،
آئُون تَنِي لَئِہ لُونِي[3]، جي مِير مُسَافِر[4] رَانئا[5].

## ٩

سَختِي[6] شَهَادَت[7] جِي، مِزوئِي[8] مَلارُ[9]،
ذَرو نَاهِہ يَزِيدَ ذي، عِشق[10] جو آثارُ[11]،
ڪُسَڻَ[12] جو قَرارُ[13]، اَصل[14] اِمَامَن[15] سين.

## ١٠

سَختِي شَهَادَت جِي، مَلارُ مِزوئِي،
ذَرو نَاهِہ يَزِيدَ جو، آثارُ اُهو ئِي،
ڪُسَڻُ هو ڪوئِي، اَصل اِمَامَن سين.

## ١١

سَختِي سِيَادَت[16] جِي، سُرُ[17] شادِيءَ[18] جو ڏِينهُن،
ذَرو نَاهِہ يَزِيدَ جو، نِسورو[19] ئِي نينهُن[20]،

---

١. اي ادا، اي ياءَ، ٢. ڪپڙا رگيندڙ، ڪهنباڻي، نير ۾ ڪپڙا رگيندڙ، ٣. بدحال، پريشان، ۴. مسافر ٿي، سفر جي حالت ۾، پرديسي ٿي، ٥. شهيد ٿئا، ٦. تڪليف، ٧. خدا جي راهَ ۾ مارجڻ يا قتل ٿيڻ، ٨. سارو، مڪمل، پوري جو پورو، ٩. جَهڙَ يعني فرحت يا راحت، ١٠. (خدا جي) محبتَ، ١١. اثَر جو جمع پر سنڌيءَ ۾ واحد جي صيغي ۾ بہ ڪڏهين ڪم ايندو آهي معنيٰ آثَرَ، اهڃاڻ، نشاني (امام حسين ع جي شهادت خداجي محبت جي نشاني آهي)، ١٢. قتل ٿيڻ يا قربان ٿيڻ (خدا جي راهہ ۾)، ١٣. انجام، واعدو، قول، ١۴. اصل ڪان، روزازل ڪان، ١٥. امام حسين ع ۽ ان جي ساٿين، ١٦. سرداريءَ، ساداتيت يعني سيد قوم مان هجڻ، بزرگيءَ، ١٧. ڀڏ، ١٨. خوشيءَ، ١٩. نجَ، خالص، صفا، ، ٢٠. محبت (خدا جي).

مَرگَ[1] اُنو[2] مِينهُن، عَلِيءَ جي اولادَ کي.

١٢

سَختي سِيادَتَ کي، نِسورو ئِي نازُ[3]،
کي رِندَ[4] پَروڙِين[5] رازُ[6]، قَضيو[7] ڪَربَلا جو#.

١٣

ڪَربَلا جو قَضيو، جَڏهين پوي مَنجهه جيءَ[8]،
وَسَنِ تا وِجُودَ[9] تي، سَندا[10] سُورَنِ[11] سيءَ[12]،
ڏُهتَنِ ڏِنا ڏُکڙا، ناني ري[13] نَبيءَ،
فَرزَندَ بيبيءَ فاطِمَةَ، پاڪَ پيارا پيءَ[14]،
وَالي[15] وارِثَ[16] وِيءَ[17]، رِڻَ[18] ۾ رُڪَ[19] رَهائيا[20].

١٤

قَضيو ڪَربَلا جو، مِڙوئي مَلارُ،
ڳالهه سَڄِيائي ڳُجهه[21] جي، الاهي[22] اِسرارُ،
مَولو[23] تئو مُختيارُ[24]، پَنهجَن جُون پَرکون[25] لَهي[26].

Gul Hayat Institute

١. مرگ جو، موت جو. ٢. وسئو. ٣. معشوقاڻي ادا يا حرڪت، (خدا جي) منشا. ٤. عاشق، عاقل، ڪامل عارف. ٥. ڄاڻن، سمجهن. ٦. ڳجهه، اسرارَ. ٧. معاملو، واقعو. #ڪي ٿورا عاشق يا عاقل ڪربلا جو قضيو هڪ رازَ سمجهن ٿا. ٨. دل، من (پوي منجهه جيءَ = ياد اچي). ٩. دل، من، بدن، جان. ١٠. جا. ١١. ڏکن، غمن. ١٢. سرديون، تڪليفون. ١٣. سواءِ. ١٤. محبوب. ١٥. مالڪ، ڌڻي. ١٦. مالڪ، ڌڻي. ١٧. ويءِ جا. (جنت جي) چمن يا باغ جا. ١٨. بيابان، صحرا. ١٩. جنگ، لڙائي. ٢٠. ترسايا، روڪيا، جهليا. ٢١. راز، اسرار. ٢٢. الله جو، خدا جو. ٢٣. مولا، خدا. ٢٤. اختياروارو، وس وارو. ٢٥. آزمائشون، امتحان. ٢٦. وٺي.

# وائي

داَغُ[1] سِينيٰ[2] پَرِ[3] غَمُ[4] ڪَا، هَيْ[5] مَاتَمِ[6] ڪَا،
يَا حُسَيْنُ،
جَهندا جو آيَا خَبَرَ ليٰ[7] آيَا،
سُوزُ[8] ڪَرِيو شَهَ[9] قَاسِمِ[10] ڪَا.

Gul Hayat Institute

---

۱. ٽِڪو، زخم، ڪِلِنڪَ. ۲. دل، جان، ڇاتيءَ. ۳. تي. ۴. غم جو، ڏک جو. ۵. افسوس. ۶. ماتم جو، ارمان جو، غم جو. ۷. وٺي، ڪٺي. ۸. غم، افسوس، ماتم. ۹. شاهه. ۱۰. حضرت قاسم جيڪو حضرت امام حسن ع جو پٽ ۽ امام حسين ع جو ڀائٽيو هو.

Gul Hayat Institute

# شاهہ جو رسالو

## گھٽي کان گھٽو نج ڪلام

## مفصل لفظي معنيٰ سان

## ڪلام جي وچور

| عدد شمار | سُر جو نالو | داستانن جو عدد | بيتن جو عدد | واين جو عدد | صفحو |
|---|---|---|---|---|---|
| ١ | ڪلياڻ | ٣ | ٨١ | ٥ | ٣ |
| ٢ | جمن | ١٠ | ٢٥٣ | ١١ | ٢٧ |
| ٣ | کنڀات | ٣ | ١١٠ | ٨ | ١٠٢ |
| ٤ | سر راڳ | ٧ | ١٤٧ | ١٠ | ١٣٣ |
| ٥ | ساموندي | ٥ | ١١٦ | ١٢ | ١٨١ |
| ٦ | سهڻي | ١٠ | ٢٨٣ | ٢١ | ٢١٧ |
| ٧ | سارنگ | ٤ | ٨٥ | ٦ | ٣٠٩ |
| ٨ | ڪيڏارو | ٦ | ٨٨ | ٦ | ٣٣٩ |

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر كلياڻ

## داستان پهريون

### ١

اَولُ[١] اَللهُ عَلِيمُ[٢]، اَعليٰ[٣] عالَم[٤] جو ذَڻي[٥]،
قادِرُ[٦] پَنهِجيءَ قُدرَتَ سين، قائِمُ[٧] آهِ قَديمُ[٨]،
والي[٩] واحِدُ[١٠] وَحدَهُ[١١]، رازِقُ رَبُ رَحيمُ،
سو ساراهِ سَچو ذَڻي، چَئي حَمدُ[١٢] حَكيمُ[١٣]،
كَري پاڻَ كَريمُ[١٤]، جوڙُون[١٥] جوڙَ[١٦] جِهانَ جُون.

### ٢

وَحدَهُ[١٧] لاَ شَريكَ[١٨] لَهُ[١٩]، جان تو چَئين ايئَن،
تان مَج مُحَمَّدُ كارَڻي[٢٠]، نِرتو[٢١] مَنجهان نِينهن[٢٢]،
تان تُون وَجِئو كِيئَن، نائِبين سِرُ بِئِن كي.*

Gul Hayat Institute

---

١. هر شيء كان اڳ موجود (هو ۽ آهي). ٢. سڀني كان وڌيڪ ڄاڻ يا علم وارو ٣. سڀني كان مٿانهون - اتم - اوچو - بلند ٤. ساري ڪائنات يا جهان (زمين، آسمان، دنيا ۽ آخرت)، سڀ شئيءِ. ٥. مالڪ ٦. قدرت وارو، طاقت وارو، سگهه وارو، شڪتيءِ وارو ٧. بيٺل، هميشه كان محكم رهندڙ. ٨. آڳاٽو، ازل كان اڳ، ڪائنات كان اڳ ٩. حاڪم، مالڪ ١٠. هڪ، اڪيلو ١١. هو هڪ آهي ١٢. ساراهه، تعريف، واکاڻ ١٣. حكيم جو، حكمت واري جو، دانا جو. ١٤. كرم كندڙ، احسان كندڙ، سڳورو ١٥. اميدون، آسون ١٦. جوڙ" اكر جو واسطو يا تعلق مصرع جي منڍ واري لفظ " كري" سان آهي (جوڙ كري= جوڙي، ناهي يا پڇائي يا راس كري) ١٧. نہ (آهي) ١٨. مٽ، برابر، ثاني ١٩. هن (خدا) جو، هن كي، ٢٠. وسيلو، شفاعت كندڙ، جهان جي پيدائش جو كارڻ ٢١. نرت سان، ڌيان سان، چڱيءَ طرح ٢٢. محبت، پيار * ٻين جي بندگي يا پرستش كرين.

(۳)

وَحدَهٗ لاَ شَرِيلڪَ لَهٗ، جَڏهِين چَيو جَنِ،
تَنِ مَڃِئو[1] مُحَمَّدُ ڪَارَڻِي[2]، هيجَا[3] سَانُ هِنيَنِ[4]،
تَڏهِين مَنجهَانُ تَنِ، اُوَتَڙِ[5] ڪونَہ اولِئو[6].

(۴)

وَحدَهٗ لاَ شَرِيلڪَ لَهٗ، جَنِ اُتو[7] سين ايمَانَ[8]،
تَنِ مَڃِئو مُحَمَّدُ ڪَارَڻِي، قَلبَ سَانُ لِسَانَ[9]،
اُوءِ فَائِقَ[10] ۾ فَرمَانَ[11]، اُوَتَڙِ ڪَنهِن نَہ اولِئَا.

(۵)

اُوَ تَڙِ ڪَنهِن نَہ اولِئَا، سُتَڙِ[12] وِئَا سَالِمَ[13]،
هيڪَائِي[14] هيڪُ[15] تِئَا، اَحَدَ[16] سَان عَالِمَ[17]،
بي[18] بَهَا بَعلَمَ[19]، آگَي[20] ڪِئَا اِڳهِين[21].

(٦)

Gul Hayat Institute

آگي ڪِئَا اِڳهِين، نِسورُوئِي[22] نُورُ[23]،
لاَ خَوفٌ عَلَيهِم وَلاهُم يحزَنُونَ،* سَچَن ڪونهي سُورُ،

---

١. قبول ڪئو، ويساهہ يا اعتقاد ۾ آندو ٢. وسيلو، شفاعت ڪندڙ، ڪائنات جي پيدائش جو ڪارڻ ٣. هيج مان، قرب مان، شوق مان، محبت مان ۴. دلين، قلبن ۵. اوتڙ ڏانهن، ڏکئي يا اوکي يا آڙانگي تڙ ڏانهن (تڙ= درياهہ وغيرهہ جي ڪپ يا ڪناري تي اهو هنڌ يا جاءِ جتان پاڻيءَ ۾ گهڙي يا ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ٻي ڪناري يا ڪپ ڏانهن وڃبو آهي، گهيڙ، گهاٽ) ٦. (اولي يعني ٻيڙيءَ جي ڳن يا ونجهہ سان) ڏکجي وئو. ٧. چيو ٨. ويساهہ، يقين اعتقاد، ٩. زبان، ڄڀ، ١٠. اوچا، مٿاهان، (خدا جي حڪم مڃڻ ۾)، اڳرائي ڪندڙ، فوقيت وار ١١. (خدا جي) حڪم يا فرمودي (مڃڻ ۾)، ١٢. ستڙ ڏانهن، سٺائي يا سولي تڙ ڏانهن ١٣. صحيح سلامت، بنان ڪنهن نقصان جي ١۴. هيڪائي يعني خدا جي هيڪڙائي يا وحدانيت ۾ ١۵. هيڪ ٿئا = محو ٿئا، ملي ويا ١٦. هڪڙي يعني خدا ١٧. (سچي) علم وارا، گيان وارا ١٨. املهہ (جنهن جو ملهہ نہ ڪٿي سگهجي)، لاثاني ١٩. بالمر، بي پرواهہ (عاشق) ٢٠. خدا ٢١. ازل کان، آد کان، شروع کان ٢٢. خالص، نج، بنان کوٽ، ٢٣. روشني، سوجهرو، * قرآن شريف جي آيت آهي جنهن جي معنيٰ آهي تہ انهن کي نڪو ڊپ نڪو رنج آهي.

## ١٠

وَحدَهٗ[1] لاَشَرِيڪَ[2][3] لَهٗ[4]، ٻُڌءِ[5] نَہ ٻوڙا،
ڪِ[6] تو ڪَنين[7] نَہ سُئا[8]، گُهَتَ[9] اَندرِ گهوڙا[10]،
ڳاڙِينديُن[11] ڳوڙها، جَڏهين شَاهِدَ ٿِيندءِ سَامُهَان.

## ١١

وَحدَهٗ لاَ شَرِيڪَ لَهٗ اِيءُ وِهائِجِ[12] وِيءُ[13]،
ڪَتين[14] جي هَارائيِين[15]، هَنڌُ[16] تُنهنجو هِيءُ[17]؛
پَاٽا[18] چُونڊءِ[19] پِيءُ، پَري[20] جَامُ[21] جَنتَ[22] جو.

## ١٢

وَحدَهٗ لاَ شَرِيڪَ لَهٗ، اِي هُيڪڙائي[23] حَقُ[24]،
ٻِيَائِيءَ[25] ڪي ٻَڪُ[26]، جَنِ وِڌو سي وِرسِئا[27].

## ١٣

ڏَڙُ[28] ڏُونديَانُ سِرُ[29] نَہ لَهَان[30]، سِرُ ڏُونديَان ڏَڙُ نَاهِ،
هَتَ ڪَرايُون[31] آڱرِيُون، وِيَا ڪَپجي ڪَانهَن[32]،
وَحدَتَ جي وِهَاڻءِ[33]، جي وِيَا سي وَڍِيَا[34].

---

١. هو (الله) هڪ آهي ٢. نہ (آهي) ٣. مٽ، برابر، ثاني ٤. هُن جو، هُن کي ٥. توٻڌو ٦. ڇا ٧. ڪنن سان ٨. ٻُڌا ٩. دل، من، قلب ١٠. (ضمير جا) آواز، هڪلون، رڙيون ١١. وَهائيندين، هاريندين، تمائيندين ١٢. خريد ڪج ١٣. وکر، سودو ١٤. نفعو يا فائدو پوئيٖ ١٥. نقصان يا ڇيهو ٿيئي ١٦. جاءِ، ماڳ، مڪان ١٧. هيءَ دنيا ١٨. پاٽهي، خودبخود ١٩. توکي چوندا ٢٠. ڀَر ڪري ٢١. پيالو، وٽو، ڪٽورو ٢٢. جنت يعني بهشت (جي شراب) ٢٣. هيڪڙائيءَ جو، وحدت جو ٢٤. لائق، شايان، واجب ٢٥. دوئيءَ، خدا کان سواءِ ٻي شيءِ ٢٦. ياڪر (ٻک وڌو = چنبڙيا، پيار ڪئو) ٢٧. گمراهہ ٿيا ٢٨. ڳچيءَ کان هيٺ انساني بدن جو حصو ٢٩. ڳوليان، تلاش ڪريان ٣٠. مون کي لڀي يا هٿ اچي يا ڏسڻ ۾ اچي ٣١. هٿن ۽ ٽونٽين جي وچوارا ٻانهن جا حصا ٣٢. ڪيڏانهن، ڪهڙي طرف ٣٣. وهاڻ ۽ تي، شاديءَ تي، (وحدت جي وهاڻ = خدا جي وصال) ٣٤. قتل ٿيا، فنا ٿيا.

Gul Hayat Institute

## ١۴

وَحدَتان[1] ڪَثرَتَ[2] ٿِي، ڪَثرَتَ وَحدَتَ ڪُل[3]،
حَقُ[4] حَقِيقِي[5] هيڪِڙو، ٻولِيءَ[6] ٻِيءَ[7] مَ پُل[8]،
هيءُ هُلاچو[9] هُل، سَيِّو[10] سَندو[11] سَجَڻين[12].

## ١٥

تُون جَوُ اَللهُ هيڪِڙو، وائِي ٻِي وِسارِ،
تَنَ[13] ۾ تَند[14] تَنوارِ[15]، سَدا سُپِرِينَ جِي.

## ١٦

تُون جَوُ اَللهُ هيڪِڙو، ٻِي وائِي وِساري ڇَڏِ،
تان تُون هِنيين[16] سين گَڏِ، سَجَڻُ ساهَ[17] پَساهَ ۾.

## ١٧

تُون جَوُ اَللهُ هيڪِڙو، ٻِي وارِجِ[18] مَ وائِي،
سِڪِج[19] تُون سائِي[20]، جي ڪا مُڪِي[21] سَجَڻين.

## ١٨

پَاٽِهين[22] جَل[23] جَلالُہ[24]، پَاٽِهين جانِ جَمالُ[25]،

١. وحدت مان، خدا جي هڪ هجڻ واريءَ حالت مان ٢. گهڻائي (سڀ ڪائنات) ٣. جملي هڪ، واحد مطلق ۴. خدا ٥. حقيقت ۾، سچ پچ، صحيح ڳالهہ ٦. وائيءَ ڳالهہ يا معاملي ٧. ٻيءَ ۾ ٨. اُلجهہ. ڦاسي پؤ، منجهہ، گمراهہ ٿيءُ ٩. هَل، هنگامون، گوڙ شور ١٠. سمورو ١١. جو ١٢. سڄڻن، سپرين (خدا) ١٣. دل، من ١۴. تارَ ١٥. وڄاءِ (تند تنوار = ذڪر ڪر، ورد ڪر) ١٦. دل ١٧. پساهہ، دم ١٨. ڪج ١٩. پرائج، حاصل ڪج ٢٠. اها ساڳي (وائي) ٢١. موڪلي ٢٢. خودبخود ٢٣. وڏو يا اعليٰ ٿئو ٢۴. هن (خدا) جو جلال يعني شان يا مرتبو ٢٥. جان جمال = جمال يعني حسن يا سونهن جي جان يعني ڪل جو ڪل سهڻو، مڪمل حَسين

Gul Hayat Institute

پَاڻِهِين[١] صُورَتَ[٢] پرينءَ جي، پَاڻِهِين حُسنُ[٣] ڪَمَالُ[٤][٥]،
پَاڻِهِين پِيرُ[٦] مُرِيدُ[٧] ٿِئي، پَاڻِهِين پَاڻَ[٨] خَيَالُ[٩]،
سَبِ سَيِوئِي حَالُ[١٠][١١]، مَنجِهَانِئِي[١٢] مَعلُومُ[١٣] ٿِئُو.

## ١٩

پَاڻِهِين پَسِّي[١٤] پَاڻَ کي، پَاڻِهِين ايءُ مَحبُوبُ،
پَاڻِهِين خَلقي خُوبُ[١٥]، پَاڻِهِين طَالِبُ[١٦] تَنِ جو.

## ٢٠

سو هِيُ[١٧] سو هُو[١٨]، سو اَجَلُ[١٩] سو اللهُ،
سو پِرِين سو پَسَاهُه[٢٠]، سو وِيرِي[٢١] سو وَاهَرُو[٢٢].

## ٢١

عَاشِقُ چَئُو مَ اُنَ کي، مَ کِي چَئُو مَعشُوقُ،
خَالِقُ چَئُو مَ خَامَ[٢٣] تُون، مَ کِي چَئُو مَخلُوقُ،
سَلِجَ[٢٤] تَنهَِن[٢٥] سُلُوڪُ[٢٦]، جو نَاقِصَا[٢٧] نَگِئُو[٢٨].

## ٢٢

پَڙَاڏو[٢٩] سو سَڏُ، وَرُ[٣٠] وَائِيءَ[٣١] جو جِي[٣٢] لَهِين[٣٣]،

---

١. خود، پاڻ ٢. مورت، مهاندو ٣. محبوب، دوست ٤. سونهن، جمال ٥. ڪامل، مڪمل، پورن، بي عيب ٦. مرشد، رهبر، راهه ڏيکاريندڙ ٧. پوئلڳ، تابع، ارشاد وٺندڙ ٨. حقيقي يعني سچي هستي يا وجود ٩. وهمي صورت، عڪس پاڇو ١٠. سمورو ١١. معاملو، واقعو، واردات، حالت ١٢. اندر مان، پنهنجي پاڻ مان ١٣. حاصل ٿئو، سمجهه ۾ آيو ١٤. ڏسي (پسي پاڻ کي = خود پاڻ تي عاشق آهي) ١٥. سهڻو ١٦. چاهيندڙ، عاشق ١٧. يعني نزديڪ يا ويجهو ١٨. يعني پري يا ڏور ١٩. موت ٢٠. دم، ساهه، حياتي، جيون، آتما ٢١. دشمن ٢٢. مددگار ٢٣. اي اڻ آزمودگار يا ناتجربيڪار ٢٤. ٻڌائج ٢٥. تنهن کي ٢٦. (فقيريءَ جي) رمز، طريقو، واٽ ٢٧. ناقصائيءَ کان، نقص کان، عيب کان ٢٨. نڪتو، آجو ٿئو، پاڪ صاف ٿئو. ٢٩. سڏ يعني آواز جي موٽ، پڙلاءُ ٣٠. پيچ، وڪڙ، رمز ٣١. ڳالهه ٣٢. جيڪڏهين ٣٣. معلوم ڪرين، سمجهين، پروڙين.

Gul Hayat Institute

هُئَا اَگهين[1] گڏُ، ٻُڌَڻَ ۾ ٻَ تِئَا.

## ۲۳

ايڪُ[2] قَصرُ[3] دَرَ لَڪَ[4]، ڪوڙِين[5] سَهسَ[6] ڪَڙڪِيُون[7]،
جَاڏي ڪَرِيَان پَرڪَ[8]، تَاڏي صَاحِبُ[9] سَامُهُون[10].

## ۲۴

ڪوڙِين ڪَايَائُون[11]، تُنهِنجُون لِڪَن[12] لَڪَ هَزَارَ،
جِيءُ[13] سَيَڪَنهِن جِيءَ[14] سين، دَرسَن[15] ڏَارُو ڏَار[16]
پِريَمِ[17] تَنهِنجَا پَارَ[18]، ڪِهڙَا چِئِي ڪِيئَن چُئَان.

## وائي

سَيَڪَا پِريَان ڪُون[19] پُوجي[20]، نِينهُن[21] نِيٽين[22] ڳُڻَ[23] ڳَالهه[24]،
جَا چِتَايَمِ[25] چِتَ[26] ۾، سَجَڻُ[27] سَا ٻُجهي[28]،
لاَتِ[29] جَا لَطِيفَ (رح) جِي، سَجَڻُ سُڌِ تَنهِنجو سُجِي[30].

Gul Hayat Institute

۱. اصل ۾ شروع کان ٿي ۲. هڪڙي ۳. جاء، محلات ۴. لکن جي تعداد ۾ ، تمام گهڻا ۵. ڪروڙن جي تعداد ۾ ۶. سو ، سوين ۷. دريون، سوراخ ۸. جاچ، تپاس، نگاهه ۹. مالڪ، دوست، محبوب (خدا تعالي ) ۱۰. روبرو، موجود ۱۱. صورتون شڪليون، روپ، جسم، بدن. ۱۲.تحرير ڳڻ، لکت ۾ بيان ڪن. ۱۳. مطلق هستي، روح ڪل، خدا. ۱۴. ساهه واري. ۱۵. ديدار، ڏيکاءُ، لقاءُ ۱۶. ڌاروڌار، جدا جدا ، مختلف ۱۷. اي پريم، اي منهنجا پرين يا محبوب ۱۸. صفتون، اهڃاڻ، نمونا، نشانيون. ۱۹. ڪي ۲۰. پيار ڪري، پرستش ڪري ۲۱. عشق، پيار ، محبت ۲۲. نيٺن سان، اکين سان ۲۳. خوبي، خصلت، خاصيت، فائدو ۲۴. ڳالهه ۾، عمل ۾، روبرو گڏجاڻي ۾. ۲۵. مون چتائي، مون سانڍي، مون رٽي ۲٦. دل، من ۲۷. پرين، محبوب، خدا ۲۸. چاٽي، سمجهي ۲۹. آلاپ، عرض، مناجات ۳۰. ٻڌجي.

سي مَرُ[1] ڪَنِ پَچَارَ[2]، حَاضُرُ[3] جَنِي هَٿَ ۾.

٢٨

ديگِيين ڏُوڳَ[4] ڪَڙهَنِ[5]، ڪَڙِيءَ[6] ڪَڙڪو[7] نَہ لَهي[8]،
تِتي طَبِيبَنِ[9] چَاڪَ[10] چِڪَندا[11] چِڏِئَا.

٢٩

عَاشِقَ زَهرَ[12] پِيَاڪَ[13]، وِهُہ پِسي وِهسَنِ[14] گَهَٽُو،
ڪَڙِي ءِ[15] قَاتِلَ[16] جَا، هَميشه هِيرَاڪَ[17]،
لَڱيءَ لَنءُ[18] لَطِيفُ چَئي، فَنَا[19] ڪَئَا فِرَاقَ[20]،
تُوٽِي[21] چِڪَنِ چَاڪَ، تہ آهُہ[22] نَہ سَلَنِ[23] عَامَ[24] کي.

٣٠

اَصُلِ[25] عَاشِقَ پَانهِنجي، سِسِي[26] نَہ سَانڍِيِنِ[27]،
لاَهِئُو سِرُ لَطِيفُ چَئي، سَاهُہ[28] سَلاڙِئُو[29] ڏِيِنِ[30]،
ڪُلهَنئُون ڪَاتِيِنِ، پُچَنِ پُوءِ پِرِيَٽُو.

Gul Hayat Institute

٣١

اَصُلِ عَاشِقَنِ جُو، سِرُ نَہ سَانڍَيُ[31] ڪَمُ،

١. ٻلي، بيشڪ ٢. دعوي (عشق جي) ٣. (سر جي) في الفور يعني بروقت پيش ڪرڻ واري حالت ۴. (عاشقن جي) گوشت جا ٽڪر ٥. رڌجن ٦. ڪڙيءَ جو، ديڳ جي منهن واري حلقي يا ڪنگڻيءَ جو ٧. ٺڪاءُ يا آواز (جيڪو ڪاڏي رڌڻ مهل ديڳ جي ڪڙيءَ کي ڪنگير يعني لوهي يا ڪاٺ جي ڏوئي لڳڻ سا پيدا ٿيندو آهي ٨. ختم ٿئي ٩. حڪمين، ويڄن ١٠. (عاشقن جا) ڦٽ، زخم، چير، گهاءُ ١١. رت ۾ پوڻ ڳاڙيندا، ڳرائيندا ، سور ڪندا ١٢. زهر يعني وهہ يا وک جا ( زهر وانگر حياتي ختم ڪندڙ شراب جا) ١٣. پيئندڙ ١۴. خوش ٿين، ٿرن، بهار بهار ٿين ١٥. ڪڙي يعني تلخ ذائقي وارو شراب ١٦. قتل ڪندڙ يعني ماريندڙ شراب ١٧. عادي ١٨. محبت، عشق ١٩ تباهہ، برباد، نيست نابود ٢٠. جدائيءَ، وڇوڙي ٢١. جيتوڻيڪ ٢٢. ڏک يا درد سبب دل مان نڪرندڙ دانهن يا فرياد ٢٣. ٻڌائين ٢۴. عام ماڻهن، هرڪنهن ٢٥. هر گز، ٻنهہ، مور ٢٦. سرَ ٢٧. لڪائين، ڪپڙ ڪان بچائين ٢٨. وڍيو، ڪپيو ٢٩. جيءُ، جان، حياتي ٣٠. ڳڏوڳڏ ٻڌيو ٣١. شيوو، متو، اصول.

## وائي ١

عِشقَ تُساڙي[1] مَين[2] عاجِزُ[3] ڪِيتي[4] وو مَيڏي[5] مِيان[6]،
دَردَ[7] رَانجهَن[8] ڏي[9] گهايِل[10] ڪِيتي،
هِڪُ جِيئَن سُهڻا، بِيجي[11] بي پَرواهي،
ويج[12] طَبيبَ مَين پُڇَندي[13] ٿَڪِي[14].

## وائي ٢

رَانجهَا[15] وومَين تَيڏِڙي[16] آهِيَان،
مَاهي[17] وو مَين تَيڏِڙي آهِيَان،
* او اي آندي[18] بَانهِي[19] وو مَين، تيڏي[20] وَاسِطي[21] رهِيَان،
* ري وو مَين پَئي[22] وو مَينُون[23] نَال[24] وِسار نَهِين،
چيٽڪُ[25] لايا[26] وو مينُون، ڪُوڪَ[27] ڪنهن سُڻوايا[28] تينُون[29]،
شَرمُ[30] شانُ سوئي تينُون نامي[31] وَاسِطي.

---

١. تنهنجي ٢. آئون ٣. لاچار، بي وس ٤. ڪئي ٥. منهنجا ٦. سردار ٧. سور، ڏک ٨. محبوب ٩. جي ١٠. زخمي ١١. ٻي ١٢. حڪيم . طبيب ١٣. ڳوليندي، تلاش ڪندي ١٤. بيزار يا ڪَڪ ٿي ١٥. اي رانجها، اي پيارا، اي محبوب ١٦. تنهنجي ١٧. اي ماهي يعني مينهون چاريندڙ پر هتي معنيٰ ٿيندي محبوب ١٨. اوهان جي ١٩. گولي، نوڪرياڻي ٢٠. تنهنجي ٢١. لاء ٢٢. بيمار ٢٣. مون کي ٢٤. سڏ ڪر ٢٥. جادو ٢٦. ڪيو ٢٧. دانهن، فرياد ٢٨. سڻائي، ٻڌائي ٢٩. توکي ٣٠. حيا، لڄ ٣١. خط، چٺي.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمنِ الرحِيم

# سُر کلياڻ

## داستان ٽئو

۱

أُتَيارِي[1] أُتِي[2] وِئَا، مَنجَهَان[3] مُون[4] آزارَ[5]،
حَبِيبَ[6] هَٽِي[7] وِئَا، پِيڙَا جِي پَچَارَ[8]،
طَبِيبَنِ تَنوارَ[9]، هَذِ نَه وَٽِي هَاڻِ مُون.

۲

هَذِ نَه وَٽِي هَاڻِ مُون، وِبجَنِ جِي وِصَالَ[10]،
هِن مُنهِنجِي حَالَ[11]، حَبِيبُ ئِي هَادِي[12] ٿِئُو.

۳

حَبِيبُ ئِي هَادِي ٿِئُو، رَهنُمَا رَاحَتَ[13]،
پِيڙَا نِئَائُون[14] پَاڻ سِين، لاَهِي[15] ڏِيئِي[16] لَتَ[17]،
سُپِيرِيَان صِحَتَ[18]، ڏِنِيمِ[19] مَنجهَان ڏُکَندِي[20].

Gul Hayat Institute

---

۱. جاڳائي، أياري ۲. اٿي وئا = هلئا وئا، پاڻ ڪڍي وئا ۳. اندر ۾، دل ۾ ۴. منهنجي ۵. آزارَ کي، (عشق جي) بيماريءَ يا پيڙا کي ۶. محبوب، دوست، سپرين، پرين ۷. هٽي وئا = نصيب ۾ ڏيئي وئا ۸. ذڪر ۹. ڳالهہ، وائي، ذڪر، آواز ۱۰. وصال جي (ڳالهہ)، ملاقات يا گڏجاڻيءَ جو (ذڪر) ۱۱. حال جو، حالت جو (بيماريءَ جو) ۱۲. هدايت ڪندڙ، اڳواڻ، رهبر، رهنما، واٽ ڏيکاريندڙ، علاج ڪندڙ، حڪيم، طبيب ۱۳. راحت جو، آرامَ جو، چڱيلائيءَ جو ۱۴. ڪٽي وئا ۱۵. ختم ڪري ۱۶. هٽي ۱۷. ٽنگ يعني چنگهہ يا پير (پير جي ٺوڪر يا ٺڏو) ۱۸. تندرستي، چڱيلائي ۱۹. مون کي ڏني ۲۰. بيماريءَ، پيڙا، آزار.

## ٤

اَوَرِ[1] ڏُکَندو[2] اُوَ[3] ٿِيي، هَادِي[4] جِنهِن حَبِيبُ[5]،
تِرُ[6] تَفَاوَتُ[7] نَہ کَري، تِنهِن کي کو طَبِيبُ،
رَهنُمَا[8] رَقِيبُ، سَاتَرُ[9] آهي سُپِرِين.

## ٥

سَاتَرِ صِحَتَ[10] سُپِرِين، آهي نَہ آزارُ*،
مَجلِسَ[11] وِيرَ[12] مِٺُو[13] ٿِئي، کوٽِيندي[14] قَهَارُ[15]،
خَنجَرُ تَنهِن خُوبُ هَٽي، جَنهِن سين ٿِئي يَارُ،
سَاجَنُ رب سَتَارُ[16]، سوجهي[17] رِڳُونُ[18] سَاهَہ[19] جون.

## ٦

رِڳُون ٿِيُون رَبَابُ[20]، وَڄَنِ[21] وِيلَ سَيَکَنهِن،
لُڇَنِ[22] کُڇَنِ[23] نَہ پِئو، جَانبَ[24] رِءَ[25] جَوَابُ[26]،
سو سَڏِيدَمُ[27] سُپِرِين، کِيَس جَنهِن کَبَابُ[28]،
سوئِي عَينُ[29] عَذَابُ[30]، سوئِي رَاحَت رُوحَ جِي.

١. نرالو، عجيب، ٻي قسم جو زياده، وڌيڪ ٢. مرض، بيماري، درد ٣. اهو ٤. هدايت ڪندڙ، اڳواڻ، رهبر، رهنما، واٽ ڏيکاريندڙ، علاج ڪندڙ، طبيب، حڪيم ٥. محبوب، سڄڻ، سپرين، پرين ٦. هڪ قسم جي تيلي ٻج جو داڻو، جيڪو تمام ننڍو ٿيندو آهي. هتي معنيٰ ٿيندي ٿورو يا ذرو ٧. فرق، ڦير ٨. نگهبان، محافظ ٩. هڪ قسم جو پسار ڪو وکر، جو دوا طور ڪم ايندو آهي. دوا ١٠. صحت جي، تندرستيءَ جي * آزار يعني تڪليف ڏيندڙ نہ آهي ١١. مجلس جي، رهاڻ جي، گڏجاڻيءَ جي ١٢. ويل، مهل ١٣. نرم، مهربان ١٤. ڪوٺڻ جي مهل، سڏڻ جي وقت، گهرائڻ جي وقت (ملاقات جي شروعات ۾) ١٥. غصو ڪندڙ، ڪاوڙ ڪندڙ ١٦. ستر يعني پردو ڪندڙ، عيب ڍڪيندڙ ١٧. جاڳي، چڪاسي، تپاسي، سمجهي، جاچي ١٨. نسون، نبضون، ناليون ١٩. جان، جيءَ، سرير ٢٠. طنبوري جهڙو هڪ قسم جو ساز جنهن کي چار تارون ٿينديون آهن ٢١. آواز ڪن (محبوب جو ذڪر ڪن) ٢٢. ڦٿڪن، تڙپن ٢٣. ڳالهائين، (سور يا درد جو) اظهار ڪن ٢٤. محبوب، دوست ٢٥. ڪان سواءِ ٢٦. ورندي، وراڻي، ڳالهہ، ذڪر ٢٧. منهنجي بدن جا ڪپيل يا وڍيل سنڌ يعني جوڙ يا عضوا ڳنڍيندو يا ملم پٽي ڪري درست ڪندو ٢٨. (گوشت جا) ذرا ذرا ٢٩. نسورو، خالص، خود، پاڻ ٣٠. سور، درد.

Gul Hayat Institute

٧

سِوئِي راهَ رَدِ كَري، سِوئِي رَهنُمَا[1]،
وَ تُعِز مَن تَشَآءُ وَ تُذِل مَن تَشَآءُ*.

٨

عَشقَ جي اَسبَابَ[2] كي، پَرِ[3] مِ پُڇِئَائُون[4]،
دَارُون[5] هِنَ دَردَ[6] جو، ڏَاڍو[7] ڏِسئَائُون،
آخِرُ[8] "وَالعَصرِ"[9] جو، اِيَهي[10] اُتَائُون[11]،
تِهَان پوءِ آئُون، سِكَان تي سَلامَ كي•.

٩

سِكين كوهُ[12] سَلامَ كي، كَرِين كوهُ نَ سَلامُ#،
پِئَا دَرَ[13] تنِ حَرَامُ[14]، اِيءُ[15] دَرُ جَنِي ڏيكِئو[16].

١٠

مِنَايَان[17] مِنو گَهٽُو، كَڙو[18] نَاهِ كَلَامُ[19]،
سُكُوتُوءِ[20] سَلامُ، پِريَان سَندي پَارَ جو.

Gul Hayat Institute

---

١. راهہ ڏيکاريندڙ، رهبر *۽ جنهن کي تون چاهين عزت وارو ڪرين ۽ جنهن کي تون چاهين ذليل (قرآن شريف جي سورت آل عمران جي ٢٦ آيت) ٢. ڪارڻ، سبب ٣. مخفي طور، لڪل ڇپ ۾، ڳجهہ ڳوهہ ۾ ۴. معلوم ڪٿائون، سمجهيائون ۵. دوا، علاج ٦. بيماريءَ مرض ٧. تمام بهترين، سٺو ٨. پڇاڙيءَ وارو يعني پويون حصو ٩. قران شريف جي هڪ سورت جو نالو (سورت والعصر جي آخري جملي "وَتَوَاصَوا بِلحَقِ وَتَوَاصَوا بِالصبرِ" جنهن جي معنيٰ آهي ۽ هڪ ٻئي کي سچ جي وصيت ڪيائون ۽ هڪ ٻئي کي صبر جي وصيت ڪيائون ١٠. اهائي (دوا، علاج) ١١. ٻڌايائون، چيائون • آءٌ انهن جي سلام يعني حاضري کي سڪان يعني واجهايان ٻئي چاڪاڻ جو هو دوا ٻڌائڻ کانپوءِ هلئا ويا ۽ واپس نہ آيا ١٢. ڇو، # ڇو نٿو تون پاڻ انهن جي در تي هلي وڃي سلام يعني ديدار ڪرين يا حاضري ڀرين ١٣. ٻيا در = ٻين يعني غيرن جا در ١۴. ناروا، غير مباح، اڻ رهائيندڙ ١۵. اِيءُ در = محبوبن جو در ١٦. ڏٺو ١٧. مٺاين ڪان، شيرنين ڪان ١٨. تلخ، ڪهرو، اڏنگو (ڪڙو مٺي جو ضد آهي) ١٩. (محبوبن جو) سخن، گفتگو ٢٠. تنهنجو سڪوت يعني ماٺ يا خاموشي.

اَلَسْتُ بِرَبِّڪُمْ*، چَيائُون[١] جِنهِن وارَ[٢]،
سَندِي سُورَ ڪِنارَ[٣]، تَن تَنِ ڌَهانڪُون نَہ لَهي.

١٦

پابُوهِيو[٤] پُڇَن[٥]، ڪِٿي هَٽُ[٦] حَبِيبَ جو،
نيزِي[٧] هيٺان نِينهَن[٨] جي، پاسِي[٩] پاڻَ نَہ ڪَنِ،
عاشِقَ اَجَلَ[١٠] سامُهان، اُوچي[١١] ڳاٽَ[١٢] اَچَنِ،
ڪُسَڻُ[١٣] قُربُ[١٤] جَنِ[١٥]، مَرَڻُ تَنِ مُشاهِدو[١٦].

١٧

ڪوني[١٧] ڪُهي سُپِرِين، ڪوني[١٨] ڪُهَڻَ ساڻُ،
نيزي هيٺان نِينهَن جي، پاسي ڪَرِ مَ پاڻُ،
جُلُ[١٩] وِڃائي جاڻُ[٢٠]، عاشِقَ اَجَلَ سامُهُون.

١٨

ڪونَڻُ قُرِبَنِ[٢١] جو، عَينُ[٢٢] تُڙَڻُ[٢٣] آهِ،
اِيءُ اُلِٽي[٢٤] ڳالهَڙِي، سِکُ[٢٥] وَرَندي[٢٦] ساهِ[٢٧]،
آسَرُ[٢٨] هَڏِ مَ لاهِ، ڇِنَڻُ[٢٩] ڳَنڍَڻُ[٣٠] اُنِ[٣١] جو.

* چيا آئون نہ آهيان اوهان جو رب يعني پالڻهار (قران شريف جي سورت الاعراف جي آيت ١٧٢) ١. انهن (سڄڻن) چيو ٢. مهل، وقت ٣. ڏارَ، نوڪ ۴. ڪِلئو، خوش ٿِئو، مُرڪئو ٥. سوال ڪن، پڇا ڪن ٦. دڪان (جتي عاشق اچي سر ڏيندا آهن) ٧. ڀالي، سانگ ٨. عشق ٩. ڀري ١٠. اجل جي، موت جي ١١. سڌي، سنيئُن ١٢. ڳاٽ سان، ڪنڌ سان، گردن سان (اوچي ڳاٽ = بنان ڊپ جي، فخر سان) ١٣. قتل ٿيڻ (عشق جي راهہ ۾) ١۴. نزديڪي يا ويجهڙائي (محبوب جي)، وصال ميلاپ ١٥. جن لاءِ ١٦. رؤنشو، ڪيل تماشو، فرحت ١٧. (پاڻ وٽ) سڏي، گهرائي، پيار ڏيئي ١٨. قرب ڏي ٿو، پيار ڪري ٿو، وصال بخشي ٿو ١٩. وڄ ٢٠. خودي، سمجهہ، عقل، پروڙ ٢١. محبوبن ٢٢. نسورو، پڌرو، ڏٺو وائٺو ٢٣. لوڏڻ، ڏڪارڻ، پاڻ ڪان پري ڪرڻ ٢۴. ابتي، اوکي ٢٥. معلوم ڪر، سمجهہ ٢٦. موٽندي، واپس ٻاهر ايندي ٢٧. ساهہ يا دم سان (ورندي ساهہ = بدن ۾ ساهہ جي اندر وڃڻ ۽ ٻاهر نڪرڻ سان، هيڪدم، بنان دير جي ٢٨. آسرو، اميد ٢٩. جدا ڪرڻ، (تعلق) ٽوڙڻ ٣٠. جوڙڻ، ملائڻ ٣١. ان جو= انهن محبوبن جو اختيار آهي.

## ١٩

ڪُهي[1] سو ڪَرَ[2] لَهي، ڪونـ[3]ـي سو ڪُهي،
سوئِي مون[4] مُهي[5]، سوئِي راحَت[6] رُوح[7] جِي.

## ٢٠

ڪُهَنِ تانْ[8] ڪَرَ[9] گهُراَ، ڪَرَ لَهَنِ تان ڪُهَنِ،
سيئِي مَان[10] مُهَنِ، سيئِي رَاحَتَ رُوحَ جِي.

## ٢١

ڪُهي سو ڪَرَ لَهي، ڪوني سو قَريبُ[11]،
اِهَا عَادَتَ[12] سِڪَئو[13]، هَرَ[14] زَمَانِ حَبيبُ،
تِنِجي[15] سو طَبيبُ، سوئِي رَاحَتَ رُوحَ جِي.

## ٢٢

ڪُهَنِ ۽ ڪونِين، اِيءَ پَرِ[16] سَندي سَجَڻين،
سُوريءَ[17] چَاڙهِئو سُپِرين، ڏَنيَ[18] ڏِهَاڙئو[19] ڏِينِ،
وِبَنَا وِرهُ[20] وَتِين[21]، آءُ وَادِوزِئَا[22] وِهَاءِ[23] تُون.

---

١. قتل ڪري ٢. خبر، پرگهور، سار سنڀال ٣. سڏي، پيار يا قرب ڪري ۴. مون ڪي ۵. عذاب ڏي ٦. خوشي، سک، آرام ٧. جان، دل، سَاهَہ ٨. تہ ٩. ڪر لهندڙ، گهڻگهرا، خيرخواهہ ١٠. مون ڪي ١١. ويجهو، دوست، محبوب، حبيب ١٢. گت، هلت، روش ١٣. چاٽي تو، هلي ٿو ١۴. هر زمان = هر وقت، سدائين ١۵. ڪل لاهي، زخمن سان چلني ڪري ١٦. ريت، دستور ١٧. سوريءَ تي، نيزن يا ڀالن سان جڙيل (ڪٽ مثل) ڪاٺ جي چونڪ تي (جنهن تي آڳاٽي زماني ۾ موت جي سزا ڪاڏل ڏوهارين کي اڇلائي ماريو ويندو هو) ١٨. داڳ، چاڀون ١٩. ڏهاڙي، هر روز ٢٠. برهہ، عشق جو عذاب ٢١. وندين، ورهائين ٢٢. اي وڍيل، اي عشق جا ماريل ٢٣. وٺ

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر جمن

## داستان پهريون

١

حَبِيبُ تُون طَبِيبُ، تُون دَرد[1] جِي دَوا[2]،
جَانِبَ[3] مُنهِنجي جِيءَ[4] ۾، آزَرَ جَا اَنواعَ[5]،
صَاحِبَ[6] ڏِيـَين[7] شَفَا[8]، مِيَان[9] مَرِيضَن کي.

٢

تُون حَبِيبُ تُون طَبِيبُ، تُون دَردَ جو دارُون،
دَوا آهِين دِلِ کي، تُنهِنجُون تَنوارُون[10]،
کَرِيَان تِي[11] کَارُون[12]، بُکِي بِئَنِئَان[13] نَه تِئِي.

٣

تُون حَبِيبُ تُون طَبِيبُ، تُون دارُون کي دَردَن،
تُون ڏِيـِين تُون لاهِيِين، ڏَاتَر[14] کي ڏَکَندَن[15]،
تَنِ ڏهِين ڦَکِيون فَرَقُ[16] کَنِ، جَنِ ڏهِين اَمرُ[17] کَرِئو اُنِ[18] کي.

Gul Hayat Institute

---

١. سور، آزر، آزار، مرض، بيماريءَ، اگهائيءَ، ڏکندي ٢. سَتي، ڦَکي، بَکي، دارون، علاج، ڍَب ٣. اي جانبَ، اي جاني، اي محبوب ٤. جان، جسم، دل، من ٥. نوعَ، نمونا، قِسمَ ٦. اي صاحب، اي مالڪ، اي خدا ٧. تون ڏين ٿو ٨. تندرستي، صحت يابي، چڱيلائي ٩. اي ميان، اي خدا ١٠. ڳالهيون، ذڪر، سخنَ، گفتا ١١. تنهن صورت ۾، تنهن ڪري ١٢. رڙيون، دانهون، منٿون، آزيون ١٣. (تو ڪان سواءِ) ٻين ڪان يا غيرن ڪان ١٤. اي ڏاتر، اي ڏاتار، اي ڏيندڙ، اي خدا ١٥. بيمارين، اگهاين ١٦. تفاوت، ڦير، فائدو ١٧. حڪم ١٨. يعني ڦَڪين يا دارن يا دوائن.

### ۴

حَبِيبُ تُون طَبِيبُ تُون، تُونهِين[١] ڏِنَن[٢] ڏَبُ[٣]،
تُون ڏِين تُون لاَهِين*، تُونهِين هَادِي رَبُ،
آهِہ[۴] اِيءُ عَجَبُ، جِيئَن وَارِئُو[۵] وِڄَ[٦] وِهَارِين[٧].

### ۵

جَان[٨] کي کَري طَبِيبُ، دَارُون[٩] هِنَ دَرد[١٠] جَا،
هَٿِئُو[١١] سي حَبِيبُ، اُکُوڙِئُو[١٢] اَڌ[١٣] کَري.

### ٦

هَڻُ[١۴] حَبِيبَ[١۵] هَٿَ کُٺِي[١٦]، تِيکَ مِ[١٧]، تُورو لاءِ[١٨]،
پِرِيَمِ[١٩] تُنهِنجي گَهَاءِ[٢٠]، مَران تَہ مَانُ لَهَان.

### ٧

هَڻَ حَبِيبَ هَٿَ کُٺِي، دِلِ ۾ تِيرِي[٢١] دَانهَن[٢٢]،
کَهَان[٢٣] نَہ کُوکَ[٢۴] تِئِي، صَبُرُ[٢۵] آئُون نَہ سَهَان[٢٦]،
کَنهِن کي اِيئَن چَوَان، تَہ مُونکي مَارِئو سَڄَڻِين.

---

١. صرف تون، فقط تون ٢. ڏِنَن جو، بيمارن جو ٣. علاج، دوا، دارون* تون بيماري ڏين بہ تون ئي لاهين بہ يعني ختم ڪرين ٿو ۴. مون کي آهي ۵. ورايو، ڦيرايو، اٿلندو ٦. حڪيم، طبيب ٧. (علاج لاءِ) مقرر ڪرين ٿو ٨. جيڪڏهن ڪي ٩. ملم پٽيون ١٠. سور (عشق جي) ١١. نوڪر يا ٽڏو هڻئو ١٢. پٽيو، ڪوليو ١٣. ٽڪر، ذرا (اڌ ڪري=بي اثر بنائي) ١۴. ڀاڻ يا ڪانَ هَڻ. ١۵. اي حبيب، اي محبوب ١٦. مٺي ڪري (هٿ مٺي ڪرڻ سبب تير يا تلوار جو ڌڪ زورائتو لڳندو آهي) ١٧. هَنْاءِ (ڪان يا ڀاڻ) ١٨. تورو لاءِ=احسان يا مهرباني ڪر ١٩. اي منهنجا پرين ٢٠. گهاءَ سان، ڌڪَ سان. ٢١. تنهنجي ٢٢. غم، ڏک، درد ٢٣. ڪچان، ٻڌايان، ظاهر ڪيان ٢۴. هل هنگامون، شور غوغا ٢۵. ماٺ ڪرڻ يا خاموش رهڻ ٢٦. برداشت ڪريان (صبر آئون نہ سهان=مون کان صبر نٿو ٿئي) .

Gul Hayat Institute

مَحبَتَ جي مَيدانَ ۾، پِئَا لاَلَ[١] لُڇَنِ[٢]،
پَاٽِهين[٣] بَدَنِ پَتيُون[٤]، پَاٽِهين چِڪئَا[٥] ڪَنِ،
وَتَانَ وَاڍوڙِيَنِ[٦]، رَهِي[٧] اَڄِ جي رَاتڙِي[٨].

## ١٣

رَهِي اَڄِ جي رَاتڙِي، تَنِ وَاڍوڙِيَن وَتَان،
جَنِ کي سُورُ سَرِيرَ[٩] ۾، گَهٽَ[١٠] مَنجهَان[١١] رَا گَهَاءَ[١٢]،
لِڪَائِي[١٣] لُوڪَان[١٤]، پَاٽِهين بَدَنِ پَتِيُون.

## ١۴

پَاٽِهين بَدَنِ پَتِيُون، پَاٽِهين ڏَڪَ[١٥] ڏُتَنِ[١٦]،
وِڄَنِ[١٧] وِرچِي[١٨] ڇَڏِئَا، اَڄ ڪِي[١٩] ڪَالَهَہ[٢٠] مَرنِ،
ڪَنهِن کي ڪِينَ چَوَنِ، تَہ دَردُ اَسَان جي دِلِ ۾.

## ١٥

وَاڍوڙَڪِي[٢١] مَنَهِينءَ[٢٢]، اَڄ پَڻ ڪَنجَهو[٢٣] ڪَنجَهہ،
جي پَڻ[٢٤] پِيين[٢٥] سَنجَهہ[٢٦]، تَہ هُو پِنيُون[٢٧] هُو پَتِيُون.

١. ڳاڙها، عشق ۾ رتل، عاشق، سهڻا جوان ٢. ڦتڪن، تڙپن ٣. پنهنجي سر، خود ۴. ڪپڙي جا تڪر يا ڪورون جيڪي ڦٽن يا زخمن تي مرهم يا دوا لڳائڻ کان پوءِ ٻڌبا آهن ٥. دوا درمل، علاج ٦. ڦٽيلن، (ڪانن يا تيرن لڳڻ ڪري) زخمي ٿيلن ٧. ٽڪي، ترسي (مزاج پرسيءَ واسطي) ٨. رات (هڪڙي)، ٩. بدن ١٠. اندرَ، دل، هر دي ١١. منجهان را=منجهہ، ۾ ١٢. زخم، ڦٽ ١٣. مخفي راح، لڪ ڇپ ۾، ڳجهہ ڳوهہ ۾ ١۴. لوڪ کان، ماڻهن کان ١٥. زخم، ڦٽ ١٦. صاف ڪن، ڇيلين ١٧. حڪيمن، طبيبن ١٨. ڪڪ يا بيزار ٿي ١٩. يا ٢٠. سڀاڻي، ٢١. واڍوڙين جي، وڍيلن جي، ڪانن سان زخمي ٿيلن جي ٢٢. مَنَهينءَ ۾، جهوپڙيءَ ۾، گهر ۾ ٢٣. ڪنجهہ مٿي ڪنجهہ، رڙ مٿي رڙ، دانهن مٿي دانهن ٢۴. جيتوڻيڪ ٢٥. ٿين ٢٦. سانجهي، سج لهڻ جو وقت، رات، ٢٧. واحد پني جنهن جي معنيٰ آهي لپري، (دوا جو) ليپ.

## ١٦

وَاڍِوڙِڪَنِي[1] مَنهِينءَ[2]، اَجُ پَڻِ ڪَهڙِي[3] دانهَن[4]،
وِيڄَ[5] وَرائِي[6] ٻانهَن، چُوري[7] چاڪَ[8] نِهارِئا[9].

## ١٧

وِيچارا واڍوڙَ، سَدا شاڪِرَ[10] سُورَ سين،
تاڻِين[11] مَتِي[12] تُوڙَ[13]، اوري[14] ڪَنِ نَ آسِرو[15].

## ١٨

واڍوڙِئَنِ وائِي، سَدا آهي سُورَ جي،
جيڪا اُتِنِ مَنَ ۾، سَلَنِ[16] نَ سائِي،
اوڙَڪ[17] اِهائِي، ڳُولِئو ڏِسَنِ ڳالهڙي.

## ١٩

سَگهَنِ[18] سُڌِ[19] نَ سُورَ جِي، تَ[20] گهايَلَ ڪِيئَن گهارِينِ[21]،
پِئَلَ[22] پاسو[23] پَتَ تان، واڍوڙِئا نَ وارِينِ[24]،
پَرَ ۾[25] پَچَنِ[26] پِرِينءَ ڪَلِي[27]، اُها[28] هَنجُون[29] هارِينِ[30]،
سَجڻُ جي سارِينِ، تَن رُوئو وِهامي راتڙي.

Gul Hayat Institute

١. واڍوڙئن جي، (عشق جي ڪانن يا تيرن جي) وڍيلن جي، ڦٽيلن جي، زخمين جي. ٢. مَنهينءَ ۾، جهوپڙيءَ يا پونگيءَ ۾، گهر ۾ ٣. عجيب ۴. رڙ، روئڻ جو آواز، ڪنجهڻ ۽ ڪرڪڻ جو آواز ۵. حڪيم، طبيب ٦. اٿلائي، مٿي ڪري ٧. حرڪت ۾ آڻي، چرپر ۾ آڻي، اوري پري ڪري ٨. زخم، ڦٽ ٩. تپاسڻا، چڪاسڻا ١٠. شڪر گذار، راضي، ١١. رسڻ يا پهچڻ جي ڪوشش ڪن ١٢. تاڻين، ڌانهن ١٣. آخري حد، ڇيهه، پڇاڙيءَ، آخرين منزل يا مقصد ١۴. منزل کان اوري، رستي تي وچ ۾ (منزل تي پهچڻ کان اڳي) ١۵. ڀروسو، رکجڻ جو خيال ١٦. ٻڌائين، ظاهر ڪن ١٧. آخرڪار، نيٺ ١٨. سگهن ڪي، چڱيلن يا تندرستن ڪي، صحتمندن ڪي ١٩. خبر، ڪل، ڄاڻ ٢٠. زخمي ٿيل، وڍيل، (عشق جا) بيمار ٢١. حياتي يا وقت گذراين ٢٢. ڪريل، بيمار ٢٣. بدن يا جسم جو پاسو ٢۴. ورائين، بدلائين، اٿلائين ٢۵. مخفي طرح، لڪ ڇپ ۾، پنهنجي منهن ٢٦. سڙن، ڪامن، جلن، ٢٧. لاءِ ٢٨ افسوس، هاءِ هاءِ ٢٩. لڙڪ، ڳوڙها ٣٠. ڳاڙين يا ڪيرائين (اکين مان).

جَاڳَڻُ[1] جَشَنُ[2] جَنِ ڪي، سَڪَڻُ[3] سَجَيائِي راتِ،
اُجهِي[4] ٻُجهي[5] آيا، وائِي[6]، ڪَنِ نَہ واتَ[7]،
سَلَي[8] سُوْرِيءَ[9] چاڙهِئا[10]، ٻَيانُ ڪَنِ نَہ ٻاتَ،
توڙي[11] ڪُسَنِ[12] ڪاتَ[13]، تَہ ساڳِي[14] سَلَنِ[15] ڪينَ ڪِي.

## وائي ١

وِرِسئا[16] وِيڄَ[17] وِيچارا، ٻِلئا ويڄ وِيچارا،
دلِ ۾ دَرِدُ پِرِينِ جو، مَنَ ۾ مَرضِ پِرِينِ جو،
اُٿئو[18] وِيڄا[19] مَ وِهو، وَڃو دَبَ[20] ڪَٽي،
ٻُڪي ڏِيندا ٻاجهہ[21] جي، آيا سُورَ ڏٽي[22]، آيا جيءَ[23] جِيارا[24].

## وائي ٢

وِيڄَ[25] مَ مون وٽ وِيهہ، آيا جانِي مون گهرِ آيا، آيا هادِي،
وِيڄن وِڏائي[26] وَسَ[27] ڪِئا، مَرضَ مُنهِنجي کي،
ٻُڪي ڏِيندا ٻاجهہ جي، سَندو رَحمَتَ[28] رٻهُ[29]،
مَرَ[30] چڱيائي نَہ ٿِئان[31]، وِيڄ مَ ٻُڪِي ڏي،
ڪَرَ[32] لاهُو ٿي ڪَڏهين، اڱڻِ[33] شالَ اَچي.

١. اوجاڳو ڪرڻ، ننڊ نہ ڪرڻ ٢. جشن، خوشي، فرحت، مزو ٣. وَاجهائڻ، انتظار ڪرڻ، اوسيڙو ڪرڻ. ۴. رلي، ڀٽڪي ۵. ڳولي ڦولي، تجربو ڪري ٦. ڳالهہ ٧. وات سان ٨. هڪڙي معنيٰ ٿيندي بدن ۾ سوراخ ڪري يا ڀالن ۽ نيزن ۾ ٽنگي ۽ ٻي معنيٰ ٿيندي سيني کي ڳنڍ هڪڙي رسي يا نوڙيءَ ۾ ٻڌي ٩. سوريءَ تي، نيزن ۽ ڀالن سان جڙيل (ڪٽ جي مثل) ڪاٺ جي چونڪ تي (جنهن تي اڳاتي زماني ۾ موت جي سزا وارن ڏوهارين کي اڇلائي ماريو ويندو هو) ١٠. چاڙهئا ويا. ١١. جيتوڻيڪ ١٢. ڪُسجن، قتل ٿين ١٣. ڪاتَ سان ١۴. صحيح يا سچي (ڳالهہ) ١۵. ٻڌائين ١٦. ڀلئا، منجهي پيا ١٧. حڪيم، طبيب، ١٨. هلئا وڃو، ١٩. اي ويڄ ٢٠. دوائون، ٻُڪيون، سَتيون، ڦَڪيون ٢١. فضل، مهر، ڀلائي ٢٢. مالڪ (سور ڏٽي=سور ڏيندڙ ۽ لاهيندڙ) ، ٢٣. جيءَ جا، جان جا، دل جا ٢۴. جيارينڊڙ، زنده ڪندڙ ٢۵. اي ويڄ ٢٦. تمام گهڻا ٢٧. حيلا، ڪوششون، ٢٨. فضل، مهرباني ٢٩. ٽانڪو، ڳنڍ، جوڙ ٣٠. ڀلي تہ ٣١. چڱي ڀلي، تندرست ٣٢. خبر لهندڙ ٣٣. اڱڻ ۾، گهر ۾.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر جمن

## داستان پهريون

١

تَانِ[1] طَبِيبُ نَہ تُون، سُڌِ نَہ لَهِين[2] سُورَ جِي،
سَانِدِ[3] پَنهِنجَا ڏِبَرَا[4]، کَڍُ[5] کَٽِي مِ[6] پُون،
کَانَہ گُهُرِجِي مُون، حَيَاتِي هوتَنِ[7] رِي.

٢

وِيجَنِ سِين وَائِيءَ[8] پِئَا، کِرِي[9] نَہ کِئَائُون،
جِي پَنڌِ[10] پَارِئَائُون[11]، تَہ سِگهَائِي[12] سَگهَا[13] ٿِئَا.

٣

وِيجَنِ سِين وَائِيءَ پِئَا، کِرِي کَن نَہ پَاڻَ،
اَگهَا[14] اِنَ اُهِجَاڻَ[15]، پَسُو سُورَ سِجهَايَا[16].

٤

اَگهَائِي سَگهَا ٿِئَا، جِي وِيڌَا وَٽِ وِيجَنِ،

---

١. تان تہ، ايتري تائين، تيستائين، ٢. ولهين، رکين، ٣. لکاء، پاڻ وٽ (قابو) رک ٤. دوائون ٥. کاهي، کاڻ، کوہو ، ٦. زمين، ڌرتيءَ، ٧. محبوبن، دوستن (هوت بلوچ قوم جي هڪ ذات آهي جنهن مان سسئيءَ جو محبوب پنهون هو)، ٨. وائيءِ پئا=تکرار ڪئائون ٩. پرهيز، رکَ ١٠. (ويڄن يا طبيبن جي) نصيحت، صلاح ١١. مڃيائون ١٢. جلد ئي، ترت ئي ١٣. چڱا ڀلا، تندرست ١٤. بيمار ١٥. اهڃاڻ ڪري، سبب ڪري، ١٦. ڳاريا، هيڻا يا ضعيف ڪئا.

Gul Hayat Institute

## ٩

وِيڄَنِ[1] وِينِئِي[2]، دوسِتُ پيهِي[3] دَرِ[4] آيو،
صِحَتَ[5] جي سَرِيرَ[6] ۾، ڪُلَ[7] ڪَرِيڻَ[8] پيئي،
پِيڙَ[9] پَري ويئي، اَچَڻَ ساڻُ عَجِيبَ[10] جي.

## ١٠

ويڄَ وِڄائون[11] ڇَڏ، ڏُورِ ڪَري پِئَا ڏَبَڙَا[12]،
آنديَئِي[13] جي اَگهَنِ[14] لَئِي، سي گورِيُون[15] گوريُنِ گَڏَ،
صَاحِبُ[16] سوئِي سَڏِ[17]، جو پَرڪَا[18] لَهي هِنَ پِيڙَ جي.

## (١١)

اِبْرَ[19] دَانَائِي[20] جي، مُون ڪي ڏِنا سَڄَڻين،
هَارِئَا[21] تَنِي تي، ويڄَ[22] وِڄَاءِ[23] مَ ڏَبَڙَا.

## ١٢

ويڄَ وِڄَاءِ مَ ڏَبَڙَا، ڪَنِدَا ڪونَہ فَرَقُ[24]،
مُون ڪي تِئا مَرَڪُ[25]، سُپِيرِيَانَ جَا ڏَڪَڙَا[26].

Gul Hayat Institute

---

١. ويڄن جي، طبيبن جي ٢. هونديئي، موجودگيءَ ۾ ٣. گهڙي، داخل ٿي ٤. اندر (گهر ۾) ٥. تندرستيءَ، چڱڀلائيءَ ٦. بدن، جان، جسم ٧. خبر، سڌ. ڪل ٨. ڪرن ۾، لکن ۾، عضون ۾ ٩. بيماري، اگهائي، مرض ١٠. محبوب، دوست ١١. طب جي علم يا هنر، حڪمت جا ڪم يا فن ١٢. دوائون ١٣. تون آنديون آهن ١٤. بيمارن ١٥. حب، تڪيون ١٦. مالڪ، دوست ١٧. پڪار ١٨. پرک، سڌ، خبر ١٩. باهہ تي گرم ڪيل لوهہ جي تڪر سان بدن تي لڳايل نشان ۾ هتي معنيٰ ٽيندي ڏني، داڳ ٢٠. دانائي ڪري، هوشياري يا خبرداري ڪري، ٢١. اي هارئا، اي نادان، اي مورک ٢٢. اي ويڄ ٢٣. ضايع ڪر، خراب ڪر ٢٤. ڦير، تبديلي، فائدو ٢٥. سونهائيندڙ، مناسب، فخر يا وڏائيءَ جو سبب ٢٦. ڏک، گهاءَ، زخم.

دارُون[۱] سَڀَ دَردَ[۲] جو، طَبَعَ[۳] جو طَبِيبُ،
ايهِي[۴] حَالِ[۵] حَبِيبُ[۶]، سَاهَان[۷] اوڏو سُپِرِين.

۲۳

تَڙِي[۸] طَبِيبَنِ، گهَايَلُ[۹] گهَرَان ڪَڍِئو،
چِڪِئا[۱۰] چاڪَ[۱۱] چِيهُون[۱۲] ڪَري، ڪَڙِيُون[۱۳] مُور[۱۴] نَہ ڪَنِ،
دوسِتَ دَرسَن[۱۵] تُنهِنجي، وڌو نارُ[۱۶] نَپِنِ[۱۷]،
وِرچِئو[۱۸] وِيجَ وَجَنِ، آءُ تَہ پِرِيَمِ[۱۹] اُٿِيَان.

۲۴

تَنبُو[۲۰] طَبِيبَنِ، آٿِي اڱَڻِ[۲۱] ڪُوڙِئا،
دارُون هِنَ دَرَدَ ڪِي، ڦَڪِيُون[۲۲] فَرَقَ[۲۳] نَہ ڪَنِ،
وِرچِئو وِيجَ وَجَنِ، سُڌِ نَہ پِيَنِ سُورَ جِي.

(۲۵)

تَنبُو طَبِيبَنِ، آٿِي اڱَڻِ ڪُوڙِئا،
وِيجَن وِيٺِي وِرهَہ ٿِئا[۲۴]، ڦَڪِيُون فَرَقُ نَہ ڪَنِ،
مُون ڪِي مُون پِرِيَنِ، چَنتُرَ[۲۵] سَاڻُ چَڱو[۲۶] ڪِئو.

Gul Hayat Institute

---

۱. دوا، علاج ۲. بيماريءَ، سورَ ۳. طبيعت، مزاج ۴. اهڙي ۵. حال ۾، حالت ۾، نموني ۾ ۶. محبوب، پيارو، سڄڻ، سپرين، پرين ۷. سَاهَ کان، پَساهہ کان، دَمَ کان ۸. لوڏي، ڌڪي، ڌڪاري ۹. زخميل، ڦٽيل ۱۰. رسجي پيا، اٿلي پيا، وري خراب ٿيا ۱۱. زخم، ڦٽ، گهاءَ ۱۲. چيهون ڪري=سيرون ڪري، ڦاٽي، ڏري، چيرجي ۱۳. ڦٽن جي چٽڻ وقت انهن جي مٿان سڪي ويل رت ۽ پُونءِ جا پردا ۱۴. اصل، هرگز ۱۵. ديدار ۱۶. تڏڪار، فرحت، آرام ۱۷. ٽپن تي، ڦٽن تي، زخمن تي ۱۸. ڪڪ ٿئو، بيزار ٿئو، نااميد ٿئو ۱۹. اي پريم، اي منهنجا پرين ۲۰. خيما، شاميانا ۲۱. اڱڻ تي، گهر جي ايوان يا احاطي تي (تنبو طبيبن آٿي اڱڻ ڪوڙيا=حڪيم بيمار وٽ مستقل طور ويهي رهيا) ۲۲. ڦَڪيون، سَتيون، دوائون ۲۳. ڦير، فائدو ۲۴. سالَ، تمام گهڻو وقت ۲۵. پيار، قرب ۲۶. سکهو، تندرست، چاڪ، چڱو ڀلو.

## ٢٦

هُوءِ جي مُنجهان هيِجَ[١]، وَهِمَ[٢] پِريَان جي وَڍِئَا،
ٻُڪِي[٣] ڏيئِي تَنِ کي، ڪُوهُ[۴] ڪَريندا وِڄَ[۵]،
نَڪَا پِچَ[٦] نَہ پيچَ، پَسَڻَ ڏاران پِرِينءَ جي.

## ٢٧

پَاڙِيَ[٧] وِڄَ هُئَام[٨]، تَانْ[٩] مُون مُورِ نَہ پُڇِئَا[١٠]،
تيلاَهِين[١١] پِئَام[١٢]، مُوربِسَرَ[١٣] اَکِيُن ۾.

## ٢٨

ڪُومَاٽا[١۴] ڪَتِرُيُون[١۵] ڪَري، چَاڪَ[١٦] اُپَرِئَام[١٧]،
وَاري وِڄَ ڏِنَام، ڏَنِيَ[١٨] ڏُکَندي[١٩] سَامُهَان[٢٠].

## (٢٩)

تَنَ جو تُون نَہ طَبِيبُ، ڏَارِيَئِيَ[٢١] دُنِيا[٢٢] ڪَارَڻِ ڍِبِيُون[٢٣]،
اِيندو اَجُ عَجِيبُ[٢۴]، شَادِي[٢۵] ڏِيندو صِحَتَ[٢٦] جي.

---

١. شوق، ڪوڏ، سڪ، پيار ٢. فڪر، ڳڻتيءَ ٣. سُتي، ڦڪي، دوا ۴. ڇا، ڪڇاڙو ۵. حڪيم، طبيب ٦. ڇانورن جو پٽڙو پت، ڪچٽي، رٻ، ڪانجي، آش، پيچ (نَڪا پچ نہ پيچ=سادي ۽ سادو ڪاڏو بہ نہ کهرجي) ٧. پاڙي ۾، پر ۾، پاسي ٨. مون وٽ هئا ٩. تڏهين بہ ١٠. (انهن سان) ڳالهايو يا صلاح مشورو ڪئو ١١. تنهنڪري ١٢. مونکي پئا ١٣. ڇاليون، ڦلا (اکين جي بيماريءَ جو هڪ قسم) ١۴. سکي وئا، جَهڪا ٿئا، ڇتي وئا ١۵. ڦٽن جي ڇٽڻ وقت انهن جي مٿان سکي ويل رت ۽ پونءَ جا پردا يا ڇلر ١٦. زخم، ڦٽ، گهاءَ ١٧. منهنجا اُيرڻ يعني ڇٽڻ لڳا ١٨. داغ، داڳ، ڪلنڪ، چمڙيءَ تي، باهہ ۾ گرم ڪيل لوهہ جي شيخ وغيره،ان لڳايل نشان ١٩. ڏڪندي جي، سور جي، درد جي ٢٠. جاءَ تي، مٿان ٢١. تو ڏاريون، تو پاڻ وٽ رکيون ٢٢. ناٿي، پٽسي ٢٣. دوائن جون ڍبليون، ڍبلين رکڻ لاءِ ڪاريون ٢۴. محبوب، دوست ٢۵. خوشخبري، واڌائي ٢٦. چڱڀلائيءَ، تندرستيءَ.

# وائي

مُون کي تَا مَارِينِ، کو پَهُہ[۱] پِيَڙو سَجَڻين،
بَارِئو[۲] اُجهَائِينِ[۳]، پِرِينِ اُجَهايو ٻَارِينِ،
لُهَان[۴] لُهَارَنِ[۵] جَا، مُون کي تَا مَارِينِ،
وَڍِئو[۶] چِيرِئو چِچِرِئو[۷]، ڏيهَہ[۸] کي ڏيکارِينِ،
سِيخُون[۹] سَجَڻَنِ هَٿَ ۾، چُلهي[۱۰] تا چَاڙهِينِ،
مُوتُوا قَبلَ اَنتَ مُوتُو* مَرِضَ[۱۱] اِنَ مَارِينِ،
لاَيَمُوتُ فِيهَا وَلاَ يحيٰ، ● مَارِئو جِيَارِينِ[۱۲].

Gul Hayat Institute

---

۱. پور، خيال، ريچڪ ۲. باهہ دکايو باهہ لڳايو ۳. باهہ وِسائين يا گل ڪَنِ ۴. (باهہ جا) آلا، چڻگون ۵. لوهہ جا هٿيار يا ٻيو سامان ٺاهيندڙ ڪاريگرن ٦. ڪپئو، چيريو، پاڱا يا ذرا ذرا ڪرئو ۷. ڪَترئو، ذرا ذرا ڪئو، قيمون ڪئو ۸. ڏيهہ يعني دنيا يا جهان جي ماڻهن ۹. لوهہ جون سنهيون ڇهنبدار لٺيون، جن ۾ گوشت جا ٽڪر وجهي باهہ تي سيڪيا يا پچائبا آهن ۱۰. چلهي تي، چلهہ تي، آڳيٺيءَ * مرڻ کان اڳ مرو (حديث) ۱۱. مرض ۾، بيماريءَ ۾ ● هن (دوزخ) ۾ نڪي مرندو ۽ نہ ڪي جيئندو (زنده رهندو) (قرآن شريف جي سورت طٰہ جي آيت ۷۴) ۱۲. زنده ڪن، جيئرو ڪن.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر جمن

## داسنان ٽئو

١

هَـيِ[1] هَـيِ وَهـيِ[2] هَـاءِ[3]، مَـنَ ۾ مَـحـبُـوبَـنِ ۾،
جـيـرَا[4] جـُوش[5] جَـلاَئِـيَـا، بُـكـِنِ[6] بَـرِي بَـاهِـ،
پَـسُـو مَـچَ مَـتَـا[7]، جـي مُـون ويـسَـاهِـ[8] نَـ وِسَـهـو[9].

٢

هَـي هَـي وَهـي هُوءِ[10]، مَـنَ ۾ مَـحـبُـوبَـنِ جـي،
جـيـرَا جـوش جَـلاَئِـيَـا، بُـكـنِ مُـكـي[11] بُـوءِ[12]،
اَچِـي پَـسـو رُوءِ[13]، جِـي اَئِـين[14] ويـسَـاهِـ نَـ وِسَـهـو.

٣

تَـانـديـنَ[15] كَـانـديـنَ[16] بَـابُـريـن[17]، پَـچَـان[18] مَـرُ[19] پـيـئـي،
جـيـرا جـگـر بُـكـيُـون[20]، سِـيـخُـن[21] ۾ تـيـئـي،
وِيـجَـنِـئـان[22] وِيـئـي، ٿـي[23] وَهـيـٽـي[24] سَـجَـٽـين *.

---

١. هاءِ هاءِ، افسوس ٢. هلي، جاري رهي ٣. ظلم، قهر، درد، هلڪي دانهن ۴. واحد جيرو) پيٽ جي هڪ عضوي جو نالو، جنهن جي وسيلي ڪاڏي جي رس مان رت ٺهندو آهي، ڪليجو ۵. (عشق جي) اوباري، اوبرَ، گرميءَ ٦. ٻڪن ۾، گردن ۾، مٿانن ۾ ٧. منهنجي مٿان (ٻيهي روبرو) ٨. ويساهه ڏيارڻ تي، اعتبار يا يقين ڏيارڻ تي ٩. اعتبار ڪريو ١٠. ظلم، قهر، درد، هلڪي دانهن ١١. موڪلي، اماڻي، ڪڍي ١٢. (گوشت سڙڻ جي) ڌپ، ٻانس ١٣. روبرو، منهان منهن ١۴. اوهين ١۵. ٽاندن تي، جاڳتن تي، ٻرندڙ اڱارن يا ڪوئلن تي ١٦. ڪنڊيءَ (جي وڻ) جي ١٧. ٻٻر (جي وڻ) جي ١٨. سڙان، جلان ١٩. پلي ٢٠. دليون، هنيان ٢١. لوهه جي ڇهنبدار سنهين لٺين (جن ۾ گوشت وجهي باهه تي پچائبو آهي) ٢٢. ويڄن ڪان، حڪيمن يا طبيبن ڪان ٢٣. نڪري ٢۴. هٿ ۾، وس ۾، اختيار ۾ * حڪيمن جي وس ڪان ڳالهه زور تي وڃي سڄڻن جي اختيار ۾ ٿي

۴

سَرُ[١] جو سَجِئو[٢]، سَجَڻين، پَرُ[٣] پيڏيءَ[۴] ڏيئي،
تَنهِن کانَ کَرَنگهَرُ[۵] کَپِئو، ڦَکَنِ[٦] سِڱِنءَ[٧] پيهِيُ[٨]،
جيرا جِگَرَ بُکِيُون، پاسَاڙا[٩] بيئي،
ويجَنِئَان[١٠] ويئي[١١]، تِي وَهِيڻِي[١٢] سَجَڻين.

۵

سَرُ جو سَجِئو سَجَڻين، تَنهِن لُورِيءَ[١٣] لوهُ[١۴] پئو[١۵]،
لَڳي کانُ کَپارَ[١٦] مان، کَڙَکو[١٧] کُنَدَ[١٨] کِئو،
مَنجهان مُون وَهِئو[١٩]، گهائِيندو[٢٠] گهَٽَنِ[٢١] کي.

٦

سَرُ جو سَنڌِئو[٢٢] سَجَڻين، سِينگ[٢٣] مَنجهان سِيلو[٢۴]،
تِينگَرُ[٢۵] تِکِئو کِينَ[٢٦] کي، پارِ[٢٧] لَنگهِئو پيلو[٢٨]،
هَٽَنِ سَان حِيلو[٢٩]، جانِبَ[٣٠] جيڏُوئي[٣١] کِئو.

٧

سَرُ جو سَنڌِئو سَجَڻين، بَنگان[٣٢] باڻُ پُري[٣٣]،

Gul Hayat Institute

---

١. کاني يا تيلي مان ٺهيل تير (جنهن جي منهن يا چوٽيءَ ۾ لوهي ڦر ۽ پاسن ۾ لوهه جا کنڀ يا پر لڳل هوندا آهن. کانَ، ٻاڻ، لوري ٢. هنيو ٣. ٽيڪ، آڌار ۴. پيڏيءَ تي (هٿ ۾ ٻانهن جي ڪرائيءَ جي وچ واري ٻاهر نڪتل هڏي ۽ پير وٽ مريي مٿان ٻاهر نڪتل هڏي کي پيڏي چئبو آهي. تير هڻڻ مهل تيرانداز پنهنجي هڪ ٽنگ ڀيٽي ڪري زمين تي رکندو آهي ۽ ٻيءَ ٽنگ جو گوڏو اڀو ڪري زمين تي رکيل ٽنگ جي مريي واري ٻاهر نڪتل هڏي يعني پيڏيءَ جي ٽيڪ وٺندو آهي) ۵. ڪرنگهو، پٺيءَ وارو هڏو ٦. ڪنيِن، پرن، لوهه جي انگهن ٧. سوڏو، سميت ٨. (بدن ۾ اندر) گهڙي ٩. پاسريون، پاسرائيون ١٠. ويڄن ڪان، حڪيمن ڪان ١١. نڪري ١٢. هٿ ۾، وس ۾، اختيار ۾. ١٣. لوريءَ جو ١۴. لوهه جو ڦر ١۵. عجيب نموني جو ١٦. ڪوپريءَ ڪيپراٽيءَ، مٿي ۾ ١٧. ٺڪاءُ، آواز ١٨. گرز، ڀالي، نيزي، تير ١٩. نڪتو يا وٺو (ٻاهر) ٢٠. زخمي ڪندو ٢١. (واحد گهٽ) نڙي، نڙگهٽ، گلو ٢٢. سڄئو، هنيو ٢٣. ڪمان ٢۴. تير، گرز، ڀالو ٢۵. ٽن ڪنڊن وارو تير ٢٦. رُڪيو، ترسيو (بدن ۾) ٢٧. آرپار، ٻئي پاسي ڪان ٢٨. (زهر ٻڏل) تير ٢٩. وس، ڪوشش، ٣٠. جانيءَ، يار، سڄڻ، ٣١. تمام گهڻو، ٣٢. ٻنگ سان، انڪل يا حرفت سان، ٣٣. زور سان، طاقت سان.

# وائي

جَـڏَڙو جِيءُ[1] جِـيَـارِئـو،[2] پِرِيَنِ جي پَچَارَ[3] سـيـڻَنِ[4] جي سَنـيَـالَ[5]،

اُجِـئـڙو[7] تَـنُ عَـمِـيـقَ[8] مَـان، پِـرِيَـنِ پـوجَ[9] پِـيَـارِئـو،

سَنـئُـونْ[10] مُـنهَـنِ[11] كَري سُـپِرِيـن، نِرمَـلَ[12] نُـورَ[13] نِهَـارِئـو[14]،

سَائِلَـنِ[15] جِـيـئَـنِ سَـڌَ كَـرِي، اَئِـيَنِ[16] تَـالُـنِ[17] كـي تَـنـوارِئـو[18]،

مَـرضُ مَـرِيضَـنِ تَـان، اَئِـيـنِ اشَـارِي[19] سَـاڻُ اُتَـارِئـو[20]،

كَـرَمَ[21] كَـرِيمَـنِ[22] جي، مُـون كـي اَهُـكِـيءَ[23] مَـان اُكَـارِئـو[24].

Gul Hayat Institute

---

١. جڏو، اگهو، بيمار ٢. جان، جسم، بدن ٣. جيئرو يعني زنده ڪيو، تندرست ڪيو، سگهو ڀلو ڪيو ٤. يادگيريءَ، ذڪر ٥. سڄڻن، محبوبن ٦. سار، يادگيريءَ ٧. اجايل، پياسو، تاسيارو ٨. اونهي پاڻيءَ، سمنڊ يا درياهہ (عشق جي) ٩. تمام گهڻو ١٠. سڌو، سامهون ١١. چهرو، رخ، مک ١٢. اي نرمل، اي پاڪ پوتر ١٣. اي نور، اي نوراني نظر وارا ١٤. نظر ڪرئو ١٥. سوالين، پينارن، عرضدارن ١٦. اوهين ١٧. طالعن، بدبختن، گنهگارن ١٨. سڏ ڪرئو ١٩. امر، حڪم ٢٠. لاهيو، دفع ڪريو، دور ڪريو ٢١. مهربانيءَ، احسان، ڀاڄهہ ٢٢. مهربانن، ڀاڄهارن ٢٣. تڪليف، مشڪل ٢٤. پار ڪڍو، لنگهايو.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر جمن

## داستان چوٿون

١

پُڇُ[١] پَتَنگَنِ[٢] کي[٣]، سَنڌيُون ڪَامَڻَ[۴] خَبَرُون،
آٽِئُو وِجَهنِ آگِ[٥] ۾، جِلِيءُ[٦] پِنهِنجو جي،
جيري[٧] جَنِي جي، لَگا نيڙا[٨] نِينهَن[٩] جا.

٢

پَتَنگُ چَائِين[١٠] پاڻَ کي، اَچي آگِ اُجهاءِ[١١]،
پَچَڻ[١٢] گهٽا پَچائِيا، تُون پَچَڻَ کي پَچاءِ،
وَاقُفُ[١٣] ٿِي وِسَاءِ، آگِ[١۴] نَه ڏِجي عَامَ[١٥] کي.

٣

پَتَنگُ چَائِين پاڻَ کي، جيري[١٦] پَوءُ جاٽي[١٧]،
تَان تَان[١٨] تَاٽِج[١٩] تَاءَ[٢٠] ڏي، جَان آگِ نَه اُجهاٽي[٢١]،
وِسَنهُ[٢٢] وِهاٽي[٢٣]، آگِ نَه ڏِجي عَامَ کي.

---

١. معلوم ڪر ٢. هڪ قسم جي اڏامندڙ جيتن، پروانن (جيڪي گرميءَ جي موسم ۾ يا مينهوڳيءَ جي موسم ۾ بتيءَ يا شمع جي چوڌاري اڏامي پاڻ کي ان جي مٿان اڇليندا آهن ۽ آخر ۾ سڙي مري ويندا آهن) ٣. ڪان ۴. سڙڻ، پچڻ، جلڻ ٥. آگ، باهه، آتش ٦. جان، جسم، بدن ٧. جيري ۾. ڪليجي ۾ (جيرو پيٽ ۾ هڪ عضوو آهي). ٨. ڀالا، تير، ڪان. ٩. عشق، محبت ١٠. چوائين، سڏائين. ١١. وساءِ. ١٢. (عشق جي) باهه. ١٣. ڄاڻو، وقوف وارو، عقل وارو، هوشيار، سياڻو. ١۴. (باهه جو) راز، انت، ڀيد. ١٥. عوامَ، عام خلق يا ماڻهن ١٦. جيري ۾، باهه ۾. ١٧. ڏسي وائسي، ڪڏ يا شوق ڪري. ١٨. تيستائين. ١٩. وجج، هلج. ٢٠. باهه، مچ. ٢١. وسائي يا ختم ٿي آهي. ٢٢. ويساهه ڪر، اعتبار ڪر ٢٣. (زندگي يا عمر) پوري ٿي وئي يا رات پوري ٿي وئي.

Gul Hayat Institute

### ۴

پَتَنگُ[۱] چَائِين[۲] پَاڻ کي، پَسِي مَچُ مَ مُوٽُ،
سَهَائِي[۳] سُپِيرِيَنِ جي، گِهڙُ تَہ تِئين گهوٽُ[۴]،
اَجَا تُون آروٽُ[۵]، کُوري[۶] خَبَرَ نَہ لَهين*.

### ۵

پَتَنگِن پَهُہ[۷] کِئُو، مِڙِئَا مَتِّي[۸] مَچَ،
پَسِي لَهُس[۹] نَہ لِچِئَا[۱۰]، سَڙِئَا[۱۱] مَتِّي[۱۲] سَچَ[۱۳]،
سَندَا[۱۴] بِ گِچِن[۱۵] گَچَ[۱۶]، وِيچَارَنِ[۱۷]، وِجَائِيَا[۱۸].

### ⑥

پَتَنگِن پَهُہ کَري، اَچِي اُجَهائِي[۱۹] آگِ،
کِينئَنِ[۲۰] کي قُربَ جي کَا جَا لِگِي لاگِ[۲۱]،
مِڙِي سَبِ مَاگِ[۲۲]، کَاڙَا[۲۳] کُوري وِچَ ۾.

### ⑦

کَاڙا کُوري وِچَ ۾، وِئَا پَتَنگَ سَبِ پَچِي،
اُنِهين وَٽِ آتش جي، سَيَکَا سُڌِ سَچِي[۲۴]،

Gul Hayat Institute

---

۱. هڪ قسم جو اڏامندڙ جيت، پروانو. (جيڪو گرميءَ يا مينهوڳيءَ جي موسم ۾ ظاهر ٿيندو آهي ۽ بتيءَ يا شمع جي چوڌاري اڏامي پاڻ کي ان جي مٿان اڇلائي سڙي مري ويندو آهي). ۲. چوائين، سڏائين. ۳. سهائي ۾ (مچ يا باهہ ۾) ۴. تازو پرڻيل جوان، مراد حاصل ڪيل، ڪامياب، غازي. ۵. ڪچو، ناواقف، اڻ ڄاڻ، خام ٦. ڪوري جي، باهہ جي * باهہ جي ساڙڻ يا جلائڻ جي راز کي نٿو پروڙين. ۷. (مرڻ جو) پڪو ۽ پختو ارادو. ۸. تي، چوڌاري. ۹. (باهہ جو) سيڪ يا تَوَ. ۱۰. لرزئا، ڏنا، مڙئا، پوئتي هٽيا. ۱۱. جليا. ۱۲. واسطي، خاطر. ۱۳. حق، سچائيءَ. ۱۴. جا ۱۵. سسين، ڪنڌن. ۱٦. ٽڪر، (گهڻو تعداد). ۱۷. مسڪينن، غريبن، نمائڻن، عاجزن. ۱۸. قربان ڪئا. ۱۹. وسائي. ۲۰. ڪيڙن، جيتن، سَرڻن (پتنگن). ۲۱. ذائقو، ميٺاج، ساءُ، مزو. ۲۲. ماڳ تي يعني جاءِ تي، هنڌ تي (باهہ واري) ۲۳. جليا، سڙئا، پچي وئا. ۲۴. ڪري، پڪي، پختي.

مــوتِـئــو کــونـہَ بَـچِـلِي[۱]، کَـامِـلي[۲] مِـڙِيـئـي خَـاکِ[۳] ٿـئـا.

٨

پُـرِي[۴] پَـتَـنـگَ[۵] آئِـيَـا، سِـرِي سَـهَـائـي[۶] وَٽ،
کَـنـدا کَـانـہ گُـهَـٽِ[۷]، مَـتـو وِجَـهـنـدا مَـچَ ۾.

٩

پُـرِي پَـتَـنـگَ آئِـيَـا، سِـرِي سَـهَـائـيُ سَـاءِ[۸]،
کَـنـدا بِـي نَـہ کَـا*، مَـتـو وِجَـهـنـدا مَـچَ ۾.

١٠

پُـرِي پَـتَـنـگَ آئِـيَـا، سِـرِي سَـهَـائـيُ جَـهـلَ[۹]،
کَـنـدا کَـنـڌَ[۱۰] اُجَـلَ[۱۱]، مَـتـو ڏِيـنـدا مَـچَ ۾.

١١

پُـرِي پَـتَـنـگَ آئِـيَـا، سِـرِي سَـهَـائـي هـيـٺِ،
تـئَـا ڏِيـنَـارِئَـا[۱۲] ڏِيـٺِ[۱۳]، مَـتـو ڏِيـنـدا مَـچَ ۾.

Gul Hayat Institute

١٢

پُـرِي پَـتَـنـگَ آئِـيَـا، سِـرِي وَٽِ سَـاهـي[۱۴]،

---

١. جيئرو، زندهہ. ٢. جلي، سڙي. ٣. رکَ، ڦلهيار. ۴. هلي، اڏامي، سري ٥. هڪ قسم جا اڏامندڙ جيت، پروانا (جيڪي گرميءَ يا مينهوڳيءَ جي موسم ۾ ظاهر ٿيندا آهن ۽ بتيءَ يا شمع جي چوڌاري اڏامي پاڻ کي انجي مٿان اچلي سڙي مري ويندا آهن). ٦. سَهائي جي، باهہ جي، آگ جي، مچ جي. ٧. گهٽتائي، ڪوتاهي، دير، قصور. ٨. لاءِ، سانگي * نٽ نتاءُ نہ ڪندا. ٩. وٽ، ويجهو، پر ۾ ١٠. ڪنڌ جي. ١١. قرباني. ١٢. ملاقاتي، ڏسندڙ. ١٣. ڏيٺ جا، ديدارجا. ١۴. روشنيءَ، باهہ.

اَچِي پِئا آگِ[1] ۾، ڪُڌي[2] سَڀ ڪَاھي[3]،
لاڳاپا[4] لاھي[5]، ڪَاٺا[6] ڪُوري[7] وِچ ۾.

(۱۳)

پُري[8] پَتَنگَ[9] آئِيا، مَتي مَچ مِڙي،
ويندا تان نَہ ڪِڙي[10]، مَتو ڏِيندا مَچ ۾.

(۱۴)

پُري پَتَنگَ آئِيا، سَائُو[11] سَڀِ سِري،
ڪَاٺا ڪُوري وِچ ۾، مَنجهان قُربَ ڪِري،
موٽِئو ڪو نَہ وَري، اُجَلَ[12] پَسِي آگِ جي.

(۱۵)

اَچِي اُجَهَائِيو[13] آگِ ڪِي، پَتَنگِن سين پَرواز[14]،
ڪَامِي[15] خَاڪ[16] ٿِيَڻَ جَا، اُنهِين وَٽ اَنداز[17]،
رَمزَ[18] پَروڙِيَئُون[19] رازَ، جِيري[20] جي جِڀيءَ[21] جَا.

(۱۶)

پَتَنگَ رَءِ[22] رَچَنگَ[23]، آگِ پَسِي آئِيا،

۱. باھ، آتش. ۲. نچي ٽپي، ڪڏ ڪري، شوق ڪري. ۳. ڏڪي، جلھ ڪري. ۴. واسطا، تعلق، رشتيداريون. ۵. ختم ڪري. ۶. سڙيا، جليا. ۷. ڪوري جي، باھ جي، مچ جي. ۸. هلي، اڏامي، سري. ۹. هڪ قسم جا اڏامندڙ جيت، پروانا (جيڪي گرميءَ يا مينهوڳيءَ جي موسم ۾ ظاهر ٿيندا آهن ۽ بتيءَ يا شمع جي چوڌاري اڏامي پاڻ کي ان تي اڇلائي سڙي مري ويندا آهن). ۱۰. ٽهي، هٽي، پٺتي. ۱۱. سورهيہ، بهادر. ۱۲. پڙڪو، تيزي. ۱۳. وسايو. ۱۴. اڏام، اڏامڻ جي حالت. ۱۵. سڙي، جلي. ۱۶. رک، ڦلهيار، چار. ۱۷. نمونا، ڍنگ. ۱۸. ڳجهہ، ڀيد، راز. ۱۹. انهن پروڙيا، انهن سمجهيا يا معلوم ڪيا. ۲۰. باھ. ۲۱. لاٽ، شعلي. ۲۲. سمورا، سربستا. ۲۳. (عشق ۾) رتل.

اُھي عَبدُاللطِيفُ چَئي، ڪوري[۱] ڪَپايا[۲]،
جيلاھَ[۳] لَنءُ[۴] لايا[۵]، مَرَنِ موٽَنِ ڪِينَڪِي.

## ۱۷

چَڙھِئو[۶] چڪاسِين[۷] چاھِہ[۸]، آڳِ[۹] پَرَندِيءَ[۱۰] آيا،
وِھسَنِ[۱۱] وَاڙَيُ[۱۲] ڦُلَ[۱۳] جيئَن، مَحبتي[۱۴] مَڃ لاءِ،
آٽي پانُ اَڙاءِ[۱۵]، ڪَٽِي ڪوري وِچ ۾.

## وائي

دِلِ مَاھِي[۱۶] دِي[۱۷] نَالِ[۱۸] لوڪو[۱۹]، دِلِ رَانجَھنِ دي نَالِ لوڪو،
مَحبَتَ جي مَيدَانَ ۾، سِرُ ڏِيندو ڪوڪو.

---

۱. بَاھہ، مڃ، ۲. ساڙي ختم ڪِئا، ۳. جنھن صورت ۾، ۴. محبت، پيار، نينھن. ۵. لاياٿون، لڳاياٿون، ٦. متي اڏامئو. ۷. ڳولين، تَلاش ڪن. ۸. چاھہ ڪي، باھہ ڪي، مڃ ڪي، ۹. باھہ. ۱۰. ٻرنديءَ تي، ٻريل تي (آڳِ ٻرنديءَ آيا = جيئن ئي باھہ ٻرندي ڏٺائون تہ ھڪدم اتي اچي وڻا)، ۱۱. خوش ٿين، ٽڙن، ۱۲. واڙي جي، ڪپھہ جي ٻوٽي جي، ووٽن جي ۱۳. گل، ۱۴. محبت وارا، عاشق، ۱۵. اڙائين، اڇلين، ڦاسائين، ١٦. محبوب، رانجھن، ۱۷. سان، ۱۸. گڏ، ۱۹. اي لوڪو، اي ماڻھوئو.

۴

جِيئَن جِيرو[۱] ڪَانئي[۲] جَرَ[۳] سين، عِشقُ اِيئَن ڪَري،
اَجَا پِرتِ[۴] پَري[۵]، ڳَالِهہِ[۶] نَہ ڳَالِهين[۷] جِهَڙي.

۵

جيڏانهَن قَاتِلَ[۸] ڪُلَ[۹]، اَڪيُون اوڏانهِين ڪَٽي،
مَتو ڪَنِ نَہ مُلِ[۱۰]، پِڪَ[۱۱] بَرابَرِ[۱۲] پَانهِنجو.

۶

جيڏانهَن قَاتِلَ ڪورَ[۱۳]، اَڪيُون اوڏانهِين ڪَٽي،
وِهُ[۱۴] تَنِي جي ووڙَ[۱۵]، جَنِي سَانگُ[۱۶] نَہ سَاهَ[۱۷] جو.

۷

قَاتِلُ ڪَمَائي[۱۸] ڪَري، وِهُ مَاڪي[۱۹] جي ڪَنِ،
وَتَان وِبهِي تَنِ، پِيئُجِ ڪي پِيَاليُون[۲۰].

۸

هُوندو[۲۱] هَڏِم[۲۲] رَڪُ[۲۳]، لاءِ[۲۴] پِيَاڪَنِ[۲۵] پَانهِنجو،
وَتِي وَاٽَاڙُوئَنِ[۲۶] ڪي، پِيَاري پَرَڪُ[۲۷].

Gul Hayat Institute

---

۱. باهہ، آڳ، آتش. ۲. سانڙي، جلائي. ۳. جيءَ، توءِ، تپش، سيڪَ. ۴. محبت. ۵. دور، ڏور. ۶. (پرت جو) معاملو، قصو، ماجرا. ۷. عام رواجي، معاملن يا قصن. ۸. قاتل (ڪڙي شراب) جي. ۹. (رکڻ جي) جاءِ. ۱۰. ملهہ ۾، قيمت ۾. ۱۱. پڪ جي، شراب جي چڪي يا ڏِڪ جي. ۱۲. مَٽَ. ۱۳. (رکڻ جي) جاءِ. ۱۴. زهر، وهہ پر هتي معنيٰ ٿيندي زهر جهڙو ڪڙو شراب. ۱۵. ووڙ ۾، ڳولا ۾، تلاش ۾. ۱۶. سانگو، پرواهہ. ۱۷. جان، جسم. ۱۸. محنت، ڪشالو، رياضت. ۱۹. ماکيءَ يعني شهد جهڙو مٺو. ۲۰. (شراب جون) وٽيون، جمنيون. ۲۱. موجود يا بچت ۾ پيل. (شراب). ۲۲. اصل، بنهہ. ۲۳. لڪاءِ. ۲۴. ڪان. ۲۵. شراب پيئندڙن. ۲۶. واٽهڙن، واٽ ويندن، مسافرن (شراب پيئندڙن). ۲۷. آزماءِ.

١٣

موڪِيءَ مَتارا، وڏِيءَ ساجُهرِ[١] سَارِئا[٢]،
پِيَڻَ جي وارا[٣]، اَجُ نَه آيا ڳَنجَڙي[٤].

١٤

گهتَنِ[٥] ۾ گُهتڪَنِ[٦]، وتِيُون[٧] پِيَنِ وِهَه[٨] سِرِ[٩] ڳاڏِيُون[١٠]،
بِدِهه[١١] ساقِي[١٢] بَرخِيز[١٣]، پِيارِ کِي پِيئَندَنِ[١٤]،
اُو پِڪِين[١٥] نَه پَرچَنِ[١٦]، مَتَ تَڪِيائُون[١٧] مَنجِهيان[١٨].

١٥

آڻِي[١٩] اُتَر[٢٠] واءُ[٢١]، موڪِيءَ مَتَ اُپَتِئا[٢٢]،
مَتارا تَنهِن ساءِ[٢٣]، اَچَنِ سِرَ سَنباهِيو[٢٤].

١٦

آڻي اُتَر هيڻ[٢٥]، موڪِيءَ مَتَ اُپَتِئا،
مَتارا تَنهِن مِيڻ[٢٦]، اَچَنِ سِرَ سَنباهِيو.

١٧

موڪِيءَ سَندي[٢٧] مَتَ ۾، ڪو جو زَهِرَ ذَرو،

---

١. وڏيءَ ساجهر = گهڻو سوير، اسر جي مهل، فجر جي مهل. ٢. ياد ڪئا، سنڀالئا. ٣. واري، مهل، ويل، وقت ٤. ڳنجڙي ۾، ڪچهريءَ يا دربار ۾، (شراب خاني ۾)، ٥. تڪڙو تڪڙو پين يا وڏا ڍڪ پرين، ٦. اوتڙجن، تڪڙي پيڻ يا وڏن ڍڪن پرڻ سبب شراب نڙيءَ ۾ ڦاسي پين، ٧. پياليون، جمنيون، ٨. زهر ياوک، ٩. سان، ١٠. گڏيل، ملايل، ١١. (فارسي) ڏي، ١٢. اي ساقي، اي شراب پياريندڙ، ١٣. (فارسي) اٿي، ١٤. پياڪن، پيئندڙن، ١٥. پڪن مان ياسان، شراب جي ٿوري ڍڪن مان يا سان، ١٦. راضي ٿين، ١٧. تاڙيائون، ١٨. اندران (اندر رکيل شراب جا مٽ)، ١٩. ڪئي، ٢٠. اتر جي، شمال جي، ايي، ٢١. واءُ لڳڻ وقت يعني سياري جي موسم شروع ٿيڻ وقت، ٢٢. پٽئا، کوليا، ٢٣. ساءَ خاطر، سواد لاءِ، مزي خاطر، ذائقي واسطي، ٢٤. تيار ڪئو (قربان ڪرڻ لاءِ)، ٢٥. هيڻان، طرف کان، ٢٦. ميٺ لاءِ يا واسطي، ميٺاج يا ذائقي واسطي ٢٧. جي.

پِيالَئِنَدي[1] پوشِيدَنِ[2] کي، پِئَڙو کو نَہ پَرو[3]،
مَتو[4] مَهايَنِ[5] جو، کِئو گُهَرَ[6] گَرو[7]،
تِيُنِ کيپُ کَرو[8]، گَهوٽَ[9] گِهَڏي[10] گَهَرِ[11] آيا.

١٨

موکِيءَ سَندي مَٽَ ۾، سُرِي[12] سَپُ[13] پِئو،
قَضا[14] کَمُ کِئو، کونِهي ڏوهُه[15] کَلاڙَ[16] جو.

١٩

کَلاڙَنِئون[17] کا، مَٽَ[18] نَہ سِکِيَيِن[19] مُون هِنيَان[20]،
رُوندي راتِ وِهاءِ[21]، چِڪَائِيندي بَنِيُون[22].

٢٠

سِرُ ڏيئي سَٽَ[23] جُوڙِ[24]، کِنهِن پِرَ[25] کَلاڙَنِ سين،
کاتي کَرَٽُ[26] کِپارَ ۾، آڻي خَنجَرُ کُوڙِ[27]،
مَرَڻان مُنهُن مَ موڙِ، وَٽِي کِي[28] وَڌِ لَهي[29].

٢١

وَٽُ[30] وَٽُ وَٽِيءَ ۾، مَٽَ مَٽَ[31] مَندُ[32] پِئو[33]،

Gul Hayat Institute

---

١. پيئڻ جي مهل يا وقت، ٢. نفاست پسندن، ملوڪن، سهڻن، ٣. پتو، سماءُ، سڌ، ۴. سِرُ، دماغ، ۵. بهادرن، پهلوانن، ٦. شرابَ جي خمار يا نشي، کيپَ، ٧. ليڙو، سست، ٨. خاصو، بهترين، ڪهڻو، ٩. نوان پرٽيل جوان يعني نوجوان يا ڳڀرو يا سهڻا، ١٠. تڙندا، ٿاٻڙندا، لڏندا، لمندا، ١١. گهر ۾ (واپس)، ١٢. رڙهي، سِرڪي، ١٣. (ڪارو) نانگ، ١۴. خدا جي حڪم، ١۵. قصور، گناهہ، جرمَ، ١٦. شراب وڪڻندڙ، موڪيءَ، ١٧. ڪلاڙن ڪان، ١٨. نصيحت، سبق، ١٩. توسڪي، تو پرائي، تو حاصل ڪئي، ٢٠. مون هنيا = اي منهنجا هينان، اي منهنجي دل، ٢١. وهائي، گذاري، پوري ڪئي، ٢٢. شراب ٺاهڻ جا ڪورا (چڪائيندي بنيون =بٺين تي شراب ٺاهيندي)، ٢٢. سودو، ٢٣. ڪر، ٺاهہ، نباهہ، راس ڪر، ٢۵. ريت، نموني، ٢٦. ڪاٺ چيرڻ جو لوهہ جو اوزار، وڏي ڪارائي، آرو، ٢٧. هڻ، کُپاءِ، ٢٨. ڪي قدر، ٢٩. وڌ لهي = (مٽي ڪان) وڌيڪ يا زياده قيمتي آهي، ٣٠. قسم، جدا جدا سواد، ٣١. مٽ مٽ = مٽ مٽ ۾، هر هڪ مٽ ۾، ٣٢. شراب، ٣٣. جدا جدا، نئون.

## ٢٥

سَري[١] ڪِي[٢] نَ ڪِئون، وِٽ[٣] موڪِيءَ[٤] جي مَارِئا،
ڪو ڪو وِٽ ڪَلاڙَ[٥] جو، پِتِي[٦] تي پِئون،
تِهان پوءِ تِئون، مِڙَنُ[٧] مَتارَنِ[٨] سين.

## ٢٦

جِتِ ڪُورا[٩] ماڪَ، مَتَ[١٠] ڪُتڪا[١١] ڪَٽَ[١٢] گهٽا،
لَاهي[١٣] وِيهه مَ لَاڳَ[١٤]، موڪِي مَتارَنِ جا.

## ٢٧

موڪِيءَ مَنُو[١٥] نَ گهُرِئا[١٦]، وِهه[١٧] نَ وِهاتِئا[١٨]،
سُرڪِيءَ[١٩] لَاءِ سَيِدُ چَئي، اُتي[٢٠] تي آتِئا[٢١]،
جي ڳالهِين ڳَاتِئا[٢٢]، تَنِ[٢٣] جُون بَنِ پَاسِ بُتِيُون[٢٤].

## ٢٨

آتِي[٢٥] تِيءُ اَڳار[٢٦]، ڪامِي ڪِرِدارَنِ[٢٧] سين،
پَسِين[٢٨] سي نَ پَتار[٢٩]، پُرِ[٣٠] پِيتوءِ جَنِ سين.

Gul Hayat Institute

---

١. شراب. ٢. ڪجهه، ٿورو، ذري برابر. ٣. ڳالهه يا گفتي، طعني. ۴. عورت جو نالو جيڪا ڪراچيءَ جي لڳ ڪونڪر جي علائقي ۾ شراب وڪڻندي هئي. ۵. شراب وڪڻندڙ، ڪٽيوال، موڪيءَ. ٦. ماڻهن ۽ جانورن جي بدن ۾ معدي ۾ جيري جي ڀرسان وکن جي ٿهيل سائي رنگ جي پاٿيٽ سان ڀريل جيڪا ننڍڙي ڳوٿري هوندي آهي ان ڳوٿريءَ کي پتو چوندا آهن. (پتي تي پئون =انهن تي اثر انداز ٿئو). ٧. ڪڏجاٽي، ملاقات. ٨. سر جمن جي ڪردارن (جيڪي موڪيءَ جي شراب خاني تي شراب پيئڻ ايندا هئا. انهن کي موڪيءَ جڏهين اها ڳالهه ٻڌائي تہ اڳئين ڀيري مون اوهانکي جنهن مٽ مان شراب ڏنو هو ان مٽ ۾ نانگ مئل هو. اها ڳالهه ٻڌي اهي متوالا اتي جو اتي مري پئا). ٩. ڪورن جا، شراب جي چڪاڻ جي ٻنين جا. ١٠. هنڌ، جايون. ١١. ننڍا (مَٽ). ١٢. وڏا مَٽَ. ١٣. ختم ڪري. ١۴. لاڳاپا، آسرا، اميدون. ١۵. مانو، گهٽ، ڪسو. ١٦. پيار ڪئا، پسند ڪئا، چاهيا (منو نہ گهرئا = انهن جي بدخواهي يا بُرائي نہ چاهي). ١٧. زهرَ (جهڙي ڪڙي شراب). ١٨. موڳائئا، بي هوش ڪئا. ١٩. شراب جي چُڪي يا ڍُڪ. ٢٠. ان هنڌ تي (جتي شراب وڪامندڙ آهي). ٢١. ڳاهٽ ٿئا. ٠(تڪرَ ۾) گڏ ٿئا. ٢٢. (موڪيءَ جي) گفتن (تہ اڳئين ڀيري جيڪو مون اوهان کي شراب ڏنو هو ان ۾ تہ نانگ مئل هو). ٢٣. ٺارئا، بي هوش ڪئا، مارئا. ٢۴. قبرون. ٢۵. جلي، ڪامي، سڙي. ٢٦. ڪوئلا، ٽاندا، رڪَ، ڪيري. ٢٧. (شراب جي) خريدارن يا گراهڪن. ٢٨. ڏسين يا ڳولي هٿ ڪرين (چو). ٢٩. ڀوتار، سردار، معزز. ٣٠. ڍو ڪري، رڄ ڪري، پيٽ ڀري.

## وائي

يَلو[1] مِيَان[2] مَحبَتي[3] مِتڙا[4] مَارُؤ[5]،
اَلاَ[6] پِرِين اَچَنِ جِيءُ[7] جِيَارِئو[8] جَنِ،
رُي[9] سُرِمَي[10] سُهِٺَا، ڪَجَلُ[11] ڪوهُ[12] وِجَهنِ،
مَيرَائِي[13] مَارِينِ مُون، تَانَ[14] جي پَڪَرِجَنِ[15].

Gul Hayat Institute

---

١. واهہ واهہ، آفرين، تمام سٺو يا چڱو (ڪم)، ٢. اي ميان، اي سردار، ٣. محبت وارا، محبوب، پرين، ۴. پيارا، قرب وارا، ۵. محبوب، ٦. اي الله، ٧. جان، جسم، ٨. جيئرو يا زنده ڪئو، سڪهو يا چڱو ڀلو ڪئو، ٩. ڪان سواءِ، ١٠. (بينائي وڌائڻ يا سونهن خاطر) اکين ۾ پائڻ لاءِ ڪاري رنگ جي هڪ قسم جي پٿر، سوئيري، ١١. ڏيئي جي دونهين جي ڪاراڻ ۽ سٽي مان ٺهيل سرمون (جيڪو سونهن خاطر اکين ۾ وڌو ويندو آهي)، ١٢. ڇو، ١٣. مٺيءَ هاٿا، مٺيءَ يا مَرَ لڳل، ڌوڙ لڳل،١۴. ويتر، ١۵. مٺي ڌوئي اڇا اجرا ٿين.

بِسمِ اللهِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيمِ

# سُرُ جمن

## داستان ڇهون

### ١

صُوفِي[1] سَالِمَ[2] سِي وِئا[3]، جِي اَڪثَرَ[4] سِين اَڌيارَ[5]،
بَازِي[6] بَازَندَنِ[7] ڪِي، آهي اَويسَارَ[8]،
پِرِيَان[9] سِين پِهڪَارَ[10]، رِنديءَ[11] رَسَاٽِي[12] ڪِئا.

### ٢

صُوفِي لاڪُوفِي[13]، ڪونَ پَسَائِس[14] ڪيرُ،
مَنجهَان ئِي مَنجِهه[15] وِڙهِي[16]، پَڌَرِ[17] نَاهيس پيرُ[18]،
جَنِي سَاٽَس وِيرُ[19]، تِئِي تَنِي جو وَاهَرُو[20].

### ٣

صُوفِيءَ[21] سَيرُ[22] سَيَنِ ۾، جِيئَن رِڳَنِ ۾ سَاهُه،
سَانَهَ ڪَري ڳالهِڙي[23]، جِيئَن پُرِيُون[24] پُرُوڙي[25] پساهه،
آهِس[26] اِيءُ گُنَاهُه[27]، جِيئَن[28] ڪَا[29] ڪَري پَڌري.

---

١. هڪ قسم جا پاڪبازَ ۽ پارسا فقير، جيڪي اوني ڪپڙي يا صوف جي ڪپڙي جو لباس پائيندا آهن. ٢. صحيح سلامت. ٣. پهتا يا رسئا (منزل کي يا مقصد کي). ۴. عام (خلق)، ڪثرت، گهڻائيءَ. ۵. ياريءَ ۾ آڏ ڏيندڙ، پاسو يا گوشو ڪندڙ، مخالف. ٦. (عشق جي) راند، چال. ٧. (توحيد جي ميدان جي) رانديڪرن. ٨. نہ وسرندڙ، هميشہ ياد رهندڙ. ٩. محبوب (خدا). ١٠. هم صلاح، رازدان، واقف. ١١. (عشق جي) مستيءَ يا جوش. ١٢. پهچائي (رساٽي ڪئا = رسائي يا پهچائي ڇڏيا). ١٣. لاڪوفي = بنان ڪوفي يا ڪڙم، بنان قبيلي، بنان عزيزن يا مائٽن. ١۴. هن کي پائنين ٿو، هن سان محبت ڪري ٿو. ١۵. منجهانئي منجهہ = اندر جو اندر ۾، دل جو دل ۾، مخفي طرح. ١٦. (نفس سان) جهيڙو يا جنگ ڪري. ١٧. ظاهري طرح. ١٨. (پير جو) نشان، علامت، آثار. ١٩. دشمني. ٢٠. مددگار، ٻيلي. ٢١. صوفيءَ جو ٢٢. پسارو، نظارو، موجودگي، جاءِ. ٢٣. راز، ڀيد،ذڪر. ٢۴. پٺو، ورندڙ (صوفي ذڪر ڪرڻ وقت جيڪو "لا الہ" جو ڪلمون چوندا آهن ان کي اوريون پساهہ ۽ جيڪو "اِلا الله" جو ڪلمون چوندا آهن ان کي پريون يعني ورندڙ پساهہ چوندا آهن. ٢۵. ڇاٽي. ٢٦. ان کي آهي. ٢٧. ڏوهہ، جرم. ٢٨. جيڪڏهين. ٢٩. ڪا ڳالهہ يا ڪو راز.

Gul Hayat Institute

### ۴

ڏِني[1] ڏُکويا[2]، اڻ ڏِني[3] راضِي رَهِئا،
صُوفِي[4] تِي[5] تِئا، جِيئَن[6] کِين[7] کَنيائُون پاڻَ سين.

### ۵

صُوفِيءَ صَاف[8] کِئو، ڏوئِي وَرَقُ[9] وجُود[10] جو،
تِهان پوءِ تِئو، جِيئَري پَسڻُ پِرينءَ جو.

### ٦

صُوفِي چَائِيين[11] سَڌَ کَرِين، صُوفِيءَ ايءَ نَہ صَلاحَ[12]،
کَاتِي[13] رَکُ[14] کُلاهَہ[15]، اُجِلي وِجهُ آگِ[16] ۾.

### ۷

کُلاهَہ رکي کَنڌَ[17] تي، صُوفِي سَالِمُ[18] تِيءُ،
وِهُ[19] وَتِي[20] هَٿ[21] کَري، پُر[22] پِيالو[23] پِيءُ،
هَنڌُ تَن جو هِيءُ، جَن حَاصِلُ[24] کِئو حَالَ[25] کِي.

### ۸

جُسي[26] ۾ جَبارَ[27] جو، خَفِيَ[28] خِيمُون[29] کوڙ[30]،

Gul Hayat Institute

---

١. (کنهن دنيوي شيءِ جي) ڏيڻ يعني آڇڻ تي، ٢. رنج يا ناراض ٿئا، ٣. (کنهن دنيوي شيءِ جي) نہ ملڻ تي، ۴. هڪ قسم جا پاڪباز ۽ پرهيزگار فقير، ۵. تنهن صورت ۾ ٦. جنهن صورت ۾، ۷. ڪجهہ بہ نہ، نيستي، ۸. اڇو، اجرو، پاڪ (آبي ڪان)، ۹. پنو، پٽي، ڦرهي، ١٠. انفرادي هستيءَ يا آبي، ١١. چوائين، سڏائين، ١٢. وڙ، دستور، ١٣. ڪپي، وڍي، ڦاڙي، ١۴. ڇڏ، ڦٽو ڪر، ١۵. صوفين واري ٽوپي يا تاج، ١٦. باهہ، ١۷. سِرَ، مٿي، ١٨. سچو، صادق، پڪو، ١۹. وهہ جي، زهر جي (ڏکن يا تڪليفن جي)، ٢٠. پيالي، جمني، ٢١. هٿ ڪري = ولي، حاصل ڪري، ٢٢. پِريل، ٢٣. (صبر جو) جام، ٢۴. معلوم ڪئو، ڄاتو، پروڙئو، ٢۵. روحانيءَ مستيءَ يا جذبي، (دل جي) حقيقت، ٢٦. بدن، وجود، دل، ٢۷. جبري، سمورين طاقتن واري، خدا تعاليٰ، ٢٨. خفي يعني ڳجهي ذڪر جو، ٢۹. تنبو، شاميانو، ٣٠. هڻ، نصب ڪر، قائم ڪر.

١٣

طَالِبُ قَصَرُ سُونهَنِ سَرُ، رومِيءَ جِي رِهَاڻِ[1]،
پِهرِين وِجَائَڻُ[2] پَاڻُ[3]، پوءِ پَسَڻَ[4] پِرِينءَ جو.

١۴

طَالِبُ قَصَرُ سُونَهن سَرُ، رُؤمِي جڳو[5] آهي،
تَازِيِ[6] جِي لاَهي، تَہ مَنجِهين مُشَاهِدو ٿِئي.

١٥

طَالِبُ قَصَرُ سُونهَن سَرُ، اِيءَ رُومِيءَ جِي اوطَاقَ[7]،
جي پَٽِين[8] دَرُ فِراقَ[9]، تَہ مَنجِهين مُشَاهِدو مَاڻِيِين[10].

## وائي

جيڏِيُون[11] وَنَڙُو[12] هوتَ[13] وَجَن، جَهلِيَان[14] پَلِيان هِينئڙو[15] نَہ رهي[16]،
مَرُ[17] مَرَان مَارِيِن مُون، پُرزا[18] پُرزا کَن،
آئُون مُيَائِي[19] گهورِي[20]، جي مَان[21] مُحِبَ مَڙن،
آئُون جَن جي آهِيان، کَڙي[22] مَ ٿِيان تَن،
گهٽين[23] پَتين[24] گهورِي، سَنڌِڙِي[25] ٻَاجَهہ[26] ٻِيَن[27].

١. ڪچهري، ڪلام، گفتگو. ٢. نابود يا ناس ڪرڻ ٣. خودي، آپو. ۴. ڏسڻ، ديدار، زيارت، ٥. رومي جو آهي = روميءَ جو خيال يا راءِ آهي. ٦. دروازي کي اندران بند ڪرڻ لاءِ ڪاٺ جي ٻٽي جيڪا ڪڙي جو ڪم ڏيندي آهي، پردو، رنڊڪ. ٧. منزل، ماڳ. ٨. .تون توڙين يا کولين. ٩. فراق جو، جدائيءَ جو، وڇوڙي جو. ١٠. لهين، حاصل ڪرين. ١١. اي جيڏيون، اي ساهيڙيون، اي سرتيون، ١٢. (دل) ونئو، ڪٺئو. ١٣. محبوب، محب، پرين، سڄڻ. ١۴. روڪيان، پليان. ١٥. هنيون، دل. ١٦. ترسي، رَڪجي، جهلجي، ١٧. بيشڪ، ڀلي. ١٨. ٽڪرا. ١٩. مٿل ٿي، ناس ٿيل. ٢٠. صدقي يا قربان ٿي. ٢١. مان ڪي، مون ڪي. ٢٢. اڻ وڻندڙ، ناپسند. ٢٣. گهٽن، جهجهن، ٢۴. پٽين جي، نمونن جي، ٢٥. جي، ٢٦. مهرباني، ٽورو، قياس، رحم، ٢٧. غيرن.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر جمن

## داستان سَتون

### ١

ظَاهِرَ[١] ۾ زَانِي[٢]، فِڪرَ سَاڻُ[٣] فَنَا[۴] ٿِئَا،
تَنِي ڪي تَعِليمَ[٥] جِي، ڪُڙِهه[٦] اَندرِ ڪَانِي[٧]،
حَرفُ[٨] حَقَانِي[٩]، دَورُ[١٠] ڪِئَائُون دلِ ۾.

### ٢

جِنِ ڪي دَورُ[١١] دَردَ جو، سَبَقُ[١٢] سُور پَڙهَنِ[١٣]،
فِڪرَ فَرهِي[١۴] هَٿَ ۾، مَاڻ[١٥] مُطَالِعُ[١٦] ڪَنِ،
پَنُو[١٧] سو پَڙهَنِ، جِنهِن مَان پَسَنِ پِرينءَ ڪي.

### ٣

Gul Hayat Institute

وِسَرِئُومِ[١٨] سَبَقُ، پِهرِين سِٽَ نَه سَنبِرَان[١٩]،
اَجَا هِنيءُ[٢٠] وَرَقُ، هَي[٢١] مُطَالِعُ نَه ٿِئي.

---

١. ڏسڻ، ٢. هڪڙي معنيٰ ٿيندي بُرا، بدڪار، گنهگار، فاسق، فاجر ۽ ٻي معنيٰ ٿيندي خوش يا سَرَها، ٣. ملال، رنج، غم، ۴. نِيست، نابود، ٥. (سچي) علم يا معرفت، ("الست بربڪم يعني ڇا نه آهيان آئون اوهان جو رب" واري) واعدي، ٦. پيٽ، بدن، جسم، جان، دل، ٧. ڪان يا تير (بي قراريءَ جو)، ٨. اکر، جملو، حڪم، ٩. سچو، حق جو، خدا تعاليٰ جو (حرف حقاني = خدا تعاليٰ جو "الست بربڪم" وارو جملو يا حڪم)، ١٠. دور ڪئائون = وري وري پڙهيائون يا سوچيائون، ١١. وري وري يا هر هر سوچڻ جو عمل، ١٢. درس، پاٺ، ١٣. سور جو، ١۴. تختي، پٽي، ڦرهي، ١٥. ماٺ جو، صبر جو، ١٦. اڀياس، ملاخطو، ١٧. ڪتاب جو (هتي دل جو) ورق،١٨. مون کان وسري وئو، مون کان دل تان لهي وئو، ١٩. نہ سَنبران = مونکي ياد نہ آهي، ٢٠. پهريون، ٢١. هاءِ افسوس.

۴

كِئو مُطالِعُ[1] مُون، هُو جو وَرَقُ[2] وِصالَ[3] جو،
تَنهِن ۾ تُونهِين[4] تُون، بِي لاتِ[5] نَہ لَحظِي[6] جيتَرِي.

۵

سا سِتَ نَہ سارِين، اَلِفُ[7] جَنهِن جي اَگَ[8] ۾،
ناحَقِ[9] نِهارِين[10]، پَنا پِئا پِرِينءَ لَيءِ.

٦

سِتَ سائِي سارِ، اَلِفُ جَنهِن جي اَگَ ۾،
مِيمَ[11] مان[12] مَعلُومُ[13] ٿِئي، وَرَقُ سوئِي وارِ[14]،
ناحَقِ كِيمَ نِهارِ، پَنا پِئا پِرِيَنِ لَيءِ.

۷

سا سِتَ سارِئائُون، اَلِفُ جَنهِن جي اَگَ ۾،
لاَ مَقصُود فِي الدارَينِ*، اِنَ پَر[15] اُتائُون[16]،
سَگُر[17] سُونَائُون[18]، ٿَئا رَسِيلا[19] رَحمٰن[20] سين.

---

١. اپياس، ملاخطو (مطالع كئو = پڙهيو)، ٢. پنو، پَترُ، ٣. وصل يا ميلاپ (محبوب جي)، ۴. تونهين تون = صرف يا فقط تنهنجو ذكر يا بيان. ۵. ڳالهہ. ذكر. ٦. ذري، ٧. "الف - ب" صورتخطيءَ جو پهريون اكر "ا" جنهن مان كهڻو كري مراد "الله" هوندو آهي پر هتي قرآني آيت يا ست "الست بربكم يعني ڇا نہ آهيان آئون اوهان جو رب" واري پهرئين اكر "ا" ڏانهن اشارو آهي. ٨. منڍ، شروع، ٩. اجايو، بي فائدو، ١٠. ڳولين، پڙهن، ١١. "الف -ب" صورتخطيءَ جو اكر "م" جنهن مان مراد پيغمبر حضرت محمد مصطفيٰ صلعم جن آهن، ١٢. كان، ١٣. معلوم ٿئي = (حديث جي ذريعي) خبر پئي، ١۴. وري وري يا هر هر پڙهندو كر، * ٻنهي دارن يعني جهانن (دنيا ۽ آخرت) ۾ كو مقصد يا مدعا نہ آهي ( سواءِ الله جي)، ١۵. ريت، طرح، ١٦. ڇپائون، ١٧. رستو، واٽ، ١٨. ڳولي ٻڌايائون، ڏنائون، اختيار كئائون، ١٩. رسيل، پهتل، واصل، راضي، خوش، ٢٠. رحم كندڙ، ٻاجهہ كندڙ، ٻاجهاري، خدا.

Gul Hayat Institute

## ٨

تِئا رَسيلاَ رَحمٰنَ سين، سَگَر سُونهاين[١] جي،
آيُون تَنِي کي، وَاَدَايُون[٢] وِصال[٣] جُون.

## ٩

پَني ۾ پيهي[٤]، تان[٥] تُون اَلِفُ[٦] نَہ اُجهئو[٧]،
گالهِہ پِريان جي ڳُجهہ جي، جيهي[٨] نہ تيهي،
خَبَر تو کيهي، قاضي هِن کِتاب[٩] جي.

## ١٠

اکَر[١٠] پَڙهي اَياڳِئا[١١]، قاضي تِئين کِئان[١٢]،
پيرِين[١٣] ۽ پانئين[١٤]، مُلان مُنِيئي[١٥] ماءُ،
اِن سُرکيءَ[١٦] ساءُ[١٧]، پُڇِج[١٨] عَزازِيل[١٩] کي[٢٠].

## ١١

عَاشقُ عَزازِيلُ، بِئا مَڙئي سَڌڙئا[٢١]،
مَنجهان سِڪ[٢٢] سَبِيل[٢٣]، لَعنَتي[٢٤] لاَلُ[٢٥] تِئو*.

١. سونهان، واقف، ڄاڻو. ٢. مبارڪون، ڪيرون، خوشخبريوَن. ٣. (محبوب جي) وصل، ميلاپ. ٤. گهڙي، داخل ٿي، غور يا خوص ڪري. ٥. اڃا. ٦. "الف - ب" صورتخطيءَ جو اکر "ا" جنهن مان مراد "الله" آهي. ٧. سمجهئو. ٨. جيهي نہ تيهي = تمام اهم. ٩. باطني يا ڳجهہ جي علم جي ڪتاب. ١٠. (ظاهري علم جا) حرف، لفظ. ١١. اي اياڳئا، اي نياڳا، اي بدنصيب. ١٢. ڪئان، ڪهڙي نموني. ١٣. (ڪتابن کي) پيرا ڏين يا پڙهين. ١٤. هٺ ڪرين، تڪبر يا خودي ڪرين، پاڻ کي سمجهين، پاڻ ڪرين يا پڏائين. ١٥. (تنهنجي) مٿي يعني مصيبت ۾ پئي. ١٦. (هٺ ۽ تڪبر جي شراب جي) سرڪيءَ جو، چڪي جو، ڏڪ جو. ١٧. سواد، مزو، نتيجو. ١٨. معلوم ڪج. ١٩. هڪ بد روح جو نالو (جنهن حضرت آدم عہ کي سجدي ڪرڻ وارو الله جو حڪم نہ مڃيو. شيطان، ابليس. ٢٠. کان. ٢١. اجايون ۽ سڪيون سڌون يعني خواهشون ڪندڙ، بي عمل. ٢٢. عشق، محبت. ٢٣. تمام گهڻي يا جهجهي. ٢٤. لعنت جو حقدار، تڙيل، ڌڪاريل. ٢٥. (عشق ۾) رتل، سهڻو، پيارو * خدا جي حڪم نہ مڃڻ ڪري شيطانَ (جيڪو گهڻي محبت ڪري خدا کي بهرين پيارو هو) پاڻ کي لعنت يعني ڦٽڪار جو لائق بنايو.

Gul Hayat Institute

**(١٦)**

جِيئَن جِيئَن وَرَق وَارِيِن، تِيئَن تِيئَن ڏِنُو[١] ڏوهُہ،
رَهِڻِيءَ[٢] رَهِيو نہ سُپِرِين، ڪَهِڻِيءَ[٣] ڪِبو ڪوهُہ[٤].

**١٧**

اَڪَرُ پَڙهُہ اَلِفَ جو، وَرَق سَڀِ وِسَارِ،
اَندَرَ[٥] ڪي اُجَارِ[٦]، پَنَا پَڙهَندين ڪيتِرا.

**١٨**

ڪَاتِبَ[٧] لِکِين جِيئَن، لَاَيُو[٨] لَامُ[٩] اَلِفَ سين،
اَسَان سَجِڻُ تِيئَن[١٠]، اَچِي رَهِئُو رُوحَ ۾.

**(١٩)**

ڪوهُہ تو ڪَاغَذُ ڪُورِيِن[١١]، وِينُو وِجَائِين مَسُ،
ڏورِي[١٢] تِئَان[١٣] ڏِسُ، اَڪَرُ جِئَان[١٤]، آيو.

**٢٠**

تِہَڙَا چَالِيهَا نہ چَالِيهَ، جِهَڙو پَسَڻُ پِرِينءَ جو*،
ڪِهَڙِي ڪَاتِبَ[١٥] تُون ڪَرِيِن، مَتِّي[١٦] پَنَن پِيهَہ[١٧]،

Gul Hayat Institute

١. نسورو، محض، ظاهر ظهور. ٢. رهڻيءَ سان، عمل يا فعل سان. ٣. ڪهڻيءَ ڪي، زباني چوڻيءَ ڪي، قول يا سخن ڪي. ٤. ڇا. ٥. دل. ٦. صفا ڪر، صاف ۽ اجرو ڪر. ٧. اي ڪاتب، اي لکڻ وارا. ٨. گڏيو، ملايو. ٩. الف - ب صورتخطيءَ جو اکر "ل" (الف سان لام گڏي لکبو تہ ٻئي گڏجي "لا" ڏسڻ ۾ ايندا). ١٠. "لا" وانگر ڳنڍيل. ١١. ڪپين، وڍين. لکي ڪارا ڪرين. ١٢. هلي وڃي. ١٣. تنهن هنڌ يا جاءِ تي. ١٤. جنهن جاءِ تان (خدا تعاليٰ جو نور يا پرتوو نڪتو آهي). * چاليهي جي هڪ معنيٰ آهي چاليهہ ڏينهن لاڳيتو روزو رکي هڪ هنڌ ويهي عبادت ڪجي ۽ ٻيءَ معنيٰ موجب سال ۾ نوَ (٩) چاليها ٿين. هر چاليهي جا نظارا جدا جدا ٿين. سواءِ هاڙهہ جي چاليهي جي جنهن ۾ ڏهہ ڏينهن ويساک جي مهيني جا ۽ ٽيهہ ڏينهن ڄيٺ جي مهيني جا اچئو وڃن. باقي اٺ چاليها روشنيءَ، رنگ ۽ بوءِ جي لحاظ کان ڏاڍا پُرڪشش ٿين مگر پرينءَ يعني محبوب جو ديدار سڀني چاليهن کان اعليٰ ۽ اتم آهي. ١٥. اي ڪاتب. ١٦. تي. ١٧. اٽلائڻ پٽلائڻ ۽ لکڻ جي عمل ۾ مصيبت.

## ٢٥

جي هَرائِين[١] هِين[٢] تي، سَندي اَلِفَ[٣] اوڙ[٤]،
تَہ ڪِتابَنِ[٥] ڪوڙ، مَنجهَان[٦] تُو[٧] مَعلُومُ[٨] ٿِئي.

## ٢٦

مَرَندي[٩] سِينءَ[١٠] مَ مَچِ، اَڪَرُ جو اَلِفَ جو،
سو مَ هِنيين سَچِ[١١]، جو مِيمَ[١٢] مَان[١٣] مَعلُومُ ٿِئي.

## ٢٧

جو مِيمَ مَان مَعلُومُ ٿئي، اَلِفُ اُهو ئِي آهہ،
لاڳاپا[١٤] لُڙاءِ[١٥]، تَہ دَاخِلُ[١٦] تِيين نَہ دَالَ[١٧] ۾.

## ٢٨

مِيمَ مَان مَعلُومُ ٿِئو، تَہ اَلِفُ آهِيين تُونُ،
تيلانهَن آيَلِ[١٨] مُون، وَرَقَ وَاري ڍَڪَئا[١٩].

## ٢٩

پوڪَ[٢٠] جَا پَڙهَڻَ[٢١] جِي، ”لاَ“[٢٢] سين وِجُهہ لُٽِي[٢٣]،
**لَمۡ يَكُنِ الذين كَفَرُوا مِن اَهۡلِ الكِتَابِ***، آڳِي آيَتَ[٢٤] موڪِلي ڌُرِبَائِين[٢٥] ڌُٽِي[٢٦].

١. هَرَ وَهَائي (ڪڍين)، ٢. دل، ٣. الف ب جي صورتخطيءَ جو اکر ”ا“ جنهن مان مراد ”الله“ آهي، ٤. هَرَ جي چونڀ سان کيڙيل زمين جو هک سنڌو يا ليک. ٥. ڪتابن ڪوڙ = ڪتابن جي گهڻائي، ڪروڙين جي انداز ۾ ڪتاب، ٦. اندر مان، دل مان، ٧. توکي، ٨. روشن، واضح، ٩. مرڻ يعني موت جي وقت، ١٠. تائين، ١١. آڇ، پڌاءِ، ١٢. الف ب جي صورتخطيءَ جو اکر ”م“ جنهن مان مراد پيغمبر اسلام حضرت محمد صلعم جن آهن، ١٣. ڪان (حديث جي ذريعي)، ١٤. واسطا، ناتا، تعلق، رشتا، ١٥. ختم ڪر، ڇڏي ڏي، ١٦. گهڙندڙ، اندر ويندڙ، ١٧. دوزخ لفظ جو پهريون اکر يعني دوزخ، ١٨. اي آيل، اي امڙ، ١٩. بند ڪئا (واري ڍڪئا = پڙهڻ ڇڏي ڏنو)، ٢٠. فصل، آبادي، ٢١. اپياس، مطالع (پوک پڙهڻ جي = پڙهڻ جو ڏنڊو يا ڪم)، ٢٢. نہ، نيستيءَ، ٢٣. ڪپي، ڪٽي، خت ڪري

* قرآن شريف جي سورت ”البينہ“ جي پهرين آيت جو پهريون حصو، سڄيءَ آيت جي معنيٰ آهي اهل ڪتاب وارن ۽ مشرڪن مان جن انڪار ڪيو سي پنهنجي دين کان الڳ نہ ٿيندا جيستائين وٽن پڌري حجت نہ اچي، ٢٤. خدا تعاليٰ، ٢٥. ڌر ڪان، اصل ڪان، ٢٦. چونڊي، پسند ڪري.

اُوءِ[١] پِريان ئي پاسي[٢] تِئا، تا گهه[٣] گهه ڳالهيون ڪَن،
سَاهئُون[٤] اوڏو سُپرين، لوچيئو تان نه لَهن،
دَمُ[٥] نه سُڃاڻن[٦]، ڏانهُون[٧] ڪَن مُنَّن[٨] جيئن.

٣٥

پِتو[٩] ڦِتو[١٠] پيٽَ ۾، مُلّي[١١] سَنديءَ ماءُ،
ڏِسي جَنهِن[١٢] اَللهُ، ٽُٻي[١٣] ڏِني ڏُوڙِ[١٤] ۾.

٣٦

مُلان ڪوهُ مارِين، ڪارِڻ[١٥] ڪُتابِين[١٦] ڪي،
وَرَقَ[١٧] جي وِصالَ[١٨] جا، پَنا سي نه پاڙهِين[١٩]،
سا سِٽَ نه سيکارِين، جِنهن ۾ پسن پِرينءَ کي.

٣٧

اَلُ[٢٠] اَليندي[٢١] ڪيترو، ڪاتِبَ[٢٢] تا لِکَن،
سَنهِي[٢٣] ٽُلهي[٢٤] ڳالهڙي، جوڙِئو[٢٥] جَمَعُ[٢٦] ڪَن،
تُون پاڙوسِي[٢٧] تَنِ، جَنِ حَرفُ[٢٨] نه وِسِري[٢٩] هِڪڙو.

---

١. اهي، (ملان)، ٢. پري، ڏور. ٣. گهه گهه = بڪ بڪ. اجايون. بيهوديون. ۴. ساهہ ڪان. پَساهہ ڪان. ٥. (پنهنجو) ساهہ. پاڻ. خود. ٦. پروڙين. سمجهن. ٧. رڙيون. واڪا. اجائي هاءِ گهوڙا. ٨. مصيبت جي ماريلن. نياڳن. ندورن. ٩. (ماڻهوءَ جي پيٽ يا معدي ۾) سائيءَ پاڻيٺ واري ڳوٿري، جيڪا کاڌي کي هضم ڪرڻ ۾ مدد ڪندي آهي. ١٠. ڦسي پئو. ڦاٽي پئو (پتو ڦِتو = بجڙائي ظاهر ٿي يعني ملون بيدا ٿئو). ١١. آخوند. اڌ پڙهيل.١٢. ملي ڏانهن اشارو. ١٣. غوطو. (پاڻيءَ ۾) ٽوريءَ دير لاءِ لڪڻ. ١۴. مٽيءَ (ٽبي ڏني ڌوڙ ۾ = ڪوڙ ڳالهايو. ڦري ويو). ١٥. خراب ڪرين. ١٦. مڪتب ۾ پڙهندڙن. شاگردن. ١٧. پنا. ١٨. (محبوب جي) وصل. ميلاپ. ١٩. انهن کي مطالع ڪرائين. ٢٠. ڪوڙ. ٢١. ڳالهائيندي. ٢٢. لکندڙ (ڪراماً ڪاتبين فرشتا يا ملائڪ جيڪي ماڻهوءَ جي ڪلهن تي ويٺل آهن ۽ ماڻهوءَ جا ڏوهہ' ثواب لکندا رهن ٿا). ٢٣. رواجي. ٢۴. غير رواجي. اهم. ٢٥. ميڙيو ملايو. چڱي طرح. ٢٦. گڏ (جمع ڪن = لکن). ٢٧. پاڙيسري. پاڙي ۾ يا پر ۾ گڏ رهندڙ. ٢٨. اکر. گفتو. ڳالهہ. ٢٩. دل تان لهي.

Gul Hayat Institute

# وائي

وِساريجِ[1] مَ وِڻ[2]َ، آهي جوڀن[3] ٻاتي[4] ڏِينهَڙا،
اَصل اَسارَنِ[5] جَا، سُتي[6] وِئَڙا سيڻ[7]َ،
جيڏِيُون[8] جي مُون وِسَهو[9]، نِند[10] مَ هيرِئو[11] نيڻَ،
لُونِيُون[12] سَهَنِ[13] لوڪ[14]َ جَا، وِهَاڻِيءَ[15] ٿيُون وِڻ[16]َ،
آذِيءَ رَات اُٿِي ڪَري، جَهلِ[17] تُون نِندَان[18] نيڻ،
رَاتَڙِيُون جَاڳن جي، سي آئُون ڪَندَڙِي سيڻَ.

---

١. دل تان لاهج، ٢. (محبوب جون) نصيحتون، سخن، گفتا، ٣. جواني، ۴. ڀڃ ٿي، تمام ٿورا، ٥. غافلن، ويسلن، ٦. سمهڻ يا ننڊ ڪرڻ جي حالت ۾، ٧. سڄڻ، محبوب، ٨. اي جيڏيون، اي ساهيڙيون، ٩. ويساهہ ڪريوَ، اعتبار ڪريو، ١٠. ننڊ سان، ١١. هيراڪ يا عادي بنايو، ١٢. نادان زالون، حياء کان خالي عورتون، ڦريل يا لٽيل زالون، ١٣. جهلين، برداشت ڪن، ١۴. ماڻهن، خلق، ١٥. پرهہ ڦٽيءَ يا فجر جي مهل ۾ هتي معنيٰ ٿيندي عمر جي پڇاڙيءَ ۾، ١٦. طعنا، مهڻا، ١٧. پل، روڪ، ١٨. ننڊ کان.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر جمن

## داستان ائون

١

عَاشِقَنِ اَللهُ، وِسارِ[1] روتَارَ نَہ وِسَري[2]،
آهَہ[3] كَرِيندي سَاهُہ، كَذِهِين وِيندُنِ نِكِري.

٢

عَاشِقَنِ آرامُ، كَذِهِين تَان كونَہ كِئو،
طَعني[4] كِئَا تَمَام[5]، حَبِيبَاڻي[6] هيكَڙي.

٣

عَاشِقَنِ اَللهَ جِي، مَحبَتَ رِكي مَنِ،
سَندي سِكَ پِرِيَن، تَن مِ آهي تَن كي.

٤

عَاشِقَنِ اَللهَ جِي، سَدا وائِي[7] وَاتِ،
فَاذكُرونِي اَذكُركُم*، تَن مَ اِهَا تَاتِ،

١. كنهن بہ وقت، هرگز، اصل، ٢. دل تان لهي، ٣. عشق جي آزار يا درد سبب اندر مان نڪتل دانهن يا آواز، ۴. مهڻي، ويڻ، گفتي، (ميار جي) "الست بِربكم" واري گفتي، ۵. ختم، فنا، ٦. حبيب جي، محبوب جي، پرينءَ جي، . ٧. پچار، ذكر، تات، * پوءِ اوهين مون (الله) كي ياد كريو تہ آئون اوهان كي ياد كريان (قرآن شريف جي سورت بقر جي آيت ١٥٢)

Gul Hayat Institute

أُنهين ڪان ڪِنهن ساعَتِ[1]، سَجَڻُ[2] وِيلَ[3] نہ وِسَري.

**٥**

عَاشِقَنِ اَللهَ جي، وائي[4] نِتُ[5] وَڻي[6]،
هِڪِڙِي[7] ڳالِهہ سُڻي، سوگِهي[8] رِکيائُون ساهَہ[9] سين.

**٦**

عاشِقَ ايئَن نہ هُونِ[10]، جيئَن تُون سَڄي[11] اَگُڙِينَ[12]،
وَجي دَرِ دوسِتَنِ جي، رَتُ[13] ڏهاڙي[14] رُونِ،
پِئي[15] پَرِ[16] ڪِنهِن نہ پُونِ، ماڪُرِ[17] مَحبُوبَنِ سين.

**٧**

جانَ[18] عاشِقَ مَتي ماسُ[19]، تانَ[20] دَعوِيٰ[21] ڪَري مَ نينهَن[22] جي،
سائو مُنهُن[23] سُونهَن[24] ڳِئي[25]، لِڱَنِ[26] ناهِ لِباسُ[27]،
اُيو[28] پِريانِ پاسِ، مَتَانِ[29] سِرَ سَودا[30] ڪَري.

**٨**

جانَ عاشِقَ مَتي رَتُ[31]، تانَ دَعوِيٰ ڪَري مَ نينهَن جي،
سائو مُنهُن سُونهَن ڳِئي، سِڪَڻ[32] اِيءُ شَرطُ[33]،

Gul Hayat Institute

---

١. ساعت ۾، وقت تي، گهڙيءَ يا مهل ۾. ٢. دوست، محبوب، پرين. ٣. پَل، پلڪ، گهڙي، توري ۾ تورو وقت. ۴. پچار، ذڪر، ڳالهہ. ۵. سدائين، هميشہ. ٦. پسند آهي. ٧. هڪڙي ڳالهہ = "اَلستَ بِرَبِڪُم يعني ڇا آئون نہ آهيان اوهان جو رب" واري ڳالهہ. ٨. قابو، محفوظ. ٩. جان، جيءُ. ١٠. ٿين. ١١. سالم، صحيح سلامت. ١٢. اگڙن سان، عضون سان، لڱن سان. ١٣. رت مليل لڙڪ يا ڳوڙها. ١۴. روزانو، هر روز، هر وقت، سدائين. ١۵. رت رئڻ کان سواءِ ٻيءَ. ١٦. ريت، نموني، طرح. ١٧. قبول، پسند، هم آهنگ. ١٨. جيستائين،. ١٩. ماهہ، گوشت. ٢٠. تيستائين. ٢١. دعويٰ ڪري = دَمُ هڻي. ٢٢. عشق - محبت. ٢٣. ڦِڪو، پيلو، لي رونق. ٢۴. چهرو، مک. ٢۵. وٺي. ٢٦. لڱن کي، عضون کي، بدن کي. ٢٧. روپ، رونق. ٢٨. بيٺو، پٺو. ٢٩. بدلي يا عيوض ۾. ٣٠. (واحد سودو) واپار، مٽاسٽا. ٣١. لالاڻ، ڳاڙهاڻ، تازگي، رونق. ٣٢. سڪڻ جو، محبت جو، پيار جو، نينهن جو. ٣٣. هوڏ، واعدو، عهد، اقرار، انجام، معاهدو.

نَڪي گوڏِ[1] گَرَٽُ[2]، مَٿان[3] سِرَ سَودا ڪَري،

٩

اَجا تو مَنجهان، ڪَڪَ[4] ڇُٽي[5] رَتُ نِڪري،
مُنهَن ۾ مَحبُوبَن جا، ڪِيئَن جَهليندين[6] گهاءَ[7]،
تُون هَڏِ[8] ڪُڄاڙِيَان[9]، سِڪَڻَ[10] جُون سَڌُون[11] ڪَرين.

١٠

سِڪَڻَ[12] اِيءَ نَ سَڌَ[13]، جِيئَن لِڪئو[14] لِيَا[15] ڪَا پائيين،
پَئِي پِريان جي نَ تِيين، مَٿي اَڱڻَ[16] اَڌَ[17]،
اِيءَ پَڻِ ڪُوڙِي[18] سَڌَ، جِيئَن ڪِلِئو[19] ڪايو[20] سُمَهين.

١١

سِڪَڻُ ءِ سُوري[21]، ٻَئِي اَڪِر[22] هيڪڙي،
وِهَڻُ[23] وَاتِڙِيُن تي، گهارَڻُ ضَرُوري،
ٻِنِهي جي پُوري، جِيءَ[24] ڏِني[25] ري نَ جُڙي[26].

١٢

جيڪي[27] سِڪَڻِ سِڪُ[28]، نان تَ پَسُ سِڪنديون[29]،

---

١. گوڏ ۾، چيلهه کان هيٺ بدن جي حصي کي ڍڪڻ جي ڪپڙي ۾، لاڱ ۾، تهبند ۾. (ڳنڍ ۾ يا هڙ ۾). ٢. ٽاٽو، پئسا. ٣. عيوض يا بدلي ۾. ٤. ڪک جي، سڪل گاهه جي تنڪي يا تيلي جي يا ڇيت جي. ٥. ڇهڻ سان، لڳڻ سان. ٦. سَهَندين، برداشت ڪندين. ٧. ڌڪ، چوٽون، ضربون. ٨. بلڪل. ٩. ڪڄاڙي لاءِ، ڇا لاءِ، ڇو. ١٠. عشق، محبت. ١١. خواهشون، تمنائون. ١٢. سڪڻ جي، ١٣. مراد، مقصد، منشا، مرضي. ١٤. ڇپئو، ڳجهه ڳوهه ۾. ١٥. جهاتيون، ليا. ١٦. گهر جي پڌر يا احاطي، صحن، آڱر، آڱند. ١٧. پرزا، ٽڪر. (اڌ ٿيڻ = سر قربان ڪرڻ). ١٨. ڪوڙي، جڙتو، مصنوعي. ١٩. خوش ٿئو. ٢٠. ڪاڏي سان پيٽ ڀريو (ڪلئو ڪايو = مزا ماڻيو، بي فڪر ٿيو). ٢١. نيزن ۽ ڀالن سان جڙيل (ڪٺ جي مثل) ڪاٺ جو چوڪ (جنهن تي پراڻي زماني ۾ سزا يافته خطرناڪ ڌوهارين کي اچلائي ماريندا هئا). ٢٢. اکر ۾، نموني يا ليکي ۾، حساب ۾. (اکر هيڪڙي = هڪ جهڙا، هڪ ٻئي جي مشابهه). ٢٣. ترسڻ، گهارڻ، انتظار ڪرڻ. ٢٤. جان، سِرَ. ٢٥. ڏيڻ، قربان ڪرڻ" ٢٦. حاصل ٿئي، راس اچي. ٢٧. يا. ٢٨. چاڻ، سمجهه، پروڙ. ٢٩. سڪڻ واريون، محبت ڪرڻ واريون.

پَاسِي[١] تَنِ مِ لِڪُ[٢]، نِينهُن نَه سُجَاڻِن[٣] جي.

١٣

سِڪَ وَڏوئِي[٤] سُورُ، مَحبَتَ وَڏو مَامِرو[٥]،
اَنَئِي[٦] پَهرَ مَلُورُ[٧]، سَگهو[٨] سَاعَتَ[٩] نَه جِندَڙو[١٠].

١٤

سِڪَ نَه آهي سُتِرِي[١١]، ڪَڻُ پَرُوڙِي[١٢] پيرُ[١٣]،
ڪُسَڻَ[١٤] ذَارَانِ[١٥] ڪيرُ، ڪَري سَڌَ[١٦] صِراطَ[١٧] جِي.

١٥

ڪِنهِن چَيُئِي تَه پَاءِ، پيرُ پِريَان جي پيرَ[١٨] ۾،
سَيڻَنِ[١٩] سُورُ سُهَاءِ[٢٠]، تُون سُکَنِ[٢١] جُون سَڌُون ڪَرِين.

١٦

تُون سُکَنِ جُون سَڌُون ڪَرِين، سَيڻَنِ سُورُ سُهَاءِ،
اَنگهَنِ[٢٢] جِيءُ[٢٣] اَڙَاءِ[٢٤]، جُ[٢٥] نَالو ڪِيَڙءِ[٢٦] نِينهَن جو.

١٧

جَنِي ڪِي جِئَائِين[٢٧]، پِريَنِ پَاڻُ پَسَايو[٢٨]،

---

١. پَاسي ۾، پر ۾. ٢. چُپ، ويهہ. ٣. پروڙين، پرکين، سهي ڪن. ٤. ڀاري، خطرناڪ، ڀيانڪ. ٥. مصيبت، آفت. ٦. انئي پهر = رات ڏينهن، سڄو وقت، سدائين. ٧. ملول، اداس، غمگين. ٨. چڱو ڀلو، تندرست، صحيح، سالم. ٩. گهڙي، پل، پلڪ. ١٠. جند، جان، جسم. ١١. سَولي، آسان. ١٢. سنڀالي، خبردار ٿي، هوشيار ٿي، ڌيان ڪري. ١٣. قدم، وک. ١٤. سِرَ ڪپائڻ يا قربان ٿيڻ. ١٥. ڪان سواءِ. ١٦. تمنا، خواهش. ١٧. بهشت ۽ دوزخ جي وچ واريءَ پُل (جيڪا وارَ کان سنهي ۽ تلوار کان تکي آهي ۽ جنهن تان قيامت جي ڏينهن نيڪ ۽ صالح ماڻهو آسانيءَ سان لنگهي بهشت ۾ ويندا ۽ گنهگار ماڻهو ڪِري دوزخ ۾ ويندا) هتي سِڪ کي پل صراط سان تشبيهہ ڏني وئي آهي. ١٨. پير جي نشان يا نقش (پير پريان جي پير ۾ پائڻ = پرينءَ جي نقش قدم تي هلڻ، پرينءَ سان همسر، يا برابر ٿيڻ جي ڪوشش ڪرڻ). ١٩. سيڻن کي، سڄڻن کي، محبوبن کي. ٢٠. وڻي ٿو، پسند آهي. ٢١. آرام، آسودگيءَ، آسائش. ٢٢. انگهن ۾، سائي يا سڪل وڻ جي نوڪدار ۽ وريل ننڍين ڪانئين يا ڪُتِنِ ۾ (جن ۾ ڪٺل جانورن کي کلن لاهڻ لاءِ ٽنگيو ويندو آهي). ٢٣. جان، جسم. ٢٤. ڦاساءِ، اٽڪاءِ. ٢٥. جيڪڏهين. ٢٦. ورتو اٿيئي (نالو ڪيڙءِ=دعوي يا دم هنيو اٿيئي). ٢٧. جتان، جنهن جاءِ يا هنڌ تان. ٢٨. ڏيکاريو.

اُنهين کي اُئائين[١]، لِيَاکا[٢] پائڻ آيا.

## ١٨

عَاشِقَ مَعشُوقَنِ جِي، وَنِي وِهُ ڳَرِي[٣]،
جِمَ[٤] ورچي[٥] ڇَڏين، سَندي دوسَتَ دَرِي[٦]،
ٻُڪِي[٧] ڏِيندَءِ ٻاجَهَ[٨] جِي، وِٻندءِ[٩] تَپَ[١٠] تَرِي[١١]،
اَسان[١٢] تان[١٣] نَہ سَرِي[١٤]، تو ڪيئَن سَرِي سُپرين.

## ١٩

عَاشِقَ مَعشُوقَنِ جو، وَنِي وِهِجِ دَرُ،
پرين پُڇَندءِ[١٥] پاٽهين، لَهَندين[١٦] سَرُ[١٧] سَيرُ[١٨]،
اُنهين[١٩] جو اَثَرُ[٢٠]، رَهبَرُ[٢١] تِيندءِ راهَہ مِ.

## ٢٠

عَاشِقَ مَعشُوقَنِ جو، وَنِي وِهِجِ سَيرُ[٢٢]،
اَچي پُڇَندءِ پاٽهين، پرين پَرِي[٢٣] پيرُ[٢٤]،
تَنِ پَلَنِ[٢٥] سَندو پَيرُ[٢٦]، رَهبَرُ تِيندءِ راهَہ مِ.

Gul Hayat Institute

---

١. ان جاء تان. ٢. جهاتيون. ٣. گلي، ڳلي، گهٽي، راهہ، رستو. ۴. متان. ۵. ڪک تي، بيزار ٿي. ٦. درُ يا دروازو (گهر جو)، چَائٺ، لنگهہ. ٧. سَتي، ڦَڪي، دوا. ٨. مهربانيءَ، ڀلائيءَ. ٩. تنهنجا ويندا. ١٠. زخم، ڦٽ، گهاءَ. ١١. ڌڌا ٿي، پرجي، ايرجي، ڇِٽي. ١٢. اسان (عشق کان لاتعلق ۽ رواجي ماڻهن) جي. ١٣. اصل، بنهہ. ١۴. گذارو ٿئو، جيابو ٿئو، آرام يا سک آيو. ١۵. توکي پڇندا، تنهنجي سار سنڀال لهندا. ١٦. توکي حاصل ٿيندو يا ملندو، توکي نصيب ٿيندو. ١٧. (ڀلاين يا چڱاين جو)، حوض، تلاءُ، چشمو. ١٨. چڱيءَ طرح يعني ڪنارن تائين ڀريل، ڇڪار. ١٩. انهن معشوقن. ٢٠. تاثير، خاصيت، نقش قدم. ٢١. سونهون، رهنما، حامي، مددگار. ٢٢. رستو، گس، لنگهہ. ٢٣. وڏائي، اڪتي ڪري. ٢۴. قدم، وک (ڀري پير = اچي). ٢۵. ڀلارن، نيڪن، چڱن. ٢٦. پيرو، ڦيرو، ملاقات، مدد، مهرباني.

## ٢١

عَاشِقَ مَعشُوقَنِ جو، وَنِي وِهِجِ گهٽُ[١]،
جِمَ[٢] وِرچِي[٣] چَڏِيِن، ڪَلاڙَ[٤] ڪُو[٥] هَٽُ[٦]،
اُٻِجِ[٧] وَڃِي اُتَهِين[٨]، جِتَ مُوڪِيءَ[٩] سَندو مَٽُ[١٠]،
ڪَري سِرَ جو سَٽُ[١١]، پِيئُجِ ڪي پِيالِيُون[١٢].

## ٢٢

عَاشِقَ مَعشُوقَنِ جو، وَنِي وِهِجِ رَندُ[١٣]،
پِيَارِيندءِ پَاٽِهِين، مَيخَانِي[١٤] جو مَندُ[١٥]،
سَرو[١٦] اُنِ جو سَفَرو[١٧]، سُپَڪُ[١٨] آهي سَندُ[١٩]،
مَتَان ڪَڍِين ڪَنڌُ، اوڏو ٿِي اُنِ ڪي.

## ٢٣

عَاشِقَ مَعشُوقَنِ جو، وَنِي وِٻهُ دُڪَانُ[٢٠]،
پَئُجِ[٢١] پيشِ[٢٢] پِريَنِ جي، پِٽي[٢٣] وِجهي پَاڻُ[٢٤]،
تَه تُون تَنِي سَانُ، سَدا هُئِين[٢٥] سُرخُرُو[٢٦].

١. ڪهٽيءَ يا رستي جو منهن، لنگهه، رستو، واٽ، ٢. متان، ٣. ڪڪ ٿي، بيزار ٿي، ۴. شراب وڪڻندڙ گتيوال، ۵. جو، ٦. دڪان، ٧. ٻيهج، ٨. ان هنڌ يا جاءِ تي، ٩. عورت جو نالو (جيڪا ڪراچيءَ جي لڳ ڪونڪر جي علائقي ۾ شراب ٺاهيندي ۽ وڪڻندي هئي)، ١٠. ٺڪر يعني پڪل مٽيءَ جي ٺهيل ٿانءَ جو هڪ قسم، وڏو دلو، ١١. سودو، ١٢. (شراب جون) وٽيونَ يا جمنيون، ١٣. رستو، گس، پيچرو، ١۴. شراب خاني، ١۵. شراب، ١٦. شراب، ١٧. عمدو، سٺو، ١٨. چڱيءَ طرح پڪل يعني چڪايل يا تيار ڪيل، ١٩. سنڌيل يعني سانڍي رکيل شراب، ٢٠. ڪاريگر جهڙوڪ لوهار، موچيءَ، واڍي وغيره جي ڪم ڪرڻ جي جاءِ، شراب ٺاهڻ جي جاءِ يا هنڌ، (شراب جو) دڪان يا هٽ، ٢١. سِرُ نمائج، عاجزي ڪج، ٢٢. اڳيان، سامهون، روبرو، ٢٣. پِٽي ۾، جانورن ڦاسائڻ جي ڄار يا رَڇ ۾ (پِٽي وجهي = فنا ڪري)، ٢۴. خودي، آپو، ٢۵. هجين، ٿئين، ٢٦. ڳاڙهي منهن وارو يعني آبروءِ وارو يا مانائتو، ڪامياب.

Gul Hayat Institute

# وائي

ڳالِھ[1] ڪِينَ وَڃِي[2]، سُپِيرِيَان[3] جي سَڌَ[4] جِي،
سُپِيرِيَان جي سُونهَن[5] جِي،
پُڇِ[6] پوءِ پِريَتَن[7] ٿون، پِهرِين سِرُ سَڃِي[8]،
عَاقِل[9] ئِي اوجُون[10] ٿِئَا، پُورو[11] ڪُوهُ[12] نَہ لَڄِي[13]،
وَڃِي[14] دَرِ دوسِتَنِ جي، سُورِيءَ[15] سِرُ هَڃِي[16]،
عَاشِقَ اَنگهُنِ[17] چَڙهِئَا[18]، پِئو سَيُڪو پَڃِي[19].

Gul Hayat Institute

ا. پچار، ذڪر، بيان، ٢. غائب ٿئي، الوپ ٿئي، وسري، دل کان لهي، ٣. سپرين، دوستن، محبوبن، ۴. سِڪَ، پيار، ۵. حسن، جمال، ٦. معلوم ڪج، ٧. محبت، نينهن، پريت، ٨. پيش ڪري، ڏيئي، ٩. عقل وارا، سياڻا، ڏاها، داناء، ١٠. حيران، توائي، بطال، عاجز، گمراهہ، ١١. بي عقلَ، اڻ ڄاڻ، جاهلَ، نادانَ، ١٢. چو، ١٣. لڄي ٿئي، شرمسار ٿئي، ١۴. در يعني دروازي تي، چائنٺ تي، ١۵. سوريءَ تي، نيزن ۽ ڀالن سان جڙيل (ڪٽ مثل) ڪاٺ جي چونڪ تي (جنهن تي پراڻي زماني ۾ خطرناڪ ڏوهارين کي سزا ڏيئي اچلائي ماريو ويندو هو)، ١٦. عذاب ۾ يا تڪليف ۾ پئي، ١٧. انگهن تي، سائي يا سڪل وڻ جي نوڪدار ۽ وريل ننڍين ڪائين يعني ڪتين ۾ (جن ۾ ڪنل جانورن کي کل لاهڻ لاءِ ٽنگيو ويندو آهي)، ١٨. ٽنگيا ويا (انگهن چڙهئا= عذاب ۾ وڌا وئا)، ١٩. پري ٿئي، پاسي ٿئي.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيمِ

# سُر جمن

## داستان پهريون

١

دائُودي[1] دِيُون[2] ڪَري، رَڪَنِ[3] ڪونهي رَنگُ[4]،
ڳوريءَ[5] هيتِ اَينگُ[6]، ڪاهِئو[7] پاڪَريِن[8] هَٽي[9].

٢

دائُودي دِيُون ڪَري، رَڪَنِ ڪونهي چِيتُ[10]،
ڳوريءَ هيتِ سُچِيتُ[11]، ڪاهِئو پاڪَريِن هَٽي.

٣

اوقابِيلَ[12] اڪِيُنِ ۾، ٻارِيُ[13] توڪي ٻانَ[14]،
اُيئو[15] اڳِرايُون[16] ڪَريِن، ماڳِ[17] هَٽِئو مَستانَ[18]،
جانبَ[19] تُون زِيانَ[20]، اڪين سين ايذا[21] ڪَريِن.

Gul Hayat Institute

٤

اوقابِيلَ اڪِيُنِ ۾، تيرَ تِکا[22] توڪي،

---

١. دائودي (هڪ قسم جو) گلُ (معشوقُ، محبوبُ). ٢. (حسن جا) تجلا، چمڪاٽ. ٣. رڪن کي، مسڪينن يا نماڻن (عاشقن) کي، ۴. اندازو، سمڪ، سمجهہ. ۵. ڳريءَ، وڏيءَ مصيبت يا آزار. ٦. بي پرواهہ (معشوق). ٧. چڪئو، ڳهلئو. ٨. پاڪرين کي، خلعتدارن کي، (جن کي محبوب وٽان ڪا شيءِ تحفي ۾ مليل هجي)، عاشقن کي، ٩. وجهي، ١٠. سمجهہ، سرت، هوش، ١١. چيتي وارو، هوشيار، داناءُ (محبوب، معشوق)، ١٢. عقابيل، عقاب پکيءَ جي پرن يعني کنڀن سان جڙيل تير (اڳوڻي زماني ۾ تير کي وزندار ۽ مضبوط بنائڻ خاطر آخريءَ يعني پڇاڙيءَ واريءَ چوٽيءَ ۾ عقاب پکيءَ جا پر هڻندا هئا). ١٣. ڳرا، وزندار، ١۴. تير ٻاڻ، ١۵. ٻيڻو، پيو، ١٦. ارهہ زورايون، ڏاڍايون، چڙهتون، ١٧. ماڳ تي، ميدان تي، پڌري پٽ تي، ١٨. مستان، نعرا، واڪا، ١٩. اي جانب، اي جاني، اي محبوب، ٢٠. نقصان، هاڃا، قهر، ٢١. ايذا اوذا، زبردست، ٢٢. تيز ڌار وارا.

سَاجَنَ[١] اِنهِيءَ سُورَ[٢] جِي، كَلَ[٣] نَہ آهي كَنهِن كي،
مَارِيَن تو مُون كي، چَاڙِهِئو[٤] لوهَہ[٥] لَطِيفُ رح چئي.

٥

اوقَابِيلَ[٦] اَكِيُن ۾، تو كي تِكَا[٧] تِيرَ،
سَاجَنَ اِنهِيءَ سِينگَ[٨] سين، قَتِيئِي[٩] گَهٽا فَقِيرَ[١٠]،
بِئو[١١] مَ مَارِج[١٢] مِيرَ[١٣]، تُنهنجو پهرِيُون[١٤] ئِي پُورو[١٥] ٿِئو.

٦

اوقَابِي[١٦] اَكِيُن سين، تِيرَ چَلاَيَا[١٧] تو،
بِئو مَرُ[١٨] مَاري سو، جِنهِن جو پِهرِيُون پُورو نَہ ٿِئي.

٧

جي هُو[١٩] پَائِين[٢٠] كَانُ كَمَانَ ۾، تَہ سِينُو[٢١] سِپَرَ[٢٢] رَكُ[٢٣]،
مُنهَن[٢٤] ۾ مَحبُوبَن جَا، چَاكَ[٢٥] چُتَكَا چَكُ[٢٦]،
سُورِي[٢٧] پَانءِ[٢٨] مَ شَكُ[٢٩]، عَاشِقُ تِيءُ نَہ اُبهِين[٣٠].

٨

Gul Hayat Institute

جي هُو پَائِين كَانُ كَمَانَ ۾، تَہ سِينُو سِپَرَ ڏيجِ[٣١]،

---

١. اي، ساجن، اي سڄڻ، اي محبوب. ٢. درد، آزار. ٣. خبر، سڌ. ۴. هڻئو. ٥. لوهہ مان ٺهيل تير، ڪانَ. ٦. عقابيل، عقاب پکيءَ جي پرن يعني کنڀن سان جڙيل تيرَ (اڳوڻي زماني ۾ تير کي وزندار ۽ مضبوط بنائڻ خاطر ان جي آخري يعني پڇاڙيءَ واريءَ چوٽيءَ ۾ عقاب پکيءَ جا پَرَ هڻندا هئا). ٧. تيز، ڌارَ وارا. ٨. ڪمان، ڌنش. ٩. توڙٽئا، تو زخمي ڪئا. ١٠. مسڪين، درويش يا الله لوڪ (هتي معنيٰ ٿيندي عاشق). ١١. ٻئو تير. ١٢. هڻج. ١٣. اي مير، اي امير، اي سردار. ١۴. پهريون تير. ١٥. ڪافي، ڪامياب، بار آور. ١٦. عقاب جي اکين جهڙين. ١٧. هنيا. ١٨. پلي، بيشڪ. ١٩. يعني محبوبَ يا معشوقَ. ٢٠. وجهن. ٢١. ڳچيءَ کان هيٺ ۽ پيٽ کان مٿي بدن جون اڳيون حصو، ڇاتي، اُرهہ، ڪوڙو. ٢٢. ڍال، جنگ يا لڙائي ۾ تلوار وغيره جي ڌڪ کان بچڻ لاءِ ڪم ايندڙ هڪ اوزار. ٢٣. سامهون يا آڏو جهل. ٢۴. چهري، مک. ٢٥. چيهڪ، چير، گهاءَ، چٽڪا، ڌڪ. ٢٦. سَهُہ، برداشت ڪر. ٢٧. نيزن ۽ ڀالن سان جڙيل (ڪٽ مثل) ڪاٺ جو چونڪ (جنهن تي پراڻي زماني ۾ خطرناڪ ڏوهارين کي سزا ڏيئي اڇلائي ماريو ويندو هو). ٢٨. ڄاڻ، سمجهہ. ٢٩. ڊپ، ڊاءُ ڀؤ، هيبت. ٣٠. امن ۾ رهين، سلامت رهين. ٣١. ڪج.

مُنهَن ۾ مَحبُوبَن جا، جَهالُو[1] تِي جَهليجِ[2]،
پَاهَان[3] پَگَ[4] ۾ ڏِيجِ*، عاشِقُ تِيءُ تَ اُبَهين.

۹

جي هُو[5] پَائِين[6] کَانُ کَمَانَ[7] ۾، تَہ نَئِي[8] ڏِجي سِينُو[9]،
کِجي نَہ کِينُو[10]، وَجِي دَرِ دوسِتَنِ جي.

۱۰

پَائي کَانُ کَمَانَ ۾، مِيَان[11] مَارِ[12] ۾ مُون[13]،
مُون مَنجِهہ آهِيين تُون، مَڃُڻ[14] تُنهِنجو تِي توکي لَڳي.

۱۱

کَيُو[15] ڇِڏِينِ کَانُ، هَڏِ[16] نَہ هَٽَائِين[17] تَا،
تِئَا جي[18] نِشَانُ[19]، تَہ پِهَريين[20] سين پُورا[21] هُئَا.

۱۲

لَوري[22] جت[23] لَگُوم[24]، اُتي[25] اُيو[26] آهِيَان،
سُورِهَ[27] پِرين سَندومِ[28]، مَن[29] بَاجِهَائِي[30] پِئو هَٽي.

Gul Hayat Institute

---

۱. مضبوط، پکو، پُختو، بردبار. ۲. (تير يا ڪان) سهج يا برداشت ڪج (صبر سان). ۳. پويان. ۴. قدم، پير * پويان پير ڪري نہ ڀڄج يا هٽج. ۵. يعني محبوب. ٦. وجهن. ۷. سينگ، ڏنش. ۸. (ادب سان) نمي يا جَهڪي. ۹. ڳڇيءِ کان هيٺ ۽ پيٽ کان مٿي بدن جو اڳيون حصو، ڇاتي. ڪوڙو. ۱۰. بُخل، ڪنجوسائي، بغض، ٻيائي، دغا. ۱۱. اي ميان، اي محبوب. ۱۲. هڻ. ۱۳. مون کي. ۱۴. مڃان، ۱۵. کسايو. ۱٦. اصل، بنهہ، مُور. ۱۷. لڳائڻ ڏين. ۱۸. جيڪڏهين. ۱۹. هدف، تيرن ڇٽڻ يا هڻڻ جي جاءِ يعني اها جاءِ يا هنڌ جنهن ۾ تير هنيا وڃن. ۲۰. هڪڙيئي (تير). ۲۱. پورا هٿا=ختم ٿي ويا. ۲۲. لورن ڪاريگرن جو ٺاهيل ۽ ڇهنبيارو تير. ۲۳. جنهن جاءِ تي، جنهن پيٽيءَ تي. ۲۴. مون کي لڳو. ۲۵. اُن پيٽيءَ تي. ۲٦. بيٺو. ۲۷. بهادر. ۲۸. منهنجو. ۲۹. شل، خدا ايئن ڪري تہ. ۳۰. ٻاجهہ ڪري، مهرباني ڪري، ڪهل يا قياس ڪري.

عِشقُ آهي نانگُ، خَبَرَ ڪاڏَنِ کان پَئي.

١٧

مَحبَتَ جي مَيدانَ ۾، سِرَ[1] جو سانگُ[2] مَ ڪَر،
لاَهي[3] سِرُ لطيف چَئي، دوستَنِ اڳِيَان ڌَرِ[4]،
عِشقُ نانگُ اَپَرِ[5]، خَبَرَ ڪَاڏَنِ کان پَئي.

١٨

مَحبَتَ جي مَيدانَ ۾، ڪُڏِي[6] پَئُ[7] ڪَاهي[8]،
ڇَڏِ[9] سَانگو[10] اَرواحَ[11] جو، لاَهُوتِي[12] لاَهي[13]،
عِشقُ نَانگُ آهي، خَبَرَ ڪَاڏَنِ کان پَئي.

١٩

مَحَبَتَ جي مَيدانَ ۾، ڪِي[14] جو آهي رَنگُ[15]،
ڪوڙِين[16] وِئا ڪيتِرا، نيِنهَن[17] نِباهي[18] نَنگُ[19]،
عِشقُ نَانگُ نِسَنگُ[20]، خَبَرَ ڪَاڏَنِ کان پَئي.

٢٠

مَحبَتَ جي مَيدانَ ۾، رَڪَنِ[21] ڪانهي رَانڊِ[22]،

١. حياتيءَ، ٢. سانگو، صرفو، بچاءُ، ٣. ڪپي، وڍي، ۴. رک، ٥. تمام وڏو، شاهي، عجيب، غيرمعمولي، نرالو، ٦. نچي ٽپي، ڪِلي خوش ٿي، ٧. ڪِھڙ، داخل ٿيءُ، ٨. ڪاھ ڪري، ڊوڙ ڪري، جلھ ڪري، ٩. ترڪ ڪر، ١٠. آسرو، لحاظ، لاڳاپو، تعلق، ١١. روح جو جمع آهي پر ڪهڙو ڪري واحد جي معنيٰ ڏيڪاريندو آهي. جان، ساھ، زندگيءَ، ١٢. اي لاهوتي، اي عالم ذات الاهيءَ جي ڄاڻ يا خبر رکندڙ، ١٣. هن جو جوڙ مصرع جي پهرين لفظ "ڇڏ" سان آهي، ١۴. ڪو، ١٥. تماشو، ڏيک، نظارو، ١٦. ڪوڙين يعني ڪروڙين جي انداز ۾، بي حد گهڻا، ١٧. نينهن جو، ١٨. پورو ڪري، توڙ تائين پهچائي، ١٩. ناتو، تعلق، دوستي، ٢٠. سنگت ساڻ ڪان بي پرواھ، بي لحاظ، بي مروت، ٢١. رڪن جي، هيڻن يا ڪمزورن (عاشقن) جي، ٢٢. بازي، مجال، وس، پهچ.

مَعشوقَنِ مَهانڊِ[1]، لَڪين لِيلائي[2] مُئا[3].

۲۱

مَحبَتَ جي مَيدانَ ۾، رَڪَنِ ناهي راندِ،
حَبِيبَنِ[4] هيڪاندِ[5]، سَگهَنِ[6] تِيي نَہ سَيّدُ چئي.

۲۲

عِشقُ نَہ آهي راندِ[7]، جِيئَن ڪي ڪَنِش[8] ٻِيُرُو[9]،
جِيءَ جُسي ۽ جانِ جي، پَيجي تو هيڪاندِ[10]،
سِسي[11] نيزي[12] پاندِ[13]، اُچِلِ[14] تَہ اَڏَ[15] تِئي.

وائي

عِشقَ تَمامُ[16] بِرهَہ[17] تَمامُ، مَبِن[18] لُٽِي[19] يارَ[20] لوڪو[21]،
راتِيان جاڳَڻُ صاحِبُ[22] سَنِيالَڻُ[23]، اِيءُ فَقِيران[24] دا ڪامُ،
سيج[25] سُتي[26] نُون[27] جَٽُ[28] نَہ آوي[29]، نيڻين[30] نِندَ حَرامُ[31]،
راهَہ عَقلِ دي مُنجِهہ گئي، آيا عَشقُ اِمامُ.

---

۱. معشوقن جي، محبوبن جي، حبيبن جي، مهندان، اڳيان. ۲. آزيون ۽ نيزاريون ڪري، عاجزيون ڪري. ۳. فنا ٿئا. ۴. حبيبن سان. ۵. ميلاپ، وصل، وصال، گڏجاڻي. ٦. سگهن جي، سِرَ بچائيندڙن جي، سر جو سانگو ڪندڙن جي. ۷. ڪيل، تماشو. ۸. ان کي ڪن يعني راند کي ڪن. ۹. نابالغ ٻوڪر، ٻارَ، ناتجربيڪار عاشق. ۱۰. جوڙ، هيڪوٽائي، هڪ هجڻ واري حالت. ۱۱. ڳچي، ڪنڌ، سِرُ، مٿو. ۱۲. نيزي جي، ڀالي جي. ۱۳. پاند تي، پچڙيءَ تي، نوڪ تي، چوٽيءَ تي. ۱۴. مٿان ڪري ڇڏيا ڦتو ڪر. ۱۵. پرزا، ٽڪر. ۱٦. پوري جي پوري، مڪمل. ۱۷. عشق، محبت. ۱۸. آئون. ۱۹. ڦري، برباد يا تباهہ ڪئي. ۲۰. اي يار، اي دوست. ۲۱. ماڻهو ٿو. ۲۲. مالڪ، خدا. ۲۳. ياد ڪرڻ. ۲۴. فقيرن جو، درويشن جو. ۲۵. سڻي بستري سان سينگاريل کٽ تي. ۲٦. سُتل، ليٽيل. ۲۷. کي. ۲۸. آرام، ننڊ. ۲۹. اچي. ۳۰. نيڻن جي، اکين جي. ۳۱. خراب.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرِ جمن

## داستان ڏهون

### ١

هَرَ[1] هَرَ[2] رَائِي، وَجَنُ دَرِ دوسِتَنِ جي،
پَاڙي[3] ڏانهَن پِريَن جي، اُجُهَ[4] مَ اَوائِي[5]،
اَلَڙِ[6] تَي مَ آڃِ[7] تُون، وَاتَازُوئَنِ[8] وائِي[9]،
لاَئِيندِيَنءَ[10] لطِيفُ چئي، سُوران[11] سُرَهائِي[12]،
گُجهو[13] ڳالَهائِي[14]، پِرَتِ[15] وِنجي[16] پاڻَ[17] مِر.

### ٢

جَانِ[18] جَان نَاه ضَرُورُ[19]، تَانِ[20] تَانِ نَاهِ طَبِيبُ[21] كو،
جُسي[22] سَرِئو[23] سُورُ[24]، تَ كَرُ[25] ويڄ ورِ[26] پِئو.

### ٣

سُورُ جَنِي سَرِئو، سَرِي تَنِ صِحَتَ[27]،
مِنَتي[28] مُصِيبَتَ[29]، آهي عَاشِقَنِ كي.

---

١. وري وري، ڪَهَڙيءَ ڪهڙيءَ، ٢. خسيسپائي، هلڪائي، ٣. ڪهِيءَ، ويڙهي، محلي، گهر. ۴. رُل، پِنڪ. ۵. توائي، بي فائدو، بنان سڌ جي، اڻ ڪوليو. ٦. خام، ڪچي، جَڙي، ناتجربيڪار. ٧. ٻڏاءِ. ٨. واتازوئن ڪي، واٽ ويندن ڪي، بيگانن ڪي. ٩. ڳالهہَ (عشق جو) راز، مَنجهہ. ١٠. لڳائيندينءَ، مڪيندينءَ. ١١. سورن مان، دردن مان. ١٢. سُرهاڻ، خوشبوءِ، سڳنڌ. ١٣. مخفي، لڪ چپ ۾. ١۴. ڳالهائي، راز اوري. ١۵. محبت، پيار. ١٦. ڏجي ءِ وڃي، وڃجي، اورجي. ١٧. آپس. ١٨. جيستائين. ١٩. ضرورت، ضرر، درد، مرض. ٢٠. تيستائين. ٢١. حڪيم، ويڄ (ناهہ طبيب ڪو = طبيب جي ضرورت ڪانهي). ٢٢. جيئن ئي، جيڪڏهن ڪو. ٢٣. پيدا ٿئو، اپرئو. ٢۴. ڏکندو، مرض. ٢۵. جيڪر، شايد، جهڙوڪ. ٢٦. ورَ ۾، قبضي ۾، هٿ ۾ (ور پئو = هٿ اچي ويو، ملي ويو). ٢٧. تندرستي، چڱيلائي. ٢٨. پياري، وڻندڙ. ٢٩. تڪليف، درد.

Gul Hayat Institute

## ۴

سيئي سُور طَبيبَ، جَني سُور[١] سَج[٢] کِئي[٣]،
جو لِکِئو[۴] هُتَ[۵] لطيفَ چَئي، سوئِي کَن قَريبَ[٦]،
جي نَوازِيا[٧] نَصِيبَ[٨]، دارُونءَ[٩] سي دُرُستُ[١٠] کِئا.

## ۵

جي[١١] پَياري پاڻَ[١٢]، کَرهو تَي[١٣] پاٽِي پيئي،
اَگِئي[١۴] اِنَ نَياڻَ[١۵]، اَڻَ[١٦] کوٽِئو کونَہ گِهڙِي[١٧].

## ٦

اَڻَ[١٨] کِي عَيان[١٩] نَہ تِئِي، کِي[٢٠] پَروڙِي[٢١] کونَہ،
سَچِي[٢٢] جِهڙِي سون، مُنهَن[٢٣] نَہ پيئي مَاٽُهين[٢۴].

## ٧

اَڻَ کِي عَيان نَہ تِئي، کِي پَروڙِي کونَہ،
اَمُرُ[٢۵] عَطا[٢٦] جَنهِنجو، جان[٢٧] سُونهُون[٢٨] تِئي[٢٩] سونَہ.

## ٨

جيکِي ڏِناءُون، سو مَان[٣٠] ڳُڻُ[٣١] ڳنڍِ[٣٢] تِئو*،

Gul Hayat Institute

---

١. سورَ جي، ٢. نسبت، آڇ،ڏيڻ جو ارادو، ٣. ڪئي (سورَ سج ڪي = سورُ ڏنو)، ۴. (نصيب يا تقدير ۾)، مقرر ٿئو. ۵. لوح محفوظ ۾، آسمان تي رکيل پٽيءَ يا تختيءَ ۾. ٦. محبوب، دوست. ٧. ورسايا، سرفراز ڪئا. ٨. تقدير، ڀاڳ، قسمت. ٩. دوا، علاج. ١٠. ٺيڪ ٺاڪ، چڱا ڀلا، تندرست. ١١. جنهن صورت ۾. ١٢. خود (محبوب). ١٣. تنهن صورت ۾ (نوٽ:- بنان حڪم خدا جي ڪجهہ بہ نہ ٿو ٿئي). ١۴. (حڪم کان) اڳ يا پهريائين. ١۵. نياڻ ۾، تلاءَ ۾، حوض ۾. ١٦. بنان کوٽڻ جي، بنان گهرائڻ يا سڏڻ جي. ١٧. داخل ٿئي. ١٨. اڻ ڪيل يعني نَہ ڪيل (ڳالهہ). ١٩. ظاهر، پڌري. ٢٠. ڪيل (ڳالهہ). ٢١. سمجهي، ڄاڻي. ٢٢. صاف، خالص، کري، بنان کوٽ يا ملاوت. ٢٣. منهن نہ پيئي = نہ وڻي، نَہ پسند آئي. ٢۴. ماڻهن کي. ٢۵. (خدا جو) حڪم، فرمان. ٢٦. بخشش، عطيو، عنايت، عطا ڪيل. ٢٧. ڏنل. ٢٨. جنهن خدا جو. ٢٩. جيستائين. ٣٠. رهبر، رهنمائي ڪندڙ. ٣٠. مان کي، مون کي. ٣١. احسان، ڀلائي. ٣٢. ڳنڍ ۾، هڙ ۾ پر هتي معنيٰ ٿيندي دل ۾ قابو يا سوگهو. * جيڪا تڪليف يا درد ڏنائون ان کي مون نعمت يا ڀلائي سمجهي دل ۾ سوگهو ڪيو يا قبول ڪئو.

مُون کي[1] پُڇِئَائُون[2]، نُوڪي[3] اِنهيءَ نُوڪَ[4] سِين.

٩

جيڪي[5] ڏَنَائُون، سو سِرُ ڏيئي[6] سَهُ[7] جِندڙا[8]،
مَ چَوُ چِنَائُون[9]، اِيءُ پَڻ ڳَنديئو سَڄَڻين.

١٠

چِنَنِ تِنُوءِ[10] مَ چِنُ، پَاءِ اُمِيرِي[11] اُنِ سِين،
جي اُو اَوڳُڻَ[12] ڳِنَهنِ[13] اَسُونهين[14]، تُون ڳُڻَائِي[15] ڳِنُ،
پُنِيءَ[16] لَڳِي[17] پِنُ[18]، هِنَ سُنهَارِي[19] سَنگَ[20] کِي.

١١

سَاهَ سِين سَنگَ سَنديورِيين[21]، اُمِيرِي ڏيئي،
اِيندءِ ڪَمِ سيئي، جَنِي سَندو آهيين.

١٢

عِنَاتَا[22] اِتَاهِين[23]، جَانِي[24] جِڙي[25] بَڌُ،
آهي گهڻو اَهکو[26]، فَقِيرِيءَ[27] جو فَنُڌُ[28]،
چَکِين نَه چَرِئُو[29] ٿِيين، مَيخَانَي[30] جو مَنُدُ[31]،

---

١. ڪان، ٢. خبر چار يا حال احوال ورتائون، ٣. چگيءَ طرح زور ڏيئي، ٤. (تڪليف يا درد جي) دٻاءُ، ڏک، ضرب، ٥. جيڪا تڪليف يا ڏک يا سور، ٦. سر ڏيئي = سُر قربان ڪري، پاڻ فدا ڪري، ٧. برداشت ڪر، ٨. اي (منهنجا) جندڙا، اي (منهنجا) هنيان، اي (منهنجي) دل، ٩. (دوستي يا لاڳاپو) توڙيائون يا ڦٽايائون، ١٠. تہ ٻہ، تڏهين ٻہ، تنهن هوندي ٻہ، ١١. ڳنڍ جو هڪ قسم جيڪا ڪپڙي جي اڻڻ وقت ڇنل ڌاڳي جي ٻن ڇيڙن يا تندن جي پچاڙين کي وٽ ڏيئي ملائڻ سان جڙندي آهي ( پاءِ اميري = ناتو ڳنڍيا جوڙ)، ١٢. برائي، اڻنگي هلت، ١٣. ڪن، ١٤. اي اسونهين، اي ٻنان سونهين يا رهبر جي، اي اڻ واقف، ١٥. ڳڻائي ڳن = ڳڻ يعني ڀلائي ڪري سمجهہ، ١٦. پنيان، پويان، ١٧. هلي (پنيءَ لڳي = پيروي يا تابعداري ڪري، ڪوشش ڪري)، ١٨. (دعا جي ذريعي)، گهرَ، حاصل ڪر، ١٩. ڀلاري، سگوري، سهڻي، ٢٠. ناتي، رشتي، ٢١. محفوظ رکين، سنڀالي رکين، حفاظت ۾ رکين، ٢٢. اي عنات (لطيف سائينءَ جي هڪ فقير جو نالو جيڪو جاني ڏيري جو پٽ هو)، ٢٣. اتان، هتان، هن دنيا مان، ٢٤. هڪ معنيٰ موجب عنات جو پيءُ ۽ ٻيءَ معنيٰ موجب جانب، محبوب، ٢٥. ملائي، لڳائي، سوگهو ڪري، ٢٦. اوکو، ڏکيو، مشڪل، ٢٧. درويشيءَ، ٢٨. ڦن، هنر، ٢٩. ٿورو (ذائقي معلوم ڪرڻ لاءِ)، پين، ٣٠. شراب خاني، ٣١. شراب.

Gul Hayat Institute

كِينَ ڪَڏَنڊين ڪَنڌُ، مَنجهان سَنگَ سَيِّدُ چئي.

١٣

نَمِي[1] ڪَمِي[2] نِهَارِ[3] تُون، ڏَمَرَ[4] پَاسِي[5] ڏُکُ[6]،
مَنجهان صَبُرَ سُکُ[7]، جي سَنْوَارِئا[8] سَمُجهين.

١۴

نَمِي ڪَمِي نِهَارِ تُون، ڏَمَرُ ڏولائو[9]،
تِئي سَاجَائو[10]، جي اُپِيين[11] اِنهِيءَ پِير[12] تي.

١٥

ڏَمَرَ پَاسو[13] ڏُکَ سين، ڪَانڊِ[14] ڪَتُوري[15] هوءِ[16]،
وَاللهُ مَعَ الصَّابِرِين*، آگو[17] اِيهين چوءِ[18].

١٦

ڪَان ڏَرَ تِيءَ سِکُ[19]، خَاصَ[20] نُکتو[21] ڪَانڊِ جو،
ڪُوهَاڻا[22] ڪُوهَ ڪَٽي، مَاس[23] ڪَپِينس[24] مُکُ[25]،
تَابُ[26] نَه آڻي تِکُ، نَارُ آڻي[27] نُور جو[28].

---

١. نئڙت يا نهنائي ڪري، ٢. صبر ڪري، ڌيرج يا تحمل ڪري، ٣. نهاري يعني ڏسي وائسي هل، حياتي گذار، ۴. ڪاوڙ، غصي، ٥. ڀر، ٦. تڪليف، ٧. آرام، آسائش، ٨. اي سنوارئا، اي سڀاڳا، اي نيڪ بخت، ٩. پريشاني، ڏک، رولڙو، ١٠. ساڃهه، سڄاڻپ، معرفت، خدا شناسي، ١١. بيهين، ثابت قدم رهين، قائم رهين، ١٢. اصول، ١٣. لاڳاپو، ١۴. صبر، تحمل، ڌيرج، سهپ، ١٥. هڪ قسم جو خوشبودار وکر، بنان سڱن هرڻ جي ڌُن مان نڪتل خوشبودار مادو، مشڪ، ١٦. آهي * ۽ الله صبر ڪندڙن سان گڏ (همراهه) آهي (قرآن شريف جي سورت بقره جي آيت ٢۴٩)، ١٧. خدا، ١٨. چوي ٿو، ١٩. پراءِ، حاصل ڪر، ٢٠. چڱو، سٺو، عمدو، اعليٰ، اتم، ٢١. نُڪتو، نصيحت، راز، ڀيد، ٢٢. ڪوهه (زمين ۾ پاڻيءَ هٿ ڪرڻ لاءِ کوٽيل اونهي کڏ) کوٽيندڙ، ٢٣. ڳر، ڳپ، گودو، مادو، جسم، ٢۴. ان جو ڪپين يا وڍين، ٢٥. اندريون، ڳپ، ٢٦. تابش، گرمائش، تِکَ، ڪاوڙ، چڙ، ٢٧. زمين اندر پاڻيءَ جو وهڪرو، کوهه اندر پاڻيءَ جو سيمون، ٢٨. نور جو = نوراني، پاڪ، صاف، شفاف، نرمل.

Gul Hayat Institute

## ١٧

کَ[1]مُ کَ[2]مندَنِ کَتِئو[3]، هارايو[4] هُوڙَنِ[5]،
چَکِئو[6] نَہ چُوندَنِ[7]، هُو جو ساءُ[8] صَبُرَ جو.

## ١٨

چُوندَلَ[9] چَکّا نَہ تِئا، کَمَندَنِ گَهَرِ کِيَنِ[10]،
هَٿَ[11] نَہ اَچِي[12] کِي[13]، وِيٺَنِئون[14] وِبُڏُ[15] پِئي.

## ١٩

هُو چُونِئي تُون مَ چَئُ، مَنُ ماري کَرِ مُوءِ[16]،
کَدُ دَغائي[17] دِلِ مان، هاگامان[18] ۾ هُوءِ[19]،
تہ آگو[20] سَنجِهہ صُبوحِ[21]، توهِيکي[22] تَعظِيمَ[23] ڏي.

## ٢٠

هُو چُونِئي تُون مَ چَئُ، واتان وَرائي[24]،
اَگِهين[25] اَگِرائي[26] جو کَري، خَطا[27] سو کائي[28]،
پانَدَ[29] ۾ پائي، نِئو[30] کِينِي[31] واري کِينَ کِي.

Gul Hayat Institute

---

١. صبر ڪر، تحمل ڪر، سهپ ڏار، ٢. صبر ڪندڙن، ٣. فائدو حاصل ڪئو، نفعو ڪمايو، ۴. نقصان يا ٽوٽو پرايو، خسارو ڪاڏو، ۵. هوڏ ڪندڙن، ضد ڪندڙن، هٺيلن، بي صبرن، تکڙ ڪندڙن، جلد بازن، ٦. معلوم ڪئو، ٧. چوَندڙن، ڪهٽ وڌ ڳالهائيندڙن، ٨. سواد، ذائقو، ڪيفيت، ٩. چوَندڙ، ١٠. خير، سک، ١١. هٿ ۾، ١٢. ملي، ١٣. ڪجهہ (هٿ نہ اچي ڪي = ڪجهہ حاصل نہ ٿئي)، ١۴. ويٺن مان، ڪهٽ وڌ ڳالهائڻ مان، اجائيءَ گفتگوءَ مان، ميهڻن يا طعنن مان، ١۵. خلل، نقصان، زيان، بدمزگي، ١٦. نرم، حليم، ١٧. دغا، فريب، مڪر، دولاب، ٺڳي، ١٨. (واحد هاگامون)، هَلَ، گوڙ، فساد، ١٩. هل، غوغاءُ، ٢٠. آقا، ڌڻي، خدا، ٢١. سنجهہ صبوح = هر وقت، ٢٢. توکي، ٢٣. عزت، مان، ٢۴. موٽائي (ساڳين لفظن يا ساڳئي نموني ۾ جواب ڏي)، ٢۵. ڀهرين، ٢٦. پيشقدمي، جهيڙي جي شروعات، ٢٧. سزا، ڪيتو، ٢٨. ڀوڳي، لوڙي، ٢٩. پلئہ، پلاند، دامن، جهوليءَ، ٣٠ . ڪٽي وٺو، ٢١. ساڙ، بغض، حسد.

## ٢١

هُو چُونِئِي تُون مَ چَئُ، وَاتَان وِرَائِي[1] وِڻُ[2]،
سَپِنِ سِين سَيِّدُ چَئي، مَنُ[3] مَارِيَ[4] ڪَرِ مِيڻُ[5]،
ڪَانڌِ وَڏِئِي ڪِيڻُ[6]، ڪِيني مَان ڪِي نَه ٿِئِي.

## ٢٢

مَنجهَان ڪِيني ڪِينَ، ڪَڏهِين ڪَنِ نَه پِرَايو،
جي هُوءِ[7] سَتَاڻِي[8] سِينگ[9]، تَه زِهَ[10] چِنِي[11] جوڪو[12] ٿِئِي*.

## ٢٣

سَائِي[13] سِيلِهِي[14] سِينگ[15]، پَئِي آهِي پَٽَ[16] ۾،
ڪِنهِن جي آهِي ڪِينَ، چِڪِينڊَڙَ چِڏي وِيَا.

## ٢٤

سُٽِي[17] وِڻُ[18] ڪَنَنِ سين، وَرَائِيجِ[19] مَ وَرِي،
هَادِيءَ[20] جي هِدَايَتَ جي، آهي اِيءَ گِرِي[21]،
تَنِ سَجِي[22] سَاهَه[23] سَرِي[24]، جَنِي مَارِئو[25] نَفس[26] مَاتِ[27] سين.

Gul Hayat Institute

١. موتائي، ٢. (ساڳئو) لفظ، سخن، ٻولي، ٣. دل، قلب، ۴. ساڏي، وس ۾ ڪري، ۵. ماڪيءَ جي مکين جو گڏ ڪيل سٽيو ۽ نرم مادو پر هتي معني نرم يا ملائم (ميڻ جهڙو)، ٦. ڪاڏو، ڪاڄ، طعام، ٧. هجي، آهي، ٨. سخت، مضبوط، گهٽي چڪيل يا ڪشيل، ٩. ڪمان، چاپ، ڏنش، ١٠. جانورن جي آنڊن مان وٽي ٺاهيل ڏور يا تند، جنهن سان ڪمان جا ٻئي چيڙا ٻڌبا آهن، ١١. ڇنڻ سان، ٽوڙڻ يا ٽٽڻ سان، ١٢. نقصان * سخت ڪشيل ڪمان جي زهه ٽٽڻ ڪري ڪمان جا چيڙا ڪمان جهليندڙ کي لڳندا، ١٣. ساڳي، اهائي، ١۴. رسي يا ڏوري، زهه، ١۵. سينگ جي، ١٦. ميدان، ١٧. ٻڌي، ١٨. اڊنگو ڪلام يا گفتو يا ٻول، طعنو، ميهڻو، ١٩. (ساڳين لفظن ۾) جواب يا ورندي ڏج، ٢٠. هدايت يعني نصيحت ڪندڙ، رهبر، اڳواڻ، پيشوا، امام، ٢١. واٽ، رستو، طريقو، ٢٢. سموري، پوري جي پوري، مڪمل، ٢٣. عورت جي بدن تي پائڻ جا سمورا زيور، ٢۴. ملي، حاصل ٿي، ٢۵. ساڌيو، مطيع ڪئو، مات ڪئو، وس ۾ آندو، ٢٦. آپو، خودي، جسم، جان، تن، من، ٢٧. صبر، سهپ.

## ٢٥

چُونڊَنِ[1] ڪيمَ[2] چَئيجِ[3]، وِڻَ[4] وَرائي سامُهان،
ڪا مَتِ[5] قيمَتَ[6] جِهَڙِي، روزُ ڏمَرَ ڪي ڏيجِ،
وِڻُ[7] مَ وَرائيجِ[8]، تہ سَبِيَ دَرِ[9] سُهاڳِي[10] ٿيِين.

## ٢٦

اَڻَ چُونڊَلَنِ[11] مَ چَئُو[12]، چُونڊَلَنِ چَيو[13] وِسارِ،
پائي مُنهُن مُونَنِ مِ، غُربَتَ[14] سانُ[15] گُذارِ[16]،
اَنئِي[17] پَهرَ اَدَبَ[18] مِ، پَرِ اهائِي پارِ،
مُفتِي مَنجهہ وِهارِ، تہ قاضِيءَ[19] ڪاٽِيارُو[20] نہ ٿِيِين.

## ٢٧

صَبرُ[21] گهَڻُو سَفِرو[22]، بِي جُڳائي[23] مَاٺِ[24]،
پِئُو لَتازِجِ لَطِيفُ چَئي، چُرِجِ مَ اَڳِيان چاٺِ[25]،
ڏُجَڻَ[26] پُونِ ڪاٺِ[27]، سَجَڻَ ٿِيِن سامُهان.

## ٢٨

نَوَ يَاڳا[28] نُوڻِ[29] ڪي، ڏُهُون ڏَنِيءَ[30] ڏِي[31]،

---

١. چوندن کي، چوَندڙن کي، (گھڻ وڌ) ڳالهائيندڙن کي، (ترش) ڳالهائيندڙن کي، ٢. نہ، ٣. (جواب ۾) ڀڌائج، ۴. بد لفظ يا گفتا، ميھڻا، طعنا، ۵. صلاح، نصيحت، ٦. مَلَهَ (قيمتجهڙي = قيمتي، محمدي، ڪمائتي، گهڻي ملهہ واري، اَملهہ، ٧. (ساڳيو) سخن، ٻول، ٨. موٽائيج يعني موٽ ۾ يا ورنديءَ يا جواب ۾ ڳالهائيج، ٩. در تي (سڀ در = سيڪنهن ماڻهوءَ وٽ)، ١٠. سڀاڳو، ڀاڳ وارو، سرخرو، عزت وارو، ١١. اڻ چوندلن کي، نہ چوندڙن کي، مانيٽن کي، صبر ڪندڙن کي، ١٢. (گهڻ وڌ) ڳالهاءِ، ١٣. ابتو سبتو ڪلام، اڻنگو سخن ياگفتو، ١۴. گوڏن، ١۵. نهنائيءَ، نماڻائيءَ، ١٦. حياتي بسر ڪر، ١٧. اٺئي پهر = رات ڏينهن، سمورو وقت، ١٨. فضيلت، خُلق، ١٩. قاضيءَ جو، مفتيءَ جو، فيصلي ڪندڙ جو، ٢٠. محتاج، ٢١. تحمل، ڌيرج، سهپ، ٢٢. سٺو، عمدو، ٢٣. مناسب، واجب، ٢۴. خاموشي، ٢۵. (محبوب جي) چاٺ جي، چانٺ جي، دروازي جي، چونڪ جي هيٺينءَ ڪاٺيءَ جي، ٢٦. دشمن، ٢٧.ڪاٺ ۾، قيد ۾، مصيبت ۾، ٢٨. حصا، ٢٩. هيٺاهين زمين، لاهيءَ (نٽڙت)، ٣٠. مٿاهين زمين، ٣١. ڏانهن.

Gul Hayat Institute

جي تِي وَسَنِ مِينهَڙا، تَہ ڏَهَئِلي[1] ڏَنِيءَ[2] ڏِي.

۲۹

جَنِي سَندِيءَ جِيءَ[3] ۾، پَتُون[4] يَتين بُوڏ[5]،
کهڙو کَرِين کُوڏ[6]، هِينئڙا[7] پَسِي تَنِ کِي.

۳۰

جَنِي سَندِيءَ بُوڏ ۾، پَتُون يَتين جِيءُ،
تُون تَنِي سَان تِيءُ، اوڏا اَڏي پگڙا[8].

۳۱

جي هُو تاڻِين[9] تَندُ[10] کي، تَہ تُون تَندُ مَ تاڻِ،
اڳِي[11] اِنَ اُهِجاڻِ[12]، سَالمُ[13] تَندُ سَجِي تِئِي.

۳۲

سَجِي چوڙُ[14] سُتَرِي[15]، چوڙِين جي اَڏُ[16] گَنڍِ[17]،
تَہ کَڙو[18] لاهِين[19] کَنڍِ، سُپيرِيَان جي سَيَرَ[20] جو*.

۳۳

Gul Hayat Institute

هَرِ[21] هَرَ هَتُ مَ پاءِ، اِي گَنڍِ[22] چُهنڍيءَ[23] نَہ چُڙي،

۱. ڏهَہ ٿي پاڳا. ۲. متانهين زمين. ۳. سڏ جي جواب ۾ ڪم ايندڙ ادب واري لفظ يا آڏر ياءَ جي لفظ. ۴. پتون يتين = طرحين طرحين، قسمين قسمين، تمام گهڻو. ۵. سڏ جي جواب ۾ ڪم ايندڙ حقارت وارو لفظ، ڦوٽ. ٦. خوشي، ناز. ۷. اي هينئڙا، اي هنيان، اي دل، اي پيارا. ۸. (ڪکن جا ٺهيل) گهر، جايون. ۹. ڇڪين، ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪن. ۱۰. (دوستيءَ جي) ڌاڳي، ڏور. ۱۱. اڳي ڪان، اول ڪان، اصل ڪان. ۱۲. اهڃاڻ سان، نموني سان، طرح سان، علامت سان. ۱۳. صحيح سلامت، ثابت، سڄي، يڪي. ۱۴. ڪولڻ، اکولڻ. ۱۵. سولي، آسان. ۱٦. اڏوڳابري، اٽپوري. ۱۷. ڪپڙي، رسي يا ڌاڳي، وغيره کي آيل وڪڙ يا ٻنڌ، ڳوپ، ڳرهه. ۱۸. در وازي جي طاقن کي سوگهو جهلڻ لاءِ لڳايل ڪنڊو، تاڙي، ڦڙتي. ۱۹. کند مان، در ۾ لڳل لوهه جي اڏ ڇلي مان. ۲۰. مڪان، جاءِ * محبوب جو سمورو راز ظاهر ڪرين. ۲۱. وري وري، گهڙيءَ گهڙيءَ. ۲۲. وِجهه. ۲۳. ڇهنڊيءَ سان (هٿ جي آڱوٺي ۽ ڏسٽيءَ آڱر جي ذريعي ڪنهن شيءِ کي ڪولڻ جي عمل کي ڇهنڊي يا ڇهنڊڙي چئبو آهي)، آسانيءَ سان.

ڪوڙبِين[١] وِڏا ڪيتِرا، اِنَ وَرَ[٢] مَنجِهہ[٣] مُنجَهاءِ[٤]،
هَيِ[٥] هَي ڪَندا هَاءِ[٦]، اِتِ حَاذِقَ[٧] هَزارين وِئا.

## وائي

اَچِي سَارَ[٨] لَهيجِ، سَاجَن[٩] سُورَ[١٠] تُمَارِي[١١] اَئُون مَارِي،
سُورَ تُمَاري جي مَران، تَان مُون ڏوهُ[١٢] مَ ڏيجِ،
دِبَن[١٣] پَرِي[١٤] هَتَڙَا، دَارُون[١٥] دوسِتَ ڪَرِيجِ.

Gul Hayat Institute

---

١. ڪوڙين يعني ڪروڙين جي تعداد ۾. ٢. وَڪَڙَ، پيچ، ڳنڍ. ٣. اندران اندر. ۴. منجهائي، پريشان ڪري، حيران ڪري. ٥. هاء هاء، گهوڙا گهوڙا. ٦. افسوس. ٧. هوشيار، ڏاها، قابل، آزمودگار. ٨. خبر، سڌ، پرگهور، سنڀال. ٩. اي ساجن، اي سڄڻ، اي دوست. ١٠. درد، ڏک، غم. ١١. تنهنجي. ١٢. ميار. ١٣. ڏبن، سان، دوائن سان. ١۴. پُر ڪري. ١٥. علاج.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

# سُر ڪنڀات

## داستان پهريون

١

ڪَٽِلي[1] نيڻَ[2] خُمارَ[3] مانَ، جَڏهِين نازَ[4] ڪِئائُون نَظَرُ[5]،
سُورِجَ[6] شاخُون[7] جهڪِيُون[8]، ڪُومَاٽُو[9] قَمَرُ[10]،
تارا[11] ڪَتِيُون[12] تائِبَ[13] ٿِيا، ديکِيندي[14] دِلبَرُ[15]،
جَهڪو ٿِئو جَوهَرُ[16]، جانِيءَ[17] جي جَمالَ[18] سين.

٢

تارا[19] تَرارِيُون، نيزا[20] نيڻَ پرِينَ جا،
هَٽِنِ مُنهَن[21] پارِيُون، سانگو[22] ڪِنِ نَہ ساهَہ[23] جو.

٣

تارا تَرَ[24] تروڪَڙِيُون، مَٿِنِ قُلِڙِيُون[25]،
ڪوءِ[26] سي راتِڙِيُون، جي مانَ[27] پِييُون پرِينءَ ري.

---

١. متي ڪري، ٢. اکيون، ٣. ناز، ڳهر، ننڊ جي غلبي جهڙي حالت، ۴. ناز سان، لاڏ سان، ماٺي سان، ۵. نگاهہ ، ديد، ٦. سورج جون، سج جون، ٧. ڪرڻا، لاٽون، شعاع، ٨. (روشنيءَ ۾) گهٽجي ويون، ٩. اداس ٿئو، حيرت ۾ پئجي وئو، (روشنيءَ ۾) جهڪو يعني گهٽ ٿئو، ١٠. چنڊ ١١. (چنڊ کان سواءِ) چمڪندڙ آسماني جسم جي عموماً آسمان ۾ رات جي وقت ڏسڻ ۾ ايندا آهن. ستارا، نکٽ، ١٢. ڇهن ستن تارن جو ميڙ (جنهن کي فارسيءَ ۾ پروين ۽ عربيءَ ۾ ثريا چئبو آهي)، ١٣. پڇتاءَ ڪندڙ يا پشيمان (پنهنجيءَ روشنيءَ گهٽجڻ سبب)، ١۴. ڏسندي، ١۵. محبوب، ١٦. (سج، چنڊ ۽ تارن جي) روشني، جلوو، ١٧. جانب، محبوب، ١٨. حسن، سونهن، ١٩. اکين جي وچ وارا مائيدار گولا، اکيون، ٢٠. ڀالا، گرز، ٢١. منهن پاريون = مُنهن ۾ يا سِرَ ۾، منهن يعني متي ۾ سڌيون، ٢٢. صرفو، پرواهہ، بچاءُ، ٢٣. (عاشق جي) جان، پساهہ، آتما، دم، پران، ٢۴. انسان جي بدن تي ڪِن ڪِن جاين تي قدرتي طرح لڳل يا پيدا ٿيل ننڍڙا ڪارا ٽڪا، خال، تروڪڙيون يا تلوڪڙيون يعني ڇٽ جيڪي بدن ۾ سُئيءَ هڻڻ سان ڪيل زخمن ۾ مس وجهڻ سان ٺاهيا آهن، ٢۵. ننڍڙا قل، ٢٦. ڀن، ڪوهہ يا ڪڏ ۾ پون، نہ گهرجن، ٢٧. مون ڪي.

٩

هُنَ تاري هُنَ هنڌِ، هُت مُنهِنجا سُپرِين،
سَجَڻ ماکِيءَ مَنڌِ[1]، کَوڙا[2] تِين نَہ کَڏهِين.

١٠

هُنَ تاري هُنَ جاءِ، هُت مُنهِنجا سُپرِين،
سَجَڻ ماکِيءَ ساءِ[3]، کَوڙا تِين نَہ کَڏهِين.

١١

هُنَ تاري هُنَ رُوءِ[4]، هُت مُنهِنجا سُپرِين،
سَجَڻ کَٿُورِيءَ[5] بُوءِ[6]، مون کي مُورِ نَہ وِسرِئا.

١٢

هُنَ تاري کي سامُهان[7]، هُنَ تاري جي لامَ[8]،
سَجَڻ مون کي موڪِلِئا، سُهِٽي کاڄِ[9] سَلامَ[10]،
هوتَ[11] مَ يَجِجِ[12] هامَ[13]، بَڏِيئي[14] جا ٻولَ[15] کري.

١٣

کَنيا[16] تَڙي تَڙَ[17] وَرِي[18]، اُيي[19] تَڙِ[20] وَاجَهاءِ[21]،

١. مانند (فارسي)، مَٽَ، برابر. ٢. کڙا، اگرا، اڻ وڻندڙ. ٣. ساءَ جهڙا، سواد يا ذائقي جهڙا. ۴. روءِ ڏانهن، رخ ڏانهن، طرف ڏانهن. ٥. کٿوريءَ جي، کستوريءَ جي، مشڪ جي (بنان سڱن هرڻ جي پيٽ مان نڪتل هڪ خوشبودار مادي کي کٿوري چيو ويندو آهي). ٦. بوءِ مثل، هڳاءَ يا سڳند مثل، خوشبوءِ مثل. ٧. آڏا، ويجها. ٨. لامَ وٽ، دامن ۾، پاسي ۾. ٩. خاص، ذاتي، خود پاڻ، پنهنجي سر. ١٠. (سک سلامتيءَ يا خوش خير عافيت جا) پيغام. ١١. اي هوت، اي محبوب، اي پيارا. ١٢. توڙج. ١٣. قبوليت، اقرار، دعوا. ١۴. تو ٻَڌي، توکئي. ١٥. وچن، انجام. ١٦. پياري، سچي طلب رکندڙ عورت. ١٧. تڙ تي، پتڻ تي، درياھ، سمنڊ، واھ وغيره جي ڪناري تي جنهن جاءِ يا هنڌ تان پاڻي ڀرجي، ماڻهو هڪ طرف کان ٻي طرف وڃن يا ٻيڙيون يا جهاز بيهارجن ان جاءِ ياهنڌ کي تڙ يا پتڻ چئبو آهي). ١٨. اچي، موٽي، ١٩. بيٺي، ٢٠. تڙ تي، ٢١. انتظار ڪري.

مَان نَہ ڏِينِهُون[1] ڪَا، سُوَاڏَائِي[2] سَڄَڻين[3].

(۱۴)

تِرَ[4] تَارَا[5] وَڻَ وَارَ، مِينهَن[6] ڦُڙَا وَارِيءَ ڪَڻَا،
تِهَائين اَڳَرا[7]، مُون مِ عَيبَ[8] اَپَارَ[9]،
پَائي آيس پَاندَ[10] مِ، بَدِيُون بي شمَارَ،
بَخشِين[11] بَخشَڻهَارَ[12]، لِطفَ[13] سَاڻُ لَطيفُ چئي.

## وائي-۱

هي بَہ ڳَالهَڙِيُون، آئُون اوربَندي[14] پِرِينءَ سين،
گوشي[15] پِرِين نَہ ڳَڌِيَا، ڪَرَ[16] سين مُون نَہ ڪِيُون،
ڳَالهِيُون پِريمَ تُنهِنجُون، وَڏي وَڻَ[17] ٽِيُون.

## وائي-۲

وَهِلي[18] وَاڻءِ[19] مَر وِهَامِي[20]، رَهُہ[21] رَاتِ[22] رَائِينديس[23] سِپرِين،
شَمعَ ٽِينديس شَبَ مِ، اَنَ خُوشيءَ ڪَانَ ڪَامِي[24]،
بَابُوڻَ[25] سَنديءَ بَاهِہ جِيئَن، ٻَرَانَ[26] شَالَ اُجَهامِي[27]،
پِرِتِ[28] جَا پِيتَمِ[29] جي، ڪِينَ پِرُوڙي[30] عَامِي[31]،

---

۱. ڏينهہ، مونکي ڏين. ۲. خوشخبري، سٺي خبر. ۳. سڄڻن جي يا پرين جي (اچڻ جي). ۴. هڪ مشهور قسم جي تيلي ٻج جا داڻا، جيڪي ايترا تہ سنهڙا ۽ ننڍڙا آهن جو ڪنهن بہ ننڍي ڍڳ ۾ انهن جو شمار يا ڳڻپ ڪرڻ مشڪل آهي. ۵. (چند ڪان سواءِ) چمڪندڙ آسماني جسم جيڪي عموماً آسمان ۾ رات جي وقت ڏسڻ ۶. اينڊا آهن ۽ وڻ وار = وڻ جي ٽڙ، ڏارن، ٽارين ۽ پنن ۾ سنهيون سنهيون رڳون (جن جي وسيلي وڻ زمين ۽ هو امان ڪاڏو حاصل ڪندو آهي). ۷. وڌيڪ، زياده. ۸. اوڻايون، برايون، گناهہ، بديون. ۹. بي حد، بي شمار، جن جو شمار يا ڳڻپ نہ ڪري سگهجي. ۱۰. پلاند ۾، پلئہ ۾، جهوليءَ ۾. ۱۱. معاف ڪرين. ۱۲. اي بخشڻهار، اي بخش يا معاف ڪندڙ، اي خسا. ۱۳. ڪرم، ٻاجهہ، مهربانيءَ. ۱۴. بيان ڪندي، اظهار ڪندي. ۱۵. گوشي ۾، اڪيلائيءَ ۾. ۱۶. دشمن، نامحرم، رقيب. ۱۷. وڏا درخت (وڏي وڻ ٽيون= زور ولي ويون، تڪليف ڏيڻ لڳيون). ۱۸. تڪڙي، جلد. ۱۹. وڄ. ۲۰. گذري، پوري ٿي. ۲۱. ترس، جتاءُ ڪر. ۲۲. اي رات. ۲۳. ريجهائيندس، پرچائيندس، راضي ڪنديس. ۲۴. ٻري، جلي، سڙي. ۲۵ . ڪهمندڙ ڦرندڙ سيلاني فقيرن يا جوڳين (جيڪي پنهنجي آستان تي دونهيون دکائي ويٺا هوندا آهن.). ۲۶. (وري) دکان، ٻڙڪان. ۲۷. وسامي، گل ٿي (وسامندي ۽ ٻرندي رهان). ۲۸. پريت، محبت. ۲۹. پرين، محبوب. ۳۰. سمجهي، ڄاڻي. ۳۱. عام يا رواجي ماڻهو.

مُـــــون ڪــي مُــ[1]ــون پِــريَـــنِ جـــــو، دَردُ آهِـــ دَوَامِــ[2]ــي،

هــيــ[3]ـڪَــانـدِي ٿِـيـنـدِيَـسِ هـوُ[4]ت سـين، آذيءَ رَاتِ اُذَامِـي،

آهِـيَــان يَـارُ سَـ[5]ـيـڌَ جـــو، ڪَـانَـہ رَهِـ[6]ـي ڪَـا خَــامِــ[7]ـي،

هُـو جـــو لَــ[8]ـنءُ لـطِـ[9]ـيـف جـــو، مُـــون ڪــي آهِـہ مُـــدَامِـــي،

روشَــ[10]ـنْ ٿِــئَـــا رُجِــ[11]ـنِ ۾، جـي هُــئَـــا هِـــن لَــ[12]ـيِ جـي لاَمِــ[13]ـي،

ڪَـارِ[14]ـي سَـــا قِـ[15]ـيَـــامَ سِـ[16]ـيـئَـن، هـوتُ جَـنـهِـين جــو حَــامِــ[17]ـي،

آيَـمِ[18] تَـنـهِـن لـو[19]ڪَ سـين، جـي سَـ[20]ـيـمَـا چَـوَنِ سَــاهِــمِــ[21]ـي.

Gul Hayat Institute

١. منهنجي، ٢. دائمي، مدامي، سدائين، ٣. گڏ، واصل، ۴. محبتي، محبت يا پيار ڪندڙ، ۵. سردار، حضرت محمد مصطفيٰ صلعم، ٦. بچي، باقي ٿي، ٧. گهٽتائي، اوڻائي، نقص، عيب، ٨. محبت، پيار، عشق، ٩. محبوب، دوست، سڄڻ، ١٠. پڌرَ، ظاهر، آشڪار، مشهور، ١١. برپٽن، بيابانن، رڻن، ١٢. مزي، لذت، لطف، رس، ١٣. ويجها، واسطو رکندڙ، ١۴. سخت، مضبوط، طاقتور، زور پري، ١۵. قيامت، روز محشر، حساب ڪتاب جي ڏينهن، ١٦. تائين، ١٧. مددگار، حمايت ڪندڙ، ١٨. مونکي آيو (گهارڻ)، منهنجو واسطو ٿيو، منهنجو پلؤَ اڙيو يا پالو پيو، ١٩. عام ماڻهن، خلق، ٢٠. سيما ڪي، پيشانيءِ ڪي، ٢١. تارازي، ترازو.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيمِ

# سُر کنڀات

## داستان پهريون

۱

رَاتِ سَهَائِيءَ[1] پُون[2] سَنئِين[3]، پَائِي[4] گُهَرجي[5] پَلُ[6]،
آهُرَ[7] جيُون ايلاچيُون[8]، چَندَنُ[9] چَرئُو[10] چَلُ[11]،
مُون[12] توهِيِ[13] سين گالهڙِيِ[14]، ٻي کَنهِين مَ سَلُ[15]،
هَاهُرَ[16] کَندو هَلُ، تَه کجَايُون[17] کَرَنِ[18] کِي.

۲

رَاتِ سَهَائِي پُون سَنئِين، پِرت[19] نَئِين[20] پَنڌُ[21] پُور[22]،
مَيَا[23] مَحبُوبَن جي، هَلِي وَانءُ حُضُور[24]،
جي چُٽکَن[25] چِتَ[26] مِ، سي کَيئَن سَجَڻ ڏُور[27]،
اَللهَ لَگِ[28] اَسُور[29]، اَتَائِين[30] تي آءُ تُون.

Gul Hayat Institute

۳

رَاتِ سَهَائِي پُون سَنئِين، پِرت نَئِين پَنڌُ[31] پَسُ،

---

۱. چانڊوڪي، ۲. زمين، ميدان، پٽ، معشوق ڏي ويندڙ واٽ، ۳. سڌي، هموار، ٻنان ڪڏن ڪوٻن جي يا ورن وڪڙن جي، ۴. اي پائي، اي پاءِ (اٺ)، ۵. ڪپي، ٦. تيز رفتاري، ۷. چوپائي مال کي ڪاڏي يا چاري ڪارائڻ لاءِ ٺڪر جي ڪونڊي يا ڪو نار، ڪاڏي، چاري، ۸. ننڍا ڦوٽا، ۹. هڪ قسم جو وڻ جنهن جون ڪاٺيون خوشبودار ٿين، صندل، ۱۰. ڪايو، ۱۱. هَل، پنڌ ڪر، ۱۲. منهنجي، ۱۳. صرف تو، فقط، تو، ۱۴. راز جي ڳالهه، ۱۵. ٻَڌاءِ، سڻاءِ، ۱٦. (اٺ جي) هونگر، هونگار، آواز، ۱۷. چيڙايون، خار ڏياريون، ۱۸. دشمن، بدخواهن، رقيبن، ۱۹. محبت، عشق، ۲۰. تازي، ٿوري وقت جي پيدا ٿيل، ۲۱. مفاصلو، ۲۲. گهٽو، ۲۳. اي ميا، اي اٺ، ۲۴. حضور ۾، خدمت ۾، درٻار يا ڪچهريءَ ۾، ۲۵. هُرن، ياد پون، ۲٦. دل، من، ۲۷. پري، دور، ۲۸. واسطي، ڪارڻ، ۲۹. اسور ٿائين، اسر جي وقت، فجر يا پرهه ڦٽيءَ جي مهل ٿائين، ۳۰. اُتان يا ان جاءِ تان يعني محبوبن جي حضور مان، ۳۱. پنڌ پس = پنڌ يعني مفاصلي جو خيال يا اونو ڪج.

مَيا مَحبُوبَنِ ڏي، وَڃڻ ڪِجي وَسُ[1]،
راتِين[2] هَلي رَسُ[3]، ڪَرنِ خَبَرَ نَہ ٿِئي.

## ۴

رَاتِ سَهائِي پُون سَنئِين، پَٽَنِ[4] وَڏُو[5] پَنڌُ،
هَلندي حَبيبَنِ ڏي، ڪَرهَا موڙِ مَ ڪَنڌُ[6]،
ٻَنڌڻُ[7] سُوئِي[8] ٻَنڌُ، جو پَهچائِي[9] پِرينءَ ڪي.

## ۵

ڪَرهَا ڪُرُ[10] سُڄاڻُ[11]، پِئِيءَ[12] ڪُلَ[13] ءِ پاڻهنجو،
اَصلِ[14] آهي آهِنجو[15]، نالَيرو[16] نڌانُ[17]،
ڪَرهَا اَسان سَاڻُ، چَانگا ڪِجِ چڱايُون[18].

## ٦

مَيا مَنجِ[19] مِنَتَ[20]، اَڄُ مُنهِنجي ڪَرهَا،
جهاڳِيندي[21] جَرَ پِٽيُون[22]، مَتَان ڪَرِين ڪَٽَ[23]،
سُپيرِيَانِ جي سَٽَ[24]، مُون ڪِي نِيئِي[25] مِيڙِين[26].

---

١. سعيو، ڪوشش، حيلو. ٢. راتو رات، راتو واهہ، رات، وچ ۾. ٣. پهچ. ۴. پٽن جو، ميدانن جو. ۵. گهڻو، ڊگهو. ٦. ڳاٽ، ڳچي، منهن (موڙمَ ڪنڌ = نہ نٽاءِ، نہ لهراءِ). ٧. سندرو، حيلو وسيلو، بلو، بندوبست. ٨. اهڙو ڪارگر. ٩. رسائي. ١٠. ٻڻ، بنياد، نسل، آکهہ. ١١. اوڪ، ڏِسَ، پرکَ، سمجهہ. ١٢. ابي، ڏاڏي. ١٣. جو. ١۴. اصل ڪان، آد ڪان، شروع ڪان. ١۵. اوهان جو. ١٦. نالي وارو، مشهور. ١٧. خاندان، ذات، نسل. ١٨. ڀلايون، مهربانيون. ١٩. قبول ڪر، اگهاءِ، منظور ڪر. ٢٠. عرض، وينتي. ٢١. لنگهندي، پار ڪندي، گذرندي. ٢٢. جر پٽيون = جر ۽ ٿر، بحر ۽ بَر، پاڻيءَ جا وهڪرا (ڍنڍون ڍورا) ۽ خشڪ ميدان يا پوٺا. ٢٣. ڪڙ ڳوت، سوچ ويچار. ٢۴. ست سان، سات سان، جماعت سان. ٢۵. ڪٺي. ٢٦. ملائين، گڏين.

قَطِيفِيءَ[1] جِي ڪَرَها، هَيڊِي[2] پَائِيئِين[3] حَالَ[4]،
چَندنُ چَارِيئِين جَالَ[5]، جِي[6] مُون[7] رَاتِ[8] رِسَاٽِيِين[9].

١١

ڳَلِ ڳَانَا يَاقُوتَ جَا، مُوتِيَنِ[10] ڳُتِيَسِ[11] مَهَارَ[12]،
چَانگَا چَندنُ چَارِيئِن، اَنَئِي[13] پَهرَ اَپَارَ[14]،
سَندِيءَ[15] پِيءَ[16] پَچَارَ[17]، جِي مُون رَاتِ رِسَاٽِيِين.

١٢

مَيَا تو مَهَارَ، سَڄِي پَايَان سُونَ جِي،
چَارِيئِين چَندنَ چُوٽِيُون[18]، نَائِي[19] مِينڌِيءَ[20] ڏَارَ[21]،
سَندِيءَ پِيءَ پَچَارَ، جِي مُون رَاتِ رِسَاٽِيِين.

١٣

سِينِي[22] سَنگهَرَ[23] سُونَ جِي، ڳِچِيءَ[24] رُوپِي[25] ڳَٽُ[26]،
ڏَاوڻَ[27] ڏَانِيُو[28] نَ رَهِي[29] وِهي نَ وِڳَنِ وَٽُ[30]،
اِهڙو لِٻڙو[31] لَٽُ[32]، جو ڪُجهوئِان[33] ڪَکَ چَرِي[34].

Gul Hayat Institute

١. هڪ عمدي قسم جي ڪپڙي، بخمل يا اطلس جي ڪپڙي، ٢. جُهل، بالا پوش، غاشو، پرت پريل، رنگين ڪپڙي جي ٽوڪرين مان ٺهيل پوش، ٣. توکي پايان، توٽي وجهان، ۴. هڪدم، ٺهه پهه، هاڻي جو هاڻ، ۵. جام، تمام گهڻو، ٦. جيڪڏهن، ٧. مون کي، ٨. راتو واهه، رات ۾ ئي، ٩. رسائين يا پهچائين (محبوب وٽ)، ١٠. موتين سان، ١١. ان جي ڳتيل يعني مڙهيل يا جڙيل آهي، ١٢. اٺ کي ڪي هلائڻ لاءِ، ان جي ناڪيليءَ (نڪ) ۾ ٻڌڻ لاءِ رسو يا نوڙي، ١٣. اٺئي پهر = ڏينهن رات، هر وقت، ١۴. بي حد، تمام گهڻو، ١۵. جيءَ، ١٦. محبوب، سڄڻ، ١٧. پچار ۾ (ڪچهريءَ يا رهاڻ ۾ جتي محبوب جي پچار يا ذڪر ٿيندو هجي)، ١٨. گونچ، مڪڙيون، ڪچا ڪچا گل، ١٩. نمائي، هيٺ ڪري، ٢٠. ميينديءَ جا، حِنا جا (ميندي هڪ قسم جو ٻوٽو آهي جنهن جا پن سڪائي، پيهي ۽ پاڻي ۾ پسائي هٿن پيرن يا اڇن وارن کي هٿيا آهن تہ هٿ پير يا وار ڳاڙها ٿيندا آهن، ٢١. ٽارَ، ٽاريون، ٢٢. سيني تي، ڇاتي تي،٢٣. زنجير، ٢۴. ڳچيءَ ۾، ٢۵. رپي جي، چانديءَ جي، ٢٦. ڳاني، طوق، هارَ، ٢٧. ڏاوڻ سان، (جانورن کي پچڻ کان روڪڻ لاءِ اڳين ٽنگن ۾ ٻڌل)، رسي يا نوڙيءَ سان، ٢٨. ٻڌل، ٻڌو، ٢٩. روڪجي، جهلجي، ٣٠. (انن جي) ولرن، ڌڻن، گلن، ٣١. اٺ، ٣٢. مٽي يا زمين ۾ پوري ڇڏ يعني ڇڏي ڏي، ٣٣. (ڪ = خراب + جو ڪٿان = جوين يعني جاين مان) خراب جاين مان، ٣۴. ڪک پن، گاهه.

## ١٤

دُدَسٽِي[1] ڏُپيرَ[2]، سِيني سَنگهَرَ رُڪَ جي،
مَاءُ مُنهنجي ڪَرَهي، تازِي[3] ڦُلَنِ[4] هيرَ[5]،
تِنهِن کي ڪامَڻِ[6] ڪَندي ڪيرَ، جو مُونهِين[7] وَٽَ[8] مَسَ رَهي[9].

## ١٥

ڪَنهِن پِنِيُولِيٖن[10] ڪَرَها، ڪَنِي[11] ڪامَڻِ ڪِيا[12]،
اِڪِيُنِ[13] مَٿي[14] اِڪِيا[15]، پِڙَ[16] ۾ پيرَ گَناءِ[17]،
[18]وَڳَ ڪِ[19] وِسَرِياءِ[20]، بَدو جِيئَنِ[21] گهاٽِي[22] وَهِين.

## ١٦

نَ ڪَنهِن پِنِيُولِئو ڪَرَهو، نَ ڪَنهِن ڪامَڻِ ڪِئاسِ[23]،
اِڪِيُنِ مَٿي اِڪِيا، پِڙَ ۾ پيرَ گَناسِ،
وَڳَ نَ وِسَرِياسِ[24]، ڪَرَهي لِڌو[25] لُوڙِئو[26].

## ١٧

وِئاسي وَڳَ وَهِي[27]، ڪَرَهي قُربُ جَنِ سين،
اُنِهان پوءِ رَهي، چانگي چُنُو[28] ڪِينَ ڪي.

Gul Hayat Institute

---

١. ٺلهي، مضبوط. ٢. جانورن خاص طرح اٺن کي اڳين ٻن پيرن ۾ ٻڌڻ لاءِ رسو يا نوڙي. ٣. ٿورو وقت يا عرصو اڳ پيدا ٿيل يا ايريل. ۴. ڦلن جي يا گلن جي، (ڪاٺڻ جي)، ۵. عادت، ٦. جادو، منڊ، دوهه، فريب. ٧. مون ٿي، ٨. مشڪل سان، ٩. ترسي، ٽڪي، ١٠. توکي پنيلايو، توکي برغلايو، توکي گمراهه يا بتال ڪئو، ١١. ڪنهن (جمع جو صيغو)، ١٢. توکي ڪٿا، ١٣. اکين جي، ١۴. مٿان، ١۵. ڏڪي يا اٺ کي نار يا هرلي يا گهاٽي ۾ وهائڻ وقت اکين تي ٻڌل ڪپڙي جا پوش، ڪوپا، انڌاريون، ١٦. نار، چيچڙي يا گهاٽي جي چوڌاري گولائين ايراضي (جنهن ۾ افٽ يا ڏڪو وهڻ وقت ڦرندو آهي)، ١٧. تو گسايا يا رڳڙيا آهن، ١٨. (اٺن جا) ولريا ڌڻ، ١٩. ڪيئن، کهڙيءَ ريت، ٢٠. توکي وسريا يا دل تان لهي ويا آهن، ٢١. جنهن صورت ۾، ٢٢. گهاٽي ۾، چيچڙي ۾، ڪولهوءَ ۾، تيل پيڙڻ جي مشين ۾، ٢٣. ان کي ڪٿا، ٢۴. ان کي وسريا، ٢۵. لڪئو، نصيب، قسمت، ٢٦. يوڳئو، پارٿو، پورو ڪئو، ٢٧. نڪري، هلي، ٢٨. (چارو يا گاهه) کاڌو.

جَنهِن مَيي تي مَنَ ڪَنيَا، سو رِڙهَڻَ[١] ڪان رَهيو[٢]،
ليڙي ڪي لَطِيفَ چَئي، اَڳَڻُ[٣] اوکو[۴] ٿئو،
جيڏانهَن وَڃُ[۵] وِئو، تَوءِ[٦] تَرسي[٧] اوڏهِين.

## ٢٣

آئون اُڪنديائي[٨] نِمَران[٩]، پِرِين[١٠] پَلاَ[١١] پَر ڏُور[١٢]،
بَابَلُ[١٣] ڏي نَہ پُورُ[١۴]، پَندَ نَہ جوڳي[١۵] پيڙي[١٦].

## ٢۴

ڪَرهو نَہ ڪَيڪانُ[١٧]، پيرين[١٨] آئون نَہ پُڄَڻي[١٩]،
جو مُون رات رَسائي[٢٠] پرينءَ کي، نيئي ساڄَن سانُ،
مُون[٢١] نَہ وَهِيٽو[٢٢] پاڻُ[٢٣]، وِبَني نِيڻَ[٢۴] نچويان.

## ٢۵

ڪَرهي ڪي ڪَئين، جان وِڌَمِ پيند[٢۵] پَلَڻَ[٢٦] جا،
ليڙو لاٿيءَ[٢٧] ڪي چَري[٢٨]، نير[٢٩] سانُ نَئي[٣٠]،
چانگي سَندي چِتَ ۾، ڪا صاحِبَ[٣١] وَجُهه سَنئين[٣٢]،
اوباهيوس[٣٣] آهِين[٣۴]، لُطف سانُ لَطِيف چَئي.

---

١. سِرَڻَ، آهستي هلڻ يا پنڌ ڪرڻ. ٢. عاجز يا بي وس ٿئو. ٣. (گهر جو) صحن يا پڌر. ۴. ڏکيو يا مشڪل (پنڌ ڪرڻ يا هلڻ ۾). ۵. (انڻ جو) ولر، ڌڻ، گلو. ٦. تہ بہ، تنهن هوندي بہ. ٧. واجهائي، نهاري، (انتظار ۾). ٨. سڪايل ٿي، سڪندڙ ٿي، پيار ڪندڙ ٿي، ٩. ان لاءِ مران، ان لاءِ سڪان (اڪنديائي نمران = انهن جي اڪنڊ يعني سڪ يا پيار لاءِ مران) ١٠. محبوبَ، سڄڻ، ١١. پلارا، چڱا، نيڪ. ١٢. دور، پري، ١٣. بابو، ٻاٻو، چاچو، پيءُ جو ڀاءُ، ١۴. (جوان) اٺ، ١۵. لائق، ١٦. عاجز، بيمار، پيڙا ۾ ورتل، ١٧. گهوڙو، ١٨. پيرن سان يا پير پيادي (پنڌ ڪري)، ١٩. پڄڻ جي لائق، پهچڻ يا رسڻ جي لائق، ٢٠. رسائي، پڄائي، ٢١. منهنجي، ٢٢. وس ۾، اختيار ۾، ٢٣. (منهنجي) جند يا جان، ٢۴. اکيون، (نيڻ نچويان = اکين مان لڙڪ وهايان، رئان)، ٢۵. جانورن کي پڄڻ کان روڪڻ لاءِ اڳين ٽنگن ۾ ٻڌل رَسا يا نوڙيون، ڏاوڻ، ٢٦. روڪڻ، جهلڻ، ٢٧. ڪلراٺي يا شوريدهہ زمين ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ قسم جي ٻوٽي (جيڪو ذائقي ۾ ڪارو آهي)، ٢٨. ڪاٺي، ٢٩. زنجير، سنگهر، ٣٠. نمي، جهڪي، ٣١. اي صاحب، اي مالڪ، اي خدا، ٣٢. چڱائي، ڀلائي، ٣٣. ان کي اوباهٿو يعني سنواريو يا سڌاريو، ٣۴. اوهين.

Gul Hayat Institute

## ٣٠

وهي مَنجهين[1] وَڳَ[2]، ڪَٿُوريءَ[3] ڌارَ[4] چَري،
مَاءِ مُنهِنجي ڪَرَهي، پَڌَرِ[5] پَڳَ[6] نَہ لَڳَ[7]،
جَڳَ[8] سِين جِهو[9] جَڳَ، هِنييَن[10] سين هُتِ[11] چَري.

## ٣١

اُنَ نَہ وَڃي وَڳَ سين، چَري نَہ لاٿُو[12]،
مَيي ڪي مَجازَ[13] جو، ٿُوهي[14] ۾ ٿاٽُو[15]،
پَتاري[16] پاٽُو[17]، مَرَندي[18] سِينءَ[19] نَہ مَتِئو[20].

## ٣٢

اُنَ نَہ وَڃي وَڳ سين، چَريُ نَہ چانگو،
لَڳيس نائُڪَ[21] نَينهَن[22] جي[23]، نِهوڙئو[24] نانگو[25]،
چِڏئو سِر[26] سانگو[27]، رِڙهي رَند[28] پِرينِ جي.

## ٣٣

نَڪي چَري ڪَرهو، نَڪي اوڳاري[29]،
سارِئو[30] سانبيڙَن[31] ڪي، روُو جَر[32] هاري[33]،

---

١. ۾. ٢. (ائن جي) ولر، ڌڻ، ساٿ. ٣. ڪٿوريءَ جهڙا خوشبودار يا سرها، (ڪٿوري هڪ قسم جو خوشبودار مادو آهي جيڪو ٻنان سڳن واري هرڻ جي ڌُن مان ڪڍيو ويندو آهي). ٤. (وٽن جا) ڌاريا ٿلهيون ڌاريون. ٥. ظاهري طرح. ٦. پير. قدم. پيرن جا نشان. ٧. لڳن يا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ٨. دنيا يا جهان (جي ماڻهن). ٩. جهڙو. ١٠. دل، قلب. ١١. محبوب جي ديس يا ملڪ ۾. ١٢. ڪلرائيءَ يا شوريدھ زمين ۾ اپرندڙ هڪ قسم جو ٻوٽو، جيڪو ذائقي ۾ ڪارو ٿيندو آهي. ١٣. (عشق جي) مستيءَ. ١٤. اٺ جي پٺيءَ جي اٺاءَ يعني ٻاهر نڪتل يا اڀريل ماس ۾ گوشت جي گڪ. ١٥. جاءِ. ١٦. آستان. ١٦. سياڳي، سدوري (گهرو جانور لاءِ ڪم ايندڙ پيار جو لفظ). ١٧. ٻانئڻ، هٺ، غرور، مستي (ٻي معنيٰ ٿيندي ٻاڻ، وٿاڻ، هنڌ، جاءِ). ١٨. مرڻ. ١٩. ٽائين. ٢٠. بدلايو، ڇڏيو، ترڪ ڪئو. ٢١. ان کي لڳي. ٢٢. ٻاڻ، تير. ٢٣. عشق. ٢٤. نابود ٿئو، فنا ٿئو، ڪمزور ٿئو. ٢٥. (نا+گو) نہ ڳالهائيندڙ، گگدام، بي زبانو، مانيٽو. ٢٦. سرجو، ساھہ جو، جان جو. ٢٧. پرواھہ، خيال. ٢٨. رند ڏانهن، گس ڏانهن، منزل ڏانهن. ٢٩. ڪاڏل ڪاڏو يعني چارو ڳيت ڏيئي ٻاهر وات ۾ آڻي چٻاڙي (هيءُ عمل حلال چوپائي جانورن جي حالت ۾ ٿيندو آهي). ٣٠. ياد ڪرئو، سنڀالئو. ٣١. گڏ اٿندڙ وهندڙ، ساٿين، رفيقن، دوستن. ٣٢. پاڻي. ٣٣. (اکين مان) وهائي.

Gul Hayat Institute

مَيي وِيچاري، سُورُ سَدائين پَنڌَ[۱] جو.

۳۴

ڪِي[۲] جو ڪيڏا[۳] هِين، چانگو چَڪِي[۴] آيو،
تَاڙِئو[۵] تيڏا هِين، نيٽَ[۶] چِنايو[۷] نِڪري.

۳۵

ڪَرَهو ڪَنگُوءَ[۸] ريٽَ[۹] تي، نيٽَ چِنائي نِتُ[۱۰]،
چانگي رِڪئو چِٽُ[۱۱]، پَرمَلَ[۱۲] جي پَساهَ[۱۳] ڏي.

۳۶

ڪَرَها ڪَنگُوءَ ريٽَ ۾، لَکين سَئين چَرَنِ،
تِئان[۱۴] وِيسَرِينِ[۱۵]، هَٿَ نَہ اَچي هيڪڙو.

۳۷

ڪَاٿا[۱۶] لاٿا[۱۷] ڪَرَها، چانگا هَنڌِ مَ چَرُ،
سُڃي تو سَيِڙُ چَئي، اِڳئان[۱۸] بيڏي بَرُ[۱۹]،
ڏِکيءَ[۲۰] هَلي[۲۱] ڏِرُ[۲۲]، تَہ ڪَرَنِ[۲۳] خَبَرَ نَہ ٿِئي.

Gul Hayat Institute

---

۱. سفر، مسافريءَ، منزل، ۲. ڪجهہ، ۳. ڪنهن هنڌ يا جاءِ تان، ۴. ڪائي، ۵. واجهايو (بي معني ٿيندي سٽ يا ڇڪ ڏيو)، ٦. ٺنگن ۾ ٻڌل رسا يا نوڙيون، ڏاوڻ، پئند، ۷. توڙايو، ۸. ڪنگوءَ جي (ڪنگو، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات جي ڪناري تي هڪ بيٽ آهي)، ۹. ڪنڌيءَ، ڪناري، ۱۰. هر هر، گهڙيءَ گهڙيءَ، ۱۱. ڌيان، رغبت، لاڙو، (رڪئو چت = لاڙو ڪئو)، ۱۲. هڪ قسم جي خوشبودار ول يا ٻوٽي، ۱۲. پساءَ، سواد، ذائقي، ۱۴. تتان، تنهن هنڌان، تنهن هنڌ يا جاءِ تان، تن منجهان، ۱۵. ويسرين ڪي، غافل يعني سست عورتن ڪي، ۱٦. سڙيل، سڪل ڪارا، ڪسارا، ۱۷. ڪلرائي يعني شوريدهہ زمين ايرنڊڙ هڪ قسم جا ٻوٽا جيڪي ذائقي ۾ ڪارا ٿيندا آهن، ۱۸. سڃو، ويران، ۱۹. رڻ پٽ، بيابان، ۲۰. ڏکيءَ جي مهل، فجر يعني پرڀات جي مهل، ۲۱. وڃي، پنڌ ڪري، ۲۲. پهچ، رَسَ، ۲۳. ڪرن ڪي، دشمنن ڪي، رقيبن ڪي، حاسدن ڪي.

٤٢

مِنيُون[١] لَهِي[٢] مُهانَ[٣]، جي تو چانگا چِنيُون[٤]،
وَلَڙِيُون[٥] وِهہ[٦] ساءِ[٧]، اَجَا[٨] پوءِ مُهَندِيُون[٩].

٤٣

پَسي ڳاڙها گُلڙا، کَرَها ڪيمَ تَرَسُ،
سي تان هَلي پَسُ، جي اِنَ وَلِ[١٠] وِهاتِئَا[١١].

٤٤

چانگي[١٢] چَئي[١٣] چُڪِياسِ[١٤]، مَتان اَڪَ[١٥] نہ اُلَهي[١٦]،
جَنهِن وَلِ گَهَٽا وِهاتِئا، اُنَ سين آرِ[١٧] لَڳِياس،
چَوذاري چَندَن وَڻ، پَچِي[١٨] پوچ پِياس،
رُئاڙي رَتُ ڪِياس[١٩]، اِنَ ڪُذا[٢٠] توري ڪَرَهي.

٤٥

ڪُذا تُورا ڪَرَها، چَذِ لاٽِيءَ[٢١] جي لَغارَ[٢٢]،
سَعِيو ڪَري سَيدُ چَئي، ڪائِج ڪَنَٽهارَ[٢٣]،
سُرَهائِيءَ[٢٤] جي سارَ[٢٥]، مَن پِرين ڪنهُون[٢٦] پانهِنجو[٢٧].

Gul Hayat Institute

١. مٺاس يعني مِٺاڻ واريون (وليون)، رسيليون يا لذيذ (وليون). ٢. ڳولي، هٿ ڪري، ٣. منهن ڪان، وات ڪان، وات يا منهن جي ذريعي، ۴. ڪاڏيون، ۵. وليون، پٽ يعني زمين تي پکڙنديڙ ٻوٽا، ٦. وهہ جي، زهر جي، ٧. ساءَ واريون، سواد يعني ذائقي واريون (وهہ ساءِ = ڪڙيون)، ٨. هيٺئر يا هاڻي (ڪان)، ٩. مصيبت ۾ ڦاسائيندڙيون، نقصان ڪنديون، ١٠. ان ول = ڳاڙهن گلن واريءَ ول، ١١. بيمار يا بي هوش ڪئا، مارئا، ١٢. چانگي ڪي، ١٣. نصيحت ڪري، ١۴. آئون چڪي يعني ٽڪجي پئي آهيان، ١۵. هڪ قسم جي ٻوٽي، جو ذائقي ۾ سخت ڪڙو آهي، ١٦. ٻاسي يا ٻري ٿئي، ١٧. پيار، محبت، ١٨. راس ٿي، سامائجي، پوريءَ طرح، ١٩. مون کي ڪئو، ٢٠. ناصالح، بدبنياد (ڪذا = خراب + توري = تور واري، نسل واري)، ٢١. ڪلرائيءَ زمين ۾ پيدا ٿيندڙ کاري سواد واري ٻوٽي، ٢٢. چشڪو يا دزو (وٺڻ)، ٢٣. گلاب جي وڻ جو هڪ قسم (جنهن جا گل اڇا ٿين)، ٢۴. (ڪنٽهار جي) خوشبوءِ يا سڳند، ٢۵. سبب، ٢٦. اسان کي ڪن، ٢٧. دوست، پيارو.

سَازُ[1] مِڙوئِي سُون جو، مَتِس پَاڪُ پَلاَڻُ،
پِرِين چَڙهَندو پَاڻُ، وَالِي[2] ٿِيندو وَڳَ[3] جو.

٥٤

جِئَان[4] ڪُوڙِ[5] ڪَانِيُون[6]، پَنجين لَکين پَنُ،
تِئَان چَاٽِي[7] چَڳِيُون[8]، مَيي رَتُو[9] مَنُ،
تِنهِن وَلِ[10] سَندو وَڻُ، ڪُومَاٽُو[11] ڪوڙِ لَهي[12].

٥٥

جِئَان ڪوڙِ ڪَانِيُون، پَنجين لَکين پَڪَ[13]،
تِئَان ڏِيئِي تِڪَ[14]، مَيو مَتَارو ٿِئو.

٥٦

جِئَان ڪوڙِ ڪَانِيُون، پَنجين لَکين پَاءُ،
مَيو تِنهِن مَاڳَاءُ، ڏِيهَاڙِي ڏَارَ چَري.

٥٧

لَڪَ[15] لاڪِيٽو کَرَهو[16]، ڪوڙِيُون ڏِيئِي ڳِنُومُ[17]،
اگَڻِ[18] سُونهَن[19] ٿِئومِ، مُلهہ[20] مَهَانگو[21] مَ چِئُو.

---

١. اٺ ڪي پلاڻڻ جو سامان يا ٽيڙ. ٢. مالڪ، ڌڻي. ٣. (اٺن جي) ڌڻ، ولر. ۴. جتان، جتي، جنهن هنڌ يا جاءِ تان، جنهن هنڌ يا جاءِ تي (هتي معنيٰ ٿيندي جنهن ول، ٻوٽي يا وڻ جون). ٥. ڪوڙ جي برابر، ڪوڙين يعني ويهين جي برابر، ڪروڙن جي برابر. ٦. ٽاريون، شاخون. ٧. چني، پٽي. ٨. (پنن، ٽارين يا گلن جا) مَچا، چڳا. ٩. ڳاڙهو ڪئو، (هتي معنيٰ ٿيندي راضي يا خوش ڪئو). ١٠. زمين جي پکڙندڙ ٻوٽي. ١١. سُڪو، مرجهايو. ١٢. برابر آهي. ١٣. ٿورو ذرو. ١۴. ڏيئي تڪ = ڳيت ڏيئي، هيچ ڪري يا تکڙ ڪري وڏا چڪ ڀري. ١٥. لڪ جو، لڪ ۾، چيلهہ يعني ڪمر جو. ١٦. سهڻو، خوبصورت. ١٧. مون ڳڌو، مون ورتو. ١٨. اگڻ جي، گهرجي. ١٩. سينگار، زينت. ٢٠. ملهہ ۾، قيمت ۾. ٢١. آڪرو، وڏي ملهہ وارو.

## ٥٨

لَڪِ[1] لاڪيـنڊُو[2] ڪَرَهـو، ڪـوڙِيـن[3] ڏيـئِـي چـوڙِ[4]،
ايهِيُ[5] سِٽَ[6] سَـيِدُ(رح) چَئي، جيهَيِين[7] تيهَيِين جوڙِ[8]،
تُرتُ رَسَاڻي توڙِ[9]، پَلاڻِئو[10] تَہ پِرِينءَ مِڙِي.

## ٥٩

لَڪِ لاڪيـنڊُو ڪَرَهو، ڪوڙِيُون ڏيئِي ڪَاهـ،
آهُـرَ[11] ۾ ايلاچِيُون[12]، پوجَ[13] مَـيِـي ڪـي[14] پَـاءِ[15]،
ڪَٿَ[16] نَہ ڪَنـدو ڪَاءِ[17]، پَلاڻِئو تَہ پِرِينءَ مِڙِي.

## وائي - ١

آهِنمِ[18] ڳالهَڙِيُون، مَاءُ[19] مُرَادُون[20] پِرِينءَ سين،
جي مَان پيـيُون پِرِينءَ ري، ڪوهِ[21] سي رَاتَڙِيُون،
جي مَان اوريُون[22] پِرِينءَ سين، وَرُ[23] سي رَاتَڙِيُون،
پَسَڻِ ڪَارڻِ پِرِين جيءَ، پَاتِيمِ[24] جهَاتَڙِيُون[25]،
آڏيءَ عَبدُاللطيفُ(رح) چَئي، ڪُهَنِ ڪَاتَڙِيُون.

Gul Hayat Institute

---

١. لڪَ جو، لڪ ۾، چيلهہ يعني ڪمر جو، ٢. سهڻو، خوبصورت، موچارو، ٣. ڪوڙيون، ويهيون، ڪروڙ، تمام گهڻي قيمت، ۴. ڪاهہ، وٺ، ۵. اها، اهڙي، ٦. رٿ، منصوبو، سودو ٧. جيهين تيهين = ڪيئن بہ ڪري، ٨. ٺاهہ، نباهہ، پوري ڪر، ٩. توڙ تائين، منزل تائين، ١٠. پلاڻ (ڪکن ۽ ڍين جو ٺهيل ٻنڊو) ٻڌيءَ تي رکجيس، ١١. ٺڪر جي ڪوناري (جنهن ۾ چوپائي مال کي گاهہ وغيره کارائبو آهي)، چاري، ڪاڏي، ١٢. ننڍا ڦوٽا، ١٣. گهٽيون، جهجهيون، ١۴. لاءِ، واسطي، ١۵. وجهہ، ١٦. سوچ ويچار، ١٧. ڪجهہ بہ، ١٨. منهنجون آهن، ١٩. اي ماءُ، اي امڙ، اي امان، ٢٠. مدعائون، تمنائون، ٢١. ٻن، ڪوهہ ۾، ڪڏ ۾، ٢٢. رهاڻ ڪندي گذاريون، ٢٣. بهتر، ڀليون، ٢۴. مون پاتيون، مون وڌيون، ٢۵. جهاتيون، لياڪا (پاتيم جهاتڙيون = واجهايو، انتظار ڪئو).

## وائي - ٢

سَڌِين[1] سيڻَ[2] نہ هُون[3]، نِينهُن[4] نِياپي[5] نہ ٿِئي،
ڪاريءَ[6] راتِ رَتَ ڦُڙا، جَان[7] جَان نيڻَ[8] نہ رُون[9]،
موتَڻُ جَنِي مِيهڻُو[10]، پِڙَ تي سِيئِي پُون[11]،
جَنِ مُسافِرَ سُپِرِين، سي مَرُ[12] رُوِيو رُون[13].

## وائي - ٣

تُوڙي[14] تَڙِيين[15] تُون، تُو[16] دَرُ[17] تُوءِ[18] نہ جَڏِيان،
مُون ڪي سو مُشاهِدو[19]، جي مُنهن[20] نہ ڏيين[21] مُون،
مُون بِئا دَرَ گهڻا نِهارِئا[22]، آهِين تُونهِين[23] تُون.

## وائي - ۴

آئُون جِيئَندي[24] ڪِيئَن، يا الله مُون[25] مُسافِرَ سُپِرِين،
مُون ڪي جَڏي هَلِئا، هاٿي ڪَرِيان ڪِيئَن.

Gul Hayat Institute

---

١. (خالي يا سکڻين) سڌن سان، تمنائن سان، ٢. سڄڻ، سپرين، دوست، پرين، ٣. ٿين، ملن، ۴. عشق، ۵. نيابي يعني پيغام (موڪلڻ) سان، ٦. اونداهيءَ، سياهہ، ٧. جان جان = جيستائين، ٨. اکيون، ٩. وهائين، نمائين، هارين، ١٠. عيب، طعنو، ١١. قتل ٿين، سر قربان ڪن، ١٢. پلي، ١٣. رويورون = روئندا رهن، ١۴. جيتوڻيڪ، ١۵. ڌڪارين، لوڏين، ڌڪي ڪڍين، ١٦. تنهنجو، ١٧. (گهر جو) دروازو، چائنٺ، ١٨. تہ بہ، تنهن هوندي بہ، ١٩. ديدار، وصل، وصال، ٢٠. جيڪڏهين، ٢١. رخ، مکَ (منهن نہ ڏيين = دوبدو يا سامهون نہ ٿئين، ديدار نہ ڪرائين)، ٢٢. ڳولها ڏٺا، ٢٣. تونهين تون = صرف يا فقط تون، ٢۴. جيئري يا زندهہ رهندي، ٢۵. منهنجا.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر ڪنڀات

## داستان پهريون

١

نَاسِيندي[1] نِگاهه[2]، پِهرين ڪِج پِرينَ ڏي،
اَحوالَ[3] عاجِزن[4] جا، اَکِج[5] لَڳِ[6] اللهَ،
روزُ[7] نِهارِين[8] راهه[9]، اَکِيُون اَوهانجي آسَري[10].

٢

نَاسِيندي نَظَرُ، پِهرين ڪِج پِرينَ ڏي،
قَمَر[11] ڪَهِج قَرِيبَ[12] کي، نِستَ[13] ءِ نِبَرُ،
بِئو پَرُوسو نَہ پَرُ[14]، اَکِيُون اَوهانجي آسَري.

٣

نَاسِيندي نِرت، پِهرين ڪِج پِرينَ ڏي،
قَمَر ڪَهِج قَرِيبَ کي، سَاري[15] سَاڻُ سُرتِ[16]،
بِئو پَرُوسو نَہ پِتِ[17]، اَکِيُون اَوهانجي آسَري.

Gul Hayat Institute

---

١. ناسڻ يا ناسجڻ جي عمل شروع ڪندي (ناسڻ يا ناسجڻ = چنڊ جو اڀرندي طرف کان ٿورو ٿورو ٿي مٿي اڀري اچڻ، چنڊ جو اڀرڻ کان اڳ سهائو يعني سوجهرو ڏيکارڻ)، ٢. نظر، نرت، نهار، ڏسڻ جو عمل، ٣. خبرون چارون، ڳالهيون، پيغام، نياپا، ۴. نماڻن، بي پهچن، هيڻن، ٥. چئج، ڪهج، ٻڌائج، ٦. واسطي، ڪارڻ، ٧. روزانو، ڏهاڙي، هر وقت، ٨. تڪين، ڏسن، ٩. گس، واٽ، ١٠. آسري ۾، انتظار ۾، اوسيئڙي ۾، ١١. اي قمر، اي چنڊ، ١٢. دوست، محبوب، ١٣. بي ستو، ڪمزور، نٻر، نٻل، هيڻو (نست ۽ نٻر = نهتائيءَ سان، عاجزيءَ سان)، ١۴. پَرَ، آڌار، ٽيڪ، پرجهلو، ١٥. ياد ڪري، سنڀالي، تفصيلوار، ١٦. ڏيان، هوش، سمجهه، ١٧. آڌار، پرجهلو.

۴

نَاسِيندي نِهَارَ، پِهرِين ڪِج پِريَنِ ڏي،
آئُون جي ڏِيَئِين سَنِيهَڙَا[1]، چَئِجِ چَندَ اَپارَ[2]،
سَاجَنَ سَپَ جَمَارَ[3]، اَکِيُون اَوَهانجي آسَرِي[4].

۵

آئُون جي ڏِيَئِين سَنِيهَڙَا، چَندَ پَلَئَہ[5] بَڌُ،
چَئِجِ حَالُ[6] حَبِيبَ کي، نيئِي[7] نُوڙَائِي[8] ڪَنڌُ[9]،
تو تيڏاهِين پَنڌُ[10]، جيڏاهَن عَالَمَ[11] آسَرو[12].

٦

چَگَا[13] چَندَ چَئِيجِ، سَنِيهَا کي سَڄَڻين،
اگَڻ[14] مَتَان اُپَرِي[15]، پِريَان جي پَئِيجِ،
جِهيَڻُو[16]، ڳَالَهَائِيجِ[17]، پيرين[18] وِجهِي[19] هَٿَڙَا.

٧

اُپَرُ[20] چَندَ پَسُ پِرِين، تو اوڏَا[21] مُون ڏُورِ[22]،
سَڄَڻَ سَنَا[23] وِلَهہ[24] ۾، چوٽَا[25] پَري[26] ڪپُورَ[27]،

١. سنيها، نياپا، پيغام. ٢. گهڻي کان گهڻا، جهجها، بي شمار. ٣. حياتي، زندگي. ۴. آسري ۾، انتظار ۾، اوسيڙي ۾. ۵. پلئہ ۾، پاند ۾، پلاند ۾. ڪپڙي جي چادر يا گنديءَ جي ڪنار ۾ (پلئہ بڌ = (دل ۾) محفوظ رک يا سانڍ). ٦. احوال، خبر چار، حالت. ٧. ڪٽي، وٺي. ٨. نمائي، جهڪائي. ٩. سر، مٿو، گردن. ١٠. وڃڻ، هلڻ، گس، واٽ. ١١. عالم جو، دنيا جو، ڪائنات جو. ١٢. آڌار، وسيلو، پرجهلو (عالم آسرو، حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن). ١٣. پيارا، سڳورا (چگا چند = اي پيارا چند). ٻي معنيٰ ٿيندي چڱي طرح، سچيتائيءَ سان. ١۴. (گهرجي) صحن، پڌر. ١۵. چمڪي. ١٦. آهستي، نرم. ١٧. ڳالهہ يا گفتگو ڪج. ١٨. (محبوب جي) پيرن تي. ١٩. رکي. ٢٠. مٿي آسمان تي چڙهي اچ. ٢١. ويجها، قريب. ٢٢. پري. ٢٣. سمهي پيا. ٢۴. ڪليل ۽ ٿڌي هوا. ٢۵. (مٿي جا) وار، زلف. ٢٦. پر ڪري، چڪار ڪري. ٢٧. ڪپور سان (ڪپور هڪ خوشبودار وڻ جو رس آهي جنهنکي ڪافور بہ چئبو آهي).

Gul Hayat Institute

٢٠

سَهسين سِجَن[1] اُڀري، چوراسي[2] چَندَن،
ٻِالله[3] ري پِرِين، سَڀَ اونداهي ٻانيان.

٢١

اونداهيءَ اَڌَ رات ۾، پِرين ءَ پَسايو پانُ،
چَندُ ڪَتين[4] سانُ، پيهي[5] وِئو پڙلاءَ[6] ۾.

٢٢

چَندَ ڪي چورائي، جُهڙَ[7] جَهپيئي[8] نہ وَجيين،
اونداهي آهي، اَجِهو[9] عاشِقَن جو.

٢٣

چَندَ ۾ اُڀرُ سَنجهہ[10]، تہ اونداهي اَجهو ڪَريان،
پَري[11] ڪَثُوريءَ[12] هَنجَ[13]، رُتا[14] پِرين پَهايان[15].

٢٤

چَندَ چِٽائي[16] تُنهنجي، سَهائي مُون[17] سُورُ[18]،
لايان[19] لالُ[20] لَگَن[21] کي، چَندَن[22] پَري[23] پُورُ[24]،

Gul Hayat Institute

١. سِجن جو، سورجن جو. ٢. چوراسيءَ جو عدد، تمام گهڻو تعداد. ٣. الله جو قسم. ۴. ڇهن سٺن تارن جي ميڙ واري نکٽ يعني برج، تارن. ۵. گهڙي، داخل ٿي، ڇپي، لڪي. ٦. پردي (اونڌهہ جي). ٧. اي جهڙ، اي ڪڪر. ٨. ڍَڪي، لِڪائي، ڇپائي. ٩. پناهہ، ڍڪ، پردو، بچاءُ. ١٠. سانجهيءَ جي مهل، سج لهڻ جي مهل، رات شروع ٿيڻ مهل. ١١. پر ڪري. ١٢. ڪثوريءَ جا (ڪثوري هڪ خوشبودار مادو آهي جو ٻنان سگن واري هرڻ جي پيٽ ۾ دن مان نڪرندو آهي). ١٣. جهوليون، پريون، هڙون. ١۴. رئل، ڪاوڙيل، ڏمريل، ناراض ٿيل. ١۵. پرچايان. ١٦. اجائي، روشنائي، سهائي، چاندوڪي. ١٧. مون لاءِ، منهنجي واسطي. ١٨. عذاب، مصيبت. ١٩. لڳايان، هڻان، مکيان. ٢٠. ڳاڙهو. ٢١. عضون، بدن. ٢٢. چندن يعني صندل جو (چندن هڪ قسم جو وڻ آهي جنهن جون ڪاٺيون خوشبودار ٿينديون آهن). ٢٣. چڱيءَ طرح. ٢۴. ٻورو چورو (جيڪو ڪاٺ کي چيرڻ سان نڪرندو آهي).

ڪُومَاٽُو[1] ڪَپُورُ[2]، مُ[3]ون وَاجَهائِيندي[4] پِرينءَ ڪَي.

## ٢٥

چَنڊَ چِتائِي تُنهِنجي، تَارَا[5] ٻِ[6]ي ڏُٽي[7]،
ڍائُو[8] ڪُونَہ چُٽِي[9]، جهُوتُون[10] ڏِيندي جَهنگَ ۾،

## ٢٦

چَنڊَ لِڳنئِي[11] مَنڊَ[12]، سَنجهيٽِي[13] تُو شَيخ[14] ٿِئين،
ڪَرِ اُونداهِي اَنڌَ[15]، تَہ مِلاَن مَحبُوبَن ڪي.

## ٢٧

چَنڊَ تُو چُئَنئِين[16] حَقُ[17]، وَڙهين[18] جي[19] وِچڙين[20]،
ٻَہ اَکِيُون تِئُو نَکُ، تُو ۾ نَاهِ پِيشَانِي[21] پِرَ[22] جي.*

## ٢٨

چَنڊَ تُو چُئَنئِين سَچُ، وِڙهين جي وِچڙين،
ڪَڏهين اُيِرين سَنهڙو[23] ڪَڏهين اُيِرين ڳُچ[24]،
مُنهَن ۾ ٻَرِئِي[25] مَچُ[26]، تُو[27] نَاهِ پيشَانِي پِرَ جي.

---

١. مَرجهائجي وئو، سَڪي وئو، مروڙجي وئو، سوس ڪائي وئو، خوشبوءِ ڇڏي وئو. ٢. منهنجي بدن تي لڳل ڪپور يعني ڪافور جي خوشبوءِ يا سرهاڻ. ٣. منهنجي. ۴. تڪيندي، نهاريندي . ۵. اي تارا، اي چنڊ. ٦. ٻنان، سواءِ. ٧. جاءِ (ٻي ڏٽي = ٻي جاءِ، آجَائي). ٨. ڍاول ٿئو، شڪر سير ٿئو. ٩. ڇڳي، ان جا داڻا چونڊي، چوڙو ڪائي. ١٠. گهتون، سٽون. هيڏي هوڏي لامارا ڏيندي (جهوتون ڏيندي = ڳوليندي، نهاريندي) ١١. توکي لڳن. ١٢. جادو، منتر (منڊ لڳڻ = ڪنهن جي منتر لڳڻ سان جڏو ٿيڻ). ١٣. سنجها ٿيندي ئي، سج لهڻ سان، سج لهنديئي. ١۴. شيخ ٿئين = ايرين، نڪري، نروار ٿئين. ١۵. انڌو ڪندڙ، اکين جي روشني بي ڪار ڪندڙ. ١٦. توکي چوان. ١٧. سچ، صحيح ۽ صاف ڳالهہ. ١٨. جهيڙو يا جنگ ڪرين. ١٩. يا. ٢٠. ناراض ٿين، ڪاوڙجين. ٢١. منهن، شڪل، صورت. ٢٢. پرينءَ *تو ۾ پرينءَ جهڙو يا پرينءَ وانگر منهن. اکيون ۽ نڪ ڪونهي يعني پرينءَ جهڙي شڪل صورت ڪانہ اٿيئي. ٢٣. باريڪ. ٢۴. زيادهہ، وڌيڪ، سرس. ٢۵. توکي ٻري. ٢٦. (باهہ جي مچ وانگر) تمام گهڻي روشني. ٢٧. توکي، تو ۾.

جِي[١] مُون ڏُونهن[٢] مَديُون[٣] ٿِين، تہ سَڄَڻ سَڄَايُنِ[۴] ۾.

## وائي - ١

جيڏِيُون[۵] هِيءُ ضَرُورُ[٦]، آيَلِ[٧] ڪِيئَن رَهَندو[٨] پِرِينءَ رِي،
سَگهو[٩] سَاتَ[١٠] نہ جِندڙو[١١]، چَارئي[١٢] پَهرَ چُورُ[١٣]،
مَنَ ۾ مُشتَاقَنِ[١۴] جي، سَاجَنَ[١۵] تُنهنجو سُورُ[١٦]،
پيرين[١٧] آئُون نہ پُڄِنٽي[١٨]، ڏيهُہ[١٩] پِريَان جو ڏُورِ[٢٠]،
وَجي وِيلَ[٢١] سَيَڪَنهن، هينئَڙو پِرِينءَ حُضُورِ[٢٢].

## وائي - ٢

اگَهڻِ آيمِ پيهي، يَا الله! مُون سَارِيندي[٢٣] سُپرِين،
مُشڪَ[٢۴] عطرُ[٢۵] مُون پِرِينَ، سِڪِيس[٢٦] جَمُ[٢٧] سِپوئي،
سَاهُہ[٢٨] جَني جو سيڪڙو[٢٩]، رُوحَ تَني سين رِيهي[٣٠].

---

١. جيڪڏهين. ٢. ڏانهن، ڏي. ٣. خطائون، قصور، ڏوهہ. ۴. پلاين، چڱاين. ۵. اي جيڏيون، اي ساهيڙيون. ٦. ضرر، بيماري. ٧. اي آيل، اي امان، اي امڙ. ٨. جٽاءُ ڪندو، وڏيڪ وقت هلندو. ٩. تندرست، چڱو ڀلو. ١٠. ساعت، پل، گهڙي. ١١. مان، جند، جسم. ١٢. چارئي پهر = سمورو وقت، هميشہ. ١٣. ڀڳل، ٽٽل، ٽڪل، بيمار. ١۴. عاشقن. ١۵. اي ساجن. ١٦. درد، غم. ١٧. پيرن سان (پنڌ ڪري)، پيادي. ١٨. پڄڻ يعني پهچڻ يا رسڻ جهڙي، پڄڻ جي لائق. ١٩. ديس، ملڪ. ٢٠. پري، ڏورانهون. ٢١. مهل، وقت (ويل سيڪنهن = هر هر، وري وري). ٢٢. حضور ۾، دربار ۾، ڪچهريءَ ۾. ٢٣. سنڀاليندي، ياد ڪندي. ٢۴. مشڪ يعني ڪٿوري يا ڪستوريءَ (جهڙو). ٢۵. عطر (جهڙو سرهو). ٢٦. آئون، سڪندي رهيس، آئون ساريندي يا انتظار ڪندي رهيس. ٢٧. زندگي، ڄمار، عمر، حياتي. ٢٨. پساهہ، دل، روح. ٢٩. سڪ رکندڙ، طالبو. ٣٠. ريجهہ، رهاڻ، پيوند، ڳنڍ، ميلاپ.

بِسمِ اللہِ الرحمٰنِ الرحیم

# سُر سُراڳ

## داستان پهريون

۱

مَان نَہ[1] پُڇَنَئِي[2] سُپِرِين[3]، ڇِتَان[4] لَاهِہ[5] مَ ڇُرَ[6]،
اُنهِين[7] جَا اَمُرَ[8]، ڪَڻُ[9] تَہ خَالِي[10] نَہ تِيِين.

۲

مَان نَہ پُڇَنَئِي سُپِرِين، ڇِتَان ڇُرَ مَ لَاهِہ،
پِرِيَن[11] اَڳِئَان[12] پَاءِ[13]، پَلِئُہ[14] مَڱَڻهَارَ[15] جِيئَن.

۳

مَان نَہ پُڇَنَئِي سُپِرِين، ڇِتَان لَاهِجِ[16] ڇُورُ[17]،
قَلبَ مَان ڪَڍُ تُون، مَارِي[18] ڪُوڙو[19] ڪُورُ[20]،
هُن پَرِ[21] سَندو هُورُ[22]، مَتَان تو مَعَافُ تِئِي.

Gul Hayat Institute

۴

مَان نَہ پُڇَنَئِي سُپِرِين، ڇِتَ ۾ ڪَرِيجِ ڇِيتُ[23]،

---

۱. مان نہ = مَنَ، شال، خدا ايئن ڪري، ۲. توکي پڇن، تنهنجي سار سنڀال لهن، تنهنجو حال معلوم ڪن، ۳. پرين، محبوب، دوست، ۴. ڇت مان، دل مان، قلب مان، ۵. وسار، ٦. هر ڪر، اڻ تڻ، يادگيري، ۷. انهن يعني سپرين، ۸. حڪم، فرمان، ۹. مچ، ۱۰. ناڪام، نراس، نااميد (خيرات نہ ملڻ ڪري)، ۱۱. پرين جي، ۱۲. سامهون، روبرو، ۱۳. وجهہ، پڪيڙ، جَهل، ۱۴. جهولي، دامن، پلاند (گنديءَ يا چادر جو)، ۱۵. پينو فقير، منگتي (مگڻهار جيئن پلؤ پاء = پينو فقير وانگر مسلسل يعني بنان ناغي سوال ڪندو رهہ)، ۱٦. ڪيج، ۱۷. لڪ ڇپ ۾ پرائي شيءِ ڪٽندڙ، شيطان، ۱۸. ڪٽي، سٽي، ڏَک هٽي، ۱۹. ڪوڙو، ڪسو، ۲۰. فريب، دغا، ٻيائي، ٻَرا خيال، ۲۱. ڪنڌيءَ يعني ڪناري (هن پر = آئيندي جهان يعني آخرت)، ۲۲. خوف، خطرو، غم، ڳڻتي، اڌڪو، فڪر، ۲۳. ڌيان، خيال، هوش.

سِڙهَه[١] ڏُڌَاري صَافُ[٢] ڪَري، صَابُڻ سَانُ سُفيِتُ[٣]،
سَامُونڊِي[۴] سُچيِتُ[۵]، تِيءُ تَہ پَهچين پَارَ[٦] ڪي.

۵

مَان نَہ پُڇَنَئِي سُپرِين، چيتَاريجِ[٧] چِتُ[٨]،
تَہ دائِمَا[٩] دُوربِيءَ[١٠] ۾، پَسين ولاتُن[١١] وِتُ[١٢]،
نِيَهُہ[١٣] نِڪَاري[١۴] نِتُ[١۵]، مَلاحَ گَڏِ مُعلِمَ[١٦] سين.

٦

مَان نَہ پُڇَنَئِي سُپرِين، چِتَ ۾ چيتَاريجِ،
ڇَڏِجِ ڪَائي[١٧] ڪَچَ ڪي، ڪُوڙُ ۾ ڪَمَائيجِ ●،
وِکَرُ[١٨] وِهَائيجِ[١٩]، سَپِ سَودَاگَرَ[٢٠] سَچَ[٢١] جو.

٧

ڪَچُ ڪَمَايُمِ ڪُوڙُ، پَڳُمِ[٢٢] عَهدَ[٢٣] الله جَا،
پِڃِرو[٢۴] جو پَاپَنِ[٢۵] جو، چوٽِيءَ[٢٦] تَائين چُورُ[٢٧]،
مَعلُومُ[٢٨] اَتيِئي[٢٩] مُور[٣٠] گُوڙهَا[٣١] اَنهِيءَ ڳَالهِ جو.

Gul Hayat Institute

---

١. واحد سڙهه يعني اهو ڪپڙو جيڪو ٻيڙيءَ جي ڪوهي (اڀو ڪري کوڙيل ڪاٺ جي ڊگهي ٿنڀي يا سيخلي) ۾ ويڙهيل هوندو آهي ۽ ٻيڙيءَ کي هلائڻ وقت کولي ڇڏبو آهي. ٢. اڇا، اُجرا، مٿيءَ مَرَ کان پاڪ. ٣. سفيد، صاف (گنج ۾ "سچيت" لکيل آهي). ۴. اي ساموندي يعني سمنڊ سان واسطو رکندڙ، اي ناکئا، اي ملاح، اي ٻيڙي هلائيندڙ. ۵. سُني چيت يا ڌيان وارو، هوشيار، خبردار. ٦. درياءَ يا سمنڊ جي ٻئي پاسي واري ڪناري، ڪنڌيءَ يا طرف (آخرت). ٧. چڪا سج، تپاسج، جانچ. ٨. دل، مَنَ. ٩. سدائين، هميشہ. ١٠. (لفظ دوربينيءَ جي بگڙيل صورت). پري جي يعني ڏورانهين شين جي ڏسڻ جي اوزار. ١١. ولاتن جو، پرانهن يا ڏورانهن ملڪن يا ڏيهن جو. ١٢. خزانو، ڌن، دولت، حڪومت. ١٣. ٻيڙي، ڪشتي. ١۴. ڌوئي صاف ڪري. ١۵. هر هر، هر وقت. ١٦. آزمودگار ملاح، رهبر. ١٧. شيشي، ڪاچ، ڪچَ، مَٽَ، نقلي شيءِ (ڪائي ڪچ = ڪوڙ، ڪوٽَ، دولابَ، فريبَ) ● ڪوڙ يا ڪچ جو ڌنڌو يا پيشو نہ ڪج. ١٨. سودو، وٿ، سامان، جنس. ١٩. خريد ڪج. ٢٠. اي سوداگر، اي سودو واپار ڪندڙ. ٢١. سچائيءَ، ڀلائيءَ، نيڪيءَ، نج يا خالص شيءِ، اصل شيءِ. ٢٢. مون ڀڳا، مون ٽوڙيا. ٢٣. واعدا، انجام. ٢۴. بدن جي هڏن جو ڍانڊو يا ٻوٿو، جسم، بدن. ٢۵. گناهن، خطائن. ٢٦. سر، مٿي. ٢٧. ڀڌل، ڀريل، ٽمٽار، غرق. ٢٨. علم يا ڄاڻ ۾ آيل. ٢٩. توکي آهي. ٣٠. بنياد، اصل، مطلب. ٣١. اي ڳوڙها يعني لڪل يا ناپيد، اي الڪ، اي خدا.

## ١١

اَچِي سو ڏِنوءِ[١]، جو ڪَپَرُ[٢] سُوءِ[٣] ڪَنَنِ سِين،
سُتي لوڪِ لَطِيف[٤] چَئي، يَادِ نَہ ذَرو[٥] ڪئوءِ،
غَافِلُ[٦] تِي غُرَابَ[٧] ڪي، اوڙَاهَہ[٨] تي آندوءِ،
چِتَرُ[٩] چُهنٰي[١٠] ڪَان رَکِين[١١]، جو پِئو پُرَاڻو[١٢] پوءِ[١٣]،
جَهَازُ ضَعِيفَنِ جو، پَاڻِيءَ ۾ پَرتوءِ[١٤]،
سَيِّدَ[١٥] سَاٿُ[١٦] سَندوءِ[١٧]، پَرِ[١٨] بَندَرِ پَهچَائِيِن[١٩].

## ١٢

سِڙَهَہ[٢٠] سَنوَان[٢١] لاَجُو[٢٢] نَوَان[٢٣]، اولاَ[٢٤] جَنِي عَاجَ[٢٥]،
سَاٿِي سَفَرِ هَلِئَا، پَرِي جُنگَ[٢٦] جَهَازَ،
حَاصُلُ[٢٧] ڪَرِين حَاجَ[٢٨]، وَاحِدَ[٢٩] وَڻجَارَنِ[٣٠] جي.

## ١٣

سِڙَهَہ سَنوَان لاَجُو نَوَان، مَتِنِ مُهَاڻَا[٣١] مِيرَ[٣٢]،
سَاٿِي سَفَرِ هَلِئَا، تِئَا سَڌَاوَا[٣٣] سِيرَ[٣٤]،
جي اَچَنِ سَاڻُ اُڪِيرَ، سي بيڙِيُون رَکِين[٣٥] بَاجهہ ۾.

Gul Hayat Institute

---

١. تو (خود اڪين سان) ڏنو. ٢. درياهہ، سمنڊ. ٣. تو سُئو، تو ٻُڌو. ۴. چيتو، هوش، سرت، خيال. ٥. ٿورو. ٦. ويسلو، بي پرواهہ، لاغرض. ٧. گهڻن سڙهن (بادبانن يا قلمين) جي زور تي هلندڙ پاڻيءَ واري جهاز يا ٻيڙي. ٨. اونهي پاڻيءَ يعني سمنڊ يا درياهہ. ٩. ڇيتيون ڇيتيون ٿيل يعني پراڻو غراب يا ٻيڙو. ١٠. طوفان، ڏاڍي واءُ. ١١. بچائين، محفوظ ڪرين. ١٢. جهونو (جهاز). ١٣. پونئي پنتي، (پراڻي هجڻ ڪري تيز نٿو هلي سگهي). ١۴. توکي پرتل آهي، تنهنجي حفاظت يا حوالي ۾ آهي. ١٥. اي سيد ؐ. اي سردار، اي پيغمبر اسلام حضرت محمد مصطفيٰ صلعم جن. ١٦. سوداگريءَ جو سامان، جهاز ۾ چڙهيل ماڻهن جي جماعت يا ٽولي. ١٧. تنهنجو. ١٨. پور بندر تي (پور جو بندر ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جي الهندي طرف عربي سمنڊ جي ڪناري تي واقع آهي). ١٩. رَسائين. ٢٠. ڪوهن (ٻيڙين ۾ اهو ڪتلَ ڪاٺ جي ڏکهن ٿنين يا سيخلن) ۾ ويڙهيل ڪپڙا، بادبان، قلميون. ٢١. سڌا، ڪليل. ٢٢. ٻيڙين جا رسا يا نوڙ. ٢٣. ڪورا يا اُڃت يعني جيڪي اڃ استعمال نہ ٿيا هجن. ٢۴. ڪاٺ جا ڏکها لڪڙا (جن سان ٻيڙين جي پاسن کان پاڻي پري ڏڪبو آهي تہ ٻيڙيون هلنديون آهن) ونجهہ، چپا. ٢٥. عاج جا (ها ٿيءَ جي ڏندن واري هڏي کي عاج چئبو آهي). ٢٦. وڏا. ٢٧. فائديمند، نفعي ڏيندڙ. ٢٨. (سفر تي وڃڻ وارو) ڪم، عمل. ٢٩. اي واحد، اي خدا. ٣٠. سوداگرن، واپارين. ٣١. ملاح، ناکئا، ٻيڙي هلائيندڙ. ٣٢. امير، سردار. ٣٣. سلامت، خير عافيت سان، سولا. ٣۴. سير تي، درياهہ جي وچ واري پاڻيءَ جي وهڪري تي. ٣٥. رکين ٻاجهہ ۾ = مهربانيءَ سان سلامت رکين.

### (١٤)

سِـــڙَهَـــ سَـنـوَان لاَجُـــو نَـوان، مَـــتَـــنِ مُـــهَـــاڻَـــا مَـــلَ[١]،
جـي اَچَـن آبَ اُجَـلَ[٢]، سـي بـيــڙِيُـون رَکـينِ ٻَـاجَـهـــ[٣] ۾.

### ١٥

مَ کـــي هـــيـــڄِ[٤] مَ هـــُوجُ[٥]، تَــرُسُ[٦] مَ تَـــاڻِ[٧] جِـــهَـــاڙَ،
چـــُؤُ[٨] کَـلِمـــُون[٩] مـــحـــمّـــد تـي، تــہ اَگِـيَــان[١٠] اَچـي اوجَ[١١]،
تَــہ سَـهـکِـيءِ[١٢] پَـتَ[١٣] سَـبـوجَـهـہ[١٤]، تُـنـهِـنـجـي مَـکـيَ[١٥] ڏُکـيَ[١٦] مَـکُـڙِي[١٧].

### وائي - ١

کـوڙين ٻَـالَ[١٨] کَـرِيمَ[١٩] جَـا، کَـرِ سَـهـسـيـن[٢٠] شُـکـرَانَـا[٢١]،
فَـاذکُـرُونـي اَذکُـرکُـم*، کَـهـي[٢٢] قُـرآنَـا[٢٣]،
وَاشـکُـرُو الـي وَلاَ تَـکـفُـرُونِ●، کَـدِ تُـون کُـفـرَانَـا[٢٤]،
حَـمـدُ[٢٥] چَـؤُ حَـکِـيـمَ[٢٦] کـي، جَـورُ هَـٽـي[٢٧] جَـانـئَـا[٢٨]،
تَـہ تُـسـي[٢٩] تـو سـين تـوهَـہ[٣٠] کَـري، آگـو[٣١] احـسَـانَـا[٣٢]،
جَـفَـا[٣٣] ڏِيـئِـي جَـانِ کـي، تِـيءَ فِـکِـرَ مَـنجِـهـہ فَـنَـا،
تَـہ تـو ڏيـکَـاري تـو ڏَٽـي، بَـاطِـنَ[٣٤] جَـا بَـانَـا[٣٥]،

Gul Hayat Institute

---

١. بهادر، پهلوان. ٢. اجل ۾، ليٽ ۾، وهکري ۾. ٣. رکين ٻاجهہ ۾ = مهربانيءَ سان سلامت رکين. ۴. هن طرف، هيڏانهن. ۵. هن طرف، هوڏانهن (هيج هوج = هيڏي هوڏي خيال ڪرڻي پاسي حرص ڪر). ٦. ويهي رهہ، دير ڪر، انتظار ڪر. ٧. ڇڪ، هلاءِ. ٨. پڙهہ. ٩. لا الہ الا الله محمدً رَسُولَ الله" جو جملو. ١٠. مهندان، مهند، قيامت ۾. ١١. واڌ، ترقي، مدد، ٽيڪ. ١٢. سوليءَ، آسان. ١٣. ريت، نموني. ١۴. اي سبوجهہ، اي چڱيءَ ٻوجهہ وارا، اي سياڻا. ١۵. مکي جي طرف، مکي ڏانهن (مکو عربستان جو مشهور شهر آهي جتي پيغمبر اسلام جن ڄاوا هئا ۽ جتي خدا جو گهر ڪعبة الله شريف واقع آهي). ١٦. وَجي، ڏکجي. ١٧. ٻيڙي، ڪشتي. ١٨. ڀلايون، مهربانيون، احسان. ١٩. ڪرم ڪندڙ، خدا. ٢٠. سون جي تعداد ۾. ٢١. شڪرانا ڪر = احسان يا ٿورا مڃ. *پوءِ توهان، مون (خدا) کي ياد ڪريو تہ آئون اوهان کي ياد ڪريان (قرآن شريف جي سورت بقر جي آيت ١۵٢). ٢٢. چوي. ٢٣. قران ● ۽ منهنجو شڪر ڪريو ۽ ناشڪري نہ ڪريو (قران جي سورت بقر جي آيت ١۵٢). ٢۴. ڪفر ڪي. ٢۵. تعريف، ساراهہ، ثنا. ٢٦. حڪمت واري، داناءَ، خدا. ٢٧. جور هٽي = آزي نيزاري ڪري. ٢٨. جان سان، دل سان. ٢٩. راضي ٿي. ٣٠. مهرباني. ٣١. خدا . ٣٢. احسان، ڀلائي. ٣٣. تڪليف، سختي. ٣۴. ڳجهہ، راز. ٣۵. ڳڻ، صورتون، نمونا، رنگ.

## ۱۱

سَمُنڊَ ڪِينَ سُڪَنِ[1]، ڪوڙِين[2] جي[3] ڪائو[4] ٿئي،
پاڻِيءَ سين پيڪُ[5] ڪِئو، ٿيلاهَن وَڻجارَنِ[6]،
لالُونِ[7] سي لَهَنِ، جَنِي سيڙِئو[8] سَمُنڊَ ڪي.

## ۱۲

جَنِي سُودي[9] سَچَ سين، وَکَرُ[10] وِهايو[11]،
بَخِرو[12] لَهُمُ البُشْرِيٰ[13] جو، اُنهِين لاءِ آيو،
تَنِ کي لالَڻَ لَنگهايو، ساندارو[14] سَمُنڊَ جو.

## ۱۳

اِيءَ گَتِ[15] غَواصَنِ[16]، سَمُنڊُ سوجهِيائون[17]،
پيهِي[18] مَنجِهہ پاتارَ ۾[19]، ماڪَ ميڙِيائُون،
آڻي ڏِنائُون، هِيرو لالُ هَٿَنِ سين.

## ۱۴

آچَاڙَا[20] عَمِيقَ[21] جا، گَڏِيا[22] غَواصَنِ،
جُهِرِيُون[23] جَهاڳِي[24] آيا، ڪارونِيارَ[25] ڪُنَنِ[26]،

Gul Hayat Institute

---

۱. خشڪ ٿين. ۲. سپ جا سپ (هنڌ يا جايون). ۳. جيڪڏهين. ۴. پاڻيءَ جي لاٿ يا گهٽتائي، پاڻيءَ جي ڇڇڻ واري حالت. ويرانو ۵. واسطو، واهپو، پيار. ۶. (واحد وڻجارو) واپاري، سوداگر، تاجر. ۷. (واحد لالَ) ياقوت. ۸. پوڄئو، شيوا ڪئي. ۹. خريد ڪري. ۱۰. سامان (دڪانن تي رکيل). ۱۱. ورتو (ناڻي سان)، خريد ڪئو. ۱۲. حصو، ڀاڱو، پتي. ۱۳. انهن لاءِ خوشخبري آهي (قرآن شريف جي سورت يونس جي آيت ۶۴ ۽ سورت زمرد جي آيت ۱۷). ۱۴. لهر، ڇولي. ۱۵. عادت، ريت، دستور. ۱۶. (واحد غواص)، ٽوٻو، ٽٻي هڻندڙ. ۱۷. کوجنا ڪيائون يا نهاريائون، جاچيائون. ۱۸. گهڙي، داخل ٿي. ۱۹. (سمنڊ يا درياهہ جي) تري. ۲۰. (واحد آچاڙو) پاڻيءَ جو گهمِرو، لهر، ڪَنَ، پاڻيءَ جو تيز وهڪرو. ۲۱. سمنڊ. ۲۲. مَنهن ۾ پئا، آڏا آيا. ۲۳. ڳجهيون جايون، ڪُنڊون. ۲۴. (پاڻيءَ کي) پارِ ڪري، (تانگهي پاڻيءَ مان) لنگهي، هتي معنيٰ ٽيندي ڳولي، نهاري، جاچي. ۲۵. ڪارونيارَ جي، سمنڊ جي. ۲۶. ڪَنَ جون، گرداب جون، درياءَ يا سمنڊ ۾ اونهن کوهن جون (جتي پاڻيءَ جو وهڪرو چڪر يا گهمرا ڪري).

## ٢٢

هيڪِي ٻانِهي چِتَ ۾، ٻِي اللهُ ڪَرِي[1]،
پَاٽِهين وِجهي ڪُنَ[2] ۾، پَاٽِهين ڪَنڌِي[3] نِي[4]،
سُتَرِ سي ڏوئِي[5]، جي تَڙِ[6] تَوائِي[7] مَڪُڙَا[8].

## ٢٣

هيڪِي ٻانِهي چِتَ ۾، ٻِي جَا ڪَري اَللهُ،
پَاٽِهين وِجهي ڪُنَ ۾، پَاٽِهين اُڪَارِي[9] اوڙاهُ[10]،
تِنهِن وَاحِدَ[11] کي وَاهَ[12]، جو سُتَرِ سَپِيئِي ڪَري.

## ٢٤

هيڪِي ٻانِهي چِتَ ۾، ٻي ڪَرِي جوڙَ[13] جَبَارُ[14]،
پَاٽِهين وِجهي ڪُنَ ۾، پَاٽِهين اُڪَارِي آڌَارُ[15]،
جِهَارُ[16] جو جَوهَرِيءَ[17] جو، تِنهِن کي ڀَؤُ[18] مَ ڏي ڀَتَارُ[19]،
جيڏاهَن مُنهُن[20] مَدِيني جو، سُجِي[21] مُحَمَّدُ ﷺ مُوچَارُ[22]،
نَندَا وَڏَا مَڪُڙَا، سَڀِ پَسَندا[23] پَارُ[24]،
سَبَاجهو[25] سَتَارُ[26]، سُتَرِ سَپِيئِي ڪَري.

Gul Hayat Institute

١. رٿي، جوڙي = سِٽي، ٢. درياهہ يا سمنڊ ۾ پاڻيءَ جي ڦِرندڙ اونهي هنڌ يا کوهہ (جتي پاڻي چڪر کائي)، گرداب، نکو نج، ٣. کنڌيءَ تي = ڪناري تي، ۴. پهچائي، ۵. پهچائي، ٦. تڙ ڪان، گهيڙ ڪان، بندر ڪان، ٧. بتال ٿيل، ٻي طرفِ ويل، ٨. (واحد مڪڙو) ننڍو ٻيڙو، ٩. لنگهائي، پار ڪري، ١٠. درياهہ، سمنڊ، ١١. هڪڙي (خدا)، ١٢. واکاڻ، ساراهہ، تعريف، ١٣. سِٽَ، رٿَ، تجويز، ١۴. زورآور، طاقتور، الله، خدا جو صفاتي نالو، ١۵. سَهارو، ڏِڍَ، آسرو، پرجهلو، ١٦. واپار جو سامان لڏيندڙ ٻيڙو يا غورابَ، ١٧. هيرن جواهرن جي واپاريءَ، ١٨. خوف، خطرو، ضَرَرَ، نقصان، ١٩. پالينڌڙ، رکوالَ، ڌڻي تعاليٰ، ٢٠. سردارَ، اڳواڻ، ٢١. ٻَڌجي، ٢٢. سهڻو، موچارو، سگهورو، پلارو، ٢٣. ڏسندا، ٢۴. طرف، پاسو، هنڌ يا جاءِ (جتي حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جو آستان آهي)، ٢۵. ڀاڄهہ وارو، مهربان، ٢٦. (عيبَ) ڍڪيندڙ، خدا، خدا جو صفاتي نالو.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرِ سُرَراڳُ

## داستان ٽِئو

### ١

كُوهَا[1] كَالَهہ كَٽِي، اُنِ وِڏَا اُتَرَ[2] آسَري[3]،
اَللهَ! جُهَري[4] مَ اُنِ جي، اولَڻي[5] جِي اَٽي[6]،
وَڻِجَارَنِ[7] وَٽي[8]، وَکَرُ[9] وَڏو ٻيڙِئين.

### ٢

وَکَرُ وَڻِجَارا، پَاڻَ[10] پَرائو[11] چَاڙِهيو،
اَچِي لَهرِيُون لَڳِيُون، ٻيڙِي ٻِپَارا[12]،
جَاڳو[13] جي يَارا[14]، تَہ تَڙِ[15] تَوائي[16] نَہ ٿِئي.

### ٣

ٻيڙِي تُنهِنجِي[17] ٻَاجَهہ، وَکَرُ تَنهَن[18] وِصَالَ جو[19]،
كُوهَا اولاَ تو كئا، سَڀ سُونهَارا[20] سَاجَ[21]،
اُتِ كَا مَعلِمَن[22] مَجَالَ[23]، پُورِڻَ[24] وَارو پَاڻهين[25].

Gul Hayat Institute

١. (واحد كوهو)، كَاٺَ جو ڊگهو لڙ هو يا شيخلو جيكو ٻيڙيءَ ۾ كڙو كري ٻيهاريل هوندو آهي ۽ ان ۾ سڙهہ (كپڙو) ويڙهيل هوندو آهي (كوهو يا سڙهہ كڻڻ = ٻيڙيءَ كي هلائڻ جي تياري كرڻ). ٢. اتر جي واءُ يا اتر جي هوا جي. ٣. ڀروسي، اميد. ٤. ضربجي، ڏَكجي، ڀڇي، ٿَكر ٿئي. ٥. كاٺ جو ڳن جنهن سان ٻيڙي هلائبي آهي، ونجهہ. ٦. نوک، چنهنب، مُهاڙي. ٧. (واحد وڻجارو) واپاري، سوداگر، تاجر. ٨. وٽي، خريد كري. ٩. (واپار جو) سامان. ١٠. ويتر، اجايو. ١١. ٻين ماڻهن جو. ١٢. ٻن پارن كان، ٻن طرفان كان. ١٣. جاڳو جي = جيكڏهن جاڳندا رهندائو يعني غافل نہ ٿيندائو. ١٤. اي يارو، اي دوستو. ١٥. تڙ كان (تڙ = درياهہ يا سمنڊ جي كناري تي ماڻهن جي اچڻ وڃڻ يا ٻيڙين ٻيهارڻ جي جاءِ. ١٦. ٻتال، پلجي. ١٧. تو ڌڻيءَ يا خدا جي. (ٻيڙي تنهنجي ٻاجهہ = تو الله جي مهرباني ٻيڙي مثل آهي). ١٨. تَنهن ۾ (ان ٻيڙيءَ ۾). ١٩. تنهنجي وصال، تنهنجي ميلاپ يا ديدار. ٢٠. (واحد سونهارو)، سهڻو، عمدو. ٢١. ٻيڙيءَ جو سامان ۽ وَسيلا جهڙوک كوهو، سڙهہ، ونجهہ، وغيره. ٢٢. (واحد مَعلِمُ) آزمودگار ٻيڙي هلائيندڙ يا ناكئو. ٢٣. پَڄندي، وسَ، پَهچ. ٢٤. أكارڻ، لنگهائڻ، پار كرڻ. ٢٥. تون پاڻَ خدا.

## ١١

وَڻجارا وِهاءِ، وَکَرُ وِينَتِنِ[١] جو،
مُعَلِمَ[٢] جي مِهَراڻَ[٣] جا، لَنءُ[٤] تَنِي سين لاءِ[٥]،
تَه اِجارو[٦] اُتاءِ[٧]، مُورائين[٨] مَعاف ٿِئي.

## ١٢

وڻجارا وِهاءِ، وَکَرُ وِينَتن جو،
هَتَ[٩] پُوربَاءِ[١٠]، هَيا[١١] هَٽَندين[١٢] هَتِڙا.

## ١٣

دَنگِيءَ[١٣] ۾ داڻا[١٤]، وَنِي وِجهه وَکَرَ جا،
وِيرِ[١٥] وِڙهندِئي[١٦] وِيسَرا[١٧]، وِيهه مَ وِيگاڻا[١٨]،
هِيءَ نِندَ[١٩] نِجاڻا[٢٠]، ڪَڍهين هَٽَندِئي[٢١] تارِ ۾[٢٢].

## ١٤

دَنگي مَنجهه دَرِياهه، ڪي[٢٣] ٻُڏي ڪي اُپِڙي[٢٤]،
هُو جي وَادي واٽئا[٢٥]، سُونهَڻ[٢٦] سَپ سَڙِئا[٢٧]،
مَعلم مَاڪِ نه اَگِيين[٢٨]، فِرنگي[٢٩] مَنجهه[٣٠] قِرِئا[٣١]،

---

١. (واحد وينتي) نيزاري، عاجزي، ٢. آزمودگار ناکٿا، ملاحَ، ٣. وڏي سمنڊ، مهاساگر، درياهه (سنڌونديءَ جو قديم نالو)، ۴. پيار، ۵. لڳاءُ، ٦. لاڳ، محصول، ڏن، اهو محصول جيڪو پتڻ تي درياهه پار ڪندڙ مسافرن کان ورتو آهي، ٧. تو تان، تنهنجي مٿان، ٨. صفا، بنهه، ٩. (واحد هَٽَ) دڪان، ١٠. پورجي ويندا، بند ٿي ويندا، ١١. اي هيا، اي نادان يا مُئل، ١٢. هٽڙا هٽندين = افسوس يا ارمان ٿيندوءِ، ١٣. ٻيڙيءَ، ١۴. (واحد داڻو) ننڍڙو ذرو، (داڻا هميشه جمع جي صيغي ۾ ڪم ايندو آهي جنهن جي معنيٰ ٿيندي ڪجهه نه ڪجهه، ٿورو انداز، ١۵. سج يا چنڊ جي ڪشش ڪري سمنڊ جو چاڙهه، وڏي لهر يا ڇولي، ١٦. آڏي ايندئي، نقصان ڪنديئي، ١٧. اي ويسرا، اي غافل، ١٨. اي ويڳاڻا، اي موڳا، اي موڙهل، ١٩. وکر خريد ڪرڻ ۾ غفلت، ٢٠. شايد، مَڃاڻ، ٢١. اڇلي وجهنديئي، ڦاسائينديئي، ٢٢. اونهي پاڻيءَ، ٢٣. يا، ٢۴. مٿي ٿئي تي، پاڻي مان ظاهر ٿئي تي، ٢۵. جَڙيا، هَنيا، ٢٦. ڪاٺ جا ڪِلَ يا ڇپرون، ٢٧. ڳري ويا (پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ سبب)، ٢٨. هند، جاءِ، ٢٩. فرنگ (فرنڪ) جا رهاڪو، انگريز، يوروپي، (هتي معنيٰ ٿيندي دريائي چور)، ٣٠. اندر (ٻيڙيءَ ۾)، ٣١. ڦِري آيا، داخل ٿيا.

Gul Hayat Institute

مَلاحَ تُنهِنجيءَ مَڪُڙيءَ، اَچي چورَ چَڙهِئا،
جِتي ڊِينگَ[1] ڊِرِئا[2]، تِتي تارِيُ[3] تُنهِنجي.

(۱۵)

ڪَاجَا پيئي مَڪڙِين[4]، مَنجهان پاڻِيءَ پِڪَ[5]،
وکَرُ[6] هَٽي وَٽِڪَ[7] ڪَتِجِي[8] ڪارو ٿِئو.

(۱۶)

ڪَاجَا پيئي مَڪُڙِين، مَنجَهان پاڻِيءَ بُونڊَ[9]،
سيئي ڏِنمِ رُونڊَ[10]، وکَرُ جَن وِڃايو.

۱۷

وَهَ[11] تِڪَ[12] وَهڪُرو[13]، جِتَ لَنگَرَ[14] نَ تَهَرَنِ[15]،
وَڏانڊرِيُون[16] وَهَ[17] سامُهَن، تيُون جهَجهَيُ[18] زورِ جُنبَنِ[19]،
نيندوُن[20] ۾ ناتارِيُون[21]، ڪي وَٽِ جارا وجهَنِ،
مُلاَ[22] مَعلمَنِ[23]، مُون ڳَرِي[24] سُئي[25] ڳالهَڙِي.

۱۸

اوربائِين آٽِين، ميڙِئو مَعلمَ خَبَرُون،

۱. (واحد ڊينگ) وڏو جهاز. ۲. بيڪار ٿي پيا (هلڻ کان). ۳. آسرو، آڌار. ۴. مڪڙين ۾، ٻيڙين ۾. ۵. ذرو، چَڪو. ۶. (واپار جو) سامان. ۷. رنگ (وٽِڪ هٽي = رنگ چاڙهي، رنگين ٿي (زنگ جي ڪري). ۸. زنگجي، ڪَسِجي، ڪَٽَ چاڙهي. ۹. ڦڙو، ڦورو ذرو. ۱۰. روئندا، افسوس ڪندا. ۱۱. وَهَ ۾، (سمنڊ جي پاڻيءَ جي) وهڪري ۾. ۱۲. تيزي. ۱۳. پاڻيءَ جو زور ۽ تيزي. ۱۴. (واحد لنگرُ) ٻيڙيءَ يا جهاز کي روڪڻ لاءِ ۷ - ۸ مڻ ڳرو لوهہ جو چنبو جنهن کي ناتاري پڻ چوندا آهن يا انهن کي ڪناري سان ٻڌڻ جو رسو جنهن کي پکهہ چوندا آهن. ۱۵. بيهن، قرارُ پڪڙين. ۱۶. وڏيون ٻيڙيون. ۱۷. وهہ جي، وهڪري جي. ۱۸. جهجهي زور = گهڻي زور سان، گهڻيءَ جفاڪَشيءَ سان. ۱۹. حرڪت ۾ اچن، اڳتي هلن. ۲۰. اونهي پاڻيءَ، سمنڊ. ۲۱. (واحد ناتاري) هلندي جها زکي يا ٻيڙيءَ کي پاڻيءَ ۾ روڪڻ لاءِ ۷ - ۸ مڻ ڳرو لوهہ جو چنبو. ۲۲. کان. ۲۳. (واحد معلم) آزمودگار ناکئو، ملاح. ۲۴. خوفائتي. ۲۵. ٻڌي.

Gul Hayat Institute

پَتَڻُ[١] تو پُورَ[٢] ڪَري، آئِي، تُنهِنجَڙي وارَ[٣]،
سَجِيُون راتِيُون سُمَهين، ڪِيو[۴] مَنجهه خُمارَ[۵]،
ڪ تو ڪَنين نه سُئي، ڪَپَرَ[٦] جي ڪُوڪارَ[٧]،
سائِينءَ[٨] مُڪِين[٩] سَچ ڪَنِي[١٠]، تُون ڪُوڙو مَنجهه قَطارَ[١١]،
ڪِ[١٢] تو ڪَنين نه سُئي[١٣]، هَلَڻَ جِي هاڪارَ[١۴]،
تائِبَ[١۵] تي تَڪِڙا، پَڙهو، اِيءَ پَچارَ[١٦]،
نِندَ نه ڪجي ايتِري، سُتَج اَدا يارَ،
گهڙان[١٧] تي رِءَ[١٨] گهڙي[١٩]، اَللهَ[٢٠] تو هارَ[٢١]،
هيءُ جو شڪُ[٢٢] شارِڪَ[٢٣] جو، تِهان[٢۴] رَکُ[٢۵] سَتارَ[٢٦]،
ڪُلُ نَفسٍ ذائِقَةُ المَوت[٢٧]، سَچي اِيءَ سَنيارَ[٢٨]،
شڪارُ[٢٩] تُون شَهبازَ[٣٠] جو، تُون تان[٣١] مَنجهه شڪارَ[٣٢]،
يَومَ يَفِرُّ المَرءُ مِن اَخِيهِ[٣٣]، جت يَجندا يارَ[٣۴]،
تُرَهو[٣۵] چِنِم[٣٦] تارِ[٣٧] ۾، اَچِ جِيئَن اوسارَ[٣٨]،
لَکَ مَڙِئي لُتئا، هُو نه هِين[٣٩] وَتا هَزارَ،
ڏَنئي جِي الله کي، تَه هُوند[۴٠] تِيين پَرِبين پارَ،

---

١. درياهه يا سمنڊ جي ڪناري تي اهو هنڌ يا جاءِ جتي جهاز ۽ ٻيڙيون ماڻهن ۽ سامان کي لاهيندا چاڙهيندا آهن. درياهه يا سمنڊ ۾ هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ ڏانهن ايندڙ ويندڙ ٻيڙي يا جهاز. ٢. ٻيڙي يا جهاز جي هڪ هنڌان ماڻهن يا سامان کڻي ٻي هنڌ پهچائڻ جي حالت، چڪر، گهمرا. ٣. وارو، گهمرو. ۴. ڪايو، پيٽ پريو. ۵. نند جو نشو ٦. سمنڊ. ٧. دانهن. سَڏَ. ٨. خدا تعاليٰ. ٩. توکي موڪليو. ١٠. (ڪمائڻ) لاءِ. ١١. (هڪ جيڏن جي). جماعت. ٽولي. ١٢. ڇا. ١٣. ٻُڌي. ١۴. هڪلَ. سَڏَ. پڪارَ. ١۵. توبهه ڪندڙ. پڇتاءُ ڪندڙ. ١٦. ذڪر. بيان. ١٧. (پاڻيءَ ۾) داخل ٿيان. ١٨. سواءِ. ١٩. دلي. ٢٠. اي الله. ٢١. تنهنجي آهَرَ. ٢٢. گمان. وهم. وسوسو. ٢٣. ٻيءَ ڪنهن مخلوق کي الله تعاليٰ جو مٽ ڪري ڄاڻندڙ. شرڪ ڪندڙ. ٢۴. تنهن کان. ٢۵. بچاءِ. ٢٦. عيب ڍڪيندڙ. پردو رکندڙ. الله تعاليٰ جو صفاتي نالو. ٢٧. هر جان يا شيءِ (هڪ نه هڪ ڏينهن) موت جو مزو چکيندي (ق ش جي سورت آل عمران جي آيت ١٨۴ - سورت الانبياءَ جي، ٢۵ آيت ۽ عنڪبوت جي ٨٧ آيت). ٢٨. ڳالهه ذڪر. ٢٩. ٻڪَ. ڪاڄَ. ڪاڏو. ٣٠. وڏي باز يعني شڪاري پکي (عزرائيل). ٣١. اٿلندو. ٣٢. منجهه شڪار = شڪار جي ڳولا ۾. ٣٣. ان (قيامت جي) ڏينهن ماڻهو پنهنجي ڀاءُ کان ڀڄندو (قرآن شريف جي سورت عبس جي آيت ٣۴). ٣۴. ڀائر. ٣۵. ڪکن. ڪانن ۾ ڪاٺين جو نوڙين ۽ رسين سان تر ٻڌي پاڻيءَ ۾ ترڻ لاءِ ٺاهيل هڪ قسم جو منجو. ٣٦. ٽٽو. ٣٧. اونهي پاڻيءَ ۾. ٣٨. آسرا. آجها. آڌار. ٣٩. اجايا. ۴٠. لڳ. ڪارڻ.

جُونَنِ[1] مَتَان جُتِكِي[2]، ڏُٽِي[3] تُنهنجي دَارَ[4]،
جِيفُو[5] آهِہ حَدِيثَ[6] ۾، اَنڌِيءَ[7] اِي آچَارَ[8]،
وَتِيُئِي[9] كِينَ وِلَهَنِ[10] سين، كَنبِي[11] پَرِ[12] قَهَارَ[13]،
سَا كِيئَن هَلي تو سين، جَا پَڳي كَان پَتَارَ[14]،
جِيئَڻُ جَالَ[15] نَہ نِبَهي[16]، سُٽِج اِيءَ سَنيَارَ[17]،
جِمَ[18] وِسَارِين وِيسَرَا[19]، پِتِيَنِ[20] جِي پُلِكَارَ[21].

١. كوڙن (جونن متان = كوڙن يا كذن كمن سبب)، ٢. پٽي، كَڙكي، ٣. دنيا، ڏن، دولت، ۴. دارَ ۾، گهرَ ۾، ۵. مُردار، ڍونڍ، جون، ٦. حضرت پيغمبر صلي الله عليہ وسلم جي قول ۽ فعل جو بيان، (دنيا کي حديث ۾ مردار جانور جو لاش بيان ڪيو ويو آهي)، ٧. انڌيءَ دنيا جا، ٨. پَارَ، آثار، ٩. ونڊيئي، ورهائِي، حصو پتي ڪيئي، ١٠. (واحد ولهو) مسڪين، نادار، بي سمرو، ١١. ڊڄي، ١٢. ڪان، ١٣. ڪاوڙ ڪندڙ، چيڙاڪ، زوردار، خدا، خدا تعاليٰ جو صفاتي نالو، ١۴. (دنيا يا دولت جو) مڙس، دولت وارو، ١۵. گهڻو، زيادهہ، ١٦. جٺاءِ ڪري، نصيب ٿئي، وفا ڪري، ١٧. ڳالهہ، ذڪر، ١٨. متان، ١٩. اي ويسرا، اي غافل، ٢٠. (قبر جي) پتين يا ديوارين، ٢١. سختي، عذابَ.

Gul Hayat Institute

۴

چَڱا کَنِ چَڱايُون، بُڇَايُون[1] بُڇَنِ[2]،
جو وَڙُ[3] جُڙيُ[4] جَنِ سين، سو وَڙُ سيئِي کَنِ.

۵

مَديُونْ[5] کَندي مَانَ[6]، کَنيُ[7] کَڌِهين نَہ کِئَا،
مَتِيُونْ[8] جَنِ جي مَنَ ۾، سي هَڌِ[9] هين تِئَا حَيرانَ[10]،
بُرا تِئَا بَيرانُ[11]، بيڙو[12] يَڳَنِ[13] بِارِ[14] ۾.

٦

مَديُون کَندي مَانَ، کَني کَڌِهين نَہ کِئَا،
چَڱِيُون جَنِ جي چِتَ ۾، سي هَڌِ نَہ تِئَا حَيرانَ،
جي جَنِي جَا گُمَانَ[15]، سيئِي تَنِي سَامُهَان.

۷

مَيَنِ[16] مَتِي سَمَرا[17]، کُهيَنِ[18] سَڌِ کَرِينِ،
سَاٿُ[19] نِباهِيو[20] نِينِ، اِيءَ پِرِ[21] سَندِي سَڄَڻين.

---

١. (واحد بَڇائي)، بَرائي، بڇڙائي، بدي گناهہ، مَدي، مَٺائي. ٢. بَرن، مٺن، گنهگارن، بڇڙن. ٣. لَڇَڻ، سلوڪَ، عادت، برتاءُ. ۴. سونهي، زيب ڏي. ۵. (واحد مدي) بَرائي. ٦. (واحد مانَ) رُتبو، عزت، فخر، وڏائي. ۷. ڪِنِ (ماٺهن) بہ. ٨. (واحد مَٺي)، برائي. ٩. هَرِ ڏينهن، سدائين، ماڳهين. ١٠. پريشان. ١١. برباد، اجڙ. ١٢. بيڙي، غوراب. ١٣. ٽڪرا ٽڪرا ٿين. ١۴. درياهہ، سمندُ، اونهي پاڻيءَ. ١۵. (واحد گمانَ) شڪَ، وهمَ، بدخواهي. ١٦. (واحد ميو) طاقتور، سگهارو، پهلوان. ١۷. بارَ، وزن، بوجهہ. ١٨. کهين کي، ٽڪلن کي. ١٩. سنگت، ياري، سفر جو سامان،قافلو. ٢٠. توڙ ڪرايو، آخري منزل تائين رسايو. ٢١. ريت، دستور، عادت.

Gul Hayat Institute

## ۸

وِتُ[1] وِمِي[2] جو جي لَهِين[3]، تَہ بِي ڪارِ[4] نہ ڪَرِين ڪا،
اِهَا پَرُوڙِجِ[5] ڳالِهڙي، وِڻجارَن وَٽان،
موتِي جَنِ هَٿان[6]، آنڌءِ[7] گهَٽي اَدَبُ[8] سين.

## ۹

اَمُلُ[9] آڃِ[10] مَ اُنِڪي، جي نہ پَرُوڙِين[11] مَتِ[12]،
جِتِ گَڏجئي جَوهَري[13]، ماڻِڪَ تِتِهين[14] مَٿِ[15]،
جَنِ سَون سين سَٿِ، تَنِ هَٽي[16] رِيءُ[17] رد[18] ڪِئو.

## ۱۰

سونا[19] وانءُ[20] صَرافَ[21] سين، پَچِي[22] چَڏِ[23] بازي[24]،
چاندي[25] ڪِئو چالائِيين[26]، رِيو[27] رَوازي[28]،
تيندو رَبُ قاضِي[29]، توريندو[30] تَدبِير[31] سان.

## ۱۱

سونا وانءُ صَرافَ سين، بازي پَچِي چَڏِ،
چاندي ڪِئو چالائِيين، مَچِڻ[32] پوئِي[33] هَڏِ،

Gul Hayat Institute

---

۱. طاقت، قدر، سگهہ، ۲. واپار، وڻج، (درياهہ يا سمنڊ جو) پاڻي، ۳. معلوم تي وڃيئي، ۴. ڪمُ. ۵. معلوم ڪج، سمجهج، ۶. معرفت، وسيلي، ۷. وَرتِي، ۸. تعظيم، عزت، ۹. بي بها موتي، ۱۰. پيش ڪر (ڏيڻ لاءِ) ۱۱. سمجهن، ۱۲. آڃ، صلاح، ۱۳. هيرن جواهرن جو واپاري، ۱۴. اُن جاءِ تي، ۱۵. مَثاءِ، وڪرو ڪر، ۱۶. واهپو، وهنوار، واسطو، ۱۷. مَٿَ. ڪَچَ، ۱۸. رد ڪئو = موٽائي ڇڏيو، قبول نہ ڪئو، ۱۹. اي سونا، اي سونارا، ۲۰. وَج، ۲۱. نقدي يا زيورن جي ڏيتي ليتي ڪندڙ شاهوڪار، سون ۽ چاندي جو پارکو يا واپاري، ۲۲. جلدي يا تڪڙ ڪري، ۲۳. ترڪَ ڪر، ۲۴. چالاڪي، ٺڳي، ۲۵. هڪ اعليٰ قسم جو اڇي رنگ جو ڌاتو جنهن مان زيور ۽ ريٽي جا سڪا ٺهندا آهن، ۲۶. هلائِين، ۲۷. سادي ۽ گهٽ درجي جي چاندي، ۲۸. رواجي، بي انصافَ، ٺگ، رياڪار، ۲۹. فيصلو ڪندڙ، انصاف ڪندڙ، ۳۰. وزن ڪندو، انصاف ڪندو، ۳۱. ڏيان، سياڻپ، ڏاهپ، ۲۲. متان، ۳۳. هڏ پوئي = ڪُچيءَ ۾ پوئي، نقصان وِجهَي.

تَانْ[1] نَہ اُپَتِئَا[2] هَٽَ[3]، جَانْ[4] غِرَاقُ[5] نَہ گَڏِجي.

## ١٧

وِئَا[6] سي وِينجَهَارَ[7]، هِيرو لَالُ[8] وِنديُن[9] جي،
تَنِي سَندَا[10] پُوِيَان[11]، سِيَهي[12] لَهَنِ نَہ سَارَ[13]،
ڪُتِينِ ڪَٽُ[14] لُهَارَ، هَاٽِي اُنهِين پيٽِين[15].

## ١٨

وَجَنِ مَ وِينجَهَارَ، پَاٽِيَٽُ[16] جي پَرِڪَٽَا[17]،
ڪَنُيَرُ[18] پَائي اکيين، لَهَنِ سَيِڪَنهِن سَارَ،
مُوتِيءَ جي مَجَازَ[19] جو، قَدُرُ[20] مَنجِهہ[21] ڪِنَارَ[22]،
صَرَافِنئُون[23] ڌَارَ[24]، مَاڻِڪَ[25] مُلَاحِظُو[26] تِئي.

## ١٩

تَا صَرَافَ سُجَنِ، پَاڻ ڪُوتَائِين[27] جَوهَرِي[28]،
مَاڻِڪُ ڪَري مُٺَ[29] مِ، وَاڻِءُ وَنِي وَتَ تَنِ،
تَہ سَندسَ[30] سَيَدُ(رح) چَئي، ڪَهَڙو قَدُرُ ڪَنِ،
ڪِ[31] پَاٽِيَٽُ ئِي پَرِڪَنِ، ڪِ ڪَئِنچَلُ[32] ڳَڏِينِ ڪَچَ[33] سين.

Gul Hayat Institute

---

١. تيستائين، ٢. پتيا، ڪليا، ٣. (واحد هٽ) دڪانَ (متن ۾ پيل مالڪن جو)، ۴. جيستائين، ٥. گراهڪ جو بگڙيل استعمال، خريدار، ٦. لڏي ويا، غائب ٿي ويا، ٧. (واحد وينجهارُ) وينجهر، هيرا وغيره پالش ڪندڙ، (هارن ٺاهڻ لاءِ)، هيرن جواهرن کي سوراخ ڪندڙ، ٨. ڳاڙهو قيمتي موتي، ٩. سوراخ يا ٽنگ ڪدين، صاف ڪن، ١٠. جا، ١١. پوئيرَ، اولادَ، ١٢. شيهي جي ڌاتوءَ جو هڪ هلڪو قسم آهي، ١٣. خبر، ڄاڻ (سيهي جهڙي سادي ڌاتوءَ جي بہ ڄاڻ نٿا رکن)، ١۴. لوهہ جو سڙيل ٻورو، لوهہ، ١٥. پيٽيُن تي، جاين تي (وينجهارن جي)، ١٦. آبدار يعني پاڻيءَ سان ڀريل موتي، ١٧. پرکيندڙ، سڃاڻندڙ، ١٨. جواهرين جي موتين پرکڻ جو شيشو، خوردبيني، ١٩. مزاج، خاصيت، ٢٠. اندازو، ٢١. ۾، ٢٢. ٻاهرئين پاسي، ٢٣. صرافن (قدردانن) کان، ٢۴. جدا، سواءِ، ٢٥. ماڻڪ کي، سچي موتيءَ کي، ٢٦. (بي قدريءَ جو) خطرو، جوکو، ٢٧. چوائين، ٢٨. هيرن جواهرن جو واپار ڪندڙ، ٢٩. هٿَ، ٣٠. ان جو (ماڻڪ جو)، ٣١. يا، ٣٢. سونَ، اصل يا خالص شيءِ، ٣٣. ڪاچ، شيشو، مٺ، نقلي شيءِ.

### ٢٨

مَاڻِڪُ ڦُٽرو[1]، تُوزِي[2] هِيرو هُوءِ[3]،
جَوهَرَ اِنَ يَاقُوتَ جو، اَهُسُ[4] اَگَهُ[5] اَهُون پُوءِ[6]،
مَاڻِڪُ مُحَمَّدُ هُوءِ، اُونداهِيءَ[7] ۾ سُوجهِرو[8].

### ٢٩

جِتي مَاڻِڪَ مَاڳُ، تِتي چُورَان[9] تَڪِيُو[10]،
سَنؤُن[11] تَن سَيَاڳُ[12]، اَمُلُ جَنِ اوبَاهِيُو[13].

### ٣٠

چورُ[14] اُيُو[15] ايئَن چئُوءِ[16]، آئُون اُهُوئي آهِيَان،
جي[17] اَسي اَکِيُنِ هُوءِ*، تَه لَڪي[18] ڪي ڪُونَه لَهي[19].

### ٣١

پَاڻِهِين[20] لُوڙَائُو[21] تِئي، پَاڻِهِين دَانهُون[22] ڏي،
گهَرَ وَارو[23] جَاڳِي[24]، چُورَنِ بَڇ[25] ڪَري.

### وائي

جَاڳِي[26] يَارَا جِيڏِيُون[27] پَاڻُ[28] پَرَنجي[29]،

---

١. صاف، اُجرو، پاڪ، سٺو. ٢. جيتوڻيڪ. ٣. (چو نہ) هُجي.٤. چمڪو، سوجهرو، روشني، تجلو، تابش. ٥. پري، ڏور، دور. ٦. پوي (ٿو). ٧. آهي. ٨. روشني، نور. ٩. چورن جو (چور = اهو ماڻهو جيڪو ٻي ڪنهن جي شيءِ بنان اجازت جي لڪ ڇپ ۾ کڻي وڃي). ١٠. ڏيرو، رهڻ جي جاءِ، پاڻاري. ١١. سٺائو، ڀلو، سٺو. ١٢. ڀاڳ، نصيب. ١٣. ٻچايو (چورن کان). ١٤. شيطان، انسان جي ساجهہ چورائيندڙ. ١٥. ٻيٺو. ١٦. چوي، ٻڌائي. ١٧. جيڪڏهين * ڪنهن ماڻهوءَ کي اسي يعني تمام گهڻيون اکيون هجن يعني تمامَ گهڻو خبردار هجي. ١٨. (مون) لڪل. ١٩. ڳولي سگهي. ٢٠. خود، پاڻ. ٢١. ڦورو، لٽيرو، ڌاڙيل. ٢٢. (واحد دانهن) آواز، سڏ. ٢٣. گهر وارو = گهر جو مالڪ يا ڌڻي. ٢٤. ننڊ مان اٿي، ننڊ مان سجاڳ ٿئي يا بيدار ٿئي. ٢٥. (چوري ڪرڻ لاءِ) اُپاريا هُئي. (بڇ ڪري = چوري ڪرڻ لاءِ آمادهہ ڪري). ٢٦. اي يارو، اي دوستو. ٢٧. اي جيڏيون، اي سهيليون، اي ساهيڙيون. ٢٨. خود، پنڊ، سرير. ٢٩. سپرد ڪجي يا حوالي ڪجي (دوست يا محبوب جي).

هَلَندي حَبِيبَ[1] ذي، وِيلو[2] وِچِ[3] نَہ ڪِجي،
مَتي اُهَس[4] اُسِري[5]، پَتَنگَ[6] جيئَن پَئِجيءَ،
اَگِئان اُونداهِيءَ[7] جو، سَمَرُ[8] ساڻ ڪَجي،
ڪِيجِي[9] قُوتُ[10] قَبر جو، گهوريون[11] آن[12] گهُرجي،
آگو[13] عَيبَ[14] اَواهِنجا، ڍَڪِئا[15] ڳُجَهہ[16] ٻُجهي[17]،
جيڪي وَهي[18] وِجُودَ[19] ۾، صاحِبُ[20] تو سَمُجهي[21]،
آهي موتُ مِڙَنِ تي، گوڙيون[22] ڪِئو تو گجي[23]،
اَجَلُ[24] ايندو اوچِتو، سَدا تو سُجي[25]،
ڊِجي ڊاءِ[26] اَللهَ جي، جيڪو پَئي[27] پَجي،
اَمُنُ[28] آهي اُنَ کي، مَنجِهہ[29] اللهَ جي اَجهي[30]،
عَرضُ اَحوالُ اُن کي، چَگِيءَ پَتَ[31] چَئِجي،
نِيازُ[32] ڪَرِي نِڪِتي[33]، واحِدَ[34] ذي وَرجي[35].

Gul Hayat Institute

١. پرين، دوست. ٢. دير، ويرمَ. ٣. وِچَمر، رستي ۾. ۴. روشنيءَ، مَچَ، باهِہ. ۵. رڙهي، چڙهي، پند ڪري. ٦. پرواني (پتنگ هڪُ ڪنين وارو جيت آهي جيڪو باهہ يا روشنيءَ جي مٿان آڏامي پاڻ کي ڪيرائي جلائي ڇڏيندو آهي). (پتنگ جيئن پئجي = پرواني وانگر ڪرجي). ٧. (قبر جي) اونداهہ، تاريڪيءَ. ٨. سامان، توشو. ٩. ڪِجي. ١٠. آذقو، توشو. ١١. (واحد گهورِي) صعيف (زال)، طالِب، ڳوليندڙَ. ١٢. آن کي، اوهانکي. ١٣. خدا، مالڪَ. ١۴. ڏوهہ، گناهہَ. ١۵. ڍڪيل، لڪل، مخفي. ١٦. (واحد ڳُجهہَ) رازَ، لڪل، ڳالهہ، ڀيدَ. ١٧. ڄاڻي، پروڙي. ١٨. هلي، گذري. ١٩. دل، قلب. ٢٠. ذاتي تعالي. ٢١. ڄاڻي، پروڙي. ٢٢. (واحد گوڙِ) گجگوڙ، وڄَ جو آواز يا ڪڙڪاٽ. ٢٣. وڏو آواز ڪري، ڪڙڪاٽ ڪري. ٢۴. موتَ. ٢۵. ٻَڌجي، سُجهي. ٢٦. ڊاءَ ڪان، خوف ڪان، ڊپ ڪان. ٢٧. ڀَئہ ڪان، ڊپ ڪان. ٢٨. سلامتي. ٢٩. ۾. ٣٠. پناهہ. ٣١. ريت، طرح. ٣٢. نئڙت، آزي، نيزاري. ٣٣. تمام گهنو. ٣۴. هڪڙي (خدا) ذي، واحدَ خدا جو صفاتي نالو آهي. ٣۵. موٽجي، رجوع ٿجي.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر سُرِرَاگُ

## داستان پَنجُون

١

مُن تي چَيُئِي[1] كَانْدَ[2]، پُتِي[3] پَارُ[4] مَ مَكُڙِي[5]،
سِڙهَ[6] پُرَاڻا پَانْدَ[7]، لَهِرِيُون صَحِي[8] لَگَنْدِيُون.

٢

لَهِرِيُنِ لِيكُو[9] نَاهِ كُو، كَپَرَ[10] كُنَ[11] كَارَا[12]،
آچَارَا[13] عَمِيقَ[14] جَا، اچِنِ اوِيَارَا[15]،
أُتي[16] اَسَارَا[17]، وِيرِ[18] وَرَنْدِيئِي[19] وِيسَرَا.

٣

وِيرِ وَرَنْدِيئِي وِيسَرَا، أُتي تَنُوهُ[20] طَلَبَ،
سَائِرَ[21] كِنِهِنَ سَبَبَ[22]، كَالَهِ نَ وِڏِءِ[23] كُنَ مِ.

Gul Hayat Institute

٤

كَالَهِ وڏائِين كُنَ مِ، جَاڏَا[24] جُنگَ[25] جِهَازَ،

---

١. توکي چيو يا صلاح ڏني، ٢. اي ڪانڌ، اي وَرَ، اي پتارَ، اي محبوبَ، ٣. پَراٽي، پکل تتل، ۴. پاڙي تي وَٺَ، ۵. ٻيڙي، ٦. سڙهَ جا (سڙهه = ڪپڙو جيڪو گوهي يعني ٻيڙيءَ ۾ لڳلَ ڪاٺ جي لڙهي يا سيخلي کي ويڙهيل هوندو آهي ۽ فجيڪو ٻيڙيءَ هلائڻ وقت کولبو آهي، سڙهه جي معنيٰ بادبان بہ آهي)، ٧. (واحد پاندَ) ڪپڙي جو ڪنارو هتي معنيٰ ٿيندي سڙهه جو ڪپڙو، ٨. برابر يا چڱيءَ طرح (زور سان)، ٩. شمار، ڳاڻيٽو، ١٠. ڪپر جا سمنڊ جا، ١١. (واحد ڪُنَ) درياهه يا سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ ڦرندڙ اونهو هنڌ يا ڪوهہ، گرداب، نڪونج، ١٢. اونداها، خوفناڪ، ١٣. (واحد آچاڙو) پاڻيءَ جي وڏي لهر يا ڇولي، ١۴. اونهو پاڻي، سمنڊ، ١۵. اَبَتا، اَلٽا، وهڪري کي سامهون، ١٦. (غفلت مان) سجاڳ، ٿيءُ، هوشيار ٿيءُ، ١٧. غافلَ، سُستَ، ١٨. چنڊ يا سج جي ڪشش ڪري سمنڊ جي پاڻيءَ جو چاڙهہ، ١٩. مٿان چڙهنديئي، ٻوڙينديئي، ٢٠. (خدا جي) مهرباني، ٻاجهہ، ٢١. سمنڊَ، ٢٢. بهاني، ڪارڻ، وَجَهہ، جي ڪري، ٢٣. توکي وڏو يا ٻوڙيو، ٢۴. (واحد جاڏو) مضبوط، ٢۵. (واحد جُنگَ) وڏو.

ڪُوڙَ اوڏا ڪِينَڪِي، رِڱو سَچُ سُودِين[١]،
عِجزَ[٢] جو اَڏَ رَاتِ ڪِي[٣]، وَکُرُ[٤] وِهَائِين[٥]،
سُودُ[٦] نِباهِيو[٧] نِينِ، ثَابِتُ[٨] اِنهِيءَ سِيرَ[٩] مَان.

٩

ثَابِتُ لَنگهِيئا سِيرَ، لَهِرِنِ لُوڏَئا[١٠] ڪِينَ ڪِي،
وَجِي پَهتَا پَارَ[١١] ڪِي، نِرتو[١٢] مَنجهان نِيرَ[١٣]،
مَاءِ[١٤] پَهتَا مِيرَ[١٥]، پَارِ[١٦] لَنگهِيئون پَاجَهَ[١٧] سين.

١٠

سَاٿِيِن[١٨] سَنبَتَ[١٩] پَندَ[٢٠] جي، تُون وِيسَلُو[٢١] وِيرَ[٢٢]،
جُوڙي[٢٣] جُنگَ[٢٤] جِهَازَ ڪِي، ڪُوڏَ[٢٥] هَنَّائِجِ ڪِيرَ[٢٦]،
وَهِي[٢٧] وِٽِجَارَنِ جِي، بَندَرَ ڏُونهَن[٢٨] بِهِيرَ[٢٩]،
گهر تَنِي جي ڪِيرَ[٣٠]، جَنِ لاڳِيدَارَ[٣١] لَنگهَائِيا[٣٢].

١١

ڪَرَنفُلَ[٣٣] قُوتا پارِچا[٣٤]، پاٽِيَتَ[٣٥] پاتائُون[٣٦]،
ڪُونِيُون[٣٧] قِيمَتَ[٣٨] سَنديُون، تَرِمِ[٣٩] تَاڪِيَائُون[٤٠]،

---

١. خريد ڪن، ٢. آزيءَ، نيزاريءَ، عاجزيءَ، نِهٺائيءَ، ٣. جو، ٤. وکرُ، سامان، ٥. خريد ڪن، ٦. نفعو، لابُ، ٧. خير خوبيءَ سان حاصل ڪيو، ٨. صحيح سلامت، ٩. اونهي ۽ تيز وهڪري واري پاڻيءَ، پاڻيءَ جي تيز وهڪري، ١٠. ڏيڄاريا، ١١. ٻيءَ ڪنڌيءَ، پَريئن پَرِ، ١٢. نرت سان، ڌيان سان، خبرداريءَ سان، سنڀالي، ١٣. پاڻيءَ (سمنڊ جي)، ١٤. ماءَ تي، ماڳ تي، منزل مقصود ڪي، ١٥. سردارَ، امير، ١٦. سمنڊُ، ١٧. (خدا جي) مهربانيءَ، ١٨. (واحد ساٿي) همراه، دوست، ١٩. تياري، ٢٠. سفر، ٢١. غافل، سُست، ٢٢. اي ويرَ، اي پهلونا، اي داناءَ، ٢٣. ٺاهي، چڱي طرح، ٢٤. وڏي، موچاري، ٢٥. ڪوڏَ سان، شوق سان، ٢٦. (واحد ڪيرَ)، ڪلو، ميخَ، ٢٧. وَڃي، ٢٨. ڏانهن، ٢٩. قطارَ، قافلو، ساٿُ، جماعت، ٣٠. مبارڪبادي، واڌائي، خوشي، واڌائون، ٣١. محصول وصول ڪندڙ، لاڳو وٺندڙ، ٣٢. (لاڳو ڏيئي) واپس موٽايا، ٣٣. قرنفلَ، لونگَ، ٣٤. ڪپڙا، ٣٥. (واحد پاٽيتُ) آبدار موتي، ٣٦. ورِتائون، خريد ڪيائون، ٣٧. (واحد ڪوٺي) وکريا مالَ رکڻ جو گدام، پاندو، دُڪان، ٣٨. ناٽي، ٣٩. ٻيڙيءَ جي هيٺين حصي، ٤٠. پريائون (مال سان)، درن جي تاڪن سان بند ڪيائون.

لاَجُنِ[1] مِ لَطِيفُ(رح) چَئي، بيڙا[2] بَڏائُون،
نَڌُرُ[3] نَبِيَّ[4] جَامَ[5] جو، چَڙهنديَ[6] چَيائُون[7]،
جي جُوهيَ[8] جُوڙِبائُون[9]، سي بيڙِيُون رکِين[10] بَاجهه سين.

(١٢)

ڪَرَ قُلَ قُوتا پارچا، اوتِيائُون[11] عَنبيرَ[12]،
مَهِنديِين[13] مُهِرِي[14] مُصطَفيَ[15]، اولِيَ[16] وِيهُه اَميرَ[17]،
لَنگهائي لَطِيفُ(رح) چَئي، اڳيان سُڄي[18] سَمُندَ سِيرَ،
بَرڪَتَ[19] مُحَمَّدَ ميرَ، جوڪو ٿِئي مَ جِهازَ کي.

وائي

عُمرِ سَبَ عَبَثُ[20]، وَقتَ[21] وِڃايَمِ پاهِنجا،
ويرَ[22] وِڃايَمِ پانهِنجي،
وِيني لِکيو[23] لوڙِبان[24]، جيڪي کِيو مَسُ[25]،
قلبُ ڪارو جو ٿِيو، ڪاتبَ لاهِيين ڪَسُ[26]،
حالُ مُنهِنجو هِهڙو[27]، نان تُون پِريمِ پَسُ[28]،
اَچي اَياڳَن[29] کي، رَسِجِ[30] اَچي رَسُ[31].

Gul Hayat Institute

١. (واحد لاڄو) ٻيڙيءَ جو رسو يا نوڙ. ٢. (واحد ٻيڙو) سَٽَ، ريشم يا اَنَ مان ٺهيل ننڍڙو گول ٽوِنر، گُلَ يا ڦَندَڻ. ٣. نذرانو، ٻاسَ، مڃتا، نيازَ. ٤. حضرت پيغمبر محمد صلعم جن. ٥. سردار، رئيس، (سنڌ جي سما گهراڻي جي بادشاهن جو لقب). ٦. ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيندي. ٧. ٻاسيائون، مڃتا مڃيائون. ٨. ڇَوهي ۾، طوفان ۾، تيز واءَ لڳڻ وقت. ٩. هاڪارِيائون، هڪليائون. ١٠. بچائين. ١١. پلٽيائون، وڌائون. ١٢. پساڪي وکر جو هڪ قسم جو خوشبودار ۽ اُتي وانگر ۽ رنگ جو ڳاڙهو ٿئي ٿو. زعفران. ١٣. اڳيين. ١٤. ٻيڙيءَ جي اڳيين پاسي. ١٥. حضرت پيغمبر محمد مصطفيٰ جي. ١٦. اولي ۾، پناهه ۾. ١٧. سردار، رئيس. ١٨. ٻَڌجي. ١٩. محابي، صدقي. ٢٠. اجائي، بي سودَ. ٢١. (واحد وقتَ) زمانو، ڏينهن، مدو، ميعاد. ٢٢. مهلَ، وقت. ٢٣. قسمت، ڀاڳ، نصيب. ٢٤. پوڳيان. ٢٥. تقدير جي مَسَ قلمَ. ٢٦. ڪٽَ، رنگَ. ٢٧. هن نموني (ضعيف). ٢٨. منهنجا پرين. ٢٩. (واحد اڀاڳو) نڀاڳو، بدنصيب. ٣٠. پهچج. ٣١. پهچندڙ، رسندڙ.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر سُرِاَگُ

## داستان چَهُون

۱

تَانگهي[1] ۾ تَاڻي[2]، بَڌُ پَنهِنجو تُرَهو[3]،
اونِهي[4] ۾ آڻي، کونَہ ڏِيندءِ کو بِئو.

۲

تَارُو[5] تَرِيو وَجَنِ، نَنديَا وَڏَا وَاهُڙَا[6]،
هَي[7] بَرِ[8] اَتَارُنِ[9]، گِرَا[10] مَتَنِ[11] مولِهِيَا[12].

۳

کَائُو[13] کَمَايُومِ[14]، موتِي مُون نَہ وَٽِجَئَا[15]،
سِيهي[16] جو سَيَدُ (رح) چَئي وکَرُ[17] وِهَايُومِ[18]،
هِهَڙو[19] حَالُ[20] سَندومِ[21]، توهَہ[22] تُنهِنجي اُبهَان[23].

Gul Hayat Institute

۴

بَندَرِ جَان[24] پَئي[25]، سُکَاڻِئَا[26] مَ سُمَهو،

---

۱. تانگهي پاڻيءَ، نندي پاڻيءَ ۲. ڇڪي، ڪشي، زور سان. ۳. ڪکن، ڪانن ۽ ڪاٺين جو لوڙهين سان ٺَرَ ٻڌي ٺاهيل هڪ قسم جو منجو جو ٻيڙيءَ طور ڪم آڻبو آهي. ۴. اونهي پاڻيءَ، وڏي پاڻيءَ. ۵. عضون جي چُرپُر سان پاڻيءَ جي مٿاڇري تي پاڻ جهليندڙ. ۶. (واحد واهڙُ يا واهڙو)، (پاڻيءَ جي) ڍنڍ، نهر، ڍورو، نديءَ جي اها شاخ جيڪا نديءَ مان نڪري وري اچي نديءَ ۾ ڇوڙ ڪري. ۷. هاءِ. ۸. افسوس. ۹. آتارن تي (اتارن معنيٰ جيڪي ترڻ نہ ڄاڻن). ۱۰. وڏا، وزن دار. ۱۱. انهن تي. ۱۲. ڪلنگي دار پٽڪا، دستارون، پڳون. ۱۳. ڪچ، شيشو، نقلي شيءِ. ۱۴. گڏ ڪيم، خريد ڪيم. ۱۵. خريد ڪئا. ۱٦. شيهي، ڌاتوءَ جو قسم، سرب. ۱۷. سامان. ۱۸. خريد ڪيم. ۱۹. هن نموني، ضعيف. ۲۰. حالت، ڪيفيت. ۲۱. منهنجو. ۲۲. توهَہ سان، مهربانيءَ سان. ۲۳. ٽڳان، هَلان، قائم رهان. ۲۴. جيستائين. ۲۵. خوف، خطرو. ۲٦. (واحد سکاڻي) ٻيڙيءَ جو سکان جهليندڙ، ناکئو، ملاح.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

# سُر سُرِراڳُ

## داستان سَتُون

١

سَوداگَرَ[1] سَمُنڊَ جا، لاَجُو[2] لاَلَ[3] وَتيجِ[4]،

سڙهه[5] سَنباهِي[6] سَغُلاَتَ[7] جا، کُوها[8] خُوبُ[9] کَٽيجِ[10]،

اَڃا اولاَ[11] عاجَ[12] جا، چِگا[13] چِتَائيجِ[14]،

سَتَ سُکَاٽيُون[15] سَنباهه[16] تُون، ڇهه ڇجهربُون[17] اَڏيجِ،

سَتَ[18] ساري سَيّد چئي، پوري پُڄائيجِ،

مُلاَ[19] مُعَلِمَ[20] خَبَرُون، پُڇِي پَروڙيجِ[21]،

وَسَقهُم رَبُهُم شَرَاباً طَهُوراً*، پَاڻِي پَاڪُ پِيئيجِ،

جنهنِکي سيکي سَيُکو، پِرينِ سو پَسيجِ،

لُڙَ[22] مِ کيمَ[23] لُڏيجِ[24]، سَامُوندي[25] سُنَتَرِ[26] تِيينِ.

٢

جوڙي[27] جُنگَ[28] جِهازَ کِي، پُورا[29] تُون بَنَاءِ[30]،

---

١. اي سمنڊ جي ذريعي يا وسيلي سودو ڪندڙ يا واپاري، ٢. ٻيڙيءَ يا جهاز جا رسايا نوڙ. ٣. ڳاڙها يعني سهڻا يا عمدا، ۴. وَرَ وَڪَڙَ ڏيئي ڳاٺج يا ٻنائج، ۵. ٻيڙيءَ جي ڪوهي يعني ڪاٺ جي لڙهي يا سيخلي ۾ ٻڌل ڪپڙا، ٦. تيار ڪري، ٧. سقلات، هڪ قسم جي ڪرمزي رنگ جي ڪپڙي (جو ٿلهو ۽ مضبوط ٿيندو آهي)، ٨. (واحد ڪوهو) ٻيڙيءَ ۾ ڪَنَلَ ڪاٺ جو لڙهه يا سيخلو جنهن ۾ سڙهه (ڪپڙو) ٻڌبو آهي، ٩. چڱيءَ طرح، ١٠. ڪوها ڪٽڻ = ٻيڙي هاڪارڻ يا جوڙي رواني ڪرڻ، ١١. (واحد اولو) ونجهه، ڇپو، ڪاٺ جو لڪڙو جنهن سان ٻيڙي هلائبي آهي، ١٢. هاٿيءَ جي وات جي ٻَرِ وارو هڏو، هاٿيءَ جو ڏندُ، ١٣. سهڻا، عمدا، ١۴. گلن ڦلن جي اکرَ ڪرائيج، (اکرَ = ڪاٺ يا ڪنهن ڌاتوءَ تي چٽسالي يا نقش نگاريءَ جو ڪم)، ١۵. (واحد سڪاٽي) سڪاڻ، وِيٺو، ٻيڙيءَ جي رُخَ ڦيرائڻ لاءِ ڪاٺ جو اُڀو تختو، ١٦. تيار ڪر، ١٧. (واحد ڇجهري) ڪانسَ، جاءِ ۾ ڇت جي ويجهو ڪمري ۾ اندر يا ٻاهر پٽ سان لڳل تختي والگر نديڙو واڏارو، ١٨. سودو، ١٩. ڪان، ٢٠. ناکئي، ڪپتان، ملاح، ٢١. معلوم ڪج، سمجهج، *انهن جو ربُ انهن کي پاڪ پاڻي پياريندو (قرآن شريف سورتَ دهر جي آيت ٢١)، ٢٢. لڙائيل پاڻي، درياهه، ٢٣. متان، ٢۴. ٽڪلين، اوري پري ٿئين، ٢۵. سمنڊ سان واسطو رکندڙ واپاري، ٢٦. سُئي يا سولي تڙ تي (سمنڊ يا درياهه جي ڪناري اهو هنڌ جتان ماڻهن، جانورن يا ٻيڙين جي آمدورفت هجي ان کي تڙ چئبو آهي)، ٢٧. ٺاهي، ٺيڪ ڪري، ٢٨. وڏي، عاليشان، ٢٩. اي پورا، اي موڳا، اي نادان، ٣٠. تيارُ ڪر.

Gul Hayat Institute

جَنِي پَانيو پَاڻُ[1]، ڪَري توائِي[2] تَنِ ڪي.

٥

وِساٽُو[3] سو واءُ[4]، جِنهن پَرِ[5] دِجَن ناڪُئا[6]،
پيئي ڪَرَ[7] ڪُنَنَ[8] ۾، اُجَهاٽُو[9] اوڙاهُه[10]،
اَچو اِنَ تَڙَانَ[11]، تَه ساموندي سُتَڙِ[12] تِئو.

٦

دُنِيا سَپِ دَرِيَاهُه، ڪو ڪو تَارُو تنهن ۾،
هڪڙي لَهرِ لوڀَ[13] جي، پِيو آتَشِي[14] اوڙاهُه[15]،
طالِبَنِ[16] توڙَانَ[17]، موڙي[18] چَاڙهِيُون[19] مَڪُڙِيُون[20].

٧

جِتي لَهرِن[21] لَڪَ[22]، ڪَن ڪَرِ گَلُ[23] پَاڻَ ۾،
اُتي عَبدُاللطِيفُ چَئي، رَبَ[24] تُنهِنجي رَڪَ[25]،
ڪُجَاڙو[26] ڪَڪَ[27]، پَرُ[28] جَهلِيندا پِيڙِ[29] جو.

٨

جِتي وَنجهَه[30] نَه واهَه[31]، چُپا[32] چُرَنِ[33] ڪِينڪي،

---

١. خودي، آپو پاڻ پانيو = تڪبر ڪيو، ٢. بتال، گمراهه، ٣. جَهڪو ٿيو، ڍرو ٿيو، بند ٿيو ۴. هوا، طوفان، ۵. ڪان، ٦. ٻيڙي هلائيندڙ، ملاح، ٧. (پاڻيءَ جي) لاٽ، گهٽ ٿيڻ واري حالت، ٨. (واحد ڪُنَ) درياهه يا سمنڊ ۾ ڦرندڙ پاڻيءَ جو اونهو هنڌ يا ڪوهه، ٩. مانو ٿيو، جهڪو ٿيو، (پاڻيءَ ۾) گهٽيو، ١٠. سمنڊ، ١١. تڙ ڪان، گهيڙي ڪان (تڙ = درياهه يا سمنڊ جي ڪناري تي اهو هنڌ جتي ٻيڙيون يا جهاز بيهندا آهن يا جتان ماڻهو يا جانور ايندا ويندا آهن) (ان تڙان = جنهن تڙ تي واءُ ۽ پاڻي جهڪا ٿئا آهن)، ١٢. سلامتيءَ وار تڙ يا هنڌ تي، ١٣. لالچ، حرص (گنج ۾ "لباس" لکيل آهي)، ١۴. آتش جو، شهوت جو، ڪام ۽ ڪروڌ جو، ١۵. سمنڊ، ١٦. (واحد طالب) ڳوليندڙ، سالڪَ، ١٧. توڙ ڪان، شروعات ڪان، پهريائين، ١٨. (لوڀ ۽ آتش ڪان)، هٽائي، پاسو ڪري، ١٩. گهيڙيون يا داخل ڪيون (پاڻيءَ ۾)، ٢٠. (واحد مڪڙي) ٻيڙي، ٢١. لهرن جا، چولين جا، ٢٢. (واحد لکَ) هڪ سؤ هزارَ هتي معنيٰ ٿيندي تمام گهڻو انداز يا تعداد، ٢٣. گوڙ، شور، ڪڙڪو، ٢۴. اي رب، اي پالڻهار، ٢۵. بچاءُ، پناهه، سنڀال، ٢٦. ڇا، ڪهڙو، ڪجهه به نه، ٢٧. ترهو جيڪو ڪکن ۽ ڪانن تي رسيون ويڙهي پاڻيءَ تي ترڻ لاءِ ٺاهبو آهي، ٢٨. دَبَ، دباءُ، بارَ، وزن، ٢٩. مٽيءَ جو وڏو ڳنڍيو يا ڍڪ جيڪا درياهه، سمنڊ يا ڪوهه جي ڪنارن مان پاڻيءَ جي ڪاڏ ڪري ڪرندي آهي، ٣٠. ونجهه جي، ڪاٺ جي لڙهي يعني ڏکيءَ ۽ ٿلهيءَ لٺ جي (جنهن سان ٻيڙي هلائبي آهي)، اولي جي، ٣١. مجال، وس، پهچ، ٣٢. اولا، ونجهه، ٣٣. رڙهن، هلن، ڪم ڪن.

Gul Hayat Institute

# وائي - ٢

كيرُ چَوَنڊو[1] ڪو نہ چَوَنڊو، تہ ڪو آهين اَسانجو،
پِرِين[2] پَرتِين[3] رَبَ[4] ڪي، ڪَرِ سَفَرَ[5] جو سَعيو[6]،
جَانِي هِنَ جِهَانَ مَان، وَڄُ لاَڳاپا لاَهيو،
آڳي[7] پَنهنجي اِحسَانَ[8] سين، بَانهَن[9] تي بَاجهايو[10]،
بَابي[11] بِيبِيءَ[12] فَاطِمَةَ[13] جي، بَارُ[14] سَيو[15] بَخشايو[16]،
"نَفسِي نَفسِي"[17] سَيڪو، ڪَهيو[18] اُت[19] ڪَهندو[20]،
"اُمَتي يَا اُمَتي"[21] ڪَهي، رَسُولُ رَبُ سَندو،
نيزي[22] پَانڊ[23] نَمِي[24]، اَلا، سَختِي[25] شَمس ڪَرِيندو،
اُتي عَبدُاللطيفَ تي، حَضرَت[26] هَٿ ڏَرِيندو.

Gul Hayat Institute

١. اظهار ڪندو، دعويٰ ڪندو. ٢. اي پرين، اي محبوب. ٣. حوالي آهين، پناهہ ۾ آهين. ٤. پالڻهار يعني خدا. ٥. مسافري يعني هن دنيا مان لڏڻ يا رحلت. ٦. سانباهي، تياري، سنبت. ٧. خدا. ٨. مهربانيءَ، ڪرم. ٩. ٻندن (واحد ٻانهون = ٻندو). ١٠. ٻاجهہ ڪئي، مهرباني ڪئي. ١١. پيءُ، والد، ابي. ١٢. شريف عورت. ١٣. حضرت محمد مصطفيٰ صہ جي نياڻي جو نالو. ١٤. (گناهن جو) بوجهہ، وزن. ١٥. سڀ. ١٦. معاف ڪرايو. ١٧. منهنجي جان منهنجي جان (بچايو). ١٨. چيو. ١٩. اُن هنڌ (قيامت جي ميدان ۾). ٢٠. چوندو. ٢١. منهنجي امت اي منهنجي امت. ٢٢. جهنڊي، علم. ٢٣. چوٽيءَ (تائين). ٢٤. هيٺ ٿي. ٢٥. تڪليف، ايذاء. ٢٦. نبي ڪريم. ٢٧. هٿ ڏريندو = مدد ڪندو.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

# سُرُ سامُونڊِي

## داستان پهريون

١

پَڳهه[1] پاسي[2] گهارِ[3]، آيلِ[4] سامُونڊين[5] جي،
وِجهي جِيءُ[6] جنجارِ[7]، جِمَ[8] وَڃنئي اوهَرِي[9].

٢

پَڳهه پاسي پَڇُ[10]، آيلِ سامُونڊين جي،
مَن[11] ۾ باري مَڇُ[12]، جِمَ وَڃنئي اوهري.

٣

پَڳهه پاسي ويهُه، آيلِ سامُونڊين جي،
تُون ويسَلي[13] وِکَ کَڻين[14]، پُوربندءِ[15] پَرڏيهه[16]،
سَمُنڊُ جَنِ[17] ساڻيهه[18]، ڪوهُه[19] نه ويئين تن سين.

Gul Hayat Institute

٤

پَڳهه[20] پَنڌَ[21] پَروڙِ[22]، آيلِ سامُونڊين جا،

١. پڳهه جي (ٻيڙيءَ يا جهاز کي سمنڊ يا درياءَ جي ڪناري سان ٻڌڻ لاءِ) رَسي جي يا نوڙيءَ جي. هتي ان رسي يا نوڙيءَ ڏانهن اشارو آهي جنهن سان في الوقت ٻيڙي ٻڌل هجي. ٢. پاسي ۾، ڀر ۾، ڀرسان. ٣. ويهي رهه، گذار. ۴. اي آيل، اي امڙ (هتي وڻجاري جي زال سان خطاب آهي). ۵. سمنڊ تي سفر ڪندڙن، وڻجارن. ٦. دِلِ، جند، جان. ٧. جنجارَ ۾، جنجال ۾، تڪليف ۾، مصيبت ۾. ٨. متان. ٩. جهاز يا ٻيڙيءَ جو پڳهه ڇوڙي ٻيڙي ڪاهي هلڻا وڃنئي. ١٠. ويٺي تڪليف سَهَه ۽ ڏک برداشت ڪر. ١١. (تنهنجي) دِلِ. ١٢. (جدائيءَ جي) باهه، آڳ. ١٣. سَستيءَ سان، آهستي. ١۴. وک کڻين = هلين. پنڌ ڪرين (هلڻ وقت ٻن پيرن جي وچ واري مفاصلي کي وک چئبو آهي). ١۵. هلڻا ويندءِ. ١٦. پرڏيهه ڏي، پرديس ڏي. ١٧. جن جو. ١٨. ملڪ، وطن، ڏيهه. ١٨. ڇو، ڇا لاءِ. ٢٠. پڳهه ڏي. ٢١. (ويندڙ) رستا، واٽون، پيچرا. ٢٢. سمجهه، سڃاڻ.

سَانُدارو[1] سَمُنڊَ جو، آهي ڏُورَانُ[2] ڏُورِ،
ڪي لَنگِهئَا پِهرِئين پُورِ،[3] ڪَنِ وِيني وَرِهَ ٿِئا.

٥

ايندينِ[4] تَان[5] آءُ، هَٽِي[6] هَٽُ پَڳهَ[7] ۾،
لَڳي وَاءُ سُوَاءُ،[8] سِنڙهِ[9] سَانبَاهِي[10] نَ سَهي.

٦

وَانءُ[11] وَهِلِي[12] نَ ڪَرِي، نَنگرُ[13] جَان[14] نَ ڪَٽَنِ،
مَيچُنُ[15] ڏيهِ[16] وَجَنِ، نَارِيُون[17] پُورِي[18] نَاڪُئَا.[19]

٧

نَنگرَ ۽ نَارِيُون، پَڳهَ ڪَٽِي پَندَ ٿِئَا،[20]
بَندَرَ[21] بَازارِيُون،[22] سُڃَا[23] سَامُوندِيَنِ ري.

٨

نَنگرِئُو[24] نيٽِين،[25] مَنُ اولِيءَ[26] نَ اوهَرِي،[27]
سَبَاجهِي[28] سيٽِين،[29] پَائي گُڻَ[30] گَهِليُو[31] هَنيُون.

Gul Hayat Institute

١. ڇولي، لهر. (درياء يا سمنڊ جي) پيٽ جي ويڪر. ٢. دوران دور = پري کان بہ پري، تمام پري، تمام گهڻو ڏگهو يا ويڪرو. ٢. پورَ ۾، پيري ۾، چڪر ۾ (ٻيڙيءَ جو هڪڙي ڪناري کان ٻي ڪناري تائين وڃڻ کي پورَ چوندا آهن). ٣. (جيڪڏهين) اچڻو اٿئي. ٥. تہ، ٦. وڃهي. ٧. ٻيڙيءَ يا جهاز کي درياء يا سمنڊ جي ڪناري سان ٻڌڻ لاءِ رسو يا نوڙي. ٨. سٺائو واءُ، تڪليف نہ ڏيندڙ واءُ. ٩. ٻيڙيءَ جي ڪوهي يعني ڪاٺ جي سيخلي يا لڙهي ۾ ويڙهيل يا ٻڌل ڪپڙو (هتي ٻيڙيءَ ڏانهن اشارو آهي). ١٠. (تنهنجي) تياري يا (اچڻ ۾) دير. ١١. وَڄَ. ١٢. جلد، تڪڙي. ١٣. ٻيڙيءَ يا جهاز کي بيهارڻ لاءِ لوھ جو چنبو (ننگرَ ڪٽن = ٻيڙي رواني ڪرڻ لاءِ ننگرَ کي زمين مان پٽين). ١٤. جيستائين. ١٥. متان. ١٦. وطن (سمنڊ). ١٧. (واحد ناري) پڳهہ. ١٨. ويڙهي. ١٩. (واحد ناڪئو) ٻيڙي هلائيندڙ. ٢٠. پندَ ٿئا = روانا ٿئا، هليا ويا. ٢١. بندرَ = اها جاءِ جتي ٻيڙيون يا جهازَ بيهندا آهن. ٢٢. بندر تي دڪانن جون قطارون، بندرَ. ٢٣. ويران، ڀڙڀانگ. ٢٤. ٻڌي قابو يا سوگهو ڪئو (جيئن ٻيڙيءَ يا جهازَ کي ننگرَ سان ٻڌي قابو ڪبو آهي). ٢٥. نيٽن سان، اکين سان. ٢٦. اوليءَ سان، ونجهہ سان يعني اُنَ ڪاٺ جي لڪڙي سان جنهن سان ٻيڙي هلائبي آهي. ٢٧. ڏِڪجي (پاڻيءَ تي) هَلي. ٢٨. مهربان، ٻاجهہ ڪندڙ. ٢٩. سيٽنِ، سڄڻن، محبوبن. ٣٠. رسا، نوڙيون (ٻي معنيٰ ٿيندي احسان، ٿورا). ٣١. قابو ڪيو، سوگهو ڪيو (ٻڌي)، ڳهہ ۾ رکيو، گروي رکيو.

٩

سيئي جُوين[1] ڏينهن[2]، جَڏهين سَڄڻ[3] سَفر هلئا،
رُئان رَهن نه سُپرين، آيل[4] ڪَريان ڪيئن،
مُونکي چاڙهي چيئن[5]، وئو وَڻجارو[6] اوهَري[7].

١٠

نه سي تڙ[8] خُراڪ[9]، نه وايُون[10] وَڻجارن جُون،
سَرتيُون ساموندين جا، اَڄ پڻ چڪيم[11] چاڪ[12]،
مارينهُون[13] فِراق[14]، پاڙيچيُون[15] پرين جا.

١١

وئا اُهَري اوءِ، مُونکي جَڏي ماڳهين[16]،
جُڳن[17] جا جُڳ تِئا، تِئان[18] نه موٽئو ڪوءِ[19]،
گُوندَر[20] ماريندو[21]، ويچاري[22] وِئن[23] جو.

١٢

جي اُونهي[24] وئا اُهَري، اللهُ سي واري[25]،
آئُون اُنِ آساري[26]، تڙ[27] پُوڄاري[28] آهيان.

Gul Hayat Institute

---

١. جوين جا، جوانيءَ جا. ٢. وقت. ٣. محبوب. ۴. اي آيل، اي امڙ، اي امان. ٥. چيئن تي، سوريءَ تي، ڦاسيءَ تي (ٻي معنيٰ) ڏاڱهه تي، چڪيا تي، باهه جي آڙاهه تي. ٦. واپاري، سوداگر. ٧. ٻيڙيءَ تي چڙهي يا ٻيڙي ڪاهي هليو ويو. ٨. تَڙَ تي (تڙُ = درياءَ يا سمنڊ جي ڪناري تي اهو هنڌ جتي ٻيڙيون يا جهاز ماٺهو يا سامان لاهيندا يا چاڙهيندا آهن). ٩. (واحد خُراڪُ) ننڍو ٻيڙو يا ٻيڙي، هُڙهو، هڙاڪَ. ١٠. (واحد وائي) آواز، هَلَ، گوڙ. ١١. آڻلي پيا، وري خراب ٿيا. رَسجي پيا. ١٢. ڦٽَ يا زخمَ (ساموندين جي جدائيءَ جا). ١٣. مونکي ماريندا. ١۴. وڇوڙا، جُدايون. ١٥. اي پاڙيچيون اي پاڙي واريون يا پير پر رهندڙ، اي سرتيون. ١٦. صفا، بنهه. ١٧. (واحد جُڳُ) ايامَ، زمانو، تمام گهڻا ڏينهن. ١٨. اَنَ جاءِ تان جيڏانهن محبوب هلئا وئا. ١٩. ڪوبه. ٢٠. ڏکَ، غمَ. ٢١. توکي ماريندو يعني تڪليف ڏيندو. ٢٢. اي ويچاري يا اي نماڻي (سَرَ تي). ٢٣. وِيلَنِ، جدا ٿِيلَنِ. ٢۴. اونهي ڏي، گهرَي يا عميق پاڻيءَ ڏانهن يعني سمنڊ ڏانهن. ٢٥. موٽائي، واپس آڻي. ٢٦. آسري تي، سڪ پر. ٢٧. تَڙَ تي (ويهي). ٢٨. پوڄا ڪندڙ، بندگي ڪندڙ، پرستش ڪندڙ.

**١٧**

اُهَرِئَا[١] جِئَائِين[٢]، ڏُکَنِ[٣] تَنِ تَرائِيِين[٤]،
سَامُونڊِيَنِ سَائِين، وَاءُ سَٽَائُو[٥] وَارِيِين[٦].

**١٨**

سَامُونڊِيءَ کُو[٧] سَنگُ[٨]، آهي گُونڊَرَ[٩] گَاڏِئُون[١٠]،
اَنگهُنِ[١١] ڇَاڙِهي اَنگُ[١٢]، وِئُو وَٽِجَارو اُهَرِي.

**١٩**

سَامُونڊِي سَارِي[١٣]، مَٿي[١٤] تَڙَ[١٥] گُڏَارِيَان[١٦]،
مُونکي تِي مَارِي، تَنِي سَنڌِي ڳَالَهَڙِي.

**٢٠**

سَامُونڊِي سَارِي، مَاءَ مُنهِنجو جِندڙو،
بَندَرِ[١٧] وِچَارِي[١٨]، وَجِي لَايَا ڏِينهَڙَا. *

**(٢١)**

سَامُونڊِي سَارِي، مَاءَ مُنهِنجو جِندڙو،
کَارَڻِ[١٩] وَٽِجَارِي، گهَٽُو اُکَنڊِي[٢٠] آهِيَان.

Gul Hayat Institute

---

١. اَسَهيا، ٻيڙي هاڪاري هلڻا وڻا. ٢. جتان، جنهن هنڌ تان يا جاءِ تان. ٣. موٽي پهچن (واپس). ۴. ترائِينِ تي (واحد تَرائي) ترائي = درياھ يا سمنڊ جي ڪناري تي اهو هنڌ جتان ٻيڙي رواني ٿي. ۵. سولو، سهنجو، سوکو. ٦. لڳائيين. ٧. جو. ٨. ناتو، دوستي. ٩. غمر، ڏک، سور. ١٠. گڏيل، مليل، ملاوٽ ٿيل. ١١. (واحد انگھ) ڪنهن وڻ يا سڪل ڪاٺ جي ٻاهر نڪتل ڪَتِ يا وَريل نوڪ جنهن ۾ ڪنُل يعني ذبح ٿيل جانور کي ٽنگي کل لاهبي آهي ۽ ان جا عضوا ڪپبا آهن. ١٢. بدن، جسم. ١٣. ياد ڪري. ١۴. تي، وٽ. ١۵. دَرياھ يا سمنڊ جي ڪناري تي اهو هنڌ جتي ٻيڙيون ۽ جهاز ماڻهو ۽ سامان کڻن ۽ لاهين. ١٦. ويٺي آهيان. ١٧. بندرَ تي يعني سمنڊ يا درياھ جي ڪناري تي انهيءَ هنڌ تي جتي ٻيڙيون ۽ جهاز بيهندا آهن ۽ ماڻهو ۽ سامان کڻندا ۽ لاهيندا آهن. ١٨. لاچار ۽ بي وس (ٿي). * تمام گهڻو وقت رهيو. ١٩. واسطي. ٢٠. سِڪايل.

**٩**

تَڙين[١] تَنوارين[٢]، ماءَ[٣] سامُوندِي[٤] آيا،
مُونکي جِياريِن[٥]، وايُون[٦] وَڻجارن جُون.

**١٠**

مُونکي جِياريو[٧]، پِرين[٨] جي ڳالهہ ڪَري،
ڏِنو[٩] اڄُ اَڏِيو[١٠]، هِينئَڙو[١١] ڪوٽَ[١٢] بُرجَ[١٣] جِيئَن.

**١١**

اُپِيون[١٤] تَڙَ پُوڄِين*، وَهُون[١٥] وَڻجارن[١٦] جُون،
آٽِيو اَڪا[١٧] ڏِين، ڪَٿُوري[١٨] سَمُندَ کي.

**١٢**

جَني ڪارَڻِ[١٩] مُون، تَڙَ پُوڄارا[٢٠] پُوڄِئا[٢١]،
پُنِيمِ[٢٢] اُميدُون[٢٣]، سيئي سَڄَڻَ[٢٤] آيا.

**١٣**

هِي سَڄَڻُ اُهيئي، جي مُون ڪوڏَ[٢٥] نِهارِئا،
اِيندَمِ[٢٦] جان[٢٧] پيهِي[٢٨]، تہ سَپِ لاهيندا ڏُکَڙا.

---

١. تڙن تي، تڙُ = درياءَ يا سمنڊ جي ڪناري تي اهو هنڌ جتي ٻيڙين ۽ جهازن جي يا ماڻهن جي آمد رفت هجي. ٢. ذڪر يا ڳالهہ پيا ڪَن، پچار پيا ڪن. ٣. اي ماءَ، اي امڙ. ٤. سمنڊ سان واهپو رکندڙ، واپاري، وڻجارا. ٥. زندهہ رکن، حياتي بخشين، تڪائين. ٦. (واحد وائي) ڳالهہ، ذڪر، پچار. ٧. زندهہ رکو، حياتي بخشيو. ٨. محبوبن. ٩. ڏنل، ڪريل، پڳل يا غمن ۾ نجهريل (دل). ١٠. تعمير ٿيو، ٺهيو، بَنيو، جڙيو. ١١. دل. ١٢. ڪوٽ جي، قلعي جي. ١٣. ٿل، ڪنگري، مُناري. ١٤. بيٺيون (ادب ۾) * تڙن جي سيوا ڪَن يا پوڄا ڪن يا جُهارَ ڪن. ١٥. زالون. ١٦. سوداگرن. ١٧. چانورن يا ٻي کنهن اَنَ جا داڻا اجي هندو زالون سمنڊ، درياهہ يا کوهہ ۾ پيٽايعني نذراني طور وجهنديون آهن، نذرانو. پيٽا ١٨. هرڻ جي ڏنَ مان نڪتل هڪ خوشبودار شيءِ، سَرهاڻ. ١٩. لاءِ، واسطي. ٢٠. تڙ پوڄارا = تڙ يعني سمنڊ يا درياهہ جا پوڄارا. سمنڊ يا درياهہ جي ڪناري تي ويهي پوڄا ڪندڙ. درويش. (ٻي معنيٰ) سمنڊ، درياهہ يا کنهن تلاءَ ۾ اکن وجهڻ جو عمل، سمنڊ جي پوڄا ڪندڙ، وڻجارا، ناکٽا. ٢١. عزت ڪئي، خدمت ڪئي (تڙ پوڄارن جي). ٢٢. منهنجون پوريون ٿيون يا راس ٿيون. ٢٣. (واحد اميد) آس، تمنا، خواهش. ٢٤. محبوب، پيارا. ٢٥. ڪوڏ مان، سڪ مان، هيج مان. ٢٦. مون وٽ ايندا. ٢٧. جيئن ئي، جيڪڏهين. ٢٨. کهڙي (گهرَ ۾).

Gul Hayat Institute

١٤

پَتَڻِ[1] پُوءِ[2] پَچَارَ[3]، آنِ[4] ڪَيِ[5] سِڙهَ[6] وِندا گَڏِئا،
اُڪَندَ مُون اَپارَ، شالَ مُنهِنجا[7] مِوتِئا.

١٥

سِڙهَ سُجاڻيو چوءِ، مَاءَ[8] سامُوندِي[9] آيا،
مَان[10] نَه مُنهِنجو هوءِ[11]، جَانِي[12] هِن جِهازَ ۾.

١٦

لاجُو[13] تا لَمَن[14]، اَچَنِ سِڙهَ اُپِڙِئا[15]،
ڪَارَڻِ تَن پِرِيَن، وِينِي وَاٽَ نِهَارِئان.

١٧

اَچَن سِڙهَ اُپِڙِئا، مَتَن[16] ڪَپِڙَ[17] ڪوٽَ،
سامُوندِي مُون[18] گهوٽ[19]، سَيڻَ[20] سَلامَتَ[21] آيا.

١٨

اَچَن سِڙهَ اُپِڙِئا، مَتَن مُهاڻا مِيرَ،
جي[22] سَرَڻِ[23] تُنهِنجي سِيرَ[24]، سي پَارِ[25] لَنگهائِين پَهِيڙا[26].

Gul Hayat Institute

١. پتڻَ تي، پتڻَ= سمنڊ يا درياهه جي ڪناري تي اهو گهيڙ، تڙ يا هنڌ جتان ماڻهو ٻيڙيءَ يا جهاز ۾ چڙهن يا لهن. ٢. پُٺي، پوي يا معلوم ٿئي. ٣. ذڪرُ. ۴. آن ڪي، اوهان کي. ۵. ڳجَ، ڪجهه. ٦. (واحد سڙهه) ٻيڙيءَ ۾ ڪَتَل ڪاٺ جي لَڙهي يعني ڪوهي ۾ ٻڌل يا ويڙهيل ڪپڙو، هتي سڙهن مان مراد ٻيڙيون آهي. ٧. منهنجا محبوب. ٨. اي ماءِ، اي امڙ. ٩. سمنڊ سان واهپو رکندڙ، واپاري، وڻجارا. ١٠. شال، خدا ڪري. ١١. هُجي. ١٢. جانبُ، محبوبَ. ١٣. ٻيڙيءَ جي ڪوهي ۾ ٻڌل رسا يا نوڙيون. ١۴. هيٺ مٿي پيا ٿين، لڏن. ١۵. مٿي آڏامندا. ١٦. (ٻيڙين) تي. ١٧. (ايئن ٿو معلوم ٿئي ته جڻ) ڪپڙ جا ڪوٽ يعني ڪپڙي جون جايون يا تنبوَ (آهن). ١٨. منهنجا. ١٩. (واحد گهوٽ) نئين شادي ڪيل جوان، بهادر، محبوبَ. ٢٠. (واحد سيڻ) سڄڻ، پيارو، محبوبَ. ٢١. بي جوکو، صحيح وسالم، خوش و خورم. ٢٢. جيڪي. ٢٣. سامر، پناهه، وَسِ، ذمي. ٢۴. درياهه يا نهر جي پاڻيءَ جي وچ واري تيز وهڪري واري حصي، (پاڻيءَ جي) تِکَ، طاقت. ٢۵. هُنَ پرِ. ٢٦. مسافر، ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيل ماڻهو.

۱۹

اَچَنِ سِڙهَ اُپَڙئا، مَتِنِ مُهاڻا مَلَ[۱]،
جِي[۲] اَچَنِ آبَ[۳] اُچَل[۴]، سي ٻيڙا رکين ٻاجهہ ۾.

۲۰

سَنهڙي[۵] لَڪِ[۶] نَڪَ[۷] سَنئين[۸]، ڪَجَل[۹] ڀِنا[۱۰] نيڻ[۱۱]،
سامُونڊِي مُون سين، ڪِ[۱۲] تو ڪالهہ لنگهائِيا[۱۳]؟

۲۱

لاهيان[۱۴] جي[۱۵] نَ چِتان[۱۶]، الا[۱۷] اُنِ[۱۸] مَ وِسران[۱۹]،
مَڙهيو[۲۰] مَنجهاران[۲۱]، جيءُ مُنهنجو جَنِ سين.

(۲۲)

چِتان جي نَ چُرَنِ، الا اُنِ مَ وِسران،
مُون مَنُ آهي تَنِ مَڙهيو مَنجهاران هِنئين.

۲۳

جَر[۲۲] تَڙ[۲۳] ڏِيا ڏِي[۲۴]، وڻ[۲۵] تَڻ[۲۶] ٻَڌي وانئُتيُون[۲۷]،
الا ڪانڌُ[۲۸] اَچي، آسائتي[۲۹] آهيان.

Gul Hayat Institute

---

۱. بهادر، پهلوانَ، جوڌا، ۲. جيڪي، ۳. آبَ جي، پاڻيءَ جي، ۴. اڇل سان، جهٽڪي سان، دٻاءَ سان، ۵. پتليءَ، باريڪ، نازڪ، ٦. لڪ سان، ڪمر يا چيلهہ سان، ۷. نَڪَ سان يا نَڪَ وارا (نڪُ = بدن ۾ ساهہ کڻڻ جو عضوو)، ۸. سڌي، ۹. ڪجل سان (ڪجل = ڏيئي يا بتيءَ جي دونهين جي ڪاراڻ ۾ سڻڀ مان ٺاهيل سُرمون، سُرمون (اکين ۾ وجهڻ جو)، ۱۰. ڀريل، ۱۱. اکيون، ۱۲. ڇا، ۱۳. ويندا ڏٺا، ۱۴. وساريان، فراموش ڪريان، ۱۵. جيڪي، ۱٦. چت مان، دل مان، ۱۷. اي الله، اي خدا، ۱۸. ان ڪان، ۱۹. فراموش ٿيان، دل تان لهي وڃان، ۲۰. جڪڙيو، جڙيو، قابو ڪيو، ۲۱. اندران اندر، ۲۲. جَرَ ۾، پاڻيءَ ۾ (سمنڊ يا درياهہ جي)، ۲۳. "جر" اکر جو ڊوڙي لفظ جهڙيءَ طرح ڊور ڊگهو يا کُتو ٻلو، ۲۴. ٻاري، روشن ڪري، ۲۵. وڻن ۾، درختن ۾، ۲٦. "وڻ" اکر جو ڊوڙي لفظ، ۲۷. (واحد وانئُٽي) بيرق، جهنڊي، ۲۸. ڀتارَ، مڙس، وَرَ يعني وڃارو، ۲۹. آسرونديءِ، سڪايل.

## ٢۴

جَا[١] جَرِ[٢] جَاڻُون[٣] نَہ مَئي[۴]، ڏِيَا[٥] نَہ موهي[٦]،
سَڏُون[٧] ڪوهُہ ڪَري، سَا پَنهِنجي ڪَانڌَ[٨] جُون.

## وائي ١

ڪَرَهَلَ[٩] پَائي لَڄُ[١٠]، ڪوهُہ نَہ وِيئِي ئَنِ اُنِ سين،
اُجَارِيَائُون[١١] اولِيُون[١٢]، ڏُئَارِيَائُون ڏَڄ[١٣]،
مَتَان وِهين وِسَلِي[١۴]، اُٿي پُورِل[١٥] پَڄ،
سيتَنِ سَاجُهُر[١٦] لَڏِئو، تُون آئِي[١٧] نِهَارِئين[١٨] اَڄُ،
ڪَالهَہ سِبَايِئي ڪَنجِرو[١٩]، اَنگَڻِ[٢٠] پَاتُئِي اَڄُ،*
پِرِيَان جِي هُنَ پَارَ ڏي، وَجِي دَونڪِي[٢١] ڏَڄ،
ڪير سُتَندو تُنهِنجُون، اَدورَانهُون[٢٢] اَڄُ.

Gul Hayat Institute

---

١. جيڪا، ٢. جرَ ۾، پاڻيءَ ۾ (درياھ يا سمنڊ جي)، ٣. نڌرانو، پيٽائون، آڪا، ۴. ڏي، وجهي، ٥. (واحد ڏِيئو) ڏيکر جي ننڍي چمني جنهن ۾ تيل ۽ ڪپهہ جي وٽ وجهي روشنيءَ واسطي ٻارجي، ٦. ٻاري، ٧. (واحد سڏ) تمنا، آرزو، خواهش، ٨. مڙس، پتارَ، شوهرَ، ٩. ڪرهَلَ کي، ڪَرهي کي، ١٠. نوڙي، مهارَ، ١١. صاف ڪيائون، ڏٺاريائون ١٢. (واحد اولي) ڪاٺ جو ڏگهو لڪڙو جنهن جي مدد سان ٻيڙيءَ جي پاسن کان پاڻي پري ڪري ٻيڙي هلائبي آهي، ونجهہ، ١٣. بيرق واري ٻيڙي، ١۴. سست، غافل، ١٥. پياري، سهڻي، محبوبڻِ، ١٦. سويل، ڪهڻو اڳي، ١٧. مائي، امڙ، ادي، ١٨. ڳولين، انتظار ڪرين، ١٩. چولو (صرف ڇاتي ۽ اڌ پيٽ ڍڪيندڙ)، ڪُجَ، ٢٠. انگَ تي، بدن تي، *گنج شريف " ڪالهہ سبايم ڪنجرو اڄ پييس انگهہ" لکيل آهي، ٢١. ظاهر تي، چمڪي، تِمڪي، ڏيکاري پئي ڏي، ٢٢. دانهون، فرياد.

## وائي ②

سِڙَهَه[1] سُجَاڻِيو چئوءِ،[2] ماءَ[3] سَامُوندي آيَا،
بَرِکَتَ[4] مُحَمَّد مِيرَ جي، اڳَڻ[5] سُرَهو[6] ٿِيو،*
سِکَندي مُون سَالَ ٿِئَا، وَڻِجَارو آيو،
مَاڻُهو ڏِينِ مُبَارَکُون،[7] اِهو پَڻِ ڏِينهُن ٿِئو،[8]
اُنِ جو عبداللطيف چَئي، سَفَرُ سَاب[9] پِئو.

---

١. (واحد سڙهه) ٻيڙيءَ ۾ ڪَتَلَ ڪاٺ جي لڙهي ۾ يعني ڳوهي ۾ ويڙهيل ڪپڙو. ٢. شناخت ڪريو، پرکيو. ٣. چوي ٿي. ٣. اي ماءُ، اي امڙ. ٤. مهابي، طفيل، صدقي، وسيلي. ٥. آڳند، صحن، پڌر. ٦. وڻندڙ * اڳڻ سرهو ٿيو= گهر ۾ خوشي ٿي. ٧. واڌايون، ڪيرون. ٨. آيو. ٩. ساب پئو = سجايو ٿيو، ڪارائتو يا فائديمند ٿئو.

هِينئَڙي[1] نِتُ[2] اُڪِيرَ[3]، ڪَارِي[4] ڪيڙائُنِ[5] جِي.

٥

اُتَرَ[6] لَڳِي[7] اوهَرِئَا[8]، وَاهُوندي[9] وَرَنِ[10]،
آئُون گهُٽُوئِي[11] گهورِيَان[12]، سُودو[13] سَامُونڊِيَنِ،
اَگڻِ[14] جَنِ[15] اَچَنِ، عِيدَ[16] وَرَتِي[17] اُنِ کي.

٦

اَگڻِ آيَا جَانِ، تَہ سَرَتِيُون مَان سُکَ تِئَا،
اَمُلَ[18] پِرِينءَ مَتَانِ، ٻَڙڪِئو[19] ٻِيَنِ ڏِيَانِ.

٧

چَمَڪِيُون[20] چَوڌَارَ[21]، ڌَجِيُون[22] ڌَاڙِيچَنِ[23] جُونِ،
مَاءَ سَامُونڊِي آيَا، سَهسين ڪَري سِينگَارَ،
تَنِي جِي تَنوَارَ[24]، ڪَالَهُون[25] پُوءِ ڪَانگُ[26] ڪَري.

٨

تَنَ[27] جَنِي جِي تَانگهَ[28]، سِي سَجَڻَ سَفَرِ هَلِئَا،
لَئِجِ[29] لَاتِ[30] لَطِيفُ چَئِي، ڪَڏهِين اِيندَمِ[31] ڪَانگَ[32]،

Gul Hayat Institute

---

١. هينئڙي کي، دل کي، ٢. سدائين، هميشہ، ٣. سڪ، اُڪنڊ، ۴. ڪاري پاڻيءَ جي يعني سمنڊ جي، ۵. ڪيڙيندڙن، سَفَرَ ڪندرن، ناکئن، ٦. اترَ طرف جي واءُ، ٧. لڳڻ وقت، ٨. ٻيڙي هاڪاري هلڻا وڻا، ٩. بهارَ جي موسم ۾، اونهاري جي موسم جي شروعات ۾، يعني ڏکڻ ۽ اولهہ طرف جي هوائن لڳڻ وقت، ١٠. موٽي اچن، ١١. بي حد، صفا، ١٢. اجايو يا نِڪمون سمجهان، ١٣. واپار، ١۴. اڱڻ تي، گهرجي پڌرَ تي، گهرَ ۾، ١۵. جن جي، ١٦. خوشي، راحت، ١٧. ور پوي، حاصل ٿئي، ١٨. بي بها موتي، ١٩. ڀڪيو، خوش ٿيو، ٢٠. ڀڪن پيون، چلڪن پيون، ٢١. چوطرف، چئني پاسن تي، ٢٢. (واحد ڌڄ)، ٻيڙيءَ ۾ ٻدل بيرق يا جهنڊي، بيرق واري ٻيڙي، ٢٣. (واحد ڌاڙيچو) سجڻ، ساٿي، شاهوڪار، سامونڊي، واپاري، ٢۴. تات، ڳالهہ، ٻچار، ذڪر، ٢۵. ڪالهہ کان وٺي، اڳئين ڏينهن کان وٺي، ٢٦. ڪاري رنگ جي پکيءَ جو هڪ قسم، ڪانءُ، زاغ، ٢٧. تن کي، مَن، ٢٨. سڪ، اُڪير، ٢٩. ٻولج، ٣٠. ٻولي، ٣١. (منهنجا محبوب) ايندا، ٣٢. اي ڪانگ.

## ۱۳

ڏولــو وڃــڙو ڏورِ[1]، آئُــون تــي ســيءَ[2] گُـــذاريَــان[3]،
مَــادَرِ مُـــون مَ چُــورِ[4]، نَـا[5] تَــ پَـڌَرِ[6] پُـونـڊي[7] پِـرِيَـڙِي[8].

## ۱۴

جيــ[9]ـکَــرَ آچِي هَــاڻِ[10]، تَــ کَـرِيَـان رُوحِ[11] رُچَـنـديُـون[12]،
آيَلِ[13] ڏولـي سَــاڻُ، هُـوندَ گَڙِ[14] لِڳي ڳَـالهيُـون کَرِيَـان.

## ۱۵

آيَــلِ ڏولــي سَــان، جي اَچِي تَــ جهــيــڙِيَــان،
لاَئِـيئِـنِ[15] ڏِيـنـهَـن گـهَـڻَـا، مُـون سين کـيِـئيِـنِ[16] تُـورِڙَا[17].

## ۱۶

وَڻِـجَــارِي جِـي مَـاءَ، وَڻِـجَــارو[18] نَــ پَـلِــيِـينِ[19]،
آيــو ٻَــارهِـيـن مَــاهَــ[20]، پَـنِ[21]، تُــو سَــفَــرِ[22] سَــنـبَــهِــي[23].

## ۱۷

وَڻِجَارِي* کَـانـڌَا[24]، مُـون وَرُ[25] وِبـڻِي[26] گُــهَــارِئُــو[27]،
لَــڳِــي اُتَــرَ[28] وَاءُ، ڏولـــو هَــلَــڻَ جُـــون کَــرَي.

---

۱. ڏوري ڏانهن، سمنڊ ڏانهن (سفر تي)، ۲. سيءَ ۾ يا سرديءَ ۾ (اڪيلي سمهڻ جي ڪري)، ۳. ڏينهن يا وقت ڪاٽيان، ۴. چيڙ، ۵. نہ، ۶. پڌرَ تي، کُليءَ ميدان تي، ۷. نڪري ايندي، اچي ويندي (پڌر پوندي = رازَ يا ڳجهہ ظاهر ڪندي)، ۸. (عشق جي) بيمار، عاجز، ۹. جيڪڏهين، ۱۰. هينئر، هن وقت، ۱۱. روح ڪي، دل ڪي، ۱۲. وڻندڙ (ڳالهيون)، ۱۳. اي آيل، اي امڙ، ۱۴. گڏي سان، چاتيءَ سان، ۱۵. (پرديس ۾) لائيئن يا گذاريئين، ۱۶. گذاريئين، ۱۷. ٿورا ڏينهن، ۱۸. سوداگرَ، واپاريءَ، ۱۹. روڪين، جَهلين، ۲۰. ٻارهين ماهہ = ٻارهَنِ مهينن کان پوءِ، ۲۱. وري، ۲۲. سفر تي، ۲۳. تيار ٿئي، تياري ڪري، سنبري، ۲۴. ڪانڌ ڪان، مڙس ڪان، ۲۵. مَرَ، ڀلي، بهتر، ۲۶. بنان شاديءَ جي، اڪيلو، ۲۷. (وقت) گذارئو، ۲۸. اتر جو (لڳي اتر واءُ = سياري جي موسم، جنهن ۾ اتر جو ٿڌو واءُ يعني سرد هوا لڳندي آهي، اچي وئي آهي). * گنج ۾ "وڻجارا" لکيل آهي.

Gul Hayat Institute

**(۱۸)**

وَڻِجَاري ڪَانڌَا، ڪُوري ڪَانڌُ نَہ ڪَرئِين،
اُٺِئو آڏاٽِئَا، تَہ گُرِ ڏِيندو بانهَڙي.

**(۱۹)**

وَڻِجَاري جِي وِيرَ، سَئُو سِين گهوري گهورِيَان،
وَڪَرُ وِلاَئِتُنِ مَان، آڻي ڪَندو ڏِيرَ،
تَہ جِهَڙِيُون تَنهِن وِيرَ، اُتِ اُڌَارَڻ اِيندِيُون.

**۲۰**

جَان مُون وَڻِجَارو ڪَانڌُ، تَان هَنڌَ مَ لاَئُون لَڏِيُون،
مَتي پَرڏيهَہ سَانگَ، اَنَئِي پَهَر اُنَ جو.

**۲۱**

وَڻِجَارَنِ* وَرِي، پِرَهَہ پَڳهَہ چُوڙِئَا،
اوليُون پَسِي اُنِ جُون، پِيَمِ ڳُچ ڳَري،
وِندِيَسِ مَاءَ مَري، سَاري سَامُونڊِيَنِ کي.

Gul Hayat Institute

۱. ڪانڌ ڪان، مڙس ڪان، محبوب ڪان. ۲. ڪيڙو اٿندڙ ڪاريگر. ۳. آڏاٽي تان (آڏاٽو = ڪورين جي اٿاوت جو ماندائو، ڪڏَ جنهن جي مٿان ويهي ڪوري اُٽَتِ ڪندو آهي). ۴. تنهنجي. ۵. ڳر، هيٺان، ڪنڌ هيٺان، ڳچيءَ هيٺان. ٦. ٻانهن (توڳرَ ڏيندو ٻانهڙي = توکي ٻاڪر پائي گڏ سمهندو). ۷. گهڙيءَ ساعت (جي ملاقات يا گڏجاڻي). ۸. (ٻين مائٽهن جي) سوَين يا تمام گهڻين (اهڙين ملاقاتن). ۹. تان. ۱۰. گهوري گهوريان = قربان ڪريان. ۱۱. (واحد ولايت) ڏيساوَرَ، ڏوراهون ملڪ. ۱۲. سامانَ. ۱۳. (واحد ڍيرُ) ڍڳَ، انبارَ. ۱۴. قرضَ يا رکَتِ تي وٺڻ. ۱۵. جيڪڏهين. ۱٦. منهنجو. ۱۷. تَہ جَنڪِ. ۱۸. اصل، بنهہ، مور. ۱۹. (واحد لانءُ) شاديءَ وقت گهوٽ ءِ ڪنوار جا مٿا ٽڪرائڻ (لائون لڏيون = شادي يا پَرڻو ٿيو). ۲۰. ڏانهن. ۲۱. پرديس. ۲۲. سفر جي تياري. ۲۳. اٺئي پهر = ڏينهن رات، هر وقت. * گنج ۾ "وڻجاري" لکيل آهي. ۲۴. ٻيهر، دوبارو. ۲۵. پرهَہ جو، فجر جو، اَسُرَ جو. ۲٦. (واحد اولي) ڪاٺ جو لڪڙو جنهن سان ٻيڙيءَ جي پاسن کان پاڻي پاسي ڪبو آهي جيئن تہ ٻيڙي اڳتي هلي، ونجهہ. ۲۷. پيمِ ڳچ ڳري = مون زاروزار رُنو. ۲۸. ناس ٿي، برباد ٿي، نابود ٿي. ۲۹. ياد ڪري.

٢٢

وَڻجارَنِ[١] وارِي[٢] پِرِهَہ پَڳهَہ چوڙِيا،
ڪيڙائُو[٣] ڪارِي[٤]، سَنيُوڙا[٥] سَيَدُ چئي.

٢٣

ڪارو جي ڪيڙِينِ، سيئي مُنهنجا سُپرِينِ،
رُئان رَهَنِ نَہ سُپِرِينِ، جَهلِيان جَهلَ نَہ ڏِينِ،
وِرهَہ[٦] وِيڌَ[٧] ڪَرِينِ، آيلِ[٨] سامُونڊِيَنِ جا.

٢٤

ڪاري ڪيڙائُو[٩]، بِرهَہ[١٠] بُوبُ[١١] بَناءِ[١٢]؛
قُل هُوالرَحمٰن آمَنا بِہ*، ساجا[١٣] سُڙهَہ[١٤] سَباءِ،
پَنج پَڳهَہ تِيهَہ اوليُون[١٥]، لاجُو[١٦] سِپِ لَڳاءِ،
وَحدهٗ لاشَرِيڪَ لَهٗ•، ڪُوهَا[١٧] خُوبُ[١٨] ڪَٽاءِ[١٩]،
تہ سامُوندي سَندِياءِ[٢٠]، سَچِي[٢١] ساکَ[٢٢] اُڀَهِي[٢٣].

Gul Hayat Institute

٢٥

ڪيڙائُنِ ڪارو، سَنجهيئِي[٢٤] سارِئو[٢٥]،

١. (واحد وڻجارو) واپاري، سوداگر (گنج ۾ "وڻجاري" لکيل آهي). ٢. وري، ٻيهر. ٣. (سمنڊ) ڪيڙڻ وارا، ناکئا. ۴. ڪاري جا، سمنڊ جي پاڻيءَ جا. ۵. تيار (آهن). ٦. (جدائيءَ يا فراق جا) غم، ڏکَ (واحد وِرهَہ). ٧. (واحد ويڌ) ظلمَ، قهرَ، خَلَلَ، رَخنو. ٨. اي آيل، اي امڙ. ٩. اي ڪاري جا ڪيڙڻ وارا، اي ناکئا. ١٠. برهہ جو، عشق جو. ١١. ٻيڙي. ١٢. جوڙ، ٺاهہ، تيارَ. *(اي پيغمبر ڪين) چئو تہ اهو ٻاجهارو آهي ان تي ايمان آندو سون (قرآن پارو ٢٩ سوره الملڪ آيت ٢٩). ١٣. مضبوط. ١۴. (واحد سڙهَہ) ٻيڙيءَ ۾ ڪَتلَ ڪاٺ جي لڙهي يعني ڪوهي ۾ ويڙهيل ڪپڙو. ١۵. (واحد اولي) ڪاٺ جو لڪڙو جنهن سان ٻيڙي جي پاسن کان پاڻي ٻري ڍڪيو آهي تہ جيئن ٻيڙي هلي، ونجهَہ. ١٦. ڪوهي ۾ ٻدل رسا ۽ نوڙيون •هو هڪڙو آهي، هن جو ڪوبہ مٽ يا ثاني ڪونهي. ١٧. (واحد ڪوهو) ٻيڙي جي وچ ۾ ڪتل ڪاٺ جو لڙهو يا سيخلو. ١٨. چڱي طرح. ١٩. ڪوڙاءِ. ٢٠. تنهنجي. ٢١. سَئي، ٻنان ڪوٽ ۽ فريب، کري. ٢٢. نيڪ نامي، عزت، ڪار پت. ٢٣. قائم رهي. ٢۴. سج لٿي ئي، سانجهيءَ مهل. ٢۵. سنڀاليو، ياد ڪئو.

## ٢٩

وَانءُ وَجِي وَانئُنِ[1]، هِينئَڙَا مَاڳُ پِرِيَنِ جو،
چُمِيوَ[2] چُمُ چَانئُنِ[3]، هُوءَ جَا سَندِي سَجَڻِين.

## وائي ١

آيَلِ کَرِيَانِ کِيئَن وو مُنهِنجو نِينهُن پَلِئُو[4] نَہ رَهِي[5]،
سَامُونڊِيءَ جي سَنگَ[6] کي، رُئَان راتو ڏِينهَن،
مَادَرِ[7] پَائي[8] مُنڊِيُون[9]، وَجَان[10] سَيَدَ[11] سَئِينءَ،
وِئو وَڻجَارو[12] اوهَرِي[13]، مُونکي چَاڙهي چِيئَن[14]،
گُونڊَرَ[15] مَتَان جِنڊَڙِي[16]، وَرِئَا[17] وَلِيُن[18] جِيئَن،
اُڏوهِيءَ[19] جِيئَن ڏُکَڙا[20]، چَڙهِئَا چُوٽِيءَ[21] سَئِينءَ[22].

## وائي ٢

پَڳهَ[23] پَاءِ[24] پَنهِنجي مَکُڙِي[25]، مَتَان چُوهي[26] چِنَائِي[27]،
سَاندَارو[28] سَمُنڊَ جو، اَڙَانگو[29] آهي،
تو پَانهِنجَا نَہ کِئَا، وَارِي وَرَائِي[30]،

Gul Hayat Institute

---

١. جاچ، تپاسَ ڪَرِ، غور سان ڏِسَ. ٢. وري وري يا هَرَ هَر بوسو ڏي (چُمڻُ = پيار يا عزت وچان پنهنجا چپ ڪنهن شيءِ سان لڳائڻ). ٣. چانئُنِ کي (چانئٺ = دروازي جي چوکٹ جي هيٺين ڪاٺي)، ٤. روڪيو. ٥. رَڪجي، ٦. دوستيءَ، ناتي، لاڳاپي، ٧. اي مادر، اي امڙ. ٨. وجهي، ٩. هٿن جون آڱريون. پائي منڊيون = هٿ ٻڌي، منٿون ڪري، پاڪر وجهي، ١٠. حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم. ١١. ڏانهن. ١٢. سوداگرَ، محبوب. ١٣. ٻيڙي هاڪاري هليو ويو. ١٤. چيٺن تي، ڏاکہ تي (هندن جي مردي کي ساڙڻ لاءِ ڪٺ ڪيل ڪاٺين جي ڍڳ کي ڏاکہ چئبو آهي). ١٥. غمَ. ١٦. جندَ، جانِ، دل. ١٧. چڙهيا. ١٨. (واحد وَلِ) زمين تي پکڙندڙ ٻوٽو جيڪو اڀو بهي نہ سگهي. ١٩. ماڪوڙيءَ مثل اڇي رنگ جي جيت جو قسم جو ڪاٺ، ڪاغذ وغيره کي کائيندو آهي. ٢٠. ڏک، ٢١. مٿي، سر. ٢٢. تائين. ٢٣. ٻيڙيءَ کي درياهہ يا سمنڊ جي ڪناري تي ٻڌڻ لاءِ رَسَا يا نوڙَ. ٢٤. وِجهہ، ٻَڌَ. ٢٥. ٻيڙي کي، غراب کي. ٢٦. چَوهي سبب، طوفان سبب. ٢٧. توڙائي، جدا ٿئي. ٢٩. لهر، چولي. ٢٩. ڏکيو، تڪليف ڏيندڙ. ٣٠. موٽائي.

### ۴

اَسَان[1] اُڏَارَا[2]، آٽي آوَنگَ[3] چَاڙِهَيا،
مُنهُن ڏيئي مُون آيا*، سَمُهَان سِيَارَا[4]،
اُپِرَن[5] سِيڪَارَا[6]، پَسِئو[7] وَرَ[8] بِيُن[9] جَا.

### ۵

مُون[10] اُبِي[11] تَڙَ[12] وَٽ[13]، پِرِيَن[14] پَگهَه[15] چوڙِئَا،
ڪَا مُونهِين[16] ۾ گهَٽ[17]، نَہ تَہ سَڄَڻ سَبَاجَهَا[18] گهَٽو.

### ٦

مُون اُبِي تَڙَ هيٺ[19]، پِرِيَن پَگهَه چوڙِئَا،
ڪَا مُونهِين ۾ ڏيڻ[20]، نَہ تَہ سَڄَڻ سَبَاجَهَا گهَٽُو.

### ۷

مُون اُبِي تَڙَ جَهلَ[21]، پِرِيَن پَگهَه چوڙِئَا،
ڪَا مُونهِين ۾ اَلَ[22]، نَہ تَہ سَڄَڻ سَبَاجَهَا گهَٽُو.

### ۸

مُون اُبِي تَڙَ پَاسَ[23]، پِرِيَن پَگهَه چوڙِئَا،

Gul Hayat Institute

---

١. ضمير متڪلم جمع جو صيغو جيڪو ڪڏهين ڪڏهين ضمير متڪلم واحد جي بجاء ڪم ايندو آهي، هتي پڻ ساڳي حالت آهي تنهنڪري لفظ "اسان" مان مراد لفظ "مون" يعني وڻجاري جي زال ولبي، ٢. رڪت تي، (بنان وياج) قرض تي، ٣. (واحد آونگ) ڪاري جي ميجيء جو قسم. ننيڙي سڪل ميجي * منهنجي سامهون يعني آڏو اچي وٺا. منهنجي قسمت ۾ آيا. ۴. (واحد سيارو) سرديء جي موسم جڏهين وڻجارو ٻاهر سفر تي ويل هوندو آهي ۽ سندس زال وٽ ڪائڻ پيڻ لاء ڪجهه بہ نہ هوندو آهي، ۵. نِڪرن، پيدا ٿين، ٦. (واحد سيڪارو) ٿڌو ساهه. سِياٽَ، ڏکٽي، ٿڙڪٽي (مسڪيني حال ۽ وڻجاري جي جدائيء ڪري)، ۷. ڏسئو، ۸. مڙس، پتي، ۹. ٻين زالن (جن جا مڙس موجود آهن)، ١٠. منهنجي، ١١. بيٺي، ١٢. تڙ جي (تڙ = درياهه يا سمنڊ جي ڪناري تي اهو هنڌ جتي ٻيڙيون جهاز اچن وڃن)، ١٣. پرسان، پاسي ۾، ١۴. محبوبن، سڄڻن، ١۵. (واحد پڳهہ) ٻيڙيء کي درياهہ يا سمنڊ جي ڪناري سان ٻڌڻ جو رسو، (پڳهہ ڇوڙئا = پڳهہ کولي ٻيڙي هاڪاري يا هلائي)، ١٦. مون، ١٧. ڪوتاهي، خامي، ١٨. ٻاجهه وارا، مهربان، ٻاجهارا، ١٩. وٽِ، ۾ ۾، ٢٠. ڏنو وائٺو يا ٻڌرو عيب يا وِڏ، ٢١. آڏو، پرسان، ٢٢. عيبَ، نقص، ٢٣. پاسي ۾، پَر ۾.

## ١٦

سِڙَهَ ٿي سِبِيَائُون، بَندَرَ جَنِ تَڙَنِ تي،
مُلاَ[١] مُعَلِمَ[٢] خَبَرُوں[٣]، پُڇِي[٤] پُورِيَائُون[٥]،
سُتَرُ[٦] سُونائُون[٧]، اَوَتَرِ[٨] كَنهِن نَه اولِيَا[٩].

## ١٧

سِڙَهَ ٿي سِبِيَائُون، بَندَرَ جَنِ تَڙَنِ تي،
سَرَتِيُون سَامُونڊِيَنِ جُون، ڏَڳِيُون[١٠] ڏَجَائُون[١١]،
آيَلِ تَنِ آئُون، مُوتِيو كِينَ وِسَهَان.

## ١٨

سِڙَهَ ٿي سِبِيَائُون، بَندَرَ جَنِ تَڙَنِ تي،
كُوهَاَ[١٢] سِڙَهَ اولِيُون[١٣]، قَلمِيُون[١٤] كِيَائُون[١٥]،
پُنِيُون[١٦] مُدَعَائُون[١٧] كَنڌَ[١٨] كيڙائُو[١٩] آيَا.

## ١٩

كُوهَا ٿا ڏَسَجَن[٢٠]، وَڙَكَنِ[٢١] اُپِيُون[٢٢] وَانئِيُون[٢٣]،
سَانبَاهِي[٢٤] سَمُندَ جِي، كَالَهُون[٢٥] پوءِ ٿَا كَنِ،

Gul Hayat Institute

---

١. كان، ٢. آزمودگار يا باخبر ناكئي، ٣. (واحد خبر)، سَڌِ، احوالُ (سمنڊ يا درياھ متعلق)، ۴. معلوم كري، ۵. ٻيڙي يا جهاز هاكاريائون يا هلايائون، ٦. سوكو يا سولو يا سٺائو تڙ، ٧. ڳولي لڌائون، ٨. ڏكئي يا اوكي تڙ ڏانهن (ضمير "كنهن" لفظ "اوتڙ" سان نسبت ركي ٿو)، ٩. ڏِكجي وٺا، توائي ٿي وٺا، ١٠. دونكيون، چمكيون، ڏوراهين مفاصلي تان ڏسڻ ۾ آيون، ١١. (واحد ڏجا)، بيرق، بيرق واري ٻيڙي، ١٢. (واحد كوهو) ٻيڙيءَ جي وچير كَتل كاٺ جو لڙهو جنهن ۾ سڙھ ويڙهيل هوندا آهن، ١٣. (واحد اولي) ونجھ، چپو، كاٺ جو لكڙو جنهن سان ٻيڙيءَ جي پاسن كان پاڻي ڏكي پري كبو آهي تہ ٻيڙي آسانيءَ سان هلي، ١۴. (واحد قلمي) بيرق، جهنڊي، ١۵. سنباهِيائون، تيار كيائون، ١٦. پوريون ٿيون، راس ٿيون، ١٧. (واحد مدعا) اميد، آس، گهرج، ١٨. كنڌ جا، پرديس جا، ڏوراهين يا سمنڊ پار ملك جا، ١٩. كيڙڻ وارا، سياح، مسافر، واپاري، وڻجارا، ٢٠. ڏسڻ ۾ اچن، ظاهر ٿيا آهن، ٢١. ڦڙكن، مٿي ٿيون اُپڙن، ٢٢. پيبون، ٢٣. (واحد وانئي) جهنڊي، بيرق، ٢۴. تياري، ٢۵. كالهون پوءِ = كالهوكي يعني گذريل ڏينهن كان وٺي.

## وائي ٢

اِئين[1] اَچي پَسو جيڏِيون، هِي جو حَالُ[2] مُنهِنجي جِندڙَي[3]،
پَائي وِئَڙا پير ۾، مَنجَهان کَرَس[4] کَسو[5]،
آئُون ڏورِبندِي[6] اُن کي، ڏِيئِي تَن[7] تَسو[8]،
ڏِيئِي وِئَڙا ڏَاهَ[9] کي، سُورَن جو سَرَسو[10]،
مَتَان وِهو وِيسَلِيُون[11]، رِڙهو تَان رَسو،
سَاءُ[12] نَه آيَانو[13] سُورَ جو، هَاڻي تِيُون هَسو[14]،
مُندَائِتي[15] مِينهَن جِيئَن، وِيرُوتَار[16] وَسو[17]،

## وائي ٣

ڏُکَ[18] لَاهِيندا[19] ڏُونگر[20] وو مَاءُ[21]، پِرِيَن جَا مُونکي[22] سَيئِي،
ڏَاڍِي[23] ذَاتِ[24] جَتَنِ[25] جِي، وِئَڙا ڏِيل[26] ڏَهِي[27]،
جو پَسَان[28] سو پَايَان[29]، پِريَان جو پَهِي[30]،
ڏَنَا وَڻَ کوهِيَارَ[31] جَا، وِيئِي اُڃَ[32] لَهِي،
آئُون ڏورِبندِي اُن کي، رَائي[33] رَاتِ رِهِي.

---

١. اوهين. ٢. حالت، ڪيفيت. ٣. جندڙي جو، جند جو، بدن جو، دل جو. ۴. ناز نخري يا لاڏ ڪوڏ مان. ۵. جٽي (گنج ۾ "کَرَس کَسو" لکيل آهي). ٦. ڳوليندي. ٧. تن کي، بدن کي، جان کي. ٨. تڪليف، سختي ٻک، فاقو. ٩. گولي، ٻانهي. ١٠. گهٽائي. ١١. (واحد ويسلي) غافل، سست. ١٢. ذائقو، سوادَ. ١٣. اوهانکي آيو، اوهان چکيو. ١۴. چٽرون ڪريو، کل ڪريو. ١۵. موسمي، مند واري. ١٦. هميشہ، هر گهڙيءَ، لڳوتار. ١٧. اکين مان لڙڪ وهايو. ١٨. (واحد ڏکَ) ڏوراپو، ميار. ١٩. ختم ڪندا، دفع ڪندا. ٢٠. (واحد ڏونگرَ) جبلَ (ڏورڻ). ٢١. اي ماءَ، اي امڙ. ٢٢. مون تان. ٢٣. زوراور، سرڪش. ٢۴. قوم، قبيلو، ڪڙم. ٢۵. اوٺين، پنهون جي ڀائرن. ٢٦. بدن، جسم. ٢٧. ساڙي، جلائي. ٢٨. سمجهان، گمان ڪريان. ٢٩. ڏسان. ٣٠. قاصد، ڀانڊيٽڙو. ٣١. سسئيءَ جي محبوبءَ (پنهونءَ) جو ملڪ. ٣٢. پياس، سِڪَ، ڪاڏو. ٣٣. رائي ۾، جبل ۾.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

# سُرُ سَامُونڊِي

## داستان پنجون

①

جي وِئَا پِهرِيِن پُور[1]، آهِيَان گهورِي[2] اُنِ جِي،
سَامُونڊِيَڪو[3] سُور[4]، مَاءَ[5] مَارِيندُمِ[6] ڪَڏهِين.

②

سَامُونڊِيءَ جي سُورَ، ڪِيمِ جِيءُ[7] جَڏارئُون[8]،
پُونِ ڏهارِي پُور[9] وِرهَ[10] جا وجود ۾.

③

آيَلِ سَامُونڊِيَنِ جي، آئُون سُورَنِ سِجهائِي[11]،
جيڏِيُون جُدائِي، سَهَان نَہ سِپِيرِيَنِ جي،

۴

ڏِنِي ڏِيَارِي[12]، سَامُونڊِيَنِ[13] سِڙهَ[14] سَنبَاهِئَا،
اُنِ ڪي مُند[15] اُتَر[16] جِي، اوچِتي آئِي،

---

۱. پورَ ۾ (ٻيڙيءَ جو هڪ ڪناري کان بارَ يا ماڻهو کڻي ٻي ڪناري تائين وڃڻ کي پُورَ چئبو آهي). ۲. ڳوليندڙ، طالبو. ۳. ساموندِيءَ جو (سامونڊي = سمنڊ سان واهپو رکندڙ، واپاري، وڻجارو). ۴. غمَ (جُدائيءَ جو). ۵. اي ماء، اي امڙ، اي جيجل. ٦. (مونکي) ماريندو، ناس کندو، تباهہ ڪندو. ۷. دل، جان. ۸. جڏو، اگهو، بيڪار. ۹. (واحد پورَ) فڪر، ڳڻتي، وهمَ، ويچارَ، ريچڪَ. ۱۰. (جدائيءَ جو) غمَ، سورَ، دردَ، ڏکَ. ۱۱. ڳاري، ڪمزور ڪئي، جَلائي. ۱۲. ڏِسجي وئي، اچي وئي. ۱۳. هندن جو وڏو ڏينهن يا تهوار جيڪو سياري جي موسم شروع ٿيڻ تي رات جو ڏيا ٻاري ملهايو ويندو آهي. ۱۴. (واحد سڙهَ) ٻيڙيءَ ۾ ڪپڙي جا ڪپڙا جي لڙهي يعني ڪوهي ۾ ويرهيل ڪپڙو. ۱۵. موسم. ۱٦. اتر طرف جي واءُ لڳڻ واري يعني سياري.

Gul Hayat Institute

وِڻجارِنِ وائِي، آهي پَرِين پارَ جِي.

٥

ڏِني ڏِيارِي، سامُونڊِيَنِ سِڙهَه سَنباهِئا،
وِڄهيو وَرُ[1] وَنجَهه[2] کي، روئي وِڻجارِي[3]،
مارِيندَءِ[4] مَٿارِي[5]، پِرِهَه[6] سُور[7] پِرِيَنِ جا.

٦

ڏِني ڏِيارِي، سَجَڻَ سَفَرِ هَلِئا،
پايو پانڌُ[8] ڳچي ۾، زورُ[9] ڪَري زارِي[10]،
ڪانُ[11] هَٽِي ڪارِي[12]، وِئو وِڻجارو اوهَرِي[13].

٧

تِئا ڏِيارِيءَ ڏِينهَن، سامُونڊِيَنِ سَنبَتَ[14] پَنڌَ[15] جي،
مُون[16] سِرِ[17] اُنا[18] جيڏِيُون، سَندا مَحبَتَ مِينهَن،
ڪَيَس نِماڻِي[19] نِينهَن، ڪاري[20] ڪيڙائُنِ[21] جي.

Gul Hayat Institute

٨

تِي ڏِيارِيءَ ڏِينِ[22]، ڏولُو[23] هَلَڻَ[24] جُون ڪَري،

---

١. پاڪر. ٢. اولي، چَپو. ڪاٺ جي لڪڙي جنهن سان ٻيڙيءَ جي پاسن کان پاڻي پري ڏڪبو آهي تہ ٻيڙي آسانيءَ سان هلندي آهي، ٣. وڻجاري جي زال. ۴. ساهہ ڪَڍَندَءِ، ڪهندءِ، ناس يا ختم ڪندءِ. ٥. مارينڌڙ، صياد، شڪاري، گهاتڪ يعني وڻجارن جي جُدائيءَ جا سُورَ. ٦. پرهہ جو، فجر مهل، آسَرَ جو. ٧. (جدائيءَ جا) ڏکَ، غمَ. ٨. گندي، پوتي. ٩. زور سان، تمام گهڻي. ١٠. آزي، نيزاري، منٿ. ١١. تيرَ، ڀالو. ١٢. سخت، مضبوط. ١٣. ٻيڙي هاڪاري هلئو وئو. ١۴. تياري. ١٥. (پرڏيهہ ڏانهن) وڃڻَ. ١٦. منهنجي. ١٧. سِرَ تي، مٿي تي. ١٨. وَٺا، وَسِئا. ١٩. عاجزَ، بي وس، مايوس، غمگين. ٢٠. ڪاري پاڻيءَ جي، سمنڊ جي. ٢١. ڪيڙيندڙ، وڻجارن. ٢٢. ڏسڻ واري حالت، آمَدِ. ٢٣. محبوبُ. ٢۴. وڃڻ جون تياريون ڪري.

مَکِئُو[1] پَنهِنجي مَکُڙِي[2]، چِيَتي[3] چِڱيءَ[4] چِيٿِ[5]،
رُئَان رَهَنِ[6] نَہ سُپِريِن، جَانَ[7] کي جَهلِيَان[8] بيٿِ[9]،
مُون سِين کَري مِينٿِ[10]، وِئو وَڻجَارو اوهِري.

٩

وَڻجَاري وَائِي، سَدَا آهي سَفَرَ جِي،
آيَلِ اُهَائِي، مُونکي مَاري[11] ڳَالَهَڙِي.

١٠

سَامُونڊِيَنِ[12] سَعِيو[13]، سَدَائين سَفَرَ جو،
کو ڏِيهُ[14] چِتَايُو[15]، اُونهِي[16] وَجَنِ اوهِري.

١١

اَجَا[17] اَساري[18]، مَتي[19] تَڙَ[20] گُذارِيين[21]،
تو کِيئَن وِساري، سَنگَتِ[22] سَامُونڊِيَنِ جِي.

١٢

پَرڏيهَ[23] پُورِيائُون[24]، سَامُونڊِيَن سِڙهَ سَنبَاهِيا،
مَان[25] تَنُ[26] مَارِيائُون[27]، پَاڻان[28] وِجهِي گُوندَرِين[29].

Gul Hayat Institute

---

١. تيل هٽيو. ٢. مکڙيءَ کي ٻيڙيءَ کي. ٣. سنبرائي، تيار ڪري. ۴. سُٺيءَ صحيح. ۵. چيٽَ سان، سنڀال سان، خبرداريءَ سان، ڌيان سان ٦. ترسَنِ ٧. جان کي = جيڪڏهين، جيتوڻيڪ. ٨. پڪڙيان، قابو ڪريان. ٩. ڪمر يا چيلهہ (انهن جي). ١٠. مِنيون مِنيون ڳالهيون، چالبازي، ڏاڏر، نِگي. ١١. ڳاري، جهوري. ١٢. (واحد سامونڊي) سمنڊ سان واهپو رکندڙ، وڻجارو، واپاري. ١٣. تياري، سنبت. ١۴. ملڪ، ديسُ. ١۵. چت يا دل ۾ رکيو، نظريا اکِ ۾ ڪريو. ١٦. اونهي پاڻيءَ ڏانهن، سمنڊ ڏانهن. ١٧. هيستائين. ١٨. غافل، سُستِ. ١٩. تي، وٽِ. ٢٠. درياهہ ۽ سمنڊ جي ڪناري تي اهو هنڌ يا جاءِ جتي ٻيڙيون ۽ جهاز اچن وڃن. ٢١. رَهِي پئي آهين. ٢٢. دوستي، ياري، ناتو. ٢٣. پرڏيهہ ڏي، ڏوراهين ملڪ ڏي. ٢۴. هليا ويا. ٢۵. منهنجو. ٢٦. تَنَ، مَنَ، دل. ٢٧. مصيبت ۾ وڌائون. ٢٨. ويتر. ٢٩. گوندرَنِ ۾، غمن ۾.

## (١٣)

سَامُونڊِيَن سِڙهَه سَنبَاهِئَا، اُتَر[١] وَرِيُن وَاءُ،*
ٻَارَهِين مَاهَه نَه مُوٽِئَا، سَمُنڊَ[٢] آيُن سَاءُ[٣]،
جيڪُسِ[٤] لَڪَا[٥] ڪَانءِ[٦]، اوڏاهِين آسُودا[٧] ٿِئَا.

## (١٤)

سَامُونڊِيَن سِڙهَه سَنبَاهِئَا، اُتَرَ وَاءُ وَرِيُون،
ٻَارَهِين مَاهَه نَه مُوٽِئَا، سَمُنڊَ[٨] ڪَاڄَ[٩] سَرِئُون[١٠]،
ٻَرِ ٻَرِ[١١] سُور[١٢] سَندُون[١٣]، اڄُ ڪَنهِن سين اورِيَان[١٤].

## (١٥)

سَامُونڊِيَن سِڙهَه سَنبَاهِئَا، وَرِيُن وَاءُ اُتَرَ،
ٻَارَهِين مَاهَه مُوٽِئَا، وِئَا پَروڪِيءَ[١٥] پَرَ،
سُڃا[١٦] سَامُونڊِيَن ري، ٻَازَارِيُون[١٧] ٻَندَرَ[١٨]،
ڪَٽيو سُور[١٩] سَمَرَ[٢٠]، اڄُ ڪَنهِن سين اورِيَان.

## (١٦)

سَفَرُ سُڪيرُون[٢١]، هُون[٢٢] سَلامَت[٢٣] سُپِرِين،
چَڙهِئَا[٢٤] جو چِت ڪَري[٢٥]، پُنو[٢٦] سُڪَاجُون[٢٧]،

---

١. اترَ طرف جو (ايرندي سج ڏي منهن ڪري بيهڻ سان کاٻي ڪلهي کي سامهون واري طرف کي اترَ چئبو آهي) * اتر ورين واءُ = اتر جي هوا لڳي يعني سياري جي موسم شروع ٿي، ٢. سمنڊ جو، ٣. لطف، مزو، ۴. شايد، ۵. لنڪا، هڪ مشهور ٻيٽ جو نالو، سلون، سرانديپ، ٦. جي ڪري، سبب، ٧. اوڏهين آسودا ٿئا = اتيئي (لنڪا جي ٻيٽ ۾) سَکيا، آرام سان ۽ دولتمند ٿي رهي پيا، ٨. سمنڊ ۾، ٩. ڪمَ، مراد، مطلبَ، ١٠. پورو ٿين، حاصل ٿين، ١١. هاءِ هاءِ، افسوس، ١٢. ڏکَ، غمَ، ١٣. سندن، انهن جو، ١۴. بيان ڪريان، ١۵. پروڪيءَ ۾ = گذريل سال، ١٦. ويران، ڀڙ ڀانگ، ١٧. ڪان سواءِ، ١٨. بندر جون، ١٩. سور جا، ٢٠. (واحد سمرَ) سامانَ، بوجهه، بارَ، ٢١. انهن جو سکيو يا آسان ٿئي، ٢٢. شال هجن، ٢٣. هر بلا يا مصيبت کان بچيل، بي جوکا، خير سان، ٢۴. (ٻيڙيءَ يا جهاز ۾) سوار ٿئا، ٢۵. چتَ ۾، دل ۾ (چت ڪري = دل ۾ رکي)، ٢٦. پورو ٿيو، بر صواب ٿئو، ٢٧. انهن جو ڪاڄ، انهن جو ڪم يا مراد.

Gul Hayat Institute

وِرد[1] تِئزَم[2] وِيڻ[3]، آيَلِ سامُونڊِيَنِ جا.

(٢١)

جَنِ لاءِ نيڻ جِهجَنِ، تَنِ پَرڏيهه پُوريو،
آيَلِ سارِئو[4] اُنِ کي، اوچِنگارُون[5] اَچَنِ،
کاري کيزائُنِ، واحِدَ واري آئيِنِ.

## وائي ①

وِئا اَتَمِ هوتَ[6] هَٽِي[7]، اُئون تِنهِنَ جَڙ[8] جَڏِي[9] کي،
سامُونڊِيءَ جي سَنگ[10] جي، هَنيِينَ[11] حُبَ[12] گهٽي،
سِڙهِه ڏيئي[13] سِيرَ[14] تِئا، چِنِي[15] تَنڊُ[16] تَٽِي[17]،
لائِينديس[18] لِڳَنِ[19] کي، سَنڌِي[20] پِرينءَ پَٽِي[21]،
وِڏائُون اُتَرَ[22] آسَرِي[23]، کُوها کالهه کَٽِي[24]،
الله يَجُ مَ اُنِ جي، اولِي[25] جِي اَٽِي[26]،
وَکَرُ[27] چازِهيو بِيڙِين[28]، وِڻجارَنِ[29] وَٽِي[30]،
اُنِ سِين عَبداللطيفُ چئي، مِيڙِيندَمِ ڏَٽِي.

---

١. پابنديءَ سان ڪرڻ لاءِ مقرر ٿيل ڪم، نيم، معمول، ٢. منهنجي لاءِ ٿئا، ٣. (واحد ويڻ) ڳالهه، ذڪر، سخن، ٤. ياد ڪريو، ٥. سڏڪا يري روئڻ جو آواز، زوردار روئڻ، ٦. سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ جا عزيز يا ذات وارا، محبوب، سڄڻ، ٧. ڪوڙي، ڪپائي، ٿنبي، ٨. ميخ يا ڪلِيءَ (عشق جي)، ٩. بيڪار، عاجز، بيمار، ١٠. ناتي، رشتي، دوستيءَ، ١١. هنيين ڪي، دل ڪي، ١٢. سڪ، اڪير، ١٣. ڪولي، ١٤. سير تي، درياهه يا سمنڊ جي وچ واري پاڻيءَ جي تکي وهڪري، ١٥. توڙي، ١٦. سنهو ڌاڳو يا ڌور، ١٧. سڪَ يا محبت يا اڪيرَ (جي)، ١٨. مکينديس، لڳائينديس، ١٩. عضونِ، بدنَ، ٢٠. جِي، ٢١. (قدمن يا پيرن جي) مٽي يا خاڪ، ٢٢. اترَ طرف جي واءَ جي، ٢٣. پروسي تي، آسري تي، ٢٤. آٽي، ٢٥. ونجهه، ٢٦. نوڪَ، چنهنب، ٢٧. سامان، وکرُ، ٢٨. ٻيڙين ۾، ٢٩. سوداگرن، ٣٠. خريد ڪري.

## وائي ②

وَڻجارو[١] آيو، مَاءَ[٢] مُرَادُون[٣] پُنِيُون[٤]،
مُعَلِمُ[٥] کَري مُوڙهَنِ[٦] جو، هَادِيءَ[٧] هَلاَيو[٨]،
سَامُونديَنِ[٩] سَفَرَ جو، سَدَائِين[١٠] سَعيو[١١]،
اونهي[١٢] وَجَنِ اوهَرِي[١٣]، ڪو ڏيهُ[١٤] چِتايو[١٥]،
اُنِ عَبدُاللطِيفُ چَئي، تِيو سَفَرُ[١٦] سَجايو[١٧]،

١. واپاري، سوداگر، سمنڊ سان واهپو رکندڙ، ساموندي. ٢. اي ماءِ، اي امڙ. ٣. (واحد مرادَ) اميدَ، آسَ، مطلبَ. ۴. پوريون ٿيون، برصواب ٿيون. ۵. آزمودگار يا باخبر ناکئو، سُونهون، چاڻو. ٦. (واحد موڙهو) منجهيل، اڻ ڄاڻ، بي عقل. ٧. الله سائينءَ (هادي = هدايت ڪندڙ، خدا جو صفاتي نالو). ٨. موڪليو. ٩. ساموندين ڪي) سمنڊ سان واهپو رکندڙن وڻجارن کي. ١٠. هميشہ هر وقت. ١١. تياري. ١٢. اونهي (پاڻيءَ) ڏانهن. ١٣. پيڙي هڪليو، يا هاڪاريو. ١۴. ملڪَ، ديس. ١۵. چت ۾ يا ذهن ۾ رکيو. ١٦. مسافري، پنڌ. ١٧. فائدي وارو، مفيد، ڪارائتو.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللہِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرُ سُهڻي

## داستان پهريون

١

وَهَـہ[1] تـکَ[2] واهُـڙَ[3] تـکَ، جـت نـيـنـهُـن تـکَ نـرالـيِ[4]،
جَـنـکـي عِـشـقُ عَـمِـيـقَ[5] جـو، سـي خَـلـوَتَ[6] خَـيَـالـيِ[7]،
وَارِبِـيـن[8] سـي وَالـيِ[9]، هِـيـنـئـڙو جَـنـي هَـتِ کِـئـو.

٢

اَنـڌِيءَ[10] وَچُـون[11] کَـنـڌِيءَ[12] وَچُـون، تَـنـگـئـان[13] لَـهـيِ[14] نـہ تـکَ[15]،
صُـورَتَ جـا سَـاهَـڙَ[16] جـيِ، ڍِيـلَ[17] مُـنـهِـنـجـي ڏکَ[18]،
وَاهُـڙُ تَـنـي وِکَ[19]، جَـنِ سَـانـيـارَان[20] سُـپـرِيـن.

٣

وَاهُـڙَ وَهَـنِ نـواهَـہ[21]، اَجَـا، وَهُـہ[22] اَگـيِ تـئـو،
گـهَـرِ وِيـنِـيـون[23] گـهـٽـا کَـرِيـو، سَـرَتِـيُـون سَـنـگَ[24] سَـنوانَ،*
صُـورَتَ جـا سَـاهَـڙَ جـيِ، سَـا جـيِ ڏِنـي آن[25]،

Gul Hayat Institute

١. وَهَہ ۾، درياهہ جي وهہ يعني وهڪري ۾، درياهہ جي سير يعني وچ واري پاڻيءَ ۾، ٢. تيزي، ٣. واهڙ ۾، درياهہ مان نڪتل ڦاٽَ (درياهہ مان زورَ سان ڦاٽي نڪتل شاخ) جي پاڻيءَ ۾ جو درياهہ ۾ چاڙهہ يعني طغيانيءَ وقت نهايت تکو هلندڙ آهي. درياهہ ۾. ۴. بي نموني جي، عجيب، انوکي، ۵. درياهہ يا سمنڊ جي اونهي پاڻيءَ (هتي معنيٰ ٿيندي وحدت جي درياهہ يا مطلق هستيءَ)، ٦. خلوت جا، اڪيلائيءَ جا، ٧. خيال ڪندڙَ، طالبَ، شوقين، ٨. موٽائيين، ٩. اي والي، اي مالڪ، اي ڌڻي، ١٠. انڌيءَ ني، ڪنڌيءَ يا ڪناري تي (درياهہَ جي)، درياهہ جي (ٻي) ڪپ تي، ١١. (واحد وچَ)، مينهن جو مادي ڦرَ پر هتي خود مينهيون مراد آهي، ١٢. ڪنڌيءَ تي، درياهہ جي (اورئين) ڪپَ تي، ١٣. تنگ مان، گهيڙ مان، درياهہ جي ڪپ تي ان جاءِ مان جتان ماڻهن ۽ جانورن جو لنگهہ هجي. ١۴. کهڻ ٿئي، ماني ٿئي، ١۵. پاڻيءَ جو تيز وهڪرو، ١٦. سهڻيءَ جي محبوب جو نالو (ساهڙ جو ٻيو نالو ميهار يعني مينهون چاريندڙ پڻ هو)، ١٧. ڍيل کي، بدن کي، ١٨. سونهن، سينگار، ١٩. قَدمَ، پنڌ ۾ ٻن پيرن جي وچ وارو مفاصلو، ٻرانگهہ، ٢٠. سامهون (تصور ۾ ياد)، ٢١. بنان آواز جي، مانا، سالتيڪا، ٢٢. تيز وهڪرو، ٢٣. گهر ويٺيون = گهر ۾ ويهي (بنان تڪليف جي)، ٢۴. (واحد سنگَ) دوستي، ناتو، ماڻي، عزازت * ڪريو سنگَ سنوان = دوستيءَ جو دَمَ هڻو، ٢۵. اوهان.

هُونَدَ[١] نَہ پَلِئو[٢] مَان[٣]، گِھڙو[٤] سَپِ گَھَڙا[٥] ڪَٽِي.

٤

جيڏِيُون ڏِنِيَان جي، صُورَتَ سَاهَڙَ جَامَ جِي،
سُکَ[٦] تِي سُتِيُون ڪِينَ ڪِي، ڪَانڌَنِ[٧] پَاسِي[٨] ڪِيْ[٩]،
مُونهَان[١٠] ئِي اَڳِي[١١]، گِھڙو سَپِ گَھَڙا ڪَٽِي.

٥

صُورتَ سَاهڙَ جِي، اَئِين[١٢] جِي ڏِسو سَپِيئِي،
سُمَهو ڪِينَ سُکَ تِي، وَرَ[١٣] پَاسو[١٤] ڏِيئِي[١٥]،
مُونهَان اَڳَيئِي[١٦] گِھڙو سَپِ گَھَڙا ڪَٽِي.

٦

صُورَتَ سَاهَڙَ جَامَ جِي، ڏِنِي جَنِ هيڪَارَ[١٧]،
سُتِيُون ڪِينَ سُکَ تِي، پِرِي[١٨] سَانُ پَتَارَ[١٩]،
گِھڙِيُون[٢٠] گَھَڙنِئَان[٢١] ڏَارَ[٢٢]، ڪَاهي پِيِيُون ڪُنَ[٢٣] ۾.

٧

Gul Hayat Institute

جيڪِي ڏِنو مَان، سوجِي ڏِنو جيڏِئين،

---

١. جيڪر، شايد، ٢. جهليو، منع ڪريو، ٣. مونکي، ۴. (درياهه ۾) ٽپي پئو يا داخل ٿئو، ۵. (واحد گهڙو)، دِلو، ٦. سک سان، آرام سان، ٧. (واحد ڪانڌ يعني مڙس يا پتار) مڙسن، ٨. پاسي ۾، پر ۾، ٩. (ضمير "ڪو" جو جمع) ڪجهه جٽيون، ٽوريون، ١٠. مونکان، ١١. پهريائين، ١٢. اوهين، اوهان، ١٣. ورَ ڪي، مڙس ڪي، پتار ڪي، ١۴. پهلو، بدنَ جو پاڳو جنهن ۾ هڪ ٽنگ ۽ ان جي مٿان هڪ ٻانهن شامل آهن، ١۵. لڳائي (پاسو ڏيئي = ويجهو ٿي)، ١٦. پهريائين، ١٧. هڪ دفعو، هڪ ڀيري، ١٨. راضي ٿي، خوش ٿي، ١٩. مڙس، ٢٠. ٽپي پيون، داخل ٿيون، ٢١. گهڙن کان، دِلن کان، ٢٢. سواءِ، ٢٣. گرداب، هتي معنيٰ ٿيندي درياهه.

## ۱۵

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، چيلهه[1] ٻڌي چوٽو[2]،
منهنجو من ميهار ڪي، پار[3] وڃي پهتو،
گهوٽي[4] ۾ گهوٽو[5]، اچي ڪو[6] م اجاڻ[7] ڪي.

## ۱٦

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، پوڙهيائين پاهون،
وچاريءَ وڌيون ڪيون، وچ درياهه داهون،
موٽ[8] محب پاهون[9]، تاڪن[10] تڪي[11] آهيان.

## ۱۷

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، سانگو[12] ڇڏي ساهه[13]،
وچاريءَ وڌيون ڪيون، داهون منجهه درياهه،
ٻر[14] ٻانهن ڇڏئو، وٻس ڇڪي[15] واهه[16]،
مدد[17] رءِ[18] ميهار جي، غرض[19] سڀ گناهه[20]،
نوري[21] ڪر نگاهه[22]، ساهڙ[23] لنگهيان سير[24] ڪي.

---

۱. چيلهه سان، ڪمر سان. ۲. لانگوٽو، گوڏ، لاڪ. ۳. درياهه جي هن پر يا ٻيءَ ڪنڌيءَ. ۴. پاڻيءَ ۾ ٻڏندڙ ماڻهوءَ جي هيٺ وڃڻ ۽ مٿي اچڻ واري حالت، غوطو، ٽٻي. ۵. وهم، خيالُ. ٦. نه. ۷. بي عقل، پورڙي، نادان. ۸. واپس ٿيءُ. ۹. پوئتي، پٺيان. ۱۰. شڪاري (جانورن). ۱۱. تاڙي. ۱۲. آسرو، پرواهه. ۱۳. ساهه جو، حياتيءَ جو، جان جو. ۱۴. ٻلَ، طاقت، زورَ. ۱۵. پوري ٿي، خَتم ٿي. ۱٦. اُپاءَ، وسيلا. ۱۷. حمايت، واهرَ. ۱۸. کان سواءِ. ۱۹. مقصدَ، مطلبَ، خواهشون. ۲۰. (واحد گناهه) ڏوهَ، پاپَ، جرمَ، خطا. ۲۱. نوراني، نورَ وارا، پاڪَ. ۲۲. نظر (مهربانيءَ جي). ۲۳. اي ساهڙ، ساهڙ = سهڻيءَ جي محبوب ميهار جو ٻيو نالو. ۲۴. درياهَ. (درياهَ جي) وچ واري تيز وهڪري.

### ١٨

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، الاهي[١] تُنهار[٢]،
جَنگهه[٣] جَرڪي[٤] وات ۾، سِسّي[٥] ڪي سيسار[٦]،
چُوڙا[٧] پيڙا[٨] چِڪ[٩] ۾، لُڙ[١٠] ۾ لُڙهيس وار[١١]،
لَڪين چُهٽيس لُوهٽيون[١٢]، تيلهيون[١٣] تنئون[١٤] ذار[١٥]،
مِڙئا مَڃ[١٦] هزار، پاڳا[١٧] تيندي سُوهڻي.

### ١٩

وٺن[١٨] وڻن ڪانگ[١٩]، وچين[٢٠] تي ويلا ڪري[٢١]،
گهڙي گهڙو هٿ ڪري، سُٽي سانجهيءَ[٢٢] بانگ[٢٣]،
سيئي ڏونڌي[٢٤] سانگ[٢٥]، جتي ساهڙ[٢٦] سپرين.

### ٢٠

منهڻ[٢٧] جنهن جي مُون، ڏنو مُنهن ميهار جو،
آهي ساهه[٢٨] سنئون[٢٩]، سو ڪيئن گهڙو گهورِيان[٣٠].

### ٢١

گهڙو پڳو نه گهورئو[٣١]، مر[٣٢] چور[٣٣] ٿئي چوڙو،

---

١. اي منهنجا الله. ٢. تو آهر، تنهنجي آسري. ٣. ٽنگ، بدن جو هڪ عضوو. ۴. هڪ قسم جي مڇيءَ. ٥. مٿو، سِرُ، گردن. ٦. درياهه جو هڪ خوفناڪ جانورُ، واڳوءَ، سيسرَ. ٧. (واحد چوڙو) ٻانهَن جو هڪ زيور ٨. (واحد پيڙو) ڳاني، ٻانهَن جو هڪ زيور. ٩. گپَ، لڙاتيلَ يا ميري ۽ مٽيءَ گڏيلَ پاڻيءَ. ١٠. لڙاتيلَ پاڻيءَ، درياهَ. ١١. ڳر ٿي ويس. ١٢. (واحد لوهٽي) مڇيءَ جو هڪ قسم. ١٣. (واحد تيلهي) تيري، مڇيءَ جو هڪ قسم. ١۴. تنَ ڪان (تنَ = اجهو، آڏ). ١٥. ڏارَ تي، جُدا تي. ١٦. وڏيون مڇيون، مانگرَ مڇَ. ١٧. پرزا، ٽڪرَ، ڀيرا ڀيرا. ١٨. وٺن تي، درختن تي. ١٩. ڪانءَ، هڪ قسم جا ڪاري رنگ وارا پکي. ٢٠. ٽپهري. ٢١. ويلا ڪري = سج لهڻ جي وقت کي ويجهي ٿيندي وڃي. ٢٢. سانجهيءَ واري، مغرب واري. ٢٣. آذانَ، نماز لاءِ سَڏَ. ٢۴. ڳولي، نهاري. ٢٥. جايون، ماڳ. ٢٦. سهڻيءَ جي محبوب ميهارَ جو ٻيو نالو. ٢٧. بهاني، سبب. ٢٨. جان، دَمَ. ٢٩. برابر، ساڻُ. ٣٠. ترڪ ڪريان، ڀَن وجهان، ڇڏي ڏيان. ٣١. صدقو ٿيو، قربان ٿئو. ٣٢. ڀلي. ٣٣. ذرا ذرا، ڀورَ ڀورَ.

Gul Hayat Institute

طَالِبُ المَولِيٰ مُذَڪَرُ،* اِيءُ ٻُڌَندَنِ ٻُوڙو[١]،
گهورِئو[٢] ڏَمُ[٣] ڪُوڙو، مُون ميهَارُئِي مَنَ ۾.

## ٢٢

گهَڙو ڀَڳو تَہ گهورِئو، مَرُ ٻِيڙَ[٤] تِئي[٥] ٻَانهِين[٦]،
طَالِب المولِيٰ مُذَڪَرُ، اِيءَ پَرِ[٧] اَسَانهِين[٨]،
پُئَان[٩] مَ[١٠] پَانهِين[١١]، مُون ميهَارُئِي مَنَ ۾.

## ٢٣

گهَڙو ڀَڳو تَہ گهورِئو، پَاٽَان[١٢] هُوءِ[١٣] حِجَابُ[١٤]،
وَاجَٿُ[١٥] وَجِي وِجُودَ ۾، رَهِيو رُوحَ[١٦] رَبَابُ[١٧]،
سَاهَڙَ رِيءَ[١٨] ثَوَابُ[١٩]، اُئُون گهَٽُوئِي گهورِيَان[٢٠].

## ٢٤

گهَڙو ڀڳو تہ گهورِئو، تَان ڪِي تَرُ هِنيَان[٢١]،
اَدَبُ[٢٢] اَڪَرِيُن ڪِي، ڏَهَاڙِي[٢٣] ڏِيَان،
مُونکي ميهَار[٢٤] مِيَان[٢٥]، سَنئُون[٢٦] سُونهَايو پيچِرو[٢٧].

* موليٰ يعني خدا جو طالب يا گهورو نرُ آهي (حديث)، ١. آڌارَ، ٽيڪَ. ٢. ٻَنِ ٻئو، ڪڏ ۾ پوي. ٣. سهڻيءَ جي مڙس جو نالو. ۴. ٻلي. ۵. ٻيڙي. ٦. عاج جون ترتيب وار چوڙيون جيڪي زيور طور زالون ٻانهن ۾ پائينديون آهن. ٧. ريت، گت. ٨. اسان جي.٩. پوان. ١٠. نہ. ١١. پوئتي، پٺتي. ١٢. اٿلندو. ١٣. ٿِئي. ١۴. رنڊڪ، پردو، رخنو. ١۵. واڄو، ساز جو هڪ قسم، سازَ جو آواز. ١٦. اندرِ، دلِ. ١٧. روح ۾، دل ۾. ١٨. طنبوري جهڙو هڪ ساز. ١٩. نيڪيءَ يا چڱائيءَ جو اَجُرو. ٢٠. ٻن وِجهان، ڪڏ ۾ هٿان. ٢١. اي هينيان، اي دل. ٢٢. تنبيهہ، فهمائش، مهميز، سيکت. ٢٣. هر روز، روزانو، وري وري. ٢۴. سهڻيءَ جي محبوب (جو نالو). ٢۵. سائين، سردارَ. ٢٦. ڏيکاريو. ٢٧. گسَ، رستو.

Gul Hayat Institute

عَاشِقَاڻِي[1] ذَاتِ[2]، مُئِي مَلهَائِي[3] سُوهَڻِي.

## ٢٩

گهَڙو پَڳو مُنڌَ[4] مُئِي، وِئَا وَسِيلا[5]،
سَار[6] ڇَڏِيَائِين[7] سِيرَ[8] ۾، هَي[9] وِئَا حِيلاَ[10]،
سُهڻِيءَ جا سِيلاَ[11]، وَحدَتَ[12] سَڀِ وِڃَايَا.

## ٣٠

گهَڙو مُنڌَ مُئِي، وَسِيلاَ وِئَا،
تِهَان[13] پوءِ سُئَا سُهڻِيءَ سَڏَ ميهَارَ جا.

## ٣١

جَڏهِين وَسِيلَنِ، لوڙهِي[14] ڇَڏِي لُڙَ[15] ۾،
پَارَارَان[16] پِرِينِ[17]، تَڏهِين پُڇِي[18] سُوهَڻِي.

## ٣٢

پَاڻُ[19] ۾ کَڻِج پَاڻ سِين، رَءَ[20] وَسِيلِي وَڌُ[21]،
لاَلَڻُ[22] تَنِي[23] لَڌُ[24]، عِشقُ[25] جَنِي جي اَڳُ[26] ۾.

---

١. عاشقن جي، پيار ڪندڙن جي، ٢. ذات ڪي، فرقي ڪي، ٽولي يا گروهہ ڪي، ٣. سرخرو ڪري، موڪي، نالو ڪڍرائي، ۴. عورت يا زال يعني سهڻي، ۵. (واحد وسيلو) واهر ڪندڙ يا مدد ڪندڙ ڪا شيءِ يا چيز، ٦. هوش، طاقت، ٧. وڃايائين (گنج ۾ "ڇڏيائون" لکيل آهي)، ٨. درياهَ، درياهہ جي وچ واري تيز وهڪري، ٩. افسوس، ١٠. (واحد حيلو) حڪمتَ، هنرَ، فَنَ، اپاءُ، ڪوشش، ١١. (واحد سِيلو) وَسيلو، آسرو، هار سينگارَ، ١٢. توحيد، هڪڙائيءَ، ١٣. تنهن کان، ١۴. ٻوڙي، ١۵. لڙاٽيل يا ميرو پاڻي، درياهہ، ١٦. پارڪان، پَريئن ڪنڌيءَ کان، درياهہ جي ٻي ڪناري تان، ١٧. محبوبن يعني ميهارَ، ١٨. سڏِي، پُڪاري، ١٩. خودي، آپو، ٢٠. سواءِ، ٢١. هَلَ، وڃَ، ٢٢. محبوبَ، سجڻ، ٢٣. تن ڪي، ٢۴. لڌو، مليو، ٢۵. محبت، پيار، ٢٦. اڳ ۾ = اڳيان هلندڙ، رهبري ڪندڙ.

Gul Hayat Institute

## ٣٣

پَاڻُ مَ ڪَٽِج پَاڻَ سين، رءَ وَسِيلي[١] وَاڻءُ[٢]،
مَتان سَائرَ[٣] سُوهَٽِي، پِرتِ[٤] وَنجي پَاڻءُ[٥]،
نِينهَن[٦] ڳِنهَندي[٧] نَاڻءُ[٨]، وَاڻءُ پِريَان جي پَارَ ڏي.

## ٣٤

پَاڻُ مَ ڪَٽِج پَاڻَ سين، رءَ وَسِيلي وَجُ،
پِيلو[٩] پِيري[١٠] پَجُ[١١]، اُڪَندَ[١٢] ڪَڻُ عَمِيقَ[١٣] مِ.

## ٣٥

پَاڻُ مَ ڪَٽِج پَاڻَ سين، وَسِيلاَ وِجَاءِ،
عِشقَ سَاڻُ اُنَاءِ[١٤]، پِير پِريَان جي پَارَ ڏي.

## ٣٦

پَاڻُ مَ ڪَٽِج پَاڻَ سين، وَسِيلاَ وِسَار[١٥]،
لُڙُ[١٦] لَنگهَائي سُوهَٽِي، پِرت وِجَهندِيَئي پَار[١٧]،
تُرتُ[١٨] لنگهِنديُون تَارِ[١٩] اُڪَندَ اَڳَهُ[٢٠] جَنِ جو.*

Gul Hayat Institute

---

١. مدد يا واهرَ (ڪنداڙ شيءِ يا چيز)، ٢. وَڃَ، ٣. درياهَ، ۴. پرت جو، محبت جو، ۵. رازَ، ڳجهہ، پير، ٦. نينهن جو، محبت جو، عشق جو، ٧. ونندي، ياد ڪندي، اورينديي، ٨. نالو، ٩. اڏ ڪچو اڌ پڪو (دلو)، ڪچو (دلو)، ١٠. ڦيرائي، گهمائي، زور سان، ١١. پرزا پرزا ڪر، ١٢. محبتَ، پيارَ، سِڪَ، ١٣. اونهي پاڻيءَ يعني درياهَ، ١۴. ڪَڻ، وڌاء، ١۵. ڀلائي ڇڏ، دل تان لاهي ڇڏ، ١٦. درياهَ، ١٧. پار ڏانهن، درياهہ جي پَرئين ڪنڌي ڏانهن، ١٨. هڪدم، جلد، ١٩. اونهون پاڻي يعني درياهہ، ٢٠. آڌار، پرجهلو، اڳواڻ * گنج ۾ "سين" لکيل آهي.

جي ساهڙ[1] کي[2] سِڪن[3]، تني جرُ[4] جنڊُ[5] ٿئي.

## ۴۱

تُرهو[6] آڄ[7] مَ تنهن کي، جنهن عشق سين آگاهه[8]،
پُڇي[9] مَس[10] ملاحَ[11] سائرُ[12] مٿي[13] سوهڻي.

## ۴۲

سُپرِيان جي تُرهي، ٻُڏين هٿُ مَ لاءِ،
صُباحَ[14] تان[15] چُوندا، تہ اَسان ٿو[16] اُڪارئو[17].

## ۴۳

سُپرِيان جي تُرهي، ٻُڏين ٿوءِ[18] مَ[19] لڳُ[20]،
جان ڪو جيئين ڏينهڙو، پُورِ[21] اُڀتي[22] وڳُ[23]،
پاءِ تيڏاهين پڳُ[24]، نانهه[25] جيڏاهين نجهرو[26].

## ۴۴

ٻُڏين تان ٻُڏ#، سُڪي[27] جيءَ سانباهه[28] م،
ڪک ڪانديرا ڪانيون، ميڙي[29] ٻڌ م مُڌ[30]،
نڪو ساهڙ[31] سُڌ[32]، نڪا سُجي[33] سوهڻي.

---

۱. سهڻيءَ جي محبوب ميهارَ (جو ٻيو نالو)، ۲. سان، ۳. لنءُ لڳائين، اُڪندَ رکن، ۴. پاڻي، ۵. جنڊ جي پٽر جهڙو سخت پَٽَ. ۶. درياهه وغيره پر ترڻ لاءِ ڪکن ۽ ڪانن جو ٺهيل منجو. ۷. پيش ڪر، ڏي، ۸. واقفيت، واسطو، ۹. سڏي، پڪاري، ۱۰. اصل نہ، ۱۱. ملاحن کي، مهاڻن کي، ناکٹن کي، ۱۲. درياهه، ۱۳. پار ڪندي، اُڪرندي، ۱۴. (ٻئي ڏينهن) صبوح جي يعني آخرت جي وقت، ۱۵. نيٺ، ۱٦. توکي، ۱۷. پار لنگهايو، ۱۸. تہ ٻہ، ۱۹. نہ، ۲۰. ويجهو وڃ، هٿَ وجهہ، ۲۱. پورَ ڏانهن، وهڪري ڏانهن يا سان، ۲۲. اوٻاري، ۲۳. وڃ، ڊوڙ، ۲۴. پيرَ، قدمَ، ۲۵. نانهہ جو، عدم جو، نيستيءَ جو، ۲٦. مڪان، آستانَ # غرق يا نابود، ٿيين تہ پلي ٿيءُ، ۲۷. خشڪ زمين، ۲۸. تياريءَ (وڃڻ جي)، اميد، آسري، ۲۹. گڏ ڪري، ۳۰. ترهو، ۳۱. ساهڙَ جو، ۳۲. آواز، پڪارَ، ۳۳. ٻڌ جي.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيمِ

# سُرُ سُهڻِي

## داستان پهريون

۱

ڪَرَ ڳَلُ[1] ڪُوڄُ[2] ڪُنَ[3] گَهَتَا، جِتِ جَرَ[4] وَاڳُوَ[5] جِهَائِين[6]،
پَاڻُ اُڇَلِي آبَ ۾، وَهَ[7] سِرِ[8] وِڏَائِين،
لَهرِيُون[9] لَنگهِيَائِين، لُطفَ سَاڻُ، لطيفُ چئي.

۲

ڪَرَ ڳَلُ ڪُوڄُ ڪُنَ گَهَتَا، جِتِ ڏَڙَڪو[10] مَنجهِ دَرِيَاهَ،
اَچِيو اُتَاهِين گهَڙِي، سَانگو[11] ڪَري نَ سَاهَ[12]،
سَاهَڙَ[13] جِي صَلاحَ[14]، پَارِ[15] لَنگهَائِي پَاجَهَ[16] سين.

۳

دَهشَتَ[17] دَامَ[18] دَرِيَاهَ ۾، جِتِ هَيبَتُ[19] هُلاچو[20]،
وِرچِي وِيرَنِ[21] وِچِ ۾، ڪَاڏي وِئو[22] ڪَاچو[23]،
سَاهَڙُ جَامُ[24] سَچو، سَاٿِي[25] تِيندُمُ[26] سِيرَ[27] ۾.

Gul Hayat Institute

---

۱. گوڙ، هَلَ، شورَ، (خوفناڪ) آواز. ۲. طغيانيءَ جي موسمَ ۾ درياهہ جي پاڻيءَ جو شورَ يا آوازَ. ۳. (واحد ڪُنَ) درياهہ ۾ پاڻيءَ جو اونهون هنڌ جتي پاڻي چڪر کائي، گرداب، ڀَنورَ. ۴. جَرَ جا، پاڻيءَ جا. ۵. درياهَ ۾ رهندڙ جانور جو هڪ قسم جو ڳوهہ جي مثل هوندو آهي پر قدَ ۾ ڳوهہ کان وڏو ۽ طاقت ۾ ان کان زور. ٦. جتان ئي، جنهن هنڌان. ۷. وهڪري. ۸. ۾. ۹. (واحد لهر) ڇولي، موج. ۱۰. ڏڏڪو، خوفناڪ آواز، دهشت، خوف. ۱۱. پرواهَ، بچاءُ. ۱۲. سَاهَ جو، جان جو، حياتيءَ جو. ۱۳. سهڻيءَ جي محبوب (ميهار جو ٻيو نالو). ۱۴. چڱائي، سچائي، پارسائي. ۱۵. درياهہ جو اونهون پاڻي، درياهَ. ۱٦. مهربانيءَ. ۱۷. هيبتَ، خوفَ. ۱۸. سدائين، لاڳيتو، ساندهہ. ۱۹. خوف، ڊَپَ. ۲۰. هَلَ، آوازَ. ۲۱. ڳَري، ڀَري. ۲۲. ڇولين جي. ۲۳. ڪچو گهڙو. ۲۴. سردارَ. ۲۵. همراهہ، مددگارَ. ۲٦. مونکي ٽيندو. ۲۷. دراهہ جي وچئي پاڻيءَ جي وهڪري، درياهَ.

هَادِي[۱] هَتَ *ذَري اُونهي[۲] مَان اُکارِين[۳].

١٠

دَهشَتَ دامَ دَرِيَاهَ ۾، جِت ڪُنَنِ جا ڪَڙڪا،
سَهي[۴] ڪِينَ سَمندَ جا، مَاندِي[۵] دِلِ ڏَڙڪا[۶]،
سَاهَڙَ سُڄِ ڪَا، فَرِيَادِي[۷] فَقيرِ[۸] جِي.

١١

دَهشَتَ دامَ دَرِيَاهَ ۾، جِت ڪُنَنِ جو ڪَڙڪو●،
آيُمِ اُنَهيءَ پَارَ جو، دِلِ اَندَرِ ڏَڙڪو،
پَيجي[۹] شَڪَ[۱۰] سَيدُ چَئي، سِير[۱۱] سَندو[۱۲] سَڙڪو[۱۳]،
ڪونهي ڪَاڻِيَارِيُنِ[۱۴] جو، تَارِ[۱۵] بِنَان تَڙڪو[۱۶]،
وَالِي[۱۷] ڪِجِ وَڙڪُو[۱۸]، تَه بَارِ[۱۹] لنگهِيَان بَاجهه سين.

١٢

دهشَتَ دامَ دَرِيَاهَ ۾، جِت لُڙُ[۲۰] لَهرِيُون[۲۱] لَسَ[۲۲] ليٽَ[۲۳]،
آٽِيو اويَارَنِ[۲۴] ۾، بَانِدي[۲۵] بُوڙِي بِيٽَ[۲۶]،
جِت چِڪَڻَ[۲۷] جي چِپيٽَ[۲۸]، اُت سَيدَ سِيرَ لنگهاءِ تُون.

Gul Hayat Institute

---

١. اي هادي، اي رهبر، * هٿ ڏري = مهرباني ڪري، ٢. عميق، درياهه، ٣. پار ڪر، ۴. برداشت ڪري، ۵. عاجز، بي حال، ٿڪل، ڪمزور، ٦. (واحد ڏڙڪو) ڌابا، دڀاءُ، سٽ، ٧. دانهن، ٨. مسڪين، بي واهيءَ، محتاج، ● گنج ۾ "ڪن ڪندي" لکيل آهي، ٩. ختم ڪري، ١٠. شڪ ڪي، لڄ يا حيا يا شرم ڪي، ١١. درياهه جي وچ واري پاڻيءَ جي وهڪري، ١٢. جو، ١٣. آواز، سٽڪو، ١۴. قصور وارن، احتياجمندن، ١۵. اونهي پاڻيءَ، درياهه، ١٦. ٽڪاڻو، جاءِ، ١٧. اي والي، اي مالڪ، اي خدا، ١٨. مهرباني، ڀلائي، ١٩. درياهه، ٢٠. درياهه، ٢١. ڇوليون، موجون، ٢٢. (پاڻيءَ جي) اَڇَ ٿي اَڇ، هر طرف پاڻيءَ جي موجودگي، ٢٣. اٿل يا ٻوڏ (پاڻي جي)، ٢۴. درياهه جي ڪنن، درياهه ۾ موڙ يعني وڪڙ سبب پاڻيءَ جو ڪناري سان لڳو لڳ ٿاهين پاسي ڏانهن ابتو وهڪرن، ٢۵. ڪاٺ جا بند، ٢٦. ٻيٽ جا، چوڌاري پاڻيءَ سان گهيريل زمين جي ٽڪرن جا، ٢٧. درياهه جي پيٽ ۾ سخت زمين جو ٽڪر جن سان پاڻي ٽڪرائجي آواز يا گوڙ ڪري، ٢٨. تڪليف، مصيبت.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرُ سُهڻي

## داستان ٽئو

١

تَڙِ تَڪَڙ[1] تَارِ[2] گِھَڙَڻُ، اِيءُ ڪَاڻِيَارِن[3] ڪَمُ،
ڏَهَه ڏَهَه پِيرا ڏِينهَن ۾، ڏي ڏوراپو[4] ڏَمُ[5]،
عَقُلُ[6]، مَتِ، شَرَمُ، تيئي نيِنهَن[7] نِهوڙِئا[8].

٢

گِھيڙَان[9] ڪَري نَه گُھورَ[10]، تَڙُ[11] تَڪَڙِ ڪَان نَه لَهيِ[12]،
جَنهِنکي سِڪَ[13] سَاهَڙَ[14] جي، پُورَن[15] مَٿي پُورَ،
ڪَارِيءَ[16] رَاتِ ڪُنَنِ[17] ۾، وَهَمَنِ[18] ڪِي وَهلُورَ[19]،
جَنهِنکي سَاڻُ پِريَان[20] جَا سُورَ[21]، تَنهِن کي نَدِيءَ[22] نَاهِ نِگَاهَ[23] ۾.

٣

جِئَان[24] گِهڙِي تِئَان گِهيڙُ، ڪَپَرُو[25] پُڇَن ڪُوڙِيُون[26]،
ڏَمَ سِين جُسو[27] ظَاهِرَا[28]، مَنَ[29] مِيهَارَ سِين مِيڙُ[30]،

---

١. تڙِ تڪڙ = بنان سوچ ويچار جي هڪدم، ٢. تار ۾، اونهي پاڻيءَ ۾، درياهه ۾، ٣. غرضمندن، احتياجمندن، ۴. طعنو، ميهڻو، ۵. سهڻيءَ جي مڙس جو نالو، ٦. هوش، سمجهه، عقل، دانائي، ٧. عشق، محبت، ٨. نابود ڪئا، ناس ڪئا، ٩. گهيڙن جي، تڙن جي (گهيڙ = درياهه جي ڪناري تي ماڻهن ۽ جانورن جي اچڻ وڃڻ يا گهڙڻ جو هنڌ)، ١٠. جاچ، تپاس، ١١. گهيڙ، ١٢. ڳولي، يا ڏسي، ١٣. اُڪيرَ، اُڪنڊ، چڪَ، محبت، ١۴. سهڻيءَ جي مجبور ميهارَ جو ٻيو نالو، ١۵. (واحد پورَ) فڪرَ، ڳڻتي، ٻَهَه، ويچارَ، جهوري (پورن مٿي پورَ =ٻهن مٿان ٻهه، تمامَ گهڻو فڪر)، ١٦. اونداهيءَ، ١٧. (واحد ڪُنَ) درياهه ۾ پاڻيءَ جو اونهو هنڌ جتي پاڻي ڦيرو ۽ چڪر کائي، ١٨. (واحد وهم) وسوسو، خيال، غم، ڳڻتي، ١٩. حيران، پريشان، عاجز، ٢٠. پرين، ٢١. (عشق جا) درد يا تڪليفون، ٢٢. درياهه، ٢٣. نظرَ، خيالَ (ندي نگاهه ۾ نہ آهي = نديءَ جي پرواهه ڪانهي)، ٢۴. جتان، ٢۵. ڪنڌي، ڪنارو، ٢٦. بنان عشق واريون، ٢٧. بدَنَ، ٢٨. ظاهري طرح، ٢٩. مَنَ جو، دل جو (يعني اندرينءَ طرح)، ٣٠. ميلاپُ.

سَا نَدِي پَائِي نِيڙُ[١]، جَنهنکي سِکَ سَاهَڙَ جِي.

٤

جِـ[٢]ـئَان وَهِي[٣] تِئَان[٤] وَاٽَ[٥]، کَپِرو پُڇَنِ کوڙِيُون،
جَنِ کي سِکَ سَاهَڙَ جِي، سي گهيڙَ[٦] نَ پُڇَنِ گهَاٽَ[٧]،
جَنِ کي عِشقَ[٨] جِي اُسَاٽَ[٩]، سي وَاهُڙُ[١٠] پَائِينِ وِکڙِيَ[١١].

٥

کِنهِن جِنهِن[١٢] گهيڙِ[١٣] گهڙِي، جِئَن اَوَتڙَان[١٤] تَڙُ[١٥] تِيوس،
اُهَس[١٦] اَکَڙِيَنِ ۾، پِرِيَان جو پِيوس،
سَالِمُ[١٧] وِيئِي سُوهَٽِي، کُنَنِ[١٨] کِينَ کِئوس،
حَقَان[١٩] حَقُ[٢٠] تِيوس، هُئِي طَالِبُ[٢١] حَقَ جِي.

٦

هُئِي طَالِبِ حَقَ جِي، تُوڏِي لاَکُون[٢٢] تُون[٢٣] تُوڙَ[٢٤]،
نَ مَلاَحُ[٢٥] نَ مَکُڙِي[٢٦]، نَکِي بَڏِي نُوڙَ[٢٧]،
پَاٽِي[٢٨] پِنِيءَ[٢٩] بُوڙَ[٣٠]، سُهَڻِيءَ لِيکِي[٣١] سِيرَ[٣٢] جو.

Gul Hayat Institute

١. لنڍي نهر، کَسِي، آڏَ، ٢. جتان، ٣. وَجي يا گهڙي (پاڻيءَ ۾)، ۴. تتان، ۵. رستو، گسُ، ٦. (واحد گهيڙ) تڙَ، درياهہ ۾ گهڙڻ جي جاءِ يا هنڌ، ٧. (واحد گهٽ) تڙَ، گهيڙَ، ٨. پيارَ، محبتَ، ٩. سوزش، ساڙو، تپش، ١٠. درياهَ، ندي، ١١. ننڍي وِکَ يا قدمُ، ٽورڙو مفاصلو، ١٢. اهڙي، ١٣. گهيڙ کان، ١۴. اَوَتڙ يعني اوکي تڙَ مان (ڦري)، ١۵. سَڻائو تَڙَ، ١٦. تجلو، روشني، نورَ، ١٧. سلامت، بنان جوکي يا تڪليف، ١٨. (واحد ڪَنُ) درياهَ ۾ پاڻيءَ جو اونهون هنڌ جتي پاڻي ڦيرو يا چڪر کائي، ١٩. حق جي طرفان، خدا جي طرفان، ٢٠. نياءُ، انصاف، ٢١. گهوري، ڳولائو، خواهشمند، ٢٢. خوبصورت زال يعني سُهڻي، ٢٣. کان، ٢۴. اصل، شروعات، ٢۵. ناکئو، ٻيڙيءَ وارو، ٢٦. ٻيڙي، ٢٧. رسا، نوڙيون، (درياهہ پارِ اُکرڻ واسطي)، ٢٨. ماڻهوءَ جي ٽَنگَ جي پُنڍين پاسي گوڏي هيٺان ٽنگ جو حصو، ٻَکي، ٢٩. ٻوڙيندڙ، ٣٠. سهڻيءَ جي، ٣١. ليکي ۾، حساب موجب، سمجهہ ۾، ٣٢. درياهہ جي وچ واري وهڪري.

## ٧

سُهڻيءَ ليکي سيرَ جو، پاڻي پِنيءَ هيٺ،
ٻِڏئو ٻِرهه[1] ٻيٺِ[2] وَڃي ڪَپيندي ڪُنَنِ[3] کي.

## ٨

وَڃي ڪُنَ ڪَپيندي، سُهڻي مَنجهان سِڪَ[4]،
هَڏِ[5] نَ ڀَڳِيَسِ[6] هِڪَ[7]، مَحبتيءَ ميهارَ جي.

## ٩

تَوڏي[8] تورَائين[9]، نينهَن[10] نوازي[11] سوهڻي،
ڳِچيءَ هارُ[12] حَبيبَ جو، لائِق[13] لَڏائين[14]،
سو تَڙُ[15] سُونائين[16]، جيڏاهِن عالَمَ[17] آسَرو[18].

## ١٠

توڏي تُهائين[19] جي، سي هِنَنهين ڇَڏِ حِرصَ[20]،
ساهَڙَ[21] ڌارَان[22] سوهڻي، ڪوتيُون[23] ڪَن ڪرسَ[24]،
وَڏي اِيءَ وِرسِ[25]، جِئَن[26] ڏمَ وَتِ ڏينهن[27] گذاريِن[28].

Gul Hayat Institute

---

١. برهه مان، عشق مان، ٢. ڪمرَ، چيلهه، ٣. (واحد ڪُنُ) درياهه ۾ پاڻيءَ جو اونهون هنڌ جتي پاڻي چڪر کائي، ٤. پيارَ، محبت، ٥. اصلَ، هرگز، ٦. گهٽ ٿيس، ختم ٿيس، ٧. سَڌَ، سِڪَ، تانگهه، ٨. خوبصورت زال يعني سهڻي، ٩. توڙ کان، اصل کان، ١٠. عشق، محبت، ١١. ورسائي، مالامال ڪئي، سرفراز ڪئي، ١٢. ڳچيءَ ۾ پائڻ جو ڳهه يا زيورَ، ١٣. ٺاهوڪو، مناسبَ، شانَ برابرِ، ١٤. هٿ ڪَيائين، ١٥. گهيڙ، درياهه جي ڪناري تي اهو هنڌ جتان ماڻهو ۽ جانورَ اچن وڃن، ١٦. ڳولي هٿ ڪيائين، ١٧. عالمَ جو، جهان جو، دنيا جو، ١٨. آڌار يعني حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم، ١٩. هر ڪائين، موهتَ ڪن، ٢٠. (واحد حرصَ) سَڌَ، خواهشَ، لالچ، لوڀَ، ٢١. سهڻيءَ جي محبوب ميهارَ جو ٻيو نالو، ٢٢. کان سواءِ، بغير، ٢٣. ٻنان عشق واريون، نام نهاد عاشقياڻيون، ڪوڙيون، ٢٤. ناز نخرا، لاڏ ڪوڏ، ٢٥. غلطي، چُڪ، ڀُلَ، ٢٦. سهڻيءَ جي مڙس جو نالو، ٢٧. حياتيءَ جا ڏينهن، ٢٨. بسر ڪرين.

١٥

پَلِ پَلِ[1] تي پَلِـيَ[2]، ڏَمَرَ ڏَهَـاڙِي ڪـيـتـرو،
پَـسِـي دَورُ[3] دَرِيَـاهَـہ جـو، وِچَـانَ[4] ڪـيـنَ وَلِـيَ[5]،
ڪَـارِيَ[6] رَاتِ قَـرِيـبَ[7] ڏي، مَـنجَـهـان حُـبَ[8] هَـلِـي،
نَـہ ڪِـنهِـن جُهـولَ[9] جَـهـلِـيَ[10]، سَـمَـنُ[11] پُـورِيَ[12] سُـوهَـڻِـي.

١٦

جـهـولَ نَـہ جَـهـلِـي سُـوهَـڻِـي، سَـائِـرُ[13] سَـٽَ[14] سَـنـديَـاسَ[15]،
جَـنهِـن اِهـڙِي جَـائِـي عَـاجِـزَ[16]، سَـا مَـرُ[17] مَـرَڪِـيَ[18] مَـاسَ[19]،
پَـسِـيـنِ[20] جـي پِـيَـاسَ، تَـہ[21] ڪِـي عِـشـقُ آٽِـيـنِ.#

١٧

نَـڪَـا جُـهـولَ جَـهـلِـيسِ، نَـہ تَـانـگهـو[22] نَـہ تَـارِ[23] ڪِـي،
ڏَمَرُ ڏَهَـاڙِي ڪَـيـتِـرو، پَـرِ[24] مِ تَـو پَـلِـيـس،
تَـانَ[25] تَـان جِـيءُ[26] جَـلِـيـسِ[27]، مِـلِـي جَـانَ[28] نَـہ مـيـهَـارَ ڪِـي.

١٨

Gul Hayat Institute

سَـهـہ[29] سَـيَـارو[30] پَـاٽِـي[31] پَـارو، جـت جَـهـڙُ[32] جَـهـگـهـہ[33] ۽ جَـهـولَ،

---

١. پل پل= دم بَدَمِ، وري وري، ٿوري ٿوري وقفي کان پوءِ، ٢. روڪي، جهلي، منع ڪيس، ٣. نمونو، زورَ، دهشتَ، چَڪَرَ. ٤. وچ مان، اَڌَ پنڌ تان، ٥. موٽي، وري، واپس ٿي، ٦. اونداهيءَ، ٧. دوستَ، محبوبَ، ٨. سِڪ، اُڪيرَ، پيارَ، ٩. درياهَ جي پاڻِ يا ڪاڙ سبب ڪنڌيءَ جي پاسي ۾ نُهيل اونهي پاڻيءَ جو هنڌ جنهن ۾ درياهہ ۾ پاڻيءَ گهٽجڻ بعد بہ پاڻي بيٺو هوندو آهي ۽ ان ۾ ترڻ ڏکيو هوندو آهي، ١٠. روڪي، ١١. سمن جي، انجام جي، واعد جي، ١٢. وفادار، ١٣. درياهہ، ١٤. ٽورو پنڌ، بہ ٽي وکون، ١٥. سنديس، اُن جو، ١٦. چوکري، نياڻي، ڌيءُ، ١٧. پلي، ١٨. فخر ڪري، ١٩. ماٽس، اُنَ جي ماءُ، ٢٠. پسيس جي = جيڪڏهين ڏسين، ٢١. ان جو پيءُ يعني پرين يا محبوبَ # تہ پوءِ تون بہ عشق يا محبت ڪرڻ لاءِ تيارَ ٿي ويندين، ٢٢. لنڊو پاڻي، ٿوريءَ اونهائيءَ وارو پاڻي، ٢٣. اونهون پاڻي، وڏو پاڻي، ٢٤. پنهنجي مُنهن، ڳجهہ ڳوهَ ۾، ٢٥. تيستائين، ٢٦. دِلِ، ٢٧. ان جو جلي يا ڪامي (عشق جي باهہ ۾)، ٢٨. جيستائين، ٢٩. تَهِہ، نهايتَ، سخت، ٣٠. سيءَ جي مند، سرديءَ جي موسم، ٣١. پاري جهڙو ٿڌو (پارو = سخت سرديءَ سبب ڄميل پاڻي)، ٣٢. آسمان تي ڪڪرَ ڇانئجي وڃڻ واري حالت، ٣٣. پاڻيءَ جو گوڙ يا آواز.

سَگھو[1] ساعَتَ[2] نَہ جِندڙو[3]، جَر[4] رِڻي[5] مُهنجو جِيءُ[6]،
سانوڻُ سِيارو پانيان، وَهہ[7] پِريان[8] جي وِيءُ[9]،
پارِ[10] جَنِي جو پِٽيءُ[11]، وَڃڻُ واجِبُ[12] تَنِ تي.

**٣٠**

اَداَ اي بانڊِي، تو[13]کي ڪَڙهان[14] ڪَ[15] پاڻ[16] کي،
سُوڌي[17] خَبَر[18] سَجَڻين[19]، تو کا تَڙِ[20] آندِي،
تُون پاتار[21] پانڌِي[22]، اَسان[23] پَند پِرين ذي.

**٣١**

پَلو[24] بانڊَ[25]، لُڙهين لَهرِن وِچ مِ،
ڪِٿي تُنهنجُون پاڙُون، ڪِٿي تُنهنجا پانڌَ[26]،
ڪَنهِن سَتاٽي[27] سانگَ[28] آٽي وِڌءِ[29] آرَ[30] مِ.

**٣٢**

سُڪي[31] هُئَڙا گَڏُ، بانڊَ مَڙيئي پِٽ[32] مِ،
جَڌهين ساوَڻ تِيَنِ سَڌُ، لُڙهي[33] لَهوارا[34] ٿِئا.

---

١. تندرست، چڱو ڀلو. ٢. گهڙي يا پَلڪَ. ٣. جانِ، جِندَ، جسمُ. ۴. پاڻيءَ، درياھَ. ۵. ڪان سواء. ٦. جندَ، جانِ. ٧. وَهَہ سبب، محبت سبب. ٨. پرينءَ، محبوبَ. ٩. ساوڪَ وارو ميدان، چراگاھ، گلزارَ. ١٠. هَنَ پَرِ، ٻيءَ ڪنڌيءَ. ١١. محبوب. ١٢. لازم، ضروري. ١٣. تنهنجو. ١۴. خيال ڪريان. ١۵. يا ١٦. پنهنجو. ١٧. پوري، سچي، صحيح. ١٨. سَدِ، احوالَ. ١٩. سڄڻن جي، محبوبن جي. ٢٠. تڙَ تي، ڪنڌيءَ تي، ڪناري تي. ٢١. پاتارَ ۾، درياھَ ۾. ٢٢. پند ڪندڙ. ٢٣. اسان جو، منهنجو. ٢۴. واهَ واھَ، آفرين، شاباس. ٢۵. اي ٻانڌ، اي درياھ ۾ لڙهندڙ ڪاٺ جا بَندَ. ٢٦. ڏارَ ۽ ٽاريون. ٢٧. ڪَنَ، مجبور ڪندڙ، ضروري، تڪليف ڏيندڙ. ٢٨. سببَ، ڪمَ. ٢٩. توکي وڌو. ٣٠. درياھ جي وهڪري. ٣١. درياھ جي خشڪ هجڻ جي حالت ۾. ٣٢. پاڻيءَ جي وچ ۾ خشڪ يا سڪل زمين جو ٽڪرو. ٣٣. پاڻيءَ ۾ وهي. ٣۴. پاڻيءَ جي وهڪري واري طرف ڏانهن روانا.

تَنِ گهڙَندي ايءَ، پَتو پَتين مَڪُڙا.

## ٣٧

گهڙَڻُ وَهيڻُو[١] مُون[٢]، مِلَڻُ هَٽَ[٣] ميهارَ جي،
سَائرَ[٤] سَڪَنديَڻ[٥] جو، تَرسُ[٦] پَروڙِجِ[٧] تُون،
جي هَلَنِ هوتَنِ ڏُونهُن، تَنِ کي مَچِنِ وات وَرِ پئا.#

## وائي ١

پَانڌي[٨] پِريَنِ جو، اي آئُون مَان نَہ ڪو پَسَان،
پينَرُ پِري[٩] اُسَهو[١٠]، ڏُونگَرُ[١١] ڏورڻُ[١٢] اسَان[١٣]،
مُندائِتي مِينهَن جيئَن، ويلو ويلَ[١٤] ٿي وَسَان[١٥].

## وائي ٢

ڪوهُ جَاڻَان• ڪيڏاهِين[١٦]، منهنجو تَنُ[١٧] تَٽي[١٨] نيڏاهِين[١٩]،
مِيَان[٢٠] سَائِين نيڻين[٢١] نِينهَڙو[٢٢] لَڳائي وِئَڙا،
دونهِين دوستَ ميهارَ جي، ڏيئي جِيئَن ڏَنائين،
سَاري سُپيرِيَن کي، رَهبَرِ رتُ رُنائين،
دَامَنِ[٢٣] تيڏِيءَ[٢٤] چَنگُلُ[٢٥] مِيڏا[٢٦]، روزِ[٢٧] قِيامتَ تائين،
پِيرُ[٢٨] اَسانڏا[٢٩] حَضرتُ مِيرَان[٣٠]، جُملي[٣١] دِي[٣٢] آسَ[٣٣] پُجَائين،
جيڏاهَن عَالَمَ[٣٤] آسَرو[٣٥]، مُون[٣٦] پَڻِ آهِ اوڏاهِين.

Gul Hayat Institute

---

١. وَسِ. ٢. منهنجو. ٣. هٽ ۾. وَسَ ۾. اختيارَ ۾. ٤. اي سائرَ، اي درياهَ. ٥. سڪايلن. ٦. خوف، ڊپ، ڀوَ. ٧. معلوم ڪج، محسوس ڪج. # مچين سان مقابلو ڪرڻو پيو، سامهون ٿيڻو پيو. ٨. قاصد. ٩. خوش ٿي، راضي ٿي. ١٠. هَلو. ١١. جبلَ. ١٢. جهاڳڻَ، طيءِ ڪرڻ. ١٣. اسان (جو ڪم يا فرض). ١٤. هر گهڙيءَ، ويرو تار، لڳاتار. ١٥. رُئان، پاڻي هاريان (اکين مان) • ڪهڙيءَ طرح ڄاڻ رکان يا خبر رکان. ١٦. ڪهڙي طرف. ١٧. دل، من. ١٨. تاڻي، ڇڪ رکي. ١٩. تنهن طرف. ٢٠. اي ميان، اي الله. ٢١. نيڻن سان، اکين سان. ٢٢. عشق. ٢٣. چولي يا قميص وغيره جي لٽڪندڙ پلوَ ۾. ٢٤. تنهنجيءَ. ٢٥. هَٿَ. ٢٦. منهنجو. ٢٧. ڏينهن. ٢٨. مرشد. ٢٩. اسان جو. ٣٠. پيران پير دستگير. ٣١. ڪَل (جهان). ٣٢. جي. ٣٣. اميدَ. ٣٤. عالم جو، دنيا يا جهان (جي ماڻهن) جو. ٣٥. پروسو، آڌار، اميد. ٣٦. منهنجو.

بسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

# سُر سُهڻي

## داستان چوٿون

١

اَديُون سَڀ اَنداَمَ[١]، مُنهنجا چَڙَنِ[٢] چُورِئا[٣]،
لاَرُنَ[٤] جا لَنءُ[٥] لاَئي، سَا ڪيئن آچِيان[٦] عَامَ[٧]،
لَڳيس جَنهِن جي لاَمَ[٨]، سو دِلاَسا[٩] دوسُ[١٠] مُجِي[١١].

٢

چَوڏَاري چَڙا[١٢]، بُرَن بيلاَيَن[١٣] جا،
سُتي سَنيَارَن[١٤] جو، پَئَڙمُ ڪَنِ[١٥] پَڙاءُ[١٦]،
وِهَڻُ مُون نَه[١٧] وَڙَاءُ[١٨]، سُٽئو جَهانءِ[١٩] جِهجِي[٢٠] هِنيُون.

٣

چَوڏَاري چَڙيُون[٢١]، بُرَن بيلاَيَن جُون،
مَحبَتِيءَ[٢٢] ميهارَ جُون، جِيءَ[٢٣] اَندرِ جَڙيُون[٢٤]،
جي وَچَارَ[٢٥] وَٽيُون[٢٦]، سي لَهرِن[٢٧] پَاڻَ[٢٨] لنگهائي.

Gul Hayat Institute

---

١. انگَ، عَضوا، ٢. (مينهين جي ڳچين ۾ ٻڌل) گهنڊن، سنيارَن، کرکن، ٣. چُرپُر ۾ آندا، جُنبش ۾ آندا، لرزش ۾ آندا، ۴. چڙن ۾ وجائڻ لاءِ ٻيل لوهہ، هڏي يا ڪاٺ جي ٽڪرين يا ڪِلين، ٥. محبت (لنءُ لائي = محبت جا ڳائي)، گنج ۾ "لهرن جو لڙ لايو" لکيل آهي، ٦. ٻڌايان، سَليان، ٧. عام کي، عام ماڻهن کي، ٨. ٻناري، پروسي، پناهہ، ٩. (واحد دلاسو) آسرو، دلداري، ١٠. دوست، يارَ، محبوبَ، ١١. موڪلي، ١٢. وڄن، ١٣. ٻيلي ۾ رهندڙن يعني ميهارَ جي مينهن جا، ١۴. چڙن، ١٥. ڪَنَ تي، ١٦. آواز، ١٧. منهنجي، ١٨. لائقي، جوڳائي، شرافت، ١٩. (چڙن جو) آواز، ٢٠. ڳري، ونجهلي، ٢١. (واحد چڙي)، ننڍو چڙو، ٢٢. محبت واري، پياري، ٢٣. دل، ٢۴. (واحد جَڙي) جَڙَ، ميخ يا ڪِلي (محبت جي)، ٢٥. وَچار کي وڄن جي مالڪ يعني ميهارَ کي، (وَچَ = مينهن جو مادي ڦرَ)، ٢٦. پسند آيون، ٢٧. لهرنِ مان، ڇولين مان، ٢٨. خود، پنهنجي سِر.

۴

چَڙَنِ چَرِي ڪِي آهِيَان، سُکَ[١] تِي سُمَهَان ڪِيئَن،
سَارِيَانَ[٢] سَاهڙَ[٣] جَامَ ڪِي، ڏَهَه ڏَهَه پِيرا ڏِينهَن،
مِيهَارَ مَرَڻَ سِيِنءَ، نِيَرَ[۴] پَاتَمِ نِينهَن[۵] جَا.

۵

ڪَارَا[٦] ڪُنَ[٧] ڪَارِڙِي[٨] تُبِڪِي[٩]، ڪَارِيهَرَ[١٠] ڪَڙَڪَا[١١]،
مَئِي[١٢] مَتَّي[١٣] مَهَرَانَ[١۴] جَا، ڊُپَارَا[١۵] ڏڙَڪَا[١٦]،
وِينْدِي سَاهڙَ سَامهُون، ڏِنَسِ جهُولَ[١٧] جهَڙَڪَا[١٨]،
اَچِي پَئِي اُتهِين[١٩]، جِتَ سِيِرَ[٢٠] سَنْدا سَڙَڪَا[٢١]،
ڪَرَڪَنِ[٢٢] جَا ڪَڙَڪَا[٢٣]، سُونهَان[٢۴] تِنَ تَرَسِ سِيرَ ۾.

٦

ڪَرَ ڪَنِ ڪِئُو ڪَڙو، مُنهِنجو[٢۵] مَنُ مِيهَارَ ڏي،
آڏو لُڙُ[٢٦][٢٧] لَطِيف چئي، لَهِريُون[٢٨] لَسَ[٢٩] لَڙو[٣٠]،
چَارِي[٣١] تِنيُمِ[٣٢] چَڙو، بُرِي[٣٣] بِيلَايَن[٣۴] جو.

---

١. سکَ سان، آرامَ سان، بنان فڪر، جي، ٢. ياد ڪريان، سنڀاليان، ٣. سهڻيءَ جي محبوبَ ميهارَ (جنهن کي ساهڙ بہ سڏيندا آهن)، ۴. تائين، ۵. (واحد نيرَ) زنجيرَ، لوهَ جي ڪڙين جي ڳتَلَ قطارَ، ٦. اونداها، خوفناڪ، ٧. (واحد ڪُنَ) درياهہ ۾ پاڻيءَ جو اونهون هنڌ جتي پاڻي چڪر کائي، گرداب، ڀنورَ، ٨. اونداهي، تاريڪ، ٩. رات، ١٠. ڪاريهر جا، ڪاري نانگ جا، اونداهي ڪاروڻيار جا يعني درياهہ جا (درياهہ نانگ وانگر وَرَ وَڪڙَ ڪري وهندو آهي ان ڪري ڪيس نانگ سان مشابهت ڏنل آهي)، ١١. (واحد ڪڙڪو) آوازَ، ١٢. مئي سان، مستيءَ سان، ١٣. هٺ سان، ١٣. ڀريل، ڇڪارَ، تمتار، ١۴. درياهہ، سنڌو نديءَ، ١۵. ٻن طرفن کان، وڏا، ١٦. (واحد ڏڙڪو)، ڏڏڪو، دَهمَانَ، ١٧. درياهہ جي پاڻڻَ يا ڪاڌ سبب ڪنڌيءَ جي پاسي ۾ اونهي پاڻيءَ جو هنڌ جتي درياهہ ۾ پاڻي گهٽجڻ بعد بہ پاڻي بيٺو هوندو آهي ۽ ان ۾ ترڻ مشڪل ۽ ڏکيو هوندو آهي، ١٨. ڌمڪي، ڇڙٻ، سٽَ، ١٩. ان جاءِ تي، ٢٠. درياهہ جي وچ واري تيز وهڪري، ٢١. سٽڪا، ڪڙڪا، گوڙ، ٢٢. چڙن، سنيارن (واحد ڪرڪو يا ڪرڪَ)، ٢٣. (واحد ڪڙڪو) آوازَ، ٢۴. رهبر، ٢۵. تيار (وجڻ لاءِ)، ٢٦. اڳيان، ٢٧. لڙاٽ، ڏنڊ، ٢٨. چوليون، ٢٩. اَڇَ (-پاڻيءَ جي)، ٣٠. پاڻيءَ جي چاڙهہ جي وقت تکو وهڪرو، پاڻيءَ جو گهمرو يا گهيرو، ٣١. راکو، نگهبان، محافظ، چوڪيدار، ٣٢. (منهنجي) مَنَ جو ٿيو، ٣٣. وڃي، ٣۴. ٻيلي ۾ رهندڙن، ٻيلي جي مالڪن يعني ميهار جي مينهن جو.

Gul Hayat Institute

١٠

بيلي پار ٻري، مونکي چڙن چورئو،
مَحبتيءَ ميهار جي، سُتي[١] شاخ[٢] چُري[٣]،
مَتي[٤] جهوڪ[٥] جُهري[٦]، پُونديس[٧] پاڙ ٻچن[٨] جي.

١١

هُن[٩] پَر[١٠] سُيم[١١] هُوءِ[١٢]، سُتي سنيارن[١٣] جي،
چڙن چِٽ[١٤] چورئو، جونڪ[١٥] تئُرم[١٦] جُوءِ[١٧]،
محبت ۽ مَجاز[١٨] جي، ٻالله[١٩] پيئيم[٢٠] ٻُوءِ[٢١]،
وڃي رُوبروءِ، ديکيان[٢٢] دوست ميهار کي.

١٢

هُن پَر سُيم هاڪ[٢٣]، سُتي سنيارن جي،
محبتيءَ ميهار جي، چڙن چورئا چاڪ[٢٤]،
تني جيءَ اوطاق[٢٥]، وڃڻ واجب[٢٦] مُون پئو.

Gul Hayat Institute

١٣

وڃڻ[٢٧] سين وبني، سُور وياچي[٢٨] سُوهڻي،

---

١. ننڊ جي حالت ۾. ٢. انجام، اقرار. ٣. ياد پئي. ۴. تي، ۾. ۵. اوطاق، وٿاڻ، پاڙو. ٦. بي حال ٿي، ٿڪجي ٽٽجي. ٧. داخل ٿينديس. ٨. (درياهه جي) هن پار يا پرئين پر رهندڙن يعني ميهار. ٩. پرئين، ٻيءَ. ١٠. ڪنڌيءَ، ڪپ يا ڪناري (درياهه جي). ١١. مون سُئي، مون ٻڌي. ١٢. هل، غوغا. ١٣. (ميهار جي مينهين جي) چڙن جي. ١۴. دل، من. ١۵. "ذوق" جي بگڙيل صورت، شوق، اڪنڊ. ١٦. مونکي ٿيو. ١٧. جوءِ جو (ميهار جي مينهين جي چرڻ واريءَ جاءِ جو). ١٨. عشق (ظاهري). ١٩. الله جو قسم. ٢٠. مونکي پيئي. ٢١. سڳند، خوشبوءِ، ڪٿڪ، خبر. ٢٢. ڏسان. ٢٣. آواز. ٢۴. ڦٽ، زخم، گهاءَ (چاڪ چورئا = ڦٽ تازا ڪيا، زخم، اٿلائي يعني وري خراب ڪري ڇڏيا). ٢۵. اوطاق ڏانهن يا ڏي، رهڻ جيءَ جاءِ ڏي يا گهر ڏي، وٿاڻ ڏي. ٢٦. لازم، ضروري. ٢٧. مينهن جي (مادي) ڦرن پر هتي معنيٰ ٿيندي مينهين. ٢٨. اوري، بيان ڪري، ٻڌائي، ڳرهي.

ڪَ اَوَهَانَ کي ڏِينِي[1]، مينهِيَنِ جي ميهارَ سِين.

١٤

وِيٺي روءِ وَڄُنِ سَان، پُڄِئُو[2] پينگهَنِ[3] پَانڌَ[4]،
ڪَڙُهُ[5] ڪَرِينديَسِ ڪَانڌَ[6]، گهَرُ[7] پَڳُو[8] تان گهورِئُو[9].

١٥

پينگهَا پَسِئُو روءِ، وَڄيو وَٿَاڻَنِ[10] ۾،
ڏُونهِيِنءَ[11] پَاسِي[12] دوسْت[13] جي، پَاڻُ پَڄَارِئُو[14] پوءِ،
سَاهَڙَ سَانگَ[15] سَنڌوءِ[16]، شَالَ اچي اوراهُون[17] ٿِئي.

١٦

وِيٺي روءِ وَڄُنِ سَان، ڳَچِيءَ پَايو ٻَانهَن،#
لاَيَان لاَلَ[18] لَڳَنِ ڪي، اَئِين جي چَرو ڪَانهَن[19]،
آئُون اَوَهَان جِيءِ واهَ[20]، سَدَا پُڻَان[21] سَنرِي[22].

١٧

ڪِٿي[23] ٿِئو ميهارُ، ڪِٿي ٿو گهندُ[24] گُڙي[25]،
ڪِٿي ڏونهِين دوس جي[26]، ڪِٿي پَرِيُون[27] پَارُ[28]،

---

١. ملاقات، واقفيت، ڏيٺ. ٢. هٿ ۾ جهلئو، پڪڙيو، ونئو. ٣. پينگهن جُون، مينهين جي اڳين ٽنگن ۾ ٻڌڻ وارن رسن يا نوڙين جون. ۴. (واحد پانڌ) پچڙيون يا پچاڙيون. ۵. چا. ٦. ڪانڌ کي، مڙس يعني ڏم کي. ٧. اها جاءِ يا مڪان جنهن ۾ ڏم رهندو آهي. ٨. ڦٽو، برباد ٿيو. ٩. قربان ٿيو، صدقو ٿيو. ١٠. (واحد وٿاڻ)، اها جاءِ يا هنڌ جتي چوپايو مال جهڙوڪ، مينهيون وغيره ٻڌبيون آهن. ١١. ڏونهينءَ جي، هلڪي يا جهيڻيءَ باهہ يا مچ جي. ١٢. پاسي ۾، ڀَر ۾. ١٣. محبوب يعني ميهار. ١۴. اچلايو يا ڪيرايو. ١۵. جاءِ، مڪان، ٿان، سنگت. ١٦. تنهنجو، تو سَندو. ١٧. ويجهو، قريب # وَڄَن جي ڳچيءَ يعني ڪنڌ کي ڀاڪر وجهيو. ١٨. ڳاڙها. ١٩. (واحد ڪانهہ) واريءَ زمين ۾ يا درياهہ واري ڪڇي جي زمين ۾ ايرنڊڙ هڪ ٻوٽي جو قسم جنهنجي چرڻ يا ڪائڻ سان مينهن جو کير گهاٽو ۽ مٺو ٿيندو آهي. ٢٠. واهَ تي، واٽ تي گسَ تي. ٢١. هلان، گهمان، ڦران. ٢٢. خوش ٿي. ٢٣. ڪهڙي هنڌ تي، ڪهڙيءَ جاءِ تي. ٢۴. چڙو، سَانيرو. ٢۵. وڄي، آواز ڪري. ٢٦. دوست، ميهار. ٢٧. پرئين پاسي يا طرف وارو، ٻي پاسي وارو. ٢٨. ڪپ، ڪنڌي، ڪنارو.

Gul Hayat Institute

## ۲۲

مِيهَاران مَهلِي[1]، پِيتَائِين پِريمَ كي،
اُرِ[2]كَ سُرِكَ سَيَدُ چَئي، ڏِنِيَسِ ڏوتَ[3] ڏهِيُ[4]،
سَگهي تان نہ سَهِيُ[5]، مِلي جان نہ ميهَارَ كي.

## ۲۳

مَري مَ مِيهَارُ، وَٿَانُ[6] وِلهو[7] مَ ٿِئي،
وَڇُنِ[8] جي وَڇَارَ[9] جو، ونگو ٿِئي مَ وَارُ،#
سَاهَڙُ[10] مُون[11] سِينگَارُ[12]، مَاڻُهنِ[13] لِيکي مِيهَٽُو[14].

## ۲۴

اَللهَ سَبِ مَچَنِ[15]، مِينهِيُون هِنَ مِيهَارَ جُون،
وَڇُون جي کِيرَنِ[16] تي، سَدَا ٿِيُون سُونهَنِ[17]،
مُونکي مَاڪِنِ[18]، تَاڻي[19] هَنيو[20] تَارِ[21] مِ.

## ۲۵

Gul Hayat Institute

اَللهَ سَبِ جِيَنِ[22]، مِينهِيُون هِنَ مِيهَارَ جُون،

---

۱. اڌ ولوڙيل ڏوٺرو (جنهن مان مکڻ نڪتل نہ هجي). ۲. چُکو. ڍُک. مِرکَ. سُرِکَ (ارک سرک = سُرکَ. سُرکي. پاڻياٺيءَ شيءِ جو ٿانءَ ۾ رهيل ذرو پرزو يا اوڳهہ سوکهہ). ۳. (پيار مان) نہ ڏاپندڙ جنهن مان مراد سهڻيءَ جو محبوب ميهارُ. ۴. ڏهيءَ جي (ارک سرک ڏهي = ڇميل کير يا ڏوٺرو. ڳهاٽي لسي ۵. صبر ڪري. ٦. چوپائي مال جي ٻڌڻ جي جاءِ. ۷. سُڃو. خالي. پالهو. ۸. مينهين جي مادي ڦرن (هتي مراد مينهين جي آهي). ۹. وڇن واري. وڇن جي مالڪ. ميهارُ # نقصان نہ ٿئي. جوکو نہ رسي. تڪليف نہ ٿئي (ونگو = ڇڄو. خراب. ڏنگو. ٽيڙو). ۱۰. سهڻيءَ جي محبوب ميهار جو پيو نالو. ۱۱. منهنجو. ۱۲. زيبُ. زينت. ۱۳. ماڻهن جي ليکي ۾ يعني حساب ۾. ماڻهن جي نظرن ۾. ۱۴. عيب. ۱۵. تَـلهيون ٿين. متاريون ٿين. ۱٦. کِلنِ (واحد کلو) ڪاٺ جا ننڍا ڏنڊا جن کي زمين ۾ کوڙي انهن سان چوپائي مال کي ٻڌبو آهن. ۱۷. سُهڻيون يا خوبصورت لڳن. ۱۸. مينهين (جن جي اکين جي تارن جي وچ ۾ اڇو ڳولَ ڇٽو هوندو آهي). واحد ماڻڪي. ۱۹. ڇڪي. ڳهَلي. ۲۰. وڌو. ۲۱. درياهَ (مونجهاري يا فڪر جي) ۲۲. جيئريون يا زندهہ هجن.

ڪاريُون[١]، ڪُنڍِيُون[٢]، ڪَڪِيُون[٣]، وارا[۴] ڪئُو وِيَنِ[۵]،
جُوءِ[٦] جا جادارِن[٧] جي، اُتِ ٻيلا ٻَهہ ٻَهہ ڪَنِ[٨]،
اَڃِي ريل[٩] رهَنِ، مُون[١٠] سانيَارا[١١] سُپِرِين.

٢٦

مينهِيُون هِنَ ميهارَ جُون، الله ڪَرِ گهٽِيُون،
ٻِلَههَ[١٢] تِلَههَ[١٣] ڪامَ تِئي، سَڀِ چالُون[١۴] چوُ[١۵] ٽَٽِيُون،
ڪُونهُون[١٦] جَٽي ڪامَ ڪا، سَيِيئي وَڇِڙيُون[١٧]،
ٻيلا ڪِجِ ٻهُون[١٨]، تہ ڪانڌُ[١٩] ڪُوڪاري[٢٠] ڪَنڌئين.

٢٧

مينهِيُون هِنَ ميهارَ جُون، الله ڪيمَ مَرَنِ،
ڪُڙمِيُون[٢١]، چالُون، ماٽڪِيُون[٢٢]، چِڳيءَ[٢٣] جُوءِ[٢۴] چَرَنِ،
جي هِنيين[٢۵] نِتَ[٢٦] هُرَنِ[٢٧]، هُونِ سَلامَتَ سُپِرِين.

٢٨

چاڪ[٢٨] چَرِي تارِ[٢٩] تَرِي، آيُون مَٽِي آر[٣٠]،
ڪوڙِيِنِ ڪارَ[٣١] ڪَٽِنديُون، سَٽِي سَڌَ ڌرَاڙَ[٣٢]،

---

١. ڪاري رنگ جون مينهيون، ٢. گول وريل ۽ چوڙيدار سڱن واريون مينهيون، ٣. ڀورن ۽ ڪڪي رنگ جي وارن واريون مينهيون، ۴. هڪ ٻئي پٺيان يعني سڀيئي هڪ وقت تي نہ پر واري سان جيئن ميهارَ وٽ هميشہ ڪير موجود رهي، ۵. ويامن. ڦرَ ڄڻين. ٦. چوپائي مال جي چرڻ جو هنڌ، جاءِ، ماڳ. ٧. جانورن، ساهہ وارن يعني مينهين، ٨. ٻَهہ ٻَهہ ڪَنِ = چمڪن، چلڪن، روشن ٿين، سهڻا لڳن، ٩. ريل ۾، پاڻيءَ جي اٿل ۽ ٻوڏ ڪري سرسبز ٿيل ميدان ۾. ١٠. مونکي، ١١. سامهون، ١٢. ٻن ٿڻن واري (ڪنهن بيماريءَ سبب ڇڻن ٿڻن مان ٻہ ٿڻ خراب ٿي ويا هجن)، ١٣. ٽن ٿڻن واري، ١۴. واحد چالَ. اها مينهن جنهن جا چارئي پير ۽ منهن اڇو ٿئي، ١۵. چئن ٿڻن واريون، ١٦. پاڏو، نرينو ڦرَ. ١٧. مادي ڦر، ١٨. گهڻا، جهجها، ١٩. مڙس يا وَرَ يعني سهڻيءَ جو محبوب ميهارَ. ٢٠. (مينهين کي) سڏ ڪري يا ڀڪاري، ٢١. منهن تي اڇي ٽڪي واريون ڪاريون مينهيون، ٢٢. اکين جي تارن جي وچم گول اڇي ڇٽي واريون مينهيون، ٢٣. سڱيءَ، سرسبز، ٢۴. جُوءِ ۾، ٢۵. هِنيين ۾، دل ۾، ٢٦. هر وقت، دم بدم، ٢٧. ياد اچن، ٢٨. گاهہ جو هڪ قسم جنهن کي ڀيجي تہ کير جهڙو اڇو پاڻي نڪري، سائي گاهہ واري جُوءِ، چراگاهہ، ٢٩. درياهہ جو اونهو پاڻي، درياهہ، ٣٠. درياهہ جي وچ واري تيز وهڪري يعني سير، ٣١. ڳاٽ، ڳچيون (ڪر ڪٽنديون = ڌراڙ جي پٺيان هلڻ لاءِ تيار ٿينديون)، ٣٢. ڌراڙ جا، ڌنار جا، مال (مينهيون) چاريندڙ يعني ميهار جا.

مينهيون سانَ ميهارَ، پَرچِي[١] پارِ[٢] لنگهنديُون[٣].

## ٢٩

چَاهَ[٤]ڪ چَرِي تَارِ[٥] تَرِي، آيُون مَٿي ڪُن[٦]،
ڪوڙِيِن ڪَرَ[٧] ڪَٿنديُون، سَاهَڙَ[٨] جي سَمُن[٩]،
مينهِيُون سانَ اَمُنَ[١٠]، پَرچِي پارِ لنگهنديُون.

## ٣٠

چَاهَڪ چَرِي تَارِ تَرِي، آيُون مَٿي ڪُوهَ[١١]،
پَسِي مُنهُن مُحَمَّدَ جو، رَاضِي تِيندَن رُوحَ[١٢]،
اَجُ ڪَ سَنجهه صُبُوحَ،# پَرچِي پارِ لنگهنديُون.

## ٣١

چَاهَڪ چَرِي تَارِ تَرِي، آيُون لُڙَ[١٣] لَڳَنِ[١٤] لائِي[١٥]،
آندا ڪَؤُنئَرَ[١٦] ڪُنديِين[١٧]، پُورَنِ[١٨] ۾ پَائِي،
ميهارُ م لَاهي، مهرَ[١٩] پنهنجي مَال[٢٠] تان.

Gul Hayat Institute

## ٣٢

چَا[٢١]ڪ چَرِي تَارِ تَرِي، آيُون مَٿي پيٽَ[٢٢]،

---

١. راضي ٿي، خوش ٿي. ٢. پار ڏانهن، درياهه جي ٻيءَ ڪنڌيءَ ڏانهن. ٣. اُڪرنديون. ٤. گاهه جو هڪ قسم جنهنکي ڀيجي ته کير جهڙو اڇو پاڻي نڪري، سائي گاهه واري جوء، چراگاهه. ٥. درياهه جو اونهو پاڻي، درياهه. ٦. درياهَ ۾ پاڻيءَ جي اونهي هنڌ ۾ (جتي پاڻي چڪر کائي)، گردابَ، نڪونج. ٧. ڳاٽ، ڳچيون. (ڪر ڪٺنديون = هلڻ لاءِ تيار ٿي ويندِيون). ٨. سهڻيءَ جي محبوب ميهارَ. ٩. سَمَنَ جي ڪري، (سَمَنَ = محبت، واعدو، انجام). ١٠. سلامتيءَ، خير. ١١. پاڻيءَ جي اونهي هنڌَ، ڪَنَ. ١٢. دليون (واحد روح)، گنج ۾ "تيندو روح" لکيل آهي. # اڄ ڪ سنجهه صبوح معنيٰ جلد ٿي، تورِيٽي وقت ۾. ١٣. درياهه جو لڙاتيل ميرو پاڻي. ١٤. لڳن ڪي، بدن ڪي. ١٥. لڳائي. ١٦. ڪنول جا گول. ١٧. گل ۽ چوڙيدار سڱن وارين مينهين. ١٨. سڱن (واحد پورَ). ١٩. ڪهل، قياس، پيارَ. ٢٠. مينهين. ٢١. چاهڪ. ٢٢. درياهه جي پيٽ جي وچ ۾ زمين جو خشڪ ٽڪرو، زمين جو سڪل ٽڪرو جنهن جي چوڌاري پاڻي هجي.

لُڙُ[1] لَنگهيندِيُون لِيَٽَ[2]، ڪَلمي[3] جي قَرارَ[4] سين.

## ۳۳

چاهڪ چِنائُون، مينهِيُون مَتارِيُون ٿيُون،
ڪَڪوربَلَ[5] ڪُنَ جو، پاٽي پيتائُون،
ڏُڌُ[6] سو ڏِنائُون، جنهن مان عالَمُ[7] آسودو[8] ٿيو.

## ۳۴

مَٿي[9] پُرِس[10] پاڳَ[11]، سُونهَن[12] سر[13] ساهڙَ جا،
ڪانهِين[14] جا ڪُلابَ[15] جي، چَربو ڪَنِ ٿِيُون چاڳَ[16]،
جوڙِيائُون[17] جَنَت ۾، سَندا مينهِيُن ماڳَ،
سَبِ لَنگهِيائُون لاڳَ[18]، ڪَلِمي جي قَرارَ سين.

## وائي

آئُون جا وِندڙِياس پارِ[19] پِرِينِ جي، مُون ڪي ڪامَ جَهلي،
آئون جا وِندڙِيس پارِ پِرِينِ جي، نِيهُن اُڇلي،
پِسُو ڏُونهِي[20] دوسَتَ[21] جي، جِيءُ[22] مُنهنجو جَلي[23]،
تَن[24] وڏائين تار[25] ۾، آڌِيءَ رَيَن[26] اُڇلي،
ڏَمُ[27] ڏهاڙي ڪِيتَرو، پُرِ[28] ۾ تو پَلي[29]،
مَحبتيءَ ميهارَ جو، سُورُ مُونهين ڪي سَلي[30].

Gul Hayat Institute

---

۱. درياهه، اونهو پاڻي. ۲. پاڻيءَ جي اُٿلَ، سيلابُ، ٻوڏِ. ۳. مسلمانن جي عقيدي موجب اسلام جي ٻهرئين رڪن "لآ الٰہ الا الله محمد رسول الله". ۴. مهابي، صدقي، اقرار، پڙهڻ. ۵. ملڪي ڳاڙهي رنگ واري. ۶. ڇهڻ، لسي پرهتي مرادڪيز آهي. ۷. جهانُ، پرٿوي. ۸. سُکيِ، خوشحالُ. ۹. مٿي تي، سِرَ تي. ۱۰. پرس جي، مرد جي، شخص جي. ۱۱. پڳَ، پَٽڪو، سٽار. ۱۲. وٺن، سهڻا ڏسڻ ۾ اچن، موچارا، لڳن. ۱۳. ڍورن جا عدد يعني مينهيون. ۱۴. گاهه جو قسم. ۱۵. ڍنڍ، درياهه. ۱۶. ماٺا، نازَ نخرا، رَوُنشا. ۱۷. ٺاهيائون، تعمير ڪيائون. ۱۸. محصول يا اڪٺ وصول ڪرڻ جون جايون، روڪون، رنڊڪون. ۱۹. طرف، پاسي. ۲۰. ملڪيءَ جهڙي ٻاهه جيڪا ميهار جي وٽاڻ تي ٻٺي ڏڪندي هئي. ۲۱. محبوب. ۲۲. دل. ۲۳. پچي، سڙي. ۲۴. بدن. ۲۵. درياهه. ۲۶. رات. ۲۷. سهڻيءَ جي مڙسَ جو نالو. ۲۸. پنهنجي منهن، اڪيلائيءَ ۾. ۲۹. جهلي، روڪي. ۳۰. سوراخ ڪري، ٽنگ ڪري، تڪليف ڏي.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

# سُرُ سُهڻي

## داستان پنجون

۱

سَانڌَهَ[1] سَپِ دَرِيَاهُ، پَري کَنڌي[2] پَارَ[3] جِي،
چَکي[4] چولِڙيءَ[5] ۾ گَهڙي، جَتي جِيءَ[6] وَڻاهَ[7]،
ڏِسِئو[8] ڏوهَ[9] ڏکي هَنيُون، آرَ[10] مَتي اَرْوَاحُ[11]،
جي توهُ[12] تِئي تو ڏانهَن[13]، تَه وِيرِ[14] وَهيڻُو[15] نَاهِ کِي.

۲

سَانڌَهَ سَپِ دَرِيَاهُ، پَري کَنڌي پَارَ جِي،
کَنبي هَنيُون کَمَاحَقهُ[16]، آرُ پَسِئو[17] اَرْوَاحُ،
دِلاَسي[18] دَارَينِ[19] جِي، سَانچِئو[20] سَاهُ[21]،
جي توهُ تِئي توڏانهَن، تَه وِيرِ وَهيڻُو نَاهِ کِي.

Gul Hayat Institute

۳

سِکَڻَ[22] وَارِنِ سُتِرو[23]، جي[24] دَهشَتَ[25] سَان دَرِيَاهُ،

---

۱. هڪ کَرو، هڪ لَسَ، سڌو ئي سڌو، برابر، بنان ڪنهن هيٺ مٿاهينءَ جي. ۲. ڪپرَ، ڪنارو. ۳. درياهہ جي ٻئي طرف. ۴. حيران، پريشان، ديواني، چَري. ۵. لهر (درياهہ). ٦. جيءَ جو، جان يا حياتيءَ جو. ۷. خطرو. ۸. خيال ڪريو، حساب ڪريو (دل ۾). ۹. ڏوهن جو، گناهن جو. ۱۰. درياهہ جي وچ واري تيز وهڪري يعني سيرَ. درياهَ، ڪُنَ. ۱۱. روح جو جمع پر سنڌيءَ ۾ واحد طور ڪم ايندو آهي هن جي معنيٰ آهي سَاهَہ، دِلِ. ۱۲. مهرباني، ٻاجهہ، لطفَ. ۱۳. تنهن جي طرفان يعني تو ڌڻيءَ جي طرفان. ۱۴. وير جي، لهر جي. ۱۵. وَس ۾، محتاج. ۱٦. تحقيق، جڳن واجب يا مناسب آهي. ۱۷. ڏسڻو. ۱۸. دلاسي ڪي، انجام ڪي، آٿت ڪي، ڏڍ ڪي دلداريءَ ڪي. ۱۹. دارَ = گهرَ. دارين = ٻئي گهر يعني ٻنهي گهرن. دنيا ۽ آخرت (قرآن ۾ الله جو انجام ڪيل آهي تہ جيڪو خدا جي واٽ ۾ سختيون سهندو ان لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ چڱائي آهي). ۲۰. سانچئو سانچي = سانڍيو پيو سانڍي يا وري وري پيو ياد ڪري يا سنڀالي. ۲۱. روحَ، دَمُ، دِلِ. ۲۲. محبت، عشق. ۲۳. آسانَ يا سولو (پار ڪرڻ ۾). ۲۴. توڙي. ۲۵. خطري.

اوڙڪ[١] اُنهين[٢] جو نہ رهي، آر بنان اَرواحُ،
وِيندي ساهڙ[٣] سامُهيُون[٤]، صَدقو[٥] ڪنديُون ساهُہ[٦]،
جِن ڪي حُبُ[٧] اُنهين[٨] جي آهہ، ساهڙُ ساٿي[٩] تن جو.

٤

گهڙئا[١٠] سي چڙهئا[١١]، ايهين اُتيئي،
مَئي[١٢] متي[١٣] مهراڻ[١٤] ۾، پوءُ تپو ڏيئي،
ميهارُ مليئي، سَنيُوڙو[١٥] سيٽاهہ[١٦] سين.

٥

گهڙئا سي چڙهئا، اينهين جاڻج[١٧] جاڻُ[١٨]،
مئي متي مهراڻ ۾، وِجهہ پلتي[١٩] پاڻُ،
تہ ساهڙُ سيٽاهہ ساڻُ، ساٿي تيئي سير[٢٠] ۾.

٦

اڪيُون مُنهن ميهار ڏي، جن رکيُون جوڙي[٢١]،
رِءَ[٢٢] سند[٢٣] سيدُ[ح] چئي، تار[٢٤] گهڙن توڙي[٢٥]،
تني کي بوڙي، سائر[٢٦] سگهي ڪينڪي.

١. توڙ سوڌو، آخري وقت (مرڻ) تائين. ٢. سڪڻ وارن، عاشقياڻن. ٣. سهڻيءَ جي محبوب ميهار جو ٻيو نالو. ۴. ڏانهن، روبرو. ۵. قربان. ٦. جان، حياتي. ٧. سڪ، محبت. ٨. (سڪڻ وارن ڏانهن اشارو آهي). ٩. مددگار، حامي. ١٠. درياهہ ۾ داخل ٿيا يا ٽپي پيا. ١١. پار پهتا، ٻيءَ ڪنڌيءَ رسيا. ١٢. مٿي ۾، مستيءَ ۾. ١٣. متل، پرپور، چڪار. ١۴. درياهہ (سنڌو درياهہ جو نالو) (مٿي متي مهراڻ = پاڻيءَ سان ڀريل درياهہ). ١۵. هڪيو تڪيو، تيار، اتي جو اتي. ١٦. ٻڪريءَ جي چمڙيءَ جي ڦوڪيل ڳوٿري جنهن تي پاڻيءَ ۾ تربو آهي. ١٧. سمجهج. ١٨. خبر پروڙ. ١٩. اُڇلائي. ٢٠. درياهہ جي وچ واري وهڪري. ٢١. چڱيءَ طرح سان (جن پنهنجو سمورو ڌيان يا چِتُ يا دِلِ ميهار سان چڱيءَ طرح لڳائي يا ارپي). ٢٢. سواءِ، بنان. ٢٣. (پاڻيءَ ۾) ترڻ جي اوزار، جهڙوڪ سيٽاهہ، تنبي، سانداري، لڪڙ جي ٽانءِ. ٢۴. تار ۾، اونهي پاڻيءَ ۾، درياهہ ۾. ٢۵. جيتوڻيڪ. ٢٦. درياهہ.

دَرِيَاهہ توتي دَانهَن[1]، ڏِينڌُسِ ڏِينهَن قِيَامَ جي.

٢٥

جيڪي ڏُٺِئي تَارِ[2] ۾، ڪَنڌِيءَ[3] سو ڪَهِيجِ[4]،
جَڙُ[5] وَڏو[6] جَهاجهہ[7] گَهَٽِي، پَانڌُ[8] مَ پُسَائيجِ[9]،
سَاهَڙُ سَاڱاهيجِ[10]، تہ ثابِتُ[11] لنگهين سيرَ مَان.

٢٦

ڳُورا[12] پَئِي پَار[13]، هِنيُون حَيرَتَ ۾ پِئو،
وِهَان تہ ويڙ[14] مَ تِئي، نِينهَن ۾ پِوءِ[15] نهَارَ[16]،
وَجَان تہ واڪو[17] پَئِي، پَاڙي[18] پوءِ پَچَارَ[19]،
هُتِ[20] تي وَعدي[21] وَارَ[22]، هِتِ[23] سُوٽُون[24] ڏِينِ سَرتِيُون.

٢٧

جَا هَڙَ[25] اَندرِ جِيءَ، سَاهَڙُ[26] بِڌِي سَاههَ[27] کي،
سَا هَڙَ چُوڙيَان نہ چُڙي، سَا هَڙَ سَاهَڙَ رِيءَ[28]،
سَاهَڙَ[29] تِيءُ سَمِيعُ[30]، تہ سَا هَڙَ چُڙِي سَاهہ جي.

Gul Hayat Institute

١. فرياد. ٢. اونهي پاٽيءَ ۾. ٣. ڪنڌيءَ تي. ڪناري تي. ٤. ظاهرڪج، بيان ڪج. ٥. پاٽي. ٦. اونهو، گهٽو. ٧. (پاٽيءَ جي) گهٽائي، ڊگهائي. ٨. ڪپڙي جهڙوڪ چولي، گندي وغيره جو ڇيڙو يا ڪنارو، دامن. ٩. آلو ڪج يا ڀِڄائج. (پاٽيءَ ۾) پاند پُسائڻ = گناهہ ڪرڻ. ١٠. سڃاڻج (ساهڙ جي ساڃاءِ ڪج يعني ادب ڪج). ١١. سلامت، بنان جوکي يا نقصان. ١٢. ڳرا، وزندار، اهميت وارا. ١٣. طرف، پاسا. (ڏمر جهل ۽ ميهار جي محبت). ١٤. دير. ١٥. پوي. ١٦. گهاري، ويچو، وٿي، ڪَسائي. ١٧. آواز، ڪُڙڪو. ١٨. پاڙي ۾، پاڙي وارن يعني آس پاس جي رهندڙ ماڻهن ۾. ١٩. خبر، چوپچو، ڳالهہ. ٢٠. يعني ميهار وٽ. ٢١. واعدي جي، انجام جي. ٢٢. مهل، وقت. ٢٣. ڏمر جي گهر ۾. ٢٤. طعنا، ميهڻا. ٢٥. ڳنڍ، ڳوٿري (محبت جي). ٢٦. ميهار. ٢٧. ساهہ کي = ساهہ سان، دل سان. ٢٨. کان سواءِ، بنان. ٢٩. اي ساهڙ، اي ميهار. ٣٠. (عرض) ٻڌندڙ يعني اگهائيندڙ.

## ٢٨

نَڪِي سَاهَڙُ سَارِيَان[1]، نَڪِي بيلِي[2] ڏَمُ[3]،
اَچِي پيُمِ اوچِتو، سَاڻُ ڪُنَنِ ڪَمُ،
پيڙِيِنُ[4] مَنجِهہ پَرَمُ[5]، آگَا[6] رَکُ اَتَارِ[7] جو.

## وائي

آتَڻَ[8] مِ سَپِ وَيهِي، دُعَا ڪَريجَا جيڏِيُون،
ڪَانِهي بَسُ[9] بَهِيرَ[10] ڪي، هَلُ چَلُ[11] وَجي پيئِي،
رَاهَہ مُسَافِرُ سَپُڪو، ڪونَہ ڏِنوسُون هِت ڏِيهِي[12]،
سَارِيَندَا[13] صَلاَتَ[14] ڪي، قَبَرَ سَپِ پيهِي،
ڪونَائُو[15] ڪَرِيمَ[16] جو، ڳَالِهہ پُڇَندومِ ڪيهِي،
اَللهُ هيڪُ مُحَمَّدُ بَرَ حَقُ[17]، اِيءَ چُئَان مَان نَہ ايَهِي،
نَوَازِيندو[18] نُورَ[19] سين، نَاقِصِ[20] ڪي اُتِ نيئِي.

Gul Hayat Institute

١. (مدد لاءِ) سنڀاليان، يادڪريان. ٢. مددگار. ٣. سهڻيءَ جي مڙس جو نالو. ٤. پاڻيءَ جي ڪاڌ ڪري درياءَ جي ڪنارن مان ڪرندڙ مٽيءَ جي وڏن تڪرن يا ڍڳلن. ٥. لڄ، پت، عزت، آبرو. ٦. اي آڳا، اي الله. ٧. جيڪا ترڻ نٿي ڄاڻي. ٨. سَٽ ڪتڻ واري جاءِ، جتي عورتون گڏبيون آهن. ٩. روڪ، رنڊڪ، فرصت، ماٺ. ١٠. (ماڻهن يا جانورن جي) قطار. ١١. هل هلان، ڊوڙ ڊوڙان، وڃڻ يا هلڻ جو عمل. ١٢. هميشہ رهڻ وارو. ١٣. ياد ڪندا (افسوس جي حالت ۾). ١٤. نماز. ١٥. سڏڻ وارو، قاصد، عزرائيل. ١٦. ٻاجهاري، خدا. ١٧. سچو، (رسول خدا جو). ١٨. مهرباني ڪندو. ١٩. (خدا جي) تجلي، نگاهہ. ٢٠. عيبدار، گناهگار.

ڏِسِـــئوُ[1] ڏيـڪـاري، پِـرتِ[2] پِـريَـان[3] جـو پـيـچـرو[4].

### ۴

"اَلـسـتُ بِـربِـڪُـم قَـالُـوا بَـلـىٰ"، جَـڏهِـين چَـيَـائُـون،
مِـيـثَـاقَـا مـيـهَـارَ سـين، لَـڏيُـون[5] مُـون لائُـون،
سُـو[6] مـون[7] تـي ڪِـيـئَـن پَـاهُـون[8]، جـو مَـحـفُـوظَـا[9] مَـحـڪُـم[10] ٿِـئـو.

### ۵

"اَلَـسـتُ[11]" اَرواحَـن[12] کـي، جَـڏهِـين چَـيَـائِـين جِـيـئَـن[13]،
"قَـالُـوا[14] بَـلـىٰ" قَـلـبَ[15] ۾ تـي تَـفَـالِـي[16] تِـيـئَـن،
مَـحـبَـتِـيءَ مـيـهَـارَ جـي، اَئُـون نِـهـوڙي نِـيـنـهَـن،
سَـرتِـيُـون سَـاهَـڙ سـينءَ، هَـلَـڻُ مُـون حَـقُ[17] ٿِـئـو.

### ٦

"الـسـتُ" اَرواحَـن کـي، جَـڏهِـين چَـيَـائِـين،
مَـن[18] ڪَـاڏو[19] مـيـهَـارَ ڏي، سُـهـڻـيءَ سَـدَائِـين،
جـيـڪـي[20] آيُـس اوڏاهِـين[21]، سـو پَـاري[22] مُـنـڌ[23] پَـاتَـار[24] ۾.

Gul Hayat Institute

---

١. پاڻ ڏسيو ۽ ٻين کي ڏيکاري، ٢. محبت، پريت، پيار، ٣. پرينءَ، دوست، محبوب، ۴. رستو، گس، واٽ، ۵. لڏيون مون لائون = منهنجي شادي ٿي، منهنجي محبت ٿي، ٦. اهو (انگ يعني محبت جو ليک يا لکيو)، ٧. هتي، ٨. پوئتي، واپس، ٩. لوح محفوظ (جي لکڻ جي وقت)، کان، (لوح محفوظ، عرش تي رکيل ان تختيءَ کي چئبو آهي جنهن تي دنيا ۾ ٿي گذريو آهي، ٿئي پيو ۽ ٿيندو اهو سڀ خدا تعاليٰ لکي ڇڏيو آهي)، ١٠. مضبوط، پڪو، پختو، نہ ميٽجڻ جهڙو، ١١. ڇا نہ آهيان آئون (اوهان جو رب)، ١٢. جاندار شين جي روحن يعني پساهن، ١٣. جيئن ئي، جنهن وقت، ١۴. چيائون هائو (روحن جو جواب)، ١۵. دل، ١٦. فال يا جواب (آيو)، ١٧. واجب، فرض، لازم، ١٨، من جو، دل جو، ١٩. ڇڪ، تانگهہ، ڪشش، ٢٠. جيڪو حڪم، ٢١. ان طرف کان يعني خدا جي طرف کان، ٢٢. ميجي، پورو ڪري، بجاءِ آڻي، ٢٣. عورت يعني سهڻي، ٢۴. اونهي پاڻيءَ، يعني درياهہ.

### ٧

"اَلَستُ" اَرواحَنِ کي، جَڏهِين اَمُر[1] ڪيئو اَحَدَ[2]،
مَنَ ڪَاڍو ميهَارَ ڏي، سُهڻيءَ سِڪَڻُ[3] سَڏَ[4]،
دِلو دَوَرَ[5] دَرِياهَ جي، ڪِئو اِيرادي[6] اَڏَ[7]،
جيڪِي آيسِ ڏُونهَنَ[8] عَدَدَ[9]، سو پَاري مُنڌَ پاتارَ ۾.

### ٨

"اَلَستُ" اَرواحَنِ کي، جَڏهِين فَرمَايو[10] فَتَاحَ[11]،
هو مَنَ ڪَاڍو ميهَارَ ڏي، سُهڻيءَ سِڪَڻُ سَاهَ[12]،
دِلو دَوَرَ دَرِيَاهَ جي، ڪِئو اِيرادي اَڏاءَ[13]،
جيڪِي آيُسِ ڏُونهَنَ اَللهَ، سو پَاري مُنڌَ پَاتَارَ ۾.

### ٩

"اَلَستُ" اَرواحَنِ کي، جَڏهِين فَائِقَ[14] فَرمَايو،
هو مَنَ ڪَاڍو ميهَارَ ڏي، سُهڻيءَ کي سَعيو[15]،
دِلو دَوَرَ دَرِيَاهَ جي، اوڏاهين آيو،
جيڪي هَادِيءَ[16] هَلاَيو[17]، سو پاري مُنڌَ پَاتَارَ ۾.

---

١. حڪم. ٢. هڪڙي، واحد يعني خدا تعاليٰ. ٣. پيار، محبت. ٤. سڏار، مضبوط، پڪو، پختو. ٥. زوردار وهڪري. ٦. تقدير، رب جي رضا. ٧. تڪر تڪر، ذرا ذرا. ٨. کان. ٩. قسمت، تقدير، الگ ازل. ١٠. حڪم ڪيو. ١١. مشڪل حل ڪندڙ، خدا تعاليٰ. ١٢. ساهه (جي موجودگيءَ) تائين، حياتيءَ تائين، سدائين. ١٣. اڏ، پرزا پرزا، ياڱا. ١٤. مٿاهين ۽ بلند مرتبي واري يعني خداتعاليٰ. ١٥. اونو، فڪر، ڳڻتي. ١٦. هدايت ڪندڙ، رهبر، خدا تعاليٰ. ١٧. حڪم ڪيو، امر ڪيو.

Gul Hayat Institute

## ١٠

اَلَستُ اَروَاحَنِ کي، جَڏهِين جَاڳَايو[1] جَلِيلَ[2]،
سَنئِين[3] رَاهَه[4] سَيَدُ رح چَئي، سُونَائُون[5] سَبِيلَ[6]،
وَحدَتَ[7] جي وَادِيءَ[8] ۾، قَدر[9] وِتَا قَلِيلَ[10]،
دريَاهَه جي دَلِيلَ[11]، لَکين لَهوَارَا[12] کِئَا.

## ١١

لَهوَارَا تَان لَکَ، هُونءَ[13] تَان هُرِيُ[14] هيکڙو،
اُپِيُون[15] اوبَاهَن[16] ۾، جُوتِيُون[17] مَارِين جَکَ[18]،
لُٽِيو[19] اُت لطِيف رح چَئي، کُوڙيُون بَڏَن[20] کَکَ،
وَاهُڙ[21] تَنِي وِکَ[22]، جَن کي نَدِي نَاهه نِگَاهه ۾.

## ١٢

اوراڙِ[23] نَه پَراڙِ[24]، وِچَاري وَهَه[25] وِچَ ۾،
سُکِيءَ[26] ڏَنِيءَ[27] سُپِرين، بِئو[28] مَڙوئِي[29] تَارِ[30]،
تُون گهڙ کيم نِهَارِ[31]، بُڏندن سين ٻَاجهُون[32] کَري.

Gul Hayat Institute

---

١. بيدار کيو، سوال کيو، پڇا ڪئي، ٢. جلال واري يعني خدا، ٣. سڌي، ٤. واٽ، رستو، ٥. ڳولي لڌائون، سڃاتائون، ٦. واٽ، راهه، رستو، ٧. هيڪڙائيءَ (خدا جي)، ٨. ماٿريءَ، ميدان، ٩. جزوي، ڪي (ٿورا)، ١٠. ٿورا، ١١. خيال، اڏڪي، ڊپ، ١٢. لهوارا ڪيا = ٻوڙيا، ١٣. نہ ته، ٻيءَ صورت ۾، ١٤. ڇال، ٽپو، ٻرانگهه، ترڻ مهل ٻانهن ورائڻ وقت ٻن ٻانهن جي وچ ۾ مفاصلو يعني وٿي، ١٥. ٻيٺيون، ١٦. ٻيٺل پاڻيءَ جي ڍٻن، ١٧. ڪوڙيون، ڪوئيون، ١٨. بکواس، ٻتاڪ، ٻخي، بيهودگي ڳالهه، ١٩. ڪٽيو، وڍيو، ڪاٽيو، ٢٠. سڪل گاهه جا ڪانا يعني تيلا (ڪک ٻڏن = ترهو ٿاهين درياهه ۾ ترڻ لاءِ)، ٢١. ننڍڙو واهه، ڪسي، ڪڙيو، ٢٢. (پنڌ ڪرڻ وقت) ٻن قدمن يعني پيرن جي وچ وارو مفاصلو (واهڙ تني وک = تن کي واهڙ جو پيٽ وک جي برابر آهي)، ٢٣. اورينءَ ڪنڌيءَ تي، ٢٤. پرينءَ ڪنڌيءَ تي، ٢٥. وهه جي، درياهه جي وهڪري جي، ٢٦. سڪل، خشڪ، ٢٧. ڏنيءَ تي، ڪنڌيءَ تي، ٢٨. باقي، ٢٩. سيڻي (زمين)، ٣٠. اونهو پاڻي، درياهه، ٣١. نٺاءُ، ڪيپاءُ، تڪ تور ڪر، ٣٢. مهربانيون، ٻاجهون.

## ١٣

هُنَ پَرِ نَہ هُنَ، وِچاري وَهَہ وِچ ۾،
نيچُ[1] نِهاري[2] نَہ گهڙي، تِنهن ۾ پيس تُن[3]؛
الله سان اَمُنَ، آراک[4] اُکارين[5].

## ١٤

ڪامان[6] پچان پَجُران، لُڇان[7] ۽ لوچان[8]،
تَن[9] ۾ تُونُس[10] پرين جي، پِيان[11] نَہ ڍاپان[12]،
سمنڊ مُنهن[13] ڪريان، تَوءِ[14] سُرڪيائي[15] نَہ ٿئي.

## ١٥

ڪامان پچان پَجُران، سَڙان ساري رات،
بَن[16] بِيائي[17] ڪري، ڪَرِ پِريان جي تات[18]،
شيخُون[19] سَنديون سَجڻين، اُيريون[20] آذيءَ رات،
نِڪي هَٽ[21] نَہ سات[22]، ڏهاڙئُون[23] چنگ[24] چڙهان.

## ١٦

ڪاري رات ڪچو گهڙو، اوٺيهين[25] اونداهي[26]،

---

١. ڪم ڪرڻ جو اوزار، هتي معنيٰ ٿيندي دلو يا گهڙو. ٢. جاچي، تپاسي، ٣. سوراخ، ٽنگ. ۴. پاڻيءَ يعني درياء جي آر يا وهڪ. ۵. لنگهائيين. ٦. سڙان، پچان، ڪامان، جلي خاڪ ٿيان، ٻران. ٧. ڦتڪان. ٨. بيقرار يعني پريشان حال رهان. ٩. دل، من. ١٠. تاس، پياس، طلب، اساٽ. ١١. ڍڪ ڀريان (محبت جا). ١٢. ڍؤ ڪريان، رڄ ٿيان، راضي ٿيان. ١٣. منهن ۾، وات ۾ (منهن ڪريان = وات ۾ وجهان). ١۴. تہ ٻہ، جيڪر. ١۵. هڪ سرڪ، هڪ ڍڪ. ١٦. ٻن ۾، ٻن ۾، ڪڏ ۾، کوهہ ۾ (ٻن ڪري = ترڪ ڪري). ١٧. دوئي، خدا کنا سواءِ ٻين غيرن جي ميڄتا، شرڪ. ١٨. يادگيري، ذڪر. ١٩. ڪليون يعني ميخون (محبت جون). ٢٠. لڳڻ شروع ٿيون، ظاهر ٿيون. ٢١. هٽ ۾، روڪڙ، نقد. ٢٢. (واپار وڻج لاءِ ويل سات ۾ يعني قافلي ۾) سيڙپ ڪيل. ٢٣. هر روز، ڏهاڙي. ٢۴. چنگ تي، سوريءَ تي (چنگ چڙهان = عذاب ۾ آهيان، تڪليف ۾ آهيان)، گنج ۾ "چنگ چڙهي" لکيل آهي). ٢۵. چنڊ جي، اسلامي مهيني جي اوڻٽيهين تاريخ (جي). ٢٦. تاريڪي، چنڊجي نہ هجڻ واري حالت.

## وائي ١

اَڄِي اوڙَڙِي[١] کِيرَ کِيرَ، وَتَنان[٢] پاڻِيءَ[٣] وارِين[٤]،
نَالِي سُڄَڻ[٥] سُوهَڻِي، ذَاتِ[٦] نِڄاڻَان[٧] کِيرَ،
گَهَڙِي گَهوَرَ[٨] نَہ جَهلِي، پَتِ نَہ کُتِسَ پيرَ،
کُڙِيُون[٩] کُنهبِي[١٠] رَتِيُون، مِيندِيءَ رَتَڙِسِ[١١] پيرَ،
سَنپُوڙو سِيَڻاهہ سِين هِتِ گَهرِجِين هِيرَ[١٢].

## وائي ٢

نَهِين نَهِين مَيَڏِڙِي[١٣] وَسِ وو بِنان دِلبَرَ دِل مَانڍِي[١٤]،
مُون کي مَتِ[١٥] ميهارَ جِي، کَانَہ اڄِي کا ٻِي[١٦] کَسِ[١٧]،
سِکَان تِي سَنگهارَ[١٨] کي، بَابِ[١٩] نَہ مُنهنجي بَسِ[٢٠]،
سُکَ نَہ پُڇِي سُوهَڻِي، ڏُکُ ڏُکِيءَ کي ڏَسِ[٢١]،
دَردَ دَسِي[٢٢] آهِيَان، دَرِدُ مُنهنجو دَسِ[٢٣].

## وائي ٣

وَڃِي سَا رَاتِ وِهاڻِي[٢٤]، رَءِ پَسَڻَ پِرِينءَ جي،
هِهَڙَا اوڏَا[٢٥] سُپِرِين، تُوکِي نِندَ رِهاڻِي[٢٦].

---

١. ڦاٽي، ڦابو ٿي. ٢. منجهان. ٣. درياهہ. ۴. (شال) موٽائين، بچائين. ٥. ٻڌجي، مشهور آهي. ٦. ذات جي، نک جي، جاتيءَ جي. ٧. ڄاڻ ناهي، خبر ڪانهي. ٨. سٽ يا دٻ (پاڻيءَ جي وهڪري جي). ٩. ايڙيون، پيرن جا پويان حصا. ١٠. ڪنهبي رتيون = ڳاڙهي رنگ جهڙيون ڳاڙهيون. ١١. رتاڪيس، ڳاڙهاڪيس. ١٢. هن وقت. ١٣. (سرائڪي ٻوليءَ جو اکر) منهنجي. ١۴. پريشان، بي حال. ١٥. نصيحت، هدايت. ڏسَ. ١٦. ٻي ڳالهہ. ١٧. موافق، پسند. ١٨. ڌنار، مالوند، ميهار. ١٩. باب ۾، قسمت ۾. ٢٠. خاموشي، صبر، ماٺ. ٢١. ٻڌاءِ. ٢٢. ڪيرائي. ٢٣. دفع ڪر. ٢۴. وهامندي، گذرندي. ٢٥. ويجها، قريب. ٢٦. وڻي، پسند پئي.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

# سُرُ سُهڻي

## داستان پهريون

١

تَڙِ[1] نَہ گَھڙي تُورُ[2]، مَنَ[3] کَاڏو[4] مِيهارَ ڏي،
ڏاڍو دُورُ[5] دَريَاهَ ۾، سِڪَڻَ[6] وَڏو سُورُ[7]،
مَنَ ۾ مَوجَ[8] مِيهارَ جي، پَهَسَ[9] پِريَان جو پُورُ[10]،
ٻيلي ٻِنهي کَنڌين[11]، نِتَ[12] نَهاري[13] نُورُ[14]،
مَنجَهان جَرَ[15] ضَرورُ[16]، ڪَچي[17] ڪي ڪو مَ ٿِئي.

٢

ٻوڙين ڇاڙهين[18] تُون ڌَڻي[19]، ٻي جو دَعوَيٰ[20] رَسي[21] نہ دَمُ[22]،
هِنَ مُنهنجي حالَ جو، مِيهَرَ[23] تي[24] مَعلُومُ[25]،
رَکُ ٻيلي[26] جو ڀَرمُ[27]، جو اَوتَڙِ[28] پيئو اَجهورَ[29] ۾.

Gul Hayat Institute

٣

دائِمُ[30] جا دَريَاهَ ۾، سَا مَڇِي ڪِني[31] ڪُوهَہ[32]،

---

١. تڙَ ۾. گهيڙ ۾. درياهَ يا واهہ وغيره جي ڪناري تي جنهن هنڌ ماڻهن يا چوپائي مال جي آمد رفت ٿئي يا پاڻي ڀرجي يا پيجي ان کي تڙ يا گهيڙ چئبو آهي. هتي تڙ مان مراد درياهَ آهي. ٢. هڪ جيڏو، هر عمر، محبوب يعني ميهارَ جيڪو سٿر يعني ٽنگ جي ران ۾ زخم سبب درياهَ ۾ گهڙڻ کان لاچارَ هو. ٣. مَنَ ۾. دل ۾. ٤. سِڪَ. چِڪَ. تانگهہ. ٥. پاڻيءَ جو چڪر يا زورَ. ٦. محبت. ٧. تڪليف، عذاب. ٨. سڪ. ٩. زور سان. ١٠. خيال. ١١. ڪنڌين تي، پاسن تي. ١٢. هر وقت، وري وري. ١٣. ڳولي، جاچي. ١٤. ميهارَ جي وٿاڻ تي ٻرندڙ دونهينءَ يا باهہ جي روشني يا شعاع. ١٥. پاڻيءَ، درياهَ. ١٦. ضررَ. نقصان. ١٧. اڻ پڪل (گهڙي يا دلي). ١٨. بچائين، تارين. ١٩. اي ڌڻي، اي مالڪ. اي خدا. ٢٠. حجت، عذر، اعتراض. ٢١. پهچي، قبول پوي. ٢٢. دُعا، ٿيڻو. ٢٣. ميهار. ٢٤. کي. ٢٥. ڄاڻَ، خبر. ٢٦. ڪچي يا اڻ پڪل دلي. ٢٧. لَڄَ، عزت. ٢٨. اوتڙ ۾. خراب يا اڙنگيءَ ڏکئي تڙ ۾. ٢٩. ڪَنَ عمر جي پڇاڙيءَ. ٣٠. سدائين، هميشہ. ٣١. ڪڪي، بدبوءِ دار. ٣٢. چو. ڇا جي ڪري (سٺي پاڻيءَ ۾ هميشہ رهندڙ مڇي ڪني نہ ٿيندي آهي.)

آهيس اِيءُ اَندوهُ[1]، پاڻي ڪِتي تہ پِيَان.#

۴

اُيو[2] تَڙِ[3] ميهارُ، مَلاحَنِ[4] سَڏَ ڪَري،
آئُون پَڻِ وِجَهان هَتڙا، اَئين پَڻِ وِجهو جارَ[5]،
گهوربُون[6] ڪارونيارُ[7]، مَانَ[8] نہ مِڙنهئُون[9] سُپرينَ[10].

۵

اُيو آجي[11] اَجَ[12]، ميهارُ مَلاحَنِ کي،
آئُون پَڻِ وِجَهان هَتڙا، اَئين پَڻِ وِجهو رَجَ[13]،
ڪَنڌيءَ[14] ڪُنَ[15] ڪُرَجِ[16]، مَنَ[17] هُونِ[18] سَلامَتَ[19] سُپرينَ.

۶

اُيو ڪَري سَڏَ[20]، ميهارُ مَلاحَنِ کي،
اَدا اِنهيءَ پَارَ[21] جا، مُوڙي[22] اَچو مَڏَ[23]،
وِئا جي وَهہَ[24] گَڏَ، سي هلو تہ ڏوربُون[25] سُپرينَ.

۷

جِتي پيئر[26] پِرَنِ[27]، پَرِيُون[28] پُون[29] پَوارِيُون[30]،

---

۱. فڪر، ڳڻتي # انسان ان ڪري ذليل آهي جو هر هنڌ وسندڙ نور کي نٿو سڃاڻي ۽ پيو پٽڪي، ۲. بيٺو. ۳. تڙَ تي، گهيڙ تي، (درياهہ يا واهہ جي ڪناري تي جنهن هنڌان ماڻهن ۽ چوپائي مال جي اچ وڃ هجي ان هنڌ کي گهيڙ يا تڙُ چئبو آهي). ۴. ملاحن کي، ٻيڙيءَ هلائيندڙ ناکئن کي، مير بحرن کي، مهاڻن کي. ۵. (مڇين ڦاسائڻ لاءِ)، سَٽ جي ٽلهي ڌوري يا نوڙيءَ مان نهيل ڄاريون (واحد ڄارَ). ۶. ڳوليون يا ڄاچيون. ۷. درياهہَ. ۸. شال. ۹. ملن، لهن. ۱۰. محبوب يعني سهڻي. ۱۱. آکي صلاحي، چئي. ۱۲. پاڻيءَ (۾ گهڙڻ لاءِ). ۱۳. واحد رڇَ، مڇين مارڻ جو ڄارَ، ڄِنَ. ۱۴. ڪنڌيءَ جي پاسي ۾، ڪناري وٽ. ۱۵. ڪُنَ جي، گرداب جي، درياهہ ۾ اونهي پاڻيءَ جي هنڌ کي جتي پاڻي چڪر کائي. ان کي ڪُن چئبو آهي. ۱۶. ڪرڇَ ۾، ڪَنڌ ۾، گوشي ۾، پاسي ۾. ۱۷. شالَ. ۱۸. هجن. ۱۹. حياتَ، جيئرا، ڪنهن بلا يا مصيبت کان بچيلَ يا محفوظ. ۲۰. پڪارون، آوازَ (واحد سڏُ). ۲۱. طرف، پاسي، ڪنڌيءَ. ۲۲. ورائي، واري، موٽائي. ۲۳. واحد مڏَ، ننڍي ٻيڙي، ڪاٺ مان نهيل ترهو (ڪکن، ڪاٺين ۽ ڪانن جو نوڙين سان تَرَ ٻڌي ناهيل منجو جنهن تي پاڻيءَ ۾ تربو آهي ان کي ترهو چئبو آهي). ۲۴. وَهہ سان، پاڻيءَ جي وهڪري سان. ۲۵. ڳوليون. ۲۶. چڪرَ (پاڻيءَ جا)، ڪُنَ. ۲۷. ڦرن، گوڙ يا آواز ڪن. ۲۸. (پاڻيءَ جي ڪاڌ ڪري درياهہ جي ڪپرَن مان ڪرندڙ) مٽيءَ جا وڏا ٽڪرَ، ڀڪون، ڀيريون. ۲۹. ڪِرَنِ. ۳۰. خوفائتيون.

جَنِ جِي سَاهڙَ[١] سَاڻُ صَلاحَ[٢]، سي ڪِينَ ٻُڏَنديُون ڪَڏهِين.

## ١١

سَانيَارَ[٣] سَنڌَ ڪِئو، اُيَا چُونِم آءُ،
هِڪُ تِکو[٤] ئِي تَارِ[٥] وَهي، ٻِئو لُڙُ[٦] لَهريُون[٧] ۽ وَاءُ[٨]،
آگِهُ[٩] جَنِ اَللهُ، ٻُجَهَان[١٠] سي نَہ ٻُڏَنديُون.

## ١٢

سَانيَارَا سَنڌَ ڪِئو، اُيَا چُونِم اَچُ،
هِڪُ تِکو ئِي تَارِ وَهي، ٻِئو هَٿ ڪَميٽِيءَ ڪَچُ[١١]،
سَاٿِي[١٢] جَنِ سَچُ[١٣]، ٻُجَهَان سي نَہ ٻُڏَنديُون.

## ١٣

هَارِي[١٤] حَقُ[١٥] رِکيِجِ[١٦]، سَانيَارَا[١٧] سَاهڙَ جو،
وَهمَ[١٨] جي وِجُودَ[١٩] جَا، وِچَان[٢٠] سَڀِ وَڍِيجِ[٢١]،
خَوابَ[٢٢] خَيَالَ[٢٣] خَطرَا[٢٤]، تَن ڪِي تَرڪُ[٢٥] ڏِيجِ،
اَندرِ آئِينو[٢٦] ڪَري، پِرِين سو پِسِيجِ،
اِنهِيءَ رَاهَ[٢٧] رَمِيجِ[٢٨]، تَہ مُشَاهِدو[٢٩] مَاڻِيِن[٣٠].

---

١. سهڻيءَ جي محبوب ميهار (ميهارَ کي ساهڙ بہ چيو ويندو آهي)، ٢. صلح، تابعداريءَ واري هلت، ٣. سامهون، ٤. تيز، ٥. اونهو پاڻي، ٦. لڙانيل ۽ ميرو پاڻي، ٧. ڇوليون، ٨. طوفان، تيز هوا، ٩. آڏارَ، اڳواڻ، رهبر، ١٠. سمجهان ٿو، (پَڪَ سان)، ١١. ڪچو يا اڻ پڪل (دلو)، ١٢. همراهہ، مددگار، حامي، ١٣. سچو خدا، ١٤. اي هاري يعني نادان عورت يعني سهڻي، ١٥. فرض، وفاداري، ١٦. بچا آڻج، ١٧. سامهون (بيٺل)، درياهہ جي هن پار (ويٺل)، ١٨. وسوسا، اجايا خيال، شڪ، ١٩. مَنَ، ٢٠. (تنهنجي ۽ ميهارَ جي)، وچ ۾ آيل، ٢١. ختم ڪج، ٢٢. وَهمَ، گمان، ٢٣. اجايا شڪ، ٢٤. خوف، ٢٥. تياڳَ، ترڪ ڏيج = ڇڏي ڏج، دل مان ڪڍي ڇڏج، ٢٦. آرسي، ٢٧. راهہ تي، رستي يا واٽ تي، صلاح يا مشوري تي، ٢٨. هليج، عمل ڪج، ٢٩. ديدارَ (محبوبَ جو)، ٣٠. حاصل ٿيئي.

Gul Hayat Institute

## ١٤

هاري رکِج حقُ، سانيارا ساهڙَ جو،
خواب، خِيالَ، خطرا، تِنهِي ڏيج ترڪُ،
ڪري غير[١] غرقُ[٢]، ويجهو[٣] تيءُ وِصالَ[٤] ڪي.

## ١٥

سانيارا سيئِي، تنُ جنِي جو طالبُ[٥]،
منُ پِريان نيئِي[٦] پڳهيو[٧] پاڻَ ڳري[٨].

## ١٦

ليا[٩] ڏِنمِ لارَ[١٠]، سانبارا ساهڙَ[١١] جا،
هِنيُون[١٢] هِتَ[١٣] نه وندُري[١٤]، ڏراڙنئُون[١٥] ڌارَ[١٦]،
مُنهِنجو منُ ميهارَ، پڳهيو پاڻَ ڳري.

## ١٧

هُوءَ جا پَري[١٧] پاهه، سانيارا ساهڙَ جي،
اکِيون اُنَ اُهاءِ، وجِن ڪُن ڪپِينديُون.

Gul Hayat Institute

---

١. ٻيائي، دوئي، خدا کان سواءِ ٻي ڪا هستي، ٢. ناسَ، تباهہ، ٣. قريب، ٤. (محبوب جي) ميلاپ، ٥. طالبَ، طلب رکندڙ، ڳولائو، گهورو، ٦. وٺي، ٧. قابو يا سوگهو ڪيو، (پڳهڻ = ٻيڙيءَ کي ڪناري سان ٻڌي قابو ڪرڻ)، ٨. وٽ، ٩. ٻڌل، ١٠. (مينهين يا ڍورن جا) ننڍا ڦر جي اڃا ڪيرَ ڏائيندڙ آهن، ١١. سهڻيءَ جي محبوب ميهارَ (ساهڙَ = سهڻيءَ جي محبوب ميهارَ جو ٻيو نالو)، ١٢. دل، ١٣. ڏمرَ جي گهرَ ۾ (ڏمر سهڻيءَ جي مڙس جو نالو آهي)، ١٤. راضي يا خوش ٿئي، ١٥. ڏراڙن کان، ڏنارن کان، مينهن جي چاريندڙن کان يعني ميهارَ کان، ١٦. جُدا، سواءِ، ١٧. اهاءَ ڏي، سوجهري يعني روشنيءَ ڏي.

## ١٨

ميهارَ جي مَحبَتَ جُون، دِلِ اَندرِ دُونهيُون[١]،
آڙِئو وِجهي آرَ ۾[٢]، لُهارو[٣] لُوهيُون[٤]،
جي سَاهَڙَ[٥] جُون سُونهيون[٦]، سِيرَ[٧] سَرَاڙو[٨] تَنِ کي.

## ١٩

وَاهُڙُ[٩] جنَازو[١٠] سُوهَڻي[١١]، کَانڌِي[١٢] کَنگَ[١٣] تِئَاسِ،
بَگهاَ[١٤] جي بيٽَنِ[١٥] جا، کُلهَا تَنِ ڏِناسِ،#
اکِيِين[١٦] مَلَکَ[١٧] ڏِناسِ، توءِ مَن کادو ميهارَ ڏي.

## وائي

اکيُون پيرَ کري* وَجِي پَرَ وَجِي،
سُپيريَان جي ڳالهَڙِي، کَنهِن سَان کِينَ کجي،
لِکَائي لوَکَ[١٨] کَان، ڳوٺَان[١٩] ڳُجَهڙِي نِجي،
مَحبَتيءَ ميهَارَ جو، سُورَ نَہ کِنهِن سِلجي[٢٠].

Gul Hayat Institute

---

١. واحد دونهي، هلڪي ۽ جهيٽي باهہ. گرمائش. ٢. درياهہ جي وچ واري وهڪري. ٣. لهاٿو. جلائيندڙ (عشق). ۴. سڙيل (عشق جون). ۵. ميهارَ (سهڻيءَ جي محبوب ميهار جو ٻيو نالو). ٦. واقف ڪار. ڄاتل سڃاتل. ٧. درياهہ جي وچ وارو تيز وهڪرو. درياهہ. ٨. پٿرَ. سخت ۽ سڪل پٽَ. وڪَ. ٻرانگهہ. ٩. درياهہ. ١٠. مُردي يا لاش کي کڻڻ لاءِ کٽ. تابوتَ يا ڏولي. ١١. سهڻيءَ جو (درياءَ سهڻيءَ جو جنازو يا کٽ ٿي يعني درياءَ جي پاڻيءَ ج وهڪري کٽ جو ڪم ڏنو). ١٢. جنازو کڻندڙ يا جنازي سان گڏ هلندڙ. ١٣. واحد ڪنگَ. هڪ قسم جو اڇي رنگ جو پاڻيءَ جو پکي جنهن جي ڳچي ۽ ٽنگون ڊگهيون ٿينديون آهن ۽ اڪثر ڪري مڇيءَ تي گذران ڪندو آهي. ١۴. واحد ٻگهو. هيءُ بہ ڪنگ وانگي پاڻيءَ جو هڪ پکي آهي ۽ اڪثر بيٽارين تي ليندو آهي. اکيون بند ڪري هڪ ٽنگ تي بيهندو آهي. ١۵. درياهہ جي پاڻيءَ جي وچ ۾ خشڪ ۽ سڪل زمين جي ٽڪرن. # تن سهڻيءَ جو جنازو ڪلهن تي کنيو. ١٦. اکين. (سهڻيءَ جي). ١٧. فرشتا (منڪر ۽ نڪير). جيڪي مئل ماڻهوءَ کان قبر ۾ پڇا ڳاڇا ڪندا آهن. * سڪ ۽ محبت سان پنڌ ڪجي. ١٨. عام ماڻهن کان. ١٩. ڳوٺ يعني ملڪ جي ماڻهن کان. ٢٠. ٻڌائجي.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرُ سُهڻِي

## داستان اَئون

### ١

بُڏَندي بُوڙَنِ[1] کي، کي هَاتِڪَ[2] هَتَ وِجهَنِ،
پَسُو[3] لَڄَ[4] لَطِيفُ چئي، ڪيڏِي ڪي ڪَڪَنِ[5]،
جيڪي[6] ڪَنڌِيءَ[7] ڪَنِ[8]، نَہ تَہ سَاڻُنِ[9] وَڃَنِ سِيرَ[10] ۾.

### ٢

جَا ڪَچِي[11] ڪَانِي[12] ڪَانهَہَ[13]، سَا بُڏَ[14] ڪَڍي بَارِ[15] مَانِ،
يَا لنگهَائي[16] لَطِيفُ چئي، يَا ڏُرِيَا[17] ڪَري دَانهَنِ[18]،
ڪَمَا حَقُہ[19] ڪَکَنَ جِي، آهي ڳَالِهہ اڳَانهَنِ[20]،
جيڪي ڏي بُڏَنِ[21] بَانهَن، نَہ تَہ سَاڻُنِ وَڃِي سِيرَ ۾.

### ٣

جَانڪِي[22] ڪَنڌِيءَ ڪَانهَہ، تَان[23] تَاڻِي[24] ٻَڌِجِ تُرَهُو[25]،
هَتُ پِرِيَان جِي هَتَ ۾، ٻي ڪي ڏِجِ مَ بَانهَن،

Gul Hayat Institute

---

١. ڳاهَہ جي ٻوڙن يا سَلَن. ٻنڊڙن وڻن (واحد ٻُوڙو)، ٢. لفظ حاذق جي بگڙيل صورت (واحد هاتِڪ) حڪيم، ڏاهو، هوشيار، داناءُ، ٣. ڏسو، ۴. حياءُ، شرم، ٥. ڳاهَہ جي ٻوٽن، ٻَوڙن، ٦. يا، ٧. ڪنڌيءَ تي، ڪناري يا ڪپ تائين، ٨. پهچائين، ٩. انهن (ٻڏندڙن) سان، ١٠. درياهہ جي وچ واري وهڪري، ١١. اڻ پڪل، ڪمزور، ١٢. تِيلِي، تيلو، ١٣. ڪانهن جي، ڪانهن = هڪ قسم جي ڳاهہ جو قسم جو وارياسي زمين يا درياهہ جي پسگردائيءَ واري زمين ۾ ايرندو آهي جنهن جي تيلن مان قلم ٺهندا آهن، ١۴. ٻڏندڙ، غرق ٿيندڙ، ١٥. درياهَہ، ١٦. اڪاري پار ڪري، ١٧. شروعات ۾ ئي، منڍَ ۾ ئي، ڏر ڪان، ١٨. رڙ يعني پنهنجي ڪمزوريءَ جو اعتراف، ١٩. جيئَن واجب آهي، جهڙي طرح انهن جو حق آهي، ٢٠. ظاهر، مشهور، ٢١. ٻڏندڙن جي مدد ڪري، ٢٢. جيستائين، ٢٣. تہ، ٢۴. ڇڪي، سوگهو ۽ مضبوط ڪري، ٢٥. ڪکن، ڪانن ۽ ڪاٺين جو نوڙين ۽ رسين سان ترو ٻڌي ناهيل منجو جو ترڻ جي ڪم آٿبو آهي، پاڻي کي محبوب کان سواءِ ٻي جي حوالي يا سپرد نہ ڪج.

## ٧

كَچِي سَاڻُ کَهِي، پَکو پُڇِي نَہ سُوهَڻِي،
لَنگهِئو لُڙُ لطيف چئي، وَڄَارَن وَهِي،
سَا کِيئَن نِينهُن نَهِي، جَنهِن کي نِينهَن نَڌو کَٽِي.

## ٨

اُونهِي مِر اوهَرِي، کَهِي کَچِي سَاڻُ،
سُپَڪَ جو سَيدُ چئي، پُڇِي نَہ پَرِيَاڻُ،
عَشقَ وَارِيُون عبداللطيف چئي، سَڌَ نَہ کَٽَن سَاڻُ،
جَنِي پَاسِي پَاڻُ، سِي اُوتَڙَان ئِي اُکَتِيُون.

## ٩

اَنگُ پَسِي رَنگُ ٿِئو، کو جو دَورُ دلِي،
بَرِ بَرِ بيلِي نَہ ٿِئو، کَچو مَنجهہ کلِي،
جيئَن تَرَان تيئَن تَارِ گهَڻو، تُنهنجو بَحرُ بَلِي،
سو مَيهَارُوم مِلِي، آهِيَان جنهِنجي آسري.

---

١. ڪچي دلي، اڻ پڪل گهڙي، ٢. هلي، درياهہ ۾ گهڙي، ٣. پکو دلو يا گهڙو، ۴. لڙاتيل يعني ميرو ۽ مٽيءَ هاڻو پاڻي، دَرياهَ. ٥. وَڄارن ڏانهن، وڄن وارن يا وڄن جي مالڪن ڏانهن يعني ميهار ڏانهن (وَڄون = مينهين جا مادي ڦر)، ٦. وَڄي، ٧. ٻڏي، قابو ڪري، ماتِ ڪري، ٨. ٻڏو، قابو ڪيو، ماتِ ڪيو، ٩. اونهي پاڻيءَ، گهِرَي پاڻيءَ، درياهَ، ١٠. اَسَهِي، هَلي، وئي، ١١. (دَرياهہ ۾) گهِڙِي، ١٢. چڱي طرح پڪلَ (گهڙي يا دلي)، ١٣. نشانَ، پتو، اَهڃاڻ، ١۴. خواهش، تمنا، ١٥. پاڻ خدا، ڏٺي ١٦. اوتڙ کان ئي، اڙانگي تڙ کان ياگهيڙ کان، (درياهہ جي ڪناري تي جتان ماڻهن ۽ جانورن جي اچ وڃ هجي ان کي جاءِ کي تڙ چئبو آهي)، ١٧. نڪتيون، پهتيون، ١٨. لکيو (قسمت جو)، ٢٩. موجَ، ٢٠. ريچڪَ، جَهجهڪي، ٢١. دلي کي، گهڙي کي، ٢٢. هاءِ افسوس، ٢٣. همراهہ، حامي، مددگار، ٢۴. جنگِ، لڙائيءَ، ڏکئي وقت (پاڻيءَ جي) ڪشمڪش، ٢٥. اونهون، ٢٦. زيادهہ (تار گهڻو = زياده اونهون ٿيندو وڃي)، ٢٧. تو درياهہ جو، ٢٨. پاڻي، ٢٩. واهہ! خواب!، ٣٠. منهنجو ميهارَ (ميهارَ = سهڻيءَ جي محبوبَ جو نالو).

جِـيءَ[١] جَنِي جَا جَمُ[٢]، پَڪَا[٣] سي پُچَنديُون[۴].

١۴

پَڪَا رَچَ[٥] ڪُنيَارَ جَا، پَڪِي نهَائِين[٦]،
مُونکي تِئَائِين[٧]، پَلو[٨] ئي پَاڱي[٩] پِئو.

١٥

ڪَچِي[١٠] ڪَٿُ[١١] نَہ جَهلِئو، پِيلو[١٢] پِئو پُري[١٣]؛
سَارَ[١۴] جِڏِئَائُون سِيَرَ[١٥] ۾، ڪَا بَانَهُن[١٦] کي بُري[١٧]؛
لَٿي[١٨] لَهرِيُون وِيِئُون، چَوڌَاري[١٩] چُري[٢٠]،
هِينئَڙي[٢١] مَنجِهہ هُري[٢٢]، مَاهِيَتَ[٢٣] مَلَڪُ المَوتَ[٢۴] جِي.

١٦

ڪَچِي ڪَٿُ نَہ جَهلِئو، پِيلو پِئو پَچِي،
مَاهِيَتَ مَلَڪُ المَوتَ جِي، مَنجِهہ وِجُودَ[٢٥] وَچِي[٢٦]،
سَبَاهَڙَ[٢٧] کي سَچِي[٢٨]، آکي[٢٩] جي اَحوَالَ[٣٠] جِي.

Gul Hayat Institute

١٧

ڪَچِي ڪَٿُ نَہ جَهلِئو، پِيلو سَهِي[٣١] نَہ پَرُ[٣٢]،

١. دليون (واحد جيءُ)، ٢. هڪ جاءِ، قرار، خاطر جمع، ٣. پڪل گهڙا يا دِلا، ۴. ڳوليندڙيون، ٥. ٿانوَ، برتَنَ، ٦. ڪنڀار جي ٿانون پچائڻ جي ڪوري يا بٺي، ٧. اُن هندان، اُن نهائين مان، ٨. صرف ڪچو دلو، اڻ پڪل گهڙو، ٩. ڀاڱي ۾، قسمت ۾، نصيبَ ۾، ١٠. ڪچي دلي يا گهڙي، ١١. اصل، هرگز، ١٢. (درياهہ جي پاڻيءَ جو) زورَ يا دابَ نَہ سهي سگهيو، ١٣. ڀڄي، ذرا ذرا ٿي، ١۴. طاقت، ٻَلَ، سَتَ، ١٥. درياهہ جي وچ واري وهڪري، درياهہ ١٦. ٻانهون، ٻانهن، ١٧. (بددعا يا پِٽ) لڳي، ١٨. مٿان وري، ١٩. چئني طرفن کان، ٢٠. حرڪت يا تحريڪ ۾ اچي، ٢١. دلِ، مَنَ، ٢٢. چٽڪي، ياد آئي، ٢٣. حقيقت، هيئيتَ، ٢۴. موتَ جي فرشتي، حضرت، عزرائيلَ، ٢٥. دلِ، مَنَ، ٢٦. پيدا ٿي، ظاهر ٿي، آواز ڪيو، ٢٧. ميهارَ (سهڻي جي محبوب ميهار جو ٻيو نالو)، ٢٨. سمـوري (خبر، سُڌ)، ٢٩. ڪچي يا اڻ پڪل دلي، ٣٠. حقيقت، حالت، ٣١. جهلي، ٣٢. زور (پاڻيءَ جو)، دبَ، سَتَ.

هَتين پيرين آگُرِين، ٻانهُن چَڏِئو ٻَرُ[1]،
سَاهَڙ[2] سِگهو وَرُ[3]، پِيَسِ[4] مُنهِن[5] مَهرَاڻ[6] جي.

## ۱۸

پيلي[7] ٻُلاَئِي[8]، پَسي چِٽَ[9] چَري تي،
ٻَر ٻَرِ ٻُڏي سُوهَٽي وِيرِن[10] ۾ وَائي[11]،
ڪَچي[12] ڪيرَائِي[13]، لاَلَ لَهرِن[14] وِچ ۾.

## ۱۹

پَڪو[15] ڪَٽِج پَاڻ سين، چَگُو[16] چِتَائي[17]،
ڪَچو ڏيج ڪُلاَلَ[18] کي، مَاڳِهين[19] موٽائي،
سو سُڻُ هِنيين سين سُوهَٽي، جيڪي فَائِقُ[20] فَرمَائي،
مَوجُون[21] مُنجَهائي[22]، مَڇُڻُ[23] مَارِينَئي مَهرَاڻ جُون.

## ۲۰

ڪو جو وَرِئو[24] وَاءُ[25]، جيئَن وَاسُ[26] وَڃَارَن[27] مَتيو[28]،
مَتَان سَاهَڙ سَاهُ[29]، گهورِئو[30] گهورِئَان جِندَڙو[31].

---

۱. ٻل، طاقتَ، سَتَ. ۲. اي ساهڙ، اي ميهارَ (سهڻيءَ جي محبوب ميهار کي ساهڙ ٻـ سڏيو ويندو آهي). ۳. موٽَ، واهرَ ڪَرِ. ۴. آئون پيئي آهيان. ۵. منهن ۾، ورَ ۾. ٦. درياهَہ (سنڌو درياهہ کي مهراڻ سڏيندا آهن). ۷. ڪچي دلي يا گهڙ؛. ۸. منجهائي، پنيلائي، دوڪي ۾ وڌي. ۹. گلَ. گلڪاري، نقشَ. ۱۰. لهرين، چولين. ۱۱. چوبول، پچارَ. ۱۲. ڪچي دلي. ۱۳. ڦاسائي، ٻوڙ؛. ۱۴. لال جهڙي خوبصورت زال (سهڻيءَ ڏانهن اشارو). ۱۵. پڪل دلو يا گهڙو. ۱٦. چڱي طرح. ۱۷. رڱائي، چٽ گلَ ڪڍائي. ۱۸. ڪنڀارَ، مٽيءَ جي ٿانون ٺاهيندڙ ڪاريگرَ. ۱۹. اَتي جو اتي، بروقت. ۲۰. بزرگ، سياڻو، مٿاهون، بلند يعني الله تعاليٰ. ۲۱. لهريون، چوليون. ۲۲. ڦاسائي، ٻَلائي، گمراهہ ڪري. ۲۳. متان. ۲۴. اهڙو. ۲۵. ڦيرو اچي ويو. ۲٦. رَهڻ جي جاءِ، بيٺڪ. ۲۷. وڃن جي مالڪن يا ڌنارن يعني ميهار (مينهن جي مادي ڦر کي وڇ چوندا آهن). ۲۸. بدلايو، ڦيرايو. ۲۹. جان، زندگي. ۳۰. قربان يا صدقو ڪريو. ۳۱. جان، بدن.

## ٢٥

پِرُ پَليرَا سُپِرِين، پَلاَ[١] ۾ بيٖ[٢] راهَ،
تو رَيٖ[٣] تارِيٖ[٤] ناهِ ڪَا، وَالِيٖ[٥] تو ري واهَ[٦]،
سَاهَڙَ[٧] جِي صَلاحَ[٨]، تَنَ[٩] ڪي ڪَدِي تارِ[١٠] مان.

## ٢٦

تَنَ ڪي ڪَدِي تارِ مان، صُلحُ ساهَڙَ جو،
اُت آڏو اَچي ڪِينَ ڪي، بيلِيَپو[١١] بي جو،
ميهارَ ڪِجِ مُنهِنجو، اوڪَرُ[١٢] ڪَنهِين آرَ[١٣] تان.

## وائي ١

ڏَمُرُ[١٤] مَ جاڳي، لو، مَ پاڙيچِي[١٥] سارَ[١٦]،
آئون جا ويندِي مُلِ[١٧] ميهارَ،
آٽي ڪِيرَ[١٨] ڪوڙِئا، سانِيارَ[١٩] سَنگهارَ[٢٠]،
گهرَ گهرِ ڪِلاَ[٢١] جا وَهِيٖ[٢٢]، پاڙي پوءِ پچارَ[٢٣]،
مَولاَ[٢٤] مون ڪي ميڙبين[٢٥]، ڪُنديِنِ[٢٦] جِيءَ قَطارَ،

Gul Hayat Institute

---

١. اي پلا، اي موچارا، ٢. اوجهڙ، بدراهہ، ٣. سواءِ، ۴. واهہ، وسيلو، ۵. اي والي، اي مالڪ، ٦. رستو، چارو، واٽ، ٧. ميهارَ (سهڻيءَ جي محبوبَ ميهارَ جو ٻيو نالو)، ٨. صلح، راضپو، لطف، مهرباني، ٩. بدن، جسم، ١٠. اونهي پاڻيءَ، درياهہ، ١١. همراهي، مدد، واهر، ١٢. اوڪارڻ، پار لنگهائڻ، ١٣. درياهہ جي وچ واري وهڪري، سِيرَ، ١۴. سهڻيءَ جي مڙس جو نالو، ١۵. پاڙيچيءَ ڪي، پاڙي يا پِر ۾ رهندڙ کي، ١٦. جاڳ، بيداري، ١٧. وٽِ، ١٨. ڪلا (مينهن ٻڌڻ جا)، ١٩. سامهون، ٢٠. مينهن جي مالڪ يا ڌنارَ يعني ميهارَ، مالوند ماڻهوءَ کي سنگهار چئبو آهي (گنج ۾ "سنيارَ" لکيل آهي)، ٢١. بدناموسي، غيبت، اوٽائي، ٢٢. هلي، بيان ٿئي، ٢٣. گلا، ڳالهہ، ٢۴. اي مولا، اي مالڪ، ٢۵. ملائيين، ٢٦. چوڙيدار ۽ گول سڱن وارين مينهن.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرُ سُهڻي

## داستان نائُون

١

جَرَ[١] تَڙَ[٢] تَڪَ[٣] تَنوارَ[٤]، وِڻَ[٥] تَڻَ وائي[٦] هيڪڙي،
سَڀيئي شَيءِ[٧] تِئا، سُوريءَ[٨] سزاوارَ[٩]،
هَمَه[١٠] مَنصُورَ[١١] هزارَ[١٢]، ڪِهڙا چاڙهي چاڙهِيانِ.*

٢

سَڀِتَ[١٣] پَچَرَ[١٤] پِرينءَ جي، سَڀِتَ[١٥] هوتَ[١٦] حُضُورُ[١٧]،
مُلڪُ مِڙيئي مَنصُورُ، ڪُهِي ڪُهَبا ڪيتِرا.

٣

هيءَ يَرَ[١٨] هيءُ هَندوسِ[١٩]، ڪَوڙو[٢٠] تيُس قَرِيبَ[٢١] رِي،
روزُ ڏهاڙي راتِ ڪي•، مَتي[٢٢] پَارَ[٢٣] پَندوسِ[٢٤]،
عَشقَ جو عبداللطيف چئي، نَڪو سَڪَ[٢٥] سَندوسِ[٢٦]،
ساهڙَ[٢٧] ساهُ[٢٨] نِذوسِ[٢٩]، نيرُ[٣٠] پائي نينهن جو.

---

١. جرَ جي، پاڻيءَ جي، دَرياهَ جي. ٢. (سيڪنهن) تڙَ تي يا گهيڙ تي (درياهه جي ڪناري تي جنهن هنڌان ماڻهو يا جانور اچن وڃن ان هنڌ کي تڙ يا گهيڙ چئبو آهي). ٣. (پاڻيءَ جي)، تک جو يا تيز وهڪري جي. ۴. آواز، ٻولي، گوڙ، هَلَ. ۵. وڻَ ٽڻَ = ننڍي وڏي وڻ ۾ يا ٻوٽي ۾. ٦. ٻولي، ذڪر. ٧. شيون يا چيزون، مخلوقات. ٨. سُوريءَ جا، موت جي سزا جا (ڪاٺ جي چوکٽ جنهن ۾ لوهه جا ڇهنبدار ڀالا لڳل هوندا آهن جن تي ڏوهاري ماڻهن کي اڇلائي ماريو ويندو آهي ان کي سوري چئبو آهي). ٩. لائق. ١٠. سڀ (شيون). ١١. منصورَ، ان ماڻهوءَ جو نالو آهي جنهن "اناالحق" يعني آئون حق آهيان، جو نعرو هڻي پاڻ کي شريعت جي قانون موجب موت جي سزا جو لائق يا مستحق بنايو. ١٢. هزارين، لکين. * منصور هزارين لکين نه بلک ساري مخلوق منصور آهي، ڪيترن کي سوريءَ تي چاڙهي چاڙهيندس. ١٣. هر هنڌ. ١۴. ذڪرَ، ڳالهه. ١۵. دوست. ١٦. هوت جي، دوست، جي. ١٧. موجودگي. ١٨. ڪنڌي، ڪنارو. ١٩. هنڌَ، جاءِ. ٢٠. اڻ وڻندڙ، ناپسند. ٢١. دوستَ. •هر روزِ هر راتِ. ٢٢. ڏانهن. ٢٣. پرينءَ ۾ (جتي ميهارَ جي رهائش هئي). ٢۴. سندس پند يا اچ وڃ. ٢۵. سڪَ جو، پيار جو. ٢٦. حَدَ، ڇيهَ، انت. ٢٧. ميهارَ (سهڻيءَ جي محبوب ميهارَ جو ٻيو نالو). ٢٨. جيءُ، جان. ٢٩. ٻڌي قابو ڪيس. ٣٠. زنجير.

٤

نَڪو سَنڌو[١] سُورَ[٢] جو، نَڪو سَنڌو سَڪَ[٣]،
عَدَدُ[٤] نَاهِ عِشقَ، پُڄاڻي[٥] پاڻَ[٦] لَهَي[٧].

٥

عَدَدُ نَاهِ عِشقَ جو، سُٽي ٿيءُ سَاٽي[٨]،
ڪَانهي پُڄاڻي[٩]، مَهِندان[١٠] مُنڌَ[١١] ميهَارَ جِي.

٦

سِڪَ تُنهِنجِي سُپِرِين، ڪَپي[١٢] ۾ ڪوري[١٣]،
سَگهان نَه چُوري[١٤]، ڏاڍو[١٥] نِيرُ نِينهَن جو.

٧

سِڪَ تُنهِنجِي سُپِرِين، اَندرِ[١٦] ٿي اَجهَلَ[١٧]،
ٻَرَڪَئُو[١٨] ٻاهِرِ نِڪري، ڪُوري[١٩] ڪانئي[٢٠] ڪَلَ[٢١]،
ري سِيسِرَاهِيءَ[٢٢] سَلَ[٢٣]، مُون ڪي ڏِنَا سَڄَڻين.

٨

سِڪَ تُنهِنجِي سُپِرِين، اَندرِ ٿي اَجَهاڳَ[٢٤]،

---

١. حد، ڇيھہ. ٢. (عشق جي) دردَ. ٣. سڪ جو. محبت جو. ۴. شمَارَ. حسابَ. ڪاٿو. ۵. ڇيھہَ. انتَ. ٦. پاڻ خدا. ٧. ڄاڻي ٿو، ٻجهي ٿو. ٨. نماڻي، مسڪين، عجز واري. ٩. پهچ، وس، اختيار. ١٠. اڳيان. ١١. اي منڌ، اي عورت (سهڻيءَ ڏانهن اشارو). ١٢. وڍي. ١٣. (بدن تان)، کل لاهي. ١۴. هڻائي، سيري، ريڙهي، حرڪت ۾ آڻي. ١۵. مضبوط يا سوگهو. (ٻڌل). ١٦. اندرَ ۾. دِل ۾. ١٧. بي حد، گهڻي، جيڪا جهلي يا روڪي نٿي سگهجي. ١٨. ٻهڪي، گرم ٿي، جوش کائي. ١٩. ٻاھہ جي ٻنيءَ. ٢٠. ساڙي، جلائي. ٢١. بدن جي چمڙي. ٢٢. ڪاٺ ۾ سوراخ ڪيڻ لاءِ واڍن جو اوزارَ. ٢٣. تنگَ، سوراخ. ٢۴. تمام گهڻي، بي حد، بي انداز.

مَنجهه[1] پَرئائين[2] ماڳَ[3]، پَلٽِئو[4] پاريُون[5] ڪَرِين[6].

٩

سِڪَ تُنهنجي سُپرين، جيئن تران تيئن تار[7]،
تُونهين[8] رَهيين[9] رُوح[10] ۾، تُونهين اکئين[11] بَهار[12]،
پِرين تُنهنجي پار[13]، مُون واجهائيندي[14] وَرهه[15] ٿيا.

١٠

سِڪَ سَڪَنديَن[16] لاءِ[17]، وِڃوڙئا[18] ميڙ[19] پِرين،
ايڏي[20] سَگهه[21] سَچا ڌَڻي[22]، تُوهي ڪي[23] جُڳاءِ[24]،
تَن[25] جَني جو طالِبُو[26]، مِهر[27] تَني کي پاءِ[28]،
ميڙائي[29] جو مَناءِ[30]، ڪانگ[31] لَوندو[32] ڪَڏهين.

١١

ڏِني[33] ٿئڙم[34] ڏِينهَن[35]، ڪوهه جاڻان ڪِهڙا پِرين،*
نيڻ[36] پَرڃي[37] نينهَن، پَلٽِئا پاريُون ڪَري.

١٢

ڏِني ڏِينهَن ٿِيام، ڪوهه جاڻان ڪِهڙا پِرين،

Gul Hayat Institute

---

١. اندر (دل ۾، بدن ۾). ٢. پُر ڪٺائين، تمنار يا چڪار ڪٺائين. ٣. (دل جي پاسي ڪَند واريون) جايون، هنڌ. ۴. اُٿَلَ کايو، اٿلئو، موٽيو، وَريو. ۵. (اکين جي ڳوڙهن جون)، ڪَسيوُن، وسڪارا، لارون يا قطارون. ٦. وَهائين، ٧. اونهي، گهٽي، زيادهه. ٨. تون ئي. ٩. موجود آهيين. ١٠. دل، مَنَ. ١١. اکين کان. ١٢. ٻاهَرِ. ١٣. طرف، پاسي. ١۴. نهاريندي، انتظار ڪندي، تڪيندي. ١۵. سالَ. ١٦. سڪندين جي، سڪايلن جي، پيارَ ڪندڙن جي. ١٧. صاب وجهه، سجائي ڪر، بار آور ڪر. ١٨. وڇڙيل، الڳ ٿيل يا رهندڙ، جُدائيءَ ۾ رهندڙ. ١٩. ملاءِ، ويجهو ڪر. ٢٠. ايتري وڏي. ٢١. طاقتَ. ٢٢. سچا ڌڻي = اي حقيقي مالڪ، اي حقيقي خُدا. ٢٣. توهي کي = صرف توکي. ٢۴. موزون آهي، مناسب آهي. ٢۵. دِلِ، مَنَ. ٢٦. گهورو، خواهان، گهرجائو. ٢٧. ٻاجهه، ڪهل، قياسَ، رحم. ٢٨. (دل ۾) وِجَهه. ٢٩. ميلاپَ، وصالَ. ٣٠. اي امان، اي امڙ، اي جيجل. ٣١. ڪاري رنگَ جي پکيءَ جو هڪ قسم، زاغ، ڪانءُ. ٣٢. ٻوليندو، خبر ڏيندو. ٣٣. ملاقات ڪيئي. ٣۴. مونکي ٿئا. ٣۵. گهڻو عرصو، گهڻو وقت * مونکي خبر ڪانهي تہ پرين ڪهڙي حال ۾ آهن. ٣٦. اکيون، چشم. ٣٧. تمنار ٿي.

وَلِيُنِ[١] جِيئَنِ وَرِيَامَ[٢]، ڳَالهِيُون ڳُڻَ[٣] پِرِيَنِ جَا.

## ١٣

ڏِنِي ڏِينهَن تِيَامَ، ڪوهُ جَاڻَان ڪهڙَا پِرِين،
سَهِسِين سِجَ اُلَهِي[٤]، وَاجهِيِنْدِي[٥] وِئَامَ[٦]،
تَنِي[٧] سَالَ[٨] تِيَامَ، جَنِ رِي سَرِي[٩] نَه سَاعَتَڙِي[١٠].

## ١٤

وَجَان ڪِيئَن[١١] وَرِي[١٢]، هُونَد[١٣] رَءَ[١٤] چَئِي[١٥] رَهِي[١٦] رَهَان[١٧]،
ڏُونهِين[١٨]ءَ پَاسِ[١٩] دوسَ[٢٠] جِي، مَاڳهِين[٢١] پُئَان مَرِي[٢٢]،
نَه صُورَتَ[٢٣] نَه سُونهَن[٢٤] ڪَا، ڪِيسَ[٢٥] چِتَ[٢٦] چَرِي[٢٧]،
وِصَالاَ[٢٨] فِرَاقَ[٢٩] جِي، سُڄِي[٣٠] ڳَالهِه[٣١] ڳَرِي[٣٢]،
تِيلاَهِين نَرِي، اَٿُون مُنهُن ڳِنهِئُو[٣٣] مُوتِيو وَجَان.

## ١٥

ڪِي[٣٤] تَرَان ڪِي تَارِيجِ[٣٥]، ڪِي سَگهَان[٣٦] ڪِي سَگهُه[٣٧]،
آڏو[٣٨] ڏِيجِ[٣٩] مَرَ گهَگهُه[٤٠]، مُون هِيڪَلِيءَ وِلهَا.

١. زمين تي پکڙندڙ ٻوٽن، جيڪي اپا ٿي بيهي نہ سگهن ۽ زمين جي سطح تي ئي وڌندا رهن. ٢. مون تي وري ويا، مون تي چڙهي ويا. ٣. ڳالهيون ڳڻ = احسان، ڀلايون. ۴. لهي، غروب ٿي (سج الهي = ڏينهن گذري). ٥. واجهائيندي، انتظار ڪندي. ٦. مونکي ويا، مون کي ٿيا. ٧. تن (ڪان سواءِ). ٨. ورهہ. گهڻا ڏينهن. ٩. گذري، پوري يا ختم ٿئي. ١٠. ٿوري ساعت يا دم، گهڙي، پلڪ. ١١. ڪهڙيءَ طرح. ١٢. موٽي. ١٣. شايد، دل ٿي چوي. ١۴. سواءِ. ١٥. چوڻ جي، صلاح يا آڇ ڪرڻ جي. ١٦. ٽڪي، ترسي (ميهار وٽ) ١٧. هلڪي يا جهيٽي باهہ (جيڪا ميهار جي وٿاڻ تي ٻرندي رهندي هئي. ١٨. پاسي، وٽ، ڀر ۾. ١٩. دوست، محبوب. ،٢٠. بنهہ، اصل، صفا، نپٽ. ٢١. پٺان مري = فوت ٿي يا ساهہ ڏيئي. ٢٢. (محبوب جيءَ) شڪل، شبيهہ. ٢٣. (محبوب جي) حسن، جمال. ٢۴. مونکي ڪيو. ٢٥. (منهنجيءَ) دل. ٢٦. ديواني، مست. ٢٧. وصال ڪان، ميلاپ ڪان. ٢٨. وڇوڙي، جدائيءَ. ٢٩. وڇوڙي، جدائيءَ. ٣٠. ٻڌجي. ٣١. حقيقت، روئداد. ٣٢. وزندار، سخت ڏکي. ٣٣. منهن ڳنهئو = منهن وٺئو، خودبخود. يا پاڻهين، بنا سڏ. ٣۴. ڪجهہ، ٿورو. ٣٥. تون (مونکي) تاز. ٣٦. ڪوشش ڪريان، حيلو ڪريان. ٣٧. (تون) مدد ڪج. (تون) سگهہ يعني طاقت ڏج. ٣٨. اڳيان. ٣٩. تون ڏج. ۴٠. ڪڪر، رنڊڪ، روڪ.

## ٢٣

ڪيرِ[١] ڪُنَ[٢] آئُون ڪيرَ، ڪيرَ[٣] ڏَمَرَ[٤] سَهڻي[٥] ڏَمَر[٦] جا،
قَضَا[٧] رءَ[٨] ڪانہ ڏي[٩]، مَتي[١٠] پاڻيءَ[١١] پيرَ،
پينَرُ پِنيءَ[١٢] ويرَ[١٣]، لِڏو[١٤] تِي لوڙِيان[١٥].

## ٢٤

پاڻي سَهي نہ پيرُ، لَهر نِياپُو[١٦] نہ مُئي[١٧]،
آڻي ڏِيندمِ ڪيرُ، سُڌِيُون[١٨] سانيَارَنِ[١٩] جُونُ.

## ٢٥

گهرُ نہ وَرُ نہ وَتُ ڪا*، آهيمِ[٢٠] مَنِ[٢١] ميهارُ،
اِنَ اوسيڙي[٢٢] اُتيان، سَنجهي[٢٣] ڪَري سينگارُ[٢٤]،
پِرين تُنهنجو پارُ[٢٥]، پَسان مان پَرِ[٢٦] ڪنهين.

## ٢٦

مَرج وَت ميهارَ، مَتان موتين سُوهَڻي،
ساهڙ[٢٧] جا سِينگار، مَتان ڏَمَ ڏيڪارِين.

---

١. ڪجهہ بہ نہ اهن، ٢. گرداب، ڀنور، درياهہ ۾ پاڻيءَ جا اونها هنڌ جتي پاڻي چڪر کائي، ٣. ڪهڙي (عورت)، ۴. ڪاوڙيون، تابشون، ۵. برداشت ڪري، جهلي، ٦. سهڻيءَ جي مڙس جو نالو، ٧. خدا جي حڪم، ٨. سواء، ٩. رکي، ١٠. تي، ۾، ١١. درياهہ، ١٢. ڀنيءَ جي، فجر جي، پرڀات جي، ١٣. مهلَ، وقت، ١۴. لکيو، قسمت، ١۵. ڀوڳيان، بجاء آڻيان، ١٦. پيغام، ١٧. موڪلي، ١٨. خبرون، احوال، ١٩. چڙن، گهنڊن، * نہ گهرَجي نہ مڙس (ڏم) جي ۽ نہ ڪنهن ٻيءَ شيءِ جي حاجت يا گهرج اٿم، ٢٠. مونکي آهي (ڪنج ۾ "آهيس" لکيل آهي)، ٢١. من ۾، دل ۾، ٢٢. اوسيڙي يعني انتظار سبب، فڪر يا خيال سبب، ٢٣. سج لهڻ وقت، سانجهيءَ مهل، ٢۴. زيب و زينت، ٺاهَ ٺوهَ، آرائش، ٢۵. آستان، مڪان، هنڌَ، جاء، ٢٦. ريت، نموني، ٢٧. ميهارَ (سهڻيءَ جي محبوب ميهارَ جو ٻيو نالو).

## ٢٧

چُونِمِ[1] جيّ[2] هيڪارَ[3]، مَ وانءُ[4] موٽِي سُهِڻي،
ڏُونهِڻيءَ[5] پاسي دوستَ جي، گهارِيان[6] سَڀَ جَمارَ[7]،
بانڌِيڙا[8] پِيهارَ[9]، هُوندَ نَہ لِڳين[10] لائِيان[11].

## ٢٨

جي قِيامَ[12] مِڙَنِ[13]، تَہ ڪَرَ[14] اوڏا[15] سُپِرين[16]،
تِهان[17] پَري سُڄَڻِ[18]، واڌايُون[19] وِصال[20] جُون. *

## ٢٩

جي[21] تو بَيتَ ڀانِيا[22]، سي آيَتُون[23] آهِين،
سَڳُرُ[24] سُونهائِين[25]، پِريان[26] سَندي[27] پارَ[28] جو.

## وائي ١

آيَلِ اَمَڙ تَوءِ جِيان[29]، جي مُون سارِينِ سُپِرين،
سَنئُون[30] سُونهائِين[31] پيچِرو[32]، ميهارَنِ[33] مِيان[34]،
گهڙو[35] ڀَڳو تَہ گهوريو[36]، تان ڪِي تَرُ هَنيان[37]،
اَدَبُ[38] اَکَڙِيَنِ کي، ڏِيهاڙِئُون[39] ڏِيان،

---

١. مونکي چون. ٢. جيڪڏهين. ٣. هڪ ڀيرو، هڪ دفعو. ۴. وَڃ. ۵. (ميهار جي وٿاڻ تي ٻرندڙ) هلڪي يا جهيڻي باهہ جي. ٦. گذاريان، ترسي پوان، رهان. ٧. عمر. ٨. ٻانڌي، درياهہ ۾ لڙهندڙ ڪاٺ جا ٻَندَ. ٩. وري. ١٠. لڳن کي، بدن تي. ١١. لڳايان، گسايان. ١٢. قيامت جي ڏينهن. ١٣. ملن. ١۴. ڇَڏِ. ١۵. ويجها، قريب. ١٦. محبوبَ، سَڄَڻَ. ١٧. تنهن (قيامت) کان. ١٨. ٻڌجن. ١٩. مبارڪون. ٢٠. ميلاپَ. * هن مصرع مان مراد آهي تہ محبوبَ جو ملڻ ڏاڍو مشڪل آهي. ٢١. جيڪي. ٢٢. سمجهيا، گمانَ ڪيا. ٢٣. قران شريف جا جملا، نصيحتون. ٢۴. رستو، واٽَ. ٢۵. ڏيکارين. ٢٦. محبوب، پرينءَ. ٢٧. جي. ٢٨. طرف. ٢٩. تہ هوند، جيڪر. ٣٠. سِڌو. ٣١. ڏيکارين. ٣٢. رستو. ٣٣. ميهارن جو، ميهارن ڏانهن ويندڙ. ٣۴. اي ميان، اي الله ميان. ٣۵. دلو، مٽيءَ مان ٺهيل. ٿانءُ جنهن ۾ پيڻ جو پاڻي وجهجي يا جيڪو ترڻ جي ڪم اچي. ٣٦. صدقو ٿيو. ٣٧. اي هنيان، اي دِلِ. ٣٨. سيکت، سزا، فهمائش. ٣٩. روزانو، هر وقت.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر سُهڻِي

## داستان ڏهُون

١

سَاهڙَ ڏَارَان سُوهَڻِي، اَڏوتِي آهي،
ڪُنديُون جو ڪَاهِي، پَاسي تَنهِين پَاڪَ تِئي.

٢

سَاهڙَ ڏَارَان سُوهَڻِي، نِسُورِي نَاپَاڪَ،
نَجَاسَتَ نَاهِ ڪَري، اُنِي جِي اوطَاقَ،
هُوءِ جي ڪِيرَ پِيَاڪَ، پَاسِي تَنِي پَاڪَ تِئي.

٣

سَاهڙَ ڏَارَان سُوهَڻِي، هِيءَ تَان جُنُبِي جوءِ،
هِنَ پَاڻِيءَ سِين پَانهِنجو، مُورِ نَہ مَتو ڌوءِ،
جي پِرِينءَ پَاسِي هوءِ، تَہ تَوڏِيءَ ڪَرَ تَڙُ ڪِئو.

Gul Hayat Institute

١. ميهارَ (سهڻيءَ جي محبوب جو ٻيو نالو)، ٢. ڪان سواءِ، ٣. اَنَ ڌوتل، ناپاڪَ، پليتَ، گنهگار، ۴. مينهيون (ڇوڙيدار، گول ۽ وريل سڱن واريون)، ۵. چاري (ڪنديون جو ڪاهي = ميهارَ)، ٦. (گناهن کان) بَري يا صافَ، پَوتَر، ٧. صفا، بنهہ، اصل، ٨. نجاست ڪي، ناپاڪائيءَ کي، ٩. نيست، نابود، ختم، ١٠. اُنهيءَ ميهارَ، ١١. (گهر جي جاءِ کان سواءِ ٻاهر) ڪچهريءَ جي جاءِ يا مهمان خانو، آستانَ، مڪانَ، مگر هتي معني ٿيندي هر نشيني يا ڪچهري، ١٢. ڪيرَ پيئندڙ، (ميهار ڏانهن اشارو)، ١٣. جنهن تي جنابت جو غسل واجب هجي، ميري مٽي سان، ناپاڪ، ١۴. زال، عورت، ١۵. هِنَ پاڻيءَ= عام رواجي پاڻيءَ، ١٦. مٿو ڌوءِ = تڙ ڪري، غسل ڪري، ١٧. جيڪڏهين، ١٨. پرينءَ جي، محبوبَ جي، ١٩. پاسي ۾، پَر ۾، ٢٠. هُجي، ٢١. خوبصورت زال يعني سهڻيءَ، ٢٢. جهڙوڪ، جڻ تہ.

### ۴

سَاهَڙَ ڏَارَان سُوهَڻِي، هِيءَ تَان جَڏِي[1] زَالَ[2]،
تُوڏِيءَ[3] تَپُ[4] شُرُوعُ ٿِئو، هَيْ[5] هِيڻِيءَ جي حَالَ،
جُکِي[6] رِءَ جَمَالَ[7]، اگهِي ٿِي آهُون کَري.

### ۵

سَاهَڙَ ڏَارَان سُوهَڻِي، آهِي ۾ آزَارَ[8]،
ڏَمَرَ[9] پَاسِي[10] ۾ ڏُکَنْدو[11]، صِحَتَ[12] وَٺ سَنگهَارَ[13]،
تُوڏِيءَ سَنْدِي تَنَ[14] جِي[15]، دَوَا[16] ۾ دِيدَارَ[17]،
جي پَسي مُنهُن ميهَارَ، تہ سَگهِيائِي[18] سَگهِي[19] ٿِي.

### ٦

مَتَان گَهڙِين سُوهَڻِي، اَڄُ دَرِيَاهَ ۾ دَمُ[20]،
کَارِيءَ[21] رَاتِ[22] کُنَنِ[23] ۾، کَهڙو اَٿِئي کَمُ،
مَتَان جَاڳِي ڏَمُ، پُڇِي پَاڙِي وَارِيُون.

### ٧

پُڇِي پَاڙِي وَارِيُون، کَوهُ[24] کَرِيندو[25] ڏَمُ،

Gul Hayat Institute

---

١. بيمار، اگهي، معذور. ٢. عورت، جوء. ٣. تو ڏيءَ کي، خوبصورت عورت يعني سهڻيءَ کي. ۴. بخار، ٻرو، تَوَنسَ، بيماري. ۵. افسوس. ٦. ٻکي، ڏکي، مصيبت ۾ ڦاٿل. ٧. جمالَ جي، سونهن جي (عشق جي بيماريءَ سبب سونهن ختم ٿي وئي). ٨. (عشق جي) دردَ، مصيبتَ. ٩. ڏمَر جي (سهڻيءَ جي مڙس جو نالو). ١٠. ٻَر. ١١. اگهائي، بيماري. ١٢. تندرستي، چڱيلائي. ١٣. مالوَندَ يعني مينهن جي مالڪَ ميهارَ. ١۴. جي. ١۵. دلِ. ١٦. علاجَ. ١٧. (ميهار جي) دَرشنَ، زيارتَ، ميلاپَ. ١٨. جلد ٿي، ترت ٿي. ١٩. چڱي ڀلي، تندرست. ٢٠. (پاڻيءَ جو) سخت چاڙهہ. ٢١. اونداهيءَ. ٢٢. راتِ جو. ٢٣. گرداٻن، ڀنورن. درياهہ ۾ پاڻيءَ جي اونهن هنڌنِ جتي پاڻي چڪرَ کائي. ٢۴. ڇا. ٢۵. ڪندو.

کَارِيءَ رَاتِ کُنَنِ ۾، اِيءُ کَانيَارِنِ[1] کَمُ،
هِيءُ هَڏو ۽ چَمُ[2]، گهورِئو[3] مُحِبَ[4] ميهَارَ تَان.

⑧

ڏِهَاڙِي ڏَمَرُ[5] کَري، مَحبَتَ مَٿِي[6] مُون،
تَنهِنکي اَچِي تُون، پِريَمِ[7] کوهُ[8] نَ پَلِيبِين[9].

٩

جَانَ جَان[10] هُئِي جِيئَرِي، وِرچِي[11] نَ وِيٺِي،
وَجِي پُونءِ[12] پِيٺِي[13]، سَڪَندِي[14] کِي سَجَيُن.

١٠

جَانَ جَان هُئِي جِيئَرِي، وِيٺِي نَ وِسَاندِ[15]،
وِيئِي لَهِرِيِن[16] پَاندِ[17]، مُيَائِي[18] ميهَارَ ڏِي.

١١

وَرُ[19] اُونداهِي رَاتِڙِي، چَاندوڻِي[20] چَاندا[21]،
اوري[22] ميهَارَا[23]، مُنهُن[24] ۾ پَسَان[25] کو پِئو.

Gul Hayat Institute

---

١. کانيارن جو، غرض مندن جو، حاجتمندن جو. ٢. هڏو ۽ چم = بدن يا جسم. ٣. صدقو يا قربان ٿئو. ۴. محبوب، پياري، ۵. کاوڙيون، غصو. ٦. تي. ٧. اي منهنجا پرين. ٨. چو. ٩. جهلين، روکين. ١٠. جان جان = جيستائين. ١١. تکجي يا بيزار يا ٿک ٿي (محبت کرڻ کان). ١٢. پونءِ ۾، زمين ۾. ١٣. داخل ٿي، گهڙي (پونءِ پيئي = درياھ ۾ غرق ٿي قبر حوالي ٿي). ١۴. واجهائيندي، تکيندي، انتظار کندي. ١۵. ويساند سان، آرام سان. ١٦. لهرين جي، چولين جي. ١٧. پاند ۾، جهوليءَ ۾، دامن ۾، ذريعي، وسيلي. ١٨. مرڻ کانپوءِ بہ، مئي کان پوءِ بہ. ١٩. بهتر، ڀلي. ٢٠. چاندوکي، سوجهرو، سهائي. ٢١. چنڊ جي، (چاندوڻي چاندا = چنڊ جي چاندوکيءَ کان). ٢٢. ڀهريان، اڳ ۾. ٢٣. ميهار کان. ٢۴. شکل، صورت. ٢۵. ڏسان.

## ٢٤

نَہ نَانَاٽِيءَ[1] ڪَتِئو[2]، نَڪِي ڏَاڏَاٽِئَا[3]،
وَڏَائِي وَرَ[4] تِئَا، مُون سِين پِرِيَنِ جِي پَارَانَ[5].

## ٢٥

سَاوَڻَ لَهرِيُون رِيجَ، وَٿَ تِنَ وَارِيءَ وَارَ،*
مُون سِين پِلِيءَ[6] پَالَ[7] ڪِئَا، اُنهَئَائِين[8] اَپَارَ[9].

## ٢٦

اَجُ پَٽِ اڪَڙِيُون، پِيِيُون[10] پَارِ پِرِيَنِ جِي،
مُونڪِي مَحبُوبَنِ جُون چُٽڪَنِ[11] مَنجھ[12] چَڙِيُون[13]،
جِي مِيهَارَ ڪِي مِڙِيُون[14]، سِي لَهرِنِ لوڙِيُون[15] ڪِينَڪِي.

## ٢٧

هُيَسِ مَنجهه اَمُنَ[16]، عِشقَ اُٿَارِيَسِ اوچِتِي،
ڏَرَاڙَڪِي[17] ڏُنَ[18]، سَنئُون سُونهَايُمِ[19] پِيچِرو[20].

Gul Hayat Institute

## ٢٨

هِهَڙِي[21] نَانَ[22] نَہ هُيَاسِ[23]، عِشقَ اُٿِيَارِيَسِ[24] اوچِتِي،

---

١. ناناٽيءَ آڪهہ جي سبب، نَانَنِ يعني ماءُ جي والدين جي آڪهہ سبب، ٢. مون فائدو وَرتو، ٣. ڏاڏن يعني پيءُ جي والدين جي آڪهہ سبب، ٤. نوازشون، ٿورا، احسانَ. ٥. پار ڪان، طرف ڪان، * ساوڻ جي موسم ۾ درياهہ ۾ لهريون وٺن جي پٺن جا سوراخَ ۾ واريءَ جا ذرا، ٦. نيڪ، ڀلاري يعني خدا، ٧. احسان، مهربانيون، ٿورا، ٨. انهن (درياهہ جي لهرين وغيره) ڪان، ٩. بي حد، تمام گهڻا، ١٠. پيبيون نهارين، ١١. وِچَن، پَرَنِ، ١٢. اندرَ ۾، دل ۾، ١٣. ننڍيون ٽليون جي چوپائي مال کي ڳچيءَ ۾ ٻڌبيون آهن، ١٤. مليون، واصل ٿيون، ١٥. ٻوڙيون، اوري پري يا هيٺ مٿي ڪيون، ١٦. آرامَ، سڪَ، عافيت، ١٧. ڏراڙ جي، ڏنارَ جي، چوپائي مال چارينڊڙ يعني ميهارَ جي، ١٨. لَنءُ، فِڪرَ، ١٩. مونکي سونهايو يعني ڏيکاريو، ٢٠. رستو، ٢١. هن نموني، ٢٢. بنهہ، اصل، مور، ٢٣. آئون هئي، ٢٤. مونکي اٿياريو، مونکي جاڳايو.

پَنْذَرِ[1] پوءِ پيياسِ، سَتُرُ[2] سِڪَ وِجايو.

## ٢٩

سَتي[3] تِيءُ مَ سُوهَٽي، لَنڊي[4] تِي لُڏيجِ[5]،
چَيو ڪَري چِڳهَڻ[6] جو، آڏيءَ رات اُٺيجِ،
رِبهين[7] ٻَارِ[8] ٻُڏيجِ، ڏِڪَڻ[9] مِ ڏُڪُ[10] پَري. *

## وائي

آيَل[11] پُنيُون[12]، مَاءَ[13]، مُون[14] مُرادُون[15] پُنيُون،
جِهَڙي پِريَان ڳالهَڙي، تِهَڙي ٻِي نَه ڪَا،
ڪِجي تَه ڪوڏُ[16] ٿِئي، سُجي[17] تَه سَبا[18]ءِ،
وِيهُه دَاتَا[19] جِي دَرَ تي، شُڪُرُ[20] جَنهِن سُهاءِ[21]،
ڪَانهي حَدُ[22] حَمدَ[23] جِي، تَه ڪَريَان لَالَنَ[24] لاءِ،
ڳَڻيو ڳَڻيَان[25] ڪيتريُون، وَڏيُون وَڏَايَاءِ[26]،
سو مُونهَان مُورِ[27] نَه سَپَجي[28]، جيڪِي تو جُڳَاءِ[29]،
تو[30] سَجيُون[31] تو سَنديُون، سَڪَن[32] تو[33] هين[34] سَاءِ[35]،
اُڳَ نُنهِنجيءَ اُجيُون، لَچَن[36] تو لِئي لاءِ،
دِلِ دَانهُن رِي نَه رَهي، مُونکي مَاتِ جُڳَاءِ.

Gul Hayat Institute

١. ظاهر ٿي، واڪي ٿي، ٢. سَتَ، سِيلَ، سِيرَ، رکَ، پرهيزگاري، ٣. سَتَرَ واري، سيلوان، پاڪدامن، پرهيزگار، ۴. اوباش، بدڪار، ٥. لاڏ ۽ نخرو ڪر، ٦. آشنا، يار، دوست، ٧. بنان، ٨. اونهي پاڻيءَ، درياهَ، ٩. ڪنهن ٿانوَ جي مُنهَن بند ڪرڻ لاءِ پيو ڪو ننڍڙو ٿانءُ، ١٠. (پاڻيءَ جو) ڇَڪو، سَرڪَ، * شرم ير ٻڏي، ١١. اي آيل، اي جيجل، اي امان، ١٢. پوريون ٿيون، ١٣. اي امان، ١۴. منهنجون، ١٥. آسون، اميدون، مطلب، ١٦. خوشي، شوق، ١٧. ٻُڌجي، ١٨. وٽي، پسند اچي، مزو ڏي، ١٩. ڏيندڙ، ڏاتارَ، سخي يعني خدا، ٢٠. احسان يا مهربانيءَ جي ميجتا، ٢١. جُڳاءِ، ٢٢. سندو، ڇيڙو، انتها، ٢٣. تعريف، ساراهَ، واکاڻ، ٢۴. محبوب، ٢٥. شمار ڪريو، ٢٦. تنهنجون، وڏايون، بزرگيون، شانَ، عزتون، ٢٧. مونکان، ٢٨. ادا ٿئي، ٢٩. لائق آهي، ٣٠. تو سان، ٣١. نسبت يا لاڳاپو رکندڙ، ٣٢. تنهنجون، پنهنجيون، ٣٣. واجهائين، ٣۴. تنهنجي، ٣٥. ساءَ لاءِ (صحبت جي) لذت لاءِ، ٣٦. تڙپن، ڦٿڪن.

Gul Hayat Institute

سَيڻَنِ[1] رِءَ سَيَدُ[2] چَئي، رُوحَ[3] نَہ رَچَنِ[4] رَنگَ[5]،
سَهِسين[6] ٿِئا سارِنگَ[7]، جانِبي[8] آيو جُوءِ[9] ۾.

۴

جانِبي آيو جُوءِ ۾، ٿِيُمِ[10] قَلبُ[11] قَرارِ[12]،
وِڃائِين[13] وَهلو[14] وِئو، لَٿو غَمُ گُسارُ[15]،
نِظارو[16] نِروارُ[17]، پِرِي[18] پَسايُمِ[19] پانهِنجو.

۵

پِيءَ پَسايو پانهِنجو، نِظارو ناگاهُ[20]،
لَٿي ڪَٿَ[21] قُلُوبَ[22] تان، ٿِي وِرُوهَڻَ[23] واهُ[24]،
اُميدُون[25] اَرواحَ، پِرِي پَسَندي پُنيُون[26].

٦

اُبُون[27] ڪَڪَرَ ڪَڏِرُون[28]، اُتَرَ ڏِي آهِين،
جُہ[29] آگَمَ ڪَرِي[30] آيُون، تَہ مُندَ نَہ[31] مَٿائِين،
مَٿان لوڪَ لَطِيفُ چَئي، گُوندَرَ[32] گُمائِين[33]،
پَٽِين[34] پِيارِين، اُڃِين[35] آبُ اَگُوندَرو[36].

Gul Hayat Institute

١. محبوبن، دوستن. ٢. ٻنان، سواءِ. ٣. روح کي، دل کي. ۴. وڻنِ، پسند اچن. ۵. (مينهن جا) نظارا يا منظر. ٦. تمام گهڻا، جهجها، سَوين. ٧. جَهڙَ، مينهَن، هتي معنيٰ خوشيون. ٨. جانبَ، محبوب. ٩. ديسَ، مُلڪَ، ماڳَ. ١٠. منهنجو ٿيو. ١١. دلِ، مَنَ. ١٢. آرامي، سُکي، ثانيڪو، جميع، راضي. ١٣. وڃ مان، ڇيهَہ يا پڇاڙي ڪرڻ ڪان اڳ. ١۴. تڪڙو، سگهو، جلد، ترت. ١۵. ٽارينڌڙ، دفع ڪندڙ. ١٦. ديدارَ، درشنَ. ١٧. ظاهر ظهور، عيان، کُليو کُلايو. ١٨. محبوبَ، دوستَ. ١٩. مونکي پسايو يا ڏيکاريو. ٢٠. اوچتو، اچانڪ. ٢١. کَسَ، ميراڻ ٻيائي. ٢٢. قلب جو جمع پر سنڌيءَ ۾ بہ استعمال ٿيندو آهي معنيٰ دلِ، مَنَ. ٢٣. وندرَ، شادمانو، خوشيءَ. ٢۴. عمدي، سهڻي، سَاراهہ جوڳي. ٢۵. مُرادون. ٢٦. پوريون ٿيون، حاصل ٿيون. ٢٧. ٻاڦون، هلڪا يا دونهن جهڙا ڪڪر. ٢٨. قطارون. ٢٩. جيڪڏهين. ٣٠. جَهڙَ، مينهن جي وسڻ جو آثارَ يا ماحولَ پيد ڪري. ٣١. مند نہ مٿائين = موسم نہ متائينديون يعني ضرور مينهن وسائينديون. ٣٢. ماڻهن، ملڪَ، جهانَ، دنيا، عالَمَ. ٣٣. وڃائين، ختم ڪن، غائب ڪن، گم ڪن. ٣۴. پٽن تي، ميدانن تي. ٣۵. اُڃين کي، پياسن کي. ٣٦. گوندرَ يا غم کان خالي، خوشي پيدا ڪندڙ.

### ٧

اَجُ پَنِ اُتَرَ پَارَ ذي، ڪَڪَرَ ڪِئَائِين،
روضو پَاڪَ رَسُول جو، رِيجهي[1] رَانيَائِين[2]،
آڻي ڏِنَائِين، عَالَمَ[3] آبُ اَگُوندِرو.

### ٨

اَجُ پَنِ اُتَرَ پَارَ ذي، ڪَڪَرَ تو ڪَري،
وَاحِدُ[4] وَاتَرِيُنِ[5] تي، خَالِقُ[6] ڪَندَ[7] پَري[8]،
پيڪَارئَان[9] پَري، شَالَ مَ وَجَنِ سُپِرِين.

### ٩

اَجُ پَنِ اُتَرَ پَارَ ذي، ڪَڪَرَ تو ڪَري،
وَسِئو سي پَري، جي ڏَڙهَ[10] ڏِينهَنِ[11] ڪَانيَا[12].

### ١٠

اَجُ پَنِ اُتَرَ پَارَ ذي، ڪَڪَرَ ڪي چوٽي[13]،
پَرِيَان سَندي پَارَ جي، ڪِوِنَ[14] نَ ڪوٽي[15]،
آءُ لَالَڻَ[16] موٽِي، گهوربا[17] رُسَڻَ[18] ڏِينهڙا.

Gul Hayat Institute

١. راضي ٿي، ٢. سينگاريائين، ٣. عالَمَ کي، جهان کي، دنيا يا ملڪ کي، ۴. هڪڙو (خدا)، ۵. گسَنِ، رَستن، ٦. پيدا ڪندڙ (خدا)، ٧. ڪڏون يا ڪامان (واحد ڪندُ)، ٨. پَرِ ڪري، تارِ ڪري، ٩. پيڪار ڪان، ديدارڪان، اکين ڪان، ڏسڻ ڪان، ١٠. غيرآباد زمينون (واحد ڏَڙهَ) برپٽ ميدان، ١١. ڏينهن ڪان، گهڻي وقت ڪان، ١٢. خشڪ هئا، سڙيل ۽ جَليلَ (پاڻيءَ جي غير موجودگيءَ ۽ گرميءَ سبب)، ١٣. چوٽي ڪِي = چوٽي ڪئي يا ڪڍي، منهن ڪڍيو، ڏيکائي ڏني، ١۴. وڄَ، برق، آسماني بجلي، ١۵. ڪوڙي، اَجائي، بي سُود، بيڪار، ١٦. اي لالَڻَ، اي محبوب، ١٧. ڪڏهِ پئا، ٻَنِ پئا، بيڪار يا نڪما، ١٨. رسڻ جا، روسامي جا، رنج يا ڪاوڙ وارا.

## ١١

كَارَا كَكَرَ كيسَ[1]، اَجُ پَٽِ اُتَرَ پَارَ ڏي،
وِڄُون[2] وَسَڻَ[3] آيُون، ڪَري لَاَلَ لِبيسَ[4]،
پِرِين جي پَرَديسِ[5]، مُون ڪي مِينهَن مَيڙئا[6].

## ١٢

ڪَري هَڪَلَ[7] هُوءِ[8]، اُتَرَانَ[9] تِي آيُون،
پَري تَڙَ[10] تَرَايُون[11]، جُوڙي[12] هَلِيُون جُوءِ[13]،
پَسُو[14] جَا پَٽَنِ ۾[15]، ڪَٿُورِيءَ[16] خُوشبُوءِ[17]،
وَجِي رُوبَرُوءِ[18]، اُٺيُون[19] روضي تَان رَسُولَ جي.

## ١٣

روضي تَان رَسُولَ جي، ڪِئُو وِڄَڙِيُن وَارو[20]،
هَادِي[21] پِرِ حُڪُمَ[22] سَين، هِيءُ تَڙُ تَاسَارو[23]،
پَرِيَائين پيرَ پَئي[24]، نَظَرَ[25] سَين نَارو[26]،
نَبِيءَ نِظَارو[27]، پِي[28] پَسَايو پَانهِنجو.

Gul Hayat Institute

---

١. ڪيسَ جهڙا ڪارا، وارن جهڙا ڪارا (ڪيس = اچن وارن کي ڪارو ڪندڙ رنگ يعني خضاب). ٢. ڪنوٽيون. ٣. ڳاڙها. ۴. لباس، ويس، وڳا، روپ، پوشاڪون. ۵. پرديس ۾، پرڏيهہ ۾، ڏوراهين مُلڪ يا شهر ۾. ٦. ملايا، ياد ڏياريا. ٧. آواز، گوڙ. ٨. هَل، غوغا، (هڪل هوءِ = گجگوڙ). ٩. اُتر کان، اتر جي طرف کان. ١٠. تلاءَ، ڪڏون (واحد تڙ). ١١. واحد ترائي، هيٺاهين زمين جتي سم يا برسات جو پاڻي گڏ ٿئي، ننڍڙو تلاءُ، ڍوري. ١٢. ناهي، سنواري يا سڌاري (ريج ڏيئي). ١٣. ديس، ملڪ، ماڳ، زمين، ڌرتي. ١۴. ڏسو. ١۵. ميدانن ۾. ١٦. ڪٿوريءَ جي، ڪستوري جي، مشڪ جي، اها خوشبودار شيءِ جا هرڻ جي ڏن يا پيٽ مان نڪرندي آهي. ١٧. سرهاڻ، سڳند. ١٨. آمهون سامهون، آڏو، نزديڪ. ١٩. وسيون، مينهن وساياءُن. ٢٠. ڦيرو گهمرو، موٽ. ٢١. اي، هادي، اي رهبر، اي خدا. ٢٢. امر، اعجاز. ٢٣. تاس وارو، اُجايل، خشڪ، سڪل. ٢۴. پير پئي = راضي ٿي. ٢۵. مهربانيءَ، شفقت. ٢٦. نارو واهہ يا ناري واهہ مان آباد ٿيندڙ علائقو. ٢٧. ديدار، درشن. ٢٨. محبوب، دوست.

## ١٧

وَسـي[١] تَـذِهـين وَسَ[٢]، مُـندَ مِـتِرَيَـائـي مِـيـنـهَـن جـي،
کـيـتَـا[٣] کَـتَـرُن[۴] چَـدِئَـا، جـي تـي مِـتِرُيُـون[۵] مَـسَ[٦]،
گـابَـا[٧] مَـتـشي[٨] گـسَ[٩]، ڏُکَ نَـ[١٠] کَـنـدا ڏُبِـرا[١١].

## ١٨

اَبُـرَ[١٢] مِ اُهَـاءُ[١٣] تِـئـو، گـامَ[١۴] گُـهَـرَندي[١۵] گَـنـجَ[١٦]،
پَـسي پَـرَ[١٧] پِريَان[١٨] جي[١٩]، تِـئا رَقـيبـان[٢٠] رَنـجَ[٢١]،
شـالَ[٢٢] وَسَندو[٢٣] سَـنجَـهـہ[٢۴]، مَـتي عَاشِقَ اوهِيرا[٢۵] کَـري.

## ١٩

اُنـو اوهِيرا کَـري، مَـتي عَـاشِقَ اَجُ،
ڏُورِ[٢٦] ڏُکَـندا[٢٧] پَـجُ[٢٨]، مِـينهَن مُـنهُن[٢٩] ڏِيـکَارِئو.

## وائي ١

مـنهنجي سَـيّدُ[٣٠] سَـارَ[٣١] لَـهَـندو[٣٢]، مُـونکـي آهـي،
اُمـيـد[٣٣] اَللهَ مِ،
جَـنَـذِهـين صُـورَ[٣۴] ڏَکَـاءُ[٣۵] تِـيـندو، سَـبِ اَکِـيُـون سـجُ کِـدِيـندو●،

Gul Hayat Institute

---

١. (جذهن) مينهن پوي، ٢. پوٽن ۽ نباتات جو اوپڙ، آبادي (پوک وغيره جي) آسودگي، ٣. واحد کيٽو، ضدَ، تيسو، هوڏ، ارڏائي، ۴. واحد کتَر، اها ٻکري، ڍڳي يا مينهن جا کير ڏهڻ وقت کيٽو کري يعني نہ ڦرَ کي ڌارائي ۽ نکي سولائيءَ سان کير ڏهڻ ڏي، ۵. کيرَ ڏنو يا ڏهايو، ٦. زور زبردستيءَ سان، کهٽيءَ تکليف سان، مشکل، ٧. واحد گابو، ڍڳيءَ جو نرينو ڦرُ يا ٻچو، ڍڳو، ٨. تي، ٩. واٽ، رستي، پيچري، ١٠. ڏک نہ کندا = تکليف جي شکايت نہ کندا، ١١. واحد ڏبرو، ضعيف، کمزور، هيٺو، ١٢. ککَرَ، بادلَ، ١٣. روشني، سوجهرو، وڄ جو چمڪاٽ، ١۴. کامَ يعني ڳوٺ (جي ماڻهن)، ١۵. (خدا کان) سوال کندي (دعا) پنندي، مڱندي، ١٦. (ان جا) انبار يا ڍڳ، مالَ خزانا، ١٧. ڏسي، ١٨. ريت، طريقو، نمونو، ١٩. پرينءَ، دوستَ، ٢٠. رقيبن کي، حاسدن کي، ٢١. ڏکَ، غمَ، ساڙ، ٢٢. خدا کهريو تہ، دعا آهي تہ، ٢٣. مينهن پوندو، ٢۴. سنجهيئي، سج لهڻ سان ئي، ٢۵. وسکارا، زوردار لارون، ٢٦. پري، ٢٧. اي ڏکندا، اي ڏک ڏيندڙ (ڏکار)، ٢٨. هني وڃ، غائب ٿي وڃ، ٢٩. منهن ڏيکاريو = وسڻ شروع کيو، ٣٠. سردار، حضرت محمد مصطفيٰ، ٣١. سنڀالَ، يادگيري، ٣٢. کندو، ٣٣. آسرو، ٣۴. صُورَ جو، حضرت اسرافيل واري ڌنڌ جو، ٣۵. آواز (ڦوک جي) ●سج ايترو تہ گرم ٿيندو جو ان ڏانهن نهاري نہ سگهبو.

مِيڙو[١] تِيندو مُومِنِين[٢]، اُتِ مُحَمّدُ[٣] مِيرُ مَلهَندو[٤]،

سَجِدي[٥] پَئي سُپِرين، زارِي[٦] زُور[٧] ڪَرِيندو،

اَحمّدُ ڪارڻِ عاصِيِين[٨]، اُتِ پَرمَلُ[٩] پاڪُ[١٠] پِنَندو[١١]،

نَفسا نَفسي[١٢] سَڀُڪو ڪَري، اُتِ داتا[١٣] ڏُونهَن[١٤] دوڙندو،

صِراطَ[١٥] مَٿان سُپِرين، اُتِ لالَڻُ[١٦] لَنگهائِيندو،

مُهتُ[١٧] ڏِيندُسِ مَولو[١٨]، اُتِ بَدِيُون[١٩] بَخشائِيندو[٢٠].

## وائي ②

ڪَرُ[٢١] مَرُ[٢٢] ڪامي پَچي[٢٣]، آئُون[٢٤] ويندڙي دَر،

دوسِتَن جي، يا الله،

جَئان[٢٥] ڏِجَڻَ[٢٦] تَڪيو[٢٧]، سَجَڻُ تِئان اَچي،

نُورا[٢٨] پايو نينهَن جا، دَرِ[٢٩] پَلي[٣٠] جي نَچي،

وَسِيئو مِينُهَن وَڏ ڦُڙو، ڪِي سَراهي[٣١] سَچي[٣٢].

Gul Hayat Institute

١.ميلو، گڏجاڻي، ٢. مومن جو، ايمان وارن جو، ٣. سردار، ۴. فخر ڪندو، سرخرو ٿيندو، مرڪندو، خوش ٿيندو، ۵. سجدي ۾، ٦. عجز، آزي نيزاري، عرض معروض، ٧. گهڻي جهجهي، ٨. گنهگارن، ٩. پين جي مدد ڪندڙ يا حامي، ١٠. بي عيب، سچو، ١١. (دعا) گهرندو، ١٢. نفسي نفسي، منهن جي نفس يا جان (جو چوتڪارو)، ١٣. دان ڏيندڙ، سخاوت ڪندڙ، حضرت محمد مصطفيٰ، ١۴. ڏانهن، ١۵. رستي، واٽ، بهشت ۽ دوزخ جي وچ تي وار کان سنهي ۽ تلوار کان تکي پل جنهن تان نيڪ ماڻهو آسانيءَ سان لنگهي ويندا ۽ گنهگار دوزخ ۾ وڃي ڪرندا، ١٦. محبوبَ، حضرت محمد مصطفيٰ، ١٧. عزت، مانَ، ١٨. مولي، خدا، ١٩. (ماڻهن جا) گناھ، ٢٠. معاف ڪرائيندو، ٢١. رقيب، حاسد، دشمن، ٢٢. پلي، ٢٣. جلي، سڙي، ٢۴. جلي، سَڙي، ٢۵. جنهن هنڌ تي يا جاءِ تي، ٢٦. ڏجڻ جو، دشمن جو، ٢٧. ماڳَ، مڪان، ٢٨. زالن جي پيرن جا زيورَ، گهنگهريا، پازيب، ٢٩. دَرَ تي، دَر جي اڳيان، ٣٠. چڱي يعني محبوبَ، پلاري، مرشد، ٣١. چڱائي، پلائي، ٣٢. نيڪ، اصيل يعني خدا.

## ٧

سَارِنگُ[1] سِينگاري[2]، وِڄُون وَسَڻَ آيُون،
ڪوٽِيُنِ مُون[3] خُوشِ ڪِئو، جي ڪَڪَرَ ۾ ڪاري،
جُهڙَنِ[4] جُهونگاري[5]، لاٿو ڪَڻُ[6] قلوبَ[7] تان.

## ٨

سَارِنگُ سِينگاري، وِڄُون وَنِي آيُون،
اُجِيَا[8] لَڪَ[9] لطيفُ چئي، پَلُرُ[10] پِيَاري،●
وِڄَڙِيُنِ وَارِي[11]، ڪَعبِي[12] تي ڪَرَ[13] نَايَا[14].

## ٩

مَاٺُو مِرگهه[15] مينهيُون، سَارِنگَ کي سَارِينِ[16]،
آرُون[17] اَبُرَ[18] آسَرِي، تَازَا[19] تَنوارِينِ[20]،
سِپُون[21] جي سَمندَ ۾، نَيئِنِ سِجِ[22] نِهَارِينِ[23]،
پَلُرُ پِيَارِينِ، اُجِيَنِ[24] آبُ اَگُونِدرو[25].

## ١٠

سَارِنگَ کي سَعيو[26]، توکي سَعيو نَه ٿِئي،

Gul Hayat Institute

---

١. مينهَن، جَهڙ. ٢. آراستو ڪري، سنواري، مکي چکي. ٣. مونکي. ۴. ڪڪرن. ۵. منو، ۽ سريلو آواز آلابي يعني هلڪي گوڙ ڪري. ٦. ڪَسَ، ميراڻ، زنگ، ٻيائي. ٧. قلب جو جمع ٻر سنڌيءَ ۾ واحد جي صيغي ۾ ڪم ايندو آهي معنيٰ دل، من. ٨. اُڃايل، پياسا، پاڻيءَ جا گهر جائو. ٩. لکين، سوين، گهڻا. ١٠. مينهن جو پاڻي. ● لکين اڃايلن کي مينهن جي پاڻيءَ پيارڻ بعد. ١١. ورائي، ڦيرو، يا گهمرو ڏيئي يا موٽ کائي. ١٢. ڪعبت الله يعني خدا جي گهر جيڪو عربستان جي مکي شهر ۾ واقع آهي. ١٣. ڳاٽ، ڪنڌ. ١۴. نمايا (ڪرنايا = مينهن وسايو). ١۵. هرڻ. ١٦. ياد ڪن. ١٧. واحد آرَ، اڏامندڙ جيت جو هڪ قسم جو مينهن جي مند ۾ دانهون ڪندو رهندو آهي. ١٨. مينهن. ١٩. واحد تاڙو، پکيءَ جو هڪ قسم جو ٻڻ مينهن جي مُند ۾ دانهون ڪندو رهندو آهي. ٢٠. دانهون ڪن، ٻوليون ڪن. ٢١. واحد سپ، سامونڊي جيت جو هڪ قسم جو سخت خول يا پوش ۾ رهندو آهي ۽ مينهن جي مند ۾ پنهنجو وات کولي مينهن جو ڦڙو جهٽيندو آهي ته ان مان سندس پيٽ ۾ سچو موتي پيدا ٿيندو آهي. ٢٢. نئين سج = هر ايندڙ ڏينهن تي. هر روز، روزانو. ٢٣. (مينهن لاءِ) واجهائين يا اسڙڪن. ٢۴. (اي الله) انهن (اڃين) کي پيار. ٢۵. جنهن جي پيئڻ سان گوندر يعني غم لهي وڃي. گوندر ڪان خالي خوشي ڏياريندڙ. ٢٦. تياري، تڪڙ، اونو.

گُڙي[1] تو گنبَاتَ[2] ۾، آيو ڪِي آيو، *
مَتَان اِيئن پَانيو[3]، تہ بَادَل[4] وَسِي بَسُ[5] ڪِي.

١١

وَسِي سَارِي رَاتِ، صُبوحَ جو سَاهُہ ڪَٽي، ●
مَنجهيئِي[6] مِينهُن پِرِيَنِ جو، جَيّ[7] تَنَ[8] ۾ هوئي[9] تَاتِ[10]،
وِهَاڻِيءَ[11] پِرِيَاتِ[12]، بَادَلُ بَسِ نَہ ڪَرِي.

١٢

وَسَڻُ اَڪَڙِيُنِ جَان، جي تُون سڪيين مِينهَن،
تَہ هُوندَ[13] رَاتو ڏِينهَن، بَس بُوندَنِ ڪان نَہ ڪَرِين.

١٣

مِينهَان[14] ءِ نيِنهَان[15]، ٻَئِي اَڪر هيڪڙي، ×
جي تُون وَسَڻَ جَا وِبَسَ[16] ڪَرِين، تَہ ڪَڪَرَ ڪَنَ ڪِيهَان[17]،
بَادَلُ تِي بِيهَان، جي تُون آڳَمَ[18] اَچَڻَ[19] جَا ڪَرِين.#

١٤

بَادَلِيَا[20] تُمَ[21] بِينِ[22] ڪَرُون[23]، سُورِجَ[24] لَيّ[25] چِپَاءِ[26]،

---

١. گجي يا گجگوڙ ڪري، ٢. پٽ شاهہ جي ايرندي پاسي ملان مکڻ ڳوٺ کان وٺي ملدسي ڳوٺ جي وچ واري علائقي (کي گنباٽ چئبو هو)، * اجهو ٿو اچي، جلد اچڻ وارو آهي، ٣. سمجهو، ۴. ڪڪرَ، مينهن، ۵. ماٺ، چُپ، پچاڙي، ●دَمَ يا ساهي پٽي، بَس ڪري (ڪجهہ وقت لاءِ)، ٦. تنهنجي اندر يا دل ۾، ٧. جيڪڏهين، ٨. دل، من، ٩. (توکي) مُجي، ١٠. يادگيري (محبوب جي)، ١١. رات گذرڻ يا ختم ٿيڻ بعد، ١٢. پريات ٿائين، آسَر يا فجر جي وقت ٿائين، ١٣. جيڪر، شايد، ١۴. مينهن، ١۵. نينهن (عشق) × ٻنهي جو نمونو يا حساب ساڳيو آهي، ١٦. لباس يا پوشاڪ هتي معنيٰ ٿيندي تياري، ١٧. دانهون، آهَہ و فِغان ، ١٨. محبوب دانهن اشارو، ١٩. اي آگم، اي جهڙ، اي بادل يا ڪڪر، # اچڻ جا آثار، اچڻ جا سانباها يا تياريون، ٢٠. اي بادل، ٢١. توکي، ٢٢. عرض، ٢٣. ڪريان، ٢۴. سورج کي، سج کي، ٢۵. ڪٽي وجي، ٢٦. لڪاءِ، ڍڪ.

Gul Hayat Institute

ڪانڌَ[1] تُنهنجي پاندَ[2] ري[3]، سيءَ مَران سَپَ راتِ،
ڪامِلَ[4] ڪَپاهَ[5]نِ مِ، جَهَپَ[6] نَ اچي جهاتِ[7]،
اَچِين جي پِرِياتِ[8]، تَہ آئون سيءُ نَ سارِيان.

## ٢٣

ڪانڌَ تُنهنجي پاندَ ري، سَنجهَ[9] سيءَ مَران،
ڪوڙِبين[10] ڪَپاهَ نِ مِ، پيئي نارَ[11] نَران[12]،
تارِيءَ[13] تنهن تَران[14]، جِنهن وَرِ[15] وهاٽيءَ[16] ووڙِئو[17].

## ٢٤

ڪُٽِڪَنِ[18] ڪانڌُ چِتِ[19] ڪِئو، جُهڙُ[20] پسِئو[21] جهجَنِ[22]،
وَرَ ري وانڊِنِ[23] اَڏَئا[24]، پَڪا[25] سي مَ پُسَنِ،
اُتَرُ[26] ڏاهي اُنِ جا، ڪَنهنڪي ڪارُون[27] ڪَنِ،
ڪَلهيُون[28] ڪِينَ ڪُڇَنِ[29]، وِچارِيُون وَرَنَ ري.

## ٢٥

ڪُٽِڪَنِ ڪانڌُ چِتِ ڪِئو، پسِئو جُهڙُ جُهٽِڪَنِ[30]،

---

١. اي ڪانڌ، اي پِيارَ، اي محبوبَ. ٢. اوڇڻ، ڍَڪَ، پناهہ، آسري، مدد. ٣. سواءِ. ۴. اي ڪامل، اي مرشدَ، اي پِيارَ. ۵. ڪپهہ مان نهيل سوَڙِن ۽ پٽرائين. ٦. آرام. ٧. ذات، مور، بلڪل. ٨. پرِيات جي وقت، آسَرَ يا فجر مهل. ٩. سج لٿي ٿي. ١٠. بي انداز، جهجهن. ١١. ٺارَ ۾، سرديءَ ۾. ١٢. ڏڪان. ١٣. آسري. ١۴. آڌارَ پروسي، سهاري. ١۵. تڳان، جيئان، زنده رهان. ١٦. وَرَ ڪي، محبوب ڪي. ١٧. وهاٽيءَ تائين، رات گذرڻ يا ختم ٿيڻ تائين. ساري رات. ١٨. ڳوليو، ياد ڪيو. ١٩. ڪرڪن، ڪنجهن، چنگهن، دل ۾ رڙن. ٢٠. چِتَ ۾. دِلِ ۾. (چت ڪئو = ياد ڪيو، ساريو). ٢١. ملارَ، ابر آلودگي، آسمان جو ڪڪرن سان ڇانئجڻ واري حالت. ٢٢. ڏسئو. ٢٢. ڳرن. غم يا ارمان ڪن. ٢٣. (واحد وانڊ) = اڪيلي يا ڇڙهي عورت. رنڙَ. مڙس ڪان وڇڙيل. ٢۴. جوڙيا، ٺاهيا. ٢۵. جهوپڙا، پنگا، ڇنا. ڪکن جا نهيل گهر. ٢٦. اتر جو مينهن. اتر جي هوا. ٢٧. دانهون. سڏَ، پڪارون. فرياد. ٢٨. بي پهچ، لاچار يا نڌر زالون. بي سمجهہ. ٢٩. ڳالهائين. (تڪليف جو) اظهار ڪن. ٣٠. ڪٽڪن، ڪرڪن، اندر ۾ رڙن.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

# سُر سَارنگُ

## داستان ٽِئو

١

مــــوتِـي مَـــانـدَاٽَـــنِ[١] جِـي، وَرِي كِـئَــــائـِـين وَارَ[٢]،
وِجُــــــون[٣] وَسَــنڻ آيُــون، چَـــوڏِس[٤] ۽ چَـــــوڏَارَ،
كي اُنيــوْن[٥] وَجِي اِستَنبولَ ۾، كَنِ مَـٽِـئُو[٦] مَغرَبَ پَارُ،
كي چَمكَنِ چِينَ تي، كي لَهَنِ[٧] سَمَرقَنديَن[٨] سَارَ[٩]،
كي رَمِنِي[١٠] وِيئُون رُومَ تي، كي كَابُل كي قَنذارِ،
كي دِلِي ۽ دكَنِ، كي گُڙَنِ[١١] مَـتي گِرنَارَ،
كَنِي جُنبِي جيسَلميرَ تَان، ڏِنَا بيِكانيرَ[١٢] بُكَارَ[١٣]،
كَنِ اَچِي عُمَرَ كوٽَ جَا، وَسَايَا وَلَهَارَ[١٤]،
كِنِ پُجُ پِـجَائِيو، كَنِ ڍِٽَ تي ڍَارَ[١٥]،
كي لَڙِبُوْن[١٦] لاَهورَ تي، كي هَلَنِ مَـتي هَالارَ،
كي پُرِبُوْن[١٧] پَنجَابَ ڏي، كِنِ چِڪِلَ[١٨] تي چَمكَارَ،

Gul Hayat Institute

---

١. جَهڙن، ٢. ڦيرو، گهمرو، ٣. كنوڻيون، ۴. چئن طرفن كان، چوڌاري، ۵. وَسَيون، ٦. ڏئو، ڏيان ۾ ركيو، ٧. ولن، ركن، ٨. سمر قندين جي، سمر قند شهر جي رهاكن جي، ٩. خبرَ سنياڻ، ١٠. هلي، ١١. ڳجَنِ، ڳجگوڙ كن، ١٢. بيكانير جي رياست تي، ١٣. وسكارا، ١۴. چراگاهَ وارا ميدان، ١۵. لاڙو، ١٦. لاڙو كري ويبون، ١٧. ويبون، ١٨. چِكِلَ = هك ماڳ جو نالو، (ڳنج ۾ چِكِلَ لكيل آهي).

## ⑥

بَرَ اُتَا تَرَ وُتَا، وُنيُون تَرايُون،
پرههُ جو پَٽَنِ تي، ڪَنِ وِلوڙا وايُون،
مَڪَڻَ پِرِينِ هَٿَڙا، تِيُون سَنگهارِيُون سايُون،
ساري ڌُهَنِ ساميهيُون، ٻولاهيُون ۽ رايُون،
ٻايُون ۽ دايُون، پَکيُ سُونهَن پانهنجي.

## ⑦

بَرَ وُتَا تَرَ وُتَا، وُنو جيسَلمير،*
آگمَ ڪري آيو، پائُران پَري پيرَ،
لاٿائين لطيف چئي، مَٿان واندِن وير،
سُرها ڪيائين سيرَ، سَرهيُون تِيُون سَنگهارِيُون.

## ⑧

بَرَ وُتَا تَرَ، وُني ڪيچَ ڪنارَ،
پوجاڙيءَ جو پَٽَن تي، ڌُسُ نايائين نارَ،
سَٻاجهي سَتارَ، لاٿو ڏُڙتُ ڏيهه تان.

---

١. برپٽ، خشڪ ميدان، ٢. وُٺا يعني انهن تي مينهن وسئو، ٣. واريا‌سا يا ريگستاني علائقا، ۴. جبلن يا واريءَ جي پٽن جي وچم ميدانَ، ماٿريون، واديون، هيٺاهيون زمينون، ۵. آسَرَ، فجر، ٦. پوئن، ميدانن، ٧. ڪير ولوڙيندڙ، ٨. گهڻا آواز، رهاٽيون، ٩. مکڻ سان، ولوڙيل ڪير مان نڪتل سٿيَ سان، ١٠. سٿيا ٿيل، ١١. مالدار يا مالوند ماڻهن جون زالون، ١٢. خوش، سَرهيون، سکيون، ١٣. سنيالي، هڪ هڪ ڪري ڳڻي، ١۴. سامهون ايندڙ، ١۵. منهن تي اچي ٽڪي يا ڇٽي واريون ڏڳيون، ١٦. بدن تي سَنَهَنِ ڳاڙهن ٽڪن واريون ڏڳيون، ١٧. سڪر زالون، رئيساڻيون، مالڪياڻيون، ١٨. ٻانهيون، ١٩. پکي ۾، جهوپڙيءَ ۾، ککائين گهر ۾، ٢٠. وڻن، مناسب لڳن، *ونو جيسلمير = جيسلمير (جي علائقي) ۾ مينهن وسيو، ٢١. جهڙو، ٢٢. پائرَ کان (تر جي ڏاکڻي پاسي ڪي پائر چوندا آهن)، ٢٣. پيرَ پري = قدم رنج فرمائي، مهرباني ڪري، ٢۴. چڙين يا اڪيلين زالن، مڙس کان وڇڙيل عورتن، ٢۵. ڪاوڙيون، ڏمرَ، ٢٦. خوشبودار، ٢٧. گسَ، رَستا، پيچرا، ٢٨. خوش، ٢٩. ڪيچ جو ڪنارو، ڪيچ جو پاسو، ٣٠. شامَ جي وقت، ٽيهريءَ يعني وچينءَ نماز جي وقت، ٣١. وهايائين، اوتيائين، پلٽيائين، ٣٢. پاڻيءَ جون ڌارون يا لارون، ٣٣. ٻاجهاري، مهربان، ٣۴. عيب ڍڪيندڙ، خدا، ٣۵. ڏکارَ، مصيبت، تڪليف.

Gul Hayat Institute

**(٩)**

ڏِٺ[١] ڏُرِي[٢] پَٽ[٣] پِيُون[٤]، پَاسِيءِ[٥] پارِ[٦] ڪَرَ،
سَيِيئِي پِرِيائُون سَرَ[٧]، پَلُرَ[٨] جي پالُوٽَ[٩] سين.

**(١٠)**

ڏِٺ ڏُرِي پَٽ پِيُون، آيُون عُمَرَ ڪوٽَ؛
پُسَايَائُون پَلُرَ سين، سُڪَا پَٽَ جي سُوٽَ[١٠]،
چَنِئِچَل[١١] ڏِيئِي چوٽَ[١٢]، سَامَارُو[١٣] سَرِ[١٤] ڪِئو.

**(١١)**

ڏِٺ ڏُرِي پَٽ پِيُون، آيُون ڪاهي ڪَامَارِي[١٥]؛
وُنَا[١٦] پَٽَ پُرَاڻِ[١٧] جَا، اُنِيُون[١٨] سَامَارِي،
ڪَڪَرَ ۾ ڪَارِي، پَسُو وِجَڙِيَن[١٩] وِسَ[٢٠] ڪِئَا.

**(١٢)**

ڏِٺ ڏُرِي پَٽ پِيُون، وِجُون وِسَ ڪَرِي،
مِينهَن وِسِي مُلڪَ جَا، چِڏِئَا تَلَ[٢١] ڀَرِي،
قَادِرَ[٢٢] ڪَرَمُ[٢٣] ڪَرِي، سُڪَا پَٽَ سَاوَا ڪِئَا.

---

١. ڏِٺَ تان (ڏِٺ ٿر جو اهو حصو آهي جو پاڻ ۾ ڪاٺ جي وچ ۾ آهي، ٿرجي ڏاڪڻي پاسي کي پاڻ ۾ اترئين کي ڪاٺَ چوندا آهن)، ٢. لَڙي، ڦِري، ٣. پَٽَ تي، پوٺي يا پڪي ميدان تي، ۴. آيون، وَسيون، ۵. پاسي ۾، پر ۾، ٦. پارڪَر جي (ٿر جي ايرلدي ۾ ڏاکڻي ڪند واري حصي کي پارڪرُ چوندا آهن)، ٧. تلاءُ، ترايون، چشما، ٨. مينهن جي پاڻيءَ، ٩. اٿلَ، سيلابَ، پوڏ، ١٠. ڪڙڪَ يا ٺوٺَ سُڪَلَ يا خشڪ، ١١. دادلي ڦرندڙ گهرندڙ، سُهڻي (مينهن ڏانهن اشارو)، ١٢. لامارو، سَٽَ، ڦيرو، ١٣. شهرجو نالو (ميرپورخاص ضلعي ۾)، ١۴. سرسبز، آباد، اورانگهيو، ١۵. ڪاماري تي (ڪامارو ٽنڊي الهيار تعلقي ۾ هڪڙو شهر)، ١٦. وَسِيا، ٧١. سنڌو درياهہ جي پراڻي پيٽَ، ١٨. وسيون، ١٩. ڪوڻين، ٢٠. وَسڻ جي تياري، ٢١. تلاءُ، هيٺاهان هنڌ، ٢٢. قدرت واري، سگهاري، خُدا، ٢٣. مهرباني.

④

وَسُ بَادَلَ وَسُ، تو وَسَندي وَسَ[1] تِئي،
تو پيڪا[2][3] مُون[4] سَاهُرا[5]، ڪُونڙ پَلاَيو[6] رَسُ[7]،
تَنِي[8] يَاڳِين[9] وَسُ، جَنِ وَرَ[10] مَتَائي[11] پَائُرَ ڪِيا.

⑤

اُتَران[12] جو آيو، تِنهِن ڪَڪَرَ لاَتَمِ ڪَسُ[13]،
وُنو مِينهُن وَڏَ قُتِرو[14]، ڪِيو جُوراَٽي[15] جَسُ[16]،
ڪَيسَرَ[17] جي قَلاَتَ پِر، رَات تَنِي ڪَي[18] رَسُ[19]،
نيڻَ تِمَندا پَسُ، وَسُ تَه وَرَن سُپِرِين.

٦

سَجَڻَ سَانوَڻَ[20] مِينهَن جيئَن[21]، جُهَڪَنِ[22] پَاسِي[23] جهوڪَ[24]،
ڏِيندا پَاهُه[25] پَتَنِ[26] کي، مَنجهَان مِينَهنِ موڪَ[27]،
لَسَ[28] پِيَاري لُوڪَ[29]، آگَمَ[30] ڪئو اَڪيُن سين.

Gul Hayat Institute

٧

آگم ڪيو اچن، سَجڻَ سَانوڻَ مِينهَن جيئَن،

---

١. آبادي، ساوڪ، آسودگي، ٢. تنهنجا، ٣. ماءُ پيءُ، ميڪا، ۴. منهنجا، ٥. سسُ ۽ سَهُرو، ساهرا، ٦. نباهيو، ٧. (رهاڻ جو) لطفُ يا مزو، محبت، ٨. تَنِ جي، ٩. واسطي، ڪاڻ، ١٠. مڙس، پتار، ١١. بدلائي، ١٢. اُترَ طرف کان، ١٣. ڪَتُ، ميراڻ، زنگَ، ١۴. وڏين ڦڙين وارو، زور دار، ڏاڍو، گهڻو، ١٥. زورَ واري يا طاقت واري (مينهن)، ١٦. پَلاٽي، نيڪي، ١٧. واحد ڪيسرُ شينهن، ڪَڪَرَ، ١٨. جي يا جو، ١٩. محفل، رهاڻ، ريجهہ، ٢٠. سانوڻ جي، مينهن جي موسم واري، ٢١. وانگرَ، ٢٢. جهونگارين، ڳالهائين (آهستي)، رهاڻ ڪن، ٢٣. اندر، منجهہ، ٢۴. اوطاق، گهرَ، ٢٥. ريجَ، پوسَلِ، گاهَ، ساوَڪَ، ٢٦. ميدانن، پوٺن، ٢٧. جالارو، گهڻو، ٢٨. گهڻي انداز ۾ (پاڻي)، ٢٩. لوڪَ کي، جهان کي، ماڻهن کي، ٣٠. جهڙَ برسات.

## ١٢

وَاهُونڌِئَان[1] وِجُون تِيُون، گُڙِيو ڏُونهَن[2] گَنبَاتَ[3]،
ڪُنڌِيُون[4] ڪَاهِي گَسِ[5] ڪَرِيو، وَچُون[6] ڪَرِيو وَاٽَ،
سَنگَهَارَنِ[7] سُڪُ[8] تِيو، لَتِي[9] اُڃ[10] اُسَاٽَ[11]،
جُهُوپِي[12] ڏِيئي جَهَاٽَ[13]، پُسَائِيندو[14] پَتِيُون[15].

## ١٣

گَنِيَرَ[16] گَتَ[17] سَڪَنِ[18]، چَلَڻَ[19] جي چَاءِ[20] پَئي،
هُنڌُو[21] حَيرَتَ[22] ۾ پِئا، لاَلِي[23] ڪي لَبَنِ[24]،
چَمڪَنِ[25] چَوڌَسِ[26] چَنڊَ جِيئَن، وِچَڙِيُون وَهَسَن[27]،
لُوچَنِ[28] تَا لَطِيفُ چَئي، پَسَڻَ لاءِ پِرِيَنِ،
ڪَيسَرَ[29] قَرِيبَنِ[30]، سَنبَاهِيُ[31] سَاڻُ ڪَنِيَا.

## ١٤

گَنگُو[32] جِئَان گُوڙُ[33] تِي، ڪَهِيو[34] ڪَاهُوجِيءَ[35] ڏَانهَن،
وَسَئُو مِينهُن وَڏُ قُڙو[36]، چُڙي[37] پَرِيَائِين چَاهَ[38]،
ڏِيئِي پَتَنِ پَاهَ، پَرِيَائِين[39] ڪُن[40] ڪِرَاڙِ جَا.

Gul Hayat Institute

---

١. واهوندي جي مڪان ڪان، ڏکڻ ۽ الهندي طرف جي ڪنڌ ڪان، ٢. ڏي، ڏانهن، ٣. پٽ شاهہ جي ايرندي طرف ملان مڪڻ ڳوٺ ۽ ملدسي ڳوٺ جي وچ واري علائقي، ۴. (چوڙيدار ۽ گول سگن واريون) مينهيون، ۵. گس تي، واٽ تي، پيچري تي (يعني وٿائن ڪان باهر)، ٦. پاڏيون، مينهن جا مادي ٻچا (هتي معنيٰ ٿيندي مينهيون)، ٧. مالدار يا مالوند مائهن، ٨. آرام، آسودائي، ٩. ختم ٿي، ١٠. پياسَ، تاسَ، تِشنگي، ١١. اُڃ، گرمي، ڪاڙهو، سوڪَهڙو، ١٢. جهوپي کي، جهوپڙيءَ کي، ککائين گهَر کي، ١٣. سٽ، جهڙپ، ١۴. (مينهن جي پاٽيءَ سان) آلو ڪندو، ١۵. پَٽَ، ميدانَ، ١٦. واحد گنير، هاٿي، بيوقوف، ڪڪرَ، ١٧. نمونو، ١٨. پرائين، حاصل ڪن، ١٩. هلَڻ، گهمڻ ڦرڻ، ٢٠. چاءِ ۾ چاهَہ ۾، شوق ۾، ٢١. ڪارا زلف يا وارَ، ٢٢. اچرج، عجب، ٢٣. ڳاڙهاڻ، ٢۴. چپن، ٢۵. چلڪن، چمڪاٽ يا روشني ڪَنِ، ٢٦. چوطرف، هر هنڌ، ٢٧. خوش ٿين، ٽڙن، ٢٨. بي قرار يا پريشان رهن، ٢٩. ڪڪر، ٣٠. محبوبن، ٣١. ٺاهي، جوڙي، سينگاري، ٣٢. گنگو جيءَ ڪان (گنگو جي هڪ مڪان جو نالو آهي)، ٣٣. گجگوڙ، ٣۴. هليو ويو، ٣۵. هڪ مڪان جو نالو آهي، ٣٦. زوردار، ٣٧. سري، رڙهي، ٣٨. کوهہ، ٣٩. ريج، گاهہ (ساوا)، ۴٠. ڪڏون.

## ١٥

ڏيئي ربج[1] رائُڪَ[2] ڪي، ڪَيَائين لُوتڙيءَ[3] تي لَلُ[4]،
ڏلهيُ[5] چِڏيائين ڏڙهہ[6] ڪي، پئي[7] پَريائين پَلَ[8]،
آندي آب اُڇَلَ[9]، موڪلَ تِي مينهَنِ ڪي.

## ١٦

مُون جُهَڙُ ڏِنو اُپَ[10] ۾، ڍُولاَ[11] لَڏَ[12] ۾ لاَهہ[13]،
اَڇَنِ آبُ اڳي[14] ڪَئو[15]، وِجُون اُتَرَ واءِ[16]،
چَنَ[17] چِڏي پَٽ[18] پاءِ، اَڏِ اُتَاهِينءَ[19] پَڪَڙو[20].

## ١٧

چَنَ چِڏي پَؤُ بَنَ[21]، نَئين[22] پَرِ[23] اَڏَ[24] ۾ نِجهرو[25]،
ڪَانڌَ سَوبُري[26] نہ ڪِئي، پَڪي جِي پَرِن[27]،
مُون جُهُڙ ڏنو اُپَ ۾، وِجون ڪَنِ وَرنَ[28]،
سَانُوڻَ[29] جي سَمُنَ[30]، مَتَان ڍولَ[31] ڍِلُو[32] وَهين[33].

## ١٨

مُحبَ مُنهِنجا سُپِرين، آٽيئي اَللهُ،

---

١. آبپاشي، پاڻيءَ جي ملڻ ڪري ٿيل آلاڻ يا پوسل. ٢. پٽ شاهہ پرسان هڪ مڪان. ٣. پٽ شاهہ جي نزديڪ هڪ مڪان. ۴. مهر، مهرباني. ۵. پري، پَرڪري. ٦. پٽ شاهہ جي ڏکڻ طرف هڪ علائقي ۾ غيرآباد ۽ خشڪ زمين جي ٽڪرَ. ٧. وَسِي. ٨. واحد پَلَ، تلاءُ، ننڍو واهہ. ڪڙيو. ٩. پالوٽ، آتلَ، پوڏ، سيلابَ. ١٠. آسمان. ١١. اي ڍولا، اي محبوب. ١٢. مڏي، سامان سڙو، ٽپڙ ٽاڙي. ١٣. (مٿي تان يا ڪنهن وهٽ تان) هيٺ آڻ. ١۴. مينهن. ١۵. اڪيان. ١٦. واءُ سبب، واءُ جي زورَ ڪري، هوا سبب. ١٧. هيٺاهيون زمينون. ١٨. پَٽَ تي، ميدان تي. ١٩. اُتاهينءَ تي، مٿاهينءَ (زمين) تي. ٢٠. چنو. جهوپو. ڪڪائون گهر. ٢١. پَنَ تي، مٿاهين پٽ يا ميدان تي. ٢٢. نئين جي، برسات وغيره جي پاڻيءَ تي وهندڙ جابلو ڪٽ جي، وڏي واهہ جي، نديءَ جي. ٢٣. پر تي. ٢۴. ڪپَ تي، ڪنڌيءَ تي. ٢۵. ناهہ، پونگو، جهوپڙي، ڪڪائون گهَرَ. ٢٦. ساجهر، سويلو، اڳاٽو. ٢٧. پارتَ، سپردگي. ٢٨. نمونا، چمڪاٽ. ٢٩. مينهن جي موسم. ٣٠. سَمَن ۾، انجامَ يا واعدي ۾. ٣١. اي ڍول، اي پيارا. ٣٢. سُستَ. ٣٣. ٿيين.

تـوڪـي سَـاري سَـاهہ، اُڪَـنـدِيـو[1] آهُـون[2] ڪَـري.

١٩

پَـاڇَـاتِـئَـان[3] پَـئـي[4]، تِـئـو آڳَـاتِـئَـان[5] اڳِـرو[6]،
چُـڪَـسِ[7] سَـپِ[8] چَـئـي، تَـذهِـين مَـولي مِـينـهَـن وَسَـايَـا.

٢٠

مِـيـنـدو[9] مِـيـنـهَـن پُـسَـايـو، سَـڙي[10] تِـيـو سَـيـلـو[11]،
پَـڪـي[12] پِـيـهِـي[13] آيـو، رَحـمَـت[14] جـو ربـلـو[15]،
سَـاجَـنُ سَـويـلـو، پـيـچَ پِـنِـيءَ[16] گـهَـرِ آيـو.

## وائي

اکِـئَـان[17] مـيـگهہ مَـلاَرُ[18]، صُـورَتَ تـيـذيءَ[19] سَـپ جَـگُ[20] مـوهِـيَـا[21]،
سَـجـدو[22] فِـيـلَ[23] فِـي الحَـال[24] ڪـئـو، پَـسِـي مُـطـلَـبَ[25] نُـورُ[26] نـراڙَ[27]،
جَـاپـڻ[28] وَقـت وَريَـامَ[29] جـي، يَـگَـا[30] ڪَـوتَ[31] ڪُـفَـارَ[32]،
اُڪَـنـدِيَـا[33] جـي اَبُـرَ[34] کِـي، سـي سَـرهَـا[35] تِـئَـا سَـنـگـهَـارَ[36]،
مَـوڪَـلَ تـي مِـيـنـهَـن کِـي، دوسـتَ هَـٿَـان دلـدَارَ[37]،
قَـادِرَ[38] پَـاڻَ قَـسَـمُ ڪـئـو، خَـاڪَ[39] قَـدمَـنِ[40] جـي ڪَـلـتَـارَ[41].

---

١. سڪيو، انتظار ڪريو، ٢. دانهون، ماتم، روڄ راڙو، ٣. موسم جي پڇاڙيءَ ۾، پاڇاٽو، دير سان، ۴. وسِي، ۵. آڳاٽي ڪان، موسم جي شروعات ۾، وسيل ڪان، ٦. بهتر، وڌيڪ چڱو، اعليٰ، اُتم، ٧. آئون چڪي،مون ختم يا پورو ڪيو، ٨. سمورو (احوال)، ٩. (وارن جي) چوٽي، ١٠. بدنُ، ١١. سڌو سنئون، نيڪ ناڪُ، درست، ١٢. پکي ۾، جهوپڙيءَ ۾، گهر ۾، ١٣. گِهڙي، ١۴. باجهہ، ٻلائي هتي معنيٰ "مينهن" ٿيندي، ١۵. وهڪرو، ١٦. پيچ پنيءَ جو، آسرَ ويلَ، فجرجو، ١٧. اکيون، ١٨. ڪڪرُ، بادلَ، جهڙُ، ١٩. تنهنجيءَ، ٢٠. جهان، دنيا، پرٿوي، ٢١. موهيو، آڪَنَ چڪَنَ ڪيو، فريفتہ ڪيو، عاشق ڪيو، ٢٢. پيشاني يانراڙ، زمين تي رکڻ واري حالت، ٢٣. هاٿيءَ، ٢۴. هڪدم، ٢۵. مطلب جي، حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي ڏاڏي جو نالو، ٢٦. جوت، روشني، جلوو، ٢٧. نراڙ جو، پيشانيءَ جو، ٢٨. جمڻ، پيدا ٿيڻ، ٢٩. وير، پهلوان، جوڌي (حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ ڏانهن اشارو)، ٣٠. ٽٽا، ڪريا، ٣١. قلعا، ٣٢. ڪنار جا، ڪافرن جا، خدا کي نہ مڃيندڙن جا، ٣٣. سڪيا، انتظار ۾ هئا، ٣۴. ڪڪرُ، مينهن، ٣۵. خوش، ٣٦. مالدار يا مالوند ماڻهو، ٣٧. دل واري، پياري، ٣٨. قدرت واري، خدا، ٣٩. خاڪ جو، مٽيءَ جو، ۴٠. پيرن، ۴١. خالق، خدا.

Gul Hayat Institute

آهِين ڪَرَمَ[1] ڪَرِيُمَ[2] جَا، اَحْمَدَ[3] سَاڻُ اَپَارَ[4]،
آگَّي[5] آسِمَانَ جو، ڪَارِئو[6] سَيرُ سَتَارَ[7]،
وَلَسَوفَ يُعطِيكَ رَبُكَ فَتَرضيٰ،* توسين قَادِرَ[8] ڪِئا قَرَارَ[9].

## وائي ٢

مِلجَان مِلجَان مِلجَان، سَجَڻَ سَانُون[10] چورِي[11] چورِي،
بَادَلُ بَرسَّي[12] وِجُڙِي[13] جَا چَمڪِّي[14]، بُوندَ پَڙِي[15] تورِي[16] تورِي،
صَاحِبُ[17] دَانَا[18] بي[19] نِشَانَا، مَين[20] تو تَان گهورِي[21] گهورِي،
وِيڪَڻُ[22] تَيذَا[23] هَٿَ[24] نہ آوي، مَين تَيذِڙِي[25] گهورِي[26] گهورِي.

Gul Hayat Institute

١. احسان، ڀلايون. ٢. سخيءَ، ٻاجهاري، خدا. ٣. حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ. ۴. بي حد، بي شمار. ۵. خدا. ٦. ڪرايو. ٧. ستّر رکندڙ، عيبَ ڍڪيندڙ، خدا. * ۽ سگهوئي توکي ڏيندو (ايترو) تنهنجو پالڻهار جو تون خوش ٿيندين (قرآن شريف جي سورت ضحيٰ جي ۵ آيت). ٨. قدرت واري، سگهاري، خدا. ٩. واعدا. ١٠. اسان کي. ١١. چوريءَ، لڪي ڇپي. ١٢. وَسي. ١٣. کنوڻ. ١۴. تجلا ڏي، چمڪاٽ ڪري. ١۵. ڦڙي. ١٦. پوي، وسي. ١٧. مالڪ ۽ خدا. ١٨. ڄاڻندڙ. ١٩. بنا نشان جي، الڳ، ڏسڻ کان پاڪ. ٢٠. آئون. ٢١. قربان صدقي. ٢٢. ديدار، ڏسڻ. ٢٣. تنهنجو. ٢۴. هٿ نہ آوي = حاصل نہ ٿئي. ٢۵. تنهنجي. ٢٦. ڳولائو، ڳوليندڙ.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرُ ڪيڏارو[1]

## داستان پهريون

١

ڏِنو مُحَرمُ[2] ماهُه، تَئو سَنڪو[3] شَهزادَنِ[4] ۾،
جَاڻي[5] هيڪُ[6] اَللهُ، پَاڻ[7] وَڻَندِيُون[8] جو ڪَري.

٢

ڏِنو مُحَرمُ ماهُه، سَنڪو شَهزادَنِ تَئو#،
مَڪي[9] مَدِيني[10] ماٿُهين[11]، رُنو مَتي[12] راهَه[13]،
تِنهِن واحِدَ ڪي واهَه[14]، جو حُڪمَ هِڙائي ڪَري.

٣

آيو مُحَرمُ ماهُه، عِزتَ[15] تي اَمِيرَنِ[16] ڪي،
توشو[17] ڪَيائون تَوڻ[18] جو، ڪانيون پاٽي گاهُه،
جَاڻي هيڪُ اَللهُ، مَجِيائون رِضا[19] رَبَ[20] جي.

---

١.جنگ، جنگ جو ميدان، قتلعام، ماتم، ٢. محرم ماهه= محرم جو مهينو (اسلامي سال جي پهرئين مهيني کي محرم جو مهينو چوندا آهن). ٣. اڻ ٿڻ، فڪرَ، اوڊڪو، انتظار، ۴. شاهه جي ڄاون، شاهه جي اولاد يعني حضرت علي ع شاهه جي اولاد، ۵. پروڙي يا خَبَر رکي ٿو (ان انتظار جي)، ٦. هڪڙو، واحد، ٧. پنهنجي، ٨. پسند واريون (ڳالهيون)، ٩. مڪي جي، ١٠. مديني جي (مڪو عربستان ۾ هڪ شهر آهي جتي ڪعبت الله آهي ۽ جتي اسلام جو پيغمبر حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ پيدا ٿيو هو ۽ مدينو عربستان جو اهو شهر جتي پيغمبر سائين جن جو روضو مبارڪ آهي)، ١١. ماٿهن، ١٢. تي، ١٣. ڪس، رستي، ١۴. تعريف، ساراهه، واکاڻ، ١۵. وقارَ، رتبو (عزت تي = رتبو بلند ٿيو يعني ذڪر شروع ٿئو)، ١٦. سردارن يعني عليءَ جي اولادَ، ١٧. سامانَ، اسبابَ، ١٨. ڪاڏي پيتي، گذرانَ، ١٩. مرضي، حڪم، ٢٠. پالڻهار، خدا، # گنج ۾ "پهرين محرمَ مَاهَ مير مدينان نڪتا" لکيل آهي، حقيقت ۾ امام حسين ع مديني مان رجب جي مهيني ۾ نڪتو هو.

## ٨

مِيرَ مَدِينِئَان نِڪري، آيَا نَہ مُوٽِي،
ڪَارَا رڱِ ڪَپِڙَا، اَدَا[١] نِيرُوٽِي[٢]،
آئُون تَنِي لَئِہ لُونِي[٣]، جي مِيرَ مُسَافِرَ[٤] رَانئَا[٥].

## ٩

سَختِي[٦] شَهَادَتَ[٧] جِي، مِڙوئِي[٨] مَلاَرُ[٩]،
ذَرو نَاهِہ يَزِيدَ ذي، عِشقَ[١٠] جو آثَارُ[١١]،
ڪُسڻَ[١٢] جو قَرَارُ[١٣]، اَصلِ[١٤] اِمَامَن[١٥] سين.

## ١٠

سَختِي شَهَادَتَ جِي، مَلاَرُ مِڙوئِي،
ذَرو نَاهِہ يَزِيدَ جو، آثَارُ اُهوئِي،
ڪُسڻُ هو ڪوئِي، اَصلِ اِمَامَن سين.

## ١١

سَختِي[١٦] سَيَادَتَ جِي، سُڻُ[١٧] شَادِيءَ[١٨] جو ڏِينهُن،
ذَرو نَاهِہ يَزِيدَ جو، نِسورو[١٩] ئِي نِينهُن[٢٠]،

١. اي ادا، اي ڀاءُ. ٢. ڪپڙا رڱيندڙ، ڪهنباٽي، نير ۾ ڪپڙا رڱيندڙ. ٣. بدحال، پريشان. ٤. مسافر ٿي، سفر جي حالت ۾، پرديسي ٿي، ٥. شهيد ٿئا. ٦. تڪليف. ٧. خدا جي راهَہ ۾ مارجڻ يا قتل ٿيڻ. ٨. سارو، مڪمل، پوري جو پورو. ٩. جَهڙُ يعني فرحت يا راحت. ١٠. (خدا جي) محبتَ. ١١. اثَر جو جمع پر سنڌيءَ ۾ واحد جي صيغي ۾ بہ ڪڏهين ڪم ايندو آهي معنيٰ آثَرَ، اهڃاڻ، نشاني (امام حسين ع جي شهادت خداجي محبت جي نشاني آهي). ١٢. قتل ٿيڻ يا قربان ٿيڻ (خدا جي راهہ ۾). ١٣. انجام، واعدو، قول. ١٤. اصل کان، روزازل کان. ١٥. امام حسين ع ۽ ان جي ساٿين. ١٦. سرداريءَ، ساداتيت يعني سيد قوم مان هجڻ، بزرگيءَ. ١٧. ٻڌ. ١٨. خوشيءَ. ١٩. نجَ، خالص، صفا. ٢٠. محبت (خدا جي).

Gul Hayat Institute

مَرگَ[1] اُتو[2] مينهُن، عَليءَ جي اولادَ کي.

١٢

سَختي سيادَتَ کي، نِسوروئي نازُ[3]،
کي رِندَ[4] پَروڙِين[5] رازُ[6]، قَضِيو[7] کَربَلاَ جو#.

١٣

کَربَلاَ جو قَضِيو، جَڏهين پوي مَنجهه جيءَ[8]،
وَسَنِ تا وِجُودَ[9] تي، سَندا[10] سُورَنِ[11] سيءَ[12]،
ڏُهتَنِ ڏِنا ڏُکڙا، ناني ري[13] نَبيءَ،
فَرزَندَ بيبيءَ فاطِمَةَ، پاکَ پيارا پيءَ[14]،
والي[15] وارِثَ[16] ويءَ[17]، رِڻَ[18] ۾ رُکَ[19] رَهائِيا[20].

١۴

قَضِيو کَربَلاَ جو، مِڙوئي مَلارُ،
ڳالهه سَڀَئِي ڳُجهه[21] جي، الاَهي[22] اِسرارُ،
مولو[23] تئو مُختيارُ[24]، پَنهجَنِ جُون پَرکُون[25] لَهي[26].

---

١. مرگ جو، موت جو. ٢. وسٹو. ٣. معشوقاڻي ادا يا حرڪت، (خدا جي) منشا. ۴. عاشق، عاقل، ڪامل عارف. ۵. ڄاڻن، سمجهن. ٦. ڳجهه، اسرارَ. ٧. معاملو، واقعو. #ڪي ٿورا عاشق يا عاقل ڪربلا جو قضيو هڪ رازَ سمجهن ٿا. ٨. دل، من (پوي منجهه جيءَ = ياد اچي). ٩. دل، من، بدن، جان. ١٠. جا. ١١. ڏکن، غمن. ١٢. سرديون، تڪليفون. ١٣. سواءِ. ١۴. محبوب. ١۵. مالڪ، ڌڻي. ١٦. مالڪ، ڌڻي. ١٧. ويءِ جا، (جنت جي) چمن يا باغ جا. ١٨. بيابان، صحرا. ١٩. جنگ، لڙائي. ٢٠. ترسايا، روڪيا، جهليا. ٢١. راز، اسرار. ٢٢. الله جو، خدا جو. ٢٣. مولا، خدا. ٢۴. اختياروارو، وس وارو. ٢۵. آزمائشون، امتحان. ٢٦. وٺي.

Gul Hayat Institute

## وائي

داغُ[1] سِينـي[2] پَرِ[3] غَمُ[4] ڪَا، هَيءِ[5] مَاتَمِ[6] ڪَا،
يَا حُسَيْنُ،
جَهِندَا جو آيَا خَبَرَ لِئي[7] آيَا،
سُوزُ[8] ڪَرِيو شَهَ[9] قَاسِمِ[10] ڪَا.

Gul Hayat Institute

---

١. ٽڪو، زخم، ڪِلنڪ. ٢. دل، جان، ڇاتيءَ. ٣. تي. ۴. غم جو. ۵. ڏک جو. ٦. افسوس، ٦. ماتم جو، ارمان جو، غم جو. ٧. ونئي، ڪٿي. ٨. غم، افسوس، ماتم. ٩. شاهہ. ١٠. حضرت قاسم جيڪو حضرت امام حسن ع جو پٽ ۽ امام حسين ع جو ڀائٽيو هو.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر كيڏارو

## داستان پهريون

١

جهيڙو[1] لاهِه[2] يَزِيدَ[3]، عَلِيءَ جي اولادَ سين،
كَانه پَسنديِن[4] عِيدَ[5]، حَسَنَ مِير حُسَين[6] ري.

٢

جَنِي جهيڙئو[7] كَالهه[8]، عَلِيءَ جي اولادَ سين،
هَاءِ[9] تَنِي جي حَالَ[10]، جي جَمَاعِتي[11] يَزِيدَ جا.

٣

جَنِي جهيڙئو اَڄُ[12]، عَلِيءَ جي اولادَ سين،
يَاءَ[13] تني كَان پَڄُ[14]، جي جَمَاعِتي يَزِيدَ جا.

Gul Hayat Institute

٤

جَنِي جهيڙئو هَاڻِ، عَلِيءَ جي اولادَ سين،
مَهِندَان[15] پيين كَاڻِ[16]، تِنَا جَمَاعِتي يَزِيدَ جا.

---

١. جنگ، ٢. چڏي ڏي، ٣. اي يزيد، ٤. ڏسندين، ماڻيندين، ٥. خوشي، راحت، ٦. كان سواء، ٧. جنگ يا لڙائي كئي، ٨. اڳئين ڏينهن تي، (ماضيءَ ڏانهن اشارو)، ٩. افسوسَ، ١٠. حالَ تي، حالت تي، كيفيت تي، ١١. ساٿي، همراهَ، مددگار، ١٢. هن وقت، اڄوكي وقت ۾، ١٣. اي ادا، اي ياءِ، ١٤. پاسي ٿيءُ، پري ٿيءُ، ١٥. اڳيان، قيامت جي ڏينهن، ١٦. ضرورت يا احتياج (حضرت پيغمبر محمد مصطفيٰ ﷺ جي شفاعت جي).

**۵**

پَاوَنگَ[۱] اُيو[۲] پِڙَ[۳] ۾، هَٽي[۴] هَزَارِي[۵] هولُ[۶]،
هِيرِي[۷] لاَلَ[۸] يَاقُوتَ جو، ڪَامِلَ[۹] سِرِ[۱۰] ڪَنگولُ[۱۱]،
رَتو[۱۲] رَتَ[۱۳] رَتولُ[۱۴]، مولِهيو[۱۵] مِيرَ حُسَينَ ؑ جو.

**۶**

ڪِلي[۱۶] وير[۱۷] ڪَتَڪَ[۱۸] ۾، سَائُو[۱۹] سَيِ نَہ هُونِ[۲۰]،
پِڙَ تي سيئِي پُونِ[۲۱]، مُوتَڻُ[۲۲] جَنِي مِيهَڻون[۲۳].

**۷**

ڪِلي وير ڪَتَڪَ ۾، پَاڪَر[۲۴] جو پَائي،
اَجَا اُنکي جِيئَڻَ جو، آسَانگو[۲۵] آهي،
سُورِهُہ سو چَائي[۲۶]، جو رِڳُوئِي[۲۷] رِڻِ[۲۸] گهِڙي.

**۸**

ڪِلي وير ڪَتَڪَ ۾، هَي[۲۹] جي[۳۰] حُسَينَ ؑ هو[۳۱]،
پِهرِين پيري[۳۲] پَاءُ تي، پِتنگَ[۳۳] جِيئَن[۳۴] پِئو،
آهي ڪيرُ بِئو، جو هَلاَن[۳۵] ڪَري حُسَينَ ؑ تي.

---

۱. سورهہ، بهادر، ۲. بيٺو، ۳. (جنگ جي) ميدان، ۴. ہاٽي، ۵. هزارن جي مُلهہ جو، قيمتي، ٦. زرهہ، رُڪ جي ٽوپي (جا جنگ ۾ پائبي آهي)، ۷. هڪ قسم جي قيمتي پٿر، الماس، ۸. ڳاڙهي رنگ جي قيمتي پٿر، ياقوتَ، ۹. ڪامل جي، بزرگ ۽ برگزيدي جي يعني امام حسين عہ جي، ۱۰. سر تي، مٿي تي، ۱۱. ڪلنگي، بادشاهي ڇٽ، تاجَ، ۱۲. رڱيو، رڱجي ويو، رنگ آلودو ٿيو، ۱۳. رت سان، ۱۴. ڳاڙهو (رت جهڙو)، ۱۵. دستار، پڳ، ۱٦. ڪلي جي، جنگ جي، لڙائيءَ جي، ۱۷. مهل، وقت، ۱۸. لشڪر، ۱۹. سورهہ، بهادر، پهلوان، ۲۰. هوندا آهن، ۲۱. قتل ٿين، سر قربان ڪن، ۲۲. واپس ٿيڻ، پڇڙ، ۲۳. عيب، عار، طعنو، ۲۴. زرهہ، ۲۵. آسرو، محبت، ۲٦. چوائي، سڏائي، ۲۷. سڪتو، فقط (زرهہ کان سواءِ)، ۲۸. رِڻَ ۾، جنگ جي ميدان ۾، ۲۹. افسوس، ۳۰. جيڪڏهين، ۳۱. هجي ها، ۳۲. دفعي، ۳۳. پرواني (پتنگ هڪ اڏامندڙ ننڍي جيت جو قسم آهي جيڪو باهہ جو عاشق آهي ۽ ان کي ڏسڻ سان ان ۾ گهڙي پوندو آهي ۽ جلي خاڪ ٿي ويندو آهي)، ۳۴. وانگر، ۳۵. حملو، ڪاهہ پر هتي معنيٰ ٿيندي قرباني.

Gul Hayat Institute

**٩**

حَسَنُ نَاهِه حُسَيْنَ وَٽِ، ٻيلي[١] نَه ٻَاهُونْ[٢]،
سَاٿِيهُه[٣] شَهزَادَنِ[٤] جو، آهي آڳَاهُونْ[٥]،
يَزِيدَ[٦] جُلاهُون[٧]، تيلاَن[٨] ڪَرِين تڪِڙيُونْ[٩].

**١٠**

حَسَنَ مِيرَ حُسَيْنَ جِي، سُئِي[١٠] جَنگ جَهانَ،
اُڌَاڻا اُورِ[١١] ڪَري، ڪَارِين[١٢] پَڪين[١٣] ڪَانَ[١٤]،
پِيءُ ڏاڏاڻا پَاڻ[١٥]، سَيَدَ[١٦] سَڀِ مَلهائِيا[١٧].

**١١**

حَسَنَ مِيرَ حُسَيْنَ کي، رُنو تِن تولَنِ[١٨]،
گهرِ[١٩] ماٺهئين جهنگ[٢٠] مروئين، اَين ۾ ملڪَنِ[٢١]،
پَڪِيُنِ پَاڻُ پَڇاڙئو[٢٢]، لَڏئو هوتَ وڃَنِ[٢٣]،
گهوڙَنِ[٢٤] ۽ گهوٽَنِ[٢٥]، رڻَ[٢٦] ۾ لاٿُون[٢٧] لَڏيُون.

**١٢**

حَسَنَ مِيرَ حُسَيْنَ جو، جَنِ نَه هِينئڙي[٢٨] جارُ[٢٩]،

---

١. ساٿي، همراه. ٢. مددگار. ٣. وطن. ۴. شاهه يعني حضرت عليءَ شاهه جي اولاد. ٥. پري. ٦. اي يزيد. ٧. حملا. ڪاهون. جَلهون. ٨. تنهن ڪري. ٩. تيز. جلد. ١٠. ٻڌي. ١١. حملو. ڪاهه. قطار. ١٢. ڪارن. ١٣. پڪن وارا. لوهه جي انگهن وارا. لوهن پڪن يعني پرن وارا. ١۴. تير. گز. ١٥. خود جا. پنهنجا. ١٦. سردار يعني امام حسين ع. ١٧. موڪيا. سرخرو ڪيا. (چگين ڳالهين ۾) پڌرا ڪيا. ١٨. جماعتن. گروهن. ١٩. گهر ۾ يعني ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ماڻهن. ٢٠. جهنگن ۽ برپٽن ۾ مرن يعني جانورن. ٢١. آسمانن ۾ فرشتن. ٢٢. پاڻ پڇاڙئو = پاڻ کي ستيو ڪٽيو. ماتم ڪيو. ٢٣. مَحبَ. ٢۴. غازين جي گهوڙن. ٢٥. غازين. ٢٦. برپٽ. بيابان. ٢٧. لاٿون لڏيون = پرڏيا. اصطلاحي معنيٰ ته شهيد ٿيا. ٢٨. هينئڙي ۾. دل ۾. ٢٩. درد. ڏک. غم.

Gul Hayat Institute

خَالِقُ[1] رَبُّ[2] جَبَّارُ[3]، ڪِينَ مَرهِيندو[4] تَنِ ڪي.

## وائي

مِيندِي[5] لاَوَڻُ[6] ذي، جِيوين[7] شَاهَہ[8] مِيندِي لاوَڻُ ذي،
قَاسِمَ شَاهَہ سِيجَ[9] وِڇَاوَڻُ[10] ذي،
مِيندِي تَيذِي[11] رَنگُلِي[12]، چوَٽا[13] لاَلُ گُلاَبُ[14]،
مَاءُ پِيءُ ڏِتَڙَئِي[15] سِهرَا[16]، خَبَرَ نَہ مَاٽِيندِي[17][18] نَالِ[19].

Gul Hayat Institute

---

١. پيداڪندڙ، خدا، ٢. پالڻهارَ، خدا، ٣. طاقت وارو، خدا، ۴. بخشيندو، ۵. حنا، ٻوٽي جو هڪ قسم جنهن جا پن سڪائي، پيهي ۽ پاڻيءَ ۾ پُسائي هٿن ۽ پيرن کي هڻبا آهن تہ هٿ پير ڳاڙها ٿين. ٦. لائڻ، مکڻ، هڻڻ، ٧. جيئين، بَچين، شال زندهہ هجين، ٨. سردار (حضرت قاسم ڏانهن اشارو)، ٩. ڇپر کٽ، گهوٽ ۽ ڪنوار لاءِ سينگاريل هنڌ ۽ کَٽَ، ١٠. وڇائڻ، ١١. تنهنجي، ١٢. رنگ واري، ١٣. چوٽيءَ يعني مٿي تي رکيل ٽوپي، وار، ١۴. ڳاڙها سرخ، ١۵. ڏنئي، ١٦. واحد سهرو، شاديءَ جي وقت گهوٽ جي مٿي تي ٻڌڻ لاءِ ٺهيل موڙَ، مُڪَٽ، تاج، ڪلنگي، ١٧. ڪانهي، ١٨. پهرندي، ٻڌندي، هنڊائيندي، ١٩. پنهنجي پاڻ تي.

بِسمِ اللہِ الرحمٰنِ الرحِیم

# سُر کيڏارو

## داستان ٽِئو

١

كُوپَا[1] كِلي[2] كوڏَئا[3]، راوَتَ[4] كِين رَهَنِ[5]،
سَائُنِ[6] سِرَ[7] فِدا[8] كِئا، اِڳئان اِمامَنِ[9]،
يُجَاهِدُونَ فِي سَبِيلِ الله*، تَا كَم اُهوئِي كَنِ،
حُورُون[10] هَار[11] بَڌَنِ، سِهِرَا شَهِيدَنِ كي.

٢

كُوپَا كِلي كوڏَئا، سَائُو صُلحدَارَ[12]،
آرژَ[13] ۾ اِحسَانَ سين، سُوپَا[14] تِئَا سَردَارَ[15]،
هِكُ يَائُرَ، بِئا يَائِتِئا، تِئا جَانِي[16] جِگرَ يَارَ[17]،
حُورُن بَڌا هَارَ، سُهِرا شَهِيدَنِ كي.

٣

دوستَ كُهَائِي[18] دادُلاَ[19]، مُحبَ مارَائِي،

Gul Hayat Institute

---

١. بهادر، ٢. ڪلي جا، جنگ جا، ٣. شوقين، شائق، خواهشمند، ۴. جنگجو، پهلوان، ۵. ترسن، ماٺ ڪن، صبر (جنگ ڪرڻ کان)، ٦. بهادرن، ٧. جانيون، حياتيون، ٨. قربان، ٩. امام حسن عہ ۽ ان جي اولاد ۽ عزيزن * الله جي واٽ ۾ يعني خدا ڪارڻ جهاد ڪن ٿا يا وڙهن ٿا (قرآن شريف جي سورت مائدة جي آيت ۵۴)، ١٠. بهشت ۾ رهندڙ سهڻيون عورتون، پريون، ١١. ڳچيءَ ۾ پائڻ جا زيور، موتين يا گلن جون مالهائون، ١٢. صلح پسند، امن پسند، ١٣. جنگ لڙائي، ١۴. سوڀارا، فاتح، سوڀ ڪندڙ، ١۵. امام، اڳواڻ، پيشوا، ١٦. پيارا، جانب، ١٧. دلي دوست، جگري دوست، ١٨. قتل ڪرائي، مارائي، ١٩. محبوب، پيارا، محب.

خَاصَنِ[1] خَلِيلَنِ[2] کي، سَخِتِيُون[3] سَهَائِيَ[4]،
اَللهُ الصَّمَدُ[5] بي نِيَازُ[6]، جَا کَري سَا چَاهِيَ[7]،
اِنَهِيءَ ۾ آهي، اُونِهِيَ[8] ڳَالِهِ اِسْرَارَ[9] جِي.

۴

کُوفِيُنِ[10] قَهرُ[11] کِئو، تِئَا جَمَاعَتِي[12] يَزِيدَ جَا،
پَرَ[13] ۾ پَلِيتَنِ[14] کي، وَرَنَهُ[15] وَرِ[16] پِئو،
سَذَرُ[17] هُونِ سِهُو[18]، شِيرُ[19] شَهَادَتَ[20] رَسِئو.

۵

کُوفِيُنِ خَطُ لِکِئو، وِچِ[21] وَجِهِي اَللهُ،
اَسِين تَائِبَ[22] تُنهِنجَا، تُون اَسَانجو شَاهُ[23]،
هيڪَرَ هيڏي آءُ، تَہ تَخَتُ[24] تَابِيني[25] تُنهِنجي.

٦

کُوفي کَربَلاَ ۾، پَاڙي نَہ پِيَارِينِ،
اُتي عَلِيءَ شَاهَ کي، شَهزَادَا[26] سَارِينِ[27]،
نِکِرِئو[28] نِهَارِينِ[29]، چِڙهِ[30] مِيرُ[31] مُحَمَّدُ عَرَبِي[32].

---

۱. سچن، وفادارن، نيڪن، ۲. دوستن، ۳. تڪليفون، عذاب، ۴. سهرائي، برداشت ڪرائي، ۵. خدا بي پرواهہ (آهي) (قرآن شريف جي سورت اخلاص جي آيت ۲)، ٦. لاپرواهہ، بي احتياج، ۷. گهري، پسند ڪري، ۸. ڳوڙهي، گهري، ۹. ڳجهہ، راز، ۱۰. عراق ملڪ جي شهر ڪوفي جي رهاڪن، ۱۱. ظلم، ۱۲. ساٿي، حمايتي، ۱۳. پرديس، ۱۴. خبيثن، ناپاڪن، ۱۵. چڱو ماڻهو، سگهڙ، بهادر، ڀيرو جوان، گهوٽ، ۱٦. ور ۾، قبضي ۾، آور ۾، ۱۷. مضبوط، پڪو پختو، وڏيڪ، ۱۸. موقعو، وجهہ، مراد، مقصد، ۱۹. بهادر (امام حسين عہ ڏانهن اشارو)، ۲۰. شهادت کي، خدا جي راهہ ۾ قتل ٿيڻ کي، ۲۱. وچ ۾ وجهي، ضامن وجهي، واسطو ڏيئي، ۲۲. تابع لفظ جي بگڙيل صورت معنيٰ مطيع، پوئلڳ، ٻانها، رعيت، ۲۳. سردار، حاڪم، ۲۴. بادشاهي، حڪومت، سلطنت، ۲۵. حوالي، ۲٦. حضرت علي عہ شاهہ جا پٽ ۽ اولاد، ۲۷. ياد ڪن، سنڀالين، پڪارين، ۲۸. ٻاهر اچئو (خيمن مان)، ۲۹. واجهائين، ۳۰. پهچ يا رس (مدد لاءِ)، ۳۱. سردار، ۳۲. عرب (ملڪ) جا والي يا مالڪ.

## ٧

ڪَا جَا ذَرِي[١] ڏُنگَرِيَ[٢]، ڪو جو وَرِئو[٣] وَاءُ#،
اَيَنِ[٤] ۾ اوسُ[٥] پِئو، چَپَر[٦] چَڙهِئو[٧] شاهُ[٨]،
عَلِيءَ شِير[٩] وِيَاءَ[١٠]، رِڻَ ۾، پَيَنِ رَاتِڙِي.

## ٨

گهوڙَنِ ۾ گهوٽَنِ، جِيئَڻَ[١١] تورا ڏِينهَڙا،
ڪَڏهِين مَنجِهه ڪوٽَنِ[١٢]، ڪَڏهِين واهِيَ[١٣] رِڻَ جا.

## ٩

گهوڙو گهوٽَ پَلاڻِئو، مَتَسِ[١٤] زِيَنَ[١٥] ڏَرِي[١٦]،
عَلِيءَ شِير پُٽَنِ کِي، اَيو[١٧] سَڏ ڪَرِي،
حَسَنَ مِير حُسَينَ تُون، اَچِي لَڳُ ڳَرِي[١٨]،
هَاڻي ڪِيئَن ڪَرِيَ[١٩]، جِيئَن اَمرُ اِلاَهِي آيو.

## ١٠

ڪَانڌَ[٢٠] ڪَلاڙِيَن[٢١] ڪَپَڙِيَن[٢٢]، وَرَ وَنَاهِيو[٢٣] آءُ،
جِتِ سَانگَنِ[٢٤] جِي سَٽِ[٢٥] وَهِي[٢٦]، وِکَ[٢٧] وَڌَندِي[٢٨] پَاءِ[٢٩]،

---

١. اهڙي وسي يا مٿان پئي، ٢. ماڪ، غبار، ٣. لڳو، #ڪا اهڙي خدا جي قضا يعني امر ٿئو ۽ اهڙو ڪو قسمت ۾ ڦيرو آيو، ۴. آسمانن، ۵. گرمي، اُساٽ، تپش، ٦. ڇپر ڏانهن، جبل ڏانهن، ٧. روانو ٿئو (ڇپر چڙهئو = سفر لاءِ تيار ٿيو)، ٨. سردار، حضرت امام حسين ع ڏانهن اشارو، ٩. شيرجي، بهادر جي (حضرت عليءَ کي خداجو شير سڏيو ويندو آهي)، ١٠. اولاد، ١١. جيئڻ جا، حياتيءَ جا، ١٢. محلاتن، ١٣. حوالي، ١۴. (گهوڙي) مٿان، ١۵. هنو، ١٦. رکي، ١٧. بيٺو، ١٨. ڳري سان، ڇاتيءَ سان، گلي سان، ١٩. ڪجي، ٢٠. اي ڪانڌَ، اي ور، اي پتار، ٢١. پرت لڳل، ڇٽن گلن سان پرت ڪيل، ٢٢. ڪپڙن سان، وڳن سان، ٢٣. سينگارجي، ٢۴. تلوارن، ٢۵. سَٽ ستان، ڦهڪو، ڪڙڪو، ٢٦. لڳي پئي آهي، ٢٧. قدم، پير، ٢٨. وڌنڙ، تکي، جلد، ٢٩. وجهہ (وک وڌندي پاءِ = تکو يعني تيز هل).

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر کيڏارو

## داستان چوٿُون

۱

هُئِي هِدَايَتَ[1] حُرَ[2] کي، اَصلَ[3] ۾ اَمُرَان[4]،
چَڙهِي[5] آيو جَنگِ تي، هَلِي هُنِ[6] پَارَان[7]،
اِيندي چَيَائِين اِمَامَ کي، تہ گهورِيُس[8] آن مَتَان[9][10]،
لاَ يُکَلِفُ اللهُ نَفساً الاَ وُسعَهَا، * کَندُس وَس[11] وَڏَا،
گهوٽَ[12] پِہ[13] لَڳا گهَاءَ، اِي پَڻِ[14] شِيرُ[15] شَهِيدُ[16] ٿِئو.

۲

حُرُ هَلِي آيو هُنِ پَاران، مَانجهِي[17] مَردانُو[18]،
•آڱِيان اَچِي اِمَامَ جي، زور[19] پَرِيَائِين جَانُو[20]،
آهِي عَاشِقُ آڳِ[21] جو، پَتنگُ[22] پَروَانُو،
•يَاءَ[23] پَتَ سِرُ[24] صدقُو، بِئو پَڻِ ڏِيان بَانهُون[25]،
مَان نَہ رَاضِي ٿِئي رَسُولﷺ رَبَ جو، نَبِيُ تو نَانُو،

۱. نصيحت، سمجهاڻي، تاڪيدَ، حڪم. ۲. ان سپهہ سالار جو نالو جيڪو پهريائين يزيد جي پاران ڪربلا جي ميدان ۾ امام حسين ع سان وڙهڻ لاءِ سنبري آيو پر بعد ۾ امام صاحب سان وڃي شامل ٿئو. ۳. شروع، ازل، ميثاق جي ڏينهن. ۴. (خدا جي) اَمَرَ يا حڪم موجب، تقدير موجب. ۵. تيارَ ٿي، سوارَ ٿي. ۶. هُن جي يعني يزيد جي فوجين جي. ۷. طرفان. ۸. قربانَ يا صدقي ٿيس. ۹. اوهان. ۱۰. تان. *خدا ڪنهن کي بہ ان جي طاقت کان وڌيڪ تڪليف نہ ڏيندو آهي. (قرآن شريف جي سورت بقره جي آيت ۲۸۶). ۱۱. ڪوششون، حيلا. ۱۲. گهوٽَ ڪي، پهلوان کي (حر ڏانهن اشارو). ۱۳. پڻ. ۱۴. زخم. ۱۵. شينهن مڙس، پهلوان. ۱۶. (خدا جي راهہ ۾) قتل. ۱۷. بهادر، سورهہ. ۱۸. همت پريو، طاقتور، پهلوان. ۱۹. زور سان، ڪثرت سان، لڳاتار. ۲۰. پڇتاءُ ظاهر ڪرڻ يا معافي وٺڻ لاءِ نڪ تي آڱر گهڻ جو عمل (جانو پريائين = پڇتاءُ ڪيائين، پشيمان ٿيو). ۲۱. باهہ، آتش. ۲۲. ننڍڙو اڏامندڙ جيت جيڪو مينهن جي موسم ۾ پيدا ٿيندو ۽ باهہ وغيره جي چوڌاري ڦري ڦري پاڻ کي فنا ڪري ڇڏيندو آهي، پروانو. ۲۳. ياءَ ۽ پَتَ جو. ۲۴. جان، حياتي. ۲۵. نوڪر، خادم.

Gul Hayat Institute

هِيءُ سِرُ[1] سَمَانُو[2]، گهوٽَ[3] مَتَانِئي[4] گهورِيَان[5].

**٣**

سُلطَانِي[6] سُلطَانُ، ڪَلنگِيُون[7] جَنِ ڪَپَارَ[8] ۾#،
ڪيڏو[9] شَرَفُ[10] قُرآنَ ۾، شَاهَ[11] تُنهنجو شَانُ[12]،
ڪوني ڪَربَلاَ ۾، مَارِيَائُون مِزمَانَ،
مُنهَن[13] ڪَارِي مَروَان[14]، لَعنَتَ[15] لِکِي[16] لَعِينَ[17] کِي.

**٤**

آيو عَلِيُّ شِيرُ، مَرِڪَئُو[18] مَدِينِي[19] ذَڻِي،
سُونهَارِي[20] سَيدَرِي[21]، ڪوٽَ[22] پَٽِندو ڪِيرُ،
شِيرَ وَنِتو وِيرُ[23]، پِڙَ[24] ۾ پَوَارَا[25] ڪَرِي.

**٥**

ڪَامِلَ[26] ڪَربَلاَ ۾، آيَا جُنگَ[27] جَوَانَ[28]،
بَهَادُرَ گَڏِئَا[29] بَهَادُرِينَ[30]، شِيرَ وَڏِي سَانَ شَانَ،
ذَرَتِي ڏُبِي[31] لَرزِي، تَرِتَلِئَا[32] آسمَانَ،
ڪَرَهَ[33] هُئي ڪَانَ، هو نَظَارو[34] نِينهَن[35] جو.

Gul Hayat Institute

١. مٿو، جان، بدن. ٢. مانائتو، مان وارو، عزت وارو. ٣. اي گهوٽ، اي سهڻا سردار. ۴. تنهنجي مٿان، تو تان. ۵. قربان يا صدقو ڪريان. ٦. سلطانن جو سلطان، بادشاهن جو، بادشاهہ. ٧. واحد ڪلنگي، ڇٽ، تاج، طرو. ٨. مٿي تي، سرتي. #اي حسين ع تون انهن سلطانن جو سلطان آهين جن جي سر تي بادشاهي ڇٽ يا تاج آهن. ٩. تمام گهڻو. ١٠. درجو، عزت. ١١. اي شاهہ، اي سردار. ١٢. مان، آبرو، عزت. ١٣. سياهہ رو، بدڪردار، بدنام. ١۴. مروان کي (مروان اميہ گهراڻي جو اهو فرد آهي جو پيغمبر اسلام جي خاندان جو سخت ترين دشمن هو جنهن کي نبي پاڪ ؐ مديني مان شهر نيڪالي ڏني هئي ۽ جيڪو يزيد کي امام حسين ع جي قتل تي آيارڻ ۾ پيش پيش هو) هاڻي هر ڪنهن مروان صفت ماڻهوءَ کي اصطلاح طور مروان چيو ويندو آهي. ١۵. ڦٽڪار، ملامت، پاراتو. ١٦. لکيل هئي، نصيب ۾ هئي. ١٧. پاراتو ڏنل، مردود. ١٨. خوش ٿئو. ١٩. مديني جو مالڪ (حضرت محمد مصطفيٰ ؐ). ٢٠. ڀلاري، سڀوري. ٢١. سردار (حضرت علي ع ڏانهن اشارو). ٢٢. واحد ڪوٽ، شهر يا ڳوٺ جي بچاءَ لاءِ چوڌاري ڏنل پٽ، قلعو، بادشاهہ جو محلات (ڪوٽ پٽندو = (ڪافرن کي) شڪست ڏيندو). ٢٣. بدلو، انتقام. ٢۴. (جنگ جي) ميدان. ٢۵. هَلّ ڪري، طاقت ڏيکاري. ٢٦. بي عيب، بزرگ، ڀلارا. ٢٧. تمام وڏا. ٢٨. بهادر، پهلوان. ٢٩. سامهون ٿيا، مقابلي ۾ آيا. ٣٠. بهادرن جي. ٣١. ڏڪي وئي، لرزي، ڪنبي وئي، لوڏا کائڻ لڳي. ٣٢. ڏڪيا، لرزيا. ٣٣. جنگ. ٣۴. ڏيک، منظر، نماءُ، ڪرشمو. ٣۵. عشق، محبت.

٦

ڪَامِلَ ڪَربَلاَ ۾، آيَا سَيَدَ شيرَ،
سِجُ اُلَهِي[١] سَانجهي ٿِي، مُنهَن[٢] اُونداهيءَ ميِرَ[٣]،
هَٿَن[٤] هَاتِڪَن[٥] ڪِي، پَانَوَ[٦] يَرِي[٧] پِيرَ،
مَارِي مِصرِيُن[٨] سين، ڍُنڍَ[٩] ڪِئَائُون ڍيِرَ[١٠]،
دَهلِئَا[١١] اُت دِليرَ[١٢]، پَسِي[١٣] حَملو ميِرَ حُسَيَن عَ جو.

٧

ڪَامِلَ ڪَربَلاَ ۾، اَهلِبَيتَ[١٤] آيَا،
مَارِي مِصرِيُن سين، اُن ڪَافَرَ[١٥] ڪَنبَايَا[١٦]،
سَچُ ڪ[١٧] بِيبِيءَ[١٨] جَايَا[١٩]، اهڙَا سُورِهَه[٢٠] سُپرِين[٢١].

٨

ڪَامِلَ ڪَربَلاَ ۾، سُورِهَه سَامَاٿَا[٢٢]،
ڪَندَا رَامَاٿَا[٢٣]، ڪَونئُرَ[٢٤] ڪِلِي[٢٥] جَا ڪُوڙِيَا[٢٦].

٩

جَنَتَ[٢٧] سَندِين[٢٨] جُوءِ، فَائِقَ[٣٠] هَلِئَا[٢٩] فِردوسَ ڏي،

---

١. لهي، ٢. منهن اونداهيءَ جي، سانجهيءَ جي، رات جي شروعات واري وقت، سانجهيءَ، ٣. ميراڻ، اولدهم، ٤. ڏڪ هٿن، ٥. هوشيارن، . ڏاهن، عقل وارن، بهادرن، ٦. بهادر، پهلوان، عاقل، ٧. پير پري = اڳتي وڌي، حملو ڪري، ٨. (تمام تکين) تلوارين، ٩. لاش، ١٠. ڍِڳَ، انبارَ، سٿا، ١١. ڪنبيا، ڏڪيا، ڊچي وٺا، ١٢. بهادر، سورهه، ١٣. ڏسي، ١٤. پيغمبر صلعم جي گهر جا ماڻهو يعني امام حسين عہ ۽ ان جو ڪٽنبَ، ١٥. يزيدي لشڪر جا ماڻهو، ١٦. ڏڪايا، ١٧. سچ ڪ = تحقيق، بي شڪ، يلي، ١٨. پيغمبر صلعم جي نياڻيءَ بي بي فاطمة، ١٩. ڄڻيا، جنم ڏنو، ٢٠. بهادر، ٢١. محبوب، ٢٢. نالي چڙهيا، پيدا ٿيا، ٢٣. هَلَ، جنگ، واڪا، ٢٤. بادشاهن جا پٽ، شهزادا، ٢٥. جنگ، لڙائي، ٢٦. شوقين، ٢٧. بهشت، فردوس، ٢٨. انهن جي، ٢٩. جاءِ، ماڳَ، مڪانَ، (گنج ۾ "جاءِ" لکيل آهي)، ٣٠. مٿاهان، بلند، مرتبي يا درجي وارا.

Gul Hayat Institute

فَانِي[1] ٿِئَا "فِي[2] اللهِ" ۾، هُوءِ[3] ۾ پِئَا هُوءِ[4]،
يَا رَبَ ڏِيکَارِين رُوءِ، اُنِهِين جِي اِحسَان[5] سِين.

۱۰

هَٽُ[6] هَڪَلَڻُ[7] ٻِيلِي[8] سَارَڻُ[9]، مَانجهِيَان[10] اِيءُ مَرڪُ[11]،
وِجَهن تَان نَه فَرقُ[12]، رُڪَ[13] وَهَنديءَ[14] رَاند[15] ۾#.

۱۱

ڊَالَ[16] ڊِڙَڪو[17] ڦَاڪَ[18] ڦِڙَڪو[19] ڪُندَ[20] ڪَڙَڪو[21]، مَانجهِيَان اِي مَرڪُ،
وِجَهنِ ڪُونَه فَرَقُ، رُڪَ وَهَنديءَ رَاند ۾.

۱۲

ڊَالَ ڊِڙَڪو ڦَاڪَ ڦِڙَڪو ڪُندَ ڪَڙَڪو، مَانجهِي جِت مَرَنِ،
مِصرِيُن[22] مُنهن[23] ڪَڍِئَا، هَڏَ[24] ڪُرڪَرَاڪَن[25]،
اَللهَ شَهزَادَنِ، سُوِيُون[26] ڏِين سَچَا[27] ڏَٽِي[28].

۱۳

جِهمنڊيُون[29] اَچَن، جهولِيُون[30] جُهونجهَارَن[31] جُون،
پَايو[32] ٻُڪَ[33] ٻُهَارَ[34] جَا، تَنِ جُون وَهُون[35] وَاڪَا[36] ڪَنِ،

---

۱. فنا، ختم، محو، سمايل. ۲. الله ۾ سمائجڻ واريءَ حالت. ۳. بزرگيءَ يا وڏائيءَ (خدا جي). ۴. اُهي يعني فائق. ۵. مهربانيءَ. ٦. (دشمن کي)، ڏک هڻن. ۷. (گهوڙن کي)، ڊوڙائڻ. ۸. همراهه، مددگار. ۹. ياد ڪرڻ، سنڀالڻ. ۱۰. مانجهين جو، بهادرن جو. ۱۱. شيوو، واجب، لائق، سُهائيندڙ. ۱۲. ويڇو، وٿي، ڪاٻارَ. ۱۳. تلوار. ۱۴. هلنديءَ. ۱۵. کيلَ، بازي، # رڪ وهندي راند = لڙائي. ۱٦. دشمن جي تلوار جي ڌڪ کي روڪڻ لاءِ ڪتب ايندڙ هڪ اوزار جو، سپرجو. ۱۷. ڊِڙ ڊِڙ جو آواز. ۱۸. ڦاڳ جو پڳ يا پٽڪي جو. ۱۹. ڪپڙي جو هوا ۾ ڦڙڪڻ يا اڏامڻ جو آواز. ۲۰. ڪند جو، ڀالي جو، تير جو. ۲۱. آواز. ۲۲. (تکين) تلوارن. ۲۳. ميائين يا ٻٽين مان ٻاهر نڪري چلڪا ڪٿا. ۲۴. عضوا، لڱَ. ۲۵. ڪڙيا ٺڪ ٺڪ جو آواز. ۲٦. واحد سوڀ، فتح، ڪاميابي. ۲۷. پاڪ. ۲۸. مالڪ. ۲۹. (بار سبب)، هيٺ مٿي ٿينديون يا لڏنديون. ۳۰. واحد جهولي، ڪپڙو (جنهن ۾ بيمار يا زخميل کڻبا آهن). ۳۱. بهادرن. ۳۲. (مٿي يا بدن تي) وجهيو. ۳۳. هٿن جي ڇيچ وارن پاسن کي ملائي جهلڻ جي حالت، چنبا. ۳۴. ڌوڙ، مٽي. ۳۵. زالون. ۳٦. دانهون.

## ۱۸

يَجِي آئين يَجِٺا، تو لَڄَايَا[1] يَار[2]،
وينيُون ڪَنِ ڪُوَارَ[3]، مُنهَن[4] مَٿَاهَان[5] جَنِ جا#.

## ۱۹

مُنهَن مَٿَاهَان جَنِ جَا، سي پِٽيو[6] ڪَدِين پَار[7]،
جيڏِيون[8] هِنَ[9] جُهونجهَار[10]، اُجَارِي[11] اَجَا[12] ڪِئَا.

## وائي

مومنو[13] مَاتَامُ[14] وَاوِيلاَ[15]، اَڄُ نَه آيو اِمَامُ[16]، هَي وَاويلاَ[17]،
دُلدُل[18] گهوڙو گهوٽَ[19] جو، مَٿِسَ[20] لاَلَ[21] پَلاَٽي[22]،
شير[23] شَهزَادي[24] لَڏِيو[25]، سَيّد[26] سَيّجَ[27] نَه مَاٽي[28]،
اَنُ نَه پَاٽي اُنِ ڪي، نَڪو وَنَڙُن مِينهُن،
هُئَا سَتَاٽيءَ[29] جَنگ ۾، ڏَهَه رَاتيُون ڏَهَه ڏينهَن.

Gul Hayat Institute

---

۱. شرمندا ڪٺا. ۲. دوست. ۳. گلا. نِندا. ۴. ڪنڌَ. ڳاٽ. ۵. مٿي. اوچا # انهن عورتن جو مان مٿي آهي جن جي مڙسن جنگ ۾ سر وڏايا آهن. ٦. مٿي يا رانن تي هٿ هڻيو. رويو. ۷. اوسارا. ورلاپ. (پار ڪدين = انهنجا ڳڻ ۽ وصفون سُرَ سان بيان ڪن). ۸. اي جيڏيون. اي سرتيون. ۹. امام حسين عہ ڏانهن اشارو. ۱۰. بهادر. ۱۱. (وڏن يعني ابن ڏاڏن جو) ناماچار ڪدي يا نالو روشن ڪري. ۱۲. بي عيب (ثابت ڪٺا). ۱۳. اي مومنو. ۱۴. مصيبت (تي وٺي). ۱۵. هاءِ هاءِ. افسوس. ۱٦. امام حسين عہ. ۱۷. هي افسوس. ۱۸. امام حسين عہ جي گهوڙي جو نالو. ۱۹. جوان. پهلوان. ۲۰. ان جي مٿان. ان تي. ۲۱. ڳاڙهي. سُهڻي. ۲۲. زين. ۲۳. شير يعني شينهن جهڙي پهلوان. ۲۴. حضرت قاسم ڏانهن اشارو. ۲۵. انتقال ڪئو. شهيد ٿئو. ۲٦. سردار (امام قاسم). ۲۷. شاديءَ لاءِ سينگاريل ڪٽ ۽ بسترو. ۲۸. استعمال ڪئي. ۲۹. خوفناڪ. زبردست.

بِسمِ اللہِ الرحمٰنِ الرحیم

# سُر ڪيڏارو

## داستان پنجون

۱

ذاڙهي رت رتياس[1]، ڏند تہ موتين[2] ڳتيا[3]،

چوڏهين[4] ماهہ[5] چند جيئن، پڙ[6] ۾ پيشانياس[7]،

سيماهم في وجوههم*، منهن ۾ مڻ[8] ڳتياس[9]،

الله نور السمٰوات والارض#، جلوو[10] زميناس[11]،

ڪڪرا[12] ڪربلا جا، مادر[13] تي ميڙياس[14]،

ڦٽن[15] تان رت ڦڙا، علئ تي اگهتياس[16]،

امت[17] تي احسان[18] سين، تيندي شفاعت[19] سندياس[20]،

مڙئي[21] معاف ڪئاس[22]، خالق بدلي خون[23] جي.

۲

ذاڙهي رت رتياس، ڏند تہ ڏاڙهونءَ[24] گل جيئن،

چوڏهين ماهہ چند جيئن، پڙ ۾ پاڳڙياس[25]،

Gul Hayat Institute

---

۱. رت ۾. ۲. رتل اٿس، ڳاڙهي ٿيل اٿس. ۳. جهڙا موتي يعني هيرا (مالها ۾) پوتل يا جڙيل. ۴. چوڏهين (تاريخ) جي. ۵. چنڊ، قمر. ٦. (جنگ جي) ميدان. ۷. سندس پيشاني يا چهرو. * هنن جي سجدي جونشان سندن چهرن يا پيشانين ۾ (ظاهر) آهي (قرآن شريف جي سورت الفتح جي آيت ۹۲). ۸. مٿيو، هيرو. ۹. ڳتل يا جڙيل اٿس. لڳل يا ڳتل اٿس. # الله آسمانن ۽ زمين جو سوجهرو يا روشني آهي (قرآن شريف جي سورت النور جي آيت ۳۵). ۱۰. تجلو، چمڪاٽ. ۱۱. زمين تي آهيس. ۱۲. ننڍا پهڻ، پٿريون. ۱۳. ماءُ. ۱۴. ٻهاري پري ڪيس. ۱۵. زخمن. ۱٦. اگهيس، صاف ڪيس. ۱۷. پيغمبر اسلام جي پوئلڳن يا مڃيندڙن. ۱۸. مهربانيءَ. ۱۹. سفارش يا پارت (گناهہ بخشڻ جي). ۲۰. سندس يعني امام حسين ع جي. ۲۱. سڀيئي (گناهہ امت جا). ۲۲. ڪيا. ۲۳. بي گناهہ قتل. ۲۴. ڏاڙهونءَ جي (ڏاڙهون يعني انارَ ميوي جو هڪ قسم جنهنجا گل ڳاڙها ٿيندا آهن). ۲۵. سندس پڳ يا دستارَ.

## ٦

کَربَلاَ جي پِڙَ ۾، مَرَڪلي[١] اُيا[٢] مِيرَ،
وِڙهي[٣] وِيرِنِ[٤] سامُهان[٥]، تِکا[٦] هَنيائُون تيرَ،
هُئي اِيءَ تَقديرَ[٧]، اَصلِ اِمامَنِ سين.

## ٧

کَربَلاَ جي پِڙَ ۾، آيا پاڻَ پيهي[٨]،
پَهُه[٩] ڪِيائُون پاڻَ ۾، مُقابِل[١٠] وِيهي،
قَضا[١١] هِيءَ ڪيهي[١٢]، هي[١٣] هي تي حُسَينَ سين.

## ٨

چارِ تَرارِيُون[١٤] چِيلهه تي، بَڌي بَه پاگُون[١٥]،
اَڳِينِ[١٦] جُون آڳُون[١٧]، ڪَونئُرَ[١٨] ڪِلي[١٩] ۾ موڪِيُون[٢٠].

## ٩

آيا اُجارِينِ[٢١]، تَنگَ[٢٢] تَرارِينِ[٢٣] تِئُرا[٢٤]،
ساٽڪِيُون[٢٥] سائُن[٢٦] هَٿَ ۾، ڪُلهنئُون[٢٧] نَه لاهِين،
اُيائي[٢٨] آهِينِ، مَهائي[٢٩] مَرڻَ[٣٠] تي.

Gul Hayat Institute

---

١. فخر ڪري، سينو ساهي، اوچي ڳاٽ سان. ٢. بيٺا. ٣. جهيڙو ياجنگ ڪري. ۴. دشمن. ۵. سان. ٦. تکڙا، تيزيءَ سان. ٧. خدا جي طرف کان ٿيل فيصلو، قسمت، لکيو. ٨. ڪِهڙي. ٩. صلاح، مشورو. ١٠. روبرو، هڪٻئي جي سامهون. ١١. الاهي امر، تقدير، خدائي حڪم يا فيصلو. ١٢. ڪهڙي، عجيب. ١٣. افسوس ڙي افسوس. ١۴. هڪ ترار حضرت محمد مصطفيٰؐ جي، ٻي حضرت علي ع جي، ٽي امام حسن ع جي ۽ چوٿين خود امام حسين ع جي. ١۵. پڳون (ٻن پڳن مان مراد آهي هڪ پڳ پنهنجي ناني حضرت محمد صلعم جي ۽ ٻي پنهنجي پيءُ حضرت علي ع جي). ١٦. مائٽن، ابن ڏاڏن. ١٧. داءُ، بازيون، قول، شرط. ١٨. ڳڀروءَ جوان يا پهلوان، شهزادي. ١٩. جنگ، لڙائيءَ ۾. ٢٠. ملهائيون، پوريون ڪيون. ٢١. صفا ڪن، زنگ يا ڪٽ لاهين، چمڪائين. ٢٢. واحد تنگَ، چمڙي ۽ سَڻَ جو پٽو جنهن سان هنو يا زين گهوڙي جي پٺيءَ سان سوگهو ٻڌجي. ٢٣. ترارين کي. ٢۴. تيورا، هٿيار يا اوزار صاف ڪندڙ. ٢۵. واحد ساٽڪي، سانگ، نيزو، ڀالو. ٢٦. بهادرن، پهلوانن. ٢٧. ڪلهن تان. ٢٨. بيٺا (تيار ٿي). ٢٩. بهادر. ٣٠. مرڻ لاءِ، شهيد ٿيڻ لاءِ.

١٠

ڪَربَلاَ ۾ ڪُوڪَ[١]، آهي شَهزَادَنِ جِي،
مَارِي مِير مَلُوڪَ[٢]، جَهلي رُڪَ[٣] رَهَايَا[٤].

١١

ڪَربَلاَ ۾ ڪُوڪَ، سَاجُهِرُ[٥] شَهزَادَنِ جِي،
عَالَمَ[٦] جَا مَلُوڪَ[٧]، رُڪَ روهي[٨] جَهلِئَا.

١٢

ڪَ[٩]ربَلاَ ڪَڪوري[١٠]، دُلدُل[١١] رَتَا[١٢] پِيرَ،
سَتُون[١٣] ڏِيندي شِيرَ[١٤]، مَثَان[١٥] سِجَ مُرڪِئُو[١٦].

١٣

پِرهَ[١٧] پَکي[١٨] آيو، ڪَربَلاَن[١٩] ڪَهي[٢٠]،
روضي[٢١] پَاس[٢٢] رَسُولَ جِي، تِنهِن هَلِي[٢٣] هَاڪَ هَنئِي[٢٤]،
ڏِنَعيِمَ[٢٥] رُڪَ[٢٦] رَئِي، چِتُرُهُ[٢٧] مِير مُحَمَّدَ[٢٨] عَرَبِي.

Gul Hayat Institute

١٤

پِرهَ پَکي آيو، صُبحِ سَوَارو[٢٩]،

---

١. سڏ، پڪار، آواز. ٢. سهڻا، سوڀياوان، حسين. ٣. رُڪ مان ٺهيل هٿيارن يعني تلوارن. جنگ (رُڪَ هڪ ڌاتوءَ جو قسم آهي). ٤. روڪيا، رنڊيا. ٥. سوير، صبح جي وقت ۾. ٦. پرٿويءَ. ٧. بادشاهہ. ٨. رنڊي، روڪي. ٩. ڪربلا جي زمين. ١٠. ڳاڙهي ٿي ويئي (رت سان). ١١. امام حسين عہ جي گهوڙي جو نالو. ١٢. ڳاڙها ٿيا. ١٣. حملا (سَتُون ڏيندي = حملا ڪندي). ١٤. شير يعني شينهن جهڙي پهلوان. ١٥. نيٺ، آخر، تان جو. ١٦. لهي ويو. ١٧. پرهہ جي مهل، اسُر جي وقت، فجر جو. ١٨. پرندو، هڪ اڏامندڙ ساهہ وارو (هتي ڪبوتر پکيءَ ڏانهن اشارو آهي). ١٩. ڪربلا کان. ٢٠. اڏامي. ٢١. روضي جي، مقبري جي. ٢٢. پاسي ۾، ڀر ۾، وٽ. ٢٣. اچي. ٢٤. هڪل، سڏ، نعرو. (هاڪ هنئي= اطلاع ڏنو). ٢٥. مون ڏني. ٢٦. رُڪ جي هٿيارن يعني تلوارن جا. ٢٧. چمڪاٽ، تجلا. ٢٨. مدد ڪر، رسَ، حامي ٿيءُ. ٢٩. سويل.

روضي پاس رسول جي، جنهن هنيو هاڪارو[1]،
مانجهين[2] ڪئو مارو[3]، چڙهه[4] مير محمد عربي.

## ١٥

پره پکي آيو، لڇئو[5] ليلائي[6]،
ڪربلا جي پڙ[7] ۾، ايسرادو[8] آهي،
اچي رس[9] ڪاهي[10]، چڙهه مير محمد عربي.

## ١٦

پره پکي آيو، ڪربلا مان ڪالهه،
آيو الودو[11] رت ۾، هي هي منجهان حال*،
گهوٽ[12] وناهيا[13] ڪالهه، پيلي[14] مير حسين جا.

## وائي

هي[15] ماتام[16] بر[17] ماتام،
امامن[18] جو ڪريو ماتام[19]، شهيدن[20] جو ڪريو ماتام،
روئي روئي اکيون، رت[21] چو نه پريو،
جيڪي امامن سين ٿئو، سو پاڻ[22] ڏٽيءَ[23] پيدا ڪئو.

---

١. نعرو، پڪار، آواز، (هنيو هاڪارو = اطلاع ڏنو)، ٢. بهادرن، سورهن، ٣. حملو، ڪاھ، ۴. مدد ڪر، حمايت ڪر، ٥. ڦٿڪئو، تڙڦئو، ٦. (نئڙت سان)، عرض ڪري يا احوال ڏي، ٧. ميدان، ٨. الله جي رضا، ٩. پهچ، (مدد لاءِ)، ١٠. ڪاھ ڪري، ڊوڙي، ١١. پسيل، پنل، رڱيل، * افسوسناڪ حالت ۾، حيرت جهڙيءَ حالت ۾، ١٢. (نوان پرڻيل) جوان، شهزادا، ١٣. پرڻا، اصطلاحي معني شهيد ٿيا، ١۴. مددگار، ساٿي، همراھ، ١٥. هاءِ، ١٦. مصيبت، ١٧. افسوس، ١٨. امام حسين ع ۽ ان جي عزيزن جو، ١٩. غم، ارمان، سوڳ، ٢٠. خدا جي راھ ۾ مارجي ويلن يا قتل ٿيلن، ٢١. رت سان، ٢٢. خود، ٢٣. خدا.

Gul Hayat Institute

## ١٢

چَنڊَ وِھَاڻِيءَ چَڙھِئَا، مَلَ مَدِينَا گَھوٽَ[١]،
تَنِ سِين طَبَلَ بَازَ تَبَرُونِ، ڪُنڊَ ڪَتَارا ڪوٽَ،
عَلِيءَ پُٽَ اَموٽَ[٢]، ڪَنڊَا رَاڙو رُڪَ سِين.

## ١٣

چَنڊَ وِھَاڻِيءَ چَڙھِئَا، مَلَ مَدِينَا جَامَ[٣]،
اُنِ سِين طَبَلَ بَازَ تَبَرُونِ، نيزا[٤] ۽ نِيشَانَ[٥]،
عَلِيءَ پُٽَ اِمَامَ[٦]، ڪَنڊَا رَاڙو رُڪَ سِين.

## وائي

وَاويلاَ واويلاَ[٧]، ڪِئو مَلَڪَن[٨] رِڻ[٩] مَاتَامُ[١٠]،
هَي هَي[١١] شَاھہ[١٢] حُسَينَ سِڌَارِئو[١٣]،
ڪَربَلاَ جي پِڙَ ۾، آيَا اَجُ اَمِيرَ،
جُھڙَ[١٤] وَرائِي[١٥] جَھورِيءَ[١٦] جَھلِئَا، طَرفَ[١٧] سَندي[١٨] تَقدِيرُ[١٩]،
ڪَربَلا جي پِڙَ ۾، خَيمَا[٢٠] ڪوڙِيائُون[٢١]،
جيڪَا تَقدِيرَ رَبَّ[٢٢] جِي، لِڪِئو[٢٣] لوڙِيائُون[٢٤]،

---

١. (نوان پرٽيل) جوان، پھلوان، ٢. اڻ موٽ، نہ مرندڙ، نہ موٽندڙ، سورھہ، بھادر، ٣. سردار، (سنڌ جي سمن حاڪمن جو لقب)، ٤. ڀالا، ٥. جھنڊا، علم، ٦. اڳواڻ يا پيشوا (مسلمانن جا)، ٧. ھاءِ افسوس، گھوڙا ڙي گھوڙا، ٨. ملائڪن، فرشتن، ٩. رڻ ۾، (ڪربلا جي) بيابان ۾، ١٠. روج راڙو، ١١. ھاءِ ھاءِ، ١٢. بادشاھہ، سردار، ١٣. (ھن دنيا مان) لاڏاڻو ڪئو (شھيد ٿئو)، ١٤. (قسمت جي) ڪڪر، ١٥. ڦيرائي، وڪوڙي، ١٦. جھوريءَ ۾، ڳڻتيءَ ۾، فڪر ۾، ١٧. ڀريان يعني خدا جي پار کان، ١٨. جي، ١٩. قضا، حڪم، ٢٠. تنبو، ٢١. اڏايائون، نصب ڪيائون، ٢٢. پالڻھار، خدا، ٢٣. نصيب، قسمت، ٢٤. ڀوڳيائون، پاريائون.

Gul Hayat Institute

Graphics: HABIB JAKHRO

# پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ "لُڙهندَڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪانئُرُ، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۾ هِڪَ ٻئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسُل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

Gul Hayat Institute

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمل مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

Gul Hayat Institute

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٽي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ.

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڃي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

Gul Hayat Institute

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

Gul Hayat Institute